فيضانِ سنّت جلد 2 جو هڪ باب

# نيڪي جي دعوت



نيڪي جي دعوت جي ضرورت

نيڪي جي دعوت جي فضيلت

نيڪي جي دعوت ترڪ ڪرڻ جا نقصان

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمّد الياس عطّار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

مكتبة المدينه (دعوت اسلامي)

MC 1266

# يادداشت

**مطالعي جي دؤران ضرورتاً انڊر لائن ڪريو، اشارا لکي ڪري صفحو نمبر نوٽ فرمايو، ان شاءَالله علم ۾ ترقي ٿيندي**

| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

كتاب جو نالو: **نيڪي جي دعوت**

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه
مؤلف: **مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتہم العالیہ

اشاعت جو سال: رَجَبُ المُرَجَّب 1433ھ جون 2012

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز باب المدينہ ڪراچي


## مڪتبة المدينہ جون مختلف شاخون


- **مڪتبة المدينه** : فيضان مدينہ آفندي ٽاؤن حيدر آباد 022 _2620122
- **مڪتبة المدينه** : فيضان مدينہ بيراج روڊ سکر 071 _ 5619195
- **مڪتبة المدينه** : فيضان مدينہ العطار ٽاؤن مير پور خاص 023 _ 3514672
- **مڪتبة المدينه** : فيضان مدينہ مارڪيٽ روڊ دادو 025 _4611541
- **مڪتبة المدينه** : فيضان مدينہ عطار آباد (جيڪب آباد) 072 _ 2710635
- **مڪتبة المدينه** : رابعہ شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙڪاڻو 074 _4054191
- **مڪتبة المدينه** : چڪرا بازار نوابشاھ 024 _ 4362145
- **مڪتبة المدينه** : نزد خضر حيات مسجد ٺٽو



**مدني التجا: ڪنهن بہ ٿي کي هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

# نيڪي جي دعوت

شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه

دامت برکاتهم العاليه

## مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي

### سنڌي ترجمو

**مجلسِ تراجم** هن ڪتاب جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجندؤ.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي
فون نمبر: 021_34921389_90_91

E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# هن ڪتاب جي باري ۾ اهم مدني گل

خاتَمُ المُرسَلين، رَحمَةٌ لِّلعٰلمين صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان دلنشين آهي: ”قيامت جي ڏينهن سڀني نبين کان وڌيڪ منهنجي اُمت هوندي“ (مسلم ص 128 حديث 331) مُفسِّر شهير، حکيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الحنّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: جنتين جون 120 صفون هونديون جنهن مان 80 صفون حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي امت جون هونديون باقي 40 صفن ۾ سڀني نبين (عَلَيهِم الصَّلٰوةُ وَالسَّلام) جون اُمتون هونديون. (ترمذي ج 4 ص 245 حديث 2555) مفتي صاحب هڪ ٻي جڳهه تي لکن ٿا: جيئن حضور انور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تمام نبين عَلَيهِم الصَّلٰوةُ وَالسَّلام جا سردار آهن، ائين حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اُمت سڀني اُمتن جي سردار آهي.
(مرأة المناجيح ج 8 ص 586)

الله ربُّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جو تمام وڏو احسان جو ان اسان کي انسان ۽ مسلمان بڻايو ۽ پنهنجي پياري حبيب، حبيبِ لَبيب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اُمت ۾ پيدا فرمايو. الله عَزَّوَجَلَّ هن امت کي دنيا ۽ آخرت ۾ جيڪا رفعت و مَنزِلت، شان و عظمت ۽ سعادت و شرافت عنايت فرمائي ان جو هڪ سبب هن اُمت جو اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جي فريضي کي ادا ڪرڻ بہ آهي. جيئن دعوت اسلامي جي اِشاعَتي اداري مکتبةُ المدينه جي شايع ٿيل، ترجمہءِ قرآن ”ڪنزُالايمان مع خزائنُ العِرفان“ صفحي 129 تي سيپاري 4 سُوْرَةُ اٰلِ عِمْرٰن جي آيت نمبر 110 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: توهان ڀلا آيو انهن سڀني امتن کان جيڪي ماڻهن ۾ ظاهر ٿيون چڱائي جو حڪم ڪريو ٿا ۽ برائي کان روڪيو ٿا ۽ الله تعالي تي ايمان رکو ٿا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر مسلمان پنهنجي پنهنجي جڳهه تي مُبلِّغ آهي چاهي اهو ڪنهن بہ شعبي سان تَعلق رکندو هجي، يعني اهو عالم هجي يا امامِ مسجد، پير هجي يا مُريد، تاجِر هجي يا ملازم، آفيسر هجي يا مزدور، حاڪم هجي يا مَحڪوم، الغرض جتي جتي اهو رهندو هجي، ڪم ڪار ڪندو هجي، رضاءِ الٰهي جي لاءِ سٺين نيتن سان پنهنجي صلاحيت جي مطابق پنهنجي آسپاس جي ماحول کي سنّتن جو پابند بڻائڻ جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهي ۽ نيڪي جي دعوت جو مدني ڪم جاري رکي. پر افسوس! في زمانہ هي عظيم

مدني ڪم تمام گهڻي سُستي جو شڪار آهي، هن سُستي کي چُستي ۾ بدلڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي سنتن ڀرين اجتماعن، مدني قافلن، علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت، مدني تربيتي ڪورس، فرض علوم ڪورس، مدني چينل ۽ درس فيضان سنت وغيره جي ذريعي خوب سرگرم عمل آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ فيضان سنت جا هي ستون لکڻ وقت تائين پنج باب: (1) فيضان بسم الله (2) آداب طعام (3) پيٽ جوقفل مدينہ (4) فيضان رمضان (5) غيبت جون تباهہ ڪاريون منظر عام تي اچي چڪا آهن، هاڻي ڇهون باب "نيڪي جي دعوت (حصو پهريون)" اوهان جي هٿ ۾ آهي جنهن ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي اهميت، فضيلت ۽ نہ ڏيڻ جي نقصانات جو بيان آهي (هي باب ڪافي وسيع آهي هن ۾ انبياء (عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جون حڪايتون، نيڪي جي دعوت جي لاءِ صحابہ ڪرام (عَلَيهِمُ الرِّضْوَان) جون قربانيون، ڪرامت جي ذريعي نيڪي جي دعوت، مڪتوبات جي ذريعي نيڪي جي دعوت، وفات ڪان پوءِ نيڪي جي دعوت، ڪمسن مبلغن وغيره وغيره تي ڪم ڪرڻ جي نيّت آهي، حياتي جو ڪو ڀروسو ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي پياري مدني مجلس "اَلْمَدِينَةُ الْعِلميه" کي سلامت با ڪرامت رکي، هن مجلس کي وصيت ڪيان ٿو تہ منهنجي مرڻ ڪان پوءِ بہ هن ڪم کي جاري رکندي ذڪر ڪيل موضوعن جي تڪميل ڪري هن کي فيضان سنت ۾ شامل ڪري ڇڏين) هن ڪتاب کي تقريباً 125 قرآني آيتن، مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي 249 ارشادن، 113 عبرت انگيز حڪايتن، 51 مدني بهارن ۽ مختلف موضوعن تي سوين مدني گلن سان مُزَيَّن ڪيو ويو آهي. الله تعالي جي رحمت سان اميد آهي تہ هي ڪتاب پڙهڻ سان اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ۾ نيڪي جي دعوت جي عظيم مدني ڪم جي جذبي کي وڏيڪ تقويت ملندي. هن ڪتاب کي غلطين ڪان بچائڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ۽ دعوت اسلامي جي تحت دارالافتاءِ اهلسنت جي مفتي صاحب ڪان باقاعدي شرعي تَفتِيش ڪرائي وئي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي ڪوشش رهندي آهي تہ پنهنجي ڪتابن، رسالن ۽ نعتيہ ڪلام کي علماءِ ڪرام ڪَثَّرَهُمُ اللهُ السَّلَام جي نظر مان گذاري ڪري ئي منظر عام تي آندو وڃي، غلطين ڪان ڊپ ٿيندو آهي تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ڪو غلط مسئلو ڇپجي وڃي ماڻهو ان تي عمل ڪندا رهن ۽ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ آخرت ۾ منهنجي پڪڙ ٿي وڃي، بهرحال مون پنهنجي پوري ڪوشش ڪئي آهي تڏهن بہ ممڪن آهي تہ غلطيون رهجي ويون هجن، تنهنڪري هن ۾ جيڪڏهن ڪا شرعي غلطي ڏسو تہ براءِ مهرباني ثواب جي نيت سان مون کي ضرور بالضرور خبردار فرمايو ۽ پاڻ کي اَجرِ عظيم جو حقدار بڻايو، ان شاءالله عَزَّوَجَلَّ سگ مدينہ عُفِيَ عَنه کي بلا وجه ضد ڪندڙ نہ بلڪ شڪريي سان رجوع ڪندڙ پائيندو.

**التجاءِ عطار:** تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي خدمت ۾ مدني التجا آهي تہ هن ڪتاب مُستطاب جي ذريعي رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ جي لاءِ سٺين سٺين نيتن سان روزانو گهٽ ۾ گهٽ ہہ درس (هن مان هڪ گهر ۾ ضرور) ڏيو. يعني ٻن مختلف وقتن ۾ پڙهي ڪري مسلمانن کي ٻڌايو. جيڪڏهن ڪنهن جي دل چوٽ کائي وڃي ۽ قرآن و سنت جي راهہ تي اچي وڃي تہ ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ اوهان جو بہ ٻيڙو پار ٿي ويندو. نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي هدايت عطا فرمائي تہ هي توهان جي لاءِ ان کان سٺو آهي جو توهان وٽ ڳاڙها اُٺ هجن. (صحيح مسلم ص 1311 حديث 2406) حضرت علامہ يحيٰ بن شرف نَوَوِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: ڳاڙها اُٺ عرب وارن جو قيمتي مال سمجهيو ويندو هو، انهيءَ ڪري ضَرْبُ المَثَل (يعني چوڻي) جي طور تي ڳاڙهن اُٺن جو ذڪر ڪيو ويو. اُخروي امور کي دنيا جي شين سان تَشبِيہ (يعني مثال) ڏيڻ صرف سمجهائڻ جي لاءِ آهي، نہ تہ حقيقت هي آهي تہ آخرت جو هڪ ذرو بہ دنيا ۽ ان جهڙيون جيتريون بہ دنياائون تصور ڪيون وڃن، ان سڀ کان بهتر آهي. (شرح مسلم للنووي ج 15 ص 178)

**دعاءِ عطار:** ياربِّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! جيڪو بہ روزانو فيضان سنت جا ہہ درس ڏئي يا ٻڌي ڪري ۽ 25 ڏينهن جي اندر هن ڪتاب (نيڪي جي دعوت (حصو پهريون)) جو شروع کان آخر تائين مطالعو بہ ڪري وٺي ان کي ايمان تي استقامت، سڪرات ۾ سرورِ ڪائنات صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت، ڪلمو پڙهي ڪري ايمان تي دنيا مان رحلت، قبر ۽ حشر ۾ راحت ۽ پنهنجي رحمت سان بي حساب مغفرت سان نوازي ڪري جنتُ الفردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو عنايت فرماءِ ۽ سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه معاونين مُفَتِّشين علماءِ دين، مجلس مڪتبۃ المدينہ جا نگران، رڪن ۽ مڪتبي جي مدني عملي جي حق ۾ بہ هي تمام دعائون قبول ڪر، ۽ سڄي امت جي مغفرت فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہے تجھ سے دعا ربِّ رَحمت، مقبول ہو فیضانِ سنت
گھر گھر مسجد مسجد پڑھ کر اسلامی بھائی سناتا رہے

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ”يا خدا ! فيضان سنت کي عام فرماءِ“ جي ڇپائيءَ جي نسبت سان هن ڪتاب کي پڙهڻ جون 23 نيّتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير للطبراني، الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

**ٻه مدني گل:** 1 بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

﴿1﴾ هر ڀيري حمد و ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تَعَوُّذ و ﴿4﴾ تَسمِيّه سان شروعات ڪندس. (هن ئي صفحي تي مٿي ڏنل ٻن عربي عبارتن کي پڙهڻ سان چئني نيّتن تي عمل ٿي ويندو) ﴿5﴾ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هن ڪتاب جو اول کان آخر تائين مطالعو ڪندس ﴿6﴾ وس آهر هن جو باوضو ۽ ﴿7﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس ﴿8﴾ قرآني آيتن ۽ ﴿9﴾ احاديث مبارڪ جي زيارت ڪندس ﴿10﴾ جتي جتي ”الله“ جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿11﴾ جتي جتي ”سرڪار مدينه“ جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهندس ﴿12﴾ شرعي مسئلا سکندس ﴿13﴾ جيڪڏهن ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته عالمن کان پڇا ڪندس ﴿14﴾ حضرت سُفيان بن عُيَينه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي انهي قول عِنۡدَ ذِکۡرِ الصَّالِحِيۡنَ تَنۡزِلُ الرَّحۡمَةُ يعني نيڪ ماڻهن جي ذڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي. (حلية الاولياء حديث 10750، ج 7 ص 335) تي عمل ڪندي صالحين جي ذڪر جون برڪتون ماڻيندس ﴿15﴾ (پنهنجي ذاتي ڪتاب تي) ضرورت موجب خاص خاص جاين کي انڊر لائين ڪندس. ﴿16﴾ (پنهنجي ذاتي ڪتاب تي) ”يادداشت“ واري صفحي تي ضروري نڪتا لکندس. ﴿17﴾ ڪتاب مڪمل پڙهڻ جي لاءِ علم دين حاصل ڪرڻ جي نيّت سان روزانو ڪجهه صفحا پڙهي علم دين حاصل ڪرڻ جي ثواب جو حقدار ٿيندس ﴿18﴾ ٻين کي هي ڪتاب پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندس ﴿19﴾ هن حديث پاڪ تَهَادَوۡا تَحَابُّوۡا يعني هڪ ٻئي کي تحفو ڏيو پاڻ ۾ محبت وڌندي.“ (مُوطا اِمَام مَالِڪ، ج2 ص 407 رقم 1731) تي عمل جي نيّت سان (هڪ يا توفيق آهر) هي ڪتاب خريد ڪري ٻين کي تحفي طور ڏيندس ﴿20﴾ جنهن کي ڏيندس حَتَّي الاِمڪَان ان کي اهو هدف به ڏيندس ته اوهان ايترن ڏينهن (مثلاً 25 ڏينهن) جي اندر پڙهندا ﴿21﴾ جيڪي نه ٿا ڄاڻن انهن کي سيکاريندس ﴿22﴾ هن ڪتاب جي مطالعي جو ثواب سموري اُمت کي اِيصال ڪندس ﴿23﴾ ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي ملي ته ناشرين (شايع ڪندڙن) کي تحريري طور تي آگاهه ڪندس. (ناشرين ۽ مُصَنِّفن وغيره کي ڪتابن جون غلطيون صرف زباني ٻڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو)

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| والنعم ائڪ | 168 |
| اجتماع جي برڪت سان جنت ملي وئي | 170 |
| خواب ۾ بارگاهه رسالت ۾ تلاوت جي سعادت | 172 |
| تلاوت ۾ روئڻ ثواب جو ڪم آهي | 173 |
| مرڻ ڪان ڪجهه مهينا پهريان انفرادي ڪوشش | 173 |
| مُبلّغ هر جڳهه تي مبلغ هوندو آهي | 175 |
| الله عَزَّوَجَلَّ جو پيارو بڻائڻ وارا ماڻهو | 176 |
| مبلغ محبوب ٿي نه محبوب گر هوندو آهي | 176 |
| سيدنا حسن بصري ۽ هڪ سرمائيدار | 177 |
| نماز ۾ ڪهڙو لباس هجڻ گهرجي | 178 |
| نماز جي لاءِ عطر لڳائڻ مستحب آهي | 179 |
| نماز جي لباس جي احڪام تي مشتمل 14 مدني گل | 180 |
| نماز دوران لباس پائڻ | 180 |
| ڪلهي تي چادر لڙڪائڻ | 180 |
| مڪروه تحريمي جا ڪي چئبو آهي | 180 |
| عمل ڪثير مان مراد | 181 |
| اڌ آستين ۾ نماز پڙهڻ ڪيئن آهي؟ | 182 |
| مڪروهه تنزيهي جي معنيٰ | 182 |
| مدني قافلي مون ڪي بدلائي ڇڏيو | 182 |
| الجامعة الاشرفيه ۽ ان جي بانيؒ جو مختصر تعارف | 184 |
| سنت جي محبت | 185 |
| حافظ ملت جي ڪرامت | 185 |
| حافظ ملت جون مبارڪ عادتون | 186 |
| سرمو لڳائڻ جي برڪت سان پوڙهائپ ۾ به نظر تيز هئي | 186 |
| سرمو لڳائڻ جا چار مدني گل | 187 |
| نيڪي جي دعوت لذت واري عبادت آهي | 188 |
| نيڪي جي دعوت کان محرومي جي صورت ۾ موت جي تمنا | 188 |
| بدمذهبي کان توبه | 189 |
| ڇا ته نرالو شان آهي! | 192 |
| ايمان آڻڻ کان پوءِ صحابه ڪرام جا جذبات | 193 |
| مون ڪي تي ڏينهن ڏوہي جو ڪم ڪرڻو پيو! | 194 |
| پير ڪامل جون برڪتون | 194 |
| اُٺ ڇڏهن ڪوئي جو ٿي ويو! | 195 |
| ڏيڏر ڪي ڏسي ڀڄي ويو! | 195 |
| مريد جي پٺ مضبوط هوندي آهي | 196 |
| بيعت جي معنيٰ | 196 |
| موت جي سزا جي موقعي تي هڪ مريد جي پنهنجي پير | 196 |
| سان عقيدت | |
| دوڪان اُلٽي ڇڏيندس | 197 |
| قيامت تائين ٿيندڙ مريدين | 197 |
| هڪ سوال ۽ ان جو جواب | 198 |
| حيرت انگيز قتل جو مقدمو | 198 |
| ڪير نيڪي ڪرڻ واري وانگر آهي؟ | 199 |
| تمام عمل ڪرڻ وارن جو ثواب | 200 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| لکين نيڪيون ۽ لکين گناهه | 200 |
| "نيڪ" بڻائڻ واري مشين ٺڄي وڃو | 201 |
| هر جملي تي سڄي سال جي عبادت جو ثواب ۽ | 202 |
| نيڪين جو انبار | 202 |
| درس ڏيڻ جو ثواب | 203 |
| درس ڏيڻ جي برڪت | 203 |
| دين جو قُطبِ اعظم | 204 |
| عرش جو سايو ڪنهن کي ملندو | 205 |
| سج سوا ميل تي هوندو | 205 |
| ڀلائي ۽ برائي جو امام | 206 |
| نيڪي جي امام جو خوش انجام | 207 |
| ڪيسٽ جي هڪ جملي دل تي اهڙي چوٽ لڳائي جو | 208 |
| مسجد جو امام، علائقي جو بي تاج بادشاهه | 210 |
| ست جي لاءِ ست ڪافي | 211 |
| لڪي ڪري بي حيائي ڪرڻ واري جي غلط فهمي | 212 |
| فرشتي کي رفيق سفر بڻائڻ جو عمل | 213 |
| نيڪي جي دعوت ڏيڻ به جهاد آهي | 214 |
| فاسق جي "فسق" کان نفرت هئڻ گهرجي | 214 |
| فاسق جي صحبت سخت نقصان ڪار آهي | 214 |
| نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ فاسق وٽ وڃڻ جائز آهي | 215 |
| نيڪي جي دعوت ڏيڻ صدقو آهي | 216 |
| مسڪرائيندي ڳالهائڻ سنّت آهي | 216 |
| هٿ ملائڻ مهل مسڪرائڻ مغفرت جو سبب آهي | 218 |
| مسڪرائڻ جون سنيون ۽ بريون نيّتون | 218 |
| ٽهڪ ڏيڻ شيطان جي طرفان آهي | 219 |
| ٽهڪ لڳائڻ گناهه ناهي | 220 |
| گهڻي خاموشي ۽ کلڻ گهٽ | 220 |
| ڇا صحابه کلندا هئا؟ | 220 |
| ڪنهن کي کلندو ڏسي پڙهڻ جي دعا | 221 |
| مبلغ اعلان جي ذريعي مسجد ۾ کلڻ کان منع ڪري | 221 |
| نماز ۾ کلڻ جا احڪام | 221 |
| مسلمان ڀاءُ جي لاءِ مسڪرائڻ صدقو آهي | 222 |
| مالي صدقي مان مراد | 222 |
| اندروني مرض هڪدم غائب ٿي ويا! | 223 |
| دعا جي قبوليت ۾ تاخير سان نه گهبرايو | 224 |
| دعا جي قبوليت نسخو | 224 |
| ناڪاره گردن جو علاج ٿي ويو | 225 |
| پ نشو | 225 |
| پڙهيل لکيلن جون جهالتون | 226 |
| پهريان وارن جي مثل اجر | 227 |
| ڪو مبلغ ڪنهن صحابي جي برابر ٿئو ٿي سگهي | 227 |
| اسلام جي هيبت دلين مان نڪرڻ جو سبب | 229 |
| دنيا جي باري ۾ خصوصي معلومات تي مشتمل مدني گل | 230 |
| دنيا راند روند آهي | 230 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| دنيا جي معنيٰ | 231 |
| دنيا ڇا آهي؟ | 231 |
| ڪهڙي دنيا سٺي ڪهڙي دنيا قابل مذمت؟ | 231 |
| دنيا جو ڪهڙو ڪم الله تعاليٰ جي لاءِ آهي ۽ ڪهڙو نه؟ | 232 |
| دنيا دار ڪير آهي؟ | 232 |
| دنياوي شين جي لذت جي حيرت انگيز حقيقت | 232 |
| ابليس جي ڌيءَ | 233 |
| نيري اکين واري بدصورت ٻڍڙي | 233 |
| دنيا مٺي سرسبز آهي | 234 |
| دنيا جا ٽي بهترين ڪم | 234 |
| چار شين جي علاوه دنيا ملعون آهي | 235 |
| دنيا مڇر جي پر کان به وڌيڪ ذليل آهي | 235 |
| غير مسلمانن جي خوشحالي عارضي آهي | 237 |
| مَڪڙ پڪڙي | 238 |
| ۽ مَڇيون پڪڙڻ وارن جي حڪايت | 238 |
| نافرمان کي پسنديده شيون ملڻ خطري جي گهنٽي آهي | 239 |
| هتو هت سزا جي حڪمت | 240 |
| مبلغ جي بخشش ٿي وئي | 240 |
| جيڪو روئي ٿو ان جو ڪم ٺهي ٿو | 241 |
| روئڻ جا فضائل | 242 |
| روئڻ وارن جي صدقي نه روئڻ وارن جي بخشش | 242 |
| مک جي مٿي برابر لڙڪ | 243 |
| هڪ ميل تائين سيني جي ڪڙڪڙاهٽ جو آواز! | 243 |
| سرڪار مدينه کان پوءِ ڪنهن جو رتبو آهي؟ | 243 |
| وڻ ٿڻ به روئڻ لڳا | 244 |
| جنت ۽ جهنم جي وچ ۾ هڪ گهاٽي آهي | 245 |
| لڙڪ جي هر قطري مان هڪ فرشتي جي پيدائش | 245 |
| روئڻ وارو هرگز جهنم ۾ داخل نه ٿيندو | 246 |
| خوف خدا سبب روئڻ وارو بخشيو ويندو | 246 |
| جيڪڏهن اوهان نجات چاهيو ٿا ته ....... | 246 |
| گهڻي برسات شروع ٿي وئي | 247 |
| برسات جي پاڻي سان بيمارين جو علاج | 248 |
| خوف خدا سان روئڻ سنت آهي | 248 |
| روئڻ جهڙي صورت بڻائي وٺو | 249 |
| مٽي ۽ ڏاڙهي ۾ آنو ڇنڊڻ جي انو کي وصيت | 250 |
| اهڙا وار قيامت ۾ نور هوندا | 250 |
| ڳوڙها نه اکهڻ جي فضيلت | 251 |
| گهر ۾ لڪي ڪري روئڻ افضل آهي | 251 |
| ڳوڙهن کي ڏاڙهي سان صاف ڪندا ها | 252 |
| روئڻ نه اچي ته ڪوشش ڪري روئو | 252 |
| الله عزّوجلّ لڙڪ جي هڪ قطري سان باهه جا ڪئي سمنڊ وسائي ڇڏيندو | 253 |
| هڪ هزار دينار صدقو ڪرڻ کان بهتر هڪ لڙڪ جو قطرو | 253 |
| زمين تي ڪرندڙ لڙڪ جي قطري جي فضيلت | 253 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| خوف خدا کان نڪرندڙ لڙڪ جو قطرو حور ڇڏي تي مکي ڇڏيو | 254 |
| گناهن جي باو جو د خوش رهڻ جهنم ۾ ڪيرائي سگهي ٿو! | 254 |
| بيباڪي سان گناهه ڪرڻ تمام سخت آهي | 254 |
| ...ته ٿورو کلو ها ۽ وڌيڪ روئو ها | 255 |
| اي کلي کلي ڪري گناهه ڪرڻ وارؤ! | 255 |
| رقت انگيز دعا جي اثر ڪتي کان ڪتي ڀڄائي ڇڏيو | 256 |
| دل ڏڙڪائڻ واري هڪ سچي داستان | 258 |
| خدا کان نه ڊڄڻ سڀ کان وڏو گناهه آهي | 259 |
| گناهه جي باري ۾ نيڪ ۽ بد جي پنهنجي پنهنجي ڪيفيت | 260 |
| رڃ پولي جو تماشو ڏسڻ حرام آهي | 260 |
| ماڻهن جي سامهون "نيڪ بڻجندڙ" جي قبر جو احوال | 261 |
| گناهن تي ندامت جو نالو توبه آهي | 263 |
| ندامت جي وضاحت | 263 |
| ستر هزار ڪنيزن جي جهرمٽ ۾ هلڻ واري حور | 263 |
| حورن جي باري ۾ ٻي فرامين مصطفيٰ | 264 |
| مرد کي حور ملندي جنتي عورت کي ڇا ملندو؟ | 264 |
| ننڍي ڄار جو جنت ۾ نڪاح | 264 |
| ڪنوارو فوت ٿيڻ وارن جو نڪاح | 265 |
| جنتي عورتون افضل آهن يا حورون؟ | 265 |
| ڪئي مڙس واري جنت ۾ ڪنهن سان گڏ هوندي؟ | 265 |
| ماڻهن کي نفعو پهچائڻ | 267 |
| ڏاڙيلن سڄي بس جي ڦر ڪئي پر مون کي ڇڏي ڏنو | 267 |
| ڏاڙيلن کان حفاظت جو راز | 268 |
| صبح ۽ شام ڇا کي چئبو آهي | 269 |
| نافرمانن سان ماڻهو نفرت ڪندا آهن | 270 |
| انسانيت جي سڀ کان وڏي خدمت ڪهڙي آهي؟ | 271 |
| سڄي دنيا کان بهتر | 271 |
| ڳاڙهن آئن کان بهتر | 272 |
| ڳاڙهن ائن مان ڇا مراد آهي؟ | 272 |
| 12 مهينن جي مدني قافلي ۾ "ڪينسر" ختم ٿي ويو! | 273 |
| ڪينسر ۽ بيماري جي لاءِ مدني نسخو | 274 |
| گناهن جا 6 علاج | 275 |
| الله ڏسي رهيو آهي | 277 |
| امرد جي فتني کان بچو | 278 |
| امرد عورت کان به خطرناڪ آهي | 279 |
| امرد سان گڏ 17 شيطان | 279 |
| امرد سان تنهائي جي جائز هئڻ جي صورت | 279 |
| نفسياتي اثر | 280 |
| نيڪي جي دعوت جا ٻارهن مدني گل | 281 |
| رستي تي ويهڻ جا حق | 282 |
| هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ جو به قيامت جي ڏينهن حساب ٿيندو | 282 |
| نگاهن جي حفاظت جو قرآني حڪم | 283 |
| اکين ۾ باهه ڀري ويندي | 283 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| باهہ جي سرائي | 283 |
| نظر جي باري ۾ 4 حديثون | 284 |
| نظر ڦيري ڇڏيو | 284 |
| ڇاٽي واٽي ڪري نظر نہ وجهو | 284 |
| نظر جي حفاظت جي فضيلت | 284 |
| ابليس جو زهريلو تير | 284 |
| عورت جي چادر بہ نہ ڏسو | 285 |
| گفتگوءِ ۾ نظر ڪٿي هجي؟ | 285 |
| مدني چينل کان متاثر ٿي 12 افرادن جو قبول اسلام | 285 |
| نگاهہ مصطفيٰ جون ادائون | 287 |
| پگهريل سيسو اکين ۾ داخل ڪيو ويندو | 288 |
| مان T.B جو مريض هئس | 289 |
| بيماري جي عظيم الشان فضيلت | 290 |
| رستي جو حق نمبر 2 تڪليف ڏيندڙ شين کي پري ڪرڻ | 291 |
| ڪنڊيدار ٽاري هٽائڻ واري جي مغفرت ٿي وئي | 291 |
| رستي مان تڪليف واري شيءِ هٽائڻ جو ثواب | 292 |
| رستي جون تڪليف ڏيندڙ شين جي نشاندهي | 292 |
| رستي جو حق نمبر 3 سلام جو جواب ڏيڻ | 293 |
| 100 مان 90 رحمتون ان کي ملن ٿيون جيڪو..... | 293 |
| سلام جا 11 مدني گل | 294 |
| هٿ ملائڻ جا 14 مدني گل | 296 |
| غير عورت سان هٿ ملائڻ جو عذاب | 297 |
| حق نمبر 4 "نيڪي جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ" | 298 |
| انفرادي ڪوشش "نيڪي جي "دعوت جو روح آهي | 299 |
| انفرادي ڪوشش جون 15 نيتون | 300 |
| مبلغ جا اهم مدني گل | 301 |
| مسلسل انفرادي ڪوشش جو نتيجو | 301 |
| آيت سڳوري جو تفسير | 305 |
| سڀ کان پيارا عمل | 305 |
| اي ڪعبہ تنهنجي فضا ڪيڏي نہ سٺي آهي | 306 |
| جهنم جا دردناڪ احوال | 306 |
| نيڪي جي دعوت ڏيڻ خاموش رهڻ کان بهتر آهي | 308 |
| ثواب ملڻ جي اميد | 309 |
| قبر جي روشني جو سامان | 309 |
| مبلغن جون قبرون ان شاءَ الله روشن هونديون | 309 |
| مريض طبيب بڻجي ويو | 310 |
| ڏنار ڇا کي چوندا آهن؟ | 311 |
| خليفو سليمان روئي پيو | 311 |
| ماتحتن جي باري ۾ سيني کان پڇا ڪئي ويندي؟ | 312 |
| اقتدار ملڻ تي روئڻ | 312 |
| انگور کائڻ کان بہ خوف | 313 |
| انگور بابت حسابِ آخرت جو ڊپ | 314 |
| آيت شريف جي تفسير ۾ ٽي حديثون | 314 |
| نعمت جا ۾ تسم ۽ آخرت جا سوال | 315 |
| هاء! عمده عمده غذائون | 315 |
| مال ڪمائڻ جا شوقين غور فرمائن | 316 |
| نزع جي سختين جي جهلڪ | 316 |
| نعمت جي حساب جي باري ۾ 9 فرامين مصطفيٰ | 317 |
| مال و ڏيڪ وبال و ڏيڪ | 318 |
| 12 سال تائين حساب ۽ ڪتاب | 319 |
| صحابہ ۾ سڀ کان مالدار صحابي جي حسابِ قيامت جو احوال | 320 |
| مالدارن جي لاءِ فڪر جو مقام آهي | 321 |
| مال ۽ دولت جي باري ۾ سٺيون سٺيون نيتون | 321 |
| زخمي دل وارو بزرگ | 323 |
| نفرت محبت ۾ بدلجي وئي | 323 |
| نيڪ شخص جي سبب پاڙي جي 100 گهرن کان بلائون پري | 325 |
| ٽي مدني فيسون | 326 |
| محشر جي هولناڪ منظر ڪشي | 328 |
| پيدا نہ ٿيڻ وارو قابل رشڪ آهي | 329 |
| ڪاش! کہ ميں دنيا ميں پيدا نہ ہوا ہوتا | 330 |
| جيڪڏهن کابي هٿ ۾ اعمال نامو مليو تہ ڇا ٿيندو! | 331 |
| فاروق ۽ مشتاق جي مزار جي مدني بهار | 332 |
| ثابت بناني جو مزار ۾ نماز پڙهڻ | 333 |
| انبياء قبرن ۾ نماز پڙهندا آهن | 333 |
| روضي انور کان اذان ۽ اقامت جو آواز | 334 |
| مومن جي فراست کان ڊڄو | 335 |
| الله پنهنجي اولياء کي علم غيب عطا فرمائيندو آهي | 336 |
| فراست جي معنيٰ | 336 |
| منهنجي دوست جو خواب | 337 |
| هڪ لوڪر سان اُحد جو زلزلو ختم ٿي ويو | 339 |
| مذڪوره حديث سان علم غيب ثابت ٿئي ٿو | 339 |
| غيب ڇا کي چئبو آهي؟ | 340 |
| علم غيب جي باري ۾ امت جي اڪابرين جا قول | 340 |
| لوح محفوظ جي باري ۾ دلچسپ معلومات | 342 |
| لوح محفوظ ڪٿي آهي؟ | 342 |
| لوح محفوظ سفيد موتين سان ٺهيل آهي | 343 |
| سڀ کان پهريان لوح محفوظ ۾ ڇا لکيو ويو؟ | 343 |
| توهان نفس جي پويان لڳي ويا آهيو! | 343 |
| قيامت تائين ٿيڻ واري هر ڳالهہ لوح محفوظ ۾ لکيل آهي | 343 |
| "لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ" جي گواهي ڏيڻ وارو جنت ۾ داخل ٿيندو | 344 |
| جنت جو حقدار ڪير؟ | 344 |
| پٽ پيدا ٿيڻ جي بشارت | 344 |
| پهرين خيال ٿي چو نہ نڪتو؟ | 345 |
| وفات کان پوءِ بہ نيڪي جي دعوت | 346 |
| هڪ هزار رڪعت نماز کان افضل | 347 |
| ڪوئي ۽ ڏيڏر جي دوستي | 347 |
| حديث شريف بيان ڪرڻ واري مُبلغ جي حڪايت | 348 |
| والد مرحوم سبز لباس پائي مسڪرائي رهيا هئا | 349 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| معاشرتي برائين جي ڪري پريشان ٿيڻ ايمان جو تقاضو آهي | 429 |
| نيڪ ماڻهن جي هلاڪت جو سبب | 429 |
| پنهنجي دل ۾ برو ڄاڻو | 430 |
| ڇا اسان دل ۾ برو ڄاڻون ٿا؟ | 430 |
| ڪي شرابي ڀائر مدني ماحول ۾ اچي ويا! | 431 |
| هن مدني بهار جي ضمن ۾ نيڪي جي دعوت | 433 |
| جادو جي باري ۾ | 433 |
| جادو ۽ جن جي وجود جو انڪار ڪفر آهي | 434 |
| مالڪ بن دينار جي ڳڻتي | 434 |
| پاڙي وارو باهه جو پوڄاري مسلمان ٿي ويو | 434 |
| مان باهه جي اندر پورا 20 منٽ بيٺو رهيس! | 436 |
| مشام جان معطر ٿي ويا | 438 |
| مدني بهار جي ضمن ۾ نيڪي جي باري ۾ نيڪي جي دعوت | 439 |
| ٻه فرمان مصطفيٰ | 440 |
| گناهه مٽائڻ جو نسخو | 440 |
| توبه جي اردي سان گناهه ڪرڻ ڪفر آهي | 441 |
| پاڙي واري کي برائي کان نه روڪڻ جو وبال | 441 |
| پاڙيسري قيامت جي ڏينهن دعويٰ ڪندو | 442 |
| بي نمازي پاڙيسري کي نماز جي دعوت ڏيو | 442 |
| امام کي گهرجي ته مقتدي جي نگراني ڪري | 443 |
| فاروق اعظم فجر ۾ غير حاضر رهڻ واري جي معلومات ڪئي | 443 |
| اجتماع ذڪر و نعت جي ڪري جماعت نه ڇڏڻ گهرجي | 443 |
| نماز جي وقت سمهڻ واري جو مٿو ڇيهاڻ جو عذاب | 444 |
| فلمن جون 2000 V.C.Ds ڀڃي ڇڏيون | 444 |
| نيڪ پاڙهن جو شان | 446 |
| حضرت براء بن مالڪ جي قبوليت دعا جي حڪايت | 446 |
| ڳائڻو محدث ڪيئن بڻيو! | 447 |
| ڳائي باڄي جي مذمت تي چار روايتون | 448 |
| ڳائي جي شوقين جو عبرت ناڪ انجام | 449 |
| لاشن جا انبار | 450 |
| ڇا واقعي موسيقي روح جي غذا آهي | 451 |
| گلوڪارن ۽ ڪاميڊين جي خدمت ۾ مدني التجا | 452 |
| ڊانس ڊائريڪٽر جي توبه | 453 |
| مون کي درود ۽ سلام سان محبت هئي | 454 |
| مرحوم والدين باهه ۾ هئا | 454 |
| داتا دربار ۾ تمام گهڻو ڪرم ٿيو | 454 |
| مون مدني قافلي ۾ سفر ڪيو..... | 455 |
| مون ايمان افروز خواب ڏٺو | 455 |
| لوهه جي سيخ منهنجي پاڻهن جي آرپار ڪري ڇڏي | 456 |
| مون مدني مرڪز ۾ مختلف ڪورس ڪيا | 456 |
| منهنجي پينٽ شرٽ واري ماڊرن گهرواريءَ | 457 |
| مدني مرڪز ۾ اعتڪاف ڪيو ته روزگار ملي ويو | 457 |
| مدني بهار جي ذريعي مدني بهار | 457 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ان ذڪر ڪيل مدني بهار جي باري ۾ مدني گل | 458 |
| گهر وارن کي دوزخ کان ڪيئن بچائجي | 459 |
| مرحوم والدين تي اولاد جا اعمال پيش ٿيندا آهن | 459 |
| ڊانس کي جائز چوڻ ڪيئن آهي | 460 |
| نيڪي جي دعوت جو تارڪ حضور جي طريقي تي ناهي | 461 |
| نيڪي جي دعوت صرف عالمن تي ناهي عوام تي به لازم | 461 |
| اعرابي جڏهن مسجد ۾ پيشاب ڪيو... | 462 |
| نيڪي جي دعوت ۾ نرمي ضروري آهي | 462 |
| پيشاب ڪندي اوچتو رڪجي وڃڻ جا طبي نقصان | 463 |
| بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ سنت ناهي | 463 |
| بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ جا نقصان | 463 |
| پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچڻ جو عذاب | 464 |
| آقا کي علم غيب آهي | 465 |
| شرابي تي انفرادي ڪوشش | 465 |
| مان ان کي قتل ڪري خودڪشي ڪيان ها | 467 |
| مبلغين جمعي جو بيان ڪن | 468 |
| هر ٻن منٽن ۾ ڪي خودڪشيون | 469 |
| ڇا خودڪشي ڪرڻ سان جان آزاد ٿي ويندي آهي؟ | 469 |
| باهه ۾ عذاب | 470 |
| انهيءَ هٿيار سان عذاب | 470 |
| گهٽو ڏيڻ جو عذاب | 470 |
| خالي ٿيلهو | 470 |
| دل انڌي ۽ اونڌي ٿيڻ جي معنيٰ | 470 |
| معافي نه ملندي؟ | 472 |
| ٻرين ڳالهين کان روڪيو نه ته...! | 472 |
| گهرواريءَ جي انفرادي ڪوشش جي برڪت | 473 |
| نرمي ۽ پيار مدني هٿيار آهن | 474 |
| شادي جي فضائل تي مشتمل چار حديثون | 475 |
| نڪاح جي باري ۾ فرمان صديقي | 476 |
| سڄو قبيلو مسلمان ٿي ويو | 477 |
| شخصيات تي انفرادي ڪوشش جي اهميت | 478 |
| سڳ مدينه ۽ شخصيات | 480 |
| شخصيات کان مدني قافلن جي لاءِ خدمت وٺڻ جو طريقو | 481 |
| ذميدارن به مدني قافلي وارن جي ترڪيب ٺاهڻ | 481 |
| مدني قافلي کان واپسي تي استقباليه اجتماع | 482 |
| مدني قافلن جي خير خواهي جون حڪمتون | 483 |
| ماڻهو اسان جي نه ٿا مڃن | 485 |
| مخالفين جي زور ۾ ڪهڙي طرح مدني ڪم ڪيون؟ | 487 |
| طالوت جالوت جي قرآني حڪايت | 487 |
| بادشاهه جي گناهن جي برابر دوزخ ۾ داخل ٿيو | 489 |
| ظالم جو چهرو ڏسڻ سان دل ڪاري ٿيندي آهي | 489 |
| مفتي اعظم هند حڪمرانن کان پري رهندا هئا | 490 |
| والد صاحب جي ترڪيب بڻي ته گهر ۾ مدني ماحول بڻجي ويو | 491 |

فرمانِ مصطفےٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# نيڪي جي دعوت جي ضرورت

## مغفرت ڀريو اجتماع

حضرت سيدنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي ته سرڪار مدينهء منوره، سردار مڪهء مڪرمه صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جو فرمان عظمت نشان آهي: الله عزّوجلّ جا ڪجهه سَيّاح (يعني سير ڪندڙ) فِرشتا آهن، جڏهن اهي ذڪر جي محفلن جي ويجهو کان گذرندا آهن ته هڪٻئي کي چوندا آهن: (هتي) ويهو، جڏهن ذڪر ڪندڙ دعا گهرندا آهن ته فِرشتا انهن جي دعا تي آمين (يعني ائين ئي ٿئي) چوندا آهن، جڏهن اهي نبي پاڪ تي درود پاڪ موڪليندا آهن، ته اهي فِرشتا به انهن سان ملي درود موڪليندا آهن ايستائين جو اهي مُنۡتَشِر (يعني هيڏانهن هوڏانهن) ٿي ويندا آهن، پوءِ فِرشتا هڪ ٻئي کي چوندا آهن اِنهن خوش نصيبن جي لاءِ خوشخبري آهي ته اِهي مَغفِرت وٺي (يعني بخشجي) وڃي رهيا آهن.

(جمع الجوامع لِلسيوطي ج3، ص 125، حديث 7750)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسجد آباد ڪرڻ جا ٽي فضائل

سُبۡحٰنَ الله! ذڪر ۽ درود جي محفلن جي ڇا ڳالهه ڪجي! ياد رهي! سنتن ڀريا اجتماع، درس جا مدني حلقا ۽ اِجۡتِماعِ ذِڪۡر و نعت وغيره به ذِڪر جون ئي محفلون آهن، ڪيتري قدر ته خوشنصيب اهي مسلمان آهن جيڪي سٺين سٺين نيّتن سان اهڙي طرح جي رحمتن ڀرين اِجتِماعن ۾ شوق سان شرڪت ڪندا آهن ۽ پوءِ الله عزّوجلّ جي رحمت سان مَغفِرت حاصل ڪري اُٿندا آهن، البت اهڙن مغفِرتن ڀرين اجتماعن ۾ شرڪت جي سعادت هر ڪنهن کي ناهي ملندي، اهو فقط خوش نصيب

فرمانِ مصطفٰے صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

ماڻهن جو ٿي حصو آهي، عام طور درس ۽ بيان مسجدن ۾ ٿيندا آهن ۽ مسجد جي اندر ٿيڻ وارن مدني حلقن ۾ ويهڻ جيئن ته گهڻي ثواب جو باعِث هوندو آهي تنهنڪري شيطان مسجد ۾ دل لڳڻ ناهي ڏيندو، "مسجد ڀريو تحريڪ" جاري فرمايو، مسجدون خوب خوب آباد ڪريو ۽ شيطان کي ناڪام ۽ نامراد ڪريو. حضرت سيدنا عبدُالرَّحمٰن بِن مَعقِل رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا ته اسان سان بيان ڪيو ويندو هو ته اَلْمَسْجِدُ حِصْنٌ حَصِيْنٌ مِّنَ الشَّيْطٰن يعني مسجد شيطان کان بچڻ جو هڪ مضبوط قلعو آهي. (مصنف ابن ابي شيبه ج 8 ص 172) وڌيڪ تحريص (يعني شوق) جي لاءِ مسجدن جي فضيلت تي مشتمل ڪي فرامِين مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم پيش ڪيا ٿا وڃن: ﴿1﴾ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جا گهر آباد ڪرڻ وارا ئي الله وارا آهن. (المعجم الاوسط ج 2 ص 58 حديث 2502) ﴿2﴾ جيڪو مسجد سان محبت ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجو محبوب بڻائيندو آهي. (ايضاً ج 4 ص 400 حديث 6383) ﴿3﴾ جڏهن ڪو ڀانهو ذڪر يا نماز جي لاءِ مسجد کي ٺڪاڻو بڻائيندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جي طرف رحمت جي نظر فرمائيندو آهي جيئن جڏهن ڪو غائب (يعني گم ٿي ويل واپس موٽي) ايندو آهي ته اُن جا گهر وارا ان کان خوش ٿيندا آهن. (ابن ماجه ج 1، ص 438، حديث 800)

وہ سلامت رہا قیامت میں — پڑھ لئے جس نے دل سے چار سلام
میرے پیارے پہ میرے آقا پر — میری جانب سے لاکھ بار سلام
میری بگڑی بنانے والے پر
بھیج اے میرے کردگار سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## الله ڪنهن جو محتاج ناهي

مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ هر شيءِ تي قادر آهي، هو هرگز هرگز ڪنهن جو محتاج ناهي، ان پنهنجي ڪامل قدرت سان هن دنيا کي بڻايو، هن کي طرح طرح سان سجايو، ۽ پوءِ انسانن کي ان ۾ رهايو، الله تعاليٰ انسانن جي هدايت جي لاءِ وقتاً فوقتاً رسولن ۽

نبين عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي مَبعُوث فرمايو (يعني موڪليو)، هو جيڪڏهن چاهي ته انبياءِ ڪِرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي بغير به بگڙيل انسانن جي اصلاح ڪري سگهيو پئي، پر ان جي مَشِيَّت (يعني مرضي) ئي ڪجهه اهڙي طرح آهي جو منهنجا ٻانها نيڪي جي دعوت ڏين، منهنجي راهه ۾ تڪليفون برداشت ڪن ۽ منهنجي بارگاهِ عالي مان دَرجاتِ رَفِيعَه (يعني بلند درجا) حاصل ڪن، تنهنڪري الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رسولن ۽ نبين عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي نيڪي جي دعوت جي لاءِ دنيا ۾ موڪليندو رهيو ۽ آخر ۾ پنهنجي پياري حبيب، حبيبِ لَبِيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مَبعُوث فرمايو، ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي نُبُوَّت جو سلسلو ختم فرمايو، پوءِ اهو عظيم الشّان مَنصَب پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري اُمت جي سپرد ڪيو ته جيئن اهي پاڻ ۾ هڪٻئي جي اِصلاح ڪندا رهن ۽ نيڪي جي دعوت جي ان اَهم فريضي کي سر انجام ڏين، اِئين رهندڙ دنيا تائين هاڻي هر مسلمان پنهنجي پنهنجي جڳهه تي مُبلِّغ آهي چاهي اهو ڪنهن به شعبي سان تَعَلُّق رکندو هجي، يعني اهو عالم هجي يا امامِ مسجد، پير هجي يا مُريد، تاجِر هجي يا ملازم، آفيسر هجي يا مزدور، حاڪم هجي يا مَحڪوم، الغرض جتي جتي اهو رهندو آهي، ڪم ڪار ڪندو هجي، پنهنجي صلاحيت جي مطابق پنهنجي آسپاس جي ماحول کي سنّتن جو پابند بڻائڻ جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهي ۽ نيڪي جي دعوت جو مدني ڪم جاري رکي.

مَیں مبلّغ بنوں سنّتوں کا، خوب چرچا کروں سنّتوں کا
یا خُدا دَرس دوں سنّتوں کا، ہو کرم بہرِ خاکِ مدینہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن ۾ نيڪي جي دعوت جو حڪم

خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پاڪ قرآن ۾ مختلف جڳهن تي نيڪي جي دعوت جي ترغيب ڏياري آهي جيئن دعوت اسلامي جي اِشاعَتي اداري مڪتبةُ المدينه جي شايع ٿيل، ترجمهءِ قرآن ”ڪنزُالايمان مع خزائنُ العِرفان“ صفحي 128 تي سيپاري 4 سُوْرَۃُ اٰلِ عِمْرٰن

جي آيت نمبر 104 ۾ رب تعالىٰ جو اِرشاد آهي:

وَلۡتَكُنۡ مِّنۡكُمۡ اُمَّةٌ يَّدۡعُوۡنَ اِلَى الۡخَيۡرِ وَيَاۡمُرُوۡنَ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَيَنۡهَوۡنَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۱۰۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ اوهان مان هڪ ٽولو اهڙو هجڻ گهرجي جيڪي چڱائيءَ جي طرف سڏين ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڏين ۽ بُرائي کان روڪين ۽ اهي ئي ماڻهو مراد ماٽيندڙ آهن.

## هر هڪ پنهنجي پنهنجي مَنصب جي مطابق نيڪي جي دعوت ڏئي

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنّان "تفسير نعيمي" ۾ هن آيت سڳوري جي تحت فرمائن ٿا:

اي مسلمانو! توهان سڀني کي اهڙو گروهه هئڻ گهرجي يا اهڙي تنظيم بڻجو، يا اهڙي تنظيم بڻجي رهو، جيڪا تمام بگڙيل ماڻهن کي خير (يعني نيڪي) جي دعوت ڏئي، ڪافرن کي ايمان جي، فاسِقن کي تقوىٰ جي، غافِلن کي بيداري جي، جاهِلن کي عِلم و مَعرِفت جي، خشڪ مِزاجن کي لَذّتِ عِشق جي، سمهڻ وارن کي بيداري جي، ۽ چڱين ڳالهين، سٺن عقيدن، سٺن عملن جو زباني، قلمي، عملي قوت سان، نرمي سان، (حاڪم پنهنجي محڪوم ۽ ماتحت کي) گرمي سان حڪم ڏئي ۽ بُرين ڳالهين، بُرن عقيدن، بُرن ڪمن، بُرن خيالن کان ماڻهن کي (پنهنجي پنهنجي مَنصب جي مطابق) زبان، دل، عمل، قلم، تلوار سان روڪي وڌيڪ فرمائن ٿا:

## هر مسلمان مُبلِّغ آهي

سيئي مسلمان مُبلِّغ آهن، سيني تي فرض آهي ته ماڻهن کي سٺين ڳالهين جو حڪم ڏين ۽ بُرين ڳالهين کان روڪين. (تفسير نعيمي ج 4 ص 72، بتغير) ڪجهه اڳتي حضرت قبلهٔ مفتي صاحب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه پنهنجي تفسير نعيمي ۾ بخاري شريف جي هي حديث پاڪ نقل ڪئي آهي ته تاجدار رِسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مَخزَنِ جُود و سخاوت، پيڪرِ عَظَمت و شرافت، مُحسنِ اِنسانيّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ اٰيَةً يعني منهنجي طرفان پهچايو، اگرچه هڪ ئي آيت هجي. (صحيح بُخاري ج 2، ص 462، حديث 3461)

میں نیکی کی دعوت کی دُھومیں مچا دوں

ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## افضل عمل اهو آهي جنهن جو فائدو ٻين کي پهچي

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان وڏيڪ فرمائن ٿا: "اسلام ۾ تبليغ وڏي اهم عبادت آهي جيئن ته سيني عبادتن جو فائدو پاڻ (يعني پنهنجي ذات) کي ٿيندو آهي پر تبليغ جو فائدو ٻين کي به. "لازِم" (يعني صرف پنهنجي ذات کي فائدو پهچائڻ واري عمل) کان "مُتَعَدِّي" (اهڙو عمل جو ٻين کي به فائدو ڏئي اهو) افضل آهي . (روايت ۾ آهي ته) ڪنهن حُضُورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پڇيو ته بهترين ڀانهو ڪير آهي؟ فرمايائون: الله تعاليٰ کان ڊڄڻ وارو، صِلهء رِحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سُلوڪ) ڪرڻ وارو، سٺيون ڳالهيون ٻڌائڻ وارو ۽ بُرائين کان روڪڻ وارو (الزهد الكبير للبيهقي ص 327 حديث 877) حضرت سيدنا حسن بصري (عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي) فرمائن ٿا: "جيڪو سٺين ڳالهين جو حڪم ڏئي، برائين کان روڪي اهو الله تعاليٰ جو به خليفو آهي، ان جي رسول (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو به ۽ ان جي ڪتاب (يعني قرآن شريف) جو به." (حديث پاڪ ۾ آهي) جيڪڏهن مسلمانن تبليغ ڇڏي ڏني ته انهن تي ظالم بادشاهه مُسَلَّط ٿيندا، ۽ انهن جون دعائون قبول نه ٿينديون. (روح المعاني ج 4 ص 326) اميرُالمُؤمِنين حضرت سيدنا ابوبڪر صِديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته اي انسانو! ڀلائي جو حڪم ڏيو، برائي کان منع ڪيو، توهان جي زندگي خيريت سان گذرندي. اميرُالمُؤمِنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عَلِيُّ المُرتَضيٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: تبليغ بهترين جهاد آهي. (تفسير ڪبير ج 3 ص 316) جيئن تبليغ ڪرڻ بهترين عبادت آهي اٿين ئي تبليغ ڇڏي ڏيڻ بدترين جُرم ۽ ڇڏي ڏيڻ وارو ذليل و خوار. (تفسير نعيمي ج 4 ص 72 بتغير) اميرُالمُؤمِنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عَلِيُّ المُرتَضيٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: جيڪا دل ڀلائي کي ڀلائي نه سمجهي ۽ بُرائي

ڪي بُرائي نہ سمجهي تہ ان (دل) جي مٿي واري حصي کي اڻين هيٺ ڪيو ويندو جيئن ٿيلهي کي اُبتو ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ ٿيلهي جي اندر واريون شيون وِڪرجي وينديون آهن. (مصنف ابن ابي شيبه ج 8، ص 667، رقم 125،124)

## گناهن ڀري زندگي تي ندامت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ چوڌاري طرف گناهہ ئي گناهہ ڪيا پيا وڃن، ايستائين جو بظاهر ڪنهن نيڪ نظر اچڻ واري شخص جي ويجهو وڃجي تہ اهو بہ ڪڏهن ڪڏهن عقيدي جي خرابين، زبان جي بي احتياطين، بد نگاهين ۽ بد اخلاقين جي آفتن ۾ مُبتَلا نظر اچي ٿو. هاءِ افسوس! هر پاسي گناهہ، گناهہ ۽ بس گناهہ ئي نظر اچي رهيا آهن! نيڪ ماڻهو بيشڪ موجود آهن پر انهن جو تعداد ڪافي گهٽ ٿي چڪو آهي. اهڙين ناساز حالتن ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ سنتن ڀري تحريڪ "دعوت اسلامي" جو وجودِ مَسعود ڪنهن نعمتِ غيرِ مُتَرَقَّبہ (يعني بنا گمان جي ملڻ واري نعمت) کان گهٽ ناهي. اڃو! دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي پنهنجي ايمان جي حفاظت ۽ عملن جي اِصلاح جي لاءِ ڪوشش ڪيون. اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار اوهان جي سامهون پيش ڪجي ٿي. جيئن تہ باب المدينہ (ڪراچي) جي علائقي ڪياماڙي جي رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: وڏي عرصي کان آئون گناهن جي مرض ۾ مبتلا هيس، ڳالهہ ڳالهہ تي گارگند، جهيڙو جهڳڙو ۽ فِتني فساد جهڙيون غلط حرڪتون منهنجي عادت ۾ شامل ٿي چڪيون هيون، ۽ فلمون ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ جو تہ جنون جي حد تائين شوقين هئس، منهنجي توبہ جو ذريعو ائين بڻيو، جو هڪ بنگلي تي بطور ڊرائيور ملازمت ڪندو هئس، هڪ ڏينهن ڪم کان فارغ ٿي T.V روم ۾ ويهي رهيس، هتي مون کي مدني چينل جي ذريعي سنتن ڀريو بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ٿي، بيان مون کي ڏڪائي ڇڏيو، مون کي پنهنجي گناهن ڀري زندگي تي شرمندگي ٿيڻ لڳي، مون بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ پنهنجي گناهن کان سچي توبہ ڪئي ۽ سنت جي راهہ اختيار ڪئي، جڏهن مدني

چينل تي رَمَضانُ المُبارَڪ جي 30 ڏينهن جي تربيتي اِعتِڪاف جي ترغيب ڏياري وئي تہ مون بہ لَبَّيڪ چوندي 30 ڏينهن جي تربيتي اِعتِڪاف جي نيت ڪئي، هي سِٽون لکڻ وقت اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ هن نيت تي عمل ڪرڻ خاطر دعوت اسلامي جي **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ** باب المدينہ (ڪراچي) ۾ اِعتِڪاف جون برڪتون حاصل ڪري رهيو آهيان، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اِعتِڪاف کان فارغ ٿيندي ئي هڪدم هٿو هٿ يڪمشت (يعني لاڳيتو) 12 مهينن جي مدني قافلي ۾ سفر بہ ڪندس.

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## گناهن جي دوا

**مدينہ** **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! مدني چينل جي برڪت سان گناهن جي بيماري کان شِفا ملي ۽ مڪمل رَمَضانُ المُبارَڪ جو اِعتِڪاف ۽ اهو بہ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ ڪرڻ جي سعادت ملي وئي ۽ هٿو هٿ 12 مهينن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي جو مسافر بڻجڻ جي بہ نيت نصيب ٿي، بهرحال سيني کي گهرجي تہ گناهن جي بيماري جو علاج ڪن، جيڪڏهن گناهہ ڪندي ڪندي بغير توبہ مري وياسين ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي ويو تہ يقين ڄاڻون تہ ڪٿي جا بہ نہ رهنداسين، الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جون ادائون بہ خوب هونديون آهن، اهي نيڪيون ڪرڻ جي باوجود الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا ۽ گناهن جي دوا تلاش ڪندا رهندا ها، جيئن تہ حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيري ڪنهن عبادت گذار نوجوان سان گڏ بصره مان ڪنهن جڳهہ تان گذري رهيو هئس تہ هڪ طبيب تي نظر پئي، جنهن جي سامهون ڪئي مرد ۽ عورتون ۽ ٻار هٿن ۾ پاڻي جون شيشيون پڪڙي پنهنجي بيماري جي عِلاج جا طلبگار هئا، مون سان گڏ جيڪو عِبادت گذار نوجوان هو، ان چيو: اي طبيب! ڇا توهان وٽ ڪا گناهن جي بہ دوا آهي؟ ان چيو: آهي. نوجوان چيو: مون کي عنايت فرمايو، ان جواب ڏنو: گناهن جي دوا جو نسخو ڏهن شين تي مشتمل آهي: ﴿1﴾ فَقُر ۽ اِنڪِساري جي وڻ جون پاڙون

وٺو، پوءِ ﴿2﴾ ان ۾ توبہ جو هَلِيلَہ (يعني هريڙ نالي ديسي دوا) ملايو، پوءِ ﴿3﴾ ان کي رضاءِ الٰهي جي کرل (يعني دوا پيسڻ جي ڪونڊيءَ) ۾ وجهو ۽ ﴿4﴾ قناعت جي همام دستي ۾ سٺي نموني پيهي وٺو، پوءِ ﴿5﴾ ان کي تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي ديگ ۾ وجهو ﴿6﴾ ۽ هاڻي هن ۾ حياءَ جو پاڻي بہ ملائي وٺو، پوءِ ﴿7﴾ ان کي محبتِ الٰهي جي باھ ۾ جوش ڏيو ﴿8﴾ ان کان پوءِ شُڪر جي پيالي ۾ وجهو، ۽ ﴿9﴾ اميد ۽ رَجاء جي وِڃڻي سان هوا ڏيو ۽ پوءِ ﴿10﴾ حمد و ثنا جي چمچي سان پي وٺو، جيڪڏهن توهان اهو سڀ ڪجھ ڪري ورتو تہ ياد رکو هي نسخو توهان کي دنيا ۽ آخرت جي هر بيماري ۽ مصيبت ۾ نفعو پهچائيندو. (المنبهات ص 111)

کب گناہوں سے کنارا میں کروں گا یاربّ! نیک کب اے مِرے اللہ! بنوں گا یاربّ!
کب گناہوں کے مَرَض سے میں شِفا پاؤں گا کب میں بیمار، مدینے کا بنوں گا یاربّ!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪائو پيئو ۽ جان ٻڌايو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ غير مسلمن جون مَذموم تحريڪون دنيا ۾ هر جڳھ پنهنجي مذهب جي سالمِيّت ۽ بقا بلڪ اِرتِقا (يعني ترقي) جي لاءِ سرگرم آهن پر افسوس! دنيا جي محبت ۾ مست مسلمانن کي دنيا جي ڏنڊن مان ئي فُرصت ناهي، افسوس صد ڪروڙ افسوس! هن دؤر جي مسلمانن جي اڪثريت فقط ”ڪائو پيئو ۽ جان ٻڌايو“ کي ئي ڄڻ زندگي جو مقصد سمجهيو آهي، ٻين کي صلوٰة و سنت جي تلقِين جي ڪنهن کي پئي آهي! بلڪ انهن وٽ تہ آخرت جي ڀلائي حاصل ڪرڻ لاءِ ايترو وقت بہ ناهي جو اِطمِينان سان نماز ئي پڙهي سگهن ۽ اُها درد ڀري دل ڪٿان آڻجي جيڪا سنّت جي محبت سان ڀريل هجي، بس هر وقت دنيا، دنيا ئي جي بهتريءَ جو تصور آهي! دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 125 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”شُکر کے فضائل“ صفحي نمبر 103 تي آهي: حضرت سيدنا امام حَسَن

بَصري علیہ رحمۃ اللہ القوی فرمائن ٿا: جيڪو فقط کائڻ پيئڻ ۽ لباس ٿي کي الله عزوجل جي نعمت سمجهي ته يقيناً ان جو علم گهٽ آهي. (الزهد لابن المبارڪ ص 134، رقم 397)

دیتا ہوں تجھے واسِطہ میں پیارے نبی کا

اُمّت کو خُدایا رہِ سنّت پہ چلا دے (وسائلِ بخشش ص ۱۰۰)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا ناپسند هجڻ جو پُرڪيف سبب

اسان جي حالت هي آهي جو دنيا جي محبت دل مان گهٽ ٿيڻ جو نالو ئي نه ٿي وٺي، ۽ هر وقت دنيا جي نعمتون ۽ آسائشون وڌائڻ جي ڌُن آهي جڏهن ته الله عزوجل جا نيڪ ٻانها ۽ حقيقي عاشقان رسول دنيا جي خواهشن کان محفوظ ۽ دنيا جي نعمتن جي گهٽتائي تي شڪر گذار ٿيندا هئا. جيئن ته "شُکر کے فضائل" صفحو نمبر 68 تي ڏنل هڪ عبرت ناڪ روايت پڙهو ۽ عبرت حاصل ڪيو: حضرت سيدنا مَجمَع انصاري علیہ رحمۃ اللہ الباری هڪ بزرگ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي باري ۾ بيان ڪن ٿا ته اُنهن فرمايو: الله عزوجل جو مون کي دنيا (جي آسائشن) کان بچائڻ جو احسان، هن (يعني دنيا) جي ڪشادگي (مثلاً مال ۽ دولت وغيره) جي صورت ۾ ملڻ واري نعمت کان افضل آهي، ڇو ته الله عزوجل پنهنجي پياري نبي صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي لاءِ دنيا کي پسند نه فرمايو، انهيءَ ڪري مون کي اهي نعمتون جيڪي الله عزوجل پنهنجي پياري نبي صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي لاءِ پسند فرمايون، اِنهن نعمتن کان وڌيڪ پياريون آهن جيڪي اُن پنهنجي نبي صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي لاءِ ناپسند فرمايون. (شعب الايمان ج 4 ص 117 حديث 4489 ملخصًا) دنيا جي مال و دولت جي ڪثرت ۽ گهڻيون آسائشون هجڻ بيشڪ نعمت آهي پر انهن شين کان بچي ڪري رهڻ، اها وڏي نعمت آهي .

چھوٹا مرا دُنیا کی مَحبّت سے چُھڑا دے

یاربّ! مجھے دیوانہ محمد کا بنادے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اسلام جو صرف نالو رهجي ويندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي حالتون خراب کان خراب ٿينديون پيون وڃن، ائين لڳي ٿو جو هاڻي صرف اسلام جو نالو ئي وڃي بچيو آهي، صد ڪروڙ افسوس! مسلمانن جي زندگي جو انداز اڪثر ڪري غير مسلمن جهڙو ٿي چڪو آهي نهايت توَجُّهه سان هي روايت پڙهو ۽ دل کي جلايو، ٿي سگهي ته ڳوڙها وهايو. جيئن ته حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المُرتضيٰ شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْکَرِیْم کان روايت آهي: الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان غيب نشان آهي: عنقريب ماڻهن تي اهو وقت ايندو، جو اسلام جو صرف نالو ۽ قرآن جو صرف (رسم ۽) رواج رهجي ويندو، انهن جون مسجدون آباد هونديون پر هدايت کان خالي، انهن جا عالم آسمان هيٺ بدترين مخلوق هوندا، انهن وٽان فِتنو نڪرندو ۽ انهن ۾ ئي موٽي ويندو. (شعب الايمان ج 2 ص 311 حديث 1908)

## صرف نالي جا مسلمان رهجي ويندا

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: "(اسلام جو صرف نالو ئي رهجي ويندو يعني اهو) ائين جو مسلمانن جا نالا اسلامي هوندا ۽ پاڻ کي مسلمان (به) سڏائيندا هوندا پر رنگ ڍنگ سڀ ڪافرن جهڙا (هوندا) جيئن اڄڪلهه ڏٺو پيو وڃي يا ارڪانِ اسلام جا نالا ۽ شڪلون ته باقي رهندا پر انهن جو مقصد ختم ٿي ويندو، (مثلاً) نماز جو ظاهري پڙهڻ ته هوندو پر خُشُوع و خُضُوع نه (هوندو)، زڪواة ته ڏيندا پر قوم جي خدمت ختم ٿي ويندي، حج ڪندا پر صرف سير (۽ تفريح) جي لاءِ، جهاد هوندو پر صرف ملڪ گيري (حڪومت ۽ سلطنت حاصل ڪرڻ) جي لاءِ، مفتي صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه حديث پاڪ جي ان حصي (قرآن صرف رسم ۽ رواج ئي رهجي ويندو) جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: رسم نقش کي به چوندا آهن ۽ طريقي کي به، هتي ٻئي معنائون درست آهن يعني قرآن جا نقش (يعني لکيل لفظ) ڪاغذن ۾ ۽ الفاظ زبان تي هوندا، پر نه دل ۾ احترام هوندو ۽ نه ئي

بدن ۾ عمل هوندو، يا رسماً قرآن پڙهيو ۽ رکيو ويندو، عدالتن (ڪورٽن) ۾ ڪوڙا قسم کڻڻ جي لاءِ ۽ گهرن ۾ ميّت تي پڙهڻ جي لاءِ (ته ان جو استعمال ٿيندو پر) عمل (ڪرڻ) لاءِ عيسائين جا قانون هوندا . (حديث جي هن حصي "انهن جون مسجدون آباد هونديون پر هدايت کان خالي" مان مراد هي آهي ته) مسجدن جون عمارتون عاليشان، در ۽ ديوار نقش وارا، بجلي جي فِٽنگ (به) خوب پر نمازي ڪو به نه، انهن جا امام بي دين، جڻ مسجدون هدايت بدران بي ديني جو سرچشمو بڻجي وينديون، هر مسجد مان لائوڊ اسپيڪر جي ذريعي درس جو آواز (ته) ايندو پر (انهن بي دين عالمن جا) اهي درس زهرِ قاتل هوندا، جن ۾ قرآن جي نالي تي ڪُفر و طُغيَان (يعني بغاوت، سرڪشي) ڦهلائي ويندي. (حديث شريف جي آخري حصي جي شرح ڪندي فرمائن ٿا:) يعني بي دين علماءِ سوء (يعني بد مذهب ۽ بي عمل عالمن) جي ڪثرت هوندي، جن جو فِتنو سيني مسلمانن کي (اٿين) گهيري وٺندو جيئن دائري جو نڪتو جتان شروع ٿيندو آهي اتي ئي پهچي دائري کي مڪمل ڪري ڇڏيندو آهي.

(مرآة المناجيح ج 1 ص 229)

## ڪفن چور، جڏهن غيبي آواز ٻڌو.... مدينه

ياد رهي! مسجدن ۾ ٿيندڙ علماءِ حق جا درس قرآن و حديث ۽ ايمان افروز بيان جي هتي هرگز مذمّت مراد ناهي، هنن حضرات جا درس ۽ بيان اُمت جي لاءِ هدايت جا سر چشما، رحمت نازل ٿيڻ جا سبب، ۽ مغفرت جا ذريعا هوندا آهن جيئن مشهور بزرگ حضرت سيدنا حاتِم اَصَم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم هڪ ڀيري "بلخ" شهر ۾ بيان فرمائي رهيا هئا، بيان جي دؤران گناهگارن جي خير خواهي جي جذبي تحت دعا گهري: "اي پروردگار عزوجل هن اِجتِماع ۾ جيڪو سڀ کان وڏو گنهگار آهي پنهنجي رحمت سان ان جي مغفرت فرماءِ" هڪ ڪفن چور به اتي موجود هيو، جڏهن رات ٿي ته اهو ڪفن چورائڻ جي نيت سان قبرستان ويو پر جيئن ئي قبر کوٽيائين ته هڪ غيبي آواز گونجڻ لڳو: "اي ڪفن چور! اڄ ڏينهن جي وقت حاتِمِ اَصَم (علیہ رحمۃ اللہ الاکرم)

جي اجتماع ۾ بخشجي چڪو آهين ۽ پوءِ وري اڄ رات هي گناهه ڇو ڪري رهيو آهين!“ هي آواز ٻڌي اهو روئڻ لڳو ۽ ان سچي دل سان توبهه ڪري ورتي.
(تذکرۃ الاولیاء ص 222 ملخصا)

مجھے دیدے ایمان پر استقامت پئے سیّدِ مُحتَشَم یاالٰہی
مرے سر پہ عِصیاں کا بار آہ مولیٰ! بڑھا جاتا ہے دم بدم یاالٰہی
زمیں بوجھ سے میرے پھٹتی نہیں ہے
یہ تیرا ہی تو ہے کرم یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص ۸۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڇا غير مسلم به اسان جي نقل ڪن ٿا؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! واقعي نيڪ ٻانهن جي زيارت ۽ صحبت، انهن جي بيان جي برڪت ۽ عاشقان رسول جي اِجتِماعن ۾ شرڪت ٻنهي جهانن جي لاءِ سعادت جو سبب آهي، هن حڪايت مان هي به معلوم ٿيو ته مُبَلِّغ کي بگڙيل مسلمانن سان همدردي هجڻ گهرجي، گنهگارن کي سمجهائڻ سان گڏوگڏ انهن جي لاءِ ڀلائي جي دعا کان غفلت نه ڪرڻ گهرجي، هي ته تبع تابعين جي سونهري دؤر جو واقعو هو. افسوس هاڻي ته عملي طور تي دين کان ڪجهه وڌيڪ ئي دوري ٿي چڪي آهي، اڄڪلهه جي اڪثر مسلمانن کي خبر ناهي ڇا ٿي ويو آهي جو اهي سنتن کي وساري اَغيار (يعني غيرن) جا فيشن اپنائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن، غير مسلمن جهڙي لباس ۾ ملبوس هجڻ انهن وٽ شايد عين سعادت آهي! ڇا ڪنهن غير مسلم کي اوهان ڏٺو آهي جيڪو مسلمانن جي حقيقي وَضع قَطع (يعني هڪ مٺ ڏاڙهي، سنت جي مطابق زلفون، عمامو شريف، ۽ سنتن ڀريو لباس وغيره) اپنايو هجي! ڪڏهن به نه ڏٺو هوندو، هي ماڻهو وڏا چالاڪ ۽ مڪار آهن، اهي پنهنجي باطل ۽ بدبودار طريقن کي ڇڏي مسلمانن جي نقل هرگز ناهن ڪندا، پر صد ڪِروڙ افسوس! غيرن جي نقل ڪرڻ جهڙي بيوقوفي ته هاڻي مسلمانن جي دماغن ۾ گِهري چڪي آهي.

اي غفلت جي ننڊ سمهڻ وارا اسلامي ڀائرو! خدارا هوش ڪيو!! هن ڪان پهريان جو موت جو فرشتو اوهان جي حياتي جو رشتو هن دنيا مان هميشه هميشه جي لاءِ مُنقَطَع ڪري ڇڏي (يعني ڪٽي ڇڏي) جاڳو! ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي به بيدار ڪيو!! نه ته ياد رکو ؎

نہ سمجھو گے تو مِٹ جاؤ گے اے مُسلمانو!
تمہاری داستاں تک بھی نہ ہوگی داستانوں میں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ناڪام عاشق مدينه ۾

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي حالت اڄ نا گفته به (يعني نهايت شرمناڪ) آهي، گناهن جو زوردار سيلاب جنهن ڪي ڏسو وهائي پيو وڃي، اهڙي وقت ۾ تبليغ قران ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جو مدني ماحول ڪنهن عظيم نعمت کان گهٽ ناهي، ان سان هردم وابسته رهو، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ هن سان مُنسلڪ ٿيڻ وارن جي زندگين ۾ حيرت انگيز تبديليون بلڪ مدني انقلاب برپا ٿي ويندو آهي، هن سلسلي ۾ هڪ مدني بهار ٻُڌو، بابُ المدينه (ڪراچي) جي علائقي ملير جي هڪ اسلامي ڀاءِ پنهنجي زندگي ۾ اينديڙ مدني انقلاب جي باري ۾ ڪجھ هيئن تحرير فرمائن ٿا: مان بد قسمتي سان عشق مَجازي ۾ گرفتار ٿي گناهن ۾ بدمست ٿي چڪو هئس، هڪ ڏينهن مون کي خبر ملي ته گهر وارن ”اُن“ (ڇوڪريءَ) جي شادي ڪنهن ٻي جڳھ تي ڪري ڇڏي آهي، هن صدمي کان پوءِ منهنجي زندگي اُجڙي چڪي هئي، آخرڪار منهنجو انجام به اهو ئي ٿيو جيڪو عشق مَجازي ۾ شيطان جي هٿان رانديڪو بڻجڻ وارن سوين ناڪام ۽ نامراد عاشِقن جو ٿيندو آهي، تنهنڪري مان بيزار ٿي چرس، آفيم، شراب، هيروئن ۽ نشي آور انجيڪشن جهڙن موتمار مُنَشِّيات جو عادي بڻجي چڪو هئس، پنهنجي فاسد گمان ۾ قلبي سڪون حاصل ڪرڻ خاطر

شايد ئي ڪو اهڙو نشو هجي جيڪو مون نہ ڪيو هجي، زندگي مان ايتري قدر تنگ ٿي چڪو هئس جو مَعَاذَالله ڪئي ڀيرا تہ خودڪشي جي ناڪام ڪوشش بہ ڪئي، پاڻ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڊيٽول، پيٽرول ۽ تيزاب بہ پيتو پر پساهہ اجا پورا نہ ٿيا هئا، ربُّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي بي نيازي تي قربان وڃان جو ايترين نافرمانين جي باوجود ان رحمت جو دروازو مون تي بند نہ ڪيو، ڪرم جو سبب ڪجهہ هيئن ٿيو تہ منهنجي ملاقات دعوت اسلامي جي مهڪي مهڪي مشڪبار مدني ماحول سان وابستہ هڪ عاشقِ رسول سان ٿي، ان جون مٺيون ڳالهيون ٻڌي ڪري دل ۾ نئين سري سان جيئڻ جي اُمنگ بيدار ٿي، ان جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان 29 شَعبان المُعَظَّم 1427هہ بمطابق 2006ع ۾ مون کي دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ جي روحانيت سان ڀرپور فضائن ۾ اچڻ جي سعادت ملي، هتي هر پاسي سبز سبز عمامي وارن عاشقان رسول کي ڏسي منهنجو ايمان تازو ٿي ويو ۽ هتي هٽ 1427 هہ جي رَمضان المُبارَڪ جي 30 ڏينهن جي اِجتِماعي اِعتِڪاف ۾ ويهي رهيس، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مون گنهگار کي بہ رَمضان المُبارَڪ جا روزا رکڻ جي سعادت حاصل ٿي، مدني ماحول جي برڪت سان منهنجي مٿي تان عشق مجازي جو نشو لهي ويو، دل مان برا خيال ختم ٿي ويا، مون چهري تي ڏاڙهي، مٿي تي سبز سبز عمامو شريف ۽ بدن تي سنت جي مطابق مدني لباس سجائي ورتو ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ پنج وقت جي نماز جو پابند بڻجي ويس، هي سٽون لکڻ وقت تائين مان "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" جي مُقدَّس جذبي تحت مدني ڪمن جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهيان .

عطائے حبیبِ خدا مَدَنی ماحول ہے فیضانِ غوث و رضا مَدَنی ماحول
بفیضانِ احمد رضا اِن شاءَ اللہ یہ پُھولے پَھلے گا سدا مَدَنی ماحول (وسائلِ بخشش ص ۶۰۴)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غير شرعي عشقِ مَجازي جون تباهه ڪاريون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! عشق مجازي جي چار ۾ ڦاسي وڃڻ وارو عاشق ناشاد هڪ عاشقِ رسول جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ اچي عشق رسول جو جام پيئڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، بس ان تي الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ٿي ويو، نه ته عشق مجازي جو اهڙو عجيب و غريب معاملو آهي عام طور جيڪو هڪ ڀيري ان جي وڪڙ ۾ اچي وڃي، ان جو ان مان بچي نڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. اڄڪلهه عشق مجازي جي خوب هوا هلي رهي آهي، هن جو سڀ کان وڏو سبب اڪثر مسلمانن ۾ اسلامي معلومات جي گهٽتائي ۽ ديني ماحول کان دوري آهي، انهيءَ ڪري هر پاسي گناهن جو سيلاب اچي چڪو آهي! T. V، V.C.R، ۽ انٽرنيٽ وغيره ۾ عِشقِيه فلمون ۽ فِسقِيه ڊرامن کي ڏسي يا عشق بازين تي مبالغه آميز اخباري خبرون، ۽ ناولن، بازاري ماهنامن، ڊائجسٽن ۾ فرضي افسانن کي پڙهي يا ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي مَخلوط (جتي ڇوڪرو ڇوڪري گڏ هجن اهڙن) ڪلاسن ۾ ويهي، يا نامَحرم رشتيدارن سان ملي پاڻ ۾ بي تڪلفي واري راهه تي هلڻ سان اڪثر نوجوانن کي ڪنهن نه ڪنهن سان عِشق ٿي ويندو آهي، پهرين هڪ طرفان ٿيندو آهي پوءِ جڏهن فريق اول، فريق ثاني کي ٻڌائيندو آهي ته بعض اوقات ٻه طرفا ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ عموماً گناهه ۽ نافرمانين جو طوفان اچي ويندو آهي، فون تي دل کولي بي شرمانه ڳالهيون بلڪ بي حجاب ملاقاتن جا سلسلا ٿيندا آهن، خطن ۽ تحفن جا تبادلا ٿيندا آهن، شادي جا خُفيه قول ۽ قرار ٿي ويندا آهن، جيڪڏهن گهر وارا ديوار بڻجن ته ڪڏهن ٻئي فرار ٿي ويندا آهن، ان کان پوءِ اخبار ۾ اِشتِهار ڇپبا آهن، خاندان جي عزت، آبرو سرِ عام نيلام ٿيندي آهي، ڪڏهن "ڪورٽ ميرج" جي ترڪيب ٺهندي آهي ته ڪڏهن مَعَاذَالله ائين ئي بنا نڪاح جي..... ۽ اهڙن بي رحم انسانن جي ناجائز ٻارن جا لاش ڪچري ڪنڊي (يعني گندگي جي ڍير) ۾ ملندا آهن، ۽ ائين به ٿيندو آهي جو ٻچي نه

سگهن تہ خودڪشي جي راهہ ورتي ويندي آهي جنهن جون خبرون اخبار ۾ تقريباً روزانو شايع ٿينديون رهنديون آهن .

## يوسف عليہ السلام جو دامن عشق مجازي کان پاڪ آهي

**مدينہ مدينہ**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄڪلهہ اسلامي معلومات جي ڪمي جو دؤر آهي، جهالت عام آهي، ڪجهہ نادان عاشقن، پنهنجي گندي عشق بازين تي پردو وجهڻ لاءِ ايستائين بہ چوندي ٻڌا ويا آهن تہ حضرت سيدنا يوسف عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بہ زليخا سان عشق ڪيو هو! (مَعَاذَالله) ائين هرگز ناهي، يقيناً ائين بڪواس ڪرڻ وارا نادان عاشق سخت خطا تي آهن، پنهنجي نفس جي شرارت جي معاملي ۾ شيطان جي ڳالهين ۾ اچي بنا سوچي سمجهي ڪنهن بہ نبي عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي باري ۾ زبان کولڻ ايمان جي لاءِ انتهائي خطرناڪ هوندي آهي. ياد رکو! نبي عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ادنيٰ گستاخي بہ ڪفر آهي. حضرت سيدنا يوسف عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اللهُ عَزَّوَجَلَّ جا نبي آهن ۽ هر نبي معصوم. نبي کان ڪڏهن بہ مَذموم حرڪت ناهي ٿيندي، جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن "**ڪنزُالايمان مع خزائنُ العِرفان**" صفحي 445 تي سيپاري 12 سُوْرَةُ يُوْسُف جي آيت نمبر 24 ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

**وَلَقَدْ هَمَّتْ بِهٖ ۚ وَهَمَّ بِهَا لَوْلَآ اَنْ رَّاٰ بُرْهَانَ رَبِّهٖ ؕ**

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ بيشڪ عورت ان جو ارادو ڪيو ۽ اهو بہ عورت جو ارادو ڪري ها جيڪڏهن پنهنجي رب جو دليل نہ ڏسي ها.

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدِّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي فرمائن ٿا: الله تعاليٰ اَنبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پاڪ نفسن کي بُري اخلاق ۽ خراب اَفعَال کان پاڪ پيدا ڪيو آهي ۽ اخلاق شريفہ طاهِره مقدَّسہ تي انهن جي پيدائش فرمائي آهي، ان ڪري اهي هر بُري فعل کان پري رهن ٿا، هڪ روايت ۾ آهي تہ جنهن وقت زليخا سندن جي پويان لڳي، تنهن وقت پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي والد

ماجد حضرت يعقوب عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڏنائون تہ آگر ڏندن اقدس جي هيٺان دٻائي پري هڻڻ جو اشارو فرمائي رهيا هئا. (خزائن العرفان)

حقيقت هي آهي تہ عشق صرف زليخا جي طرفان هو حضرت سيدنا يوسف عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو دامن ان کان يقيناً پاڪ هو سيپاري 12 سُوۡرَةُ يُوۡسُف آيت نمبر 30 ۾ مصر جي شريف ماڻهن جي عورتن جو قول هن طرح نقل ڪيو ويو آهي:

وَقَالَ نِسۡوَةٌ فِی الۡمَدِيۡنَةِ امۡرَاَتُ الۡعَزِيۡزِ تُرَاوِدُ فَتٰهَا عَنۡ نَّفۡسِهٖ ۚ قَدۡ شَغَفَهَا حُبًّا ؕ اِنَّا لَنَرٰىهَا فِیۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ﴿۳۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ شهر ۾ ڪن عورتن چيو جو عزيز جي زال پنهنجي نوجوان جي دل لالچائي ٿي. بيشڪ ان جي محبت ان جي دل ۾ گهري ويئي آهي اسان تہ ان کي محبت ۾ بي اختيار ڏسون ٿيون.

حُجَّةُ الۡاِسلام حضرت سيّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد بن محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِی فرمائن ٿا: ”زليخا کي رغبت هئي پر حضرت سيدنا يوسف عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام طاقت ۽ قدرت رکڻ باوجود ان (يعني زليخا جي طرف رغبت) کان روڪيا رهيا، الله عَزَّوَجَلَّ قرآن ڪريم ۾ سندن جي محفوظ رهڻ جي عمل جي تعريف ڪئي آهي.

(احياءُ العلوم ج 3 ص 129)

## نادان عاشقن جوڙ ڏني ويو!

ان سان اَظۡهَرُ مِنَ الشَّمۡسِ وَاَبۡيَنُ مِنَ الۡاَمۡسِ يعني سج کان وڌيڪ روشن ۽ گذريل ڪالهہ کان وڌيڪ يقين ٿي ويو تہ اڄڪلهہ جيڪي نادان عاشق پنهنجي گناهن پري بدبودار عشق کي صحيح ثابت ڪرڻ جي لاءِ مَعَاذَالله حضرت سيدنا يوسف عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ زليخا جي واقعي کي آڙ بڻائن ٿا، اهو قرآن پاڪ جي حڪم جي سراسر خلاف آهي ۽ ڪئي صورتن ۾ سڌو ڪفر تائين وٺي وڃڻ وارو آهي، سورتِ يوسف ۾ صرف زليخا جي طرفان عشق جو تذڪرو آهي پر ڪٿي بہ ڪو اشارو نٿو ملي تہ مَعَاذَالله حضرت سيدنا يوسف عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بہ هن عشق ۾ شريڪ هئا، تنهنڪري جيڪي حضرت سيدنا يوسف عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي بہ عشق ۾ شريڪ ڪندا آهن، اهي ان کان توبہ ۽ تجديدِ ايمان ڪن يعني توبہ ڪري نئين سري کان مسلمان ٿين. الله عَزَّوَجَلَّ جي نبي

عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو شان تمام بلند هوندو آهي ۽ اهي گناهن کان معصوم هوندا آهن .

ياالله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي پنهنجي حقيقي محبت ۽ پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچي پڪي اُلفت نصيب فرماءِ. ياالله عَزَّوَجَلَّ! دنيا جي چاهت اسان جي دل مان ڪڍي ڇڏ. ياالله عَزَّوَجَلَّ! جيڪي مسلمان گناهن سان ڀريل "عشق مجازي" جي ڄار ۾ ڦاٿل آهن انهن کي ڇوٽڪارو نصيب فرمائي پنهنجي مدني محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زلفن جو اسير (قيدي) بڻائي ڇڏ . اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

محبت غیر کی دل سے نکالو یارسولَ اللہ

مجھے اپنا ہی دیوانہ بنا لو یارسولَ اللہ

(عشق مجازي جي باري ۾ دلچسپ معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب "پردي جي باري ۾ سوال جواب" صفحي 137 کان 148 جو مطالعو فرمايو)

## امام اَوزاعي جو رقت انگيز بيان

(مدينه 11)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄو مشهور مُحَدِّث حضرت سيدنا امام اوزاعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي جو نيڪي جي دعوت تي مشتمل غافلن کي بيدار ڪرڻ وارو، پُرسَوز ۽ عبرت انگيز بيان ٻڌون ٿا جيئن ته دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل 125 صفحن تي مشتمل ڪتاب "شُکر کے فضائل" صفحي 32 کان 33 تي آهي: حضرت سيدنا امام اوزاعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي بيان ڪندي ارشاد فرمايو: "اي انسانو! (دنيا ۾ مليل) انهن نعمتن جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ جي ان پڪڙ کان بچڻ لاءِ مدد حاصل ڪيو جيڪا دلين تي چڙهي ويندي، بيشڪ توهان اهڙي گهر (يعني ناپائيدار دنيا) ۾ آهيو جنهن ۾ (وڏي عمر جي ذريعي مليل) قيام جي طويل مُدت به قليل (يعني ٿوري) آهي ۽ هن ۾ توهان کي مقرر وقت تائين انهن گذريل ماڻهن جو جانشين بڻائي موڪليو ويو آهي، جنهن دنيا جي خوشنمائي ۽ ان جي رونق ۽ بهار جو رخ ڪيو، انهن جون عمرون توهان کان وڏيون ۽ قد به ڊگها هئا ۽ نشانات به عظيم هئا، انهن جبلن کي چيري وڌو، پٿر جون ٽڪريون ڪٽيون، شهرن ۾ گهمندا رهيا، وڏي طاقت وارا هئا،

انهن جا جسم ٿنڀ وانگر هئا، انهيءَ باوجود زماني جلد ئي انهن جي مُدت ختم ڪري ڇڏي، انهن جي نشانات کي مٽائي ڇڏيو، انهن جي گهرن کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي ذڪر کي وساري ڇڏيو. هاڻي توهان نه انهن کي ڏسو ٿا نه انهن جو آواز ٻڌو ٿا، اهي ڪوڙين اميدن تي خوش، غفلت ۾ رات ڏينهن گذارڻ وارا هئا، پوءِ توهان کي خبر آهي ته رات جي وقت انهن جي گهرن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو عذاب آيو ته صبح جو انهن مان اڪثر پنهنجي گهرن ۾ منهن پر اونڌا رهجي ويا ۽ انهن مان جيڪي بچي ويا اهي الله عَزَّوَجَلَّ جي عذاب، ان جي نعمتن جي زوال ۽ هلاڪت ۾ مبتلا ٿيڻ وارن جا ڪِريل گهرن جا آثار ڏسندا رهجي ويا، هن ۾ نشاني آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي درد ناڪ عذاب کان ڊڄن ٿا ۽ عبرت آهي انهن جي لاءِ جيڪي دل ۾ خدا جو خوف رکن ٿا، ۽ هاڻي انهن کان پوءِ اوهان جي مدت تمام ٿوري آهي ۽ دنيا عارضي آهي ۽ اهڙو زمانو اچي ويو آهي جو نه عفو و درگذر آهي ۽ نه نرمي بلڪ بُرائي جي گپ، باقي رهيل رنج ۽ غم، عبرت ناڪ هولناڪيون، بڇيل سزائن جا اثرات، فِتنن جا سيلاب، لڳاتار زلزلا ۽ بدترين جانشينن جو دؤر جاري آهي. انهن جي برائين جي ڪري پاڻيءَ ۽ خشڪي ۾ خرابي ظاهر ٿي آهي، پوءِ اوهان انهن وانگر نه ٿجو جنهن کي وڏين اميدن ۽ وڏين مدتن دوکي ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۽ اهي خواهشات جا پيروڪار بڻجي ويا آهن. اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان سوال ڪيون ٿا ته اسان کي ۽ توهان کي انهن ماڻهن مان ڪري جيڪي پنهنجي نذر (يعني منت) جي حفاظت ڪندي ان کي پورو ڪندا آهن ۽ پنهنجي (حقيقي) نڪاڻي کي ڄاڻي پاڻ کي تيار رکندا آهن . (تاريخ دمشق لابن عساکر ج 35 ص 208 رقم 3907)

موت ٹھہری آنیوالی آئیگی جان ٹھہری جانے والی جائیگی
رُوح رَگ رَگ سے نکالی جائے گی تجھ پہ اِک دن خاک ڈالی جائے گی

قبر میں میّت اُترنی ہے ضرور
جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضرور

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## امام اَوزاعي ڪير هئا؟

مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا امام عبدالرَّحمٰن اوزاعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي جنهن جو رقت انگيز بيان هينئر پڙهو، اهي جيد عالم، زبردست مفتي ۽ ملڪِ شام جا تمام وڏا امام گذريا آهن، پاڻ ستر هزار فتويٰ ڏنا، تبع تابعين مان هئا، ولادت با سعادت 88 ھ ۾ وفات شريف ربيع النور 157ھ ۾ ٿي. (حياة الحيوان ج 1 ص 198)

## خواب ۾ ربّ جون ڪرم نوازيون

مدينه

حضرت سيدنا امام اوزاعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: مون هڪ ڀيري رب تعاليٰ جو خواب ۾ ديدار ڪيو، اللهُ عَزَّوَجَلَّ فرمايو: اي عبدالرحمٰن! تون ئي نيڪي جي دعوت ڏين ٿو ۽ برائي کان روڪين ٿو؟ مون عرض ڪيو: جي ها، منهنجا پاڪ پيارا پروردگار عَزَّوَجَلَّ تنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ان جي توفيق ملي آهي، منهنجا مولیٰ! مون کي دنيا مان ايمان تي اُتارجان، ان تي الله تعاليٰ فرمايو: سنت تي به.

(حلية الاولياء ج 6 ص 153 رقم 8131)

## وفات جو عجيب واقعو

مدينه

حضرت سيدنا امام اوزاعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي بيروت ۾ رهندا هئا، هڪ ڀيري بيروت جي حَمّام ۾ داخل ٿيا تہ حَمّام جو مالڪ بي خيالي ۾ دروازو ٻاهر کان بند ڪري هليو ويو، ڪجھ ڏينهن کان پوءِ اچي جڏهن ان حَمّام جو دروازو کوليو تہ حضرت سيدنا امام اوزاعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي ساڄو هٿ ڳل تي رکي قبلي ڏانهن منهن ڪري ليٽيا پيا هئا ۽ سندن جو روح قَفسِ عُنصُري مان پرواز ڪري ويو هو. (ابن عساکر ج 35 ص 222) اللهُ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سرکارِ مدینہ کی سنّت پہ جو چلتے ہیں
اللہ کے وہ بندے زندہ ہیں مزاروں میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شرابي آيو مؤذِّن بڻجي ويو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! زندگي جو مقصد سمجھڻ، ان کي حاصل ڪرڻ، موت جي تياري جو ذهن بڻائڻ ۽ شريعت جي دائري ۾ رهي دنيا سان گڏوگڏ پنهنجي آخرت سنوارڻ جو جذبو پائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، ڏسو ته سهي! دعوت اسلامي جو مدني ماحول ڪهڙن ڪهڙن بگڙيل انسانن کي سڌاري ڇڏي ٿو! سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول جي صحبت سان مالا مال سنتن ڀريو سفر معاشري جي ڊِڪاريلن کي ڪٿان ڪان ڪٿان پهچائي ٿو! جيئن مهاراشٽر (هند) جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي کان پهريان مان گناهن جي مرض ۾ آخري درجي تائين مبتلا ٿي چڪو هئس، سڄي ڏينهن جي مزدوري ڪرڻ کان پوءِ جيڪا رقم ملندي هئي رات جو انهي مان مَعَاذَالله شراب خريد ڪري خوب عياشي ڪندي، گوڙ شور ڪندي، گاريون بڪندي، والدين ۽ پاڙي وارن کي خوب تنگ ڪندو هئس ۽ ان کان علاوه وڏو جواري ۽ بد ترين بي نمازي پڻ هئس، انهيءَ غفلت ۾ منهنجي زندگي جا قيمتي ڏينهن ضايع ٿيندا رهيا، آخرڪار منهنجي مقدر جو ستارو چمڪيو، ٿيو ائين جو خوش قسمتي سان منهنجي ملاقات دعوت اسلامي جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ سان ٿي، انهن انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مدني قافلي ۾ سنتن ڀريي سفر جي ترغيب ڏياري، ان جي مٺين ڳالهين ڪجھ اهڙو اثر ڪيو جو مان انڪار نه ڪري سگهيس ۽ مان هتو هٿ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس، مدني قافلي ۾ عاشقان رسول جي صحبت ملي ۽ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جا شايع ٿيل رسالا به پڙهڻ جي سعادت ملي، جنهن جي هي برڪت ظاهر ٿي جو مون جهڙو پڪو بي نمازي، شرابي ۽ جواري توبه ڪري نه صرف نماز پڙهڻ وارو بڻجي ويو، بلڪ صداءِ مدينه لڳائڻ (يعني فجر جي نماز جي لاءِ مسلمانن کي

جڳائڻ) ۽ ٻين ڪي مدني قافلن جو مسافر بڻائڻ وارو بڻجي ويو، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ منھنجي انفرادي ڪوشش سان (ھي بيان ڏيڻ تائين) 30 اسلامي ڀائر مدني قافلن جا مسافر بڻجي چڪا آھن ۽ ھن وقت مان ھڪ مسجد ۾ مؤذن آھيان ۽ مدني ڪمن جو ڌومون مچائڻ جي ڪوشش ڪري رھيو آھيان.

چھوڑیں مے نوشیاں مت بکیں گالیاں آئیں توبہ کریں قافلے میں چلو
اے شرابی تُو آ، آ جُواری تُو آ چُھوٹیں بد عادتیں قافلے میں چلو
ہوگا لُطفِ خدا، آؤ بھائی دُعا مل کے سارے کریں، قافلے میں چلو (وسائلِ بخشش ص ٦١٠)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪيل مدني بھار جي ذريعي نيڪي جي دعوت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توھان! بي نمازي، شرابي، جواري، ماءُ ڀيءُ جي دل ڏکائڻ وارو ۽ پاڙي وارن کي ستائڻ وارو، گار گند ڪرڻ وارو نادان نوجوان مُبلِّغ دعوت اسلامي جي ”اِنفِرادي ڪوشش“ جي نتيجي ۾ مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو، اتي عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ سنتن ڀريا مدني رسالا ٻڌي توبہ ڪري سنتن جا مدني گل لٽائڻ وارو، صداءِ مدينہ لڳائڻ وارو، مسجد ۾ اذان ڏئي نماز جي لاءِ سڏ ڪرڻ وارو بڻجي ويو ۽ مدني قافلي جو مسافر بڻجي ٻين کي بڻائڻ وارو بڻجي ويو، اي عاشقانِ رسول! ياد رکو! نماز ھر عاقِل بالِغ مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض آھي، نماز ادا ڪرڻ وارو جنت جو مستحق آھي جڏھن تہ بنا عذر جي ھڪ وقت جي نماز بہ جيڪو قضا ڪرڻ وارو آھي اھو ھزارين سال جي عذابِ نار جو حقدار آھي، شرابي ۽ جواري جي لاءِ ٻنھي جھانن ۾ ذلت، خواري، ۽ دوزخ جي خوفناڪ سزائن جي حَقداري آھي، ماءُ ڀيءُ کي ڏُک ڏيڻ واري کي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شبِ مِعراج ھن حال ۾ ملاحظہ فرمايو جو اھي باھ جي ٽارين ۾ لٽڪيل ھئا، پاڙي وارن جا تمام گھڻا حق آھن! **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آھي:

اهو جنت ۾ نہ ويندو جنهن جا پاڙي وارا ان جي آفتن ڪان امن ۾ نہ آهن. (مسلم ص 43 حديث 73، (46)) ڪنهن مسلمان کي گار ڏيڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي .

## جيڪو پاڻ کائو، پائيو اهوئي نوڪر کي ڏيو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 246 صفحن تي مشتمل ڪتاب "منتخب حديثيں" صفحي 156 کان 160 تائين گار ڏيڻ ۽ ان تي ندامت وغيره جي باري ۾ ڏنل مضمون مان ڪجھ حصو تَصَرُّف سان پيش ڪجي ٿو، پڙهو ۽ ان مان خوب خوب مدني گل حاصل ڪيو، بخاري شريف ۾ آهي: حضرت سيدنا مَعرُور رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا: مون حضرت سيدنا ابوذر غِفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ سان "رَبَذَه" (نالي جڳھ جيڪا مديني شريف کان ٽي منزل پري آهي) ۾ ملاقات ڪئي، پاڻ ۽ سندن جي غلام کي هڪ ئي جهڙو لباس پاتل هو تہ مون ان جي باري ۾ سوال ڪيو تہ حضرت سيدنا ابوذر غِفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمايو تہ مون هڪ شخص سان جهڳڙو ڪيو ۽ ان جي ماءُ جي حوالي سان بُرو ڳالهايو تہ حضورِ پُرنور، شاهِ غَيُّور صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلم فرمايو تہ اي ابوذر! تو هن جي ماءُ جي باري ۾ بُرا لفظ چيا تون اهڙو ماڻهو آهين جو تنهنجي اندر جاهليت جي خصلت آهي، توهان جا غلام توهان جا (ديني) ڀائر آهن، الله تعالٰي انهن ماڻهن کي توهان جو ماتحت بڻايو آهي تہ جنهن جو ڀاءُ ان جي ماتحت هجي، ان کي گهرجي تہ جيڪو پاڻ کائي ان کي بہ اهو کارائي ۽ جيڪو پاڻ پائي ان کي بہ پارائي ۽ توهان انهن خادمن کي اهڙن ڪمن جي تڪليف نہ ڏيو جيڪا انهن کي لاچار ڪري ڇڏي ۽ جيڪڏهن توهان اهڙي تڪليف ڏيو (يعني ڪا تڪليف وارو ڪم ڏيو) تہ پاڻ بہ ڪم ۾ انهن جي مدد ڪيو.

(صحيح بخاري ج 1 ص 23 حديث 30)

## عظيم الشان ندامت ۽ انوکو ڪفارو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا ابوذر غفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ جنهن شخص کي غلط لفظ چيا اهي حضرت سيدنا بلال حبشي رضی اللہ تعالٰی عنہ آهن، اهي الفاظ مَعَاذَالله ڪا مُرَوَّج (يعني عوام ۾ رائج) گندي گار نہ

هئي، بس ايترو چيائون ته (اي ڪاري ماءُ جا پٽ) حضرت سيدنا بلال حبشي رضی اللہ تعالٰی عنہ جڏهن دربارِ رسالت ۾ ان جي شڪايت ڪئي ته سرڪار مدينه صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم حضرت سيدنا ابوذر غِفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ کي ڇڙٻ ڏني ۽ نصحيت فرمائي، ان ڪان پوءِ حضرت سيدنا ابوذر غِفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ تي ان جو ڪهڙو اثر ٿيو، اهو تمام ڏکائڻ وارو داستان آهي، هن کي پڙهو ۽ خوفِ خدا ۾ لرزي وڃو: دربارِ رسالت جي ملامت پڌي هڪدم حضرت سيدنا ابوذر غِفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ حضرت سيدنا بلال حبشي رضی اللہ تعالٰی عنہ جي خدمت ۾ ندامت سان حاضر ٿيا ۽ يڪدم پنهنجو حسين رخسار (يعني ڳل) زمين تي رکي انتهائي ندامت سان روئيندي ۽ عاجزي سان چيائون: ”اي بلال رضی اللہ تعالٰی عنہ! جيستائين توهان پنهنجي پيرن جي ترين سان منهنجي هن ڳل کي نه لتاڙيندؤ مان ان وقت تائين پنهنجو چهرو هرگز هرگز زمين تان نه کڻندس،“ حضرت سيدنا ابوذر غِفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ جي شديد اِصرار تي مجبور ٿي حضرت سيدنا بلال رضی اللہ تعالٰی عنہ ناچاهيندي پنهنجو قدم سيدنا ابوذر غِفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ جي مبارڪ چهري تي رکي فوراً هٽائي ورتو ۽ حضرت سيدنا ابوذر غِفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ کي معاف ڪري ڇڏيو.

(ارشاد الساري ج 1 ص 197)

## ابوذر غِفاري رضی اللہ عنہ پرهيزگار هئا

حضرت سيدنا علامه قسطلاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّورانِي هن واقعي جي باري اهو به تحرير فرمايو آهي ته حضرت سيدنا ابوذر غِفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ هي عار (يعني غيرت) ڏيارڻ واري ڳالهه حضرت سيدنا بلال حبشي رضی اللہ تعالٰی عنہ جي لاءِ ان وقت چئي جڏهن حضرت سيدنا ابوذر غِفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ کي اهڙن لفظن جي حُرمت (يعني حرام هجڻ) جو عِلم نه هو، نه ته حضرت سيدنا ابوذر غِفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ جهڙي متقي ۽ پرهيزگار کان اهڙي ڳالهه جو تصور به نٿو ڪري سگهجي، انهيءَ ڪري حضور پُرنور صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم صرف اهي لفظ چئي سندن جي سر زنش (يعني ملامت) فرمائي ته ”توهان جي اندر اڃا به جهالت جي عادت باقي آهي،“ ۽ اها زَجر و توبيخ (يعني ڇڙٻ ڇنڀ) به سندن جي بلند مرتبي جي ڪري

تي هئي جو ايڏي وڏي انسان جي زبان مان ايڏي ننڍي ۽ ڪِريل ڳالهہ بہ نہ نڪرڻ گهرجي ها . (ايضاً)

## حضرت سيّدنا ابوذر غِفاري جي اِستِقامت

حضرت سيدنا ابوذر غِفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ نهايت قديمُ الاسلام صحابي آهن، ايستائين جو بعض علماءِ ڪرام رحمہم اللہ السلام جو قول آهي اسلام قبول ڪرڻ ۾ پاهرين (غير حجازي) صحابہ ڪرام علیہم الرضوان ۾ سندن جو پنجون نمبر آهي، پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ جي مسلمان ٿيڻ جو سمورو حال بخاري شريف ۾ تفصيلي لکيل آهي، پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ جي ايماني جذبي جو حال هي هو جو اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن تائين بلند آواز سان روزانو ڪافرن جي هجوم ۾ پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو اعلان فرمائيندا ها ۽ مڪي جا ڪافر سندن تي ڪاهي پوندا ها ۽ ايتري تہ مارڪُٽ ڪندا ها جو پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ رتورت ٿي بيهوش ٿي ويندا ها پر جيئن ئي هوش ايندو هو وري پنهنجي اسلام جو اعلان فرمائيندا ها. ((منتخب حديثين ص 157) **الله عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم

خدایا بحقِ بلال و ابو ذر مجھے دین پر استقامت عطا کر
الٰہی نہ کچھ پوچھنا روزِ محشر مجھے بخش بہرِ بلال و ابو ذر
الٰہی برائے بلال و ابو ذر
مجھے خُلد میں دے جوارِ پیمبر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قيامت جي قريب هڪ خوفناڪ جانور نڪرندو

براءِ ڪرم! نيڪي جي دعوت جي اهميت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو، جڏهن قيامت ويجهو ايندي تہ ماڻهو نيڪي جي دعوت ڇڏي ڏيندا، انهن جي اصلاح جي ڪا اميد باقي نہ رهندي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائنُ العِرفان“ صفحي 712 تي

سيپاري 20 سُوْرَةُ النَّمْل جي آيت نمبر 82 ۾ ربِّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جو فرمان عظيم آهي:

وَ اِذَا وَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ اَخْرَجْنَا لَهُمْ دَآبَّةً مِّنَ الْاَرْضِ تُكَلِّمُهُمْ اَنَّ النَّاسَ كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا لَا يُوْقِنُوْنَ ﴿۸۲﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جڏهن ڳالهہ اچي انهن تي پوندي اسان زمين مان انهن جي واسطي هڪڙو چوپايو ڪينداسين جيڪو ماڻهن سان ڳالهائيندو ان لاءِ تہ ماڻهو اسان جي آيتن تي يقين نہ رکندا هئا.

## ڳالهائڻ وارو عجيب شڪل وارو جانور

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: يعني انهن تي غضبِ الاهي ٿيندو ۽ عذاب واجب ٿي ويندو ۽ حُجت پوري ٿي ويندي، هن طرح جو ماڻهو اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) ڇڏي ڏيندا ۽ انهن جي سُڌرڻ جي ڪا اميد باقي نہ رهندي يعني قيامت ويجهي ٿي ويندي ۽ ان جون نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳنديون ۽ ان وقت توبهہ نفعو نہ ڏيندي. وڌيڪ فرمائن ٿا: ان چوپائي کي دَابَّةُ الْاَرض چوندا آهن. اهو عجيب شڪل وارو جانور هوندو جيڪو صفا جبل (مڪي شريف زادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً ۾ واقع آهي) مان ظاهر ٿي سيني شهرن ۾ تمام جلد ڦرندو، فصاحت سان ڪلام ڪندو، هر هڪ شخص جي پيشاني تي هڪ نشان لڳائيندو. ايمان وارن جي پيشاني تي حضرت موسيٰ عليه السّلام جي عصا سان نوراني ليڪ ڪيندو. ڪافر جي پيشاني تي حضرت سُليمان عليه السّلام جي منڊيءَ سان ڪاري مُهر هڻندو. وڌيڪ فرمائن ٿا : تہ فصيح زبان ۾ چوندو هٰذَا مُؤْمِنٌ وَّ هٰذَا كَافِرٌ يعني هي مومن آهي ۽ هي ڪافر وڌيڪ فرمائن ٿا: يعني قرآن پاڪ تي ايمان نہ آڻيندا هئا جنهن ۾ بعث (يعني قيامت ۾ اٿاريو وڃڻ) حساب عذاب ۽ دَابَّةُ الْاَرض جي نڪرڻ جو بيان آهي.

## جيڪو روئيندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو

مڪي مدني آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوفِ خدا کان روئيندي سُورةُ التَّكَاثُر پڙهڻ جي باري ۾ نهايت دلربا انداز سان نيڪي جي دعوت ارشاد فرمائي، جيئن تہ

حضرت سيدنا جَرير بن عبدالله رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي، نبين جي سروَر، مديني جي تاجوَر، محبوب ربّ اڪبر صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم اسان کي فرمايو: مان توهان جي سامهون سُوْرَةُ التَّكَاثُر پڙهان ٿو توهان مان جيڪو روئيندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو، پوءِ سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم اها (سورة) پڙهي، اسان مان ڪجهہ تہ رنا ۽ ڪجهہ نہ رنا، جيڪي نہ روئي سگهيا انهن عرض ڪيو: يا رسول الله صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم اسان روئڻ جي ڪوشش ڪئي پر روئي نہ سگهياسين، سرڪار نامدار صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم ارشاد فرمايو: مان توهان جي سامهون ٻيهر پڙهان ٿو جيڪو روئيندو ان جي لاءِ جنت آهي ۽ جيڪو نہ روئي سگهي اهو روئڻ وارن جيان شڪل ٺاهي.

(نوادرالاصول ج 1 ص 611 حديث 862)

## قابل رشڪ مدني منو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن روايت ۾ اسان جا مٺا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي نهايت پياري انداز ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو رقت انگيز بيان آهي، هن روايت مان خبر پئي تہ اسان جا آقا صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم الله عزوجل جي عطا سان جنهن کي چاهين جيڪو چاهين عنايت فرمائي ڇڏين، تڏهن تہ فرمايو: "جيڪو روئيندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو." هن روايت ۾ قرآن ڪريم جي آخري سيپاري جي 8 آيتن تي مشتمل سُوْرَةُ التَّكَاثُر جو ذڪر آهي، جنهن جي پڙهڻ واري کي هڪ هزار آيتون پڙهڻ جو ثواب ملندو آهي، هن ۾ قبر، آخرت ۽ جهنم جو نهايت پُر اثر بيان آهي، ڪاش! اسان ڪنزالايمان مان هن جو ترجمو ذهن نشين ڪري وٺون ۽ جڏهن بہ هي سورت پڙهون يا ٻڌون خوفِ خدا مان روئڻ نصيب ٿي وڃي، اچو! هن سورت جي حوالي سان هڪ اهڙي مدني مني جي پُر سوز حڪايت ٻڌون ٿا، جنهن عملي طور خوف خدا پري نيڪي جي دعوت ڏئي هر هڪ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو! هڪ بزرگ ڪنهن مدرسي جي ٻاهران هڪ مدني مني کي ڏٺو جيڪو روئي رهيو هو، اِستِفسار (يعني پڇڻ) تي مدني مني ٻڌايو، اسان جي استاد صاحب اڄ سبق ۾ جيڪا تختي تي ڪجهہ آيتون

لڪرائيون آهن، اهي مون کي روئاري رهيون آهن، اهو چوندي ان تختي سامهون ڪئي ان تي لکيل هو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡهٰكُمُ التَّكَاثُرُ ۙ﴿۱﴾ حَتّٰى زُرۡتُمُ الۡمَقَابِرَ ؕ﴿۲﴾ كَلَّا سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ۙ﴿۳﴾ ثُمَّ كَلَّا سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ؕ﴿۴﴾ كَلَّا لَوۡ تَعۡلَمُوۡنَ عِلۡمَ الۡيَقِيۡنِ ؕ﴿۵﴾ (پ۳۰، التكاثر:۱تا۵)

**ترجمو ڪنزالايمان:** الله نهايت مهربان ٻاجهاري جي نالي سان (شروع). توهان کي غافل ڪيو زياده مال طلبي ايتري تائين جو توهان قبرن جو مُنهن ڏٺو. هائو هائو جلدي معلوم ڪري وٺندؤ پوءِ پڪ جلدي ڄاڻي وٺندؤ. هائو هائو جيڪڏهن يقيني ڄاڻو ها تہ مال جي محبت نہ رکو ها.

مدني منو لاڳيتو روئي رهيو هو، اهي بزرگ ان جي اها رقت ڏسي بيحد متاثر ٿيا، ۽ فرمائڻ لڳا پٽ! هن سورت جو سبق اجا هتي تائين پورو ناهي ٿيو بلڪ اڳتي بہ آهي، جيڪو شايد تو کي سيکاريو نہ ويو هجي، اهو چوڻ کان پوءِ انهن سُوۡرَةُ التَّكَاثُر جون باقي آيتون بہ پڙهي ٻڌايون جيڪي هي آهن:

لَتَرَوُنَّ الۡجَحِيۡمَ ۙ﴿۶﴾ ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيۡنَ الۡيَقِيۡنِ ۙ﴿۷﴾ ثُمَّ لَتُسۡئَلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيۡمِ ﴿۸﴾ (پ۳۰، التكاثر:٦تا٨)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ ضرور جهنم کي ڏسندؤ. پوءِ بيشڪ ضرور ان کي يقيني ڏسڻ ڏسندؤ. پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي پڇا ٿيندي.

مدني منو جهنم جو تذڪرو ٻڌي خوفزده ٿي ڏڪندي ڪري پيو ۽ تڙپڻ لڳو ڦٿڪندي ڦٿڪندي ٿڌو ٿي ويو، ان جو استاد يڪدم آيو ۽ ان بزرگ کي پڪڙي ورتو! ماڻهو جمع ٿي ويا، مرحوم مدني مني جا ماءُ پيءُ بہ اچي پهتا، ان بزرگ کي عدالت ۾ بطور قاتل پيش ڪيو ويو، قاضي صاحب ان بزرگ کان صفائي طلب ڪئي تہ انهن سڄو واقعو بيان ڪيو، اهو ٻڌي قاضي صاحب فرمايو: هي مدني منو نهايت سعادت مند ۽ خوف الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي تلوار سان شهيد ٿيو، ان بزرگ کي باعزت بري ڪيو

ويو. (ملخص از نزهة المجالس ج 2 ص 94) الله عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلّى الله تعالى عليه واٰله وسلّم

مَدَنی مُنّے کے خوفِ خدا پرفِدا، سُنتے ہی آیتیں ڈھیر جو ہوگیا
کاش ! مل جائے مجھ کوبھی ایسی وِلا، میرے مرنے کا باعث ہو خوفِ خُدا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## آقا صلّى الله تعالى عليه واٰله وسلّم روئيندي نيڪي جي دعوت ڏني

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صلّى الله تعالى عليه واٰله وسلّم جي خوف خدا ۾ روئيندي نيڪي جي دعوت ارشاد فرمائڻ جي هڪ رقت انگيز روايت ملاحظہ فرمايو جيئن "ابن ماجہ" جي حديث پاڪ ۾ آهي: حضرت سيدنا بَراء بن عازب رضي الله تعالى عنه فرمائن ٿا تہ اسان سرڪار مدينہ صلّى الله تعالى عليه واٰله وسلّم سان گڏ هڪ جنازي ۾ شريڪ هئاسين، پاڻ صلّى الله تعالى عليه واٰله وسلّم قبر جي ڪناري ويٺا ۽ ايترو رنا جو سندن جون چشمانِ اقدس (يعني اکين مبارڪ) مان نڪرڻ وارن ڳوڙهن سان مٽي نم (يعني آلي) ٿي وئي، پوءِ فرمايائون: هن (قبر) جي تياري ڪيو.
(سنن ابن ماجه ج 4 ص 466 حديث 4195)

## قبر کي ڏسي حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعالى عنه روئيندا هئا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان اسان جا مٺا مٺا آقا، مدني مصطفيٰ صلّى الله تعالى عليه واٰله وسلّم خوفِ خدا سان روئيندي نيڪي جي دعوت ارشاد فرمائي، منهنجا مٺا مٺا آقا صلّى الله تعالى عليه واٰله وسلّم قبر ۽ حشر جي معاملات ۾ هر طرح جي عذاب کان يقيني ۽ قطعي طور محفوظ هجڻ باوجود قبر جي حالات جي حقيقي مَعرِفت (يعني ڄاڻ) جي ڪري خدا عزوجل جي خوف سبب ان جي تذڪري تي روئي پيا، اميرالمُؤمِنِين ذُوالنُّورين، جامع القرآن حضرت سيدنا عثمان بن عفان رضي الله تعالى عنه قطعي جنتي هجڻ جي باوجود قبر جي زيارت جي موقعي تي لُڙڪ نہ روڪي سگهندا هئا، جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 695 صفحن تي

مشتمل ڪتاب ''اللّٰہ والوں کی باتیں'' جلد پهريون صفحي 139 تي آهي: اميرالمؤمنين حضرت سيدنا عثمان غني رضی اللہ تعالٰی عنہ جا غلام (حضرت سيدنا) هاني (رضی اللہ تعالٰی عنہ) فرمائن ٿا ته اميرالمُؤمِنِين حضرت سيدنا عثمان غني رضی اللہ تعالٰی عنہ جڏهن ڪنهن قبر جي ويجهو بيهندا هئا ته ايترو ته روئيندا ها جو سندن جي ڏاڙهي مبارڪ تر (يعني آلي) ٿي ويندي هئي. (ترمذي ج 4 ص 138 حديث 2315) المواعظ العصفوريه ۾ هن حڪايت ڪي ڪجھ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان ۾ ڪجھ ائين به آهي ته جڏهن حضرت سيدنا عثمان غني رضی اللہ تعالٰی عنہ کان قبر کي ڏسي گهڻو روئڻ جو سبب پڇيو ويو ته ارشاد فرمايائون: مون کي پنهنجي اڪيلائي ياد ايندي آهي ڇوته قبر ۾ مون سان گڏ ماڻهن مان ڪو به نه هوندو (پوءِ نيڪي جي دعوت جا مدني گل عنايت ڪندي) فرمايائون: جنهن جي لاءِ ان جي دنيا قيد خانو آهي، ان جي لاءِ ان جي قبر جنت، ۽ جنهن جي لاءِ ان جي دنيا جنت آهي ان جي لاءِ ان جي قبر قيد خانو آهي، جنهن لاءِ هي زندگي بطور قيد هئي موت ان جي لاءِ آزادي جو پيغام آهي، جنهن دنيا ۾ نفساني خواهشن کي ترڪ ڪيو اهو آخرت ۾ پورو پورو حصو ماڻيندو، بهتر شخص اهو آهي جيڪو ان کان پهريان جو دنيا ان کي ڇڏي ڏي اهو پاڻ دنيا کي ترڪ ڪري (يعني ڇڏي) ڇڪو هجي ۽ پنهنجي پروردگار عزّوجلّ سان ملڻ کان پهرين هو ان عزّوجلّ سان راضي ٿي ويو هجي، هر شخص جي قبر جو معاملو ان جي دنياوي زندگي جي مطابق آهي يعني نيڪين ۾ زندگي گذاري ته قبر ۾ راحتون ۽ جيڪڏهن بدي ڪندي مئو ته هلاڪت ئي هلاڪت. (موعظه حسنه ص 61-62)

## ڪنهن جي قبر باغ ۽ ڪنهن جي قبر ۾ باهه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه عزّوجلّ جا نيڪ ٻانها قبر جي اندرئين حالتن تي خوب غور فرمائيندا هئا ۽ افسوس! اسان ڪئي ڀيرا قبرون ڏسون ٿا پر عبرت نٿا حاصل ڪيون، ڪاش! اسان به سنجيدگي سان غور ڪرڻ وارا ٻڻجون، ٻاهر کان بظاهر هڪ جهڙيون نظر ايندڙ قبرون اندر کان هڪ جهڙيون نه هونديون آهن،

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم: جنهن مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

ڪنهن جي قبر ته اندر ۾ گلِ گلزار ۽ باغ و بهار هوندي آهي جڏهن ته ڪنهن جي قبر ۾ ڀڙڪندڙ باهه هوندي آهي ۽ اها قبر نانگ وڇوئن جي ڪَڏ هوندي آهي ۽ اهو به ياد رهي! قبر ۾ عقل سلامت رهندو، تنهنڪري جيڪي نيڪ ٻانها ايمان سلامت وٺي الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا تي دنيا مان رخصت ٿيندا آهن، اهي وفات ڪان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڪي حاصل ڪندا آهن ۽ انهن جا مزا ئي مزا هوندا آهن پر گناهن ڀري زندگي گذاري ڪري الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي سان جيڪي ماڻهو مرندا ۽ قبر ۾ لهندا آهن، انهن جي بس شامت اچي ويندي آهي، جيئن ته عقل ۽ هوش سڀ سلامت هوندا آهن تنهن ڪري مرڻ واري ڪي قبر ۾ سڀ ڪجهه سمجهه ۾ اچي رهيو هوندو آهي، ڏسڻ ٻڌڻ جي قوت ختم ته ڇا ٿيندي بلڪ وڌي ويندي آهي، ۽ مردو گهڻو ڪجهه ڏسي ۽ ٻڌي رهيو هوندو آهي، ان جا دوست احباب، مِٽ مائٽ دفن ڪرڻ ڪان پوءِ انهن ڪي واپس ويندي صاف صاف نظر ايندا پيا آهن، ايستائين جو انهن جي قدمن جو آواز به ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.

## قبر جي تنهائي مدينه

صرف ايترو سوچيو ته گناهن جي سبب قبر ۾ بالفرض ٻيو ڪو عذاب نه به ٿئي صرف اهو معاملو هجي جو بس اٺين ئي ماڻهو گهپ اونداهي قبر ۾ اڪيلو بند ٿي رهي، خدا جو قسم! ان ۾ به تمام گهڻي عبرت آهي، سوچيو ته سهي! ان جو وقت ڪيئن پاس ٿيندو ۽ قبر جي اهڙي خوفناڪ اونداهي ۽ اڪيلائي واري وحشت ڀري هوش ربا ماحول ۾ گنهگار انسان تي ڇا گذرندي! ان جو هر با شعور انسان اندازو لڳائي سگهي ٿو. هي ته صرف احساس ڏيارڻ جي لاءِ عرض ڪيو آهي نه ته قبر جا اهڙا اهڙا عذاب نقل ڪيا ويا آهن جن ڪي ٻڌي انسان جا وار اڀا ٿي وڃن. جيئن حضرت سيدنا مَسروق عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القدوس ڪان روايت آهي: جيڪو شخص چوري يا شراب خوري يا زنا ۾ مبتلا ٿي مرندو آهي ان تي به نانگ مقرر ڪيا ويندا آهن جيڪي ان جو گوشت پٽي ڪري

ڪانئيندا رهندا آهن. (ڪتاب ذڪر الموت مع موسوعه امام ابن ابي الدنيا ج 5 ص 476 رقم 257) صرف ايترو ئي غور فرمايو جو صرف هڪ نماز ترڪ ڪرڻ يا هڪ پيري ڪوڙ ڳالهائڻ يا هڪ پيري غيبت ڪرڻ جي سبب يا بدنگاهي جي ڪري يا هڪ پيرو گانو ٻڌڻ يا فلم ڏسڻ يا هڪ گار ڏيڻ يا هڪ پيرو ڪاوڙ ۾ بنا اجازت شرعي ڪنهن کي دڙڪا ڏيڻ يا هڪ پيرو ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي سزا ۾ جيڪڏهن پڪڙي ڪري تنگ قبر جي اندر گهپ اونداهي ۽ خوفناڪ تنهائي ۾ رکيو وڃي تہ ڇا گذرندي! يقيناً خائِفِين (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ وارن) جي لاءِ هي تصور ئي ڏڪائڻ وارو آهي. هي تہ صرف دنياوي تصور آهي نہ تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي جي صورت ۾ مرڻ کان پوءِ جن قبر جي عذابن کي منهن ڏيڻو پوندو اهي ڪير برداشت ڪري سگهندو! "حِليةُ الاولياء" ۾ روايت آهي: "جڏهن انسان قبر ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ان کي ڊيڄارڻ جي لاءِ اهي تمام شيون اچي وينديون آهن جن کان هو دنيا ۾ ڊڄندو هو ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان نہ ڊڄندو هو." (حلية الاولياء ج 10 ص 12 رقم 14318) اسان قبر ۽ جهنم جي عذاب کان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهرون ٿا.

کر لے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی (وسائل بخشش ص667)

## تنهنجي جواني ڪٿي توڪي دوکي ۾ نہ وجهي!

مشهور ولي اللّٰه حضرت سيدنا منصور بن عمّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الغَفَّار هڪ نوجوان تي انفرادي ڪوشش ڪري ان کي نيڪي جي دعوت ڏيندي فرمايائون:

اي نوجوان! تو کي تنهنجي جواني دوکي ۾ نہ وجهي، ڪئي نوجوانن توبہ ۾ دير ڪري ڇڏي، ڊگهي اميد رکي، موت کي ياد نہ ڪيو، ۽ چيائون: مان سڀاڻي يا ٻئي ڏينهن توبہ ڪندس، اهي توبہ کان غافل رهيا، آخر قبر جي پيٽ ۾ هليا ويا. انهن کي مال، غلام، ماءُ پيءُ ۽ اولاد ڪجهہ نفعو نہ ڏنو جيئن قرآن ڪريم ۾ سيپاري 19 سُوْرَةُ الشُّعَرَآء جي آيت نمبر 88 کان 89 ۾ ارشاد آهي:

يَوۡمَ لَا يَنۡفَعُ مَالٌ وَّ لَا بَنُوۡنَ ﴿٨٨﴾ اِلَّا مَنۡ اَتَى اللّٰهَ بِقَلۡبٍ سَلِيۡمٍ ﴿٨٩﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: جنهن ڏينهن نہ مال ڪم ايندؤ نہ پٽَ. مگر جيڪو الله جي حضور حاضر ٿيو سلامت رهيل دل کڻي.

ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے　مکیں ہو گئے لا مکاں کیسے کیسے
ہوئے نامْوَر بے نشاں کیسے کیسے　زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قلبِ سليم چا کي چئبو آهي

**مٺاما اسلامي ڀائرو!** ”قلبِ سليم“ يعني سلامت دل، هن سان مراد دل جو بد عقيدگين کان پاڪ هجڻ، صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آباديعَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي هن آيت جي تحت فرمائن ٿا: جيڪو شِرڪ، ڪفر ۽ نِفاق کان پاڪ هجي تنهن کي سندس مال بہ نفعو ڏيندو جيڪو راهِ خدا ۾ خرچ ڪيو هجي، ۽ اولاد بہ صالح (يعني نيڪ) هجي جيئن تہ حديث شريف ۾ آهي تہ جڏهن ماڻهو مرندو آهي تڏهن ان جا عمل مُنقَطَع ٿي (يعني رڪجي) ويندا آهن سواءِ ٽن عملن جي هڪ صدقہءِ جاريہ، ٻيو اهو مال جنهن کان ماڻهو نفعو حاصل ڪن، ٽيون نيڪ اولاد جيڪا ان لاءِ دعا گهري.

(مسلم ص 886 حديث 1631، خزائن العرفان ص 593)

میزاں پہ سب کھڑے ہیں اعمال تُل رہے ہیں
رکھ لو بھرم خدارا عطّار قادری کا　(وسائلِ بخشش ص۱۹۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پنجن سان محبت ۽ پنجن کان غفلت

غفلت کان بيدار ڪرڻ واري نيڪي جي دعوت تي مشتمل پنج مدني گل ملاحظ فرمايو، فرمانِ مصطفيٰصَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: سَيَأْتِيْ زَمَانٌ عَلٰی اُمَّتِیْ يُحِبُّوْنَ خَمْسًا وَ يَنْسَوْنَ خَمْسًا۔

منهنجي امت تي اهو زمانو جلد ايندو جو اهي پنجن سان محبت رکندا ۽ پنج کي وساري ڇڏيندا: ﴿1﴾يُحِبُّوْنَ الدُّنْيَاوَيَنْسَوْنَ الاٰخِرَةَ دنيا سان محبت رکندا آخرت کي وساري ڇڏيندا ﴿2﴾وَيُحِبُّوْنَ الْمَالَ وَ يَنْسَوْنَ الْحِسَابَ مال سان محبت رکندا ۽ حساب کي وساري ڇڏيندا ﴿3﴾وَيُحِبُّوْنَ الْخَلْقَ وَيَنْسَوْنَ الْخَالِقَ مخلوق سان محبت رکندا خالق کي وساري ڇڏيندا ﴿4﴾وَيُحِبُّوْنَ الذُّنُوْبَ وَيَنْسَوْنَ التَّوْبَةَ گناهن سان محبت رکندا ۽ توبه کي وساري ڇڏيندا ﴿5﴾وَ يُحِبُّوْنَ الْقُصُوْرَ وَيَنْسَوْنَ الْمَقْبَرَةَ محلات سان محبت رکندا ۽ قبرستان کي وساري ڇڏيندا. (مڪاشفة القلوب ص 34)

وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی | جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اجل بھی
بس اب اپنے اِس جہل سے تو نکل بھی | یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڳائڻ وڄائڻ کان توبه نصيب ٿي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ، دل ۾ خوفِ خدا جڳائڻ، ايمان جي حفاظت جو جذبو وڌائڻ، موت جو تصور ڄمائڻ، پاڻ کي عذابِ قبر ۽ جهنم کان ڊيڄارڻ، گناهن جي عادت مٽائڻ، پنهنجو پاڻ کي سنت جو پابند بڻائڻ، دل ۾ عشق رسول جي شمع روشن ڪرڻ ۽ جنّتُ الفِردوس ۾ مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو حاصل ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سنتن ڀريو سفر ڪندا رهو ۽ فڪر مدينه جي ذريعي روزانو مدني انعامات جو رسالو پُر ڪري هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ گهرجي، اچو اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان: بابُ الاسلام (سنڌ) حيدرآباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير

فرمانِ مُصطفٰے صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم: جيڪو مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود شريف پڙهيوان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

جو خلاصو آهي تہ مان دنيا جي رنگينين ۾ زندگي گذارڻ وارو هڪ آواره نوجوان هئس، نمازن کي گهڻو پري سنتن کان محروم هئس، دنيا جون بيشمار نہ وڻندڙ حرڪتون جيئن ڳائڻ وڄائڻ فلمن ڊرامن وغيره وغيره جو عادي هيس، منهنجي مدني ماحول ۾ اچڻ جو سبب ائين ٿيو جو خوش قسمتي سان رَمَضانُ المُبارَڪ 1429ھ بمطابق 2008ع ۾ مدني چينل جو آغاز ٿيو ۽ ڪيبل تي ان جا مدني سلسلا جاري ٿيا، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان مون ان سلسلن کي ڏٺو تہ مون کي تمام سٺا لڳا، هاڻي مان اڪثر ڪري مدني چينل ڏسڻ لڳس، هڪ ڀيري مدني چينل تي سنتن ڀريو بيان "ڪارا وڇون" ٻڌڻ جي سعادت نصيب ٿي، مان خوفِ خدا ۾ ڊڄي ويس، ۽ مون هٿو هٿ پنهنجي چهري تي ڏاڙهي سجائڻ جي نيت ڪري ورتي ۽ مدني چينل تي جڏهن "ڳالهين جا 35 ڪفريہ ڪلمات" نالي بيان ٻڌو تہ مون گهبرائي هٿو هٿ ڳالهين ٻڌڻ کان بہ توبہ ڪئي، مدني چينل تي جڏهن بيعت ڪرائي وئي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مان حضور غوث اعظم سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّورانِي جو مريد ٿي قادري بڻجي ويس، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان باجماعت نماز جي پابندي شروع ڪئي، ۽ وڌيڪ ڪرم هي ٿي ويو تہ هي سٽون لکڻ وقت عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ (ڪراچي) ۾ دعوت اسلامي تحت ٿيڻ واري رَمَضانُ المُبارَڪ جي 30 ڏينهن جي سنتن ڀري اعتڪاف ۾ شريڪ آهيان.

مَدَنی چینل سنّتوں کی لائیگا گھر گھر بہار ‏ ‏ مَدَنی چینل سے ہمیں کیوں والہانہ ہو نہ پیار
اے گناہوں کے مریضو! چاہتے ہو گر شِفا ‏ ‏ آن کرتے ہی رہو تم مَدَنی چینل کو سدا
اِس میں عصیاں سے حفاظت کا بہت سامان ہے ‏ ‏ اِن شاءَ اللّٰہ خُلد میں بھی داخِلہ آسان ہے (وسائلِ بخشش ص۶۰۵۔۶۰۶)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! ‏ ‏ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت ڏيندي خوف خدا سبب روئي ڏنو

اسان جا بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين "نيڪي جي دعوت" ڏيڻ جو ڪو موقعو هٿان نہ وڃائيندا هئا، جيڪڏهن واٽ تي هلندي بہ، بلڪ سفر

جي دوران بہ موقعو ملندو هو تہ ”نيڪي جي دعوت“ ارشاد فرمائيندا هئا جيئن حضرت سيدنا ابراهيم بن بَشار علیہ رحمۃ اللہ الغفار فرمائن ٿا تہ مان فَسَوي علیہ رحمۃ اللہ القوي سان گڏ ملڪ شام ڏانهن وڃي رهيو هئس تہ راهہ ۾ هڪ شخص سندن جي سامهون آيو ۽ سلام ڪرڻ کان پوءِ عرض ڪرڻ لڳو: اي ابو يوسف! مون کي ڪجهہ نصيحت فرمايو، اهو ٻڌي پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ روئي پيا ۽ (نيڪي جي دعوت پيش ڪندي) فرمايائون: اي ڀاءُ بيشڪ ڏينهن رات جو جلدي جلدي اچڻ وڃڻ، اوهان جي بدن جو ڳرڻ، عمر جي ختم ٿيڻ، ۽ هر دم موت جي ويجهو ٿيڻ جي خبر ڏئي رهيو آهي، انهيءَ ڪري منهنجا ڀاءُ! اوهان  کي ان وقت تائين هر گز مطمئن ٿي نہ ويهڻ گهرجي جيستائين خير جي خاتمي جي خبر نہ پئي، ۽ اها خبر نہ پوي جو جنت ۾ وڃڻو آهي يا جهنم نڪاڻو آهي؟ ۽ هي خبر نہ پوي جو توهان جو پروردگار عزوجل اوهان جي گناهن ۽ غفلتن جي ڪري ناراض آهي يا پنهنجي فضل ۽ ڪرم سبب توهان سان راضي آهي. اي ڪمزور انسان! پنهنجي اوقات نہ وسار! توهان جي ابتدا هڪ ”ناپاڪ قطرو“ آهي جڏهن تہ انجام سڙيل مُردو، جيڪڏهن اجا هي نصيحت سمجهہ ۾ نہ اچي رهي آهي تہ جلد ئي سمجهہ ۾ اچي ويندي جنهن وقت اوهان قبر ۾ ويندو، اتي گناهن تي ندامت تہ ٿيندي پر ڪم نہ ڏيندي، اهو فرمائي پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ روئڻ لڳا ۽ اهو شخص بہ متاثر ٿي روئڻ لڳو، راوي چون ٿا: انهن ٻنهي کي ڏسي مان بہ روئڻ لڳس ۽ ايستائين جو اهي ٻئي بيهوش ٿي ڪري پيا. (ذم الهوي 437 ملخصاً)

مجھے بھی توبہ کی توفیق دیدے ۔۔۔ پئے تاجدارِ حرم یاالٰہی
جو ناراض تُو ہو گیا تو کہیں کا ۔۔۔ رہوں گا نہ تیری قسم یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص۸۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**ڪنهن کي روئيندو ڏسو تہ روئي پئو** مدينہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اسان جي بزرگان دين رحمہم اللہ المبین جو خوف خدا! جو ڪڏهن ڪڏهن نيڪي جي دعوت ڏيندي انهن کي خوف خدا جي ڪري روئڻ اچي

فرمانِ مُصطفٰی صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ويندو هو، اڄ بہ جيڪڏهن نيڪي جي دعوت ڏيندي ڪو خوفِ خدا سبب روئي پوي، روئيندي بيان ڪري، روئي روئي دعا ڪري، تلاوتِ قرآن يا نعت شريف پڙهي روئي پوي تہ هي ان جي لاءِ وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي، ان کي رياڪار سمجهندي ان تي هرگز بدگماني نہ ڪئي وڃي جو مسلمان تي بدگماني ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، پين تي بدگماني ڪري پنهنجي دل جلائڻ واري پاڻ جي بربادي آهي، حضرت سيدنا مَكحُول دِمَشقي علیہ رحمۃ اللہ القوی فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن کي روئيندو ڏسو تہ توهان بہ روئي پئو ۽ ان کي رياڪار نہ سمجهو، مون هڪ ڀيري ڪنهن روئڻ واري شخص کي رياڪار تصور ڪيو تہ هڪ سال تائين روئڻ کان محروم رهيس. (تنبيه المغترين ص 107)

ياد نبي ميں رونے والا ہم ديوانوں کو

لاکھ پرايا ہو وہ پھر بھی اپنا لگتا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رياڪار بيوقوفن جو سردار آهي

ڪنهن کي دعا وغيره ۾ روئيندو ڏسي بغير واضح قريني جي ان کي رياڪار سمجهڻ وارو بيشڪ گنهگار ۽ نار جهنم جو حقدار آهي، البت روئڻ واري کي پاڻ (مدينه) 112 ڀيرا غور ڪرڻ گهرجي تہ اهو ڇا جي ڪري روئي رهيو آهي! جيڪڏهن ريا (يعني ڏيکاءُ) جو شبهو بہ هجي تہ جيستائين اصلاح نہ ٿئي روئڻ کان بچي، يقيناً رياڪار بيوقوفن جو سردار آهي جو ڪنهن انسان کي پنهنجي ذات سان متاثر ڪرڻ، ان جي طرفان تعريفي جملا ٻڌڻ جي عارضي لذت حاصل ڪرڻ، پنهنجي پاڻ کي ان جي نظر ۾ نيڪ ڀانئو ٻڌڻ جي تمنا ڪرڻ تہ جيئن اهو ان جي طرف نگاهِ تَحسِين (يعني پسنديدگي جي نظر) سان ڏسي ۽ هي دل ئي دل ۾ لُطف اندوز ٿئي ۽ صرف معمولي لذت جي لاءِ ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ملڻ واري عظيم الشان انعامات کي داءُ تي لڳائي ڇڏي ٿو ۽ ان جي محرومي جي انتها دنيا ۾ بہ هي آهي

جو هن بدنصيب رياڪار کي ٻہ خبر نہ ٿي پوي جو ڏيکاءُ ڪري جنهن جي نظر ۾ نيڪ بڻجڻ چاهيو ٿي اهو بہ متاثر ٿيو آهي يا نہ! فرض ڪريو اهو متاثر ٿيو بہ آهي ۽ ان پٺ پويان ان جي تعريف بہ ڪئي تڏهن بہ عام طور تي پنهنجي باري ۾ تعريفي الفاظ ٻڌڻ گهٽ ئي ڪنهن کي نصيب ٿيندا آهن! ۽ جيڪڏهن ڪنهن منهن تي واکاڻ ڪري بہ ڇڏي تہ هلاڪت ۾ اضافو ئي ٿيندو، يقين مڃو! جيڪڏهن ڪنهن آه و زاري ڪرڻ يا روئڻ واري يا عبادت جو اظهار ڪرڻ واري جي باري ۾ ماڻهن کي خبر پئي تہ هي رياڪاري ڪري رهيو آهي پوءِ تہ ان کان نيڪ ٺاڪ بدظن ٿيندا تہ هاڻي غور ڪري جو الله عَزَّوَجَلَّ کي سڀ ڪجهہ خبر آهي اهڙي صورت ۾ ان جي ناراضگي ڪيڏي نہ شديد هوندي!

آج بنتا ہوں معزز جو کھلے حشر میں عیب
ہائے رُسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یاربّ (وسائلِ بخشش ص91)

## اعمال ضايع ٿي ويندا آهن

مدينه

رياڪاري کان بچڻ ۽ بچائڻ جي جذبي کي وڌائڻ جي نيت سان هن ضمن ۾ بطور "نيڪي جي دعوت" ڪجهہ آيتون ۽ روايتون بيان ڪيون وڃن ٿيون، يقيناً دنيا کي آخرت تي ترجيح ڏيڻ وارن نادان رياڪارن جي عمل جو ثواب ضايع ٿي ويندو آهي جيئن تہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن "ڪنزالايمان مع خزائن العرفان" صفحي 418 کان 419 تي سيپاري 12 سُوْرَةُ هُوْد جي آيت نمبر 15 ۾ ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد عبرت بنياد آهي:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيْهِمْ اَعْمَالَهُمْ فِيْهَا وَ هُمْ فِيْهَا لَا يُبْخَسُوْنَ ﴿۱۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** جيڪو دُنيا جي زندگي ۽ سينگار طلبيندو هجي اسان ان ۾ انهن کي پورو پورو ڦل ڏينداسين. ۽ ان ۾ ڪا بہ ڪمي نہ ٿيندي.

حضرت سيدنا ابن عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہما هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا تہ رياڪارن

ڪي دنيا ۾ ئي انهن جي نيڪين جو بدلو ڏنو ويندو آهي ۽ انهن تي ذري برابر ظلم ناهي ڪيو ويندو. (تفسير طبري ج 7 ص 13)

رياكاريوں سے بچا ياالٰہی
بنا مجھ کو مُخلِص بنا ياالٰہی

## ريا وارو عمل قبول ناهي ٿيندو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 166 صفحن تي مشتمل ڪتاب "رياڪارى" صفحي 16 تي آهي: تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مَخزنِ جود و سخاوت، پيڪر عظمت و شرافت، محسن انسانيت صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلم ارشاد فرمايو: اللّٰه عزوجل انهيءَ عمل کي قبول ناهي ڪندو جنهن ۾ رائي جي داڻي برابر بہ ريا (يعني ڏيکاءُ) هجي. (الترغيب والترهيب ج 1 ص 36 حديث 27)

دکھاوے سے مجھ کو الٰہی بچانا
مجھے اپنی رحمت سے مُخلِص بنانا

## رياڪار تي جنت حرام آهي

شهنشاهِ عالميان، مڪي مدني سلطان صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلم جو فرمان عبرت نشان آهي: اللّٰه عزوجل هر رياڪار تي جنت حرام ڪئي آهي. (جمع الجوامع للسيوطي ج 2 ص 242 حديث 5329)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪو ايمان سان دنيا مان لاڏاڻو ڪري، اللّٰه عزوجل چاهي تہ بنا حساب بخشي ڇڏي، جيڪڏهن اهو (عزوجل) چاهي تہ سزا ڏئي جنت ۾ داخل ڪري، تنهنڪري رياڪار تي جنت حرام آهي جي شرح بيان ڪندي حضرت علامہ محمد بن عبدالرءُوف مناوي علیہ رحمۃ اللہ القوی بيان ڪيل حديث شريف جي تحت فرمائن ٿا: يعني رياڪار مسلمان ابتداءً جنت ۾ داخل نہ ٿيندو. (فيض القدير للمناوي ج 2 ص 286 تحت الحديث 1725)

خطائیں مری عفو غفّار کر دے
ریاکاریوں سے تُو بیزار کر دے

## رياڪاري کي هن مثال مان سمجهو

حُجَّةُ الْاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابوحامد محمّد بن محمّد بن محمد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی رياڪاري کي هن مثال مان سمجهائن ٿا: مثلاً ڪو شخص سڄو ڏينهن بادشاهه جي سامهون بيٺو رهي جيئن نوڪرن جي عادت هوندي آهي پر ان جو مقصد بادشاهه جو قُرب حاصل ڪرڻ نه هجي بلڪ ان جي ڪنهن ڪنيز کي ڏسڻ هجي ته هي (يعني هن شخص جو بيهڻ) يقيناً بادشاهه سان مذاق آهي، ته ان کان وڌيڪ نفرت ۽ حقارت جوڳي ٻي ڪهڙي ڳالهه هوندي جو ڪو شخص الله تعاليٰ جي عبادت ان جي ڪمزور ۽ لاچار ٻانهي کي ڏيکارڻ لاءِ ڪري جيڪو ذاتي طور تي نه فائدو پهچائي سگهي ٿو نه ئي نقصان. (احياءُ العلوم ج 3 ص369 ملخصاً)

اخلاص نیکیوں میں اے ربّ کریم دے

عقلِ سلیم دے مجھے قلبِ سلیم دے

## ريا (يعني ڏيکاءُ) ڇا آهي

رياڪاري جي ڪجهه نقصانن جي خبر ته پئي، اچو! هاڻي هي معلوم ڪيون ٿا ته گناهن ڀري رياڪاري ڪنهن کي چوندا آهن! ته ٻڌو: ريا هي آهي: "الله عزّوجلّ جي رضا کان علاوه ڪنهن ٻئي ارادي سان عبادت ڪرڻ" يعني عبادت سان اها غرض هجي ته ماڻهو ان جي عبات تي آگاهه ٿين ته جيئن اهو ماڻهن کان مال هٿ ڪري يا ماڻهو ان جي واکاڻ ڪن يا ان کي نيڪ سمجهن، يا ان کي عزت وغيره ڏين. (الزواجر ج 1 ص 76)

# رياڪاري جا 80 مثال

(جيڪي مثال هاڻي پيش ڪيا وڃن ٿا اهي جيتوڻيڪ رياڪاري جا آهن تڏهن به ڪٿي ڪٿي جڳهن تي نيّت جي فرق سان احڪام ۾ تبديلي ٿي سگهي ٿي)

## نماز جي باري ۾ رياڪاري جا 11 مثال

(1) ڪنهن شخص جو انهيءَ ڪري پابندي سان نماز پڙهڻ جو ماڻهو ان کي پڪو نمازي چون.

(2) ڪنهن حافظ جو تراويح ۾ انهيءَ ڪري ”مصلو ٻڌائڻ“ يعني قرآن پڙهڻ تہ جيئن پيسا ملن.

(3) پنهنجي شادي واري ڏينهن يا گهر ۾ ميّت جي موقعي تي سنتن ڀري اجتماع ۾ حاضري ڏيڻ يا باجماعت نماز جي پابندي ڪرڻ يا صداءِ مدينہ لڳائڻ (يعني مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جڳائڻ جي خاطر گهران نڪرڻ) تہ جيئن ماڻهو واھ واھ ڪن تہ واھ سائين! اهڙي موقعي تي بہ هن انهن نيڪ ڪمن جو ناغو نہ ڪيو! (چاهي ان ڪان علاوه بنا سبب جي ناغو بہ ٿيندو هجي)

(4) ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جي لاءِ انهن جي سامهون اطمينان ۽ خُشُوع ۽ خُضُوع سان نماز پڙهڻ .

(5) جيڪڏهن وڏي رات جي اجتماع ذڪر و نعت ۾ شب بيداري ڪرڻ يا ڪنهن رات تَهَجُّد جو موقعو ملي تہ ڏينهن جو ماڻهن جي سامهون انهيءَ ڪري اکيون مهٽڻ يا آرس ڀڃڻ جو سيني کي خبر پئجي وڃي تہ هي رات جو ناهي ستو بلڪ نيڪين جي لاءِ جاڳندو رهيو آهي.

(6) ٻين جي موجودگي ۾ انهيءَ ڪري اِشراق، چاشت ۽ اَوّابين ۽ تَهَجُّد ادا ڪرڻ تہ جيئن ماڻهو نفل پڙهڻ وارو تسليم ڪن.

(7) ڪنهن جي باري ۾ ماڻهن جو حُسنِ ظن هجي تہ تَهَجُّد گذار ۽ نفلي روزن جو عادي آهي، جڏهن تہ حقيقت ۾ ائين نہ هجي پر ان جي سامهون ڪو ان خصوصيات سان تعارف ڪرائي تہ هي انهيءَ نيت سان مسڪرائي ڪري مٺو هيٺ ڪري جو انهن تي منهنجي نيڪو ڪاري جو تاثر قائم رهي .

(8) تَهَجُّد ۾ اُٿڻ جي سعادت ملڻ تي وڏي آواز سان ڪنگهڻ يا اهڙا معاملا ڪرڻ جو زال يا گهر جا ٻيا ڀاتي جاڳي پون ۽ ڏسي متاثر ٿين تہ واھ! تَهَجُّد جي لاءِ بيدار ٿيو آهي.

(9) نماز کان پوءِ مسجد ۾ انهي ڪري دير تائين ترسڻ تہ ماڻهو ان کي نيڪ شخص

قرار ڏين .

﴿10﴾ نماز ۾ پهرين صف جو اهتمام انهيءَ ڪري ڪرڻ جو ماڻهو متاثر ٿين، واکاڻ ڪن.

﴿11﴾ پنهنجي پهرين صف يا جماعت رهڻ تي ماڻهن جي سامهون افسوس جو اظهار ڪرڻ تہ جيئن ماڻهو متاثر ٿين ۽ ان کي پهرين صف ۽ جماعت جو حريص سمجهن.

## مبلغن جي لاءِ رياڪاري جا 18 مثال

﴿1﴾ اجتماع وغيره ۾ انهيءَ ڪري بيان ڪرڻ تہ جيئن ماڻهو ان جي بيان جي واکاڻ ڪن ۽ سٺو مبلغ چون.

﴿2﴾ مبلغ جو بيان جي دوران دل تي اثر ڪرڻ وارا جملا وڏي آواز ۾ چوڻ يا پُرجوش انداز ۾ شعر پڙهڻ تہ جيئن ٻڌڻ وارا واکاڻ ڪندي نعرو لڳائين، وڏي آواز سان سُبحٰن الله چون، واهہ ! واهہ! مرحبا! چئي داد ڏين، بيان جي تعريف ڪن، شعلہ بيان مبلغ چون.

﴿3﴾ بيان ۾ عمده جملا، مشڪل الفاظ، عربي ۽ انگريزي جملا وغيره شامل ڪرڻ تہ ماڻهو پڙهيل لکيل سمجهن ۽ ان سان متاثر ٿين.

﴿4﴾ ٻڌڻ وارا ان کي راهہ خدا ۾ قربانيون ڏيڻ وارو تصور ڪن انهي ڪري بيان جي شروعات ۾ مثلاً اهڙا جملا چوڻ: مان 6 ڏينهن کان لاڳيتو سفر تي آهيان، هن وقت بہ 13 ڪلاڪن جو سفر ڪري هت پهتو آهيان، گهڻو ٿڪيل آهيان، اجا ماني بہ ناهي کاڌي پر بيان جي لاءِ حاضر ٿي ويو آهيان وغيرها.

﴿5﴾ اسلامي ڀائرن کي مثلاً ائين چوڻ: مان تہ 25 مهينن کان مدني قافلي جو مسافر آهيان، وقفِ مدينہ آهيان، انهي ڏينهن کان روزانو بيان ڪري رهيو آهيان، اڄڪلهہ ڪئي ڏينهن جي مسلسل مدني مشورن جي ترڪيب آهي، هر مهيني ۾ (يا چار) مدني قافلن ۾ ٽن ڏينهن لاءِ سفر ڪري رهيو آهيان، ايترن سالن کان هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي ترڪيب آهي ۽ اهي ڳالهيون ٻڌائڻ جو سبب

ماڻهن ۾ عزت بڻائڻ هجي ته جيئن خوب شاباس ملي، اسلامي ڀاءُ ان جون مثالون ڏين، دين جي لاءِ خوب قربانيون ڏيڻ وارو چون.

(6) جوش ۾ اچي هڪ ٻئي ڏينهن ۾ فيضانِ سنت جا پنجاهه يا سؤ پيرا درس ڏيڻ ته جيئن خوب واهه واهه ٿئي، حوصله افزائي جي ناليِ تي واکاڻ ٿئي، دعوت اسلامي جي وڏن ذميدارن کان پنهنجي ٺپائڻ، ۽ تحفو حاصل ڪرڻ جي ترڪيب ٿئي.

(7) ڪنهن وڏي شخصيت جي سامهون سنتن ڀريو بيان ڪرڻ جو موقعو ملي ته خوب عمدگي سان سهڻي نموني بيان ڪرڻ ته جيئن اهو متاثر ٿئي، ان جي واکاڻ ڪري.

(8) مبلغ جو سياسي، حڪومتي يا دنياوي شخصيات سان تعلق رکڻ ته جيئن ماڻهن کي خبر پئي يا پاڻ ٻڌائي سگهي ته فلان فلان شخصيت مون کان متاثر آهي اهي مون کي دعائن جي لاءِ چوندا آهن، فلان ته منهنجا هٿ چميا انهن وٽ منهنجو وڏو احترام آهي.

(9) ڪنهن مبلغ جي اها ترڪيب بڻائڻ ته ڪنهن نموني کو آفيسر يا وزير وغيره انهن جي گهر اچي وڃي ته جيئن ماڻهن تي ظاهر ٿئي ته واهه! وڏا ماڻهو به هن جا عقيدتمند آهن ان کان دعا ڪرائڻ يا برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيندا آهن.

(10) ڪنهن دنياوي وڏي شخصيت کي انهيءَ ڪري اصلاح جي ڳالهه ڪرڻ يا خطا تي ٽوڪڻ ته جيئن ماڻهن تي ظاهر ٿئي ته واهه سائين واهه! اهو ته وڏن وڏن کان مَرعوب ناهي ٿيندو ۽ شريعت جو حڪم بيان ڪرڻ ۾ ڪنهن جو به لحاظ ناهي ڪندو.

(11) ڪنهن وڏي ماڻهو کي ڏاڙهي رکرائي يا بدنام شخص کي توبه ڪرائي ته پنهنجي ذات سان متاثر ڪرڻ جي لاءِ بيان ۾ يا اسلامي ڀائرن ۾ پنهنجي هن ڪارنامي (يا مدني بهار) جو تذڪرو ڪرڻ.

(12) ماڻهن ۾ ويهي يا بيان جي دوران يا گفتگو ڪندي نگاهون انهيءَ ڪري هيٺ

رکن ته ڏسڻ وارا متاثر ٿين، حيا سبب نظرون جهڪائڻ وارو ۽ اکين جو قفل مدينه لڳائڻ وارو چون. (جڏهن ماڻهن کان الڳ ٿئي ته نظرون هر پاسي گهمن ۽ خوب پٽڪن)

**(13)** اڪيلائي ۾ خُشُوع واري نماز پڙهڻ يا نگاهون هيٺ ڪرڻ جي مشق ڪرڻ ته جيئن ٻين جي موجودگي ۾ نماز ۾ خشوع قائم رهي، نگاهون هيٺ رکي سگهي ۽ ماڻهن جي دل ۾ مرتبو ٺاهي سگهي (اهو ٻڌو ريا آهي يعني اڪيلائي واري مشق به ريا آهي جو ان جو مقصد رضاءِ الٰهي ناهي، ماڻهن تي پنهنجي پارسائي جي ڌاڪ ويهارڻ آهي)

**(14)** پابندي سان فڪر مدينه ڪندي مدني انعامات جي خانه پري ڪرڻ ۽ ٻين تي مدني انعامات تي عمل جو تعداد ظاهر ڪرڻ سان مقصد اهو هجي ته ان جي واکاڻ ٿئي، مثال ڏنو وڃي ته فلان مدني انعامات جو پڪو عامل آهي، ان جو ايترن مدني انعامن تي عمل آهي.

**(15)** ڪنهن جو انهيءَ ڪري دين جي خدمت ڪرڻ، مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ، ديني ڪمن جي لاءِ خوب وقت ڏيڻ ۽ دين جي خاطر تڪليفون برداشت ڪرڻ جو ماڻهو ان جي قربانين تي واهه واهه ڪن، ديني ڪمن جي لاءِ خوب مُتَحرڪ (Active) تصور ڪن.

**(16)** دنيا جي مختلف ملڪن ۾ راهِ خدا ۾ انهيءَ نيت سان سفر ڪرڻ ته اسلامي ڀائر ان جي قربانين تي داد ڏين، ان جون مثالون ڏيندا رهن، ان کي بينَ الاقوامي مُبَلِّغ چون.

**(17)** انهيءَ ڪري پابندي سان صداءِ مدينه لڳائڻ يعني ماڻهن کي فجر نماز جي جاڳائڻ لاءِ گهران نڪرڻ جو ان جي واکاڻ ٿئي ته هي اونداهي کان ناهي گهبرائيندو، نه ڪتن جي ڀونڪڻ کان ڊڄي ٿو، نه ئي سردي ۽ برسات جي پرواهه ڪندو آهي، ۽ رات جو سمهڻ ۾ چاهي ڪيتري دير ٿي وڃي پوءِ به هي صداءِ مدينه جي لاءِ ناغو ناهي ڪندو.

**(18)** ڪنهن کي به نيڪي جي دعوت انهيءَ نيّت سان ڏيڻ جو ماڻهو ان کي مسلمانن

جو عظيم خير خواهہ تصور ڪن يا ڪنهن کي برائي کان انهيءَ ڪري منع ڪرڻ جو ماڻهو ان کان متاثر ٿين تہ ”وڏو غيرت مند“ شخص آهي، برائي ڏسي بالڪل خاموش نٿو رهي سگهي“ (ڪاش پنهنجي گهر ۾ ٿيڻ واري برائي ڏسي بہ غيرت اچي، دل جلائي ۽ اصلاح جي سعادت نصيب ٿئي)

## نعت شريف پڙهڻ ۽ ٻڌڻ وارن جي لاءِ رياڪاري جا 16 مثال

(1) اجتماع وغيره ۾ انهيءَ غرض سان تلاوت ڪرڻ، نعت شريف پڙهڻ جو ماڻهو نوٽ گهور ڪن، ان کي ڪاڏو ڪارائين، لفافو پيش ڪن، سوٽ (يعني ڪپڙي جا جوڙا) تحفي ۾ ڏين، آواز ۽ انداز جو داد ڏين، تَلَفُّظ جي ادائگي جي اُسلوب ۽ پڙهيل ڪلام جي واکاڻ ڪن.

(2) نعت شريف پڙهندي مختلف شعرن تي حدائق بخشش شريف وغيره جا ڪثرت سان شعر انهيءَ ڪري ملائڻ تہ جيئن ماڻهو چون: واهہ واهہ! هن کي تہ ڪافي ۽ ڪيڏا نہ مشڪل شعر ياد آهن.

(3) ڪتاب مان بنا ڏسي انهيءَ ڪري نعتون پڙهڻ جو ٻڌڻ وارا چون واهہ سائين واهہ! هن کي گهڻيون نعتون زباني ياد آهن.

(4) نعت خوان (يا مبلغ) جو ڪنهن مشڪل شعر جي انهيءَ ڪري شرح بيان ڪرڻ تہ ماڻهو ان کي ذهين سمجهن ۽ ان جي معلومات جي تعريف ڪن.

(5) ناياب ڪلام تلاش ڪري يا ڪنهن ڪلام جي نئين طرز ٺاهي (يا چوري ڪري) لڪائي رکڻ جو وڏي رات يا ڪنهن خاص موقعي تي وڏي اجتماع ۾ نعت خوانن جو انهيءَ ڪري پڙهڻ جو ٻڌڻ وارا جهومي وڃن ۽ زور زور سان سُبحٰن اللہ چئي ان کي داد ڏين، خوب نعرا لڳائن ۽ ٻيا نعت خوان بہ تعريف تي مجبور ٿين.

(6) نعت خواني، تلاوت قرآن، بيان وغيره تي انهي ڪري مهارت حاصل ڪرڻ جو ماڻهو ان کي ”هر فن مولا“ چون.

(7) مالدارن وٽ رغبت سان وڃڻ، انهن جي يا ڪنهن بہ ديني دنيوي شخصيت جي

موجودگي ۾ انهيءَ ڪري نعت شريف پڙهڻ جو مالدار ”نوٽ“ ھلائن، شخصيت جي داد و تحسين سان نفس ”لذت“ حاصل ڪري.

﴿8﴾ ٻاهرين ملڪن ۾ عزت ۽ شهرت يا نذرانن جي خواهش تي نعت پڙهڻ لاءِ وڃڻ ۽ ان سان هي بہ مقصد هجي تہ منهنجي نالي سان ”بين الاقوامي شهرت يافتہ نعت خوان“ چون ۽ اشتهارن ۾ لکيو وڃي.

﴿9﴾ T.V چينلن تي انهيءَ ڪري نعت پڙهڻ (يا بيان ڪرڻ) جو خوب شهرت ملي، ماڻهو رستي تي روڪي عزت سان ملن، پنهنجي محفلن ۾ دعوت ڏئي آڌر ڀاءُ ڪن، ميڊيا، يا فلان چينل جو مشهور ۽ معروف نعت خوان (يا مبلغ) چون يا اشتهارن ۾ لکن، V.C.D جاري ٿئي جنهن سان نالو روشن ٿئي.

﴿10﴾ نعت خوان يا مبلغ جو شهرت ۽ واھ واھ! جي لاءِ C.D يا V.C.D جاري ڪرائڻ.

﴿11﴾ بيان ڪندي يا ٻڌندي، يا دعا ڪندي يا ڪرائيندي يا مُناجات يا نعت شريف پڙهندي يا ٻڌندي انهي ڪري روئڻ جهڙو آواز ڪڍڻ، روئڻهارڪي صورت بڻائڻ، اکيون ڇنڀڻ، اکيون زور سان بند ڪرڻ يا زبردستي لڙڪ وهائڻ يا بار بار اکيون اگهڻ جيئن ماڻهو ان ڏانهن متوجه ٿين ۽ ان کي تحسين جي نگاھ سان ڏسن.

﴿12﴾ اجتماع ذڪر و نعت ۾ انهي ڪري اڳيان اڳيان ويهڻ، نعتون ٻڌي خوب جهومڻ واھ واھ! سُبۡحٰنَ اللّٰه چوڻ، نعرا لڳائڻ تہ جيئن ماڻهو عاشق رسول سمجهن.

﴿13﴾ مناجات يا نعت شريف ٻڌي رڙيون ڪرڻ ۽ ٽپا ڏئي حاضرين جو توجه چاهڻ، جيڪڏهن رقت طاري ٿي وئي ۽ جوش ۾ بيهي رهيو هو پر هاڻي ڪيفيت مان ٻاهر اچڻ باوجود انهيءَ ڪري هٿ پير هلائڻ جو سلسلو جاري رکڻ تہ جيئن ماڻهو هي نہ چون تہ بس ايتري جلدي هي نارمل ٿي ويو! يا انهيءَ ڪري زمين تي ڪرڻ تڙپڻ جو ماڻهو سار لهن، هوش ۾ آڻڻ جي لاءِ ڪوشش ڪن، پاڻي پيارين ۽ ”هو هو، ڪندي“ ۽ آهستي آهستي هوش ۾ اچڻ جو انداز اختيار ڪن ۽ ائين ماڻهن جي نظر ۾ پاڻ کي عاشقن ۾ شمار ڪرائي.

(14) نعت وغيره پڙهي ان جي لاءِ فراق مدينه ۾ آهون ڀرڻ هر هر مدينه مدينه چوڻ ته جيئن ماڻهو ”مديني جو ديوانو“ سمجهن.

(15) اجتماعِ ذڪر و نعت ۾ صرف برياني يا ڪچڙو وغيره کائڻ جي لاءِ شرڪت ڪرڻ.

(16) مُناجات، نعت ۽ مَنقبت وغيره لکڻ واري جو ان جي مَقْطَع ۾ پنهنجو تَخَلُّص انهيءَ ڪري لکڻ جو نالو مشهور ٿئي، داد ملي، ماڻهن ۾ هي تاثر قائم ٿئي ته واه سائين واه! هي تمام سٺو شاعر آهي.

## راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ واري جي لاءِ رياڪاري جا 3 مثال

(1) ديني ڪمن ۾ انهيءَ ڪري چندو ڏيڻ جو ماڻهو سخي سمجهن.

(2) انهيءَ ڪري غريبن ۾ خيرات ورهائڻ جو اهي ان جي ڇوڏاري حاجي صاحب! سيٺ صاحب! ڇئي رش ڪن، ان کي مِنت سماجت ڪن، ان جي سامهون عرض ڪندا رهن.

(3) مريضن، ڏڪايلن، ۽ سيلاب متاثرين وغيره جي خدمت جي لاءِ انهيءَ ڪري ڊوڙ ڊُڪ ڪرڻ جو ماڻهو مصيبت زده جو خير خواه يا بهترين سماجي ڪارڪن چون.

## رياڪاري جي باري ۾ مختلف 32 مثال

(1) قراءت انهيءَ ڪري سکڻ جو ماڻهو ”قاري صاحب“ چون.

(2) قاري صاحب جو اجتماعن ۾ حاضرين جي مقدار مطابق (۽ امام صاحب جو جهري نمازن ۾ مقتدين جي قِلت ۽ ڪثرت کي سامهون رکندي) تجويد جي قاعدن جي رعايت ۽ آواز جي لاه چاڙه ۾ ڪمي بيشي ڪرڻ سان مقصد حاضرين جي خوشنودي هجي (ڪاش الله جي رضا جي لاءِ سري نمازن ۾ به ضرورت مطابق تجويد جي قاعدن جي رعايت ڪري)

(3) پنهنجي لاءِ عاجزي جا الفاظ مثلاً فقير، گنهگار، ڪمتر وغيره جو انهيءَ ڪري چوڻ يا لکڻ جو ماڻهو عاجزي ڪرڻ وارو سمجهن، عاجزي جي واڪاڻ ڪن (دل جي تائيد جي بغير اهڙن الفاظن جي ادائگي منافقت به آهي)

فرمانِ مصطفیٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي. (حاڪم)

(4) ماڻهن سان انهي ڪري گرم جوشي سان ملڻ جو ملنسار يا با اخلاق سڏرائي.

(5) دعا وغيره ۾ سيني جي سامهون روئڻ اچي ته انهيءَ ڪري لڙڪ اگهڻ جو ماڻهن تي هي تاثر قائم ٿئي ته هي رياڪاري ڪان بچڻ جي ڪري جلدي جلدي لڙڪ اگهي ٿو.

(6) ماڻهن جي دلين ۾ جڳهه بڻائڻ جي لاءِ اهڙي طرح جا جملا چوڻ: مون کي گناهن ڪان گهڻو ڊپ لڳي ٿو، مون کي بري خاتمي جو خوف رهندو آهي، هاءِ! اونداهي قبر ۾ ڇا ٿيندو! هاءِ! قيامت ۾ ڪيئن حساب ڏيندس!

(7) ماڻهن وٽ دنيا سان لاتعلقي ۽ پنهنجي پارسائي جي ڌاڪ ويهارڻ لاءِ چوڻ: مان ته مالدارن ۽ شخصيات سان ملڻ ڪان بچندو آهيان. (جيڪڏهن اهو جملو وغيره پنهنجو پاڻ کي حقير سمجهي چئي رهيو آهي ته به تڪبر جي آفت ۾ ڦاٿو)

(8) ڪنهن جي مصيبت جو ٻڌي انهي ڪري منهن بڻائڻ يا همدردانه جملا چوڻ جو ماڻهو رحم دل چون (البت ڏکايل مسلمانن جي دلجوئي جي نيت سان رضاءِ الٰهي جي لاءِ ان جي سامهون ائين ڪرڻ عبادت ۽ آخرت جي ثواب جو سبب آهي)

(9) هٿ ۾ انهي ڪري تسبيح رکڻ، نمايان ڪرڻ، يا ماڻهن جي سامهون انهيءَ ڪري چَپ چوَرڻ يا انهن تائين آواز پهچائڻ ائين درود ۽ اذڪار پڙهڻ جو نيڪ سمجهيو وڃي.

(10) جلوت ۾ (يعني ماڻهن جي سامهون) ڪائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ وغيره جي موقعي تي سنتن جو سٺي نموني خيال رکڻ ته جيئن ماڻهو سنتن تي عمل ڪرڻ وارو قرار ڏين. (ڪاش! اڪيلائي ۾ به ڪائڻ پيئڻ ۽ پين ڪمن ۾ خوب سنتون اپنائڻ جو ذهن بڻجي وڃي)

(11) دعوت ۾ ٻين جي موجودگي ۾ انهيءَ ڪري گهٽ ڪائڻ جو ڏسڻ وارا ان کي مُتَّبِعِ سُنّت (يعني سنت جي پيروي ڪرڻ وارو) ۽ **قليلُ الغِذا** (يعني گهٽ ڪائڻ وارو) سمجهن (افسوس هي رياڪار جڏهن گهر يا بي تڪلف دوستن جي وچ ۾ هجي ته ٻين جو حصو به چٽ ڪري ويندو آهي)

﴿12﴾ ڪنهن کي پنهنجو نيڪ ڪم ٻڌائي هي چوڻ ته ”اوهان ڪنهن کي نه ٻڌائجو“ ته جيئن سامهون وارو متاثر ٿئي ته گهڻو مُخلِص شخص آهي جو پنهنجو نيڪ عمل ظاهر ڪرڻ نٿو چاهي.

﴿13﴾ پنهنجي نالي سان گڏ حافظ چوڻ يا لکڻ جو انهيءَ ڪري اهتمام ڪرڻ ته جيئن ماڻهو ان کي سٺو سمجهن مَاشَاءَالله چون، احترام ڪندي حافظ صاحب يا سائين حافظ چون، دعائن جي لاءِ التجائون ڪن (جيڪڏهن ڏيکاءُ جي نيت نه هجي ته حافظ جو پنهنجي واتان حافظ چوڻ يا لکڻ منع ناهي)

﴿14﴾ رَمَضانُ المُبارَڪ جو اعتڪاف ڪرڻ يا سيني جي سامهون تلاوت انهي ڪري ڪرڻ، يا خوب ٻاڏائي دعائون گهرڻ جو ماڻهو نيڪ سمجهن.

﴿15﴾ رَمَضانُ المُبارَڪ ۾ انهيءَ ڪري اعتڪاف ڪرڻ جو مفت ۾ سحري يا افطاري جي ترڪيب ٺهجي ويجي.

﴿16﴾ موت، مرڻي جي موقعي تي پيچ ڊڪ ڪرڻ ۽ جنازي جي جلوس ۾ ۽ تدفين وغيره ۾ اڳيان اڳيان رهڻ ته جيئن ماڻهن ۾ نمايان ٿئي، ميت وارا متاثر ٿين، انهن جي نظر ۾ سٺو انسان ٺهجي.

﴿17﴾ نيڪ ڪمن ۾ خوب اڳتي وڌي حصو وٺڻ ته جيئن ماڻهو نيڪين جو حريص سمجهن.

﴿18﴾ پنهنجا ديني ڪارناما انهيءَ ڪري بيان ڪرڻ جو ٻڌڻ وارا ان کي دين جو وڏو خادم تصور ڪن، ۽ ان جي عظمتن جا معترف ٿين. مثلاً پنهنجي فضائل جو قائل ڪرڻ جي لاءِ ائين چوڻ: مون کي ته نيڪي جي دعوت عام ڪندي 15 سال ٿي ويا آهن، مان ايتري عرصي تائين دعوت اسلامي جي فلان فلان ذميداري تي فائز رهيس، مون ايترن علائقن بلڪ ملڪن ۾ وڃي مدني ڪم ڪيو، مون سوين ماڻهن کي ڏاڙهي رکرائي، عمامه سجايا، مدني ڪمن ڪرڻ تي راضي ڪيو، انهن جي تربيت ڪئي، فلان ذميدار کي به مدني ماحول ۾ مون آندو آهي وغيره وغيره.

**(19)** مطالعي جي دوران ڪو عمده حڪمتن ڀريو مدني گل مليو تہ ہين ڪان پوشيدو رکي ڪري وڏي اجتماع ۾ انهي ڪري بيان ڪرڻ تہ جيئن واهہ واهہ سُبْحٰنَ اللّٰه جو شور ٿئي، ۽ گهڻن ماڻهن تي منهنجي معلومات جي ڌاڪ ويهي ۽ واڪاڻ ٿئي.

**(20)** پنهنجي في سبيلِ الله امامت يا ديني تدريس جو انهيءَ ڪري ہين سان ذڪر ڪرڻ تہ جيئن ماڻهو ان سان متاثر ٿين، عزت جي نگاهہ سان ڏسن.

**(21)** وڏي رات جي اجتماع وغيره ۾ انهيءَ ڪري سهڻي لهجي سان اذان ڏيڻ جو ماڻهو انداز ۽ آواز جي واهہ واهہ ڪن.

**(22)** خريداري وقت يا اُجرت تي ڪنهن ڪان ڪم ڪرائيندي وقت پنهنجي ديني منصب مثلاً شاگرد يا حافظ قرآن يا امام مسجد، يا موذن يا مبلغ وغيره هجڻ جو انهي ڪري اظهار ڪرڻ جو اهو رعايت ڪري يا وري پيسا ئي نہ وٺي.

**(23)** ڪتاب يا رسالو لکڻ وقت انهيءَ نيت سان عبرت انگيز روايتون ۽ خوب دلچسپ حڪايتون ۽ عمده عمده مدني گل شامل ڪرڻ جو پڙهڻ وارا داد ۽ تحسين تي مجبور ٿي وڃن.

**(24)** پنهنجي حج ۽ عمري جو تعداد، تلاوت قرآن جي يوميہ مقدار، رَجَبُ المُرَجَّب ۽ شَعبان المُعَظَّم جا مڪمل ۽ ہين نفلي روزن، نفلن، درود شريف جي ڪثرت جو انهيءَ ڪري اظهار ڪرڻ جو واهہ واهہ ٿئي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ احترام پيدا ٿئي.

**(25)** هر ننڍين وڏين ديني ڪتابن جو نالن سان گڏ يا بنا نالن جي ٻڌائي پنهنجي مطالعي جي ڪثرت جو اظهار ڪرڻ تہ جيئن اسلامي ڀائر علمِ دين جو شيدائي سمجهن ۽ ہين ڪي ان جو مثال ڏين.

**(26)** انهيءَ لاءِ حج ڪرڻ يا پنهنجي حج جو اظهار ڪرڻ جو ماڻهو حاجي چون، ملاقات جي لاءِ حاضر ٿين، ٻاڏائي ڪري دعائن جون التجائون ڪن، هار پارائن، تحفا وغيره پيش ڪن (جيڪڏهن پنهنجي عزت ڪرڻ يا تحفا وغيره وصول ڪرڻ مقصد نہ

هجي بلڪ تحديثِ نعمت وغيره سٺي نيت هجي ته حج ۽ عمري جو اظهار ڪرڻ، عزيزن ۽ رشتيدارن کي جمع ڪري ”محفل مدينه“ سجائڻ جي ممانعت ناهي بلڪ ثواب جو ڪم آهي)

﴿27﴾ سيد سڳورن جو انهيءَ ڪري احترام ڪرڻ، هٿ چمڻ جو سيدن جي دل ۾ عزت پيدا ٿئي يا ماڻهو مُحبِّ اهلبيت چون.

﴿28﴾ مزارن جي انهيءَ ڪري وڌيڪ زيارتون ڪرڻ، هر جڳهه عرس ۾ پيش رهڻ ته جيئن ماڻهو اولياءِ ڪرام جو عاشق چون.

﴿29﴾ سرڪار غوث اعظم رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جو انهي ڪري بار بار تذڪرو ڪرڻ يا يارهين شريف جي نياز ڪرڻ يا سندن جي مَنقَبَت تي خوب جهومڻ جو ماڻهو غوث پاڪ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جو ديوانو سمجهن.

﴿30﴾ پنهنجي پير و مرشد جي انهيءَ ڪري خوب خدمت ڪري، ماڻهن جي سامهون انهن جي خدمتن جو تذڪرو ڪري، انهن جي ويجهو نظر اچي جو ماڻهو ان کي پنهنجي پير و مرشد جو مُقَرَّب، منظورِ نظر، ۽ خاص خادم سمجهن، عزت ڪن، هٿ چمن، نمايان جڳهه تي ويهارين، دعائن جي لاءِ التجائون ڪن، تحفا نذرانا پيش ڪن، پير صاحب جي لاءِ سفارشي بڻائن.

﴿31﴾ پير صاحب جون بچيل شيون پين جي موجودگي ۾ يڪدم کائي جو ماڻهو ”تَبَرُّڪ جو حريص“ تصور ڪن. (۽ جيڪڏهن ڪو ڏسندو نه هجي ته تبرڪ کي هٿ به نه لڳائي يا پين ڏانهن سرڪائي ڇڏڻ)

﴿32﴾ پين جي موجودگي ۾ انهيءَ ڪري چپ چاپ رهڻ يا اشاري سان يا لکي ڪري گفتگو ڪرڻ جو ماڻهو سنجيدا، خاموش طبيعت ۽ زبان جو قفل مدينه لڳائڻ وارو تصور ڪن. (چاهي گهر ۾ ۽ بي تڪلف دوستن ۾ خوب ٽهڪ لڳائي ۽ شينهن وانگر رڙيون ڪندو هجي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رياءُ جي وصف تحت ذڪر ڪيل مثالن تي غور ڪيو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ذڪر ڪيل مثالن کي ذهن ۾ رکندي رياڪاري جي وصف تي هڪ ڀيرو وري نظر وجهو جيئن بهار شريعت جلد 3 صفحي 629 تي آهي: ريا يعني ڏيکاءُ جي لاءِ (نيڪ) ڪم ڪرڻ ۽ "سُمْعَہ" يعني انهيءَ ڪري (نيڪ) ڪم ڪرڻ جو ماڻهو ٻڌن ۽ سٺو سمجهن اهي ٻئي شيون تمام بريون آهن، انهن جي ڪري عبادت جو ثواب ناهي ملندو، بلڪ گناهه ٿيندو آهي ۽ اهو شخص عذاب جو مستحق ٿيندو آهي. رياڪاري جي تعريف ۾ اهو به شامل آهي جو ماڻهن تي پنهنجي عبادت گذاري جي ڌاڪ ويهارڻ، پنهنجي واکاڻ، واهه واهه! عزت چاهڻ يا انهيءَ نيڪ ڪم سان سُوٽ (يعني ڪپڙن جو جوڙو) وغيره، يا رقم جو لفافو يا ڪاڌو يا مٺائي يا ڪنهن قسم جي نذراني جي حصول جو مقصد هجي، ۽ پيش ڪيل مثالن ۾ "حُبِّ جاه" يعني عزت ۽ شهرت جي محبت به موجود آهي ڇوته رياڪاري جو هڪ وڏو سبب "حُبِّ جاه" به آهي.

## رياڪاري جي مثالن جي باري ۾ هڪ ضروري وضاحت

ياد رهي! رياڪاري جا اهي سڀ مثال پڙهڻ يا ٻڌڻ واري کي پنهنجو پاڻ ۾ رياڪاري تلاش ڪرڻ جي لاءِ آهن، ڪنهن ٻئي کي رياڪار قرار ڏيڻ لاءِ نه آهن ڇوته رياڪاري جو تعلق دل سان آهي ۽ ڪنهن جي دلين جي حالتن کي هر ڪو ڄاڻي نٿو سگهي، تنهنڪري انهن مثالن تي قياس ڪندي ڪنهن مسلمان تي بدگماني نه ڪئي وڃي، بدگماني حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي ۽ ائين ڪنهن جي باري ۾ تَجَسُّس (يعني گناهه تلاش) ڪرڻ، ان جا عيب کولڻ ۽ ان ۾ اهي (يعني رياڪاري جون) علامتون تلاش ڪرڻ ته جيئن ان کي بدنام ڪيو وڃي اهو به حرام آهي.

## رياڪاري جي عذاب کان پاڻ کي ڊيڄاريو!

براءِ ڪرم! پنهنجي نيڪين جي جانچ پڙتال ڪيو ته ڪٿي ان ۾ ريا ته لڪل ناهي! جو ته رياءُ ڪيولي جي

چال ڪان بہ سنهي چال ۾ پلائي جي ڪمن ۾ داخل ٿي ويندو آهي، حقيقت هي آهي جو "ريا" ۾ جيڪا "لذت" آهي نہ اها عمده غذائن ۾ آهي نہ ئي مال و دولت جي ڪثرت ۾، ان ڪان بچڻ تمام گهڻو ضروري آهي جو اها "لذت" جهنم ۾ پهچائڻ واري آهي، تنهنڪري جيڪڏهن پنهنجي نيڪ عمل ۾ ريا جو شبهو (يعني شڪ) بہ ڏسو تہ توبہ ڪيو ۽ پنهنجي پاڻ کي ڊيڄاريو جو **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: بيشڪ جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن ڪان جهنم روزانو چار سؤ ڀيرا پناه گهري ٿو، الله عَزَّوَجَلَّ هي وادي امتِ محمديہ علٰي صاحبها الصّلٰوةُ والسّلام جي ان رياڪارن جي لاءِ تيار ڪئي آهي جيڪي قرآن جا حافظ، غير الله جي لاءِ صدقو ڪرڻ وارا، اللهعَزَّوَجَلَّ جي گهر جا حاجي، ۽ راهِ خدا ۾ نڪرڻ وارا هوندا. (المعجم الكبير ج 12 ص 136 حديث 12803)

جيڪڏهن ڪو اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ ذڪر ڪيل مثالن مان ڪو مثال ڏسي تہ لازمي طور رياڪاري جو علاج ڪري، پر ائين نہ ٿئي جو اصل نيڪين ۽ سعادت منڊين کي ئي ڇڏي ڏي ڇوتہ نڪ تي مک ويهي تہ مک کي اُڏايو ويندو آهي نہ ڪي جو نڪ ڪٽيو وڃي.

بچا لے ریا سے بچا یاالٰہی
تُو اِخلاص کر دے عطا یاالٰہی

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 166 صفحن تي مشتمل ڪتاب رياڪاري جو مطالعو فرمايو)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رياڪار جون علامتون مدينہ 1

اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المُرتضيٰ شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ارشاد فرمايو: رياڪار جون

ٽي نشانيون آهن: ﴿1﴾ تنهائي ۾ هجي ته عمل ۾ سستي ڪري ۽ ماڻهن جي سامهون هجي ته چستي ڏيکاري ﴿2﴾ تعريف (يعني واکاڻ) ڪئي وڃي ته عمل ۾ اضافو ڪري ڇڏي ۽ ﴿3﴾ مذمت ڪئي وڃي ته عمل ۾ ڪمي ڪري.

(الزواجر عن اقتراف الڪبائر ج 1 ص 86)

## ماڻهن ۾ پنهنجي ريا جي مذمت ڪرڻ به رياءَ جي نشاني آهي

حضرت سيدنا خواجه حسن بصري علیہ رحمۃ اللہ القوی فرمائن ٿا: جيڪو شخص ڪنهن هجوم ۾ پنهنجي مذمت ڪندو (يعني پاڻ کي گنهگار، بدڪار، سياه ڪار، وغيره چوندو) آهي اهو حقيقت ۾ پنهنجي واکاڻ ڪندو آهي (جو ماڻهو اهڙي شخص کي تواضع وارو، مُنڪسِرِ المِزاج چئي ان جي عاجزي جي واکاڻ ڪندا آهن) ۽ هي به ريا جي نشانين مان هڪ نشاني آهي.

(تنبيہ المغترين ص 24)

ياد رهي! پنهنجي لاءِ عاجزي جا اهي الفاظ استعمال ڪرڻ ان صورت ۾ رياڪاري آهن جڏهن رياڪاري جي نيت هجي ۽ هاڻي هي گناه آهي ۽ اهڙي طرح جيڪڏهن صرف زبان سان عاجزي جا لفظ چئي رهيو هجي ۽ دل ۾ اها ڪيفيت نه هجي ته منافقت آهي ۽ هي به گناه آهي.

## روزي جي باري ۾ نه پڇو

حضرت سيدنا ابراهيم بن اَدهم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم فرمائن ٿا: پنهنجي ياء ڪان ان جي روزي جي باري ۾ نه پڇو ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اهو چوندو ته مان روزيدار آهيان ته ان جو نفس خوش ٿيندو ۽ جيڪڏهن چوي ته مان روزي دار نه آهيان ته ان جو نفس غمگين ٿيندو ۽ اهي ٻئي ريا جي نشانين مان آهن.

(تنبيه المغترين ص 24)

## ضرورتاً روزي جو اظهار ڪري ڇڏيو

ضرورتاً روزي جي اظهار ۾ حرج ناهي جيئن فرمان مصطفٰي صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم آهي: جڏهن ڪنهن کي دعوت ڏني وڃي ۽ اهو روزي سان هجي ته ان کي گهرجي ته اهو چوي مان روزي سان آهيان.

(صحيح مسلم حديث 115 ص 579)

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنان هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: خيال رهي نفلي روزي جو لڪائڻ بهتر آهي پر جيئن ته هت (مثلاً ڪنهن جي گهر وڃڻ ٿئي ته اتي) لڪائڻ سان گهر وارن جي دل ۾ عداوت پيدا ٿيندي يا رنج ۽ غم، (رضاءِ الٰهي جي نيت سان) مسلمان جي دل کي خوش ڪرڻ به عبادت آهي انهيءَ ڪري روزي جي اظهار جو حڪم ڏنو ويو آهي. (مرآة المناجيح ج 3 ص 199)

## نيڪي جي سبب شيون سستيون ملڻ

حضرت سيدنا امام احمد بن حَجَر مڪي شافِعي عليه رحمة الله القوي رياڪاري جا قسم بيان ڪندي فرمائن ٿا: ان ڪان به وڌو خفي (يعني پوشيده) ريا هي آهي جو (پنهنجي نيڪين تي) نه ئي ماڻهن کي خبر پوڻ جي خواهش هجي ۽ نه ئي عبادت ظاهر ٿيڻ تي خوشي (پيدا) ٿئي، البت انهي ڳالهه تي خوشي ٿئي جو ملاقات ۾ ماڻهو سلام ۾ اڳرائي ڪن ۽ ان سان سٺي طرح ملن، ۽ ان جي واکاڻ ڪن ۽ ان جي ضرورتون پوري ڪرڻ ۾ جلدي ڪن، خريد و فرخت ۾ ان سان رعايت ڪن (مثلاً اهو ڪجهه خريد ڪرڻ چاهي ته ان کي سستو ڏين، يا مفت پيش ڪن) ۽ جڏهن هو ماڻهن وٽ اچي ته اهي ان جي لاءِ جڳهه ڇڏي ڏين. (ان کي عزت واري جڳهه تي ويهارين، دعائن جون التجائون ڪن، ان ڪان آواز گهٽ رکن، هٽ پٽن، عاجزي ڪن وغيره) جڏهن ڪو شخص انهن معاملن ۾ ڪوتاهي ڪري ته اها ڳالهه پنهنجي پوشيده نيڪين کي وڏو سمجهڻ سبب ان کي ڏکي لڳي، ڇڻ ان جو نفس ان عبادت جي مقابلي ۾ پنهنجو احترام چاهي ٿو، ايستائين جو جيڪڏهن اهو فرض ڪيو وڃي جو ان اهي نيڪيون ناهن ڪيون ته ان جو نفس احترام جي خواهش نه رکي ها. (الزواجر عن اقتراف الکبائر ج 1 ص 93)

## مُخلِصَن جو رياءُ ڪان بچڻ جو انداز

وڌيڪ فرمائن ٿا: تنهنڪري مخلص ٻانها هميشه خفي (يعني پوشيده) ريا ڪان به ڊڄندا رهندا هئا ۽ جيئن ماڻهو جيتري ڪوشش پنهنجي گناهن جي لڪائڻ ۾ ڪندا آهن اهي ان ڪان وڌيڪ پنهنجيون نيڪيون لڪائڻ جا حريص هوندا آهن ۽ ان جو سبب

صرف هي آهي جو اهي ماڻهو پنهنجي نيڪين کي خالص ڪرڻ چاهين ٿا ته جيئن الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ماڻهن جي سامهون انهن کي اجر عطا فرمائي ڇوته انهي ڳالهه تي يقين آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ صرف اهي عمل قبول فرمائيندو آهي جيڪي اخلاص سان ڪيا هجن ۽ هي اهو به ڄاڻن ٿا ته قيامت جي ڏينهن ماڻهو سخت محتاج ۽ بڪايل هوندا ۽ انهن جو مال اولاد انهن جي ڪجهه ڪم نه ايندو سواءِ ان جي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ قلبِ سليم (يعني گناهن کان محفوظ دل) وٺي حاضر ٿيو هوندو. (الزواجر عن اقتراف الکبائر ج 1 ص 93)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪٿي اسان رياڪار ته نه آهيون؟

**مدني مدني اسلامي ڀائرو!** اسان کي گهرجي ته ديانت داري سان پاڻ تي غور ڪيون جو ڪٿي اسان اڪيلائي ۾ عبادت جي معاملي ۾ سستي ۽ ماڻهن جي سامهون چستي جو مظاهرو ته نه ڪندا آهيون؟ ڪٿي اسان نيڪي ڪرڻ کان پوءِ ماڻهن تي ان جو بنا ضرورت جي اظهار ته نٿا ڪيون؟ پوءِ جيڪڏهن ڪنهن اسان جي تعريف ڪئي ته اسان "آڪڙجي" عمل ۾ اضافو ته نٿا ڪيون؟ ۽ تعريف نه ٿيڻ تي اسان غمگين ته نٿا ٿيون ۽ پوءِ ان عمل ۾ ڪمي ته ناهي ايندي؟ ڪٿي ائين ته ناهي جو ماڻهن جي سامهون نيڪي ڪرڻ ۾ وڏي لذت ملندي آهي پر تنهائي ۾ مزو ناهي ايندو؟ ڪٿي اسان ماڻهن جي سامهون (پاڻ کي سياهه ڪار، گنهگار، مجرم، فقير، حقير، عاجز ۽ مسڪين وغيره چئي) پنهنجي مذمت، انهن کي متاثر ڪرڻ لاءِ ته نٿا ڪيون؟ ڪٿي اسان پنهنجي مبلغ يا سنتن ڀريي مدني حليي وغيره سان فائدو کڻي پاڻ سان متاثر ٿيندڙ دڪاندار کان ته سودو نٿا خريد ڪيون جو اهو اسان کي مفت يا سستي اگهه ۾ ڏي؟ جيڪڏهن ان سوالن جا جواب "ها" ۾ اچن ته هڪدم توبه ڪيو ۽ اخلاص حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃو جو ڪٿي ائين نه ٿئي جو توبه کان پهريان موت اچي وڃي ۽ رياڪاري جي سبب دوزخ ۾ وڃڻو پوي.

## رياڪاري کان توبہ جي برڪت

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عليہ رحمۃ الحنّان لکن ٿا: خيال رهي ريا (يعني ڏيکاءُ) سان عبادت ناجائز ناهي ٿيندي (يعني ائين ناهي جو رياڪاري سان نماز پڙهي تہ ان کي تاركِ نماز سمجهيو وڃي) بلڪ نامقبول هجڻ جو انديشو هوندو آهي جيڪڏهن رياڪار آخر ۾ ريا کان (سچي) توبہ ڪري تہ ان تي ريا واري عبادت جي قضا ناهي بلڪ ان توبہ جي برڪت سان گذريل نامقبول ڏيکاءُ واريون عبادتون بہ قبول ٿي وينديون. مطلقاً ريا سان خالي ٿيڻ تمام مشڪل آهي ڪو شخص ريا جي انديشي سبب عبادت نہ ڇڏي بلڪ ريا کان بچڻ جي دعا ڪري. (مرأة المناجيح ج 7 ص 127)

ترے رحم و کرم پر آس میں نے باندھ رکھی ہے
بڑی اُمّید ہے آقا! کرم روزِ جزا ہو گا (وسائلِ بخشش ص۱۸۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رياڪاري جو علاج ڪيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان پنهنجي دل ۾ هن رياءُ جي مرض جون علامتون محسوس ڪيون تہ توبہ ڪان پوءِ علاج ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي، جڏهن اسان پنهنجو باطن پاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ الله عزّوجلّ ظاهر بہ پاڪ ٿي ويندو. شهنشاهِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جو فرمان باقرينہ آهي: جيڪو پنهنجي باطن جي اصلاح ڪندو تہ الله عزّوجلّ ان جي ظاهر جي (بہ) اصلاح فرمائيندو. (الجامع الصغير للسيوطي ص 508 حديث 8339)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ”اخلاص جو نور“ جي ڏهن اکرن جي نسبت سان رياڪاري جا ڏهہ علاج

﴿1﴾ الله تعالي کان دعا جي ذريعي مدد طلب ڪيو ﴿2﴾ رياڪاري جا نقصان پيشِ نظر هجن ﴿3﴾ ريا جا اسباب ختم ڪيو ﴿4﴾ پنهنجي عملن ۾ اخلاص پيدا ڪيو

﴿5﴾ نيّت جي حفاظت ڪيو ﴿6﴾ عبادت جي دوران شيطان جي وسوسن کان بچو ﴿7﴾ تنهائي هجي يا هجوم هڪ جهڙو عمل ڪيو ﴿8﴾ نيڪيون لڪايو ﴿9﴾ صرف سُٺن جي صحبت ۾ رهو ﴿10﴾ وِرد وظيفن جو معمول بڻايو . هاڻي انهن علاجن جي وضاحت ملاحظ فرمايو

## ﴿پهريون علاج﴾ الله تعالي کان دعا جي ذريعي مدد طلب ڪيو

**فرمان مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم آهي: اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤمِنِ يعني دعا مومن جو هٿيار آهي. (المستدرڪ للحاڪم ج 2 ص 162 حديث 1855) شيطان جي خلاف اهو هٿيار استعمال ڪندي خداءِ غفار عزوجل جي ڪرم واري بارگاهه ۾ هيئن دعا ڪيو: يا ربِّ مصطفيٰ! مون کي رياڪاري جي بيماري کان شفا عطا فرماءِ، منهنجي خالي جهولي ۾ اخلاص جي لازوال دولت پري ڇڏ، منهنجو مقابلو ان دشمن (يعني شيطان) سان آهي جيڪو مون کي ڏسندو آهي پر هو پاڻ ڏسڻ ۾ ناهي ايندو، پر اي ربّ ڪريم عزوجل! تون ان کي ڏسي رهيو آهين ان دشمن جي مڪر ۽ فريب کان بچاءِ، اي الله عزوجل مان انهي ڳالهه کان تنهنجي پناهه گهران ٿو جو ماڻهن جي نظر ۾ منهنجو حال سٺو هجي، اهي مون کي نيڪ ۽ پرهيزگار سمجهندا هجن پر تنهنجي دربار ۾ سزا جو حقدار ٿيان.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو

کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰہی (وسائل بخشش ص ۷۸)

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿ٻيو علاج﴾ رياڪاري جا نقصان پيش نظر هجن

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي گهرجي رياڪاري جي آفت ۽ ان جا نقصان اکين جي سامهون رکون ڇوته انسان جي دل ڪنهن شيء کي ان وقت پسند ڪندي آهي جيستائين اها ان کي نفعي بخش نظر ايندي آهي پر جڏهن ان شيء جي نقصان

ڪار هجڻ جي خبر پئي ته اهو ان ڪان بچندو آهي مثلاً ڪنهن اسلامي ڀاءُ ڪي لذت ۽ مٺاڻ جي ڪري ماکي پسند هجي پر جيڪڏهن ان کي ٻڌايو وڃي ته هي ماکي جيڪا توهان پيئڻ وارا آهيو هن ۾ زهر مليل آهي ته اهو ان ۾ موجود لذت ۽ مٺاس نه، زهر ڏسندو ۽ هرگز ان کي نه پيئندو، اهڙي طرح ماڻهن تي پنهنجا نيڪ عمل ظاهر ڪرڻ ۽ انهن جي طرفان واهه واهه ٿيڻ ۾ يقيناً نفس کي وڏي لذت ملندي آهي بلڪ انهيءَ لذت سبب عبادت جي مشقت به آسان ٿي ويندي آهي، پر اسان ان لذت جي بدران رياڪاري جي ذريعي ٿيڻ واري زهر ڪان به خطرناڪ نقصان کي ذهن ۾ رکون ته ان ڪان بچڻ اسان جي لاءِ ڪجهه آسان ٿي ويندو، ڇوته زهر جو نقصان صرف دنيا جي حد تائين آهي جڏهن ته "ريا يعني ڏيکاءُ" آخرت جي لاءِ تباهه ڪار آهي، ڇا رياڪاري جو اهو نقصان گهٽ آهي جو نيڪ عمل ۾ مشقت ڪٽڻ باوجود ثواب ڪان محرومي رهي! ان مزدور جو ڇا حال هوندو جيڪو سڄو ڏينهن اُس ۾ پگهر وهائي ۽ جڏهن مزدوري جو وقت اچي ته ان جي مزدوري اهو چئي روڪي وڃي توهان فلان فلان غلطي ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي مزدوري نه ملندي، پر افسوس! رياڪار ته ثواب جي محرومي سان گڏوگڏ عذابِ نار جو حقدار آهي، اهو انسان ڪيڏو نادان آهي جو جنهن شيءِ سان لکين ڪمائي سگهي ٿو ان کي صرف وقتي خوشي خاطر مفت ۾ وڪڻي ڇڏي، بلڪل ائين اهو عبادت گذار ڪيڏو ناسمجهه آهي جيڪو عبادت جي ذريعي خالق عَزَّوَجَلَّ جو قُرب حاصل ڪرڻ بدران مخلوق کي پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، اهڙي رياڪار ڄڻ ته الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني برداشت ڪئي ۽ ان جي بدلي ماڻهن جي محبت چاهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه مان ٿيڻ واري مذمت جي بدلي ماڻهن جي مِدحت (يعني واکاڻ) جو طالب ٿيو، الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي جي بدلي ماڻهن جي رضا ۽ خوشنودي طلب ڪئي ۽ باقي رهڻ واريون جنتي نعمتون فاني دنيا جي بدلي وڪڻي ڇڏيون! وري سيني ماڻهن کي راضي رکڻ نا ممڪن آهي جيڪڏهن ڪجهه ماڻهو هڪ ڳالهه تان خوش

ٿين ٿا تہ انهيءَ ڳالهہ سان ناراض ٿيڻ وارن جو بہ هڪ تعداد هوندو آهي.

عطا کردے اِخلاص کی مجھ کو نعمت

نہ نزدیک آئے ریا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص ۷۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڏيکاءَ جي لاءِ عمل ڪرڻ واري جي مثال

ماڻهن ڪي ڏيکارڻ ۽ ٻڌائڻ واري عمل جو مثال ان شخص جيان آهي جيڪو پنهنجي ڪيسي ۾ خوب پٿريون ڀري ان کي نمايان ڪري خريداري جي لاءِ بازار ويو، جڏهن ماڻهن ان جو ڪيسو ڀريل ڏٺو تہ حيرت وچان چوڻ لڳا: واهہ سائين! ڏسو تہ سهي! ان جو ڪيسو ڪيتري قدر رقم سان ڀريل آهي! پر ان کي ماڻهن جي ان واهہ واهہ جي علاوه ڪو فائدو نہ ملندو ڇو تہ اهو جيئن ئي دڪاندار کي قيمت ادا ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي ڪيسي مان رقم جي بدلي پٿر ڪڍندو تہ ذليل ۽ خوار ٿي ويندو، اهڙي طرح ڏيکاءَ ۽ ٻين کي ٻڌائڻ جي لاءِ عمل ڪندڙ رياڪار کي ماڻهن جي طرفان چيا ويندڙ تعريفي جملن کان علاوه نہ ڪو نفعو حاصل ٿيندو، نہ ئي قيامت جي ڏينهن ڪو ثواب ملندو. (الزواجر عن اقتراف الكبائر ج 1 ص 86 بتصرف)

بڑی کوششیں کی گنہ چھوڑنے کی

رہے آہ! ناکام ہم یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص ۸۲)

## ﴿ٽيون علاج﴾ ريا جا اسباب ختم ڪيو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هر بيماري جو ڪو نہ ڪو سبب هوندو آهي جيڪڏهن سبب مٽايو وڃي تہ بيماري بہ ختم ٿي ويندي آهي، ائين رياڪاري جا بنيادي سبب ٽي آهن، جيڪڏهن ان ٽن شين مان جان ڇڏائي وڃي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ رياڪاري کان بچڻ بيحد آسان ٿي ويندو، اهي ٽي سبب هي آهن: ﴿1﴾ حُبِّ جاهہ يعني شهرت جي خواهش ﴿2﴾ مذمت جو خوف ۽ ﴿3﴾ مال و دولت جو حِرص

## ﴿1﴾ شُهرت جي خواهش

حُبِّ جاهه ڇا آهي: ”شهرت ۽ عزت جي خواهش ڪرڻ.“ حُبِ جاهه جي مذمت ڪندي حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی فرمائن ٿا: شهرت جو مقصد ماڻهن جي دلين ۾ مقام ٺاهڻ آهي ۽ اها خواهش هر فساد جي جڙ آهي، اسان کي گهرجي ته حبِ جاهه يعني شهرت جي خواهش تي قابو پائڻ جي لاءِ حديثن مبارڪن ۾ بيان ٿيل ان جي نقصانن تي غور ۽ فڪر ڪيون انهيءَ سلسلي ۾ چار فرامينِ مصطفيٰ صلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلَّم ملاحظه فرمايو:﴿1﴾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بندگي ڪي پانهن جي طرفان ڪئي ويندڙ تعريف جي محبت ملائڻ ڪان بچائيندا رهو، ڪٿي اوهان جا عمل برباد ٿي نه وڃن. (فردوس الاخبار للديلمي ج 1 ص 223 حديث 1567) ﴿2﴾ مال ۽ مرتبي جي محبت مومن جي دل ۾ منافقت کي ائين وڌائيندي آهي جيئن پاڻي ساوڪ کي اڳائيندو آهي. (احياءُ العلوم ج 3 ص 286، 342) ﴿3﴾ ٻه بکايل بگهڙ ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ايتري تباهي ناهن مچائيندا جيتري تباهي حبِ جاهه (يعني مال و دولت ۽ عزت و شهرت جي محبت) مسلمان جي دين ۾ مچائيندي آهي. (ترمذي ج 4 ص 166 حديث 2383) ﴿4﴾ پنهنجي تعريف پسند ڪرڻ انسان کي انڌو ۽ ٻوڙو ڪري ڇڏيندي آهي. (فردوس الاخبار للديلمي ج 1 ص 347 حديث 2548)

## ائين ”فڪرمدينه“ ڪريو

ڪوشش ڪري ائين غور و خوض (يعني فڪر مدينه) ڪريو: ماڻهن جو منهنجي واکاڻ ۾ ڪجهه جملا چوڻ، مون کي تعريفي نگاهن سان ڏسڻ، يا شهرت ملي وڃڻ نفس جي لاءِ يقيناً لذت جو سبب آهي پر ماڻهن جي طرفان ڪئي ويندڙ تعريف مون کي حشر جي ڏينهن بارگاهه الٰهي ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني نٿي ڏياري سگهي، جو ته هي تعريف ڪرڻ وارا ماڻهو پاڻ ٻه انجام جي خوف کان ڏڪندا هوندا، انهن جي تعريف سان نه منهنجو رزق وڌندو نه عمر ۾ اضافو ٿيندو، ۽ نه ئي آخرت ۾ ڪو مقام مرتبو نصيب ٿي سگهندو، تنهنڪري اهڙن ماڻهن جي طرفان ڪئي ويندڙ تعريف جي خواهش جو ڪهڙو فائدو! مان ڇو انهن ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ نيڪ عمل ڪيان

بلڪ مان تہ صرف پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ عبادت ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## پنهنجي ڪوڙي تعريف پسند ڪرڻ حرام آهي

امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ شريف جلد 21 صفحي 597 تي لکن ٿا: جيڪڏهن (ڪو شخص) پنهنجي ڪوڙي تعريف کي پسند ڪري تہ ماڻهو هن جي انهن فضيلتن سبب ساراهہ (يعني واکاڻ) ڪن جيڪا (فضيلت ۽ خوبي) هن ۾ ناهي، پوءِ تہ صريح قطعي حرام آهي قَالَ اللّٰہ (يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو)

لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ يَفْرَحُوْنَ بِمَآ اَتَوْا وَّيُحِبُّوْنَ اَنْ يُّحْمَدُوْا بِمَا لَمْ يَفْعَلُوْا فَلَا تَحْسَبَنَّهُمْ بِمَفَازَةٍ مِّنَ الْعَذَابِ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۸۸﴾ (پ ٤، اٰل عمران: ١٨٨)

**ترجمو ڪنزالايمان:** هرگز انهن کي نہ ڀانءِ جيڪي پنهنجي ڪئي تي خوش ٿين ٿا. ۽ گهرن ٿا تہ بنا ڪم جي انهن جي تعريف ٿئي. اهڙن کي عذاب کان هرگز پري نہ ڄاڻندا ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

آج بنتا ہوں مُعَزَّز جو کُھلے حشر میں عیب
ہائے رُسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یارب (وسائلِ بخشش ص۹۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) ماڻهن جي مذمت جو خوف

ماڻهن جي طرفان مذمت ٿيڻ (يعني برو ڀلو چوڻ) جو خوف هن طرح ختم ڪري سگهجي ٿو تہ اوهان پنهنجو ذهن بڻائي ڇڏيو جو ڪنهن جي، مذمت ڪرڻ (يعني برو ڀلو چوڻ) سان نہ منهنجو موت جلد ايندو ۽ نہ ئي منهنجي رزق ۾ ڪمي بيشي ٿيندي، جيڪڏهن منهنجو رب عَزَّوَجَلَّ مون سان راضي آهي تہ پوءِ ماڻهن جي مذمت ۽ انهن جي طرفان ناراضگي جو اظهار ڪرڻ منهنجو ڪجهہ بہ نہ بگاڙي سگهندو، اهي ماڻهو پاڻ بہ تہ مجبور ۽ عاجز آهن جو پنهنجي نفعي ۽ نقصان، زندگي ۽ موت جا بہ مالڪ ناهن تہ مان ڇو انهن جي مذمت جي خوف کان نيڪ عمل ڪيان يا ڇڏيان، مون کي تہ صرف پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي قهر ۽ غضب کان ڊڄڻ گهرجي.

## (3) مال ۽ دولت جو حِرص

مال ۽ دولت جي حِرصَ کان نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو هن طرح ذهن ٺاهيو جو مال ڏيڻ ۽ روڪڻ جي سلسلي ۾ ماڻهن جون دليون الله تبارڪ و تعاليٰ جي قبضي ۾ آهن، مان جن ماڻهن جي خاطر رياڪاري يعني ڏيکاءُ جو عمل ڪرڻ لڳو آهيان اهي ته پاڻ مجبور محض آهن، رزق ڏيڻ واري ذات صرف ربِّ ڪائنات جي آهي، جيڪو شخص ماڻهن جي مال جي لالچ رکندو آهي اهو ذليل ۽ رسوا ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي مال ملي به وڃي ته ڏيڻ واري جو احسان مٿي پوندو، ته جڏهن ڏيکاءُ جي عمل سبب به مال جو ملڻ يقيني ناهي ۽ ذلت ۽ رسوائي جو انديشو به پورو آهي ته پوءِ مان ڇو نيڪ عملن جي ذريعي ماڻهن کي متاثر ڪري انهن کان مال حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان؟ بس مان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ جي لاءِ عبادت ۽ هر طرح جا نيڪ ڪم ڪندو رهندس. ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ

چھڑا مرا دنیا کی محبت سے مجھ وا دے

یا رب مجھے دیوانہ مدینے کا بنا دے (وسائلِ بخشش ص۱۰۰)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (چوٿون علاج) پنهنجي عمل ۾ اخلاص پيدا ڪيو

مديني جا سلطان، رَحمتِ عالميان، سَروَر ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: اي انسانو! اللهعَزَّوَجَلَّ جي لاءِ اخلاص سان عمل ڪيو ڇوته اللهعَزَّوَجَلَّ اهي ئي عمل قبول فرمائيندو آهي جيڪي ان جي لاءِ اخلاص سان ڪيا ويندا آهن ۽ اهو نه چئو ته هي (عمل) اللهعَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ۽ رشتيداري جي لاءِ .

(سنن دار قطني ج 1 ص 73 حديث 130)

## بنا اِخلاص جي ثواب ناهي ملندو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائن العِرفان“ صفحي 892 کان 893 تي سيپاري 25 سُوۡرَةُ الشُّوۡرٰی جي آيت

نمبر 20 ۾ اللہ عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ ۚ وَمَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ نَّصِيْبٍ ﴿۲۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** جيڪو آخرت جي پوک گهري اسان ان جي واسطي ان جي پوک وڌايون ۽ جيڪو دُنيا جي پُوک چاهي اسان ان کي ان مان ڪجهہ ڏينداسين ۽ آخرت ۾ ان جو ڪو بہ حصو نہ آهي.

تفسير نورالعِرفان مان هن آيت سڳوري جي مختلف حصن جي تفسير ملاحظہ فرمايو ﴿جيڪو آخرت جي پوک گهري﴾ يعني اللہ عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ جناب مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشنودي چاهي، ڏيکاءُ جي لاءِ عمل نہ ڪري ﴿اسان ان جي واسطي ان جي پوک وڌايون﴾ يعني ان کي وڌيڪ نيڪين جي توفيق ڏينداسين، نيڪ ڪم آسان ڪنداسين، عمل جو ثواب بي حساب ڏينداسين. ﴿۽ جيڪو دُنيا جي پُوک چاهي﴾ جو صرف دنيا ڪمائڻ جي لاءِ نيڪيون ڪري، عزت ۽ جاهہ (۽ شهرت واهہ واهہ) جي لاءِ عالِم، حاجي بڻيو (مال) غنيمت (حاصل ڪرڻ) جي لاءِ غازي (بڻيو) ﴿۽ آخرت ۾ ان جو ڪو بہ حصو نہ آهي﴾ جو تہ ان آخرت جي لاءِ عمل ڪيا ئي نہ هئا، معلوم ٿيو تہ رياڪار ثواب کان محروم رهندو آهي پر شرعاً ان جو عمل درست آهي، ڏيکاءُ واري نماز سان فرض ادا ٿي ويندو، پر ثواب نہ ملندو انهيءَ ڪري فِي الْاٰخِرَةِ (يعني آخرت ۾ ان جو ڪجهہ حصو ناهي) جي قيد لڳائي. (نورالعرفان ص 774)

## مُخلِص جا عمل اللہ مشهور ڪندو آهي

حُضُور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيَّاحِ افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جيڪڏهن توهان مان ڪو شخص اهڙي سخت چٽاڻ (يعني وڏي پٿر) ۾ ڪو عمل ڪري، جنهن جو نہ ڪو دروازو هجي ۽ نہ ئي روشندان تڏهن بہ ان جو عمل ظاهر ٿي ويندو ۽ جيڪو ٿيڻو آهي اهو ٿي ئي رهندو.“ (مسند امام احمد بن حنبل ج 4 ص 75 حديث 11230)

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنان هن حديث پاڪ تحت لکن ٿا: هن فرمان عالي جو مقصد هي آهي ته توهان ريا ڪري ثواب چو ٿا برباد ڪيو! توهان اخلاص سان نيڪيون ڪيو، خفيه (يعني لکي ڪري عبادت) ڪيو، الله تعاليٰ توهان جون نيڪيون پاڻ ئي ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏيندو ماڻهن جون دليون اوهان کي نيڪ مڃڻ لڳنديون. اهو نهايت مُجَرَّب (يعني آزمايل) آهي، ڪجهه ماڻهو خُفيه (يعني لکي ڪري) تَهَجُّد پڙهندا آهن ماڻهو هروڀرو انهن کي تَهَجُّد گذار چوڻ لڳندا آهن، تَهَجُّد بلڪ هر نيڪي جو نور چهري تي ظاهر ٿي ويندو آهي، جنهن جو ڏينهن رات جو مشاهدو ٿي رهيو آهي، ماڻهو حضور غوث پاڪ (۽) خواجه اجميري (رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہما) کي ولي چون ٿا، چو ته رب تعاليٰ چَوَرائي پيو، هي آهي ان مبارڪ فرمان جو مقصد. (مرأة المناجيح ج 7 ص 145)

## مُخلِص ڪنهن کي چئبو آهي؟

"انسان مخلص ڪڏهن ٿيندو آهي" ان جي باري ۾ اسلاف ڪرام رحمہم اللہ السلام جا چار قول ملاحظه فرمايو: ﴿1﴾ حضرت سيدنا يحيٰ بن معاذ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ کان سوال ٿيو: انسان ڪڏهن مخلص ٿيندو آهي؟ فرمايائون: جڏهن کير پياڪ ٻار جيان ان جي عادت ٿئي، کير پياڪ ٻار جي جڏهن ڪو تعريف ڪندو آهي ته نه ان کي سٺي لڳندي آهي نه بري، ته جهڙي نموني اهو پنهنجي تعريف ۽ مذمت کان بي پرواهه هوندو آهي، اهڙي طرح انسان جڏهن پنهنجي مذمت ۽ تعريف جي پرواهه نه ڪري ته مخلص چئي سگهون ٿا. (تنبيه المغترين ص 24) ﴿2﴾ حضرت سيدنا ذُوالنُّون مصري علیہ رحمۃ اللہ القوی کان ڪنهن پڇيو: انسان کي ڪيئن خبر پئي ته اهو مُخلِص آهي؟ فرمايائون: جڏهن اهو صالح عمل (يعني نيڪين) ۾ پوري ڪوشش ڪرڻ باوجود ان ڳالهه کي پسند ڪري ته مان مُعَزَّز (يعني عزت وارو) نه سمجهيو وڃان. (ايضاً ص 23) ﴿3﴾ ڪنهن امام کان پڇيو ويو: مُخلص ڪير آهي؟ فرمايائون: مُخلِص اهو آهي جيڪو پنهنجون نيڪيون ائين لڪائي جيئن پنهنجون برائيون لڪائيندو آهي. (الزواجر ج 1 ص 102) ﴿4﴾ هڪ ٻئي بزرگ جي

خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: اخلاص جي حد ڪيستائين آهي؟ فرمايائون: اها جو توهان کي خواهش ئي نه رهي ته ماڻهو توهان جي تعريف ڪن. (ايضاً)

يکساں ہو مَدح و ذَم مجھ پہ کر دو کرم

نہ خوشی ہو نہ غم تاجدارِ حرم (وسائلِ بخشش ص ۲۷۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿پنجون علاج﴾ نيّت جي حفاظت ڪيو

رياڪاري کان بچڻ جي لاءِ پنهنجي نيت جي حفاظت ضروري آهي اوهان جيڪو عمل ڪرڻ لڳا آهيو ان جو مقصد ڇا آهي؟ جيڪڏهن ڏيکاءَ جو شبهو به هجي ته فوراً پنهنجي نيّت جي اصلاح فرمايو ۽ اهو ذهن بڻايو ته صرف اهو ئي عمل مقبول ٿيندو جيڪو رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪيو ويندو، جيڪڏهن مون ماڻهن کي ڏيکارڻ يا ٻڌائڻ جي خاطر ڪا نيڪي ڪئي ته قبول ٿيڻ ته هڪ پاسي جهنم جي عذاب جو حقدار بڻجي ويندس! شيطان جيتوڻيڪ لک رڪاوٽون وجهي پر ريا ۽ ڏيکاءَ جي نيت کان بچڻو آهي ۽ سٺي نيت ڪرڻي پوندي. حضرت سيدنا نعيم بن حَمّاد عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْجَوَاد فرمائن ٿا: اسان جي پٺي جو ڪوڙن جي مار کائڻ اسان جي لاءِ (سٺي) نيت ڪرڻ جي مقابلي ۾ آسان آهي. (التنبيه المغترين ص 25)

**نيت ڇا کي چئبو آهي؟** نيت لغوي طور دل جي پختي (يعني پڪي) ارادي کي چوندا آهن ۽ شرعاً عبادت جي ارادي کي نيت چوندا آهن (ماخوذ از نزهة القاري شرح صحيح البخاري ج 1 ص 226) نيت جي اهميت دل ۾ اجاگر ڪرڻ جي لاءِ ست روايتون ملاحظه فرمايو:

## "چل مدينه"جي ستن اکرن جي نسبت سان سٺي نيتن جي فضيلت تي مشتمل ﴿7﴾ فرامين مصطفيٰ

﴿1﴾ اعمال جو دارومدار نيتن تي آهي ۽ هر شخص جي لاءِ اهو ئي آهي جنهن جي اهو نيّت ڪري. (بخاري ج 1 ص 6 حديث 1) ﴿2﴾ مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر

آهي. (المعجمُ الكبير ج 6 ص 185 حديث 5942) ﴿3﴾ سچي نيت سڀ کان افضل عمل آهي. (الجامع الصغير ص 81 حديث 1284) ﴿4﴾ سٺي نيت انسان کي جنت ۾ داخل ڪندي. (الفردوس بماثور الخطاب ج 4 ص 305 حديث 6895) ﴿5﴾ اللهعَزَّوَجَلَّ آخرت جي نيت تي دنيا عطا فرمائيندو آهي پر دنيا جي نيت تي آخرت عطا فرمائڻ کان انڪار فرمائي ڇڏيندو آهي. (الزهد لابن مبارڪ ص 193 حديث 549) ﴿6﴾ سچي نيت عرش سان مُعَلَّق آهي پوءِ جڏهن ڪو ٻانهو سچي نيت ڪندو آهي ته عرش هلڻ لڳندو آهي پوءِ ان ٻانهي کي بخشيو ويندو آهي. (تاريخ بغداد ج 12 ص 444 حديث 6926) ﴿7﴾ جنهن نيڪي جو ارادو ڪيو پوءِ ان کي نه ڪيو ته ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي. (صحيح مسلم ص 79 حديث 130)

اچّھی اچّھی نیتوں کا ہو خدا جذبہ عطا
بندۂ مخلص بنا، کر عفو میری ہر خطا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿ڇهون علاج﴾ عبادت دوران شيطاني وسوسن کان بچو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اخلاص قبوليت جي ڪنجي آهي تنهنڪري جهڙي طرح نيڪ عمل کان پهريان دل ۾ اخلاص هجڻ ضروري آهي ائين هر نيڪي ۽ عبادت جي دوران هن کي قائم رکڻ به ضروري آهي ڇو ته شيطان مسلسل اسان جي دل ۾ وسوسا وجهڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهي ٿو. حضرت سيدنا فُضَيل بن عِياضعَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّزّاق فرمائن ٿا: جيڪو شخص پنهنجي عمل ۾ ساحر (يعني جادوگر) کان وڌيڪ هوشيار نه هوندو (شيطان جي دوکي ۾ اچي) ضرور رياڪاري ۾ ڦاسي ويندو. (تنبيه المغترين ص 23)

### عبادت ۾ وسوسن کان نجات جي لاءِ ٽي شيون ضروري آهن

عبادت جي دوران وسوسن جي ڇوٽڪاري جي لاءِ ٽي شيون ضروري آهن: ﴿1﴾ انهن وسوسن جي سُڃاڻپ ﴿2﴾ انهن کي ناپسند ڪرڻ ۽ ﴿3﴾ انهن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ. مثلاً ڪنهن سٺيون سٺيون نيتون ڪري تَهَجُّد ادا ڪرڻ شروع ڪيائين، انهيءَ دوران شيطان دل ۾ رياڪاري

جو وسوسو وجهي ته جڏهن ماڻهن کي منهنجي تَهَجُّد گذاري جي خبر پوندي ته اهي مون کان متاثر ٿيندا، هاڻي انهن وسوسن کي فوري سڃاڻڻ ته اهي شيطان جي طرفان آهن ان نمازي جي لاءِ تمام ضروري آهي، پوءِ انهن کي ناپسند به سمجهي جو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڪيو ويندڙ عمل سان مخلوق کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ غضبِ الاهي کي دعوت ڏيڻ جي برابر آهي، پوءِ انهن وسوسن کان ڏيان هٽائي ڇڏي، جيتوڻيڪ هي ڪم مشڪل ضرور آهي پر ناممڪن ناهي، شروع شروع ۾ اهو ڪم بيحد ڏکيو محسوس ٿيندو آهي پر تَڪَلُّف ڪري جيڪڏهن هڪ عرصي تائين صبر ڪري ته الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان ۽ حُسنِ توفيق سان هي ڪم آسان ٿي ويندو آهي، اسان جو ڪم ڪوشش ڪرڻ آهي، ڪاميابي ڏيڻ واري ذات ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي آهي، سيپاري 21 سُوْرَۃُ الْعَنْكَبُوْت آيت نمبر 69 ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو :

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ ؀ۧ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جن اسان جي راهه ۾ ڪوشش ڪئي اسان ضرور انهن کي پنهنجي راهه هلائينداسين ۽ بيشڪ الله نيڪن سان گڏ آهي.

تو شیطاں کے شر سے بچا یاالٰہی — مجھے وسوسوں سے بچا یا الٰہی
ہو دل وسوسوں سے صفا یاالٰہی — ہو شر دور شیطان کا یا الٰہی

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿ستون علاج﴾ تنهائي هجي يا هجوم هڪ جهڙو عمل ڪيو

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا: رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُڪرَّم آهي ته ٻانهو جڏهن اعلانيه نماز پڙهي ته سٺي، ۽ خُفيه (يعني اڪيلائي ۾) نماز پڙهي ته به سٺي ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته هي منهنجو سچو ٻانهو آهي. (سنن ابن ماجه ج 4 ص 468 حديث 4200)

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنّان هن حديث پاڪ تحت لکن ٿا: يعني اُن ڀائيءَ ۾ رياڪاري ناهي، هي ڀائيو مخلص ڀائيو آهي جيڪڏهن رياڪار هجي ها ته ظاهر ۾ نماز سٺي پڙهي ها خفيه (يعني اڪيلائي) ۾ معمولي طرح، جڏهن ته هي اڪيلائي ۾ به سٺي طرح پڙهندو آهي ته مخلص ٿي آهي. (مرآة المناجيح ج 7 ص 140)

## امام سِرّي نماز ۾ به تجويد جي قاعدن جي رعايت ڪري

مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي ته اڪيلائي ۾ هجون يا اسلامي ڀائرن سان گڏ، ٻنهي جڳهه عمل کي يڪسان انداز ۾ ڪرڻ جي خوب ڪوشش ڪيون. مثال طور جيئن خُشُوع ۽ خُضُوع سان ماڻهن جي سامهون نماز پڙهندا آهيون اهو ئي انداز اڪيلي ۾ به قائم رکون، امام صاحب کي گهرجي ته جيئن جَهري (يعني وڏي آواز سان قراءت واري) نماز ۾ تجويد جي قاعدن جو خيال رکندا آهن ته سِري (يعني آهسته قراءت واري) نماز ۾ به اهو خيال رکن، ۽ جيڪو ڪم اسان ماڻهن جي سامهون ڪرڻ پسند نٿا ڪيون اهو اڪيلائي ۾ به نه ڪيون، شفيعُ المُذنِبين، سِراجُ السَّالِڪين صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جو فرمانِ مُبين آهي: جيڪي ڪم ماڻهن جي سامهون ڪرڻ ناپسند ڪندا آهيو اهي اڪيلائي ۾ به نه ڪندا ڪيو. (الجامع الصغير للسيوطي ص 487 حديث 7973)

بچا مجھ کو شیطاں کی مکّاریوں سے
خدا بہرِ حیدر ریاکاریوں سے

اٰمِين بِجاهِ النّبيِّ الاَمين صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿انوکو علاج﴾ نيڪيون لڪايو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اها سعادت ملي وڃي ته اسان به پنهنجون نيڪيون اهڙي طرح لڪايون جيئن پنهنجي گناهن کي لڪائيندا آهيون، ۽ بس اهو

ٿي ڪافي سمجهون تہ الله تعاليٰ اسان جون نيڪيون چاهي ٿو، خاص ڪري لڪي نيڪي ڪرڻ کان پوءِ نفس جي خوب نگراني ڪئي وڃي ڇو تہ ٿي سگهي ٿو تہ عبادت ظاهر ڪرڻ جو حِرص نفس کي جوش ڏياري ۽ نفس ڪجھ هن طرح ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري تہ اها پنهنجي عبادت ماڻهن تي ظاهر ڪري ڇڏ، ۽ هن طرح نيڪيون لڪائي رکڻ سان ماڻهن کي تنهنجي مقام ۽ مرتبي جو علم ٿي نہ ٿيندو تہ اهي ويچارا تنهنجي پيروي کان محروم رهجي ويندا، ائين تون ماڻهن جو مُقتدا (يعني پيشوا ۽ رهنما) ڪيئن بڻجندين؟ تنهنجي ذريعي نيڪي جي دعوت ڪيئن عام ٿيندي؟ وغيره، اهڙي صورت ۾ الله تعاليٰ کان اِسۡتِقامت ۽ ثابت قدمي جي دعا ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي عمل جي بدلي ۾ ملڻ واري جنت جي عظيم الشان دائمي نعمتن کي ياد ڪرڻ گهرجي، پاڻ کي ڊيڄارڻ گهرجي تہ جيڪو شخص الله تعاليٰ جي عبادت جي ذريعي ان جي ٻانهن کان اجر (يعني بدلي) جو طالب هوندو آهي ان تي الله عَزَّوَجَلَّ جو غضب نازل ٿيندو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ٻين جي سامهون پنهنجو عمل ظاهر ڪرڻ جي ڪري اهو انهن جي ويجهو تہ محبوب (يعني پيارو) ٿي وڃي پر الله تعاليٰ جي نزديڪ ان جو مقام مرتبو ڪري پوي! تہ پوءِ هن سبب منهنجو عمل بہ ضايع نہ ٿي وڃي! پوءِ نفس کي ائين سمجهائي تہ مان ڪهڙي طرح انهيءَ عمل کي ماڻهن جي تعريف جي بدلي ۾ وڪڻي ڇڏيان اهي پاڻ بہ تہ عاجز ۽ لاچار آهن، اهي مون کي نہ تہ رزق ڏئي سگهن ٿا ۽ نہ ئي موت و حيات جا مالڪ آهن.

## پوشيده عمل افضل آهي

لڪي ڪري ڪيل عملن جي فضيلتن تي غور فرمايو جيئن تہ نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيّاحِ اَفلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان فضيلت نشان آهي: ظاهري عمل جي مقابلي ۾ پوشيده عمل افضل آهي. (شعب الايمان ج 5 ص 376 حديث 7012)

## عمل جي اظهار جي هڪ صورت

اهڙو شخص جنهن جي پيروي ڪئي ويندي هجي اهو ماڻهن کي رغبت ڏيارڻ جي نيّت سان اهڙو عمل ظاهر

ڪري سگهي ٿو جڏهن ته ان اظهار ۾ ريا جي ملاوٽ نه هجي، اهڙي طرح اخلاص سان عمل ظاهر ڪرڻ جي ڪري اهو عظيم ثواب جو حقدار آهي جيئن هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن ظاهري طور ڪيل عمل جي پيروي ڪئي وڃي ته اهو (ظاهر ڪيو ويندڙ عمل) لڪي ڪري ڪيل عمل کان افضل آهي. (ايضاً)

## عاجزي جي انتها

پنهنجو پوشيده عمل تحديثِ نعمت يا ٻين جي رغبت جي لاءِ ظاهر ڪرڻ کان پهريان سٺي طرح غور ڪرڻ جي حاجت آهي ته ڪٿي هي شيطان جي چال ته ناهي! ڪٿي مان رياڪاري ۾ ته ڦاسي نه پوندس، انهيءَ ضمن ۾ اسان جي بزرگان دين رحمهم اللہ المبین جي اِنڪساري بي مثال آهي، جيئن سيدنا سفيان ثوري علیہ رحمۃ اللہ القوی فرمائن ٿا: مون جيترو قدر عمل ظاهر ڪري ڪيا آهن، انهن کي نه هجڻ جي برابر سمجهان ٿو ڇوته جڏهن ماڻهو ڏسي رهيا هجن ته ان وقت اخلاص کي باقي رکڻ اسان جهڙن جي قدرت کان ٻاهر آهي. (تنبيه المغترين ص 26)

## بصره جي هر گهٽي مان تلاوت جو آواز ايندو هو

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی لکن ٿا: ڪنهن زماني ۾ بصره جي هر گهٽي مان ذڪرِ الٰهي ۽ تلاوت قرآن مجيد جو آواز ايندو هو ۽ انهيءَ طرح ماڻهن کي ذڪر ۽ اذڪار جي رغبت ملندي هئي، اتفاق سان ان زماني ۾ ڪنهن عالم صاحب ”ريا جي باريڪين“ جي باري ۾ هڪ رسالو تحرير فرمايو، ته تمام ماڻهن وڏي آواز سان ذڪر ۽ تلاوت ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو، انهي تي گهڻن ماڻهن چيو: ڪاش! اهي عالم صاحب هي رسالو نه لکن ها! (ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 692)

## هاڻي ته نه ڪيل عملن ۾ به رياڪاري ڪئي ويندي آهي

حضرت سيدنا فضيل بن عياض رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: اسان پهرين جي ماڻهن کي انهيءَ حالت ۾ ڏٺو هو جو اهي انهن نيڪين ۾ ريا

ڪندا ها جيڪي اهي ڪندا ها ۽ هاڻي ماڻهن جي حالت هي آهي جو اهي انهن عملن ۾ ريا ڪندا آهن جيڪي اهي ناهن ڪندا. (تنبيه المغترين ص 25) يعني پهرين ماڻهو مخلوق کي راضي ڪرڻ جي لاءِ نيڪ ڪم ڪندا ها ۽ هاڻي نيڪ ڪم ڪندا به ناهن بلڪ نيڪن جهڙي صورت بڻائي انهيءَ ڳالهه جو يقين ڏيارڻ چاهين ٿا ته اهي نيڪ ڪم ڪندا آهن ۽ اهي پهريان جي رياڪارن کان به بد تر آهن .

نیکیاں چُھپ کر کریں ایسی ہدایت دے خدا
ہم کو پوشیدہ عبادت کی تو لذّت دے خدا

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿نائون علاج﴾ صرف سٺي صحبت ۾ رهو

الله تعاليٰ جي مخلص ٻانهن ۽ عاشقان رسول جي صحبت نصيب ٿي وڃي ته سعادت جي ڳالهه آهي، انهن جي طرفان وقت بوقت ملندڙ نيڪي جي دعوت جي برڪت سان ٻين فائدن سان گڏوگڏ اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ رياڪاري جو علاج به ٿيندو رهندو، اهو ياد رهي ته صرف ۽ صرف چڱي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي، جڏهن ته بُرن ماڻهن جي پاڇي کان به پري ڀڄڻ گهرجي. مڪي مدني سلطان، رَحمتِ عالميان صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جو فرمان عاليشان آهي: سٺن ۽ برن ساٿين جي مثال، مُشڪ (يعني ڪٿوري) کڻڻ واري ۽ ڀٺي ٻارڻ واري جيان آهي، مُشڪ کڻڻ وارو توهان کي تحفو ڏيندو يا توهان ان کان خريد ڪندؤ يا توهان کي ان مان عمده خوشبو ايندي، جڏهن ته ڀٺي ٻارڻ وارو يا ته توهان جا ڪپڙا ساڙيندو يا توهان کي ان مان ناپسند ڌپ ايندي. (صحيح مسلم ص 1414 حديث 2628)

چنگے بندے دی صُحبت یارو جیویں دکان عطاراں سودا بھاویں مُل نہ لیئے حُلّے آن ہزاراں
بُرے بندے دی صُحبت یارو جیویں دکان لوہاراں کپڑے بھاویں کُنج کُنج بیئے چنگاں پین ہزاراں

(يعني سٺي ماڻهو جي صحبت عطار (يعني عطر فروش) جي دوڪان جيان آهي جتان ڪان ماڻهو ڪجهہ نہ بہ خريدي پر ان کي خوشبو اچي ٿي ويندي آهي ۽ بري شخص جي صحبت لوهار جي دوڪان جي مثل آهي جتي پنهنجي ڪپڙي کي جيترو بہ سميٽي رکو پر چڻنگ ان تائين پهچي ويندي)

## صحبت جي فوري اثر جا مثال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر صحبت پنهنجو اثر ضرور رکي ٿي، مثلاً جيڪڏهن ڪنهن اهڙي اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿئي جنهن جي اکين ۾ پنهنجي ڪنهن مائٽ جي موت جي ڪري ڳوڙها هجن، چهري تي غم جا آثار خوب ظاهر هجن ۽ لهجي مان اُداسي ظاهر ٿي رهي هجي تہ ان جي اها حالت ڏسي ڪجهہ دير جي لاءِ اوهان بہ غمگين ٿي ويندا، ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڪنهن اهڙي اسلامي ڀاءُ سان ويهڻ جو اتفاق ٿئي جنهن جو چهرو ڪنهن ڪاميابي جي ڪري خوشي سان روشن هجي، چپن تي مسڪراهٽ هجي ۽ ان جي ڳالهين مان خوشي جو اظهار ٿي رهيو هجي تہ نہ چاهيندي اوهان بہ ڪجهہ دير جي لاءِ ان سان ان جي خوشي ۾ شريڪ ٿي ويندا .

## سٺي ۽ بُري صحبت جا اثر

اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو شخص اهڙن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪندو جيڪي فڪرِ آخرت ڪان بلڪل غافل هجن ۽ گناهہ ڪرڻ ۾ ڪنهن قسم جو شرم محسوس نہ ڪندا هجن تہ غالب گمان آهي تہ جلد ئي هي بہ انهن وانگر ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن ڪو شخص عاشقانِ رسول جي صحبت اختيار ڪندو جنن جون دليون فڪرِ مدينہ سان مَعمور هجن ۽ اهي ڏينهن رات آخرت جي فلاح (يعني ڪاميابي) جي لاءِ پنهنجي اصلاح جي ڪوشش ۾ مصروف رهندا هجن، انهن جون اکيون اللّٰه تعاليٰ جي خوف سان روئينديون هجن تہ وڏي اميد آهي تہ اها ئي ڪيفيت ان شخص جي دل ۾ بہ سرايت (يعني اثر) ڪري ويندي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

بُری صُحبتوں سے بچا یا الٰہی
بنا مجھ کو اچّھا بنا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوت اسلامي جو مدني ماحول

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهڙي سٺي مدني صحبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ اوهان کي پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي، تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، ان جي برڪت سان ان شَاءَ الله عَزَّوَجَلَّ بهترين اخلاقي وصف اوهان جي ڪردار جو حصو بڻجي ويندا، هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي ته پنهنجي شهر ۾ ٿيندڙ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪري ۽ سنتن جي تربيت جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سنتن ڀريو سفر ڪري. انهن مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي گذريل زندگي جي طور طريقي تي غور ۽ فڪر جو موقعو ملندو ۽ دل آخرت جي بهتري لاءِ بي چين ٿي ويندي، جنهن جي نتيجي ۾ گناهن جي ڪثرت تي ندامت ٿيندي ۽ توبه جي سعادت ملندي، عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ مسلسل سفر ڪرڻ جي نتيجي ۾ فحش ڪلامي ۽ فضول ڳالهائڻ جي بدران لبن تي درود پاڪ جو وِرد هوندو ۽ زبان تلاوت قرآن ۽ ذڪر و نعت جي عادي بڻجي ويندي، ڪاوڙ جي بدران نرمي، بي صبري جي بدران صبر ۽ تَحَمُّل، تڪَبُّر جي بدران عاجزي ۽ احترامِ مسلم جو جذبو ملندو. دنياوي مال ۽ دولت جي لالچ ڪان جان ڇٽي ويندي ۽ نيڪين جو حرص پيدا ٿيندو، الغرض بار بار راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ واري زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويندو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ . اسلامي ڀينرن کي به گهرجي ته پنهنجي شهر ۾ ٿيندڙ اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪن.

## دل ۽ نڪ جي مرض ڪان نجات

اوهان جي ترغيب جي لاءِ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان ڀرپور هڪ مدني بهار پيش ڪيان ٿو جيئن ته مراد آباد (يو پي هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو

خلاصو آهي: تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابستگي کان پهريان گناهن جي سمنڊ ۾ غرق هئس، نمازن کان پري، فيشن پرستي ۽ بي حيائي جي نحوستن ۾ جڪڙيل هجڻ سبب منهنجي زندگي جا ڏينهن جيڪي يقيناً انمول هيري جيان آهن غفلت ۾ پئي گذريا، روحاني بيمارين کان علاوه مان جسماني بيمارين ۾ به گرفتار هئس، منهنجي نڪ جي هڏي وڌڻ سان گڏوگڏ دل جي بيماري پڻ هئي، جنهن جي ڪري مان ڪافي تڪليف ۾ هئس، آخرڪار گناهن جي ڪاري رات جا ڪارا ڪڪر ختم ٿيا، ٿيو ائين جو مون کي دعوت اسلامي جي تحت سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت نصيب ٿي، عاشقان رسول جي صحبت سان منهنجي زندگي ۾ انقلاب اچي ويو ۽ مون سپني سابقہ گناهن کان توبہ ڪري پنهنجو پاڻ کي سنتن جي راهہ تي آڻي ڇڏيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ هي برڪت به نصيب ٿي جو مدني قافلي سان واپسي تي منهنجي نڪ جي وڌيل هڏي به ٺيڪ ٿي چڪي هئي ۽ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ منهنجي دل جو مرض به ختم ٿي ويو.

دل میں گر دَرد ہو ڈر سے رُخ زَرد ہو — پاؤ گے فرحتیں قافلے میں چلو

ہے شِفا ہی شِفا، مرحبا! مرحبا! — آکے خود دیکھ لیں، قافلے میں چلو (وسائلِ بخشش ص۶۱۲)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان معاشري جي بگڙيل فرد کي جڏهن مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت ۽ انهيءَ دوران عاشقانِ رسول جي صحبت ملي تہ ان جي اصلاح جو ذريعو به ٿيو ۽ الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان اهو جسماني بيمارين مان به صحت ياب ٿيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ نڪ جي وڌيل هڏي به درست ٿي ۽ دل جي خطرناڪ مرض مان به ان کي نجات ملي، ضمناً ثواب ڪمائڻ جي نيت سان دل جي علاج جو هڪ مدني نسخو حاضر خدمت آهي جيئن

## عجوه ڪجور جي ڪکڙي سان دل جو علاج

هڪ مقامي اخبار جي ”ڪالم“ ۾ ڏنل هڪ واقعي ڪي تصرُّف سان عرض ڪيان ٿو: 84 سالن جي هڪ فوجي آفيسر جو بيان آهي تہ 56 سالن جي عمر ۾ مون کي دل جو عارضو ٿيو، مون پنهنجي مرض کي خُفيہ رکڻ چاهيو پئي ڇو تہ ان جي ظاهر ڪرڻ سان منهنجي فوجي ڪيرئير کي نقصان ٿئي ها تنهنڪري مان ڊاڪٽري علاج ڪان ڪيٻائيندو رهيس، انهيءَ دوران مون کي ڪنهن شخص ٻڌايو تہ مديني منوره زادها اللہ شرفاً وتعظیماً جي مشهور ڪجور ”عجوه“ جون ڪکڙيون پيهي ڪري ان جو پائوڊر (يعني سفوف) روزانو اڌ چمچ پاڻي سان کائي وٺو، مون ان مدني نسخي تي عمل ڪيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ حيرت انگيز طور تي منهنجي صحت ۾ بهتري اچي وئي، اهو نسخو اهي (23-12-2010 جي اخبار مطابق) اڄ بہ استعمال ڪري رهيا آهن ۽ شايد انهيءَ جي برڪت جي ڪري 84 سالن جي عمر ۾ بہ نہ صرف صحت مند ۽ روزمره جي ڪمن ۾ مُتَحرڪ (Active) آهن بلڪ انهن جي دل بہ جوانن جيان مضبوط آهي. ان اخباري ڪالم ۾ هي بہ آهي تہ 1995 ۾ پاڪستان جي مشهور ترين شخصيت کي ڊاڪٽرن ٻڌايو تہ اوهان جي دل جون ٽي ناليون بند ٿي چڪيون آهن، تنهن ڪري ان انجِيو پِلاسٽي (Angioplasty) ڪرائڻ جي لاءِ لندن وڃڻ جو فيصلو ڪيو. مون (يعني اڳوڻي فوجي آفيسر) انهن کي بہ هي مدني نسخو ٻڌايو ۽ مشورو ڏنو تہ اوهان 30 ڏينهن تائين هي علاج ڪيو، جيڪڏهن فائدو نہ ٿئي تہ بيشڪ انجيو پلاسٽي ڪرائي وٺجو، پوءِ انهن هي مدني نسخو ورتو ۽ ان جو استعمال شروع ڪيو، هڪ مهيني بعد هو لندن ويو، اتي انهن دنيا جي مشهور ڪارڊيالوجسٽ (يعني ماهر اَمراضِ قلب) سان رابطو ڪيو، ان ٽيسٽ ڪرايا ۽ ٽيسٽ جا نتيجا ڏسي ان کي ٻڌايو ويو اوهان جي دل مڪمل طور تي ٺيڪ آهي، اوهان کي ڪنهن علاج جي ضرورت ناهي، انهن پنهنجي پراڻي ٽيسٽ جي رپورٽون ان جي سامهون رکيون، ان ٻئي ٽيسٽ پاڻ ۾ ملايا ۽ هي مڃڻ کان انڪار ڪيو تہ ٻئي ٽيسٽون هڪ ئي

شخص جون آهن، قصو مختصر اهي واپس پاڪستان آيا ۽ انهن ان مدني نسخي کي پنهنجو معمول بڻايو، 2009 ۾ انهن ٻيهر ٽيسٽ ڪرايا، پراڻن ٽيسٽن جون رپورٽون ملائي ڏٺيون ۽ ان ڪان پوءِ هي ٻڌائي حيران ڪري ڇڏيو ته 1995 کان 2009 تائين ان جي دل ۾ ڪنهن قسم جو فرق نہ آيو، ان جي دل مڪمل طور تي صحت مند آهي، هي مدني نسخو اڄ بہ استعمال ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي بي شمار دوستن کي بہ ڪرائي رهيا آهن.

نہ ہو آرام جس بیمار کو سارے زمانے سے
اُٹھا لے جائے تھوڑی خاک اُن کے آستانے سے (ذوقِ نعت)

## مدني انعامات

دعوت اسلامي هن پُر فتن دور ۾ "نيڪ بڻجڻ جو نسخو" يعني "مدني انعامات" جيڪي سوالن جي صورت ۾ عنايت فرمايا آهن، اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، علم دين جي طالب علم جي لاءِ 92، ديني طالبات جي لاءِ 83 ۽ مدني منن ۽ منين جي لاءِ 40 ۽ خصوصي اسلامي ڀائرن (يعني گونگن ٻوڙن) جي لاءِ 27 مدني انعامات آهن، بيشمار اسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرون ۽ طالب علم وغيره مدني انعامات جي مطابق عمل ڪري روزانو سمهڻ ڪان پهريان (يا ڪنهن مناسب وقت ۾) "فڪر مدينہ" يعني پنهنجي عمل جو جائزو وٺي مدني انعامات جي رسالي ۾ ڏنل خانہ پُر ڪندا آهن، ان مدني انعامات کي اپنائڻ ڪان پوءِ نيڪ بڻجڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي راهہ ۾ ايندڙ رڪاوٽون الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان پري ٿي وينديون آهن، ۽ ان جي برڪت سان سنتن جو پابند بڻجڻ، گناهن سان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي سوچ جو ذهن بڻجندو آهي. باڪردار مسلمان بڻجڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان مدني انعامات جو رسالو حاصل ڪيو ۽ روزانو فڪر مدينہ (يعني پنهنجو محاسبو) ڪندي ان ۾ ڏنل خانا پُر ڪيو ۽ هجري سن جي مطابق هر مدني مهيني

جي ابتدائي ذهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي مدني انعامات جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

## مدني انعامات جي عاملين جي لاءِ بشارتِ عُظميٰ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مدني انعامات جو رسالو پُر ڪرڻ وارا ڪيڏا نہ خوش قسمت هوندا آهن، ان جو اندازو ان مدني بهار سان لڳايو، حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ ائين حَلفِيَہ (يعني قسم کڻي) بيان آهي تہ رَجَبُ المُرَجَّب 1426 ھ جي هڪ رات مون کي خواب ۾ مصطفيٰ جانِ رحمت صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم جي زيارت جي عظيم سعادت ملي، مبارڪ چپن کي جُنبش ٿي ۽ رحمت جا گل وسڻ لڳا ۽ الفاظ ڪجھ ائين ترتيب ۾ آيا: جيڪو هن مهيني روزانو پابندي سان مدني انعامات جي باري ۾ فڪرِ مدينہ ڪندو الله عزوجل ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو.

مَدَنی اِنعامات کی بھی مرحبا کیا بات ہے
قُربِ حق کے طالبوں کے واسطے سوغات ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## «ڏهون علاج» وِرد وظيفن جو معمول بڻايو

پيارا اسلامي ڀائرو! رياڪاري کان بچڻ جي لاءِ بيان ڪيل علاجن سان گڏوگڏ حسب توفيق اول آخر هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ سان گڏ هي 8 روحاني علاج بہ ڪندا رهو، ان سان رياڪاري جا وسوسا ختم ٿي ويندا.

﴿1﴾ روزانو ٽي ڀيرا هي دعا پڙهي وٺو الله عزوجل نندي وڏي هر طرح جي ڏيکاءُ کي پري رکندو، دعا هي آهي: اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُ بِكَ اَنْ اُشْرِكَ بِكَ وَاَنَا اَعْلَمُ وَ اَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَا اَعْلَمُ (1)

(1) اي الله عزوجل! مان ڄاڻي واڻي ڪنهن کي تنهنجو شريڪ بڻائڻ کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو، ۽ لاعلمي ۾ اهڙو عمل ڪرڻ کان تنهنجي مغفرت جو سوال ڪيان ٿو.

﴿2﴾ جڏهن به دل ۾ رياڪاري جو خيال اچي ته اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم هڪ ڀيري پڙهڻ کان پوءِ کاٻي ڪلهي جي طرف ٿي ٿي ڀيرا ٿُوٿُو ڪري ڇڏيو.

﴿3﴾ روزانو ڏهه ڀيرا اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهڻ واري تي شيطان کان حفاظت جي لاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ فرشتو مقرر ڪري ڇڏيندو آهي.

﴿4﴾ سُوْرَةُ الاِخلاص، يارهن ڀيرا، صبح (اڌ رات ٽيڻ کان وٺي سج جي پهرين ڪِرڻي چمڪڻ تائين "صبح" آهي) پڙهڻ واري تي جيڪڏهن شيطان پنهنجي سڄي لشڪر سميت به هن کان گناهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري تڏهن به نه ڪرائي سگهندو، جيستائين هي (پڙهڻ وارو) پاڻ نه ڪري. (الوظيفة الكريمه ص 21)

﴿5﴾ سُوْرَةُ النَّاس پڙهڻ سان به وسوسا ختم ٿيندا آهن.

﴿6﴾ مُفَسِّر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنَّان فرمائن ٿا: صوفياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمائن ٿا ته جيڪو صبح ۽ شام ايڪويهه ايڪويهه ڀيرا "لاحول شريف" پاڻي تي دم ڪري پي وٺي ته اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ شيطاني وسوسن کان گهڻي حد تائين امن ۾ رهندو. (مرأة المناجيح ج 1 ص 87)

﴿7﴾ هُوَالْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۚ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۳﴾ (پ 27 الحديد 3) چوڻ سان فوراً وسوسو دفع ٿي ويندو آهي.

﴿8﴾ سُبْحٰنَ الْمَلِكِ الْخَلَّاقِ، ﴿ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿۱۹﴾ وَّمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ﴿۲۰﴾ ﴾ (پ 13 ابراهيم آيت 19، 20) جي ڪثرت ان کي يعني وسوسي جي پاڙ پٽي ڇڏيندي آهي. (ملخصاً فتاويٰ رضويه ج 1 ص 770) (هن دعا ۾ آيت واري حصي کي اوهان جي معلومات جي لاءِ برڪت ۾ ۽ رسم الخط جي تبديلي سان واضح ڪيو آهي)

ریا کاری سے ہر دم تُو بچانا
خدا یا بندۂ مُخلِص بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## علاج جي باوجود اِفاقو نہ ٿيو تہ؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڀرپور علاج جي باوجود افاقو نہ ٿئي تہ گهٻرايو نہ بلڪ علاج جاري رکو جو "دل کي آرام ملي ئي ويندو" چوتہ جيڪڏهن اسان علاج کي ڇڏي ڏنو تہ جڻ پاڻ کي مڪمل طور تي شيطان جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ ائين هو اسان کي ڪٿي جو نہ ڇڏيندو، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ رياڪاري کان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش جاري رکون، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب "مِنهاجُ العابِدين" ۾ حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی جيڪو ڪجهہ فرمايو آهي ان جو خلاصو هي آهي: جيڪڏهن اوهان هي محسوس ڪيو تہ اللّٰه عزّوجلّ کان پناهہ گهرڻ جي باوجود شيطان پيڇو نٿو ڇڏي ۽ غالب اچڻ جي ڪوشش ۾ آهي تہ هن جو مطلب هي آهي تہ اللّٰه عزّوجلّ اوهان جي مجاهدي، قوت ۽ صبر جو امتحان وٺڻ چاهي ٿو، يعني اللّٰه عزّوجلّ آزمائي رهيو آهي تہ شيطان سان مقابلو ۽ مُحاربو (يعني جنگ) ڪيو ٿا يا ان کان مغلوب ٿي (يعني هاري) ويندا آهيو. (منهاج العابدين ص 46)

رِياکاریوں سے بچا یاالٰہی
ریہ کاریوں سے بچایاالٰہی

اٰمِين بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَی اللّٰہ! اَسْتَغْفِرُاللّٰہ
صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عبادت ڇا کي چئبو آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هاڻي رياڪاري جو بيان ڪيو ويو ۽ هي بہ خبر پئي تہ رياڪاري عبادت ۾ ڪئي ويندي آهي تنهنڪري عبادت جي تعريف (يعني وصف) بہ عرض ڪيان ٿو، پوءِ وڌيڪ نيڪي جي دعوت پيش ڪندي اِنْ شَآءَاللّٰه عزّوجلّ عبادت جا قسم ۽ ڪجهہ نيّت جي باري

۾ به عرض ڪرڻ جي نيت آهي، عبادت جي تعريف (يعني وصف) بيان ڪندي علماءِ ڪرام رحمهم الله السلام فرمائن ٿا: ڪنهن ڪي عبادت جي لائق سمجهندي ان جي ڪنهن قسم جي تعظيم ڪرڻ ”عبادت“ آهي ۽ جيڪڏهن عبادت جي لائق نه سمجهيو ته اهو صرف تعظيم آهي، عبادت نه چئبي، جيئن نماز ۾ هٿ ٻڌي بيهڻ عبادت آهي پر هٿ ٻڌڻ جو اهو ئي عمل بارگاهِ رسالت ۾ سونهري جارين جي روبرو هجي، يا صلوٰة و سلام پڙهڻ دوران هجي، ڪنهن بزرگ جي اچڻ جي ڪري هجي، تَبَرُّڪات جي زيارت ڪرڻ وقت هجي، ڪنهن وليُّ الله جي مزار جي سامهون هجي، پنهنجي پير صاحب، استاد يا ماءُ پيءُ جي لاءِ هجي ته هي عبادت ناهي فقط تعظيم آهي.

## رضاءِ ربُّ الانام وارو هر ڪم عبادت آهي

عبادت جو مفهوم تمام وسيع آهي ۽ رضاءِ ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪيو ويندڙ هر ڪم ڪي محيط (يعني گهيريل) آهي جيئن فتاويٰ رضويه جلد 29 ۾ غَمزُالعُيُون ۽ رَدالمُحتار جي حوالي سان لکيل آهي: ”عبادت اها آهي جنهن جي ڪرڻ تي ثواب ڏنو ويندو آهي ۽ اهو ثواب نيّت تي موقوف هوندو آهي.“ تاجُ العَرُوس ۾ نقل ڪيل آهي: ”عبادت اهو فعل آهي جنهن جي ڪرڻ تي رب عَزَّوَجَلَّ راضي ٿيندو آهي.“

(فتاوٰي رضويه ج 29 ص 647،648)

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنان جي تحرير جو خلاصو آهي: جيڪو به ڪم رب عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ جي لاءِ ڪيو وڃي عبادت آهي. (ملخص از تفسير نعيمي ج 1 ص 77)

## عمل قبول ٿيڻ جا شرط

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! عمل جي قبوليت جي لاءِ آخرت جي ثواب جي نيّت ضروري آهي جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن ”ڪنزُالايمان مع خزائنُ العِرفان“ صفحي 529 تي سيپاري 15 سُورَةُ بَنِيٓ اِسۡرَآءِيۡل جي آيت نمبر 19 ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَنْ اَرَادَ الْاٰخِرَةَ وَسَعٰى لَهَا سَعْيَهَا وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ كَانَ سَعْيُهُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿۱۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪو آخرت گهري ۽ ان جي لائق ڪوشش ڪري ۽ هجي ايمان وارو پوءِ انهن جي ڪوشش ڪارگر ٿي.

هن آيت جي تحت صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدِّين مراد آبادي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهادي فرمائن ٿا: عمل جي قبوليت جي لاءِ ٽي شيون گهربل آهن: ﴿1﴾ طالبِ آخرت يعني نيڪ نيّت هجڻ ﴿2﴾ سعي (ڪوشش) يعني عمل ڪي اهتمام سان، ۽ ان جي حقوق سان ادا ڪرڻ ﴿3﴾ ايمان جيڪو سڀ کان وڌيڪ ضروري آهي.
(خزائن العرفان ص 529)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دعوت اسلامي جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو فڪر مدينہ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو پُر ڪري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بطفيل مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم بُرين نيتن کان نجات ۽ سٺيون سٺيون نيتون ڪرڻ جي عادت نصيب ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هر عمل جو دارو مدار نيّت تي آهي

قرآن ڪريم کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ مُعتبر ڪتاب بخاري شريف آهي، هن جي سڀ کان پهرين حديث پاڪ ۾ آهي: "اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات" يعني عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (بخاري ج 1 ص 6 حديث 1) هن حديث پاڪ جي باري ۾ شارح بخاري حضرت مفتي شريف الحق امجدي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: هن حديث جو مطلب هي ٿيو تہ عمل جو ثواب نيت تي ئي آهي، بنا نيّت ڪنهن ثواب جو حقدار ناهي. (نزهة القاري ج 1 ص 172)

## سٺين نيّتن جي باري ۾ ٻہ فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 853 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جہنم میں لے جانے والے اعمال" صفحي 173 کان 174 تي سٺين نيتن جي

فرمانِ مُصطفٰی صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود شريف پڙهيون ڪي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

فضيلتن تي ٻه **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ﴿1﴾ سٺي نيت سڀ ڪان افضل عمل آهي. (الجامع الصغير ص 81 حديث 1284) ﴿2﴾ سٺي نيّت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪندي. (الجامع الصغير ص 557 حديث 9326)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نيّت ڇا کي چوندا آهن

نيت دل جي پڪي ارادي کي چون ٿا چاهي اهو ڪنهن شيءِ جو هجي، ۽ شريعت ۾ (نيت) عبادت جي اِرادي کي چون ٿا. (نزهة القاري ج 1 ص 169)

## مُباح ڪم سٺي نيّت سان عبادت ٿي ويندو آهي

ڪيئي ڪم مُباح آهن، مباح ان جائز عمل يا فعل (يعني ڪم) کي چيو ويندو آهي جنهن جو ڪرڻ نه ڪرڻ برابر هجي يعني اهڙو ڪم ڪرڻ سان نه ثواب ملي نه گناهہ مثلاً کائڻ پيئڻ، هلڻ ڦرڻ، دولت جمع ڪرڻ، تحفو ڏيڻ، عمده يا وڏيڪ لباس پائڻ وغيره مباح ڪم آهن جيڪڏهن ٿورو توجهه ڏنو وڃي ته مباح ڪم کي عبادت بڻائي ان تي ثواب ڪمائي سگهجي ٿو، هن جو طريقو بيان ڪندي منهنجا آقا اعلٰي حضرت، امام اهلسنت، مُجَدِّد دين و ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: هر مُباح (يعني اهڙو جائز عمل جنهن جو ڪرڻ نه ڪرڻ برابر هجي) حُسنِ نيّت (يعني سٺي نيت) سان مُستَحَب ٿي ويندو آهي. (فتاوٰي رضويه مخرجه ج 8 ص 452) فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا: مُباحات (يعني اهڙا جائز ڪم جنهن تي نه ثواب ملي نه گناهہ) جو حڪم الڳ الڳ نيّتن جي اعتبار سان مختلف ٿي ويندو آهي، انهيءَ ڪري جڏهن ان سان (يعني ڪنهن مباح سان) طاعات (يعني عبادت) تي قوت حاصل ڪرڻ يا طاعات (يعني عبادت) تائين پهچڻ مقصد هجي ته هي (مباحات يعني جائز شيون ٻہ) عبادت ٿي ويندين مثلاً کائڻ پيئڻ سمهڻ يا مال حاصل ڪرڻ ۽ وطي ڪرڻ [1] (ايضاً ج 7، ص 189، ردالمحتار ج 4 ص 75)

---

(1) زال مڙس جو پاڻ ۾ "ميلاپ"

## مُباح ڪم ۾ سٺيون نيتون نہ ڪرڻ وارا نقصان ۾ آهن

جيڪڏهن ڪو مُباح ڪم بُري نيت سان ڪيو وڃي تہ بُرو ٿيندو ۽ سٺي نيت سان ڪيو وڃي تہ سٺو ۽ ڪجهہ بہ نيت نہ هجي تہ مباح رهندو ۽ قيامت جي حساب ۾ دشواري پيش ايندي. تنهنڪري عقلمند اهو آهي جيڪو هر مباح ڪم ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ اڌ سٺي نيت ڪري ئي وٺي، ٿي سگهي تہ وڌيڪ نيتون ڪري جو جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ هونديون اوترو ثواب بہ وڌيڪ ملندو. نيت جو هي فائدو بہ آهي تہ نيت ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن اهو ڪم ڪنهن سبب جي ڪري نہ ڪري سگهيو تڏهن بہ نيت جو ثواب ملي ئي ويندو جيئن تہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير للطبراني ج 6 ص 185 حديث 5942)

## نيت نہ ڪرڻ جي نقصان ۽ ڪرڻ جي فائدي جي روايت

مُحَقِّق عَلَي الِاطلاق، خاتِم المُحَدِّثِين حضرت علامہ شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: روايت ۾ آهي، جڏهن فِرشتا ٻانهن جي اعمال نامن کي آسمانن تي وٺي ويندا آهن ۽ دربار الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ پيش ڪندا آهن تہ الله تعاليٰ فرمائيندو آهي: "اَلْقِ تِلْكَ الصَّحِيْفَةَ اَلْقِ تِلْكَ الصَّحِيْفَةَ" يعني انهيءَ اعمال نامي کي اڇلايو، انهيءَ اعمال نامي کي اڇلائي ڇڏيو. فرشتا هي ٻڌي عرض ڪندا آهن: ياالله عَزَّوَجَلَّ! تنهنجي هن ٻانهي جيڪي نيڪ عمل ڪيا آهن انهن کي اسان ڏسي ۽ ٻُڌي ڪري لکيو آهي. الله تعاليٰ ارشاد فرمائيندو آهي تہ "لَمْ يُرِدْ وَجْهِيْ" يعني ان ٻانهي انهن عملن سان منهنجي رضا جي نيت نہ ڪئي هئي. انهيءَ ڪري هي منهنجي دربار ۾ مقبول ناهن، پوءِ هڪ ٻئي فرشتي کي الله تعاليٰ هي حڪم فرمائيندو آهي تہ اُكْتُبْ لِفُلَانٍ كَذَا وَكَذَا يعني فلان ٻانهي جي اعمال نامي ۾ فلان فلان عمل لکي ڇڏ، فرشتو عرض ڪندو آهي: ياالله عَزَّوَجَلَّ! هي عمل تہ ٻانهي ڪيا ئي نہ! الله تعاليٰ ارشاد فرمائيندو آهي: جيتوڻيڪ هن هي عمل نہ ڪيا پر هن جي نيت تہ هن عملن کي

ڪرڻ جي هٿي انهي ڪري مان هن جي نيت تي هن کي هن عمل جو اجر ڏيندس.
(حلية الاولياء ج2 ص 356 رقم 2548 وغيره) حضرت علامه شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي عليه رحمة الله القوي
وڏيڪ فرمائن ٿا: حديث مبارڪ ۾ هي به آيو آهي "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مومن جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير ج 6 ص 185 حديث 5942) ظاهر آهي نيڪ عمل تي انهيءَ وقت ثواب ملندو جڏهن نيت سٺي هجي ۽ جيڪڏهن بري نيت هجي ته نيڪ عمل تي ڪو ثواب ناهي، پر سٺي نيت تي ته بهرحال ثواب ملندو چاهي عمل ڪري يا نه ڪري، انهيءَ ڪري مومن جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي، انهيءَ ڪري ڪجهه بزرگان دين رحمهم الله المبين فرمايو آهي:

هر کرا اندر عمل اِخلاص نیست
در جہاں از بندگانِ خاص نیست

يعني جنهن جي عمل ۾ اخلاص ناهي اهو دنيا ۾ الله عزوجل جي خاص ٻانهن مان ناهي .

هر کرا کار از برائے حق بُوَد
کارِ او پیوستہ با رونق بُوَد

يعني جنهن جو عمل رضاءِ ربِّ لَمْ يَزَل جي لاءِ هوندو آهي هميشه ان جو عمل بارونق رهندو آهي. (اشعة اللمعات ج 1 ص 39)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت سٺي ۽ بري نيت بري ڦل جو سبب ٿيندي آهي، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته بري نيت جو برو ثمر هتي هٿ ظاهر ٿي ويندو آهي. انهي ضمن ۾ ٻه حڪايتون پيش خدمت آهن جيئن

## (1) انوکي ڳئون مدينه

حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما فرمائن ٿا: هڪ بادشاهه هڪ ڀيري پنهنجي سلطنت جي دوري تي نڪتو، ان دوران هڪ شخص وٽ ان جو قيام ٿيو، (ميزبان بادشاهه کي سُڃاڻندو نه هو) ميزبان شام جو پنهنجي ڳئون ڏوهائين ته بادشاهه هي ڏسي حيران ٿي ويو ته ان ڳئون 30 ڳئون جي برابر کير ڏنو! ان دل ئي دل ۾ ۾ اها انوکي ڳئون ڪسي ونڻ جي بُري نيت

ڪئي، ٻي ڏينهن ان ڳئون مان اڌ ڪير نڪتو، بادشاهه جڏهن تعجب جو اظهار ڪيو تہ ميزبان چوڻ لڳو: بادشاهه پنهنجي رعايا ڪان ظلم جي نيت ڪئي آهي جنهن جي نحوست جي ڪري اڄ ڪير اڌ ٿي ويو آهي، ”جڏهن بادشاهه ظالم هجي تہ برڪت ختم ٿي ويندي آهي“ هي حيرت انگيز انڪشاف ٻڌي بادشاهه انوکي ڳئون ظلماً ڪسڻ جي نيت ختم ڪري ڇڏي، پوءِ ٻي ڏينهن ڳئون وري اوترو ئي ڪير ڏنو جيترو پهرين ڏيندي هئي، انهي واقعي سان بادشاهه کي تمام گهڻي عبرت حاصل ٿي ۽ ان پنهنجي رعايا تي ظلم ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو. (ملخص از شعب الايمان ج 6 ص 53 رقم 7475)

## ﴿2﴾ ڪمند جو ٽڏو مٺو رس مدينه

ايران جي بادشاهن جو لقب پهريان ”ڪِسريٰ“ هوندو هو جيئن مصر جا سيئي بادشاهه ”فرعون“ سڏرائيندا هئا. هڪ ڀيري هڪ بادشاهه ڪِسريٰ! پنهنجي لشڪر ڪان وڇڙي ڪنهن باغ جي دروازي تي پهتو، ان پيئڻ جي لاءِ پاڻي گهريو تہ ننڍي ڇوڪريءَ ڪمند جو ٽڏو مٺو رس ڪٽي آئي، بادشاهه ان کي پيتو تہ تمام لذيذ هو، ان ڇوڪريءَ کان پڇيو تہ ڪيئن ٺاهين ٿي؟ ان ٻڌايو تہ هن باغ ۾ تمام اعليٰ درجي جو ڪمند ٿيندو آهي، اسان پنهنجي هٿن سان ڪمند نپوڙي رس ڪڍندا آهيون! بادشاهه هڪ ٻي گلاس جي فرمائش ڪئي تہ اهو ڪٽڻ وئي، تہ ان مهل بادشاهه جي نيت خراب ٿي وئي ۽ ان طئي ڪيو تہ مان هي باغ زبردستي وٺي انهن کي ٻيو باغ ڏيندس. ايتري ۾ اها ڇوڪريءَ روئيندي آئي ۽ چوڻ لڳي: اسان جي بادشاهه جي نيت خراب ٿي وئي آهي، بادشاهه چيائين: تون کي ان جي خبر ڪيئن پئي؟ چوڻ لڳي تہ پهرين آساني سان رس نڪري ويندو هو پر هينئر تہ خوب زور لڳائڻ جي باوجود بہ رس نہ ڪڍي سگهيس. بادشاهه فوراً باغ ڪسڻ جي نيت ترڪ ڪئي ۽ چيو: هڪ ڀيرو وري وڃي ڪوشش ڪر، پوءِ هو وئي ۽ آسانيءَ سان رس ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي.

(حياة الحيوان الڪبريٰ ج 1 ص 216، المنتظم في تاريخ الملوڪ والامم لابن الجوزي ج 16 ص 310)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن به ڪنهن سنت تي عمل ڪرڻ جو موقعو ملي انهيءَ وقت دل ۾ نيت حاضر هجڻ ضروري آهي، مثلاً ڪپڙا پائڻ وقت پهريان ساڄي آستين ۾ هٿ داخل ڪيو، يا لاهڻ وقت کاٻي آستين کان ابتداء ڪيو، اهڙي طرح جوتا پائڻ لاهڻ ۾ عادت مطابق اها ترڪيب ٿئي ته هي سڀ سنتون آهن پر عمل ڪرڻ مهل سنت تي عمل جي نيت دل ۾ نه هئي ته هي عمل ”عبادت“ نه ”عادت“ چيو ويندو، سنت جو ثواب به نه ملندو.

## نيّت جي باري ۾ هڪ معلوماتي فتويٰ

دعوت اسلامي تحت هلندڙ ”دارالافتاءِ اهلسنت“ جو نيت جي باري ۾ هڪ معلوماتي فتويٰ ملاحظ فرمايو: بيشڪ بنا نيت جي ڪنهن سني عمل جو ثواب ناهي ملندو بلڪ اهڙي طرح اهي (بنا نيّت جي ڪيون ويندڙ) عبادتون ”عادتون“ بڻجي وينديون آهن، ڪنهن عملِ خير (يعني ڀلائي جي ڪم) ۾ نيت جو مطلب هي آهي ته جيڪو عمل ڪيو پيو وڃي دل ان جي طرف متوجهه ٿئي ۽ اهو عمل الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڪيو وڃي، انهيءَ نيت سان عبادت ۽ عادت ۾ فرق ڪرڻ مقصد هوندو آهي، ان سان خبر پئي ته دل جو متوجهه ٿيڻ ۽ الله تعاليٰ جي رضا پيشِ نظر هجڻ ئي نيت آهي ۽ انهي سان عبادت ۽ عادت ۾ فرق ٿيندو آهي، تنهنڪري جيڪڏهن عبادت ۾ نيت ڪئي وڃي ته ثواب ملندو آهي ۽ جيڪڏهن نيت نه ڪئي وڃي ته عمل عادت ٿي ويندو آهي ۽ انهيءَ تي ثواب به ناهي ملندو جيئن علامہ علي قاري عليه رحمة الله الباري فرمائن ٿا: اَلنِّيَّةُ لُغَةً: اَلْقَصْدُ وَشَرْعاً تَوَجُّهُ الْقَلْبِ نَحْوَ الْفِعْلِ ابْتِغَاءً لِوَجْهِ اللّٰهِ وَالْقَصْدُ بِهَا تَمْيِيْزُ الْعِبَادَةِ عَنِ الْعَادَةِ۔ يعني نيت جي لغوي معنيٰ آهي ”قصد ۽ ارادو“ ۽ شرعي معنيٰ آهي جيڪو عمل ڪرڻ لڳا دل کي انهي پاسي متوجهه ڪرڻ ۽ اهو عمل الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڪيو وڃي ۽ نيت سان عبادت ۽ عادت ۾ فرق ڪرڻ مقصد هوندو آهي. (مرقاة المفاتيح ج 1 ص 94) پر ان سان گڏ هي به ياد رهي ته ڪئي اهڙا عمل آهن جنهن کي اسان محسوس ڪندا آهيون ته هي صرف عادت جي ڪري، ڪري رهيا آهيون حالانڪ ان ۾ عبادت

جي نيت موجود هوندي آهي ۽ ان جو احساس انهيءَ ڪري گهٽ ٿيندو آهي جو شروع ۾ جيتري توجهه ڏني ويندي هئي اها ڪٿي ڀيرا ڪرڻ جي ڪري برقرار ناهي هوندي، جيڪڏهن اصلاً (يعني بلڪل) ٿي نيت ڪجهه بہ نہ هجي تہ ان تي واقعي ثواب ناهي. والله تعاليٰ ورسوله أعلم صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم

## سٺين نيتن جي توفيق ڪنهن کي ملندي آهي؟

حُجّةُ الإسلام حضرت سيّدُنا امام ابوحامد محمّد بن محمّد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی فرمائن ٿا: هر مُباح ڪم (يعني اهڙا جائز ڪم جنهن تي نہ ثواب هجي نہ گناهہ) هڪ يا گهڻن نيتن جو اِحتِمال (يعني امڪان) رکي ٿو جنهن جي ذريعي اهو مباح ڪم عمده عبادت مان ٿي ويندو آهي ۽ ان جي ذريعي بلند درجا حاصل ٿيندا آهن، اهو انسان ڪيڏي نہ نقصان ۾ آهي جيڪو مباح ڪمن کي سٺين نيتن جي ذريعي ثواب وارو ڪم بڻائڻ بدران جانورن جيان غفلت سان ادا ڪري ٿو ۽ پاڻ کي ثوابن کان محروم رکندو آهي، ٻانهي جي لاءِ هي مناسب ناهي تہ ڪنهن خطري (يعني ذهن ۾ ايندڙ خيال) لحظي (يعني گهڙي) ۽ قدم کڻڻ کي حقير يعني غير اهم ڄاڻي، ڇوتہ انهن سڀني ڪمن جي باري ۾ قيامت جي ڏينهن سوال ٿيندو تہ ڇو ڪيو هو؟ ان مان مقصد ڇا هو؟ هي ڳالهہ (يعني مباح جو سٺي نيت جي ذريعي عبادت بڻجڻ) صرف ان مُباح اُمور جي باري ۾ آهي جن ۾ ڪراهيت نہ هجي انهيءَ ڪري نبي ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: "حَلَالُهَا حِسَابٌ وَحَرَامُهَا عَذَابٌ" يعني ان جي حلال ۾ حساب آهي ۽ حرام ۾ عذاب. (الفردوس بماثور الخطاب ج 5 ص 283 حديث 8192) وڌيڪ فرمائن ٿا: جنهن جي دل ۾ آخرت جون ڀلائيون جمع ڪرڻ جو جذبو هوندو آهي ان جي لاءِ اهڙيون نيتون ڪرڻ آسان هوندو آهي البت جنهن جي دل ۾ دنياوي نعمتن جو غلبو هجي ان جي دل ۾ اهڙيون نيتون نہ ايندیون آهن بلڪ کو ياد بہ ڏياري تڏهن بہ ان جي اندر انهي قسم جي نيتن جو جذبو پيدا ناهي ٿيندو ۽ جيڪڏهن نيت هجي بہ تہ صرف هڪ خيال جيان هوندي آهي حقيقي نيت سان ان جو ڪو تعلق ناهي هوندو! (احياء العلوم ج 5 ص 98)

## واش روم وڃڻ جون بہ نيتون ڪرڻ گهرجن

بيتُ الخلا وڃڻ ۾ بہ نيتون ڪرڻ گهرجن هڪ بزرگ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فرمائن ٿا: مان هر ڪم ۾ نيت ڪي پسند ڪندو آهيان ايستائين جو کائڻ، پيئڻ، سمهڻ ۽ بيتُ الخلا (يعني ليٽرين) ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ بہ. (احياءُ العلوم ج 5 ص 98)

هڪ شخص ڇت تي وار ٺاهي رهيو هو، انهن پنهنجي زال کي آواز ڏنو تہ منهنجي ڦڻي ڪٿي اچ، زال پڇا ڪئي؟ ڇا آئينو بہ ڪٿي اچان؟ اهي ٿوري دير لاءِ ماٺ رهيا، پوءِ فرمايائون: ها، ڪنهن ٻڌڻ واري فوراً جواب نہ ڏيڻ جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: مون هڪ نيت سان پنهنجي زال کي ڦڻي ڪٿي اچڻ لاءِ چيو هو، جڏهن انهن آئينو ڪٿي اچڻ جي پڇا ڪئي تہ انهي وقت آئيني جي سلسلي ۾ منهنجي ڪا نيت نہ هئي تنهنڪري مون نيت ٻڌائڻ جي لاءِ غور و فڪر ڪيو، ايستائين جو اللہ تعاليٰ مون کي ان جي نيت عطا فرمائي ۽ مون چيو: ها، اهو بہ ڪٿي اچي.
(قوت القلوب ج 2 ص 274)

## پهرين جا مسلمان باقاعده علمِ نيّت سکندا هئا

حضرت سيدنا سفيان ثوري علیہ رحمۃ اللہ القوی ارشاد فرمائن ٿا: "جيئن سلف (يعني پهرين جا مسلمان) علم حاصل ڪندا هئا ائين اهي عمل جي لاءِ علمِ نيّت بہ سکندا هئا" (ايضاً ص 268) حضرت سيدنا سري سقطي علیہ رحمۃ اللہ القوی ارشاد فرمايو: "خلوصِ نيت سان ٻہ رڪعتون پڙهڻ تنهنجي لاءِ ستر حديثون لکڻ کان بهتر آهي." يا هي فرمايائون: "ست سؤ حديثون لکڻ کان بهتر آهي."(ايضاً ص 276) حضرت سيدنا ابن مبارڪ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ ارشاد فرمايو: ڪئي ننڍا عمل اهڙا آهن جنهن کي نيت وڏو عمل ٻڻائي ڇڏيندي آهي. (ايضاً ص275)

## غار جو عابد

ماڻهن کي ڏيکارڻ ۽ واهہ واهہ ڪرڻ جي نيت سان ڪيا ويندڙ جبلن جيترا وڏا وڏا عمل بہ نامقبول ٿي ويندا آهن جيئن منقول آهي: بني اسرائيل جي هڪ عابد (يعني عبادت ڪرڻ واري) هڪ غار ۾ چاليهہ سالن

تائين الله تعاليٰ جي عبادت ڪئي، فرشتا ان جا عمل ڪٺي آسمانن تي ويندا ها ۽ اهي قبول نہ ڪيا ويندا ها، فرشتن عرض ڪيو: اي اسان جا پروردگار عَزَّوَجَلَّ تنهنجي عزت جو قسم! اسان تون وٽ صحيح (عمل) ڪٺي آيا آهيون، الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو آهي: اي منهنجا فرشتؤ! توهان سچ چيو پر (عبادت ۾ ان جي بري نيت هوندي آهي) اهو چاهيندو هو تہ ان جو مقام (سڀني کي) معلوم ٿي وڃي (يعني ريا ۽ شهرت جو طلبگار هو). (ايضاً ص 264)

## نيّت جي برڪت سان مَغفِرت جي دلچسپ حڪايت

منقول آهي هڪ عجمي (يعني غير عربي) ڪجهه ماڻهن (عربن) وٽان گذريو جيڪي ويهي مذاق ۽ چيڙ چاڙ ۾ مصروف ها (عربي جا جملا ٻڌي) ان غريب سمجهيو تہ هي الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪري رهيا آهن، ان حسنِ نيّت سان (يعني سٺي نيت سان) انهن وانگر چوڻ لڳو، چيو وڃي ٿو تہ الله تعاليٰ ان جي سٺي نيت جي ڪري ان عجمي کي بخشي ڇڏيو. (ايضاً ص 263)

## سٺيون نيتون دشوار آهن ان ڪان تہ پٿي تي ڪوڙا ڪائڻ آسان آهي

سٺين سٺين نيتن ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ ذهن حاضر رهي، جيڪو سٺين نيتن جو عادي ناهي ان کي شروع ۾ ڪوشش ڪري اهي عادتون اختيار ڪرڻيون پونديون، تنهنڪري شروع ۾ متو جهڪائي، اکيون بند ڪري، ذهن کي مختلف خيالن کان خالي ڪري يڪسو ڪرڻ مفيد آهي، هيڏانهن هوڏانهن نظرون گهمائيندي، بدن تي هٿ لاهيندي خارش ڪندي، ڪا شيء رکندي کڻندي يا جلد بازي سان نيتون ڪرڻ چاهيو تہ شايد ٿي نہ سگهن، نيتن جي عادت بڻائڻ جي لاءِ ان جي اهميت تي نظر رکندي اوهان کي سنجيدگي سان پنهنجو ذهن بڻائڻو پوندو، حضرت سيدنا نعيم بن حماد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الجواد فرمائن ٿا: ”اسان جو پٺي تي ڪوڙو کائڻ سٺي نيت جي مقابلي ۾ آسان آهي.“ (تنبيه المغترين ص 25)

## دنياوي نعمتن جي سبب آخرت جي نعمتن ۾ ڪمي ايندي

حُجَّۃُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي علیہ رحمۃ اللہِ الوالی جو ارشاد عالي آهي: الله عزّوجلّ جي نعمتن سان لطف اندوز ٿيڻ گناهه ناهي پر ان ڪان سوال ضرور ٿيندو ۽ جنهن ڪان حساب ۾ پڇا ڳاڇا ٿي ته اهو هلاڪ ٿي ويندو ۽ جيڪو ماڻهو دنيا ۾ مباح شين کي استعمال ڪندو آهي جيتوڻيڪ ان کي قيامت ۾ ان تي عذاب نه ٿيندو پر انهيءَ مقدار ۾ آخرت جون نعمتون گهٽ ٿي وينديون، غور ته ڪيو! ڪيڏي نه وڏي نقصان جي ڳالهه آهي جو انسان فاني نعمتن جي حصول ۾ تمام جلدي ڪندو آهي ۽ ان جي بدلي ۾ اُخروي نعمتن جي گهٽتائي سبب نقصان ڪڻندو.“ (احياءالعلوم ج 5 ص 98)

ڈُنیوی لذّات کا دل سے مٹا دے شوق تُو
کر عطا اپنی عبادت کا الٰہی ذوق تُو

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم

### خوشبو لڳائڻ جون نيتون

الله تعالیٰ جي بيشمار نعمتن مان خوشبو به هڪ پياري نعمت آهي، ان جو استعمال ڪرڻ مباح (يعني نه ثواب نه گناهه) آهي هي نعمت انهيءَ طرح استعمال ڪرڻ گهرجي جو عبادت بڻجي وڃي ۽ ثواب هٿ اچي، تنهنڪري ان کي عبادت بڻائڻ جي لاءِ سنيون سنيون نيتون ڪرڻيون پونديون، جڏهن به ڪو ڪم ڪرڻ لڳون ته يڪدم شروع نه ڪيو، پهريان ڪجهه ترسو، ۽ ذهن تي زور ڏئي سنيون سنيون نيتون ڪيو، مثلاً خوشبو لڳائڻي آهي ته ان جي شيشي کڻڻ کان پهرين ۽ جيڪڏهن کڻي ورتي ته کولڻ کان پهرين يڪسوئي سان، مٿو جهڪائي تي سگهي ته اکيون بند ڪري اطمينان ۽ خوب توجهه سان نيتون ڪيو، عطر لڳائڻ جي ذريعي مختلف ثوابن جو مشورو ڏيندي عارف باللهٰ مُحقّق عَلَي الاِطلاق، خاتِمُ المُحَدِّثِين حضرت علامه شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي عليه

رَحمَۃُ اللہِ القوی لکن ٿا: مباح ڪمن ۾ سٺي نيت ڪرڻ جو ثواب ملندو، مثلاً خوشبو لڳائڻ ۾ اِتِّباعِ سنت ۽ (مسجد ۾ ويندي لڳائڻ تي) مسجد جي تعظيم (جي نيت بہ ڪري سگهجي ٿي) فرحتِ دماغ (يعني دماغ جي تازگي) ۽ پنهنجي اسلامي ڀائرن کان نا پسنديده بدبو پري ڪرڻ جي نيت هجي تہ هر نيت جو الڳ ثواب ملندو. (اشعةاللمعات ج1 ص 37) هتي حسب حال وڌيڪ نيتون بہ شامل ڪري سگهجن ٿيون مثلاً بِسۡمِ الله پڙهي شيشي کٽندس، بِسۡمِ الله پڙهي ڍڪ کوليندس، بِسۡمِ الله پڙهي لڳائيندس، مسلمان ۽ فرشتن کي خوشبو سان فرحت (سُرور ۽ خوشي) پهچائيندس، (خاص ڪري گرمين ۾ ڪپڙن جي اندر جيڪلهن پگهر جي بدبو ٿي وڃي تہ هي نيت بہ ڪري سگهجي ٿي تہ) پاڻ کان بدبو پري ڪري مسلمانن کي غيبت کان بچائيندس (نماز کان پهريان لڳائڻ ۾ هي نيت بہ شامل ڪري سگهو ٿا تہ) نماز جي لاءِ زينت حاصل ڪندس، خوشبو سونگهي درود شريف پڙهندس (خوشبو نعمت آهي، ان جي استعمال ڪرڻ ۽ سونگهڻ ۾ بطور شڪرِ الٰهي) اَلحَمدُلله چوندس، خوشبو لڳائيندس تہ جيئن عقل ۾ اضافو ٿئي، ان سان ديني احڪام (ديني تعليم، ديني تدريس، سنتن ڀريا بيان وغيره) سمجهڻ ۾ مدد حاصل ڪندس "اِحياءُالعُلُوم" ۾ آهي: حضرت سيدنا امام شافعي عَلَيهِ رَحمَۃُ اللہِ القوی فرمائن ٿا: "جنهن جي خوشبو سٺي هجي ان جي عقل ۾ اضافو ٿيندو آهي." (احياءالعلوم ج 3 ص 98)

## خوشبو لڳائڻ جي غلط نيّتن جي نشاندهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوشبو لڳائڻ ۾ اڪثر شيطان غلط نيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي، تنهنڪري عطر لڳائڻ ۾ سٺين نيتن جو خصوصي اهتمام هئڻ گهرجي جيئن حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا ابو حامد امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيهِ رَحمَۃُ اللہِ الوالی جو فرمان عالي آهي: انهيءَ نيت سان خوشبو لڳائڻ تہ جيئن ماڻهو واهہ واهہ ڪن يا قيمتي خوشبو لڳائي ماڻهن تي پنهنجي مالداري جي ڌاڪ ويهارڻ جي نيت هجي تہ ان صورتن ۾ خوشبو لڳائڻ وارو گنهگار ٿيندو ۽ خوشبو بروز قيامت مردار کان بہ وڌيڪ بد بودار هوندي . (ايضاً)

دُنیا پسند کرتی ہے عطرِ گُلاب کو
لیکن مجھے نبی کا پسینہ پسند ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قافلي ۾ سفر جي نيت جي برڪت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دعوت اسلامي جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو فڪر مدينہ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو پُر ڪري هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِنْ شَاءَاللہ عَزَّوَجَلَّ بطفيل مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بُري نيتن کان نجات ۽ سٺين نيتن جي عادت نصيب ٿيندي. ڪورنگي (باب المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، منهنجي فوج ۾ ملازمت هئي ۽ مان ماڊرن نوجوان هئس، البت نماز پڙهندو هئس، امڙ سائڻ جي بيماري جي ڪري سخت پريشاني هئي، هڪ اسلامي ڀاءَ انفرادي ڪوشش ڪندي مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏني، مون معذرت ڪندي انهن کي چيو: امڙ سائڻ سخت بيمار آهي اهڙي حالت ۾ ان کي ڇڏي ڪري نٿو وڃي سگهان، انهن مشورو ڏنو: ”اوهان مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪيو تہ جڏهن موقعو مليو تہ ڪندس، ۽ اڄ نماز تَهَجُّد ادا ڪري ڀاڄائي امڙ جي صحت جي لاءِ دعا ڪيو اِنْ شَاءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ ضرور ڪرم ٿيندو“ انهن اها ڳالهہ اهڙي مَن موهيندڙ انداز ۾ چئي جو دل کي وڻي وئي ۽ مون سفر جي نيت ڪئي، رات جو اٿي تَهَجُّد ادا ڪري خوب روئي روئي دعا گهري، پوءِ نمازِ فجر جي لاءِ مسجد ڏانهن ويس، واپسي تي جڏهن گهر پهتس تہ حيرت سبب بيٺل ئي رهجي ويس! ڇا ٿو ڏسان تہ منهنجي اها ڪمزور ۽ سخت بيمار ماءُ جيڪا پاڻ بيهي ڪري بيت الخلا (يعني واش روم) بہ نہ وڃي سگهندي هئي اِطمينان سان ڪپڙا ڌوئي رهي آهي! مون عرض ڪيو: امان سائڻ! اوهان آرام فرمايو، ڪٿي طبيعت وڌيڪ خراب

نہ ٿي وڃي، مان پاڻ ڪپڙا ڌوئي ڇڏيندس، تہ فرمايائون: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ اڄ مون کي نہ تڪليف آهي نہ ڪو درد، مان پنهنجو پاڻ کي تمام تندرست محسوس ڪري رهي آهيان، هي ٻڌي منهنجي اکين مان خوشيءَ جا ڳوڙها نڪتا، منهنجي دل ۾ هڪ اطمينان جي ڪيفيت پيدا ٿي تہ سفر جي نيت جي برڪت سان دعا کي مقبوليت ملي وئي آهي. اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿيڻ تي تفصيل عرض ڪيو، تہ انهن خوب حوصلو وڌايو ۽ همدردانہ مشورو ڏنو تہ ٻنا دير جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو، تنهنڪري مان عاشقان رسول سان گڏ دعوت اسلامي جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سنتن ڀري سفر ۽ ان دوران عاشقان رسول جي صحبت جي برڪت سان اسان جي گهر ۾ مدني ماحول بڻجي ويو، مون جهڙو ماڊرن نوجوان ڏاڙهي ۽ عمامو سجائي ڪري سنتن جي خدمت ۾ لڳي ويو، امڙ سائڻ ۽ منهنجي ٻارن جي ماءُ اسلامي ڀينرن جي اجتماع ۾ شرڪت ڪنديون آهن، غور فرمايو! مون صرف مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪئي ۽ ان جي ڪري برڪت ئي برڪت ٿي وئي، ۽ خبر ناهي مدني قافلي ۾ سنتن ڀري سفر جون ڇا ڇا مدني بهارون هونديون! ڪاش هر اسلامي ڀاءُ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جو عادي بڻجي وڃي.

اچھی نیت کا پھل پاؤ گے بے بدل　　سب کرو نیتیں قافلے میں چلو
دُور بیماریاں اور ناداریاں　　ہوں ٹلیں مشکلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! مدني قافلي جي نيت ڪرڻ واري جو ٻيڙو پار ٿي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ امڙ جي صحت سان گڏوگڏ سڄي گهر جي لاءِ آخرت جي راحت حاصل ڪرڻ جي تياري جو ذريعو بڻجي ويو. واقعي سٺي نيّت تہ پوءِ سٺي نيت هوندي آهي، ۽ سٺي نيت سان مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي ڇا ڳالهہ ڪجي!

## جڏهن جتي پائڻ ۾ ڪابي پير سان ابتدا ڪئي ته....

حضور مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان حضرت علامہ مولانا سردار احمد قادري چشتي عليہ رحمۃ اللہ القوي جا هڪ شاگرد فرمائن ٿا تہ مان 1955 ۾ جڏهن دورهءِ حديث شريف مان فارغ ٿيس ۽ پاڻ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ وٽ اجازت جي لاءِ آيس، مون غلطي سان پنهنجي جتي پهرين ڪابي پير ۾ پاتي، پاڻ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ مون کي ڏسي مون کي هڪدم واپس گهرايو، مون کي پنهنجي غلطي جو احساس ٿي ويو، پاڻ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ (مون کي نيڪي جي دعوت ڏيندي) فرمايائون: جتي پائڻ ۾ سنت هي آهي تہ پهرين ساڄي پير ۾ پاتي وڃي ۽ لاهڻ ۾ سنت هي آهي تہ پهرين ڪابي پير مان لاٿي وڃي. (حيات محدث اعظم ص 85)

## جُتي پائڻ جون نيتون

ڪو بہ نيڪ ڪم هڪدم شروع ڪرڻ بدران پهريان ڪجهہ ترسي ڪري نيت ڪرڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي مثلاً جتي پائڻ لڳو تہ ترسو ۽ حسب حال پهرين اهي نيتون ڪري وٺو: ❁ اِتباعِ سنت ۾ جتي پائيندس ❁ هلڻ واري جي جتين جو آواز سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلّم کي ناپسند هو انهيءَ ڪري راهہ هلندي يا ڏاڪڻ تان لهندي يا چڙهندي آواز پيدا نہ ٿئي ان جو خيال رکندس ❁ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي ڪري پائيندس ❁ جتين جي ذريعي پير کي زخم يا گندگي وغيره کان محفوظ رکڻ جي ڪوشش جي ذريعي عبادت تي مدد حاصل ڪندس ❁ پائڻ ۾ ساڄي جتي کان ابتدا ڪري سنت ادا ڪندس ❁ سنتِ تنظيف ادا ڪندس يعني پيرن کي مَر مٽي کان بچائيندس، انهي طريقي سان حسب حال وڌيڪ نيتون بہ ڪري سگهجن ٿيون ائين جتي لاهڻ وقت بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي ڪابي کان ابتدا ڪري، موقعو هجي تہ بزرگن جي ادا سان مشابهت ڪندي جُتين جو اڳيون رخ قبلي ڏانهن رکڻ جون نيتون ٿي سگهن ٿيون. جُتي قبلي رخ رکڻ جي باري ۾ عرض آهي تہ حضور مُحَدِّث اعظم پاڪستان حضرت علامہ مولانا سردار احمد عليہ رحمۃ اللہ الصمد جي شاگرد ۽ مريد، منهنجي

مخدوم و محترم حضرت قبلہ مفتي عبداللطيف صاحب أطَالَ اللهُ عُمرَہٗ جي صحبت ۾ ڪجھ ڏينهن سگ مدينہ عُفِيَ عنه کي رهڻ جي سعادت ملي، انهن ڏينهن مفتي صاحب مُدَّظِلّه جو هي عمل ڏٺو جو اسان جي بي ترتيب رکيل جتين، چپلن جو رخ پنهنجي مبارڪ هٿن سان قبلي ڏانهن ڪندا ها مون تعجب ڪندي سبب دريافت ڪيو تہ فرمايائون: مون قبلہ استاد گرامي حضور محدث اعظم حضرت مولانا سردار احمد عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الصَّمد کي ڏٺو تہ اوهان نہ صرف جتيون بلڪ هر شيءِ قبلي رخ رکڻ پسند ڪندا ها ۽ انهي عمل کي سرڪارِ غوث اعظم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاکرم جي انهيءَ حڪايت ڏانهن اشارو ڪيو جيئن تہ

## لوٽو قبلي رخ تي ويو

هڪ پيري جيلان شريف جي مشائخ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جو هڪ وفد حضور سيدنا غوث اعظم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاکرم جي خدمت سراپا عظمت ۾ حاضر ٿيو، انهن سندن جي لوٽي شريف کي قبلي رخ نہ ڏٺو (تہ ان پاسي سندن جو ڌيان ڇڪايو انهيءَ تي) پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي خادم کي جلال پري نظر سان ڏٺو اهو پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي جلال کي برداشت نہ ڪندي هڪدم ڪريو ۽ تڙپي تڙپي جان ڏني، هاڻي هڪ نظر لوٽي تي وڌي تہ لوٽو پاڻمرادو قبلي رخ تي ويو. (بهجة الاسرار ص 101)

## سنن جي نقل بہ سٺي هوندي آهي

هي عام دستور آهي جنهن سان محبت ٿيندي آهي ان جي هر ادا پياري لڳندي آهي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ سگِ مدينہ عفي عنه کي سرڪار غوث اعظم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاکرم ۽ حضور محدثِ اعظم پاڪستان عَلَيهِ رَحمَةُ الحنّان سان بيحد محبت آهي، تنهنڪري جڏهن کان سندن جي هي ادا معلوم ٿي آهي ان ادا کي ادا ڪرڻ جي عادت بڻائي آهي ۽ پنهنجي لوٽي، چپل ۽ ٻين شين جو اڳيون رخ قبلي ڏانهن رهي ان جي ڪوشش رهندي آهي، سٺي سٺي نيتن سان الله وارن جي نقل ۾ بہ يقيناً يقيناً برڪت ئي برڪت آهي ۽ چو نہ هجي، ڪائنات جي تمام الله وارن جي سردار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو

فرمان مشڪبار آهي: اَلْبَرَكَةُ مَعَ اَكَابِرِكُمْ. يعني برڪت توهان جي بزرگن سان گڏ آهي.
(المعجم الاوسط ج 6 ص 342 حديث 8991)

## ”چل مدينہ“ جي ست اکرن جي نسبت سان جوتا پائڻ جا 7 مدني گل

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 32 صفحن تي مشتمل رسالو ”101 مدني گل“ صفحي 20 کان 22 تان عرض آهي: **فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالى عليه واله وسلم ﴿1﴾ جوتا ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان جيستائين جوتا پائي رکندو آهي ڄڻ اهو سوار آهي (يعني گهٽ ٿڪجي ٿو) (مسلم ص 1161 حديث 2096) ﴿2﴾ جوتا پائڻ کان پهرين ڇنڊي وٺو تہ جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي تہ نڪري وڃي، چون ٿا ڪنهن جڳهہ دعوت مان فارغ ٿي هڪ شخص جيئن ئي جوتا پاتائين رڙ نڪري ويس ۽ پير رتورت ٿي ويو، دراصل ٿيو ائين جو ڪاٺ دوران ڪنهن نوڪدار هڏي اڇلائي تہ اها جوتي جي اندر هلي وئي ۽ پائڻ واري بنا ڇنڊڻ جي جوتا پاتا تہ پير زخمي ٿي ويو ﴿3﴾ سنت هي آهي تہ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ کاٻو ۽ لاهڻ وقت پهرين کاٻو ۽ پوءِ ساڄو. **فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالى عليه واله وسلم: جڏهن توهان مان ڪو جوتو پائي تہ ساڄي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي تہ کاٻي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي. (بخاري ج 4 ص 65 حديث 5855) نُزْهَةُ القاري ۾ آهي: مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت حڪم هي آهي تہ پهرين ساڄو پير مسجد ۾ رکي ۽ جڏهن مسجد کان نڪري تہ پهرين کاٻو پير ڪڍي، مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ان (جوتي پائڻ جي ترتيب واري) حديث تي عمل دشوار آهي. **اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان** عليه رحمة الرحمٰن هن جو هي حل ارشاد فرمايو: جڏهن مسجد ۾ وڃڻ ٿئي تہ پهرين کاٻو پير ڪڍي ڪري جوتي تي رکي وٺي پوءِ ساڄو پير جوتي مان ڪڍي مسجد ۾ داخل ٿئي، ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر ٿيو تہ کاٻو پير ٻاهر ڪڍي جوتي تي رکو پوءِ ساڄو پير ڪڍي ڪري ساڄو جوتو پائي وٺو پوءِ کاٻو

پائي وٺو. (نزهة القاري ج5 ص 530) حضرت سيدنا ابن جوزي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: جيڪو شخص هميشه جوتا پائڻ وقت ساڄي پير کان ۽ لاهڻ وقت کاٻي پير کان ابتدا ڪري اهو تِري جي بيماري کان محفوظ رهندو. (حياة الحيوان ج 2 ص 289) ﴿4﴾ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري ﴿5﴾ ڪنهن حضرت سيّدتُنَا عائشه صديقه رضي الله تعالى عنها جن کي عرض ڪيو هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله صلى الله تعالى عليه واله وسلم مرداڻي عورت تي لعنت فرمائي آهي. (ابو داؤد ج 4 ص 84 حديث 4099) صدرُ الشَّريعه، بدرُ الطَّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: يعني عورتن کي مرداڻه جوتا نه پائڻ کپن، بلڪ اهي تمام ڳالهيون جن ۾ مرد ۽ عورتن جو امتياز (يعني فرق) ٿيندو آهي ان مان هر هڪ کي ٻئي جي وضع اختيار ڪرڻ (يعني نقل ڪرڻ) منع آهي، نه مرد عورت جي وضع (يعني طور طريقا) اختيار ڪري نه عورت مرد جي. (بهار شريعت ج 3 ص 422) جڏهن ويهو ته جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو ﴿7﴾ استعمال ٿيل جوتو اونڌو پيل هجي ته سڌو ڪري ڇڏيو (تنگدستي جو هڪ سبب هي به آهي ته) اونڌي جوتي کي ڏسو ۽ ان کي سڌو نه ڪرڻ . هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل به ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

## اعليٰ حضرت جي خدمت ۾ سوال

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين و ملت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن جي خدمت ۾ ڪجهه ائين عرض ڪيو ويو: ڪجهه غريب مسلمان تبليغ صلواة (يعني نماز جي تبليغ جي لاءِ) شهر کان ٻاهرين وسندي (يعني ڳوٺن) ۾ پيادل اُس ۽ اُڃ جي تڪليف برداشت ڪري بنا ڪنهن ذاتي نفعي يا لالچ جي فِي سبيلِ الله اڌ رات جو اٿي ويا ۽ ٻئي ڏينهن واپس آيا، ڪجهه ماڻهو ان ۾ بُڪايل ۽ اُڃايل به شامل هئا، انهن جي ڪوشش سان تقريباً هڪ سؤ مسلمان نماز جي لاءِ تيار ٿيا، بيان

ڪيو وڃي انهن جي لاءِ ڇا اجر آهي تہ جيئن اڳتي جي لاءِ بہ همت وڌي. اسان جي انهيءَ نيڪ ڪم تي هڪ شخص چيو: ”ان ۾ ڇا رکيو آهي! ڪو پنهنجي لاءِ نماز پڙهندو اوهان ڪوشش ڇو ٿا ڪيو؟“ اهو شخص ڪيئن آهي جيڪو ماڻهن جو حوصلو گهٽائي ٿو؟

## اعليٰ حضرت جو جواب مدينه

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ڪجھ ائين جواب ارشاد فرمايو: نماز جي دعوت ڏيڻ وارن جي لاءِ انهن جي نيت تي عظيم اجر آهي، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي هدايت عطا فرمائي تہ هي توهان جي لاءِ ان کان سٺو آهي جو توهان وٽ ڳاڙها اُٺ هجن. (صحيح مسلم ص 1311 حديث 2406) هدايت جي لاءِ ايندي ويندي جيترا قدم انهن کنيا آهن هر قدم تي ڏھ نيڪيون آهن. (جيئن الله تعاليٰ سيپاري 22 سُوْرَۃُ يٰسٓ جي آيت نمبر 12 ۾ ارشاد فرمائيندو آهي:)

وَنَكْتُبُ مَا قَدَّمُوْا وَاٰثَارَهُمْ ؕ (پ٢٢ سورة يٰس:١٢)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ اسان لکي رهيا آهيون جو ڪجھ انهن اڳتي موڪليو ۽ جيڪي نشانيون پنيان ڇڏي ويا.

اهو چوڻ تہ ”توهان ڪوشش ڇو ٿا ڪيو“ شيطاني قول آهي. اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) فرض آهي، فرض کان روڪڻ شيطاني ڪم آهي. (شڪار جي منع باوجود) بني اسرائيل مان جنهن بہ (ڇنڇر جو) مڇي جو شڪار ڪيو هو اهي بہ ٻوڙا بڻايا ويا هئا ۽ جنهن انهن کي نصيحت ڪرڻ کان منع ڪيو هو (اهي بہ تباهہ ٿي ويا) (منع ڪرڻ وارن جو قول سيپاري 9 سُوْرَةُ الْاَعْرَاف جي آيت نمبر 164 ۾ بيان ڪيو ويو آهي:)

لِمَ تَعِظُوْنَ قَوْمَا ۙ اللّٰهُ مُهْلِكُهُمْ اَوْ مُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان**: انهن کي ڇو نصيحت ڪريو ٿا جن کي الله هلاڪ ڪرڻ وارو آهي يا انهن کي سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي.

(تہ پوءِ گناهن کان روڪڻ وارن کي گناهن کان روڪڻ واري نيڪ ڪم کان منع ڪرڻ وارا) بہ تباهہ ٿي ويا ۽ نصيحت ڪرڻ وارن نجات حاصل ڪئي. اهو چوڻ تہ ”هن (يعني نماز جي دعوت ڏيڻ واري ڪم) ۾ ڇا رکيو آهي!“ سڀ کان سخت جملو آهي، چوڻ واري کي تجديدِ اسلام ۽ تجديدِ نڪاح ڪرڻ گهرجي . واللّٰہ تعالیٰ اعلم.

(ملخص از فتاوٰي رضويه مخرجه ج 5 ص 117)

## ٻاڙهن اُٺن مان ڇا مراد آهي

مدنا مدنا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي هن مبارڪ فتويٰ ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري جي حوصلہ شِڪني ڪرڻ وارن جي انهيءَ جملي تہ ”توهان ڪوشش چو تا ڪيو“ کي شيطاني قول قرار ڏئي ان جي مَذَمَّت ڪئي وئي آهي، هتي اهي ماڻهو عبرت حاصل ڪن جيڪي ڪڏهن ڪڏهن مبلغن کي چئي ڇڏيندا آهن تہ ”ڇڏيو ان کي سمجهائڻ جو ڇا فائدو هي تہ نيڪي جي دعوت مڃي ئي نٿو“ (گناهہ نٿو ڇڏي، سُڌري نٿو، سڌي راهہ تي نٿو اچي) هي جملو بلڪل غلط غلط ۽ غلط آهي، يقيناً سمجهائڻ فائدي کان خالي ناهي، سٺي نيت هجي تہ اصلاح جي لاءِ سمجهائڻ نيڪي جو ڪم آهي تہ ڇا ”ثواب“ ملڻ ۾ ”فائدو“ ناهي؟ هي مڃي ئي نٿو!“ چئي اوهان ڇا چوڻ چاهيو ٿا؟ ڇا اوهان نٿا ڄاڻو تہ مبلغ جي ذميداري ”مڃائڻ“ ناهي فقط ”پهچائڻ“ آهي. مڃائڻ واري ذات ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي آهي، ان فتوي ۾ ”مسلم شريف“ جي هي حديث پاڪ بيان ڪئي وئي آهي تہ جيڪڏهن اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ توهان ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي هدايت عطا فرمائي تہ هي توهان جي لاءِ ان کان سٺو آهي جو توهان وٽ ڳاڙها اُٺ هجن. (مسلم ص 1311 حديث 2406) حضرت علامہ يحيٰي بن شرف نَوَوِي علیہ رحمۃ اللہ القوی هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: ڳاڙها اُٺ عرب وارن جو قيمتي مال سمجهيو ويندو هو، انهيءَ ڪري ضَربُ المَثَل (يعني چوٽي) جي طور تي ڳاڙهن اُٺن جو ذڪر ڪيو ويو. اُخروي امور کي دنيا جي شين سان تشبيہ (يعني مثال) ڏيڻ صرف سمجهائڻ جي لاءِ آهي، نہ تہ حقيقت هي آهي تہ آخرت جو هڪ ذرو بہ دنيا ۽ ان جهڙيون جيتريون

دنيائون تصور ڪيون وڃن، ان سڀ کان بهتر آهي.
(شرح مسلم للنووي ج 15 ص 178)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني هڪ ڪافر کي مسلمان بڻائڻ دنيا جي وڏي دولت کان به بهتر آهي بلڪ ڪافر کي قتل ڪرڻ کان به بهتر آهي جو ان کي رغبت ڏئي مسلمان ڪيو وڃي ته (الله چاهيو ته) ان سان ان جو (آئنده) سڄو نسل مسلمان ٿيندو.
(مرأة المناجيح ج 8 ص 416)

سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو لُوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو پاؤ گے برکتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قافلي ۾ سفر جون 44 نيّتون

مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جن کان ڪيل سوال جي ذريعي اها به خبر پئي ته نمازن جو جذبو رکڻ وارا انهيءَ دور ۾ نيڪي جي دعوت جي لاءِ قافلي ۾ سفر ڪندا هئا ۽ هاڻي فيضانِ رضا سان انهيءَ مدني ڪم جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي مدني تحريڪ دعوت اسلامي به قائم ٿي وئي آهي. جنهن جو پيغام هي سٽون لکڻ وقت تائين ڪم و بيش دنيا جي 150 ملڪن ۾ پهچي چڪو آهي! سنتن جي تربيت جي مدني قافلي جي مسافرن جا ته ڀاڳ کلي پون ٿا ۽ نيڪين جو ڍير لڳي ويندو آهي ان مدني سفر ۾ جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ ڪندا اِنْ شَآءَ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ اوترو ثواب به وڌندو ويندو. مثلاً حسب حال اهي نيّتون ڪري سگهجن ٿيون: ❁ جيڪڏهن شرعي مقدار جو سفر آهي ته گهر مان روانگي کان اڳ ۾ سفر جون به رڪتون ادا ڪندس ❁ پنهنجي ذاتي خرچ تي سفر ڪندس ❁ پنهنجي پيسن مان کائيندس ❁ سواريءَ جي دعا پڙهندس ۽ موقعو مليو ته پڙهائيندس ❁ جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي جڳهه نه ملي ته پنهنجي

سيٽ تي منٿ ڪري ويهاريندس ❁ بس يا ريل گاڏي ۾ ڪو پوڙهو يا بيمار مسلمان نظر ايندو تہ ان جي لاءِ سيٽ خالي ڪندس ❁ مدني قافلي وارن جي خدمت ڪندس ❁ اميرِ قافلہ جي اطاعت ڪندس ❁ زبان، اکين ۽ پيٽ جو قفلِ مدينہ لڳائيندس يعني فضول ڳالهائڻ، فُضُول ڏسڻ کان بچندس ۽ خواهش کان گهٽ کائيندس ❁ سفر ۾ هر موقعي تي مدني انعامات تي عمل جاري رکندس ❁ وضو، نماز ۽ قرآن پاڪ پڙهڻ ۾ جيڪي غلطيون هونديون اهي عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ رهي درست ڪندس (ڄاڻڻ وارو اها نيّت ڪري تہ سيکاريندس). ❁ سنّتون ۽ دعائون سکندس ۽ ❁ ٻين کي سيکاريندس ۽ ❁ انهن تي سڄي زندگي عمل ڪندو رهندس. ❁ سيئي فرض نمازون مسجد جي پهرين صف ۾ تکبيرِ اوليٰ سان باجماعت ادا ڪندس ❁ تَهَجُّد، اشراق، چاشت ۽ اَوّابين جا نفل پڙهندس ❁ هڪ گهڙي بہ ضايع ٿيڻ نہ ڏيندس، فارغ وقت مليو تہ الله، الله ڪندو رهندس، دُرُود شريف پڙهندو رهندس (درس ۽ بيان بغير ڪجهہ پڙهڻ جي خاموشيءَ سان ٻڌڻو آهي) ❁ صداءِ مدينہ لڳائيندس يعني فجر جي نماز جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائيندس ❁ رستي ۾ جتي مسجد نظر ايندي تہ وڏي آواز سان صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! چئي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد چوندس ۽ چورائيندس ❁ بازار ۾ وڃڻو پيو تہ خاص طور تي نظرون جهڪائي بازار جي دعا پڙهندس ۽ موقعو مليو تہ پڙهائيندس ❁ مسلمانن کي سلام ڪري انهن سان محبت ۽ شفقت واري انداز ۾ ملاقات ڪندس ❁ خوب انفرادي ڪوشش ڪندس ❁ هٿو هٿ مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ مسلمانن کي تيار ڪندس ❁ نيڪيءَ جي دعوت ڏيندس ❁ درس ڏيندس ❁ موقعو مليو تہ سنّتن ڀريو بيان ڪندس ❁ جتي قافلو ويندو اتان جي ڪنهن بزرگ جي مزار شريف تي مدني قافلي سان گڏ حاضري ڏيندس ❁ سنّي عالم جي زيارت ڪندس ❁ جيڪڏهن مدني قافلي جو ڪو مسافر بيمار ٿي پيو تہ تيمار داري ڪندس (يعني ان جي خدمت چاڪري ڪندس) ❁ جيڪڏهن ڪنهن مسافر وٽ خرچ ختم ٿي ويو تہ اميرِ قافلہ جي مشوري سان ان جي مالي مدد

فَرمانِ مُصطَفٰی صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

ڪندس ❁ سفر ۾ پنهنجي لاءِ، پنهنجي گهروارن جي لاءِ ۽ امتِ مسلمہ جي ڀلائيءَ لاءِ دعا گهرندس. ❁ جنهن مسجد ۾ ترسنداسين ان مسجد ۽ اتان جي وضو خاني جي صفائي ڪندس ❁ جيڪڏهن ڪنهن بنا سبب جي سختي ڪئي تڏهن بہ صبر ڪندس ❁ ٽڪاوٽ وغيره جي ڪري ڪاوڙ آئي تہ زبان جو قفلِ مدينہ لڳائيندي صبر ڪندس ❁ جيڪڏهن مسجد ۾ مدني قافلي کي ترسڻ جي اجازت نہ ملندي تہ ڪنهن سان الجھڻ بدران ان کي پنهنجي اخلاص جي گھٽتائي تصور ڪندس ۽ مدني قافلي سان گڏ هٿ کڻي ڪري ڀلائيءَ جي دعا ڪندي واپس موٽندس ❁ جيڪڏهن ڪو جهيڙو ڪندو تہ حق تي هجڻ جي باوجود ان سان جهيڙو نہ ڪري حديث ۾ ڏنل ان بشارت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو حقدار بڻجندس، جنهن ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: جيڪو حق تي هجڻ باوجود جهيڙو نہ ڪري مان ان جي لاءِ جنّت جي (اندرئين) ڪناري ۾ هڪ گهر جو ضامن آهيان. (سنن ابي داؤد ج 4، ص 332، الحديث 4800) ❁ جيڪڏهن ڪنهن ظلم ڪندي ماريو تڏهن بہ جوابي ڪارروائي ڪرڻ بدران شڪر ادا ڪندس چوتہ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ مار کائڻ واري سنّتِ بلالي ادا ٿي ❁ جيڪڏهن منهنجي ڪري ڪنهن مسلمان جي دل آزاري ٿي وئي تہ انهيءَ وقت سهڻي انداز ۾ معافي گهرندس ❁ جيئن تہ هر وقت گڏ رهڻ ۾ حق تلفين جو گهڻو امڪان رهندو آهي تنهنڪري واپسيءَ تي نهايت عاجزيءَ سان هڪ هڪ کان مُعافي گهرندس ❁ (شرعي) سفر کان واپسيءَ تي گهروارن جي لاءِ تحفو وٺي وڃڻ جي سنّت ادا ڪندس ❁ (سفر جيڪڏهن شرعي هوندو تہ) مسجد ۾ اچي غير مڪروه وقت ۾ سفر تان واپسي جا ٻہ نفل ادا ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اُمتِ مصطفيٰ جي خصوصيت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه رَبُّ الْعِبَاد عَزَّوَجَلَّ هن امت جي خصوصيت بيان ڪندي سيپاري 4 سُوْرَةُ اٰلِ عِمْرٰن جي آيت نمبر 110 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فرمانِ مُصطفےٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي. (عبدالرزاق)

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** توهان ڀلا آيو انهن سڀني امتن کان جيڪي ماڻهن ۾ ظاهر ٿيون چڱائي جو حڪم ڪريو ٿا ۽ برائي کان روڪيو ٿا ۽ الله تعاليٰ تي ايمان رکو ٿا.

## اَلحمدلله عَزَّوَجَلَّ اسان خوش نصيب آهيون

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! اسان خوشنصيب آهيون جو الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيبِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو دامن ڪرم اسان جي گنهگار هٿن ۾ آيو، يقيناً اسان جا پيارا ۽ مٺا مٺا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تمام انبياءِ ڪرام عَلَیْهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۾ سڀني کان افضل ۽ اعليٰ آهن ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ سندن جي اُمت بہ سڀني اُمَمِ سابِقہ (يعني پوئين امتن) کان افضل آهي. افضليت جو سبب هرگز هي ناهي تہ هن اُمت ۾ سرمائي دارن جي ڪثرت هوندي يا اهي ماڻهو دنياوي طور تي گهڻا تعليم وارا هوندا، انهن ۾ انجينيئر ۽ ڊاڪٽرن جي گهڻائي هوندي، نہ ئي فضيلت جو سبب هي آهي تہ هي جنگجو، بهادر ۽ طاقتور هوندا يا اهي انهيءَ ڪري افضل آهن تہ نهايت ئي چالاڪ ۽ هوشيار هوندا، بلڪ انهن جي فضيلت جو سبب تہ هي آهي جو اهي اَمۡرٌ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَنَهۡیٌ عَنِ الۡمُنۡکَر (يعني ڀلائي جو حڪم ڏيندا ۽ برائي کان روڪيندا) جي اهم منصب تي فائز آهن. الله عَزَّوَجَلَّ ڪري جو اسان پنهنجي ان عظيم منصب جي اهميت کي سمجهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون .

## اَمۡرٌ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَنَهۡیٌ عَنِ الۡمُنۡکَر جي معنيٰ

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان "تفسير نعيمي" ۾ انهن آيتن جي تحت فرمائن ٿا: "اَلۡمَعۡرُوۡف" ۽ "اَلۡمُنۡکَر" ۾ سڀئي ڀلائيون مُستَحَبَّات کان اِيمانِيَّات (يعني مُستَحب کان وٺي اسلامي عقيدن تائين) داخل آهن، ۽ سموريون برائيون مَڪروهات کان ڪُفرِيَّات (يعني ناپسنديده ڳالهين کان هر قسم جي ڪفر تائين) شامل آهن. ۽ "اَمر" (جي معنيٰ حڪم آهي) يعني (هتي) حڪم مان مراد هر قسم جو حڪم آهي، زباني هجي يا

قلمي، طاقت وارو هجي، چاهي وڏن سان عرض ڪري ڪيو يا ساٿين سان مشورو ڪري ڪيو يا ننڍن کي زور ڏئي حڪم ڪيو، يعني توهان جو شان هي آهي تہ هر ڀلائي جو هر طرح حڪم ڏيو ۽ هر خوبي هر طرح ڦهلايو، ۽ هر برائي کي هر طرح سان مٽايو ۽ ماڻهن کي ان (يعني برائي) کان پري رکو، وڌيڪ فرمائن ٿا: هن آيت شريف ۾ چئڻ فرمايو ويو تہ اي محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمت! توهان منهنجي صفتِ هدايت جا مَظهر (يعني ظاهر ڪرڻ وارا) آهيو، تنهنڪري اوهان بهترين امت آهيو، توهان جي ڪري سڀئي ماڻهو فائدو حاصل ڪندا رهندا، مان توهان جي ذريعي ماڻهن کي ايمان، قرآن ۽ عِرفان (يعني پنهنجي رب جي سُڃاڻپ) بخشيندس ۽ توهان جي ئي روشني سان انهن کي راهِ جِنان (يعني جنّت جو رستو) ڏيکاريندس، جيڪو مون تائين پهچڻ چاهي ٿو اهو توهان جي زُمري (يعني گروهہ) ۾ اچي وڃي.

(تفسير نعيمي ج 4 ص 89، 95)

سنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مسلمانن جي وڏي اڪثريت بي عملي جو شڪار آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مسلمانن ۾ "نيڪي جي دعوت" عام ڪرڻ جي جيتري ضرورت اڄ آهي شايد پهرين ڪڏهن ٿي هجي. افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄ مسلمانن جي وڏي اڪثريت بي عملي جو شڪار آهي، نيڪيون ڪرڻ نفس جي لاءِ بيحد دشوار ۽ گناهہ ڪرڻ تمام آسان ٿي چڪو آهي، مسجدن جي ويراني ۽ سينيما گهرن ۽ ڊرامہ گاهن جي رونق دين جو درد رکندڙن کي رت روئاڙي ٿي. ٽي وي، وي سي آر، ڊش انٽينا، انٽرنيٽ ۽ ڪيبل جو غلط استعمال ڪرڻ وارن چڱن ڀلن پنهنجي اکين مان حياءُ ختم ڪري ڇڏيو آهي، ضرورت پوريون ڪرڻ ۽ سهولتن کي حاصل ڪرڻ جي حد کان وڌيڪ جدوجهد مسلمانن جي وڏي تعداد کي آخرت جي فڪر کان

بلڪل غافل ڪري ڇڏيو آهي، گار ڏيڻ، تهمت لڳائڻ، بدگماني ڪرڻ، غيبت ڪرڻ، چغلي لڳائڻ، ماڻهن جا عيب ڳولڻ جي جستجو ۾ رهڻ، ماڻهن جا عيب کولڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، ڪوڙا واعدا ڪرڻ، ڪنهن جو ناحق مال کائڻ، رت وهائڻ، ڪنهن کي بنا اجازتِ شرعي تڪليف ڏيڻ، قرض دبائڻ، ڪنهن جي شيء عاريتاً (يعني وقتي طور تي وٺي) واپس نہ ڪرڻ، مسلمانن کي بُرن لقبن سان پڪارڻ، ڪنهن جي شيء ان کي سٺو نہ لڳڻ جي باوجود بہ بنا اجازت جي استعمال ڪرڻ، شراب پيئڻ، جوا کيڏڻ، چوري ڪرڻ، زنا ڪرڻ، فلمون ڊرامہ ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ، وياج ۽ رشوت جي لين دين ڪرڻ، ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ، ۽ انهن کي ستائڻ، امانت ۾ خيانت ڪرڻ، بدنگاهي ڪرڻ، عورتن جو مردن جي ۽ مردن جو عورتن جي مشابهت (يعني نقل) ڪرڻ، بي پردگي، غُرور، تڪبُّر، رياڪاري، پنهنجي دل ۾ ڪنهن مسلمان جو بُغض ۽ ڪينو رکڻ، شُماتت (يعني ڪنهن مسلمان کي مرض، تڪليف يا نقصان پهچڻ تي خوش ٿيڻ) ڪاوڙ اچڻ تي شريعت جي حد ٽوڙڻ، گناهن جو حِرص، حُبِ جاهہ، بُخل، خود پسندي وغيره معاملا اسان جي معاشري ۾ وڏي بيباڪي سان ڪيا پيا وڃن.

## گناهہ ڪرڻ وارن جو پين تي بہ وبال

ڪئي گناهہ اهڙا آهن جن جي ڪري ٻين کي نقصان ڪٺڻو پوي ٿو، مثلاً جيڪڏهن ڪو شخص چوري جو گناهہ ڪندو تہ ان شخص جو نقصان ٿيندو جنهن جي شيء چُرائي ويندي، بلڪل هي معاملو ڌاڙو هڻندڙ، هٿيار ڏيکاري موبائل فون کسڻ وارن جو آهي، دنياوي نقصان تہ هڪ پاسي رهيا، گناهہ ڪرڻ وارن جو اصل وڏو نقصان تہ آخرت جو آهي. **اي سنّتن جو درد رکڻ وارا عاشقانِ رسول!** ذرا سوچيو! گناهن جي دلدل ۾ ڦاسڻ وارن کي ڪير ٻاهر ڪيندو؟ اخلاقي تَنَزُّلين ۽ پستين ڏانهن ڪِرڻ وارن کي ڪردار جي بلندين ڏانهن ڪير اُڀاريندو؟ جهنم ۾ وٺي ويندڙ عملن ۾ مصروف رهندڙن کي جنت ۾ وٺي ويندڙ عملن تي ڪير لڳائيندو؟ **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي پاڻ ئي هڪ ٻئي جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي پوندي، ڪجهہ سچيون

حڪايتون ملاحظہ فرمايو ۽ نيڪي جي دعوت جو دل ۾ جذبو وڌايو.

## مسجد تي تالو هو

تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عاشقان رسول جي سنتن جي تربيت جا مدني قافلا 3 ڏينهن، 12 ڏينهن ۽ 12 مهينن جي لاءِ راهِ خدا ۾ سفر ڪندا رهن ٿا. عاشقانِ رسول جو هڪ مدني قافلو سنتن جي تربيت جي غرض سان بابُ الاسلام (سنڌ) جي هڪ ڳوٺ پهتو اتي مسجد تي تالو لڳل هو، ماڻهن سان ملي ڪري جڏهن مسجد جو دروازو کوليو ويو ته مدني قافلي جا مسافر هي ڏسي حيران ٿي ويا ته گهڻي عرصي کان صفائي نه ٿيڻ سبب مسجد جا در ۽ ديوار مٽي وغيره سان پريل هئا ۽ هر طرف ڪوريئڙي جو ڄار ڦاهيل هيو. مدني قافلي جي اِستِفسَار (يعني پڇڻ) تي ٻڌايو ويو ته ڪافي عرصو ٿيو هتان جي مسلمانن نماز پڙهڻ ڇڏي ڏني آهي تنهنڪري امام صاحب به هليو ويو، انهي ڪري مسجد تي تالو لڳايو ويو آهي. افسوس مسجد بند ڪئي وئي هئي ۽ ڳوٺ جي هر پاسي گناهه عام هيا اڪثر دڪانن تي گانا ۽ ٽي وي تي فلمون ڏيکارڻ جو سلسلو جاري هو.

## مسجدون حيرت انگيز رونقون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! هاڻي مسلمانن جي حالت ڪيتري قدر بري ٿيندي پئي وڃي! حالانڪ هڪ دور اهڙو به هو جو رات ڏينهن مسجدون آباد هونديون هيون، جيئن حُجَّةُ الإسلام حضرت سيِّدُنا امام ابوحامد محمّد بن محمّد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی فرمائن ٿا: نيڪ ٻانها آخرت جي فڪر سبب مسجدن ۾ پيا هوندا هئا ته جيئن جيترو وڌيڪ وقت ٿي سگهي ان مختصر ترين زندگي جي مهلت مان فائدو کڻي آخرت جي ابدي (يعني هميشگي واريون) نعمتون جمع ڪندا هئا، عبادت ڪرڻ جي ڪثرت سبب مسجد جي ڀاهران ٻار وغيره کائڻ پيئڻ جي شيون وڪڻندا هئا، ائين کائڻ پيئڻ جون شيون به عبادت گذارن کي آساني سان ملي ويندي هيون. سُبحٰنَ الله عزوجل اهو ڪهڙو

نہ پاڪيزه دور هو جو مسجدن ۾ رات ڏينهن رونق هوندي هئي ۽ هاءِ اڄ تہ مسجدن جي ويراني ڏسي دل رت روئي ٿي. اي موت جو يقين رکڻ وارا اسلامي ڀائرو! جنهن ڪان ٿي سگهي اهو حلال روزي ۽ ماءُ پيءُ، اولاد جي سار سنڀال ۽ ٻين حقوق کي بجا آڻڻ کان پوءِ جيڪو وقت بچي ان کي ضرور ذڪر و درود ۽ فڪر آخرت ۽ سٺي صحبت ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪري. (ڪيمياءِ سعادت ج 1 ص 339) اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ڪا گهڙي ذڪر الله کان خالي نہ گذرندي هئي، ڪاش اسان کي بہ انمول وقت جو قدر نصيب ٿئي.

یا خدا قدر وقت کی دیدے
کوئی لمحہ نہ فالتو گزرے

## باجماعت نماز جو عجيب جذبو

پهريان جا مسلمان باجماعت نمازن جو بہ زبردست اهتمام فرمائيندا هئا جيئن تہ حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الوَالِی فرمائن ٿا: (سيپاري 18 سُوْرَۃُ النُّوْر، آيت نمبر 37 ۾ ربّ غفور عَزَّوَجَلَّ جو فرمان نورٌ عَليٰ نور آهي:)

رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّ لَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَ اِقَامِ الصَّلٰوةِ وَ اِيْتَآءِ الزَّكٰوةِ ۙ يَخَافُوْنَ يَوْمًا تَتَقَلَّبُ فِيْهِ الْقُلُوْبُ وَ الْاَبْصَارُ ﴿۳۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** اهي مرد جن کي غافل نہ ٿو ڪري ڪو واپار ۽ نہ ٿي ڪا خريد و فروخت الله جي ياد کان ۽ نماز قائم رکڻ ۽ زڪوات ادا ڪرڻ کان، ڊڄن ٿا ان ڏينهن کان جنهن ڏينهن ڦري وينديون دليون ۽ اکيون.

هن آيت سڳوري کان پوءِ حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الوَالِی جو بيان آهي ڪجهہ مُفَسِّرين لکيو آهي تہ هن ۾ انهن نيڪ ماڻهن ڏانهن اشارو آهي جيڪي انهن مان لوهار هوندا هئا اهي جيڪڏهن ضرب (يعني ڌڪ) هڻڻ لاءِ هٿوڙو مٿي ڪنيل هوندو هو ۽ انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن اذان جو آواز ٻڌندا هئا تہ هاڻي هٿوڙو لوهہ وغيره تي هڻڻ بدران فوراً رکي ڇڏيندا هئا ۽ جيڪڏهن موچي

يعني چمڙو سبڻ وارو هوندو جيڪڏهن سوئي چمڙي ۾ وڌي هئي ۽ جيئن اذان جو آواز انهن جي ڪنن ۾ پوندو هو ته سوئي کي ٻاهر ڪڍڻ کان بغير، سوئي اتي ئي ڇڏي ڪري بنا دير جي مسجد ڏانهن هلڻ لڳندا هئا، يعني مٽي ڪنيل هٿوڙي جي هڪ ضرب لڳائڻ يا سوئي کي ٻي پاسي ڪڍڻ به انهن جي ويجهو تاخير ۾ شامل هو حالانڪ ان ۾ ڪيترو وقت لڳي ٿو! (ڪيمياءِ سعادت ج 1 ص 339)

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی
میں پڑھتا رہوں سنّتیں، وقت ہی پر ہوں سارے نوافل ادا یاالٰہی
دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت
رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پوڙهو روئڻ لڳو

عاشقان رسول جو هڪ 30 ڏينهن جو مدني قافلو راهِ خدا ۾ سفر تي هو، انهيءَ دوران هڪ جڳهه تي سنتون سکڻ سيکارڻ جي مدني حلقي ۾ جڏهن "غسل جا فرض" سيکاريا ويا ته هڪ بزرگ روئي ڇوڙ لڳو ته "منهنجي عمر 70 سالن جي ٿي چڪي آهي پر مون کي غسل جي فرضن جي خبر نه هئي، اڄ مدني قافلي جي برڪت سان مون کي غسل جا فرض سکڻ جو موقعو مليو، افسوس! مون کي ته هي به نه خبر هئي ته غسل ۾ فرض به هوندا آهن!"

## سڀ کان پهريان چاسکڻ فرض آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غسل جي فرضن تائين لاعلمي جو اعتراف ڪرڻ واري 70 سالن جي اسلامي ڀاءُ جي واقعي سان مدني قافلن جي ضرورت ۽ اهميت جو اوهان بخوبي اندازو لڳائي سگهو ٿا، ڪنهن مسلمان کي بيمار يا بک اُڃ ۾ گرفتار يا بيروزگار ۽ قرضدار يا آفتن ۾ گرفتار يا دنياوي مصيبتن جو شڪار يا مشڪلاتن سبب لاچار ڏسڻ سان اسان کي ترس ايندو آهي ۽ اچڻ به گهرجي، پر گناهن جي سبب آخرت کي

داءُ تي لڳائڻ وارن ۽ پنهنجو پاڻ کي قبر ۽ جهنم جي عذاب جو حقدار بڻائڻ وارن مسلمانن تي بلڪل ترس ناهي ايندو، هي ڳِتي جوڳي ڳالهہ آهي جڻ دنياوي مصيبتن جي مقابلي ۾ آخرت جي مصيبتن کي گهٽ سمجهيو ويو آهي! جڏهن تہ "جسماني مرض" جي مقابلي ۾ روحاني يعني گناهن جو مريض زياده توجهہ جو مستحق آهي جو مسلمان کي دنيا جون تڪليفون آخرت ۾ راحت ڏياري سگهن ٿيون پر گنهگار کي ان جا گناهہ دوزخ جي غار ۾ پهچائي سگهن ٿا، تنهنڪري انهيءَ ڳالهہ جي شدت سان ضرورت آهي تہ علمِ دين جي روشني ڦهلائي وڃي تہ جيئن معلومات هوندي تڏهن تہ ماڻهو گناهن کان بچندو، جيڪڏهن گناهہ ۽ ثواب جي سمجهہ ٻوجهہ ئي نہ آهي تہ سنتن پري زندگي ڪيئن گذاري سگهندو! صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهہ نادان مسلمان نفس ۽ شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي ان فاني جهان تي دل و جان سان قربان آهي پر ان کي فرائض تائين جي جو بہ علم ناهي، حالانڪ نبي اڪرم، شاهِ بني آدم، رسول محتشم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيْضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ** يعني علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي . (سنن ابن ماجہ ج1 ص 146 حديث 224) هن حديث پاڪ مان اسڪول ڪاليج ۾ رائج ٿيل دنياوي تعليم نہ بلڪ ضروري ديني علم مراد آهي، لهٰذا سڀ کان پهرين بنيادي عقيدن جو علم سکڻ فرض آهي انهيءَ کان پوءِ نماز جا فرض، شرط ۽ مُفسِدات (يعني نماز ڪيئن درست ٿيندي آهي ۽ ڪيئن ٽٽي پوندي آهي) پوءِ رمضانُ المُبارڪ جي آمد تي روزا فرض هجڻ جي صورت ۾ روزن جا ضروري مسئلا، جنهن تي زڪوٰت فرض هجي هن جي لاءِ زڪوٰت جا ضروري مسئلا، اهڙيءَ طرح حج فرض هجڻ جي صورت ۾ حج جا، نڪاح ڪرڻ چاهي تہ نڪاح جا، واپاري کي خريد ۽ فروخت جا، نوڪري ڪرڻ واري جي لاءِ نوڪري جا، نوڪر رکڻ واري جي لاءِ اِجاري جا وَعلٰی هٰذا القِياس (يعني ۽ انهي تي قياس ڪندي) **هر مسلمان عاقل بالغ مرد ۽ عورت تي ان جي موجوده حالت جي مطابق مسئلا سکڻ فرضِ عين آهن.** اهڙي طرح هر هڪ جي لاءِ

حلال ۽ حرام جا مسئلا به سکڻ فرض آهن ۽ مسائلِ قلب (باطني مسئلا) يعني فرائض قلبِيَّہ (باطني فرض) مثال طور: عاجزي، اِخلاص، ۽ تَوَکُّل وغيرها ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جو طريقو ۽ باطني گناهہ مثال طور تڪبُّر، رياڪاري، حسد، بدگماني، بغض ۽ ڪينو، شُماتت (يعني ڪنهن جي مصيبت تي خوش ٿيڻ) وغيرها ۽ انهن جو علاج سکڻ هر مسلمان تي فرض آهي . (تفصيل جي لاءِ ڏسو (فتاويٰ رضويہ ج23 ص 613، 624) مُهلِڪات يعني هلاڪت ۾ وجهڻ واريون شيون جيئن تہ وعده خلافي، ڪوڙ، غيبت، چغلي، بُهتان بدنگاهي، ڌوکو، ايذاءِ مسلم وغيره وغيره تمام صغيره ۽ ڪبيره گناهن جي باري ۾ ضروري احڪام سکڻ بہ فرض آهي تہ جيئن انهن گناهن کان بچي سگهجي. ڊرائيور ۽ مسافر، زال مڙس، والدين اولاد، ڀاءُ ڀيڻ، پاڙي وارو ۽ رشتيدار، قرضخواهہ ۽ قرضدار، سپروائيزر ۽ ٺيڪيدار، مزدور ۽ ڪاريگر، هاري ۽ زميندار، ڪرائي وارو، ڪرايو ڏيڻ وارو، حاڪم ۽ محڪوم، استاد ۽ شاگرد، ڊاڪٽر ۽ حڪيم، مقيم ۽ مسافر، ڪاسائي، مهاڻو، چندو وٺڻ وارو ۽ چندو ڏيڻ وارو، مسجد يا مدرسہ يا قبرستان يا سماجي اداري وغيره جا مُتَوَلّي، جانور وڪڻڻ وارو ۽ پالڻ وارو، ٻڪرار، ڌوٻي، درزي، واڍو (CARPENTER)، لوهار، ڪاريگر، آخري بيان ٽيل پنجن ڪان ڌوئرائڻ، سبرائڻ، ۽ ٺاهرائڻ وغيره وغيره هر هڪ جي لاءِ ان جي موجوده حالت جي مطابق ضروري مسئلا سکڻ فرضِ عين آهن. شيطان جي انهيءَ وسوسي تي هرگز توجهہ نہ ڏيو تہ سکنداسين تہ عمل ڪرڻو پوندو بلڪ انهي حڪم شرعي کي ذهن ۾ رکو تہ حسب حال فرض علوم نہ ڄاڻڻ گناهہ ۽ نہ ڄاڻڻ جي سبب گناهہ ڪرڻ گناهہ در گناهہ ۽ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

خدایا ہم اسلامی اَحکام سیکھیں
بچائیں جو دوزخ سے وہ کام سیکھیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# غُسل جو طريقو (حَنفِي)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هاڻي اوهان پڙهو ته 70 سالن جي اسلامي ڀاءُ مدني قافلي وارن جي مدني حلقي ۾ شريڪ ٿيو ته ان کي غسل جا فرضن جي پهريون ڀيرو خبر پئي هئي، اهڙي طرح خبر ناهي ڪيترا مسلمان اهڙا هوندا جيڪي اهي احڪام نه ڄاڻندا هوندا، تنهنڪري نيڪي جي دعوت جو ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان غسل جو طريقو (حنفي) پيش ڪيان ٿو: دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 342 صفحن تي مشتمل ڪتاب "نماز جا احڪام" صفحي 75 کان شروع ٿيندڙ مضمون ضرورت مطابق ڪجهه تبديلن سان پيش آهي: نيت جي بغير به غسل ٿي ويندو پر ثواب نه ملندو، انهي ڪري بنا زبان چورڻ جي دل ۾ هيئن نيّت ڪريو ته مان پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءِ غُسل ڪريان ٿو، پهرين ٻئي هٿ ڪراين تائين ٽي ٽي ڀيرا ڌوئو، پوءِ پيشاب واري جڳهه ڌوئو چاهي نجاست هجي يا نه، ۽ پوءِ جيڪڏهن جسم تي ڪٿي نجاست هجي ته ان کي دور ڪيو، پوءِ وضو ڪريو پر پير نه ڌوئو، ها جيڪڏهن صَندلي وغيره تي غسل ڪري رهيا آهيو ته پير به ڌوئي ڇڏيو، پوءِ جسم تي تيل وانگر پاڻي مکيو، خاص ڪري سياري ۾ (ان دوران صابڻ به هڻي سگهو ٿا) پوءِ ٽي ڀيرا ساڄي ڪُلهي تي پاڻي وهايو ۽ پوءِ کاٻي ڪُلهي تي، پوءِ مٿي تي ۽ سڄي جسم تي ٽي ڀيرا، پوءِ غسل جي جاءِ کان جدا ٿي وڃو، جيڪڏهن وضو ڪرڻ ۾ پير نه ڌوتا هئا ته هاڻي ڌوئي ڇڏيو، وهنجڻ مهل قبلي ڏانهن رُخ نه ڪيو، سڄي جسم تي هٿ ڦيري ۽ مَهٽي وهنجو، اهڙي جڳهه تي وهنجو جو ڪنهن جي نظر نه پوي، جيڪڏهن اهو ممڪن نه هجي ته مرد پنهنجي اوگهڙ (دُنّ کان وٺي ٻنهي گوڏن سميت) ڪنهن ٿُلهي ڪپڙي سان ڍڪي، ٿلهو ڪپڙو نه هجي ته ضرورت مطابق ٻه يا ٽي ڪپڙا ويڙهي ڇڏي ڇوته سنهو ڪپڙو هوندو ته پاڻيءَ سان جسم تي چنبڙي پوندو ۽ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ گوڏن يا رانن وغيره جي

رنگت ظاهر ٿيندي، عورت کي تہ اجا وڌيڪ اِحتِياط جي ضرورت آهي . غُسل جي دؤران ڪنهن بہ قسم جي گفتگو نہ ڪريو ۽ ڪا دُعا بہ نہ پڙهو، وهنجڻ ڪان پوءِ ٽوال سان بدن اگهڻ ۾ حرج ناهي، وهنجڻ ڪان پوءِ جلدي ڪپڙا پائي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن مڪروهہ وقت نہ هجي تہ بہ رڪعتون نفل ادا ڪرڻ مُسۡتَحَب آهي .
(عالمگيري ج 1 ص 14 ماخوذ از بهار شريعت ج 1 ص 319 وغيره)

## غُسل جا ٽي فرض

﴿1﴾ گُرڙي ڪرڻ ﴿2﴾ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ﴿3﴾ سڄي ظاهري جسم تي پاڻي وهائڻ . (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 13)

## ﴿1﴾ گُرڙي ڪرڻ

وات ۾ ٿورو پاڻي کڻي پُڇ ڪري اُڇلڻ جو نالو گُرڙي ناهي بلڪ وات جي هر حصي، پاسي، چپن ڪان نِڙيءَ جي پاڙ تائين هر جڳهہ تي پاڻي وهي وڃي. اهڙيءَ طرح هوڙن جي پُٺيان ڳِلن جي تهہ ۾، ڏندن جي وِڇين ۽ پاڙن ۽ زبان جي هر پاسي تي بلڪ نِڙيءَ جي آخري حصي تائين پاڻي وهي وڃي . روزو نہ هجي تہ گُرڙا بہ ڪريو جو سنّت آهي، ڏندن ۾ سوپاري جا داڻا يا گوشت جا ذرڙا وغيره هجن تہ انهن کي ڪڍڻ ضروري آهي، ها جيڪڏهن ڪڍڻ ۾ ڪو نقصان جو انديشو هجي تہ معاف آهي. غسل ڪان اڳ ڏندن ۾ اهي ذرڙا وغيره محسوس نہ ٿيا ۽ رهجي ويا پوءِ نماز بہ پڙهي ڇڏي ۽ پوءِ خبر پوڻ تي ڪڍي پاڻي وهائڻ فرض آهي اڳ ۾ جيڪا نماز پڙهي هئي اها ٿي وئي. جيڪو لُڏندڙ ڏند مَسالي سان ڄمايو ويو هجي يا تار سان ٻَڌو ويو هجي ۽ تار يا مسالي جي هيٺان پاڻي نہ پهچندو هجي تہ معاف آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 316، فتاويٰ رضويه ج 1 ص 440، 439) جيئن هڪ گُرڙي غسل جي لاءِ فرض آهي تيئن ٽي گُرڙيون وضوءَ جي لاءِ سنّت آهن .

## ﴿2﴾ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ

جلدي جلدي نڪ جي چوٽيءَ تي پاڻي لڳائڻ سان ڪم نہ هلندو بلڪ جيستائين

نرم جڳهه آهي يعني سخت هڏي جي شروع تائين ڌوئڻ لازمي آهي، ۽ اهو ائين ٿي سگهندو جو پاڻي سِنگهي مٿي ڇڪيو ۽ اهو خيال ڪريو ته وار برابر به جڳهه ڌوئڻ کان رهجي نه وڃي نه ته غسل نه ٿيندو، نڪ جي اندر سنگهه ڄمي وئي هجي ته ان کي صاف ڪرڻ فرض آهي ۽ نڪ جي وارن جو ڌوئڻ به فرض آهي. (ايضاً، ص 443، 442)

## ﴿3﴾ سڄي ظاهري جسم تي پاڻي وهائڻ

مٿي جي وارن کان وٺي پيرن جي تِرين تائين جسم جي هر حصي ۽ هر هر وار تي به به قطرا پاڻي وهي وڃڻ فرض آهي، جسم جون ڪجهه جڳهون اهڙيون آهن جو جيڪڏهن اِحتِياط نه ڪيو وڃي ته اهي خُشڪ رهجي وينديون ۽ غُسل نه ٿيندو. (بهار شريعت ج 1 ص 317) وضو ۽ غسل ۽ نماز، جمعي جي نماز، قضا نماز، سفر جي نماز، جنازي نماز، وغيره جي باري ۾ ضروري احڪام ڄاڻڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 342 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”نماز جا احڪام“ جو مطالعو فرمايو)

### وهندڙ پاڻيءَ ۾ غُسل جو طريقو

جيڪڏهن وهندڙ پاڻي مثلاً درياءَ يا واهه ۾ وهجنڊؤ ته ٿوري دير ان ۾ رهڻ سان ٽي ڀيرا ڌوئڻ، ترتيب ۽ وضو اهي سڀ سنّتون ادا ٿي ويون ۽ عُضون کي ٽي ڀيرا حرڪت ڏيڻ جي به ضرورت ناهي. جيڪڏهن تلاءُ وغيره بيٺل پاڻي ۾ وهنجو ته عُضون کي ٽي ڀيرا حرڪت ڏيڻ يا جڳهه بدلائڻ سان ٽي ڀيرا ڌوئڻ جي سنّت ادا ٿي ويندي، برسات ۾ (يا نلڪي يا ڦوهاري جي هيٺان) بيهڻ وهندڙ پاڻيءَ جي حُڪم ۾ آهي، وهندڙ پاڻيءَ ۾ وضو ڪيو ته اهو ٿي ٿوري دير عُضوي کي پاڻيءَ ۾ رکي ڇڏڻ ۽ بيٺل پاڻيءَ ۾ حرڪت ڏيڻ ٽي ڀيرا ڌوئڻ جي قائم مقام آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 320) وُضُو ۽ غسل جي انهن سيني صورتن ۾ گُرڙي ۽ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻو پوندو.

### ڦوهارو وهندڙ پاڻي جي حڪم ۾ آهي

فتاويٰ اهلسنّت (اڻ ڇپيل) ۾ آهي: ڦوهاري (يا نلڪي) جي هيٺان غسل ڪرڻ وهندڙ پاڻي جي حڪم ۾ آهي، انهيءَ

ڪري ان جي هيٺان غُسل ڪندي، وضو ۽ غُسل ڪرڻ جيتري وقت جي مدت تائين بيٺو تہ ٽي ڀيرا ڌوئڻ واري سنّت ادا ٿي ويندي جيئن دُرِّمُختار ۾ آهي: ”جيڪڏهن وهندڙ پاڻي يا وڏي حوض يا برسات ۾ وضو ۽ غسل ڪرڻ جي وقت جي مدت تائين بيٺو تہ ان پوري سنّت ادا ڪئي.“ (درمختار ج 1 ص 320) اهو ياد رهي! غسل يا وضو ۾ ڳُرڙي ڪرڻ ۽ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻو آهي .

## ڦوهاري جا احتياط

جيڪڏهن توهان جي غسل خاني ۾ ڦوهارو (SHOWER) هجي تہ ان کي چڱيءَ ريت ڏسي وٺو تہ ڪٿي ان ڏانهن منهن ڪري بغير ڪپڙن جي وهنجڻ سان منهن يا پُٺ قبلي ڏانهن تہ نہ ٿي رهي آهي، استنجا خاني (يعني ليٽرين) ۾ بہ اهڙيءَ طرح احتياط ڪريو. قبلي ڏانهن منهن يا پُٺ هجڻ جي معنيٰ اها آهي تہ 45 ڊگري جي ڪنڊ جي اندر اندر هجي، تنهنڪري اهو احتياط بہ ضروري آهي تہ 45 ڊگري جي ڪنڊ (Angle) کان ٻاهر هجي، هن مسئلي کان ڪافي ماڻهو نا واقف آهن .

## W.C. جو رخ صحيح ڪريو

مهرباني ڪري پنهنجي گهر وغيره جي ڊبليو- سي (W.C) ۽ ڦوهاري جو رخ جيڪڏهن غلط هجي تہ ان کي صحيح ڪري ڇڏيو . وڌيڪ احتياط انهيءَ ۾ آهي تہ W.C قبلي کان 90 درجن تي يعني نماز پڙهڻ ۾ سلام ڦيرڻ جي رخ ڏانهن ڪري ڇڏيو. ڪاريگر عام طور تي تعميراتي سهولت ۽ خوبصورتيءَ جو لحاظ رکندا آهن ۽ قبلي جي آداب جي پرواهہ ناهن ڪندا، مسلمان کي گهرن جي غير واجبي بهتري بجاءِ آخرت جي حقيقي بهتريءَ تي نظر رکڻ گهرجي.

کچھ نیکیاں کمالے جلد آخرت بنالے

بھائی نہیں بھروسا ہے کوئی زندگی کا (وسائلِ بخشش ص ۱۸۵)

## غسل ڪرڻ ڪڏهن سنت آهي؟

جُمعةُ المُبارڪ، عِيدُ الفطر، عِيدُ الاَضحيٰ، عَرَفَہ جي ڏينهن (يعني نائين ذوالحِجَّةِ الحَرام) ۽ اِحرام ٻَڌڻ وقت وهنجڻ سنّت

آهي . (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 16)

**بارش ۾ غسل** ماڻهن جي سامهون ستر کولي وهنجڻ حرام آهي. (فتاويٰ رضويه ج 3 ص 306) بارش وغيره ۾ وهنجو ته پاجامي يا شلوار تي وڏيڪ رنگين موٽي چادر ويڙهيو ته جيئن پاڻي لڳڻ سان پاجامو چپڪي وڃي تڏهن به بدن جي رنگت ظاهر نه ٿئي.

**سوڙهي لباس واري ڏانهن ڏسڻ ڪيئن آهي؟** زور سان هوا هلي يا برسات يا سمنڊ جي ڪناري يا واهه وغيره ۾ پلي تلهي ڪپڙي سان وِهنجو ۽ ڪپڙو اهڙيءَ طرح چنبڙي وڃي جو ڪنهن پوري عُضوي جي اوگهڙ مثلاً ران جي مڪمل گولائي ظاهر ٿي وڃي، اهڙي صورت ۾ ان (مخصوص) عُضوي ڏانهن ٻئي ڪي ڏسڻ جائز ناهي، اهو ئي حڪم سوڙهي لباس واري جي اوگهڙ جي اُيريل سڄي عُضوي ڏانهن ڏسڻ جو آهي .

**بنا ڪپڙن جي وهنجڻ وقت خوب احتياط** غُسلخاني ۾ اڪيلا بغير ڪپڙن جي وهنجو يا اهڙو پاجامو پائي وهنجو جو ان جي چنبڙي وڃڻ سان رانن وغيره جي رنگت ظاهر ٿيندي هجي ته اهڙي صورت ۾ قبلي ڏانهن منهن يا پُٺ نه ڪيو.

**بَالٽيءَ سان وهنجڻ جي وقت اِحتياط** جيڪڏهن بالٽيءَ سان غسل ڪريو ته احتياط ڪندي ان کي اسٽول (Stool) وغيره تي رکي ڇڏيو ته جيئن بالٽيءَ ۾ ڇنڊا نه پون، ۽ غسل ۾ استعمال ڪرڻ جو مگو به فرش تي نه رکو .

**سڄو ڳوٺ ئي ڏاڙهي ڪوڙ !** سنتن جي تربيت جو 30 ڏينهن جو مدني قافلو سفر ڪندي (باب الاسلام سنڌ) ضلع دادو جي ڪنهن ڳوٺ جي هڪ مسجد ۾ پهتو، اتي مؤذن صاحب موجود نه هئا، تنهنڪري پاڻ ئي اذان ڏني، جڏهن جماعت جو وقت ٿيو ته ڪجهه نمازي مسجد ۾ آيا ۽ مدني قافلي وارن

ڪي چيو تہ نماز اوهان ئي پڙهايو، هتي مسجد ۾ جماعت ناهي ٿيندي، سڀ ماڻهو پنهنجي پنهنجي نماز پڙهندا آهن ڇو تہ سڄي ڳوٺ ۾ هڪ بہ اهڙو شخص ناهي جيڪو ڏاڙهي وارو هجي ۽ امام ٿي سگهي.

## مسجد کي آباد رکڻ واجب آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي عبرت جو مقام آهي، دنيا جي محبت ۾ وڏي نحوست آهي جو ان جي مصروفيت مذڪوره ڳوٺ جي ڳوٺاڻن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت کان محروم ڪري ڇڏيو، ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو گهر يعني مسجد ويران ٿي وئي! ياد رکو! مسجد کي آباد رکڻ پاڙي وارن مسلمانن تي واجب آهي جيئن فتاويٰ رضويہ شريف ۾ سابقہ شراب وڪٽندڙن جي ٺاهيل مسجد جي باري ۾ سوال ٿيو جن توبہ کان پوءِ حلال مال سان ٺاهي هئي. ان جو جواب ڏيندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 8 صفحي 125 تي فرمائن ٿا: اها مسجد جيڪا انهن ماڻهن توبہ کان پوءِ حلال مال مان ٺاهي آهي بيشڪ شرعي مسجد آهي ۽ ان ۾ نہ فقط نماز ٿي سگهي ٿي بلڪ ان جي آس پاس وارن تي ان کي آباد رکڻ بہ واجب آهي، هن ۾ (پنج وقتن) اذان ۽ اقامت جماعت ۽ امامت ڪرڻ ضروري آهي، جيڪڏهن ائين نہ ڪندا تہ گنهگار ٿيندا ۽ جيڪو انهي ۾ نماز کان روڪيندو اهو ان سخت ظالمن ۾ داخل ٿيندو جنهن جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنۡ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنۡ يُّذۡكَرَ فِيۡهَا اسۡمُهٗ وَسَعٰى فِىۡ خَرَابِهَا ؕ (پ۱،البقرة:۱۱٤)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڪير ان کان وڌيڪ ظالم آهي جيڪو الله جي مسجدن کي منجهن خدا جي نالي وٺڻ کان روڪي ۽ انهن جي ويران ڪرڻ ۾ ڪوشش وٺي.

(فتاويٰ رضويه ج8 ص 125)

## جهنگ ۾ مسجد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ضمناً عرض ڪندو هلان تہ جتي مسلمان رهندا ئي نہ هجن اهڙي ويران ۽ غير آباد جڳهہ تي

ٺاهڻ وارا ڪوششون ڪيون ۽ مسجد جو ڪم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

بڻائي ويندڙ مسجد حقيقت ۾ مسجد جي حڪم ۾ ئي ناهي، جيئن هڪ سوال جي جواب ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن فتاويٰ رضويه جلد 16 صفحي 505 تي فرمائن ٿا: جڏهن هي صحيح آهي ته اها جڳهه آباد نٿي ٿي سگهي ۽ اها مسجد ڪم ۾ به نه ايندي ته اها مسجد نه ٿي، اُن سرن ۽ روپين کي ٻي مسجد ۾ صرف (يعني استعمال) ڪري سگهون ٿا. "عالمگيري" ۾ آهي: "ڪنهن شخص جهنگ جي ويراني ۾ مسجد ٺاهي جتي ڪنهن جي رهائش نه هجي ۽ ماڻهن جو گذر به گهٽ ٿئي ته اها مسجد نه ٿيندي ڇو ته ان جڳهه تي مسجد ٺاهڻ جي حاجت نه هئي." (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 320)

ڪرے مسجديں جو بھی آباد مولیٰ
تُو رکھ اس مسلمان کو شاد مولیٰ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 9 غير مسلمن جو اسلام قبول ڪرڻ

مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄو ۽ سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو درد رکڻ واري "مدني تحريڪ" يعني تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي پنهنجي ئي سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ۾ لڳي وڃو. پنهنجي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ۽ سڄي دنيا جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ عاشقان رسول جي مدني قافلن ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول ٺاهيو. اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مشڪبار "مدني بهار" اوهان جي سامهون پيش ڪئي وڃي ٿي جيئن باب الاسلام سنڌ جي مشهور شهر حيدرآباد کان هڪ 3 ڏينهن جو مدني قافلو "ٽنڊو آدم" نالي شهر پهتو، ٽئين ڏينهن هڪ شخص مسجد جي ٻاهر بيهي امير قافله سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، ملاقات ٿيڻ تي ان شخص بطور غير مسلم پنهنجو تعارف ڪرائڻ کان پوءِ اسلام جي تمام گهڻي تعريف ڪئي. امير قافله ان کي اسلام

ڏانهن مائل ڏسي ان تي انفرادي ڪوشش ڪئي جنهن جي برڪت سان ڪجهہ ئي دير ۾ اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان اسلام قبول ڪيو ۽ چوڻ لڳو تہ هلي منهنجي گهر وارن کي بہ اسلام جي دعوت پيش ڪيو، مدني قافلي وارا ان جي گهر ويا ۽ انهن کي اسلام جي دعوت پيش ڪئي، جنهن جي برڪت سان اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ 9 ڀاتين تي مشتمل سڄو گهر مسلمان ٿي ويو. امير قافلہ ان نو مسلم کان پڇيو تہ جڏهن اوهان پهريان اسلام سان محبت ڪندا هئا تہ مسلمان ٿيڻ ۾ ايتري دير ڇو لڳائي؟ ان جواب ڏنو تہ جنهن اسلام سان متاثر ٿيو هئس اهو ڪتابن ۾ تہ لکيل آهي پر موجوده مسلمانن ۾ نظر نہ اچي رهيو هو. جڏهن عاشقان رسول جي سنتن ڀري مدني قافلي کي ڏٺو تہ منهنجي دل انهن ڏانهن وڌي ۽ مون اوهان جي حال احوال جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو، مان تن ڏينهن کان اوهان جا معاملات ۽ معمولات ڏسي رهيو آهيان، ايندي ويندي نظرون جهڪائي رکڻ، مسڪرائي ڪري ملاقات ڪرڻ، پوءِ اوهان جو سفيد لباس، مٿي تي عمامي شريف جو تاج، چهري تي نور وغيره ڏسي مون کي ڪتابن وارو حقيقي اسلام اوهان جي ڪردار ۾ نظر اچي ويو، انهيءَ ڪري مون ذهن بڻايو تہ هاڻي انهن جي هٿن تي مسلمان ٿيڻ گهرجي، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ وقت اڄڪلهہ اهي نو مسلم اسلامي ڀاءُ هڪ مسجد ۾ مؤذن آهن ۽ مسلمانن کي نيڪي ۽ نماز جي دعوت ڏيندا آهن ۽ ان جا مدني منا دعوت اسلامي جي مدرسةُ المدينہ ۾ قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

آیئے عاشقیں، مل کے تبلیغ دیں کافروں کو کریں، قافلے میں چلو
کافر آ جائیں گے، راہِ حق پائیں گے اِن شاءَ اللّٰه چلیں، قافلے میں چلو
کُفر کا سر جھکے، دیں کا ڈنکا بجے
اِن شاءَ اللّٰه چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قافلي جي برڪت مرحبا!

سبحٰن الله! مدني قافلي جي برڪت صد ڪروڙ مرحبا! سيئي اسلامي ڀائر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن ۽ سالانہ يڪمشت 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀري سفر جي سعادت ضرور حاصل ڪندا رهن، بيان ڪيل خوشگوار ۽ خوشبودار "مدني بهار" ۾ ماشاءالله 9 غير مسلمن جو هدايت حاصل ڪرڻ ۽ دامن اسلام ۾ اچڻ جو ايمان افروز بيان آهي، واقعي وڏا سعادت مند آهن اهي اسلامي ڀائر جن جي ڪوشش سان ڪو غير مسلم ڪفر جي اونداهي ڪان ايمان جي روشني ڏانهن اچي وڃي يا ڪو مسلمان گناهن ڀري زندگي ڪان توبہ ڪري سنتن ڀري زندگي گذارڻ جو پڪو پهہ ڪري.

**يا ربّ مصطفىٰ عزّوجلّ!** اسان جي بنا حساب جي بخشش فرماءِ، اسان کي سنتن جو مخلص مبلغ بڻاءِ، پابندي سان مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت عطا فرماءِ ۽ مدني انعامات جو عامل بڻائي ٻين کي بہ مدني انعامات تي عمل ڪرائڻ وارو بڻائڻ جي توفيق عطا فرماءِ .

نہ نیکی کی دعوت میں سُستی ہو مجھ سے

بنا شائقِ قافِلہ یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص ۸۵)

اٰمین بِجاہِ النّبیِّ الاَمین صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### غيبت جي وصف

ڪنهن جي لڪيل عيب کي ان جي برائي ڪرڻ جي طور تي ذڪر ڪرڻ (بهار شريعت ج 3 ص 532)

### چُغلي جي وصف

ڪنهن جي ڳالهہ ضَرَر (يعني نقصان) پهچائڻ جي ارادي سان ٻين کي پهچائڻ چغلي آهي. (عمدة القاري ج2 ص 594 تحت الحديث 216)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# نيڪي جي دعوت جي فضيلت

## دُرُود شريف جي فضيلت

## (صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد جي فضيلت)

حضرت سيدنا ابو المُظَفَّر محمد بن عبدالله خَيّام سمرقندي علیہ رحمۃ اللہ القوی فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان رستو ڀُلجي پيس، اوچتو هڪ شخص نظر آيو ۽ انهن چيو: ”مون سان گڏ اچو“ مان ان سان گڏ هلڻ لڳس، مون کي گمان ٿيو تہ هي حضرت سيدنا خِضَر علٰی نبینا و علیہ الصلٰوۃ والسلام آهن، منهنجي اِستِفسار (يعني پڇڻ) تي انهن پنهنجو نالو خِضَر ٻڌايو، ان سان گڏ هڪ ٻيا بزرگ پڻ هئا، مون انهن جو نالو پڇيو تہ فرمايائون: هي اِلياس (علٰی نبینا و علیہ الصلٰوۃ والسلام) آهن، مون عرض ڪيو: اللّٰه عزوجل اوهان تي رحمت فرمائي، ڇا اوهان ٻنهي حضرات سروَرِ ڪائنات، محبوبِ الأرض وَالسّموات، احمد مجتبيٰ، **محمد مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جي زيارت ڪئي آهي؟ انهن فرمايو: ها، مون عرض ڪيو: سرڪارِ مدينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم کان ٻُڌل ارشاد پاڪ ٻڌايو تہ جيئن مان اوهان کان روايت ڪري سگهان. انهن فرمايو تہ اسان رسولِ خدا صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم کي هي فرمائيندي ٻڌو: جيڪو شخص مون تي درود پاڪ پڙهي ان جي دل نِفاق کان ائين پاڪ ڪئي ويندي آهي جيئن پاڻي سان ڪپڙو پاڪ ڪيو ويندو آهي، ۽ جيڪو شخص ”صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد“ پڙهندو آهي اهو پنهنجي لاءِ رحمت جا 70 دروازا کولي ڇڏيندو آهي. (القول البديع ص 277، جذب القلوب ص 235)

ساقئ حوضِ کوثر پہ لاکھوں سلام — دونوں عالَم کے سَرور پہ لاکھوں سلام
جس کا ابرِ کرم سب پہ سایہ فگن — ایسے پیارے پیمبر پہ لاکھوں سلام

جس کی خوشبو سے طیبہ کی گلیاں بسیں

ایسے جسم معطر پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## خضر ۽ الياس عليهما السّلام جي باري ۾ دلچسپ معلومات

مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ”صَلَّي اللّٰهُ عَلٰي مُحَمَّد“ پڙهڻ جي عادت بڻايو ۽ پنهنجي پاڻ تي رحمتن جا خوب خوب دروازا کولرايو، بيان ڪيل حڪايت ۾ حضرت خِضَر ۽ الياس عليهما الصّلوة والسّلام جن جو ذڪر آهي، رحمتن جي نُزول ۽ برڪتن جي حُصول جي اميد تي انهن پاڪ هستين جي باري ۾ ايمان افروز معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ملفوظاتِ اعليٰ حضرت“ مان ٻه عرض ۽ ارشاد پيش ڪيان ٿو، پڙهو ۽ ايمان تازو ڪيو:

**عرض:** حضرت خِضَر (عليه الصّلوة والسّلام) نبي آهن يا نه؟

**ارشاد:** جمهور (يعني اڪثر) جو مذهب هي آهي ته اهي نبي آهن ۽ هي صحيح به آهي ته اهي نبي آهن ۽ زنده آهن. (عمدة القاري ج 2 ص 84، 85)

## اَنبياءِ ڪرام عليهم السّلام زنده آهن

مدينه

(اعليٰ حضرت رحمة الله تعالیٰ عليه پوءِ فرمايائون) چار نبي زنده آهن جو انهن ڪي (وفات جي صورت ۾) رب عزّوجلّ جو واعدو اڃا آيو ئي ناهي، ائين ته هر نبي زنده آهي (جيئن حديث پاڪ ۾ ارشاد آهي): اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ عَلَی الْاَرْضِ اَنْ تَاْكُلَ اَجْسَادَ الْاَنْبِيَاءِ فَنَبِيُّ اللّٰهِ حَيٌّ يُّرْزَقُ يعني بيشڪ الله عزّوجلّ زمين تي حرام ڪيو آهي جو اهو انبياءِ ڪرام عليهم الصّلوة والسّلام جي جسمن کي خراب ڪري، الله عزّوجلّ جا نبي زنده آهن، روزي ڏني ويندي آهي. (ابن ماجه ج 2 ص 291 حديث 1637) انبياء عليهم الصّلوة والسّلام تي هڪ گهڙي جي لاءِ صرف رب عزّوجلّ جي واعدي جي تصديق جي لاءِ موت ايندو آهي، ان ڪان پوءِ وري انهن کي حياتِ حقيقي حِسي

دنيوي (يعني دنياوي زندگي جيان) عطا ٿئي ٿي، خير انهن چئني مان ٻه آسمان تي آهن ۽ ٻه زمين تي، خِضَر ۽ الياس عليهما الصّلٰوة والسّلام زمين تي آهن ۽ ادريس ۽ عيسيٰ عليهما الصّلٰوة والسّلام آسمان تي. (تفسير دُر منثور ج 5 ص 432)

## سيني ڪي موت جو ذائقو چکڻو آهي

**عرض** : حضور انهن (چئني نبين) تي موت طاري ٿيندو؟

**ارشاد**: ضرور ٿيندو (سيپاري 4 اٰلِ عمران جي آيت نمبر 185 ۾ آهي) كُلُّ نَفْسٍ ذَآىٕقَةُ الْمَوْتِؕ (ترجمو ڪنزالايمان: هر ساهه واري کي موت چکڻو آهي) (پوءِ فرمايائون) جڏهن هي (يعني سيپاري 27 سورة رحمٰن جي) آيت (نمبر 26) نازل ٿي كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍۚ (ترجمو ڪنزالايمان: زمين تي جيترا به آهن سمورن کي فنا آهي) فرشتا خوش ٿيا اسان بچي وياسين جو اسان زمين تي نه آهيون، جڏهن ٻي (يعني سيپاري 4 اٰل عمران جي) آيت (نمبر 185) نازل ٿي: كُلُّ نَفْسٍ ذَآىٕقَةُ الْمَوْتِؕ (ترجمو ڪنزالايمان: هر ساهه واري کي موت چکڻو آهي) فرشتن چيو: هاڻي اسان به وياسين. (يعني اسان کي به موت ايندو)

(رُوح البيان ج 9 ص 297، 298، ملفوظات اعليٰ حضرت ص 483-485)

انبیا کو بھی اَجَل آنی ہے مگر ایسی کہ فَقَط آنی ہے
پھر اسی آن کے بعد ان کی حیات مثلِ سابق وُہی جِسمانی ہے
رُوح تو سب کی ہے زندہ اُن کا
جسمِ پُرنور بھی رُوحانی ہے (حدائقِ بخشش شریف)

**شرحِ ڪلام رضا**: سرڪار اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي شعرن جو خلاصو هي آهي ته سيپاري 4 سوره، اٰلِ عمران آيت نمبر 185 ۾ الله عزّوجلّ جو ارشاد پاڪ: كُلُّ نَفْسٍ ذَآىٕقَةُ الْمَوْتِؕ (ترجمو ڪنزالايمان: هر ساهه واري کي موت چکڻو آهي) جي مطابق انبياءِ ڪرام عليهم الصّلٰوة والسّلام تي موت طاري ٿيندو پر صرف هڪ آن (يعني گهڙي ڪن) جي لاءِ، وري پهريان جيان روح لوٽايو ويندو آهي، هر انسان جو روح زنده رهندو آهي پر انبياءِ ڪرام عليهم الصّلٰوة والسّلام جا مبارڪ جسم به سلامت رهندا آهن: حديث پاڪ ۾ آهي: اَلْاَنْبِيَاءُ اَحْيَاءٌ فِيْ قُبُوْرِهِمْ يُصَلُّوْنَ يعني انبياءِ ڪرام عليهم الصّلٰوة والسّلام پنهنجي قبرن ۾ زنده آهن ۽ نماز به پڙهندا آهن. (ابويعليٰ ج 3 ص 216)

حديث 3412) هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ زمين تي حرام ڪيو آهي جو اهو انبياءِ ڪرام (عليهما الصّلوة والسّلام) جي جسمن کي کائي، الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي زنده آهن ۽ روزي ڏني ويندي آهي. (ابن ماجه ج 2 ص 291 حديث 1637) هر نبي زنده آهي تہ پوءِ منهنجا پيارا پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇو نہ زنده هوندا! ۽ عاشقِ رسول اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بارگاهه رسالت ۾ جهومي جهومي ڇو نہ عرض ڪن:

تُو زندہ ہے وَاللہ تو زندہ ہے وَاللہ
مرے چشمِ عالَم سے چُھپ جانے والے (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** دنياوي ۽ ظاهري اکين سان اي منهنجا لڪي ويندڙ ۽ مون کي بظاهر نظر نہ اچڻ وارا! خدا جو قسم! اوهان زنده آهيو، الله پاڪ جو قسم اوهان زنده آهيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري جي تعريف

الله عَزَّوَجَلَّ جو قرآن مجيد ۾ فرمان عاليشان آهي:

وَمَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَاۤ اِلَى اللّٰهِ وَعَمِلَ صَالِحًا وَّ قَالَ اِنَّنِیْ مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ ﴿۳۳﴾
(پ 24، حٰم السجده: 33)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ان کان وڌيڪ ڪنهن جي ڳالهه چڱي تي سگهي ٿي جيڪو الله جي طرف سڏي ۽ نيڪي ڪري ۽ چوي تہ مان مسلمان آهيان.

هن آيت مبارڪ جي تحت صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي لکن ٿا: حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون: منهنجي ويجهو اها آيت مُؤَذِّنن جي حق ۾ نازل ٿي ۽ هڪ قول هي بہ آهي جيڪو ڪنهن بہ طريقي سان بہ الله تعاليٰ جي طرف دعوت ڏي اهو (يعني هر نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارو) هن ۾ داخل آهي.

جو نیکی کی دعوت کی دھومیں مچائے
میں دیتا ہوں اُس کو دعائے مدینہ (وسائلِ بخشش ص ۱۵۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بهترين شخص جون خصوصيتون

صاحبِ قرآن مبين، محبوب رب العٰلمين، جناب صادق و امين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري منبر شريف تي جلوه فرما هئا ته هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ماڻهن مان سڀ کان سٺو ڪير آهي؟ فرمايائون: ماڻهن ۾ سڀ کان سٺو اهو شخص آهي جيڪو ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري، وڌيڪ متقي هجي، **سيني کان وڌيڪ نيڪي جو حڪم ڏيڻ وارو ۽ برائي کان منع ڪرڻ وارو هجي** ۽ سڀ کان وڌيڪ صله رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو برتاءُ ڪرڻ) وارو هجي.

(مُسند امام احمد ج 10 ص 402 حديث 27504)

## تلاوت، پرهيزگاري، نيڪي جي دعوت ۽ صله رحمي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** وڌيڪ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان بيان ڪيل حديث شريف جي روشني ۾ ڪجهه "**نيڪي جي دعوت**" پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. هن روايت ۾ سيني کان سٺي شخص جون چار خاصيتون بيان ڪيون ويون آهن: (1) ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ (2) خوب پرهيزگاري (3) سيني کان وڌيڪ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ ۽ (4) رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ . واقعي اهي چار ئي عمده صفتون آهن الله عَزَّوَجَلَّ نصيب ڪري آمين. ان چئني جا فضائل ملاحظه فرمايو: ﴿1﴾ حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته نبي مڪرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: قيامت جي ڏينهن قرآن پڙهڻ وارو ايندو ته قرآن عرض ڪندو: يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! هن کي حُلّہ (يعني جنتي لباس) پارائي، ته هن کي ڪرامت جو حُلّو (يعني بزرگي وارو جنتي لباس) پارايو ويندو، وري قرآن عرض ڪندو: يا ربّ عَزَّوَجَلَّ ان ۾ اضافو فرماءِ، ته ان کي ڪرامت جو تاج پارايو ويندو، وري قرآن عرض ڪندو: يا رب عَزَّوَجَلَّ ان سان راضي ٿي وڃ، ته الله عَزَّوَجَلَّ ان سان راضي ٿي ويندو، وري قرآن پڙهڻ واري کي چيو ويندو: قرآن پڙهندو وڃ ۽ جنت جا درجا طئي ڪندو وڃ ۽ هر آيت تي ان

ڪي هڪ نعمت ڏني ويندي. (ترمذي ج 4 ص 419 حديث 2924) ﴿2﴾ پرهيزگارن ڪي آخرت ۾ ڪاميابي جي خوشخبري ٻڌائي ويندي جيئن سيپاري 25 سُوْرَۃُ الزُّخْرُف آيت نمبر 35 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: وَالْاٰخِرَةُ عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۵﴾ (ترجمو ڪنزالايمان: ۽ آخرت تنهنجي رب وٽ پرهيزگارن جي لاءِ آهي) (پ 25 الزخرف 35) ﴿3﴾ حضرت سيدنا ڪَعبُ الاحبار رضي الله تعالٰی عنه جو ارشاد آهي: جنّت الفِردوس خاص ان شخص جي لاءِ آهي جيڪو اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏي ۽ برائي کان منع ڪري) (تنبيهُ المغترين ص 236) ﴿4﴾ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَالِہٖ وَسَلَّم: جنهن کي اهو پسند هجي ته ان جي عمر ۾ اضافو ڪيو وڃي ته ان کي گهرجي ته پنهنجي والدين سان سٺو برتاءُ ڪري ۽ پنهنجي رشتيدارن سان صلهٔ رحمي ڪري. (الترغيب والترهيب ج 3 ص 217 حديث 16)

## عمر ۽ رزق ۾ اضافي مان مراد

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" جلد 3 صفحي 560 تي صدرُالشَّريعه، بدرُ الطَّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا ته حديث ۾ آيو آهي: صلهٔ رحمي سان عمر ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ رزق ۾ وسعت (يعني زيادتي) ٿيندي آهي. ڪجهه عالمن هن حديث کي ظاهر تي محمول ڪيو آهي (يعني حديث جي ظاهري معنيٰ ئي مراد آهي) يعني هتي قضا مُعَلَّق مراد آهي جو ته قضا مُبرم ناهي ٽرندي.(1)

اِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَلَا یَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا یَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿۴۹﴾ (پ 11 يونس 49)

ترجمو ڪنزالايمان: جڏهن انهن جو واعدو ايندو ته هڪڙي گهڙي نه پٺتي رهي سگهن نه اڳتي وڌن.

۽ ڪجهه (عالمن سڳورن) فرمايو آهي ته زيادتي عمر جو هي مطلب آهي جو مرڻ کان پوءِ به ان جو ثواب لکيو ويندو آهي جڻ هو هاڻي به زنده آهي جو مرڻ کان

(1) قضا کان مراد هتي قسمت آهي قضا جا قِسمَ ۽ ان جي باري ۾ تفصيل ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل بهار شريعت جلد پهريون صفحي 14 کان 17 جو مطالعو فرمايو، خاص ڪري مجلس المدينة العلميه جي طرفان ڏنل حاشيو بيمثال آهي ۽ ڪئي وسوسن جو علاج آهي)

پوءِ به ان جو ذڪر خير ماڻهن ۾ باقي رهندو آهي. (رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678)

## هتو هٽ پُڇي سان صلح ڪئي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه ڳالهه ڳالهه تي ماڻهو مائٽي ختم ڪري ڇڏيندا آهن، تنهنڪري پاڻ ۾ محبت جي فضا قائم رکڻ جي خواهش جي سٺي نيت سان وڏيڪ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ رشتيدارن سان حُسنِ سلوڪ جي باري ۾ نيڪي جي دعوت پيش ڪندي وڌيڪ مدني گل پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو: حضرت سيدنا ابوهريره رضي الله تعالى عنه هڪ ڀيري سرڪار مدينه صلى الله تعالى عليه واله وسلم جون حديثون بيان ڪري رهيا هئا انهيءَ دوران فرمايائون: هر قاطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) اسان جي محفل مان هليو وڃي، هڪ نوجوان اُٿي ڪري پنهنجي ڦڦيءَ وٽ ويو جنهن سان ان جو ڪئي سالن جو پراڻو جهڳڙو هو، جڏهن ٻئي هڪ ٻئي سان راضي ٿي ويا ته ان نوجوان کي ڦڦيءَ چيو: تون وڃي ان جو سبب پڇا ڪر ته آخر ائين ڇو ٿيو؟ (يعني سيدنا ابوهريره رضي الله تعالى عنه جي اعلان جي حڪمت ڇا هئي؟) نوجوان حاضر ٿي جڏهن پڇا ڪئي ته حضرت سيدنا ابوهريره رضي الله تعالى عنه فرمايائون ته مون حضور انور صلى الله تعالى عليه واله وسلم کان هي ٻڌو آهي: جنهن قوم ۾ قاطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) هجي ان (قوم) تي الله عزوجل جي رحمت نازل ناهي ٿيندي. (الزّواجِرُ عن اقتراف الكبائر ج 2 ص 153)

## سس ۽ ننهن ۾ صلح جو راز

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! پهريان جا مسلمان ڪيڏو نه خدا جو خوف رکندا هئا! خوش نصيب نوجوان الله عزوجل جي ڊپ سبب هڪدم پنهنجي ڦڦيءَ وٽ پاڻ حاضر ٿي صلح جي ترڪيب بڻائي، اسان سيني کي گهرجي ته غور ڪيون ته خاندان ۾ ڪنهن ڪنهن سان ناهه ناهي جڏهن خبر پئجي وڃي ته هاڻي شرعي عذر نه هجي ته هڪدم رشتيدارن سان "صلح ۽ صفائي" جي ترڪيب شروع ڪيون، جيڪڏهن جهڪڻو پوي ته بيشڪ رضاءِ الٰهي جي لاءِ جهڪي وڃو، اِن شاءَالله عزوجل سربلندي حاصل ٿيندي، فرمان مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم: مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ اللّٰه يعني جيڪو الله عزوجل جي لاءِ عاجزي

ڪندو آهي الله تعاليٰ ان ڪي بلندي عطا فرمائيندو آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 276 حديث 8140)
پنهنجي گهرن ۽ معاشري کي امن امان وارو بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، ۽ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي ۾ سنتن ڀريو سفر ڪيو، ۽ مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو، اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪيان ٿو: باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ گهڻي عرصي کان منهنجي گهرواريءَ ۽ امڙ يعني سَسُ ۽ نُنهن جو پاڻ ۾ جهيڙو رهندو هو. آخرڪار نتيجو اهو نڪتو جو منهنجي گهرواريءَ رُسي وڃي پنهنجي پيڪين هلي وئي. مان ڏاڍو پريشان هئس. سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ انهيءَ مسئلي کي ڪيئن حل ڪيان؟ ان دوران مڪتبة المدينه جي جاري ڪيل "مدني مذاڪري" جي VCD "گھر امن کا گہوارہ کیسے بنے؟" منهنجي هٿ اچي وئي. موضوع ڏٺو تہ وڏي اميد سان اها وي سي ڊي مون پاڻ بہ ڏٺي ۽ پنهنجي امڙ سائڻ کي بہ ڏيکاري ۽ هڪ وي سي ڊي پنهنجي ساهرن ڏانهن بہ موڪلي. منهنجي امڙ کي اها VCD ايڏي تہ پسند آئي جو انهن اها VCD ٻيو ڀيرو بہ ڏٺي ۽ ايترو تہ متاثر ٿي جو مون کي فرمايائون: "پٽ! اڄ تنهنجي ساهُرن ڏانهن هلون ٿا." مان ڏاڍو خوش ٿيس تہ جيڪو ڪم مان گهڻي انفرادي ڪوشش جي باوجود نہ ڪري سگهيس اهو ان VCD ڪري ڇڏيو. منهنجي ساهرن وٽ پهچي ڪري امڙ وڏي محبت سان منهنجي گهرواريءَ کي پرچايو ۽ ان کي واپس گهر وٺي آئي. ٻئي پاسي منهنجي گهرواريءَ بہ محبت ۽ خوشيءَ منجهان ڳالهہ مڃي ۽ گهر پهچڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن پنهنجي سَسُ (يعني منهنجي امڙ) کي چوڻ لڳي: امان! منهنجو ڪمرو ڪشادو آهي جڏهن تہ ٻيا گهروارا جنهن ڪمري ۾ رهن ٿا اهو هن ڪمري کان ڪجهہ ننڍو آهي، توهان منهنجي ڪمري ۾ رهو ۽ آءُ ان ننڍي ڪمري ۾ رهان ٿي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جو گهر جيڪو فتني ۽ فساد جو شڪار هو، اهو هِن VCD جي بَرَڪت سان امن امان وارو ٿي ويو. (مدني مذاڪري جي ذڪر ٿيل VCD

"گھر امن کا گہوارہ کیسے بنے" مڪتبةالمدينه تان هديةً وٺي سگهو ٿا، دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تي ڏسي ۽ پڙهي سگهجي ٿي)

## جتي رشتو ٽوڙڻ وارو موجود هجي اتي رحمت ناهي اُترندي

"طبراني" ۾ حضرت سيدنا اَعمَش رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ کان منقول آهي: حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رضی اللہ تعالٰی عنہ هڪ ڀيري صبح جي وقت مجلس ۾ تشريف فرما هئا، انهن فرمايو: مان قاطِع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ واري) کي الله جو قسم ڏيان ٿو ته اهو هتان هليو وڃي ته جيئن اسين الله تعاليٰ کان مَغفِرت جي دعا ڪيون ڇو ته قاطِع رحم (يعني ناتي ٽوڙڻ واري) تي آسمان جا دروازا بند رهندا آهن. (يعني جيڪڏهن اهو هتي موجود رهندو ته رحمت نازل نه ٿيندي ۽ اسان جي دعا قبول نه ٿيندي) (المعجم الڪبير ج 9 ص 158 رقم 8793)

## "حُسنِ سلوڪ" جي 7 اڪرن جي نسبت سان صله رحمي جا 7 مدني گل

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" جلد 3 صفحي 559 کان 560 تي حُسنِ سلوڪ جي 7 اڪرن جي نسبت سان ست مدني گل قبول فرمايو:

### ﴿1﴾ ڪنهن رشتيدار سان کهڙو برتاءُ ڪجي

حديثن ۾ مطلقاً (يعني بنا ڪنهن قيد جي) رشتيدارن سان صله (يعني سلوڪ) جو حڪم آيو آهي، قرآن شريف ۾ مطلقاً (يعني بنا ڪنهن قيد جي) ذِوِي القُربيٰ (يعني قرابت وارو) فرمايو ويو پر هي ڳالهه ضرور آهي ته رشتي ۾ جيئن ته مختلف درجات آهن (ائين) صلهٔ رحم (يعني رشتيدارن سان سهڻي سلوڪ) جي درجن ۾ به فرق هوندو آهي، والدين جو مرتبو سڀ کان وڌيڪ آهي، ان کان پوءِ ذو رِحم مَحرم جو، (يعني اهو رشتيدار جنهن سان نسبي رشتو هجڻ جي ڪري نڪاح هميشه حرام هجي) ان کانپوءِ باقي رشتيدارن جو عَلٰي قَدَرِ مَرَاتب (يعني رشتي ۾ ويجهي هجڻ جي ترتيب مطابق) (رَدُّالمُحتار ج 9 ص 678)

### ﴿2﴾ رشتيدارن سان سلوڪ جون صورتون

صلهٔ رحم (يعني رشتيدار سان سلوڪ) جون مختلف صورتون آهن، انهن کي هديو ۽ تحفو ڏيڻ، ۽ جيڪڏهن ان کي ڪنهن ڳالهہ ۾ توهان جي اِعانت (يعني مدد) درڪار هجي تہ ان ڪم ۾ انهن جي مدد ڪرڻ، انهن کي سلام ڪرڻ، انهن جي ملاقات جي لاءِ وڃڻ، انهن وٽ اُٿڻ ويهڻ، انهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ، انهن سان مهرباني سان پيش اچڻ. (دُرَر ج 1 ص 323)

### ﴿3﴾ پرديس ۾ هجي تہ خط موڪلي

جيڪڏهن هي شخص پرديس ۾ هجي تہ رشتيدارن وٽ خط موڪلي، انهن سان خط ۽ ڪتابت جاري رکي تہ جيئن بي تعلقي پيدا نہ ٿئي ۽ ٿي سگهي تہ وطن اچي ۽ رشتيدارن سان ملي ڪري تعلق تازه ڪري، ائين ڪرڻ سان محبت ۾ اضافو ٿيندو. (رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678) (فون يا انٽرنيٽ جي ذريعي بہ رابطي جي ترڪيب مفيد آهي)

### ﴿4﴾ پرديس ۾ هجي تہ ماءُ پيءُ گهرائين تہ اچڻو پوندو

هي پرديس ۾ آهي والدين ان کي گهرائين تہ اچڻو پوندو، خط لکڻ ڪافي ناهي، ائين والدين کي ان جي خدمت جي حاجت هجي تہ اچي ۽ ان جي خدمت ڪري، پيءُ ڪان پوءِ ڏاڏي ۽ وڏي ڀاءُ جو مرتبو آهي، وڏو ڀاءُ پيءُ جي مرتبي ۾ هوندو آهي، وڏي ڀيڻ ۽ ماسي ماءُ جي جڳهہ تي آهن، ڪجھ عالمن چاچن کي پيءُ جي مثل ٻڌايو آهي ۽ حديث عَمُّ الرَّجُلِ صِنْوُ اَبِيْهِ (يعني انسان جو چاچو پيءُ جي مثل آهي) مان بہ هي نتيجو نڪرندو آهي. ان ڪان علاوه ٻين جي لاءِ بہ خط موڪلڻ يا هديو (يعني تحفو) موڪلڻ ڪفايت ڪري ٿو. (رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678)

### ﴿5﴾ ڪنهن ڪنهن رشتيدار سان ڪڏهن ملي

رشتيدارن سان وقفي سان ملندو رهي يعني هڪ ڏينهن ملڻ وڃي ٻئي ڏينهن نہ وڃي وَعَلٰى هٰذا القِيَاس (يعني انهي تي اندازو لڳائي) چوتہ ان سان محبت ۽ اُلفت وڌندي آهي، بلڪ رشتيدارن سان جمعي جمعي تي ملندو رهي

يا مهيني ۾ هڪ ڀيرو، ۽ تمام قبيلي ۽ خاندان کي هڪ (يعني متحد) هئڻ گهرجي، جڏهن حق انهن سان گڏ هجي (يعني اهي حق تي هجن) ته ٻين جي مقابلي ۽ اظهار حق ۾ سيئي متحد ٿي ڪم ڪن. (دُرَر، ج 1 ص 323)

## ﴿6﴾ رشتيدار حاجت پيش ڪن ته رد ڪرڻ گناهه آهي

جڏهن پنهنجو ڪو رشتيدار ڪا حاجت پيش ڪري ته ان جي حاجت پوري ڪري، ان کي رد ڪرڻ قطع رحم (يعني مائٽي ٽوڙڻ) آهي. (ايضاً) (ياد رهي! صلهءِ رحمي واجب آهي ۽ قطع رحم حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي)

## ﴿7﴾ صلهءِ رحم هي آهي ته اهو ٽوڙي تڏهن به توهان ملايو

صله رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ) ان جو نالو ناهي جيڪو اهو سلوڪ ڪري ته توهان به ڪيو، ائين ڪرڻ ته حقيقت ۾ مُڪافاة يعني ادلو بدلو ڪرڻ آهي ته جو ان جيڪا شيءِ اوهان کي موڪلي توهان به ان وٽ اها موڪلي، اهو توهان وٽ آيو توهان ان وٽ هليا ويا، حقيقت ۾ صله رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ) هي آهي ته اهو ٽوڙي ته توهان ڳنڍيو، اهي توهان کان جدا ٿيڻ چاهين ٿا، بي اعتنائي (يعني لاپرواهي) ڪندا آهن پر توهان ان سان مائٽي جي حقن جي رعايت (يعني لحاظ) ڪيو. (رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678)

## حُسنِ ظن رکڻ جو طريقو

ذڪر ڪيل ست ئي مدني گل نهايت توجهه لائق آهن، خاص ڪري ستون مدني گل جنهن ۾ (ادلي بدلي) جو ذڪر آهي هن جي باري ۾ عرض هي آهي ته اڄڪلهه عموماً اهو ئي "ادلو بدلو" ٿي رهيو آهي، هڪ رشتيدار جيڪڏهن ان کي شادي جي دعوت ڏيندو آهي تڏهن هي دعوت ڏيندو آهي جيڪڏهن هو نه ڏي ته هي به ناهي ڏيندو، جيڪڏهن هن هڪ ڪان وڏيڪ ماڻهن جي دعوت ڏني ۽ هي ان کي جيڪڏهن گهٽ ماڻهن جي دعوت ڏي ته ان جو نيڪ ٿاڪ نوٽيس ورتو ويندو آهي، خوب تنقيد ۽ غيبتون ڪيون وينديون آهن، انهيءَ طرح جيڪو رشتيدار هن جي ڪنهن تقريب ۾ شرڪت

ناهي ڪندو تہ هي بہ ان وٽ ٿيندڙ تقريب جو بائيڪاٽ ڪندو آهي ۽ ائين فاصلا وڌندا ويندا آهن، حالانڪ اسان وٽ ڪو شريڪ نہ ٿيو تہ ان جي باري ۾ سٺو گمان رکڻ جا ڪئي پهلو نڪري سگهن ٿا، مثلاً اهو نہ اچڻ وارو بيمار ٿي ويو هجي، پلجي ويو هجي، ضروري ڪم اٽڪي پيو هجي، يا ڪا سخت مجبوري هجي جنهن جي وضاحت ان جي لاءِ دشوار هجي وغيره، اهو پنهنجي غير حاضري جو سبب ٻڌائي يا نہ ٻڌائي؟ اسان ڪي حسنِ ظن رکي ڪري ثواب ڪمائڻ ۽ جنت ۾ وڃڻ جو ذريعو بڻائڻ گهرجي، جيئن **فرمان مصطفيٰ** صلّی اللہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلّم : **حُسْنُ الظَّنِّ مِنْ حُسْنِ الْعِبَادَةِ** يعني حسن ظن عمده عبادت آهي. (ابوداود ج 4 ص 388 حديث 4993) **مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** علیہ رحمۃ الحنّان هن حديث شريف جا مختلف مطلب بيان ڪندي لکن ٿا: يعني مسلمانن کان سٺو گمان ڪرڻ، انهن تي بدگماني نہ ڪرڻ هي بہ سٺي عبادتن مان هڪ عبادت آهي . (مرأة المناجيح ج 6 ص 621)

## جنت جو محل ان کي ملندو جيڪو........

بالفرض اسان جو رشتيدار سُستي سبب يا ڪنهن بہ سبب چاڻي واڻي اسان وٽ نہ آيو يا اسان کي ان دعوت نہ ڏني، بلڪ ڪلم ڪلا اسان سان بد سلوڪي بہ ڪري تڏهن بہ اسان کي وڏو حوصلو رکندي تعلقات برقرار رکڻ گهرجن، حضرت سيدنا اُبي بن ڪعب رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي مديني جا سُلطان، رَحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صلّی اللہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلّم جو فرمان عظيم الشان آهي: جنهن کي هي پسند هجي تہ ان جي لاءِ (جنت ۾) محل بڻايو وڃي ۽ ان جا درجات بلند ڪيا وڃن، ان کي کپي تہ جيڪو ان تي ظلم ڪري هي ان کي معاف ڪري ۽ جيڪو ان کي محروم ڪري هي ان کي عطا ڪري، ۽ جيڪو ان سان قطع تعلق ڪري هي ان سان ناطو (يعني تعلق) جوڙي . (المستدرڪ للحاڪم ج 3 ص 12 حديث 3215)

## دشمني لڪائڻ واري رشتيدار کي صدقو ڏيڻ افضل ترين آهي

بهرحال اسان سان ڪو سٺو سلوڪ ڪري يا نہ ڪري اسان کي حُسن سلوڪ جاري رکڻ گهرجي

”مسند امام احمد“ جي حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّ اَفْضَلَ الصَّدَقَةِ اَلصَّدَقَةُ عَلٰى ذِى الرَّحِمِ الْكَاشِح بيشڪ افضل ترين صدقو اهو آهي جيڪو دشمني لڪائڻ واري رشتيدار تي ڪيو وڃي. (مسند امام احمد ج 9 ص 138 حديث 23589)

## رشتيدار کان جڏهن سخت ڏک پهتو

اميرُالمُؤمنين حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه ڪي پنهنجي غريب ماسات ۽ نادار بدري صحابي حضرت سيدنا مِسطح رضي الله تعالىٰ عنه جنهن جو خرچ پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه ڪٽندا هئا، ان کان سخت رنج پهتو ۽ اهو هي ته ان پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه جي پياري ڌيءَ يعني اُمّ المُومنين حضرت سيدتنا عائشه صديقه رضي الله تعالىٰ عنها تي تهمت (يعني بهتان) لڳائڻ وارن سان مُوافقت ڪئي هئي (اهو وڏو قصو جيڪو ”واقعهءِ اِفڪ“ جي نالي سان مشهور آهي ان جو تذڪرو صفحي 168 تي اچي رهيو آهي) انهيءَ ڪري پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه خرچ نه ڏيڻ جو قسم ڪنيو، ان تي سيپاري 18 سُوْرَةُ النُّوْر جي آيت نمبر 22 نازل ٿي اها آيت شريف هي آهي:

وَلَا يَاْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَالسَّعَةِ اَنْ يُّؤْتُوْۤا اُولِي الْقُرْبٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَالْمُهٰجِرِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ وَلْيَعْفُوْا وَلْيَصْفَحُوْا ؕ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۲﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ قسم نه کڻن اهي جيڪي توهان مان فضيلت وارا ۽ گنجائش وارا آهن قرابت وارن ۽ مسڪينن ۽ الله جي راهه ۾ هجرت ڪندڙن کي ڏيڻ جو، ۽ گهرجي ته معاف ڪن ۽ درگذر ڪن ڇا توهان ان کي دوست نه ٿا رکو ته الله توهان جي بخشش ڪري ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

جڏهن هي آيت سيد عالم صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم پڙهي ته حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه چيو: بيشڪ منهنجي آرزو آهي ته الله عزوجل منهنجي مغفرت ڪري ۽ مان مِسطح (رضي الله تعالىٰ عنه) سان جيڪو سلوڪ ڪندو هيس ان کي به ڪڏهن موقوف (يعني بند) نه ڪندس، پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه ان (مالي تعاون) کي جاري رکيو، هن آيت مان خبر پئي ته جيڪو شخص ڪنهن ڪم تي قسم کنيو پوءِ خبر پئي ته ان جو ڪرڻ بهتر آهي

ته ان کي گهرجي ته ان ڪم کي ڪري ۽ قسم جو ڪفارو ڏي، صحيح حديث ۾ ائين بيان ٿيل آهي، وڏيڪ فرمائن ٿا: هن آيت مان حضرت سيدنا صديق اڪبر رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي فضيلت ثابت ٿي، ان آيت سان سندن جو شان ۽ اعليٰ مرتبو ظاهر ٿئي ٿو جو الله تعاليٰ سندن کي (آيت شريف ۾) اُولُوالفَضل (يعني فضيلت وارو ارشاد) فرمايو. (خزائن العرفان ص 563) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمین صلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

بیاں ہو کس زباں سے مرتبہ صِدّیقِ اکبر کا ہے یارِ غار محبوبِ خدا صِدّیقِ اکبر کا
مقامِ خوابِ راحت چین سے آرام کرنے کو
بنا پہلوئے محبوبِ خدا صِدّیقِ اکبر کا (ذوقِ نعت)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قَسم ۽ ان جي ڪَفّاري جو بيان (حنفي)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** امير المؤمنين عاشق اڪبر حضرت سيدنا صديق اڪبر رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي واقعي ۾ قسم جو ۽ تفسير ۾ قسم جي ڪفاري جو بيان آهي، جيئن ته اڄڪلهه گهڻن ماڻهن جو ڳالهه ڳالهه تي قسم کڻڻ جو رُجحان ڏٺو پيو وڃي، ڪئي ڀيرا ڪوڙا قسم به کڻندا آهن، نه توبه جو شعور، نه ڪفاري ڏيڻ جي سمجهه، تنهنڪري اُمت جي خير خواهي جو ثواب ڪمائڻ جي حِرصَ سبب بطور نيڪي جي دعوت ڪجهه تفصيل سان قسم ۽ ان جي ڪفاري جي باري ۾ مدني گل پيش ڪيان ٿو قبول فرمايو، ان جو شروع کان آخر تائين جو مطالعو يا ڪجهه اسلامي ڀائرن جو ملي ويهي درس ڏيڻ صرف مفيد ئي نه، بلڪ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ مفيد ترين ثابت ٿيندو .

### قسم ڇا کي چئبو آهي؟ مدينه

قسم کي عربي زبان ۾ "يمين" چوندا آهن جنهن جو مطلب آهي: ساڄي (يعني سُڄي) پاسي، جيئن ته

عرب وارا عموماً قسم کڻڻ يا قسم وٺڻ وقت هڪٻئي کان ساڄو هٿ ملائيندا ها، انهيءَ ڪري قسم کي "يمين" چوڻ لڳا، يا وري يمين "يُمن" مان نڪتو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "برڪت ۽ قوت" جيئن تہ قسم ۾ الله تعاليٰ جو بابرڪت نالو بہ وٺندا آهن ۽ ان سان پنهنجي ڪلام کي قوت ڏيندا آهن انهيءَ ڪري هن کي يمين چوندا آهن يعني برڪت ۽ قوت واري گفتگو. (ملخص از: مراۃ المناجيح ج 5 ص 194) شرعي اعتبار سان قسم ان عقد (يعني عهد ۽ پيمان) کي چوندا آهن جنهن جي ذريعي قسم کڻڻ وارو ڪنهن ڪم ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو پختو (پڪو) ارادو ڪندو آهي. (درمختار ج 5 ص 488) مثلاً ڪنهن ائين چيو: "الله جو قسم! مان سڀاڻي اوهان جو سمورو قرض ادا ڪندس" تہ هي قسم آهي.

## قسم جا ٽي قِسم آهن

قسم جا ٽي قسم هوندا آهن: 1 لَغو 2 غَمُوس 3 مُنْعَقِده **(1) لَغو** هي تہ ڪنهن گذريل يا موجوده امر (يعني معاملي) تي پنهنجي خيال ۾ (يعني غلط فهمي جي ڪري) صحيح سمجهي قسم کائڻ ۽ حقيقت ۾ اها ڳالهہ ان جي خلاف (يعني اُلٽ) هجي مثلاً ڪنهن قسم کنيو: "الله جو قسم! زيد گهر ۾ ناهي" ۽ ان جي معلومات ۾ بہ هي هو تہ زيد گهر ناهي ۽ ان پنهنجي گمان ۾ سچو قسم کنيو پر حقيقت ۾ زيد گهر هو تہ هي قسم "لَغو" چورائيندو، هي معاف آهي ۽ ان تي ڪفارو بہ ناهي **(2) غَمُوس** هي آهي تہ ڪنهن گذريل يا موجوده امر (يعني معاملي) تي ڄاڻي واڻي ڪوڙو قسم کڻي مثلاً ڪنهن قسم کنيو: "الله جو قسم! زيد گهر ۾ آهي" ۽ هي ڄاڻي ٿو تہ حقيقت ۾ زيد گهر ۾ ناهي تہ هي قسم "غَمُوس" چورائيندو آهي ۽ قسم کائڻ وارو سخت گنهگار ٿيو ۽ اِسْتِغْفار ۽ توبہ فرض آهي، پر ڪفارو لازم ناهي **(3) مُنْعَقِده** هي آهي تہ آئنده جي لاءِ قسم کنيو مثلاً ائين چيو: "ربعَزَّوَجَلَّ جو قسم! مان سڀاڻي توهان جي گهر ضرور ايندس" پر ٻي ڏينهن نہ آيو تہ قسم ٽٽي ويو، ان کي ڪفارو ڏيڻو پوندو ۽ ڪجهہ صورتن ۾ گنهگار بہ ٿيندو. (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 52)

خلاصو هي آهي تہ قسم کڻڻ وارو ڪنهن گذريل يا موجوده ڳالهہ جي باري ۾ قسم کڻي تہ اهو يا تہ سچو هوندو يا وري ڪوڙو، جيڪڏهن سچو هوندو تہ ڪو حرج ناهي ۽ جيڪڏهن ڪوڙو هوندو تہ ان اهو قسم پنهنجي خيال مطابق جيڪڏهن سچ ۾ کنيو تہ هاڻي بہ حرج ناهي، يعني گناهہ بہ ناهي ۽ ڪفارو بہ ناهي، ها جيڪڏهن ان کي خبر هئي تہ مان ڪوڙو قسم کڻيو آهي تہ گنهگار ٿيندو پر ڪفارو ناهي، ۽ جيڪڏهن ان آئنده جي ڪنهن ڪم جي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو قسم کنيو تہ جيڪڏهن اهو پورو ڪيو تہ ٺيڪ (يعني تمام سٺو) نہ تہ ڪفارو ڏيڻو پوندو ۽ ڪجهہ صورتن ۾ قسم ٽوڙڻ جي ڪري گنهگار پڻ ٿيندو. (ان صورتن جو تفصيل اڳتي اچي رهيو آهي)

## ڪوڙو قسم کڻڻ ڪبيره گناهہ آهي

رسول بي مثال، بيبي آمنہ جي لال صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جو فرمان عاليشان آهي: الله عزوجل سان گڏ شِرڪ ڪرڻ، والدين جي نافرماني ڪرڻ، ڪنهن جان کي قتل ڪرڻ ۽ ڪوڙو قسم کڻڻ ڪبيره گناهہ آهي. (بخاري ج 4 ص 295 حديث 6675)

## سڀ کان پهريان ڪوڙو قسم شيطان کنيو هو

حضرت سيدنا آدم صفي الله علیٰ نبینا و علیہ الصلوٰۃ والسلام کي سجدو نہ ڪرڻ جي ڪري شيطان مردود ٿيو، تنهنڪري اهو پاڻ علیہ الصلوٰۃ والسلام کي نقصان پهچائڻ جي تاڙ ۾ هو، الله عزوجل حضرت سيدنا آدم ۽ حوا علیہما الصلوٰۃ والسلام کي فرمايو تہ جنت ۾ رهو ۽ جتي دل وڻي بغير روڪ ٽوڪ جي کائو پيئو، البت هن ”وڻ“ جي ويجهو نہ وڃجو، شيطان ڪنهن طرح حضرت سيدنا آدم ۽ حوا علیہما الصلوٰۃ والسلام وٽ پهچي ڪري چيو تہ مان توهان کي ”شَجَرِ خُلد“ ٻڌايان، حضرت سيدنا آدم صفي الله علیٰ نبینا و علیہ الصلوٰۃ والسلام منع فرمايو تہ شيطان قسم کنيو تہ مان توهان جو خير خواه (يعني ڀلائي چاهڻ وارو) آهيان، ان کي خيال آيو تہ الله پاڪ جو ڪوڙو قسم ڪير کڻي سگهي ٿو! هي سوچي ڪري حضرت سيدتنا حوا رضی اللہ تعالٰی عنہا هن مان ڪجهہ کاڌو پوءِ حضرت

فرمانِ مصطفےٰ صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ والہٖ وسلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود پاڪ نہ پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

سيدنا آدم صفي الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي ڏنو تہ انهن بہ کائي ورتو. (ملخص از تفسير عبدالرزاق ج 2 ص 76) جيئن تہ سيپاري 8 سُوْرَۃُ الْاَعْرَاف جي آيت 20 ۽ 21 ۾ ارشاد آهي:

فَوَسْوَسَ لَهُمَا الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ لَهُمَا مَا وٗرِيَ عَنْهُمَا مِنْ سَوْاٰتِهِمَا وَقَالَ مَا نَهٰكُمَا رَبُّكُمَا عَنْ هٰذِهِ الشَّجَرَةِ اِلَّاۤ اَنْ تَكُوْنَا مَلَكَيْنِ اَوْ تَكُوْنَا مِنَ الْخٰلِدِيْنَ ﴿۲۰﴾ وَقَاسَمَهُمَاۤ اِنِّيْ لَكُمَا لَمِنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿۲۱﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ شيطان انهن جي دل ۾ خيال وڌو جيئن انهن تي ظاهر ڪري انهن جي شرم جون شيون جيڪي انهن کان لڪل هيون ۽ چيائين توهان کي توهان جي رب هن وڻ کان هن جي ڪري منع فرمائي آهي جو متان توهان ملائڪ ٿي وڃو يا هميشہ جي حياتي وارا، ۽ انهن سان قسم کنيائين تہ مان توهان ٻنهي جو خيرخواهہ آهيان.

صَدر الاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الہَادِي تفسير خزائن العرفان ۾ لکن ٿا: مراد هي تہ ابليس ملعون ڪوڙو قسم کڻي ڪري حضرت آدم عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي دوکو ڏنو ۽ پهريون ڪوڙو قسم کڻڻ وارو ابليس ئي آهي، حضرت آدم عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي گمان بہ نہ هو تہ ڪو الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم کڻي ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿو، انهيءَ ڪري ان جي ڳالهہ جو اعتبار ڪيو.

## ڪنهن جو حق مارڻ لاءِ ڪوڙو قسم کڻڻ وارو جهنمي آهي

رسول ڪريم، رءُوف رَّحيم عَلَیْہِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسْلِیْم جو فرمان عظيم آهي: جيڪو قسم کڻي ڪنهن مسلمان جو حق کسي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جهنم واجب ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان تي جنت حرام فرمائي ڇڏيندو آهي عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جيتوڻيڪ ٿوري ئي شيءِ هجي؟ ارشاد فرمايو: جيتوڻيڪ ڪبڙ (يعني ڄار) جي ٽاري هجي. (مسلم ص 72 حديث 218-137) ڪبڙ هڪ وڻ آهي جنهن جي ٽاري ۽ پاڙ مان مِسواڪ ٺاهيندا آهن.

## ڪوڙو قسم کڻڻ واري جا حشر ۾ هٿ پير ڪٽيل هوندا

هڪ حضرمي (يعني يمن جي شهر "حضر موت" جو رهواسي) ۽ هڪ ڪِندي (يعني قبيلي ڪنده جو هڪ شخص) مديني جي تاجوَر ﷺ جي بارگاهه انور ۾ يمن جي زمين جي باري ۾ پنهنجو جهڳڙو پيش ڪيو، حضرمي عرض ڪيو: يارسول الله ﷺ! منهنجي زمين ان جي پيءُ ڪسي ورتي هئي، هاڻي اها ان جي قبضي ۾ آهي، ته نبي مُڪَرَّم، نورِ مُجَسَّم ﷺ پڇا فرمائي: "ڇا توهان وٽ ڪا گواهي آهي؟" عرض ڪيو: نه پر مان ان کان قسم وٺندس ته الله جو قسم کڻي ڪري چوي ته اهو نٿو ڄاڻي ته اها زمين منهنجي آهي جيڪا ان جي پيءُ غضب ڪئي هئي، ڪِندي قسم کڻڻ لاءِ تيار ٿي ويو ته رسولِ اَڪرم، شهنشاهه آدم و بني آدم ﷺ ارشاد فرمايو: "جيڪو (ڪوڙو) قسم کڻي ڪنهن جو مال ڦٻائيندو، اهو بارگاهه الٰهي ۾ هن حالت ۾ پيش ايندو جو ان جا هٿ پير ڪٽيل هوندا" هي ٻڌي ڪِندي چيائين ته هي زمين هن (يعني حضرمي) جي آهي. (سنن ابي داؤد ج 3 ص 298 حديث 3244)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: سُبحٰن الله عزوجل هي زبانِ مبارڪ جو اثر آهي ته ٻن جملن سان ان (ڪندي) جي دل جي حالت بدلجي وئي ۽ سچي ڳالهه چئي اهو زمين جي دعويٰ تان هٿ کڻي ويو. (مرأة المناجيح ج 5 ص 403)

## ستن زمينن جو هار

رشوتن جي ذريعي ٻين جي جڳهن تي قبضو ڪري عمارتون ٺاهڻ وارا، ماڻهن جي طرفان نيڪي تي مليل زرعي زمينون ڦٻائڻ وارن هارين، وڏيرن ۽ خائن زميندارن کي گهرائي ڪري هڪدم توبه ڪرڻ گهرجي ۽ جنهن جنهن جا حق دٻايا آهن ته اهي هڪدم ادا ڪرڻ گهرجن، "مسلم شريف" ۾ سرڪار مدينه ﷺ جو فرمان عبرت نشان آهي: "جيڪو شخص ڪنهن جي هڪ گرانٽ زمين به ناحق طور تي ڪٽيندو ته ان کي قيامت جي ڏينهن

ست زمينن جو طوق (يعني هار) پارايو ويندو.“ (صحيح مسلم ص 869 حديث 1610)

## شارع عام تي بغير شرعي حاجت جي رستو نہ والاريو

ڪجھ ماڻهو عام رستن تي بغير ڪنهن حاجت جي رستو گهيري وٺن ٿا جن مان ڪيئي صورتون ماڻهن جي لاءِ وڏي تڪليف جو سبب بڻجنديون آهن مثلاً ﴿1﴾ عيدِ قربان جي ڏينهن ۾ قرباني جا جانور وڪڻڻ يا ڪرايي تي رکڻ يا ذبح ڪرڻ جي لاءِ ڪجھ جاين تي بنا ضرورت جي پوريون پوريون گهٽيون گهيري وٺندا آهن ﴿2﴾ رستي ۾ تڪليف ڏيندڙ ڪچرو يا ملبو اڇلائيندا آهن، تعميرات جي لاءِ غير ضروري ريتي ۽ سَرين جو ڍير لڳائيندا آهن ۽ ائين تعميرات کان پوءِ مهينن تائين بچيل سامان ۽ ملبو پيل رهندو آهي ﴿3﴾ شادي غمي جي تقريبن، نيازن وغيره جي موقعي تي گهٽين ۾ ديڳون پچائيندا آهن جنهن سبب ڪڏهن ڪڏهن زمين تي ڪڏا وغيره پئجي ويندا آهن پوءِ ان ۾ گپ ۽ گندي پاڻي جي گڏ ٿيڻ جي ڪري مڇر پيدا ٿيندا آهن ۽ بيماريون ڦهلجنديون آهن ﴿4﴾ عام رستا کوٽي ڇڏيندا آهن پر ضرورت پوري ٿيڻ بعد پرائي ڪري پهريان وانگر هموار ناهن ڪندا ﴿5﴾ رهائش يا ڪاروبار جي لاءِ ناجائز قبضو ڄمائي ائين جڳھ گهيريندا آهن جو ماڻهن جو رستو تنگ ٿي ويندو آهي انهن جي لاءِ ڳڻتي جي ڳالھ آهي.

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 853 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”جہنم میں لے جانے والے اعمال“ (جلد پهريون) صفحي 816 تي امام ابن حجر مڪي شافعي علیہ رحمۃ اللہ القوی ڪبيره گناھ نمبر 215 ۾ انهي فعل (يعني ڪم) کي ڪبيره گناھ قرار ڏيندي فرمائن ٿا: شارع عام ۾ غير شرعي تَصَرُّف (مداخلت) ڪرڻ يعني اهڙو تَصَرُّف (يعني رخنو وجهڻ يا عمل اختيار) ڪرڻ جنهن سان گذرڻ وارن کي نقصان ٿئي، ان جو سبب بيان ڪندي تحرير فرمائن ٿا تہ هن ۾ ماڻهن کي ايذاء پهچائڻ ۽ ظلم ڪندي انهن جا حق دبائڻ آهي، فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم: ”جيڪو شخص ڪنهن جي هڪ گرانٺ زمين بہ ناحق طور تي ڪٽيندو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن

ست زمينن جو طوق (يعني هار) پارايو ويندو.“ (صحيح بخاري ج 2 ص 377 حديث 3198)

## ڪوڙو قسم گهرن کي ويران ڪري ڇڏيندو آهي

ڪوڙن قسمن جي نقصانن جي باري ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ڪوڙو قسم گهرن کي ويران ڪري ڇڏيندو آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 6 ص 602) هڪ ٻي جڳهه تي لکن ٿا: ڪوڙو قسم ڪنهن گذريل ڳالهه تي ڄاڻي واڻي کڻڻ واري تي جيتوڻيڪ ڪو ڪفارو ناهي (پر) ان جي سزا هي آهي تہ **جهنم جي ٽهڪندڙ درياءَ ۾ غوطا ڏنا ويندا.** (فتاويٰ رضويہ ج 13 ص 611) **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ذرا غور ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جنهن اسان کي پيدا ڪيو، پوري ڪائنات کي بڻايو، جنهن تي هر ڳالهه ظاهر آهي، ڪا شيءِ ان کان لڪيل ناهي، ايستائين جو اهو دِلين جي رازن کي بہ ڄاڻي ٿو، جيڪو رحمٰن ۽ رحيم بہ آهي ۽ قَهّار ۽ جَبّار بہ آهي، ان ربِّ الانام عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي ڪوڙا قسم کڻڻ ڪيڏي وڏي ناداني جي ڳالهه آهي ۽ اهو بہ دنيا جي ڪنهن عارضي (وقتي) فائدي يا ڪجهه پيسن خاطر!

## يهودين شان مصطفيٰ لڪائڻ جي لاءِ ڪوڙا قسم کنيا

يهودين جا احبار (يعني عالمن) ۽ انهن جي رئيسن (يعني سردارن) ابو رافِع، ڪِنانَہ بن اَبِي الحُقَيق ۽ ڪَعب بِن اَشرَف ۽ حُيَيّ بن اَخطَب، الله عَزَّوَجَلَّ جو اهو عهد لڪايو جيڪو سيد عالم، رسول محترم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻڻ جي باري ۾ انهن کان توريت شريف ۾ ورتو ويو هو، اهو ائين جو انهن ان کي بدلي ڇڏيو ۽ ان جي جڳهه تي پنهنجي هٿن سان ڪجهه جو ڪجهه لکي ڇڏيو ۽ ڪوڙا قسم کنيا تہ هي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي، هي سڀ ڪجهه انهن پنهنجي جماعت جي جاهلن کان رشوتون ۽ مال ۽ زر حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪيو، ان جي باري ۾ هي آيت شريف نازل ٿي:

فرمانِ مُصطفٰے صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

اِنَّ الَّذِيۡنَ يَشۡتَرُوۡنَ بِعَهۡدِ اللّٰهِ وَاَيۡمَانِهِمۡ ثَمَنًا قَلِيۡلًا اُولٰٓئِكَ لَا خَلَاقَ لَهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ وَلَا يَنۡظُرُ اِلَيۡهِمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيۡهِمۡ ۖ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ۝۷۷

(پ۳، ال عمرٰن: ۷۷)

**ترجموڪنزالايمان:** اهي جيڪي الله جي عهد ۽ پنهنجي قسمن جي بدلي ذليل بها وٺندا آهن آخرت ۾ انهن جو ڪو حصو نه آهي ۽ الله نه انهن سان ڳالهائي نه انهن جي طرف نظر فرمائي قيامت جي ڏينهن ۽ نه انهن کي پاڪ ڪري ۽ انهن جي واسطي درد ناڪ عذاب آهي.

(تفسير خازن ج 1 ص 265)

## نيري اکين وارو منافق

عبدالله بن نَبْتَل (نالي هڪ) مُنافِق (هو) جيڪو رسول ڪريم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مجلس ۾ حاضر رهندو ۽ هتان جي ڳالهه يهودين وٽ پهچائيندو هو، هڪ ڏينهن حضور ڪريم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر ۾ تشريف فرما هئا، حضور صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هاڻي هڪ شخص ايندو جنهن جي دل نهايت سخت ۽ شيطان جي اکين ڪان ڏسندو آهي ٿوري دير کان پوءِ عبدالله بن نَبْتَل آيو، ان جون اکيون نيريون هيون، حضور سيد عالميان صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي فرمايو: تون ۽ تنهنجا ساٿي اسان کي گاريون ڇو ٿا ڏين؟ هن قسم کنيو ته هو ائين ناهي ڪندو ۽ پنهنجي يارن کي به وٺي آيو انهن به قسم کنيا ته اسان اوهان کي گاريون نٿا ڏيون، انهي تي هي آيت شريف نازل ٿي:

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ تَوَلَّوۡا قَوۡمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ ؕ مَا هُمۡ مِّنۡكُمۡ وَلَا مِنۡهُمۡ ۙ وَ يَحۡلِفُوۡنَ عَلَى الۡكَذِبِ وَهُمۡ يَعۡلَمُوۡنَ ۝۱۴

(پ۲۸، مجادله: ۱۴)

**ترجموڪنزالايمان:** ڇا تو انهن کي نه ڏٺو جن اهڙيءَ قوم سان دوستي رکي جن تي الله جو قهر آهي، اُهي نه ته توهان مان آهن ۽ نه انهن مان، اهي ڄاڻي واڻي ڪوڙا قسم کڻن ٿا.

(خزائن العرفان)

## جهنم ۾ وٺي وڃڻ جو حڪم ٿيندو

منقول آهي قيامت جي ڏينهن هڪ شخص کي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ بيهاريو ويندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنم ۾ وٺي وڃڻ جو حڪم ڏيندو، اهو عرض ڪندو: ياالله عَزَّوَجَلَّ! مون کي ڇا جي ڪري جهنم ۾ موڪليو پيو وڃي؟ ارشاد ٿيندو: نمازن کي انهن جو وقت گذاري پڙهڻ ۽ منهنجي نالن جا ڪوڙا قسم کڻڻ جي ڪري.

(مڪاشفة القلوب ص 189)

## ڪوڙو قسم کڻڻ واري واپاري لاءِ دردناڪ عذاب آهي

حضرت سيدنا ابوذر غفاري رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم ارشاد فرمايو: ٽي شخص اهڙا آهن جنهن سان الله تعاليٰ نہ ڪلام فرمائيندو نہ انهن ڏانهن نظرِ ڪرم فرمائيندو، نہ انهن کي پاڪ ڪندو، بلڪ انهن جي لاءِ درد ناڪ عذاب آهي. پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لَبيب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم هي ڳالهہ ٽي ڀيرا فرمائي تہ مون عرض ڪيو: اهي تہ تباهہ و برباد ٿي ويا، اهي ڪير شخص آهن؟ ارشاد فرمايائون: ﴿1﴾ تَڪَبُّر سبب پنهنجو تهبند لٽڪائڻ وارو ۽ ﴿2﴾ احسان جتائڻ وارو ۽ ﴿3﴾ ڪوڙو قسم کڻي پنهنجو مال کپائڻ وارو. (صحيح مسلم ص 67 حديث 171(106))

## ڪوڙي قسم سبب برڪت ختم ٿي ويندي آهي

هن روايت مان خاص ڪري اهي واپاري ۽ دوڪاندار عبرت حاصل ڪن جيڪي ڪوڙا قسم کڻي پنهنجو مال وڪڻندا آهن، شين جا عيب (يعني خاميون) لڪائڻ، ناقص ۽ خراب مال تي وڌيڪ نفعي جي خاطر لاڳيتو قسم کڻندا آهن ۽ ان ۾ ڪو عار (يعني شرم) محسوس ناهن ڪندا، انهن جي لاءِ ڳڻتي جي ڳالهہ آهي تہ شفيعِ روزِ شمار، احمدِ مختار صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جو فرمان عبرت نشان آهي: ڪوڙي قسم سان مال تہ وڪامجي ويندو آهي، ۽ برڪت ختم ٿي ويندي آهي. (ڪنزالعمال ج 16 ص 297 حديث 46376) هڪ ٻي جڳهہ تي فرمايو: قسم سامان وڪڻائڻ وارو آهي ۽ برڪت مٽائڻ وارو آهي. (صحيح بخاري ج 2 ص 15 حديث 2087)

مُفَسِّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عليہ رحمۃ الحنان هن حديث شريف جي تحت فرمائن ٿا: برڪت (ختم ٿيڻ) سان مراد آئنده ڪاروبار بند ٿي وڃڻ يا واپار ۾ نقصان ٿي وڃڻ يعني جيڪڏهن توهان ڪنهن کي قسم کڻي دوکي سان مال ڏنو آهي تہ اهو هڪ ڀيرو تہ دوکو کائي ويندو پر ٻيهر نہ ايندو نہ ڪنهن کي اچڻ ڏيندو، يا جيڪا رقم اوهان هن کان حاصل ڪئي آهي ان ۾ برڪت نہ ٿيندي ڇو

تہ حرام ۾ بي برڪتي آهي. (مِراۃ المناجيح ج 4 ص 344)

## خنزير نما مُردو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 32 صفحن تي مشتمل رسالي ”ڪفن چورن جا انڪشافات“ ۾ آهي: هڪ ڀيري خليفي عبدالملڪ وٽ هڪ شخص گھبرايل حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو: سائين! مان تمام گھڻو گناهگار آهيان ۽ ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ منهنجي لاءِ مُعافي بہ آهي يا نہ؟ خليفي چيو: ڇا تنهنجو گناهہ زمين ۽ آسمان ڪان بہ وڏو آهي؟ ان چيو: وڏو آهي. خليفي پُڇيو: ڇا تنهنجو گناهہ لوح ۽ قلم ڪان بہ وڏو آهي؟ جواب ڏنائين: وڏو آهي. پُڇيائين: ڇا تنهنجو گناهہ عرش ۽ ڪرسيءَ ڪان بہ وڏو آهي؟ ان جواب ڏنو: وڏو آهي. خليفي چيو: ياءَ يقيني طور تي تنهنجو گناهہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڪان تہ وڏو نہ ٿو ٿي سگھي. اهو ٻُڌي ڪري ان جي سيني ۾ رڪيل طوفان اکين جي ذريعي ٻاهر نڪري آيو ۽ هو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. خليفي چيو: ياءَ آخر مون کي بہ تہ خبر پئي تہ تنهنجو گناهہ ڪهڙو آهي؟ انهيءَ تي ان چيو: سائين! توهان کي ٻُڌائيندي مون کي تمام گھڻو شرم اچي رهيو آهي پر تنهن هوندي بہ عرض ڪريان ٿو، شايد منهنجي توبهہ جي ڪا صورت نڪري اچي. اهو چئي ڪري ان پنهنجو دهشتناڪ داستان ٻُڌائڻ شروع ڪيو. چوڻ لڳو: سائين! مان هڪ ڪفن چور آهيان. اڄ رات مون پنجن قبرن مان عبرت حاصل ڪئي ۽ توبهہ ڪرڻ تي آماده ٿيس، پوءِ ان پنج قبرن جا خوف ناڪ احوال ٻڌائڻ شروع ڪيا: هڪ قبر جو حال ٻڌائيندي ان چيو: ڪفن چورائڻ جي ارادي سان مون جڏهن ٻي قبر کوٽي تہ هڪ دل ڏڪائيندڙ منظر منهنجي اکين جي سامهون هيو. ڇا ٿو ڏسان تہ مُردي جو منهن خنزير (يعني سوئر) جهڙو ٿي چڪو آهي ۽ زنجير ۾ جڪڙيل آهي. غيب مان آواز آيو: هي کوڙا قسم کڻندو ۽ حرام روزي ڪمائيندو هيو. (ماخوذ از تذکرۃ الواعظين ص 612)

## دل تي ڪارو نڪتو

خاتمُ المُرسَلين، رَحمۃ لّلعٰلمين صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: جيڪو شخص قسم کڻي ۽ ان ۾ مڇر

جي پرَ برابر ڪوڙ ملائي ته اهو ”قسم“ قيامت تائين ان جي دل تي (ڪارو) نڪتو بڻجي ويندو. (اتحاف السادة للزبيدي ج 9 ص 249)

## قسم صرف سچو ئي کنيو وڃي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو وڃي! يقيناً اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو عذاب برداشت ٿي نه سگهندو جيڪڏهن ماضي ۾ ڪوڙا قسم کنيا هئا ته انهن کان جلد جلد توبه ڪيو ۽ هي ڳالهه خوب ذهن نشين فرمايو ته جيڪڏهن ضرورت جي وقت قسم کڻڻو پوي ته صرف ۽ صرف سچو قسم کڻو .

## مسلمان جي قسم تي يقين ڪرڻ گهرجي

جيڪڏهن ڪو مسلمان اسان جي سامهون ڪنهن ڳالهه تي قسم کڻي ته حُسن ظن رکندي اسان کي ان جي ڳالهه تي يقين ڪرڻ گهرجي، امام شرف الدين نَوَوِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا ته مسلمان ڀاءُ جي قسم جو اعتبار ڪرڻ ۽ ان کي پورو ڪرڻ مستحب آهي انهي شرط سان ته ان ۾ فتني وغيره جو امڪان نه هجي.

(شرح مسلم للنووي ج 14 ص 32)

## تو چوري ناهي ڪئي

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: (حضرت) عيسيٰ بن مريم هڪ شخص کي چوري ڪندي ڏٺو ته ان کي فرمايو: تو چوري ڪئي ”هن جواب ڏنو هرگز نه ان جو قسم جنهن کان سواءِ ڪو معبود ناهي“ ته (حضرت) عيسيٰ (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) فرمايائون: مان اللّٰه تي ايمان آندو ۽ پنهنجي ڳالهه کان رجوع ڪيو. (صحيح مسلم ص 1288 حديث 2368)

## مؤمن اللّٰه تعاليٰ جو ڪوڙو قسم ڪيئن کڻي سگهي ٿو!

اللّٰه اڪبر! ڏٺو توهان حضرت سيدنا عيسيٰ روح اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام قسم کڻڻ واري سان ڪهڙو برتاءُ ڪيو: مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنَّان هن قسم کڻڻ واري کي ڇڏي ڏيڻ جي

باري ۾ حضرت سيدنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي مقدس جذبن جي عڪاسي ڪندي لکن ٿا: يعني انهي قسم جي ڪري تون ڪي سچو سمجهان ٿو ته مومن ڀانهو الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪوڙو قسم نٿو کڻي سگهي (ڇوته) ان جي دل ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي جي تعظيم هوندي آهي، پنهنجي باري ۾ غلط فهمي جو خيال ڪيان ٿو ته منهنجي اکين ڏسڻ ۾ غلطي ڪئي. (مراۃ المناجیح ج 6 ص 623) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمین صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہِ واٰلہٖ وسلَّم

## قرآن کڻڻ قسم آهي يا نه؟

قرآن شريف جو قسم کڻڻ قسم آهي، البت صرف قرآن ڪريم کڻڻ يا وچ ۾ رکڻ يا ان تي هٿ رکي ڪا ڳالهه ڪرڻ قسم ناهي. "فتاويٰ رضويه" جلد 13 صفحي 574 تي آهي: ڪوڙي ڳالهه تي قرآن مجيد جو قسم کڻڻ سخت عظيم ڪبيره گناهه آهي ۽ سچي ڳالهه تي قرآن عظيم جو قسم کڻڻ ۾ حرج ناهي ۽ ضرورت هجي ته کڻي به سگهي ٿو پر هي قسم ڪي گهڻو سخت ڪندو آهي، بنا خاص ضرورت جي (ائين) نه ڪرڻ گهرجي ۽ صفحي 575 تي آهي: ها مُصحَف (يعني قرآن) شريف هٿ ۾ کڻي يا ان تي هٿ رکي ڪا ڳالهه چوڻ جيڪڏهن لفظي طور حلف ۽ قسم سان نه هجي ته حلفِ شرعي نه ٿيندو. (يعني قرآن ڪريم ڪي صرف کڻڻ يا ان تي هٿ رکڻ يا ان ڪي وچ ۾ رکڻ ڪي شرعاً قسم نه چئبو) مثلاً چوي ته مان قرآن مجيد تي هٿ رکي چوان ٿو ته ائين ڪندس ۽ پوءِ نه ڪيو ته (جيئن هي قسم نه ٿيو تنهنڪري) ڪفارو به نه لازم ٿيندو. واللهُ تعاليٰ اَعلَم

## ٻه عبرت ناڪ فتويٰ

### (1) شرابي قرآن کڻي قسم کنيو پوءِ ٽوڙي ڇڏيو!!

فتاويٰ رضويه جلد 13 صفحي 609 تي هڪ شرابي جي باري ۾ حڪم دريافت ڪندي ڪجهه ائين پڇيو ويو ته ان چار گواهن جي سامهون قرآن ڪريم کڻي قسم کنيو ته آئنده شراب نه پيئندس . ان جي تفصيلي جواب جي آخر ۾ اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: جيڪڏهن ان قرآن کڻي قرآن جي نالي سان قسم

ڪنيو يا الله تعاليٰ جي نالي جو قسم ڪنيو ۽ زبان سان ادا بہ ڪيو ھو پوءِ قسم ٽوڙي ڇڏيو تہ ان تي ڪفارو لازم آھي، ۽ جيڪڏھن ان قرآن شريف ڪڻي قسم ڪنيو آھي ۽ سخت معاملو آھي جو قرآن ڪڻي ان ھن جي خلاف ورزي ڪندي وري شراب پيتو آھي جنھن جي ڪري توھين تائين معاملو پھتو ۽ (ان) قرآن جي عظيم حق ڪي پائمال ڪيو آھي تہ ان سخت ڪاروائي (يعني جڏھن لفظ قسم نہ چيو ھجي صرف قرآن شريف ڪنيو ھجي ان) تي ڪفارو ناھي، بلڪ ان جي لاءِ ان تي لازم آھي تہ ھڪدم توبہ ڪري ۽ ان بُري فعل (يعني شراب نوشي) ڪي آئنده نہ ڪرڻ جو پختو قصد (يعني پڪي نيت) ڪري، نہ تہ وري الله تعاليٰ جي طرفان دردناڪ عذاب ۽ جهنم جي باھ جو انتظار ڪري. وَالعِيَاذُ بِاللهِ تعاليٰ (يعني ۽ الله تعاليٰ جي پناھ) ۽ جيڪڏھن زبان سان قسم ادا نہ ڪيو بلڪ انھي قرآن ڪڻڻ ڪي قسم قرار ڏنو تہ ان قسم جو اھو ئي حڪم آھي تہ ان تي ڪفارو ناھي بلڪ دردناڪ عذاب جو انتظار ڪري.

## (2) ڪوڙا قسم ڪڻڻ واري کي جهنم جي ٺھڪندڙ درياءَ ۾ غوطا ڏنا ويندا

**سوال:** خدا جو ڪوڙو قسم ڪڻڻ تي کھڙو ڪفارو ڏيڻ گھرجي؟ جيڪڏھن ھڪ ئي وقت ۾ ڪئي ڀيرا خدا جا قسم ڪوڙا ڪڻي تہ ھڪ ڪفارو ڏي يا ھر ھڪ قسم جو عليحده عليحده؟

**جواب:** ڪوڙا قسم گذريل ڳالھ تي دانستہ (يعني ڄاڻي واڻي ڪنيو تہ) ان جو ڪو ڪفارو ناھي، ان (ڪوڙي قسم) جي سزا اھا آھي تہ جهنم جي ٺھڪندڙ درياءَ ۾ غوطا ڏنا ويندا، ۽ آئنده (جي) ڪنھن ڳالھ تي قسم ڪنيو ۽ اھو نہ ٿي سگھيو تہ ان جو ڪفارو آھي، ھڪ قسم ڪنيو ھجي تہ ھڪ (ڪفارو) ۽ ڏھ (ڪنيا) تہ ڏھ (ڪفارا) وَاللهُ تَعاليٰ اَعلم (يعني ۽ الله تعاليٰ سڀ کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو آھي)

## ڪثرت سان قسم ڪڻڻ جي مُمانعت

رب ڪريم عَزَّوَجَلَّ جو سيپاري 2 سُوْرَةُ الْبَقَرَہ جي آيت 224 ۾ فرمان عظيم آھي:

وَلَا تَجْعَلُوا اللّٰهَ عُرْضَةً لِّاَيْمَانِكُمْ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ الله کي پنھنجن قسمن جو نشانو نہ بڻايو.

صَدرُ الاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي علیہ رحمۃ اللہ الھادي هن آيت جي تحت لکن ٿا: ڪجهه مفسرن هي به چيو آهي ته هن آيت مان ڪثرت سان قسم کڻڻ جي ممانعت ثابت ٿي. (حاشيۃ الصاوي ج 1 ص 190)

حضرت سيدنا ابراهيم نخعي علیہ رحمۃ اللہ القوي فرمائن ٿا: جڏهن اسان ننڍا هئاسين ته اسان جا وڏا قسم کڻڻ ۽ واعدو ڪرڻ تي اسان کي مار ڏيندا هئا.
(صحيح بخاري ج 2 ص 516 حديث 3651)

تُو جھوٹی قسموں سے مجھ کو سدا بچا یا ربّ!
نہ بات بات پہ کھاؤں قسم، خدا یا ربّ!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”چُپ رهو سلامت رهندؤ“ جي پندرهن اکرن جي نسبت سان قسم جي باري ۾ 15 مدني گل

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبۃ المدينہ جي شايع ٿيل 1182 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهار شريعت جلد 2 صفحي 298 کان 311 ۽ 319 تان قسم ۽ ڪفاري جي باري ۾ 15 مدني گل پيش ڪيا ٿا وڃن. (ضرورت موجب ڪٿي ڪٿي تصرف ڪيو ويو آهي)

### ڳالهه ڳالهه تي قسم نه کڻڻ گهرجي

﴿1﴾ قسم کڻڻ جائز آهي پر جيستائين ٿي سگهي ڪمي بهتر آهي ۽ ڳالهه ڳالهه تي قسم نه کڻڻ گهرجي ۽ ڪجهه ماڻهن قسم کي ته تکيہ ڪلام بڻائي رکيو آهي (يعني گفتگو دوران بار بار قسم کڻڻ جي عادت بڻائي رکي آهي) جو قصد ۽ بي قصد (يعني ارادتاً ۽ بنا ارادي جي) زبان سان (قسم) جاري ٿي ويندو آهي ۽ هن ڳالهه جو به خيال ناهن رکندا ته ڳالهه سچي آهي يا ڪوڙي! هي سخت مَعيوب (يعني تمام بري ڳالهه) آهي ۽ غير خدا جو قسم مڪروه آهي ۽ هي شرعاً قسم به ناهي يعني ان کي ٽوڙڻ سان ڪفارو لازم ناهي ٿيندو.

## غلطي سان قسم ڪنيو ته؟

﴿2﴾ غلطي سان قسم کڻي ورتو مثلاً چوڻ چاهيو ٿي ته پاڻي کڻي اچو يا پاڻي پيئندس ۽ زبان مان نڪتو ته ”خدا جو قسم پاڻي نہ پيئندس“ ته هي بہ قسم آهي جيڪڏهن ٽوڙيندو ته ڪفارو ڏيڻو پوندو. (بهار شريعت ج 2 ص 300)

﴿3﴾ قسم ٽوڙڻ اختيار سان هجي يا ٻي جي مجبور ڪرڻ سان قصداً (يعني ڄاڻي واڻي) هجي يا ڀُلجي ڪري هر صورت ۾ ڪفارو آهي، بلڪ جيڪڏهن بيهوشي يا جنون ۾ قسم ٽوڙيو ته تڏهن بہ ڪفارو واجب آهي جڏهن ته هوش ۾ قسم ڪنيو هجي، ۽ جيڪڏهن بيهوشي يا جنون (يعني چريائپ) ۾ قسم ڪنيو ته قسم ناهي ڇو ته عاقل هجڻ شرط آهي ۽ هي عاقل ناهي. (تبيين الحقائق ج 3 ص 423)

## اهڙا لفظ جنهن سان قسم ناهي ٿيندو

﴿4﴾ هي الفاظ قسم ناهن جيتوڻيڪ انهن جي ڳالهائڻ سان گنهگار ٿيندو جڏهن ته پنهنجي ڳالهہ ۾ ڪوڙو آهي: جيڪڏهن مان ائين ڪيان ته مون تي الله عَزَّوَجَلَّ جو غضب ٿئي، ان جو عذاب ٿئي، خدا جو قهر پوي، مون تي آسمان ڪري، زمين ۾ غرق ٿي پوان، مون کي خدا جي مار پوي، خدا جي ڦِٽڪار ٿئي، رسول الله جي شفاعت نہ ملي، مون کي خدا جو ديدار نصيب نہ ٿئي، ۽ مرڻ وقت ڪلمو نصيب نہ ٿئي . (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 54)

## قسم جا چار قِسم

﴿5﴾ ڪجھ قسم اهڙا هوندا آهن جنهن جو پورو ڪرڻ ضروري آهي، مثلاً ڪنهن اهڙي ڪم جو قسم ڪنيو جنهن جو بغير قسم (بہ) ڪرڻ ضروري هو يا گناهہ سان بچڻ جو قسم ڪنيو (جيڪڏهن گناهہ کان بچڻ جو قسم نہ بہ ڪنيو تڏهن بہ گناهہ کان بچڻ ضروري ٿي آهي) ته ان صورت ۾ قسم سچو ڪرڻ ضروري آهي، مثلاً (چيو) خدا جو قسم ظهر پڙهندس يا چوري يا زنا نہ ڪندس. (قسم جو) ٻيو (قِسم) هي آهي جو ان کي ٽوڙڻ ضروري آهي مثلاً گناهہ ڪرڻ يا فرض ۽ واجبات (پورا) نہ ڪرڻ جو قسم ڪنيو ته جيئن قسم ڪنيو ته نماز نہ پڙهندس يا چوري ڪندس يا ماءُ پيءُ کان ڪلام (يعني ڳالهہ ٻولهہ) نہ

ڪندس ته اهو قسم ٽوڙي ڇڏي، ٽيون اهو جو انهن جو ٽوڙڻ مستحب آهي مثلاً اهڙي امر (يعني معاملي يا ڪم) جو قسم ڪنيو ته ان جي غير (يعني علاوه) ۾ بهتري آهي ته اهڙا قسم ٽوڙي ڪري اهو ڪري جيڪو بهتر آهي چوٿون اهو جو مباح جو قسم ڪنيو يعني (جنهن جو) ڪرڻ يا نه ڪرڻ ٻئي برابر آهي هن ۾ قسم جو باقي رکڻ افضل آهي. (المبسوط للسرخسي ج 4 ص 133)

﴿6﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جا جيترا نالا آهن ان مان جنهن نالي جو قسم ڪنيو ته قسم ٿي ويندو چاهي ڳالهه ٻولهه ۾ ان جي نالن جو قسم ڪنيو ويندو آهي يا نه، مثلاً الله جو قسم، خدا جو قسم، رحمٰن جو قسم، رحيم جو قسم، پروردگار جو قسم، ائين خدا جي ڪنهن صفت جو قسم ڪنيو ويندو هجي ان جو قسم ڪنيو، ته ٿي ويو، مثلاً خدا جي عزت ۽ جلال جو قسم، ان جي ڪبريائي (يعني عظمت) جو قسم، ان جي بزرگي يا وڏائي جو قسم، ان جي عظمت جو قسم، ان جي قوت ۽ قدرت جو قسم، قرآن جو قسم، ڪلام الله جو قسم . (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 52)

﴿7﴾ ان الفاظن سان به قسم ٿي ويندو آهي حلف ڪيان ٿو، قسم ڪڻان ٿو، مان شهادت ڏيان ٿو، خدا کي گواهه ڪري چوان ٿو، مون تي قسم آهي، لَآاِلٰهَ اِلَّا الله مان هي ڪم نه ڪندس. (ايضاً)

**اهڙو قسم جنهن جي ٽوڙڻ ۾ ڪفر جو انديشو آهي**

﴿8﴾ جيڪڏهن هي ڪم ڪري يا ڪيو ته يهودي آهي يا نصراني يا ڪافر يا ڪافرن ۾ شريڪ، مرندي وقت ايمان نصيب نه ٿئي، بي ايمان مري، ڪافر ٿي مري، هي الفاظ تمام سخت آهن، جيڪڏهن ڪوڙو قسم ڪنيو يا قسم ٽوڙيو ته ڪجهه صورتن ۾ ڪافر ٿي ويندو، جيڪو شخص ان قِسم جا ڪوڙا قسم کڻي ته ان جي باري ۾ حديث ۾ فرمايو: اهو ائين آهي جيئن ان چيو. يهودي ٿيڻ جو قسم ڪنيو ته يهودي ٿي ويو، ائين جيڪڏهن چيائين: ”خدا ڄاڻي ٿو ته مون ائين نه ڪيو“ ۽ هي ڳالهه ان ڪوڙ ڪندي چئي ته اڪثر عالمن جي ويجهو ڪافر آهي. (بهار شريعت ج 2 ص 301)

## ڪنهن شيءِ کي پاڻ تي حرام ڪرڻ

﴿9﴾ جيڪو شخص ڪنهن شيءِ کي پنهنجو پاڻ تي حرام ڪري مثلاً چوي ته فلان شيءِ مون تي حرام آهي ته ائين چوڻ سان اها شيءِ حرام نه ٿيندي ته الله عَزَّوَجَلَّ جنهن شيءِ کي حلال ڪيو ان کي ڪير حرام ڪري سگهي ٿو؟ پر (جنهن شيءِ کي پاڻ تي حرام ڪيو) ان جي استعمال ڪرڻ سان ڪفارو لازم ٿيندو يعني هي به قسم آهي. (تبيين الحقائق ج 3 ص 436) تو سان ڳالهائڻ حرام آهي هي (به) يمين (يعني قسم) آهي. ڳالهه ڪندو ته ڪفارو لازم ٿيندو. (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 58)

## غير خدا جو قسم "قسم" ناهي

﴿10﴾ غير خدا جو قسم "قسم" ناهي. مثلاً توهان جو قسم، منهنجو قسم، تنهنجي جان جو قسم، منهنجي جان جو قسم، تنهنجي سر جو قسم، اکين جو قسم، جواني جو قسم، ماءُ پيءُ جو قسم، اولاد جو قسم، مذهب جو قسم، دين جو قسم، علم جو قسم، ڪعبي جو قسم، عرشِ الٰهي جو قسم، رسول الله جو قسم. (ايضاً 51)

﴿11﴾ خدا ۽ رسول جو قسم هي ڪم نه ڪندس هي قسم ناهي. (ايضاً 57، 58)

## ٻي جو قسم ڏيارڻ تان قسم ناهي ٿيندو

﴿12﴾ جيڪڏهن هي ڪم ڪندس ته ڪافرن کان به بدتر ٿي وڃان (چيو) ته (هي) قسم آهي ۽ جيڪڏهن چيو ته هي ڪم ڪيان ته ڪافر کي هن (يعني مون) تي شرف (يعني فضيلت) ٿئي ته قسم ناهي. (ايضاً ص 59، 60)

﴿13﴾ ٻئي جو قسم ڏيارڻ سان قسم ناهي ٿيندو مثلاً چيو: تون کي خدا جو قسم هي ڪم ڪر، ته ان جي چوڻ سان (جنهن کي چيو ويو) ان تي قسم نه ٿيو يعني نه ڪرڻ سان ڪفارو لازم ناهي، هڪ شخص ڪنهن وٽ ويو ان اٿڻ چاهيو تي ته ان کي چيائين: خدا جو قسم اٿئي نه اُتجان (جنهن کي چيو) اهو ويهي رهيو ته ان قسم ڪٽڻ واري تي ڪفارو ناهي. (ايضاً ص 59،60)

﴿14﴾ هتي هڪ قاعدو ياد رکڻ گهرجي جنهن جو قسم ۾ هر جڳهه لحاظ ضروري

آهي اهو هي تہ قسم جي تمام لفظن مان اها معنيٰ ورتي وڃي جنهن ڪي اهلِ عرف استعمال ڪندا هجن مثلاً ڪنهن قسم ڪنيو تہ ڪنهن گهر ۾ نہ ويندو ۽ مسجد يا ڪعبي شريف ۾ ويو تہ قسم نہ ٽٽندو، جيتوڻيڪ هي بہ گهر آهي ائين حمام ۾ وڃڻ سان بہ قسم نہ ٽٽندو. (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 68)

## قسم ۾ نيت ۽ غرض جو اعتبار ناهي

﴿15﴾ قسم ۾ الفاظ جو لحاظ هوندو آهي، ان ڳالھ جو لحاظ ناهي هوندو جو ان قسم مان غرض ڇا آهي يعني ان لفظن جي ڳالھ ٻولھ ۾ جيڪا معنيٰ آهي اهو مراد ورتي ويندي قسم کڻڻ واري جي نيّت ۽ مقصد جو اعتبار نہ ٿيندو، مثلاً ڪنهن قسم ڪنيو تہ "فلان جي لاءِ هڪ پيسي جي بہ ڪا شيء نہ خريد ڪندس" ۽ هڪ روپئي جي خريد ڪئي تہ قسم نہ ٽٽو، حالانڪ هن ڪلام سان ان جو مقصد هي هوندو آهي تہ نہ پيسي جي خريد ڪندس نہ روپي جي، پر جيئن تہ لفظ سان اهو نہ سمجهيو ويندو آهي تنهنڪري ان جو اعتبار ناهي يا قسم ڪنيو تہ "دروازي مان ٻاهر نہ ويندس" ۽ ديوار ٽپي يا ڏاڪڻ لڳائي ٻاهر هليو ويو تہ قسم نہ ٽٽو جيتوڻيڪ ان جي مراد هي هجي تہ گهر کان ٻاهر نہ ويندس. (در مختارو رَدُّالمُحتار ج 5 ص 550) هن ضمن ۾ حضرت سيدنا امام اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم جي حڪايت پڙهو ۽ جهومو جيئن

## آنو نہ کائڻ جو قسم ڪنيو

هڪ شخص قسم ڪنيو تہ آنو نہ کائيندس ۽ پوءِ هي قسم ڪنيو تہ جيڪا شيء فلان شخص جي کيسي ۾ آهي اها ضرور کائيندس، هاڻي ڏٺو تہ ان جي کيسي ۾ آنو هو، ڪروڙين حنفين جي عظيم پيشوا حضرت سيدنا امام اعظم ابو حنيفہ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ کان پڇيو ويو تہ فرمايائون: ان آني کي ڪنهن ڪڪڙ جي هيٺان رکي ڇڏيو ۽ جڏهن چوزو نڪري تہ ان کي پچي ڪري کائي وٺي يا شوربي ۾ پچائي ڪري شوربي سميت کائي وٺي. (هن صورت ۾ قسم پورو ٿي ويندو) (الخيرات الحسان ص 175) اللہ عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمين بِجاهِ النَّبِيِّ الاَمين صلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## قسم جا ڪجهه الفاظ

جيڪڏهن وَالله بِالله تَالله چيو تہ ٿي قسم ٿيا، بخدا، قسم سان، بحلف شرعي چوان ٿو، الله ڪي حاضر ناظر سمجهي چوان ٿو، الله ڪي سميع و بصير ڄاڻي چوان ٿو، BY GOD، هي سڀ قسم جا الفاظ آهن . ”الله ڪي حاضر ناظر ڄاڻي چوان ٿو“ ائين چوڻ سان قسم تہ ٿي ويندو پر الله عَزَّوَجَلَّ ڪي حاضر ناظر چوڻ منع آهي.

## سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جي قسم جا الفاظ

نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اڪثر ”وَ مُقَلِّبِ الْقُلُوب“ (يعني قسم آهي دِلين کي بدلائڻ واري جو) يا ”وَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِہٖ“ (يعني قسم آهي ان جو جنهن جي دست قدرت ۾ منهنجي جان آهي) جي لفظن سان قسم ارشاد فرمائيندا هئا، جيئن حضرت سيدنا ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وڌيڪ جيڪو قسم ارشاد فرمائيندا هئا اهو هيءُ آهي وَ مُقَلِّبِ الْقُلُوب يعني قسم آهي دلين کي بدلائڻ واري جو. (بخاري ج 4 ص 287 حديث 6617)

## حضور صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جو قسم کڻڻ

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ملفوظاتِ اعليٰ حضرت“ جي صفحي 528 تي آهي منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن کي عرض ڪيو ويو: حضور جو قسم کڻي ڪري پوءِ ان جي خلاف ڪرڻ سان ڪفارو لازم ٿيندو يا نہ؟ تہ فرمايائون: نہ (فتاويٰ عالمگيري ج 2 ص 51)

## پيءُ جو قسم کڻڻ ڪيئن؟

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي سواري تي هلندي ملاحظہ فرمايو، جڏهن تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي پيءُ جو قسم کڻي رهيا هئا، نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي پيءُ جو قسم کڻڻ کان منع فرمائي ٿو، جيڪو شخص قسم کڻي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم کڻي يا چُپ رهي. (صحيح بخاري ج 4 ص 286 حديث 6)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني غير خدا جو قسم کڻڻ کان منع فرمايو ويو آهي، جيئن تہ عرب وارا عام طور تي پيءُ ڏاڏن جو قسم کڻندا هئا انهيءَ ڪري ان جو ذڪر ٿيو، غير خدا جو قسم کڻڻ مڪروهہ آهي. (مرقاة المفاتيح ج 6 ص 579) الله عزوجل کان مراد رب تعاليٰ جا ذاتي ۽ صفاتي نالا آهن، تنهنڪري قرآن شريف جو قسم کڻڻ جائز آهي ڇو تہ قرآن شريف ڪلام الله جو نالو آهي ۽ ڪلام الله صفتِ الٰهي آهي قرآن مجيد ۾ زماني، انجير، زيتون جا قسم بہ ارشاد ٿيا اهي شرعي قسم نہ آهن، ۽ اهي احڪام اسان تي جاري ٿين ٿا رب تعاليٰ تي نہ. (مراٰة المناجيح ج 5 ص 194-195)

**قسم ۾ ان شاءَالله چيو تہ قسم ٿيندو يا نہ؟** (مدينہ)

فقهاءِ ڪرام رحمہم اللہ السلام فرمائن ٿا: قسم ۾ اِن شاءَ الله عزوجل چيو تہ ان جو پورو ڪرڻ واجب ناهي، انهيءَ جو شرط هي آهي تہ اِن شاءَ الله عزوجل جو لفظ ان ڪلام سان متصل (يعني مليل) هجي ۽ جيڪڏهن فاصلو ٿي ويو مثلاً قسم کڻي چپ ٿي ويو يا وچ ۾ ڪجهہ ٻي ڳالهہ ڪئي پوءِ ان شاءَالله عزوجل چيو تہ قسم باطل نہ ٿيو. (درمختار و رَدُّالمُحتار ج 5 ص 548) حضرت سيدنا عبدالله بن عمر رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ رحمتِ عالم، نُور مُجسّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم جن فرمايو: جيڪو شخص قسم کڻي ۽ ان سان گڏ ان شاءَ الله عزوجل چيو تہ حانث (يعني قسم ٽوڙڻ وارو) نہ ٿيندو. (ترمذي ج 3، ص 183 حديث 1536)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنان هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: يعني قسم جي متصل (يعني فوراً بعد) ان شاءَالله عزوجل چيائين، خلاصو هي آهي تہ جيڪڏهن واعدي يا قسم سان متصل ان شاءالله عزوجل چئي ڇڏيائين تہ ان جي خلاف ڪرڻ تي نہ گناهہ آهي نہ ڪفارو. (مراٰة المناجيح ج 5 ص201)

**وڏين مُڇن وارو بدمعاش** (مدينہ)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** علم دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جا سنتن ڀريا اجتماع بہ اهم ذريعو آهن، اوهان بہ پنهنجي شهر ۾ ٿيندڙ سنتن ڀري هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت

ڪيو، ان اجتماعن جي برڪت سان ڪيترن ئي بگڙيل ماڻهن جي زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ان جي هڪ جهلڪ هن **مدني بهار** ۾ ملاحظہ فرمايو جيئن هڪ عالم صاحب جيڪي دعوت اسلامي جا مبلغ آهن انهن ٻڌايو تہ 1995 ۾ هڪ شخص جنهن تي لڳ ڀڳ 11 ڌاڙن جا ڪيس هئا جن مان هڪ قتل جو مقدمو پڻ هو، هڪ سال جيل ۾ بہ رهيو، آبپاشي کاتي ۾ ملازم پڻ هو، پگهار 3000 هئي پر اهو ناجائز ذريعن سان مثلاً وڻ وغيره وڍي ڪري، پاڻي جي چوري وغيره جي ڪري هر مهيني 10000 تائين ڪري وٺندو هو، ان وڏيون وڏيون مڇون بہ رکيون هيون، ڏسڻ واري کي ان کان خوف ٿيندو هو، هڪ ڏينهن مون **انفرادي ڪوشش** ڪري ان کي دعوت اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماع جي دعوت پيش ڪئي پر ان منهنجي دعوت ٺاري ڇڏي، مون همت نہ هاري ۽ وقت بوقت دعوت ڏيندو رهيس، آخرڪار ٻن سالن کان پوءِ ان دعوت قبول ڪئي، ۽ اهو ”پستول“ ساڻ رکي اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويو، اتفاق سان انهيءَ ڏينهن منهنجو بيان هو جيڪو جهنم جي عذاب جي باري ۾ هو، **جهنم جون تباهہ ڪاريون** ٻڌي سخت سيءُ جو موسم هجڻ باوجود **بدمعاش** پگهر پگهر ٿي ويو، اجتماع کان پوءِ اهو روئيندو رهيو ۽ چوندو رهيو: هاءِ منهنجو ڇا ٿيندو! مون تہ گهڻا گناهہ ڪيا آهن، پوءِ اهو ٽي ڏينهن بخار ۾ رهيو، ان کي پنهنجي گناهن جي شدت جو احساس ٿي چڪو هو، ان توبہ ڪئي ۽ نمازون بہ پڙهڻ لڳو، ٻي جمعرات ان کي ٻيهر اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت ملي ۽ **جنت** جي موضوع تي بيان ٻڌي ان کي آٿت ملي، آهستہ آهستہ ان تي مدني رنگ چڙهندو رهيو، ايستائين جو اهو دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويو، ان گهران T.V ٻاهر ڪڍي ڇڏي (جوتہ ان وقت صرف گناهن ڀريا چينلز ڏنا ويندا ها ۽ ”مدني چينل“ شروع نہ ٿيو هو) **ڏاڙهي** ۽ **سبز عمامو** سجائڻ جي سعادت بہ حاصل ڪري ورتي، هي بيان ڏيڻ مهل اهو دعوت اسلامي جي مدني ڪمن ۾ مشغول تنظيمي طور تي صوبائي سطح تي مجلس **خُدَّامُ الْمَسَاجِد** جي ذميداري تي فائز آهي.

اگر چور ڈاکو بھی آجائیں گے تو سُدھر جائیں گے گر ملا مدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سِیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چھڑا مدَنی ماحول (وسائلِ بخشش ص ۲۰۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قسم جي حفاظت ڪيو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل اردو ترجمي واري پاڪيزه قرآن "ڪنزالايمان مع خزائنُ العِرفان" صفحي 516 کان 517 تي سيپاري 14 سُوْرَةُ النَّحْل آيت نمبر 91 تي ارشاد ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ آهي:

وَ اَوْفُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ اِذَا عٰهَدْتُّمْ وَ لَا تَنْقُضُوا الْاَیْمَانَ بَعْدَ تَوْكِیْدِهَا وَ قَدْ جَعَلْتُمُ اللّٰهَ عَلَیْكُمْ كَفِیْلًاؕ اِنَّ اللّٰهَ یَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۹۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ الله جا عهد پاڙيو جڏهن قول ڪيوَ ۽ قسم مضبوط ڪري پوءِ ٽوڙي نہ ڇڏيو ۽ توهان الله کي پاڻ تي ضامن ڪري چُڪا آهيو بيشڪ الله توهان جو ڪم ڄاڻي ٿو.

۽ سيپاري 7 سُوْرَةُ الْمَآئِدَه جي آيت نمبر 89 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَ احْفَظُوْۤا اَیْمَانَكُمْؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ پنهنجي قسمن جي حفاظت ڪريو.

صَدرُ الاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدِّين مراد آبادي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي تفسير خزائنُ العِرفان ۾ هن آيت تحت لکن ٿا: يعني ان کي پورو ڪريو جيڪڏهن ان ۾ شرعاً ڪو حرج بہ نہ ٿئي ۽ هي حفاظت بہ آهي تہ قسم کڻڻ جي عادت ختم ٿئي.

## بهتر ڪم جي لاءِ قسم ٽوڙڻ

حضرت سيدنا عَدي بن حاتم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون وٽ هڪ شخص 100 درهم گهرڻ آيو، مون ناراض ٿيندي چيو: تون مون کان صرف 100 درهم گهري رهيو آهين حالانڪ مان حاتم (طائي) جو پٽ آهيان، الله جو قسم! مان تون کي نہ ڏيندس، پوءِ مون چيو: جيڪڏهن مان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي ارشاد پاڪ نہ ٻڌان ها تہ "جنهن شخص ڪنهن ڪم جو قسم کنيو پوءِ هن ان کان بهتر شيءِ جو خيال ڪيو تہ هو ان بهتر ڪم کي ڪري." (هاڻي) مان تون کي 400 درهم ڏيندس. (صحيح مسلم ص 899 حديث 1651)

## بهتر ڪم جي لاءِ قسم ٽوڙڻ جائز آهي پر ڪفارو ڏيڻو پوندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بهتر ڪم جي لاءِ قسم ٽوڙڻ جي اجازت آهي پر ٽوڙڻ کان پوءِ ڪفارو ڏيڻو پوندو جيئن حضرت سيدنا ابوالاَحوص عَوف بن مالِڪ رضی اللہ تعالٰی عنھما پنهنجي والد کان روايت فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: يارسول الله صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم فرمايو تہ مون پنهنجي سوٽ (چاچي جي پٽ) وٽ ڪجھ گھرڻ جي لاءِ ويندو آهيان تہ هو مون کي ناهي ڏيندو، نہ ئي صلہءِ رحمي ڪندو آهي، پوءِ ان کي جڏهن منهنجي ضرورت پوندي آهي تہ مون وٽ ايندو آهي، مون کان ڪجھ گھرندو آهي، مون قسم کنيو آهي تہ نہ ان کي ڪجھ ڏيندس، نہ صلہءِ رحمي ڪندس، تہ مون کي حضور سراپا نور صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم حڪم ڏنو تہ جيڪو ڪم سٺو آهي اهو ڪر ۽ پنهنجي قسم جو ڪفارو ڏي. (سنن نسائي ص 619 حديث 3793)

## ظلماً ايذاءَ ڏيڻ جو قسم کنيو تہ ڇا ڪري؟

جيڪڏهن ڪنهن کي ظلماً ايذاءَ ڏيڻ جو قسم کنيو تہ ان قسم جو پورو ڪرڻ گناھ آهي ان قسم جي بدلي ڪفارو ڏيڻو پوندو جيئن بخاري شريف جي حديث پاڪ ۾ آهي تہ رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسّم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جن جو فرمان مُعَظّم آهي: جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي اهل جي باري ۾ اَذِيّت ۽ ضَرَر (يعني نقصان) پهچائڻ جي لاءِ قسم کڻي پوءِ بخدا ان کي نقصان ڏيڻ ۽ قسم پورو ڪرڻ عند الله (يعني الله عزوجل جي ويجهو) وڌو گناھ آهي ان کان جو هو ان قسم جي بدلي ڪفارو ڏي جيڪو الله تعاليٰ ان تي مقرر فرمايو آهي. (بخاري ج 4 ص 281 حديث 6625، فتاوٰي رضويه ج 13 ص549)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنّان هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: يعني جيڪو شخص پنهنجي گهر وارن مان ڪنهن جو حق فوت (يعني حق تلفي) ڪرڻ جو قسم کڻي مثلاً هي تہ پنهنجي ماءُ جي خدمت نہ ڪندس يا ماءُ پيءُ سان ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪندس، اهڙين قسمن جو پورو ڪرڻ گناھ آهي، ان تي واجب آهي تہ اهڙا قسم ٽوڙي ۽ گهر وارن جا حق پورا ڪري، خيال رهي هتي هي

مطلب ناهي ته هي قسم پورو نه ڪرڻ ۾ گناهه پر پورو ڪرڻ وڏو گناهه آهي بلڪ مطلب هي آهي ته اهڙي قسم پورو ڪرڻ وڏو گناهه آهي، پورو نه ڪرڻ ثواب، جو الله تعاليٰ جي نالي جي بي ادبي قسم ٽوڙڻ سان ٿيندي آهي انهيءَ ڪري ان تي ڪفارو واجب ٿيندو آهي پر هتي قسم نه ٽوڙڻ وڏي گناهه جو سبب آهي.

(مراٰۃ المناجیح ج 5 ص198 ملخصاً)

## طلاق جو قسم کڻڻ کٽائڻ ڪيئن؟

ڪنهن کان طلاق جو قسم وٺڻ منافق جو طريقو آهي، مثلاً ڪنهن کي چوڻ: ”قسم کڻ ته (جيڪڏهن) فلاڻ ڪم مون ڪيو هجي ته منهنجي زال کي طلاق“ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن فتاويٰ رضويه جلد 13 صفحي 198 تي حديث پاڪ نقل ڪندا آهن: مؤمن طلاق جو قسم نٿو کڻي، ۽ طلاق جو قسم منافق ئي کڻندو آهي. (ابن عساکر ج 57 ص 393)

## قسم جو ڪفارو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل اُردو ترجمي واري قرآن پاڪ ”ڪنزالايمان مع خزائن العِرفان“ صفحي 235 تي سيپاري 7 سُوْرَۃُ الْمَآئِدَۃ جي آيت نمبر 89 تي ارشاد ربُّ العِباد آهي:

لَا یُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِیْۤ اَیْمَانِكُمْ وَ لٰكِنْ یُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا عَقَّدْتُّمُ الْاَیْمَانَۚ فَكَفَّارَتُهٗۤ اِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسٰكِیْنَ مِنْ اَوْسَطِ مَا تُطْعِمُوْنَ اَهْلِیْكُمْ اَوْ كِسْوَتُهُمْ اَوْ تَحْرِیْرُ رَقَبَةٍؕ فَمَنْ لَّمْ یَجِدْ فَصِیَامُ ثَلٰثَةِ اَیَّامٍؕ ذٰلِكَ كَفَّارَةُ اَیْمَانِكُمْ اِذَا حَلَفْتُمْؕ وَ احْفَظُوْۤا اَیْمَانَكُمْؕ كَذٰلِكَ یُبَیِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰیٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ(۸۹)

(پاره ۷، المائدة آيت۸۹)

**ترجمو ڪنزالايمان:** الله توهان کي پڪڙ نه ڪندو توهان جي غلط فهمي جي قسمن تي، هائو انهن قسمن تي گرفت فرمائيندو جن کي توهان مضبوط ڪيو آهي، ته اهڙي قسم جو ڪفارو آهي ڏهن مسڪينن کي کاڌو کارائڻ جهڙو پنهنجي گهر وارن کي کارائيندا آهيو ان جو وچترو يا انهن کي ڪپڙو ڍڪائڻ يا هڪ غلام آزاد ڪرڻ، جنهن کي انهن مان ڪا به طاقت نه هجي ته ٽي ڏينهن روزا رکي، اهو بدلو آهي توهان جي قسمن جو جڏهن توهان قسم کڻو ۽ پنهنجي قسمن جي حفاظت ڪريو. اهڙيءَ طرح الله توهان سان پنهنجون آيتون بيان فرمائيندو آهي مَن توهان احسان مڃو.

## ”يا رَحمةً لِّلعالَمِين“ جي تيرهن اکرن جي نسبت سان قسم جي ڪفاري جا 13 مدني گل

### ڪفاري جي لاءِ قسم جا شرط

﴿1﴾ قسم جي لاءِ ڪجھ شرط آهن، جيڪڏهن اهي نہ هجن تہ ڪفارو ناهي، قسم کڻڻ وارو (1) مسلمان (2) عاقِل (3) بالِغ، ڪافِر جو قسم کڻڻ قسم ناهي، يعني جيڪڏهن ڪفر واري زماني ۾ قسم ڪنيو پوءِ وري مسلمان ٿيو تہ ان قسم کي ٽوڙڻ تي ڪفارو واجب نہ ٿيندو، ۽ جيڪڏهن مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ (يعني الله جي پناھ) قسم کڻڻ کان پوءِ مُرتَد ٿي ويو تہ قسم باطل ٿيو ۽ جيڪڏهن پيهر مسلمان ٿيو ۽ قسم ٽوڙيائين تہ ڪفارو ناهي ۽ (4) قسم ۾ هي بہ شرط آهي تہ اها شيء جنهن جو قسم ڪنيو عقلي طور تي ممڪن بہ هجي يعني ٿي بہ سگهي، جيتوڻيڪ مُحالِ عادي هجي ۽ (5) هي بہ شرط آهي تہ قسم ۽ جنهن شيء جو قسم ڪنيو ٻئي گڏجي چيو هجي، وچ ۾ فاصلو هوندو تہ قسم نہ ٿيندو، مثلاً ڪنهن ان کي چيو: چئو خدا جو قسم! ان چيائين خدا جو قسم! ان چيو: چئو فلان ڪم ڪندس ان چيو تہ هي قسم نہ ٿيو. (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 51)

### قسم جو ڪفارو

﴿2﴾ غلام آزاد ڪرڻ يا ڏھ مسڪينن کي کاڌو کارائڻ يا انهن کي ڪپڙو پارائڻ آهي يعني هي اختيار آهي تہ ان ٽن شين مان جيڪو چاهي ڪري. (تبيين الحقائق ج 3 ص 430) (ياد رهي! جتي ڪفارو آهي اهو آئنده جي لاءِ ڪنيل قسم هجي، گذريل يا موجوده جي باري ۾ ڪنيل قسم تي ڪفارو ناهي، مثلاً چيائين: ”خدا جو قسم! مون تہ ڪالھ هڪ گلاس بہ ٿڌو پاڻي نہ پيتو هو“ جيڪڏهن پيتو هو ۽ ياد هجڻ جي باوجود ڪوڙو قسم ڪنيو تہ گنهگار ٿيو توبہ ڪري ڪفارو ناهي)

### ڪفارو ادا ڪرڻ جو طريقو

﴿3﴾ (ڏھ) مسڪينن کي ٻہ وقت پيٽ ڀري کارائڻو پوندو ۽ جنهن مسڪينن کي صبح جي وقت کارايو انهن کي ئي شام جو بہ کارائي، ٻين ڏھ مسڪينن کي کارائڻ سان (ڪفارو) ادا نہ ٿيندو، ۽ هي ٿي سگهي ٿو تہ ڏهن کي هڪ ئي ڏينهن (ٻنهي وقت) کارائي يا هر

فرمانِ مُصطفٰے صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلّم: جنهن مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنّت جو رستو ڀلجي ويو. (طبراني)

ڏينهن هڪ هڪ کي (ٻہ وقت) يا هڪ ئي کي ڏهن ڏينهن تائين ٻئي وقت کارائي، ۽ جن مسڪينن کي کارايو انهن ۾ ڪو ٻار نہ هجي ۽ کائڻ ۾ اِباحت (کائڻ جي اجازت ڏيڻ) ۽ تَملِيڪ (يعني مالڪ بڻائڻ تہ ڀلي کائي يا کڻي وڃي) ٻئي صورتون ٿي سگهن ٿيون ۽ هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ کارائڻ جي عوض (يعني بدران) هر مسڪين کي نصف (يعني اڌ) صاع ڪڻڪ يا هڪ صاع جَوُ (هڪ صاع 4 ڪلو مان 160 گرام گهٽ ۽ نصف صاع يعني اڌ صاع 2 ڪلو مان 80 گرام گهٽ هوندو آهي) يا ان جي قيمت جو مالڪ ڪري ڇڏي يا ڏهن ڏينهن تائين هڪ ئي مسڪين کي هر ڏينهن صدقۂ فطر جي مقدار ڏئي ڇڏي يا ڪجھ کي کارائي ۽ ڪجھ کي ڏئي ڇڏي، غرض هي تہ ان جون (يعني ڪفارو ادا ڪرڻ جون) تمام صورتون اتان (يعني مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب بهار شريعت جلد 2 صفحي 205 کان 217 تائين ڏنل (ظِهار جي) ڪفاري جي بيان مان) معلوم ڪيو، فرق ايترو آهي جو اتي (يعني ظِهار جي ڪفاري ۾) سٺ مسڪين ها (جڏهن تہ هتي (يعني قسم جي ڪفاري ۾) ڏھ آهن . (درمختار و رَدُّالمُحتار ج 5 ص 523)

## ڪفاري جي لاءِ نيّت شرط آهي

﴿4﴾ ڪفاري ادا ٿيڻ جي لاءِ نيّت شرط آهي بغير نيت جي ڪفارو ادا نہ ٿيندو، ها جيڪڏهن اها شيءِ جيڪا مسڪين کي ڏني ۽ ڏيڻ وقت نيت نہ ڪئي پر اها شيءِ اڃا مسڪين وٽ موجود آهي ۽ هاڻي نيت ڪئي تہ ادا ٿي ويو جيئن زڪوات ۾ فقير کي ڏيڻ کان بعد نيت ڪرڻ ۾ هي شرط آهي تہ اڃا تائين جيڪڏهن فقير وٽ باقي آهي تہ نيت ڪم ايندي نہ تہ نہ. (حاشيۃ الطحطاوي علي الدّرالمختار ج 2 ص 198)

﴿5﴾ رمضان ۾ جيڪڏهن ڪفاري جو کاڌو کارائڻ چاهي تہ شام ۽ سحري ٻئي وقت کارائي يا هڪ مسڪين کي 20 ڏينهن تائين شام جو کارائي. (الجوهرة النيره ص 253 وغيره)

## ڪفاري ۾ ٽن روزن جي اجازت جي صورت

﴿6﴾ جيڪڏهن غلام آزاد ڪرڻ يا 10 مسڪينن کي کاڌو کارائڻ يا ڪپڙا ڏيڻ تي قادر نہ هجي تہ لڳاتار ٽي روزا رکي . (ايضاً)

## ڪفارو ادا ڪندي وقت جي حيثيت جو اعتبار آهي ته روزا رکي يا.....

﴿7﴾ عاجِز (يعني مجبور) هجڻ ان وقت معتبر آهي جڏهن ڪفارو ادا ڪرڻ چاهي تو مثلاً جنهن وقت قسم ٽوڙيو ان وقت مالدار هو پر ڪفارو ادا ڪرڻ وقت (مالي اعتبار سان) محتاج آهي ته روزن سان ڪفارو ادا ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن (قسم) ٽوڙڻ وقت مُفلِس (۽ مسڪين) هو ۽ هاڻي (ڪفارو ادا ڪرڻ وقت) مالدار آهي ته روزي سان (ڪفارو) ادا نٿو ڪري سگهي. (الجوهرة النيره ص 253 وغيره)

## ڪفاري جا ٽئي روزا لڳاتار هئڻ ضروري آهن

﴿8﴾ لاڳيتو (جيڪڏهن) ٽي روزا نه رکيا يعني وچ ۾ فاصلو ڪيائين ته ڪفارو ادا نه ٿيو جيتوڻيڪ مجبوري جي ڪري روزو نه رکيو، ايستائين جو عورت کي حيض اچي ويو ته پهرين روزن جو اعتبار ناهي يعني هاڻي پاڪ ٿيڻ کان پوءِ (نئين سري کان) لڳاتار ٽي روزا رکي. (دُرِّمُختار ج 5 ص 526)

## روزن ذريعي ڪفاري جي لاءِ هڪ ضروري شرط

﴿9﴾ روزن جي ذريعي ڪفارو ادا ڪرڻ جي لاءِ هي شرط به آهي ته ختم ٿيڻ تائين (يعني ٽئي روزا مڪمل ٿيڻ تائين) مال تي قدرت نه هجي مثلاً جيڪڏهن ٻه روزا رکڻ کان پوءِ ايترو مال ملي ويو جو ڪفارو ادا ڪري سگهي ٿو ته هاڻي روزن سان (ڪفارو ادا) نه ٿي سگهندو، بلڪ جيڪڏهن ٽيون روزو رکي ٻه ڏينهن آهي ۽ سج لهڻ کان پهريان مال تي قادر ٿي ويو ته روزا ناڪافي آهن جيتوڻيڪ مال تي قادر ٿيڻ ائين ٿيو هجي جو ان جي مُورِث (يعني وارث بڻائڻ واري) جو انتِقال ٿي ويو هجي ۽ ان کي ترڪو (يعني وِرثو) ايترو ملندو جو ڪفاري جي لاءِ ڪافي آهي. (دُرِّمُختار ج 5 ص 526)

## ڪفاري جي روزي جا ٻه احڪام

﴿10﴾ هن روزن ۾ رات کان نيت شرط آهي ۽ هي به ضروري آهي ته ڪفاري جي نيت سان هجن مطلق روزي

جي نيت ڪافي ناهي. (مبسوط ج 4 ص 166)

## قسم ٽوڙڻ کان پهريان ڪفارو ادا ڪيو ته ادا نه ٿيو

﴿11﴾ قسم ٽوڙڻ کان پهريان ڪفارو ناهي، ۽ (جيڪڏهن ڏئي به ڇڏيو) ته ادا نه ٿيندو يعني جيڪڏهن ڪفارو ڏيڻ کان پوءِ قسم ٽوڙيو ته هاڻي وري ڏي جيڪو پهريان ڏنو هو اهو ڪفارو ناهي، پر فقير کي ڏنل واپس نٿو وٺي سگهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 2 ص 64)

## ڪفاري جو مستحق ڪير؟

﴿12﴾ ڪفارو انهن مسڪينن کي ڏئي سگهي ٿو جنهن کي زڪواة ڏئي سگهي ٿو يعني پنهنجي پيءُ ماءُ اولاد وغيره جن کي زڪواة نٿو ڏئي سگهي ڪفارو به نٿو ڏئي سگهي. (درمختار ج 5 ص 527)

﴿13﴾ قسم جي ڪفاري جي قيمت مسجد ۾ صرف (يعني خرچ) نٿو ڪري سگهي، نه مردي جي ڪفن ۾ لڳائي سگهي ٿو يعني جتي زڪواة خرچ نٿو ڪري سگهي اتي ڪفاري جي قيمت نٿي ڏئي سگهجي. (عالمگيري ج 2 ص 62) (قسم ۽ ڪفاري جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1182 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهارشريعت جلد 2 صفحي 298 کان 311 جو مطالعو ضروري آهي)

## ديني يا سماجي اداري کي ڪفاري جي رقم ڏيڻ جو اهم مسئلو

جيڪڏهن ڪنهن ديني يا مسلمانن جي سماجي اداري کي ڪفاري جي رقم ڏيڻ چاهي ته ڏئي سگهي ٿو پر ٻڌائڻو پوندو ته هي ڪفاري جي رقم آهي ته جيئن ان کي الڳ رکي ان کي بيان ڪيل طريقي مطابق ڪم ۾ آڻن يعني هڪ ئي مسڪين کي ڏهن ڏينهن تائين ٻنهي وقتن جو کاڌو کارائن يا ڏهن مسڪينن کي ٻنهي وقت جو کاڌو کارائن وغيره، جيڪڏهن ديني ادارو ديني ڪمن ۾ صرف ڪرڻ چاهي ته حيلي جو طريقو هي آهي مثلاً هڪ ئي مسڪين کي روزانو هڪ صدقه فطر يا ڏهن مسڪينن کي هڪ ئي ڏينهن ۾ هڪ هڪ صدقه فطر جو مالڪ بڻايو وڃي ۽ اهو پنهنجي طرفان ديني ڪمن جي لاءِ پيش ڪري .

تُو جھوٹی قسم سے بچا یا الٰہی
مجھے سچ کا عادی بنا یا الٰہی!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا إِلَى الله! أَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## واهه ڇا ڳالهه آهي مدني تربيتي ڪورس جي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪوڙن قسمن کان توبه جو جذبو پائڻ، ڳالهه ڳالهه تي قسم کڻڻ جي عادت ختم ڪرڻ، ضروري ديني معلومات حاصل ڪرڻ، سنتن تي عمل جي عادت بڻائڻ جي لاءِ ”دعوت اسلامي“ جي مدني ماحول ۾ 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس ڪرايو وڃي ٿو، جنهن کان ٿي سگهي اهو ھي فائديمند تربيتي ڪورس ضرور ڪري، اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪئي وڃي ٿي جيئن هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اسان جي علائقي جو هڪ نوجوان جيڪو والدين جو اڪيلو پٽ هو، غلط صحبت جي سبب چرس جو عادي بڻجي ويو، گهر کان ٻاهر رهڻ جو ان جو معمول هو، والد صاحب اڪثر ان کي قبرستان مان چرسين جي وچ مان گهر وٺي ايندا ها، سڄي گهر وارا هن جي سبب پريشان ها، هڪ ڏينهن هڪ اسلامي ڀاءُ ان نوجوان تي انفرادي ڪوشش ڪندي ان کي مدني تربيتي ڪورس ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، خوش قسمتي سان ان حامي ڀري ۽ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه ۾ اچي ويو، سڀ گهر وارا خوش ٿي ويا! سيئي گهر وارا دعا ڪري رهيا ها ته هي نيڪ بڻجي وڃي پر ايجا به دِل ها ته ڪٿي واپس اچي نه وڃي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪجهه ائين فون آيو ته ”تربيتي ڪورس ۽ فيضان مدينه ۾ تمام گهڻو مزو اچي رهيو آهي، فيضان مدينه ۾ ائين لڳي ٿو ته مديني منور زادها الله شرفاً وتعظيماً مان سڌو سنئون فيض اچي

رهيو آهي مون پنهنجي سڀني گناهن کان توبہ ڪري ڇڏي آهي هاڻي مان با جماعت نمازون ادا ڪري رهيو آهيان سنتون سکي رهيو آهيان ۽ مون کي تمام سکون ملي رهيو آهي.“ اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني تربيتي ڪورس مان واپسي تي اهو واقعي بدلجي چڪو هو، ان جي حيرت انگيز تبديلي تي سڀ گهر وارا بلڪ پورو پاڙو حيران هو، چهري تي پُر نور ڏاڙهي ۽ مٿي تي سبز عمامي شريف جو تاج جڳمڳ جڳمڳ ڪري رهيو هو، ان گهر ايندي گهروارن تي انفرادي ڪوشش شروع ڪئي جنهن جي برڪت سان والد صاحب بہ چهري تي ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو ۽ پابندي سان هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت فرمائڻ لڳا، امڙ سائڻ ”درس نظامي“ ۽ ڀيڻ ”شريعت ڪورس“ ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويون، ان نوجوان جي والد صاحب مبلغ دعوت اسلامي کي ڪجهه ائين ٻڌايو تہ مان دعوت اسلامي وارن جي لاءِ برڪت جي دعا ڪيان ٿو، خاص ڪري انهن جي لاءِ جنهن منهنجي پٽ تي ”انفرادي ڪوشش“ ڪئي ۽ 63 ڏينهن جي مدني تربيتي ڪورس ۾ هٿو هٿ وٺي ويا ڇوتہ اسان ان جي عادتن مان گهڻا پريشان هئاسين، هن جي امڙ تہ ايترو بيزار ٿي چڪي هئي جو هڪ ڏينهن جذبات ۾ اچي جيت مار دوا ڪٽي آئي تہ يا مان کائي مري ويندس يا هن کي کارائي ڪري ماري ڇڏيندس، هاڻي ان جي والده روئي روئي دعائون ڏيندي آهي تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي وارن کي سلامت رکي انهن جي ڪوششن سان منهنجو بگڙيل پٽ نيڪ بڻجي ويو.

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ — تم آجاؤ دیگا سکھا مَدَنی ماحول
تُو داڑھی بڑھا لے عمامہ سجا لے — نہیں ہے یہ ہرگز بُرا مَدَنی ماحول (وسائل بخشش ص٦٠٤)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گهروارن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! انفرادي ڪوشش جون بہ ڇا خوب بهارون آهن! هڪ بگڙيل نوجوان 63 ڏينهن مدني تربيتي ڪورس ۾ شريڪ ٿي ويو

۽ ان جي برڪت سان گناهن کان توبہ ڪري گهر وارن جي اصلاح ۾ لڳي ويو، واقعي اسان سڀني کي بہ پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر وارن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، اچو! گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جي ڪوشش لاءِ "باغ سنت" مان رحمت جا مدني گل چونديون ٿا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## "يا خدا! اسان کي متقي بڻاءِ" جي اوڻيهہ اکرن جي نسبت سان گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جا 19 مدني گل

﴿1﴾ گهر ۾ ايندي ويندي بلند آواز سان سلام ڪريو.
﴿2﴾ والد يا والده کي ايندي ڏسي ڪري تعظيمًا اٿي بيهو.
﴿3﴾ ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو اسلامي ڀاءُ والد صاحب ۽ اسلامي ڀينرون ماءُ جا هٿ ۽ پير چمن.
﴿4﴾ والدين جي سامهون آواز هلڪو رکو، انهن سان اکيون هرگز نہ ملايو. نظر جهڪائي ڳالهہ ٻولهہ ڪيو.
﴿5﴾ سندن سونپيل هر اهو ڪم جيڪو خلافِ شرع نہ هجي فورًا ڪري ڇڏيو.
﴿6﴾ سنجيدگي اپنايو، گهر ۾ تون تون مان مان ڪرڻ، ۽ مذاق مسخري ڪرڻ، ڳالهہ ڳالهہ تي ڪاوڙ ڪرڻ، کاڌي مان عيب ڪڍڻ، ننڍي ڀاءَ ڀينرن کي دڙڪا ڏيڻ، مارڻ گهر جي وڏن سان الجهڻ، بحثون ڪرڻ وغيره جون جيڪڏهن اوهان جون عادتون هجن تہ بلڪل پنهنجي اندر تبديلي آڻيو، ۽ هر هڪ کان معافي تلافي ڪيو.
﴿7﴾ گهر ۽ ٻاهر هر جڳهہ اوهان سنجيدا ٿي ويندا تہ ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ گهر جي اندر بہ ضرور ان جون برڪتون ظاهر ٿينديون.
﴿8﴾ ماءُ بلڪ چاهي ٻارن جي ماءُ هجي ان کي، گهر (۽ ٻاهر) جي هڪ ڏينهن جي ٻار کي توهان چئي ڪري ئي مخاطب ٿيو.

﴿9﴾ پنهنجي پاڙي واري مسجد جي سومهڻي جي جماعت جي وقت کان وٺي ڪري پن ڪلاڪن جي اندر سمهي پئو، ڪاش! تَهَجُّد ۾ اک کلي وڃي نه ته گهٽ ۾ گهٽ فجر جي نماز ته بآساني (مسجد جي پهرين صف ۾ باجماعت) مُيَسَّر اچي وڃي ۽ پوءِ ڪم ڪار ۾ به سستي نه ٿئي.

﴿10﴾ گهر جي ڀاتين ۾ جيڪڏهن نماز جي سستي، بي پردگي، فلمن، ڊرامن ۽ گانن باجن جو سلسلو هجي ۽ جيڪڏهن اوهان سرپرست نه آهيو ۽ توهان سمجهو ٿا ته اوهان جي نه ٻڌي ويندي ته بار بار ٽوڪڻ بدران، سيني کي نرميءَ سان مڪتبة المدينه جون جاري ٿيل سنتن ڀريي بيانات جون آڊيو ڪيسٽون ٻڌايو، آڊيو وڊيو سي ڊي ٻڌرايو ڏيکاريو مدني چينل به ڏيکاريو اِن شآء الله عَزَّوَجَلَّ "مدني نتيجا" برآمد ٿيندا.

﴿11﴾ گهر ۾ ڪيترين ئي چڙهون ملن بلڪ مار به کائڻي پوي، صبر، صبر ۽ صبر ڪريو، جيڪڏهن توهان زبان درازي ڪندؤ ته "مدني ماحول" بڻجڻ جي ڪا اميد ناهي بلڪ مزيد بگاڙ پيدا ٿي سگهي ٿو جو هرويرو سختيءَ سان اڪثر شيطان ماڻهن کي ضدي بڻائي ڇڏيندو آهي.

﴿12﴾ مدني ماحول بڻائڻ جي لاءِ هڪ بهترين ذريعو هي به آهي ته گهر ۾ روزانو فيضانِ سنّت جو درس ضرور ضرور ڏيو يا ٻڌو.

﴿13﴾ پنهنجي گهر وارن جي دنيا و آخرت جي بهتري لاءِ دلسوزي سان دعا به ڪندا رهو، فرمان مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم آهي: اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤمِنِ يعني دعا مومن جو هٿيار آهي. (المستدرڪ للحاڪم ج 2 ص 162 حديث 1855)

﴿14﴾ ساهرن ۾ رهڻ وارين جتي گهر جو ذڪر آهي اتي ساهرن ۽ جتي والدين جو ذڪر آهي اتي سَسُ ۽ سُهري سان اهوئي حُسن سلوڪ بجا آڻين جڏهن ته ڪو مانع شرعي نه هجي . ها هي احتياط ضروري آهي ته ننهن سُهري جا هٿ پير نه چمي، ائين نياڻو به سس جا .

﴿15﴾ مسائلُ القرآن ص 290 تي آهي هر نماز کان پوءِ هيٺ ڏنل دعا اول ۽ آخر درود

شريف سان هڪ ڀيرو پڙهي وٺو اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٻار ٻچا سنّتن جا پابند بڻجندا ۽ گهر ۾ مدني ماحول بڻجندو . دعا هي آهي: (اَللّٰهُمَّ) رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَ ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّاجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿۷۴﴾ [1] (پ 19 الفرقان 74) ("اَللّٰهُمَّ" آيتِ قرآني جو حصو نہ آهي)

﴿16﴾ نافرمان ٻار يا وڏو جڏهن ستل هجي تہ 11 يا 21 ڏينهن تائين ان جي سيرانديءَ کان بيهي ڪري هيٺ ڏنل آيتون صرف هڪ ڀيرو ايتري آواز سان پڙهو جو ان جي اک نہ کلي (مدت 11 کان 21 ڏينهن) بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ ﴿۲۱﴾ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ﴿۲۲﴾ [2] (پ 30 البروج 21،22) (اول ۽ آخر هڪ دفعو درود شريف) ياد رهي! وڏو نافرمان هجي تہ ان جي ننڊ جي وقت وظيفو پڙهڻ سان جاڳڻ جو انديشو آهي خاص ڪري ان وقت جڏهن ان جي ننڊ گهري نہ هجي ۽ اها خبر پوڻ مشڪل هجي تہ صرف اکيون بند آهن يا سمهي رهيو آهي، تنهنڪري جتي فِتني جو خوف هجي اتي اهو عمل نہ ڪيو وڃي خاص ڪري زال پنهنجي مڙس تي اهو عمل نہ ڪري.

﴿17﴾ ۽ نافرمان اولاد کي فرمانبردار بڻائڻ لاءِ مراد پوري ٿيڻ تائين فجر نماز کان پوءِ آسمان ڏانهن رخ ڪري "يَاشَهِيْدُ" 21 ڀيرا پڙهو (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف پڙهو)

﴿18﴾ مدني انعامات مطابق عمل جي عادت بڻايو ۽ گهر جي جنهن فرد جي دل ۾ نرم گوشو ڏسو ان ۾ ۽ اوهان جيڪڏهن پيءُ آهيو تہ اولاد ۾ نرمي ۽ حڪمت عملي سان مدني انعامات جو نفاذ ڪريو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان گهر ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويندو.

﴿19﴾ پابندي سان هر مهيني گهٽ مان گهٽ ٽي ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو، ۽ گهر وارن جي لاءِ

---

(1) ترجمو ڪنزالايمان: اي اسان جا رب اسان کي ڏي اسان جي زالن ۽ اسان جي اولاد مان اکين جي ٺڌائي ۽ اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ بڻاءِ- (پ 19 الفرقان 74)

(2) ترجمو ڪنزالايمان: بلڪ اهو ڪمال شرف وارو قرآن آهي لوح محفوظ ۾. (پ 30 البروج 21،22 )

دعا به ڪيو، مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان به گهرن ۾ مدني ماحول بڻجڻ جون مدني بهارون پڌڻ لاءِ ملن ٿيون .

رَوَیّے سے تیرے ہیں گھر والے بدظن ۔۔۔ تو کیسے بنے گا بھلا مَدَنی ماحول
تُو کرنا نہ گھر میں لڑائی بھڑائی ۔۔۔ وگرنہ نہ بن پائے گا مَدَنی ماحول
تُو بک بک نہ کر، لب پہ قفلِ مدینہ ۔۔۔ لگا گھر میں بن جائے گا مَدَنی ماحول
تُو نرمی و حکمت کو اپنالے بھائی! ۔۔۔ ترے گھر میں بن جائیگا مَدَنی ماحول
نہ کر مَسخری خوب سنجیدہ ہو جا ۔۔۔ ترے گھر میں بن جائیگا مَدَنی ماحول
جو اَخلاق سے تیرے ماں باپ ہیں خوش ۔۔۔ ترے گھر میں بن جائیگا مَدَنی ماحول
تو نظریں جُھکا کرکے کر بات سب سے ۔۔۔ ترے گھر میں بن جائیگا مَدَنی ماحول
تُو گھر میں سبھی کو دِکھا مَدَنی چینل ۔۔۔ ترے گھر میں بن جائیگا مَدَنی ماحول
سدا گھر میں دے دَرسِ فیضانِ سنّت ۔۔۔ ترے گھر میں بن جائیگا مَدَنی ماحول
تُو ماں باپ کی دَسْت بوسی کیا کر ۔۔۔ ترے گھر میں بن جائیگا مَدَنی ماحول
تُو چھوٹوں پہ شفقت بڑوں کا ادب کر ۔۔۔ ترے گھر میں بن جائیگا مَدَنی ماحول
پڑے ڈانٹ کیسی ہی تُو سہ لیا کر ۔۔۔ ترے گھر میں بن جائیگا مَدَنی ماحول
اگر ہو پٹائی نہ کر لب کشائی ۔۔۔ ترے گھر میں بن جائیگا مَدَنی ماحول

دُعا کر یہ شام و سَحَر گڑگڑا کر
بنے میرے گھر میں خدا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**واقعهءِ اِفڪ** صفحي 133 تي سيدنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي حڪايت ۾ جنهن واقعهءِ اِفڪ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي اهو ”خزائن العِرفان“ ۾ ائين بيان ڪيو ويو آهي: سن 5 هجري ۾ غزوهءِ بَنِي المُصطَلِق کان واپسي جي وقت قافلو مدينہ طيبہ جي ويجهو هڪ منزل تي رڪيو تہ اُمُّ المُؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا ضرورت جي لاءِ ڪنهن گوشي ۾ تشريف وٺي ويون، اتي سندس هار ٽُٽي پيو، ان جي تلاش ۾ مصروف ٿي ويون. هيڏانهن قافلو روانو ٿي ويو ۽ سندن جي ڪجاوه شريف کي اُٺ تي ٻڌي ڇڏيو ۽ انهن کي اهوئي خيال رهيو تہ اُمُّ المؤمنين (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا) هِن ڪجاوي ۾ تشريف فرما آهن، قافلو روانو ٿيو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا اچي قافلي جي جاءِ وٽ ويهي رهيون هن خيال سان تہ منهنجي ڳولا ۾ قافلو ضرور واپس ٿيندو. قافلي جي پويان ڪِريل شين جي کڻڻ لاءِ هڪ ماڻهو مقرر ٿيل هوندو هو. ان موقعي تي حضرت صفوان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان ڪم تي مقرر هو. جڏهن اهي آيا ۽ ان پاڻ سڳوري (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا) کي ڏٺو تہ بلند آواز سان اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْن پڪاريو. پاڻ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا) جلدي ڪپڙي سان پردو ڪري ورتو. ان پنهنجي اُٺڙي ويهاري. پاڻ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا) ان تي سوار ٿي ڪري لشڪر کي پهتي. اندر جي ڪارن منافقن خراب وهم پکيڙيا ۽ سندس شان مبارڪ ۾ بدگوئي شروع ڪئي، ڪي مسلمان بہ انهن جي فريب ۾ اچي ويا ۽ انهن جي زبان تان بہ ڪو نامناسب ڪلمو سرزد ٿيو. اُمُّ المُؤمنين (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا) بيمار ٿي پئي ۽ هڪ مهيني تائين بيمار رهي. ان زماني ۾ کيس اطلاع نہ ٿيو تہ سندس متعلق منافِق ڇا بڪي رهيا آهن. هڪ ڏينهن کيس اُمِّ مِسطَح رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان اها خبر معلوم ٿي تڏهن سندس بيماري اجا وڌي وئي ۽ ان صدمي جي سبب اهڙي رُني جو سندس ڳوڙها نہ بيهندا هئا ۽ نہ هڪ گهڙي ننڊ ايندي هئي. ان حال ۾ محبوب سيد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي وحي نازل ٿي ۽ حضرت اُمُّ المُؤمنين (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا) جي پاڪائي ۾ هي آيتون (يعني سورة النّور جون ڪئي آيتون) نازل ٿيون ۽ سندس شرف ۽ مرتبو الله تعاليٰ ايترو وڌايو جو

قرآن ڪريم جي گهڻين آيتن ۾ سندس پاڪائي جي فضيلت بيان فرمائي وئي. ان دوران محبوب سيد الڪونين صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن منبر تي چڙهي قسم سان فرمايو تہ مون کي پنهنجي اهل جي پاڪائي ۽ خوبي يقين سان معلوم آهي. پوءِ جنهن شخص انهن جي حق ۾ بدگوئي ڪئي آهي، ان جي طرف کان مون وٽ ڪير معذرت پيش ڪري سگهي ٿو؟ حضرت عمرفاروق رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمايو تہ منافق يقيناً ڪوڙا آهن. اُمُّ المُؤمِنين يقيناً پاڪ آهي. اللّٰه تعاليٰ محبوب سيد عالم صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن جي جسم مبارڪ کي مک جي ويهڻ کان محفوظ رکيو جو اها پليتي تي ويهي ٿي. هي ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو اهو پاڻ محبوبن ڪريمن صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم کي بد عورت جي صحبت کان محفوظ نہ رکي. حضرت عثمان رضی اللہ تعالیٰ عنہ بہ اهڙي طرح پاڪائي بيان ڪئي ۽ فرمايو تہ اللّٰه تعاليٰ توهان جي پاڇي کي زمين تي پوڻ نہ ڏنو تہ جيئن ان تي ڪنهن جو پير نہ اچي. سو جيڪو پروردگار (عزوجل) توهان جي پاڇي مبارڪ کي بہ محفوظ رکي ٿو. ڪهڙي طرح ممڪن آهي جو اهو توهان جي اهل کي محفوظ نہ فرمائي. حضرت علي المرتضيٰ رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمايو تہ هڪ جُونءِ جي رت لڳڻ سان جهانن جي پالڻهار عزوجل توهان محبوبن سڳورن کي نعلين مبارڪ لاهڻ جو حڪم فرمايو. جيڪو پروردگار عالم(عزوجل) توهان محبوبن ڪريمن صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي نعلين مبارڪ جي ايتري خسيس گندگي کي پسند نہ فرمائي. ممڪن نہ آهي جو اهو توهان جي اهل ۾ شائبو پسند فرمائي. اهڙي طرح گهڻن صحابہ سڳورن ۽ صحابيات سڳورين (رضی اللہ تعالیٰ عنہم) قسم کنيا. آيت نازل ٿيڻ کان اڳ ئي اُمُّ المُؤمِنين (رضی اللہ تعالیٰ عنہا) جي طرف کان دليون مطمئن هيون. آيت جي نزول تہ اجا وڌيڪ سندس عزت ۽ شرف کي مٿانهون ڪري ڇڏيو. پوءِ بدگوئن جي بدگوئي اللّٰه تعاليٰ ۽ ان جي حبيب اقدس صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ۽ صحابہ ڪرام(رضی اللہ تعالیٰ عنہم) وٽ باطل محض آهي ۽ بدگوئي ڪرڻ وارن منافقن جي لاءِ سخت ترين مصيبت آهي.

(خزائن العرفان ص 248)

بنتِ صِدِّیق آرامِ جانِ نبی     اُس حریمِ بَراءَت پہ لاکھوں سلام
یعنی ہے سورۂ نُور جن کی گواہ     اُن کی پُر نور صُورت پہ لاکھوں سلام (حدائقِ بخشش شریف)

مشڪل الفاظ جي معنيٰ: **حريم**: گهرواريءَ ، **براءت**: ڇوٽڪارو، نجات

**شرحِ ڪلامِ رضا**: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي ٻنهي شعرن جو ترتيب وار خلاصو هي آهي: (1) **اُمّ المؤمنين** حضرت سيدتنا عائشه صديقه رضی اللہ تعالٰی عنہا جيڪي امير المؤمنين حضرت سيدنا صديق اڪبر رضی اللہ تعالٰی عنہ جي قابل احترام شهزادي آهي ۽ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جي مبارڪ دل ۽ جان جو سڪون آهن، الله تعاليٰ جي رحمت واري بارگاهه مان جنهن جي پاڪ دامن هجڻ جو بيان فرمايو ويو، ان تي اسان جا لکين سلام هجن (2) اسان جي پياري پياري امڙ سائڻ تي جڏهن منافقن تهمت لڳائي ته الله تبارڪ و تعاليٰ سورة النور جون مبارڪ آيتون نازل فرمائي ان جي پاڪيزگي ۽ طهارت جو اعلان فرمايو ۽ قيامت تائين ان جي عِفت ۽ پارسائي تي مهر لڳائي ڇڏي، اسان جي اهڙي عظمت واري پاڪ دامن امڙ سائڻ جي نوراني صورت تي لکين سلام هجن.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اجتماع جي برڪت سان جنت ملي وئي

مدينه

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 132 صفحن تي مشتمل ڪتاب "توبہ کی روایات وحکایت" صفحي 75 کان 77 تي آهي: حضرت سيدنا صالح مُرّي علیہ رحمۃ اللہ القوی هڪ اجتماع ۾ پنهنجي بيان جي دوران سامهون ويٺل هڪ نوجوان کي فرمايو: ڪا آيت پڙهو، ته انهن سُوْرَةُ الْمُؤْمِن جي آيت نمبر 18 تلاوت ڪئي:

وَاَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْاٰزِفَةِ اِذِ الْقُلُوْبُ لَدَى الْحَنَاجِرِ كٰظِمِيْنَ ۬ؕ مَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ حَمِيْمٍ وَّلَا شَفِيْعٍ يُّطَاعُ ؕ (پ٢٤، المؤمن:١٨)

**ترجموڪنزالايمان**: ۽ انهن کي ڊيڄار ان ويجهي اچڻ واري آفت جي ڏينهن کان جڏهن دليون نڙيءَ وٽ اچي ويندليون ڏک ۾ ڀريل ۽ ظالمن جو نه ته ڪو دوست نه ڪو وري سفارشي هوندو جنهن جو چيو مڃيو وڃي.

هي آيت شريف ٻڌي پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمايائون: ڪو ظالم جو دوست ۽ مددگار

ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ جوته هو الله تعاليٰ جي گرفت (يعني پڪڙ) ۾ هوندو، بيشڪ توهان سرڪشي ڪرڻ وارن گنهگارن کي ڏسندؤ ته انهن کي زنجيرن ۾ ٻڌي جهنم ڏانهن وٺي وڃي رهيا هوندا ۽ اهي اگهاڙا هوندا، انهن جا جسم هلڪا، چهرا ڪارا ۽ اکيون خوف سبب نيريون هونديون، اهي رڙيون ڪندا: اسان هلاڪ ٿي وياسين! اسان برباد ٿي وياسين! اسان کي زنجيرن ۾ ڇو ٻڌيو ويو آهي؟ اسان کي ڪٿي وٺي وڃي رهيا آهن؟ ۽ اسان سان هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟ فرشتا انهن کي باهه جي ڳوڙن سان ماريندي، هڪليندا، ڪڏهن اهي منهن ڀر ڪرندا ۽ ڪڏهن انهن کي گهيلندي وٺي ويندا، جڏهن روئي روئي انهن جا لڙڪ ختم ٿي ويندا ته رت جا ڳوڙها وهڻ لڳندا انهن جون دليون ڏکي وينديون، ۽ حيران ۽ پريشان هوندا جيڪڏهن ڪو انهن کي ڏسي وٺي ته انهن تي نظر نه ڄمي، نه پنهنجي دل سنڀالي سگهندا، هي خوفناڪ منظر ڏسڻ واري جي بدن تي ڏڪڻي طاري ٿي ويندي.

هي فرمائڻ کان پوءِ حضرت سيدنا صالح مُرّي علیہ رحمۃ اللہ القوی روئڻ لڳا ۽ هڪ آهه سرد دل پُر درد مان ڪڍي فرمايائون: ”افسوس! ڪهڙو نه دل ڏڪائڻ وارو منظر هوندو“ هي چئي وري روئڻ لڳا، پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ کي روئيندو ڏسي حاضرين به روئڻ لڳا، ايتري ۾ هڪ نوجوان بيٺو ۽ چوڻ لڳو: ياسيدي! ڇا هي سڄو منظر قيامت جي ڏينهن ٿيندو؟ پاڻ جواب ڏنو: ها هي منظر وڏيڪ طويل نه هوندو ڇو ته جڏهن انهن کي جهنم ۾ داخل ڪيو ويندو ته انهن جا آواز اچڻ بند ٿي ويندا، هي ٻڌي نوجوان هڪ رڙ ڪئي ۽ چيائين: افسوس! مون پنهنجي زندگي غفلت ۾ گذاري ڇڏي، افسوس! مان ڪوتاهين جو شڪار رهيس، افسوس! مان ربّ تعاليٰ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ سستي ڪندو رهيس، هاءِ! مون پنهنجي زندگي بيڪار ضايع ڪري ڇڏي. هي چئي اهو روئڻ لڳو، ڪجهه دير کان پوءِ ان ربِّ ڪائنات جي بارگاهِ بيڪس پناهه ۾ ائين مناجات ڪئي: اي منهنجا پروردگار عزّوجلّ! مان گنهگار توبه جي لاءِ دربار ۾ حاضر آهيان، مون کي تنهنجي ڪرم کان سواءِ ٻيو ڪو آسرو

ناهي، گناهن جي معافي ڏئي مون کي قبول فرماءِ، مون سميت سڀني حاضرين تي پنهنجو فضل ۽ ڪرم فرماءِ ۽ اسان کي جود و نوال (يعني عطا ۽ بخشش) سان مالا مال ڪري ڇڏ، يَا اَرحَمَ الرَّاحِمِين! (يعني اي سڀني کان وڌيڪ رحم فرمائڻ وارا) مون گناهن جي ڳنڍڙي تنهنجي سامهون رکي آهي ۽ سچي دل سان تنهنجي بارگاهه ۾ حاضر آهيان، جيڪڏهن تون مون کي قبول نه فرمائيندين ته يقيناً مان هلاڪ ٿي ويندس. ايترو چئي اهو نوجوان غش کائي ڪري پيو، ۽ ڪجهه ڏينهن بيمار رهڻ کان پوءِ موت جو شڪار ٿي ويو، ان جي جنازي نماز ۾ بشمار ماڻهو شريڪ ٿيا، روئي روئي ان جي لاءِ دعائون ڪيون ويون، حضرت سيدنا صالح مري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي اڪثر ان جو ذڪر پنهنجي بيان ۾ ڪندا هيا، هڪ ڏينهن ڪنهن ان نوجوان کي خواب ۾ ڏٺو ته پڇيو: ما فَعَلَ اللهُ بِک يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ته ان جواب ڏنائين: مون کي ته حضرت سيدنا صالح مُرّي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي جي اجتماع جون برڪتون مليون ۽ مون کي جنت ۾ داخل ڪيو ويو. (ڪتاب التَّوَّابين ص 250، 252) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## خواب ۾ بارگاهِ رسالت ۾ تلاوت جي سعادت

مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! باعمل مبلغن جو بيان ڪيڏو نه پُر اثر ٿيندو آهي، خوف خدا رکندڙ مبلغ جو بيان تاثير جو تير بڻجي گنهگار جي جگر مان آرپار ٿي ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان جي دنيا ۽ آخرت سنواري ڇڏيندو آهي، سيدنا صالح مُرّي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي زبردست قاري پڻ ها، سندن جي قراءت ۾ سوز ئي سوز هوندو هو، پاڻ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون خواب ۾ جناب رسالت مآب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون قرآن شريف پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، تاجدار رسالت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي صالح! هي ته قرءات ٿي روئڻ ڪٿي آهي؟ (احياءُ العلوم ج 1 ص 368) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## تلاوت ۾ روئڻ ثواب جو ڪم آهي

مدني منا اسلامي ڀائرو! قرآن شريف جي تلاوت ڪندي روئڻ مستحب آهي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندي روئو جيڪڏهن روئي نه سگهو ته روئڻ جيان شڪل بڻايو. (سنن ابن ماجہ ج 2 ص 129 حديث 1337)

عطا کر مجھے ایسی رِقّت خدایا

کروں روتے روتے تلاوت خدایا

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مرڻ کان ڪجهه مهينا پهريان انفرادي ڪوشش

مدني منا اسلامي ڀائرو! تلاوت ڪندي يا ٻڌندي رِقت طاري ٿيڻ، اکين مان ڳوڙها جاري ٿيڻ يقيناً وڏي سعادت جي ڳالهه آهي پر شيطان جي وار کان خبردار! روئڻ هڪ اهڙو عمل آهي جو هن ۾ ريا (يعني ڏيکاءُ) جو خطرو تمام گهڻو رهندو آهي، تنهنڪري دعا وغيره ۾ خاص ڪري ٻين جي سامهون روئڻ ۾ ريا کان بچڻ ضروري آهي چو ته رياڪار عذابِ نار جو حقدار هوندو آهي، تلاوت ۽ نعت ۾ اخلاص سان روئڻ ۽ روئارڻ جو شوق وڌائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندا رهو، مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو ۽ هن تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو "فڪر مدينه" ڪري مدني انعامات جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ هن مدني مقصد "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ مان گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾

عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ **مدني بهار** پيش آهي: باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ مبلغ جيڪي روزانو پابندي سان چوڪ درس ڏيندا هئا، هڪ شخص جيڪو سنتن ڀري تحريڪ "دعوت اسلامي" کي پسند نہ ڪندو هو، ان تَعَصُّب جي ڪري ٿاڻي تي مبلغ جي خلاف ڪوڙي رپورٽ داخل ڪرائي تہ هي علائقي ۾ انتشار ڦهلائي رهيو آهي، پوليس آئي ۽ هن عاشق رسول کي ٿاڻي تي وٺي وئي، اَلحَمدُلِله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جو مبلغ هر جڳهہ تي مبلغ هوندو آهي، پوءِ هتي هڪ "مجرم" سان ملاقات تي انهن "انفرادي ڪوشش" ڪندي ان کي تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪري ورتو، ان چيو: مان قيد مان آزاد ٿيس تہ ضرور حاضري ڏيندس، ڇا توهان مون کي اتي ملندؤ؟ مبلغ چيو: اِن شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ پوءِ انهن پنهنجو حلقو نمبر وغيره ڏئي ٻڌايو تہ مان اجتماع ۾ اتي هوندو آهيان، پوليس ان جو حسن اخلاق وغيره ڏسي حقيقت حال ڄاڻي ورتي ۽ معذرت طلب ڪندي ان "عاشق رسول" کي باعزت رخصت ڪيو، ڪجهہ مهينن ڪان پوءِ اهو مجرم جڏهن جيل مان آزاد ٿيو تہ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز **فيضان مدينہ** باب المدينہ ڪراچي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ پهتو، ان بيان ٻڌو، ذڪر ۽ دعا ۾ ان تي رقت طاري ٿي وئي، ان روئي روئي پنهنجي گناهن کان توبہ ڪئي، دعا کان پوءِ ان مبلغ کي جنهن ٿاڻي ۾ هن کي نيڪي جي دعوت ڏني هئي تلاش ڪندي جڏهن ان جي ٻڌايل حلقي ۾ پهتو تہ هڪ اسلامي ڀاءُ ٻڌايو تہ پوئين اڱاري تي ان مبلغ جو انتقال ٿي ويو آهي، هي ٻڌي هو اوڇنگاريون ڏئي روئڻ لڳو جو زندگي ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن "**نيڪي جي دعوت**" ڏني انهي ڪري مون توبہ ڪئي، هاءِ افسوس! مان پنهنجي محسن سان ٻيهر نہ ملي سگهيس، هڪ عاشق رسول انفرادي ڪوشش ڪندي ان جو ذهن بڻايو تہ اوهان

ان سان ملي تہ نتا سگهو پر ان کي فائدو پهچائي سگهو ٿا ۽ ان جو طريقو هي بہ آهي جو ان جي ايصالِ ثواب جي لاءِ اڄ ئي هٿو هٿ سنتن جي تربيت جي **30 ڏينهن جي مدني قافلي** ۾ عاشقان رسول جي صحبت ۾ سنتن ڀريو سفر ڪيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اهو هٿو هٿ 30 ڏينهن جي عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر تي روانو ٿي ويو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اڄ اهو "مجرم" دعوت اسلامي جو مبلغ آهي جڏهن تہ ان ڪان ڀهريان مَعَاذَالله اُهو شراب جو اڏو هلائيندو هيو.

آپ تھانے میں بھی، جیل خانے میں بھی
ہر جگہ پر کہیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مُبلغ هر جڳهہ تي مبلغ هوندو آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي مُبَلِّغ هر جڳهہ تي مبلغ هوندو آهي، هر وقت هر جڳهہ پنهنجو لباس ۽ پنهنجو انداز سنتن ڀريو رکندو آهي، چاهي پاڙي ۾ هجي يا بازار ۾، جنازي ۾ هجي يا شادي جي ڄڃ ۾، دواخاني ۾ هجي يا اسپتال ۾، باغ ۾ هجي يا ڪنهن جي تدفين جي لاءِ قبرستان ۾، جتي موقعو مليو هڪدم **نيڪي جي دعوت** جا مدني گل وسائڻ شروع ڪندو آهي ۽ پنهنجي لاءِ ثواب جو ذخيرو جمع ڪري وٺندو آهي. ذڪر ڪيل مدني بهار مان خبر پئي تہ مرحوم عاشق رسول مبلغ جو جذبو بہ خوب هو جو ظلماً ڪنهن ٺاڻي ۾ آٿي بيهاريو تڏهن بہ نيڪي جي دعوت جي مدني ڪم ۾ لڳي ويا ۽ هڪ شراب جي اڏي هلائيندڙ جي توبہ ۽ ان جي مبلغ دعوت اسلامي بڻجڻ جو سبب ٿي ڪري سدائين لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيون. **الله عَزَّوَجَلَّ جي مرحوم عاشقِ رسول مبلغ تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

تری سنّتوں پہ چل کر مری روح جب نکل کر
چلے تم گلے لگانا مَدَنی مدینے والے (وسائلِ بخشش ص۲۸۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## الله عَزَّوَجَلَّ جو پيارو بڻائڻ وارا ماڻهو

بي چين دلين جي چين، رحمت دارين، تاجدار حرمين، سرورِ ڪونين، نانا حسنين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: ڇا مان توهان کي اهڙن ماڻهن جي خبر نه ڏيان جيڪي نه انبياء مان آهن نه شُهداء مان پر قيامت جي ڏينهن انبياء ۽ شهداء انهن جو مرتبو ڏسي رشڪ ڪندا، اهي ماڻهو نور جي منبرن تي بلند هوندا، هي اهي ماڻهو آهن جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي ٻانهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب (يعني پيارو) ٻانهو بڻائي ڇڏيندا آهن، ۽ اهي زمين تي (ماڻهن کي) نصيحتون ڪندا هلندا آهن.“ عرض ڪيو ويو: اهي ڪيئن ماڻهن کي الله تعاليٰ جو محبوب بڻائي ڇڏيندا آهن؟ فرمايائون: اهي ماڻهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب (يعني پسنديده) ڳالهين جو حڪم ڏيندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناپسنديده ڳالهين کان منع ڪندا آهن، پوءِ ماڻهو انهن جي اطاعت ڪندا ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آهي.

(شعب الايمان ج 1 ص 367 حديث 409)

## مبلغ محبوب ٿي نه محبوب گر هوندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ وارن جو به ڪيڏو نه مان مٿانهون آهي، قيامت جي ڏينهن ان تي ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ جو انعام ۽ اڪرام ڏسي ڪري انبياء ڪرام ۽ شُهداءِ عُظام به رشڪ ڪندا، هن عظمت ۽ شان جو سبب ڪهڙو هوندو؟ اهو جو اهي نيڪي جي دعوت ۽ بدي جي ممانعت جي ذريعي ماڻهن کي باعمل بڻائي ڪري انهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب بڻائيندا هوندا جڏهن ته ٻين کي الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب بڻائيندا ته پاڻ ڇو نه محبوب هوندا!

الله کا محبوب بنے جو تمہیں چاہے

اُس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سيدنا حسن بصري ۽ هڪ سرمائيدار

"نيڪي جي دعوت" جو ثواب ڪمائڻ ۾ اسان جا اولياء ڪرام رحمهم الله السّلام تمام اڳيان اڳيان هوندا هئا ۽ هن معاملي ۾ ڪنهن ڪان مرعوب نه ٿيندا هئا، جيئن حضرت سيدنا حسن بصري عليه رحمة الله القوي پنهنجي شاگردن سان گڏ ڪٿي تشريف وٺي وڃي رهيا هئا ته هڪ رئيس (يعني سرمائيدار) ڪي نهايت نهي نڪي پنهنجي غلامن جي ميڙ ۾ گهوڙي تي سوار گذرندي ڏٺو، پاڻ رحمة الله تعالیٰ عليه ان سان اِسْتِفسار فرمايائون: ڪٿي جو ارادو آهي؟ عرض ڪيائين: بادشاهه جي دربار ۾ وڃي رهيو آهيان، پاڻ ان تي انفرادي ڪوشش ڪندي فرمايائون: اي ڀاءُ! توهان خوب عمدو لباس پاتو آهي پوءِ ان کي خوشبوئن سان مهڪايو آهي، ۽ هر طرح سان پنهنجي "ظاهر" کي به سجايو آهي، يقيناً هي صرف انهيءَ ڪري آهي ته شاهي دربار ۾ اوهان کي شرمسار نه ٿيڻو پوي حالانڪ هي بادشاهه دارِ ناپائيدار (يعني ڪمزور دنيا جو بادشاهه) ۽ ان جي دربار وارا اوهان جيان غير مختار انسان (يعني بي اختيار) آهن، هاڻي ذرا غور فرمايو! سڀاڻي قيامت جي ڏينهن الله عزوجل جي شاهي دربار ۾ حاضري ٿيندي، هُتي انبياءِ ڪرام عليهم الصّلوٰة والسّلام ۽ اولياء عظام رحمهم الله السّلام به هوندا، هُتي جي لاءِ اوهان "باطن" جي آرائش ۽ زيبائش جو به ڪجهه انتظام ڪيو آهي؟ ڇا هتي گناهن جي گندگين ۽ بدڪارين جي بدبوئن سان اوهان حاضري ڏيندو؟ اهو مالدار شخص نهايت توجهه سان اوهان جا ارشاد ٻڌي رهيو هو، اوهان ان کان پڇيا ڪئي: ڇا توهان پنهنجي گهوڙي تي ان جي طاقت کان وڌيڪ وزن رکيو آهي؟ عرض ڪيائين: نه، فرمايائون: اوهان پنهنجي گهوڙي تي ترس کائو ٿا پر پنهنجي ڪمزور وجود تي رحم نٿا ڪيو ۽ مسلسل ان تي گناهن جو بوجهه رکندا پيا وڃو، سوچيو ته سهي! اهڙي طرح گناهن ڀري زندگي گذارڻ کان پوءِ انجام ڪهڙو ٿيندو! مالدار شخص سندن جي انفرادي ڪوشش ۽ نيڪي جي دعوت کان بيحد متاثر ٿيو ۽ گهوڙي تان لهي سندن جو مريد ٿيو ۽ الله وارو بڻجي ويو. (سچي حڪايت ج 5 ص 208 بتصرف)

الله عزّوجلّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمین صلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

نفس یہ کیا ظلم ہے جب دیکھو تازہ جُرم ہے

ناتُواں کے سر پہ اِتنا بوجھ بھاری واہ واہ! (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ هن شعر ۾ فرمائن ٿا: اي بدڪار نفس تنهنجي ظلم ۽ ستم جي هاڻي حد ٿي وئي! تون هر گهڙي منهنجي خطائن ۾ لاڳيتو اضافو ڪرائيندو ۽ مون ڪمزور ٻانهي جي مٿي تي گناهن جو وزني بوجهه وجهندو پيو وڃين (خبر پئي نفس اماره يعني گناهه ۽ برائي تي اڀارڻ وارو نفس اسان جو دشمن آهي، اسان کي هر وقت هن جي چالاڪين کان هوشيار رهڻ ضروري آهي)

آہ! ہر لمحہ گُنہ کی کثرت و بھرمار ہے

غلبۂ شیطان ہے اور نفسِ بداَطوار ہے (وسائلِ بخشش ص ۱۲۸)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نماز ۾ کهڙو لباس هجڻ گهرجي مدينه

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! اولياء الله رحمہم اللہ تعالٰی سرمائيدارن ۽ مالدارن جي خوشامدين ۽ چاپلوسين بدران انهن کي اصلاح جي مدني گلن سان نوازيندا هئا ۽ انهن کي سڌو سنئون نصيحت فرمائيندا هئا، دولتمندن جي خوشامدي اهو ڪري جنهن کي انهن کان فاني دنيا جي ذليل دولت حاصل ڪرڻ جي هوس هجي، الله وارا قناعت جي مدني دولت سان مالامال هوندا هئا، انهن جي نظر دولتمندن جي فاني مال تي نه هوندي هئي، بلڪ رحمت ربّ ذوالجلال عزّوجلّ تي هوندي هئي، ياد رهي! مال ۽ ثروت وارن جي دولت جي ڪري تعظيم جي سخت ممانعت آهي جيئن منقول آهي: جيڪو ڪنهن غني (يعني مالدار) جي ان جي غِنا (يعني مالداري) جي سبب تواضع ڪري ان جو ٻه ڀاڱي دين ويندو رهندو. (ڪشف الخفا ج 2 ص 215 رقم 2442) بيان ڪيل

حڪايت ۾ آخرت جو فڪر ڏياريو ويو آهي تہ حڪمرانن وزيرن ۽ آفيسرن جي سامهون ويندا آهيو تہ لباس وغيره دُرست ڪيو ويندو ۽ خوب تيار ٿي، ۽ زينت اختيار ڪئي ويندي آهي پر اللهعَزَّوَجَلَّ جي مُقدس بارگاھ ۾ پيش ٿيڻ جي لاءِ ڪو اهتمام جو ذهن ناهي هوندو، اسان دنيا جي ”ڪنهن وڏي ماڻهو“ وٽ ويندا آهيون يا اهڙي جڳھ وڃڻ ٿئي جتي گهڻا ماڻهو اسان کي ڏسڻ وارا هجن تہ متي جا وار، لباس، عمامو چادر وغيره خوب احتياط سان دُرست ڪندا آهيون پر ”نماز“ جيڪا پروردگارعَزَّوَجَلَّ جي عظمت واري دربار جي حاضري جو موقعو آهي ان وقت زينت جو ڪو اهتمام نہ ڪندا آهيون گهٽ ۾ گهٽ ايترو تہ ٿئي جو ڪنهن ”وڏي ماڻهو“ وٽ يا دعوت طعام ۾ ويندي انسان جيڪو لباس پائي ٿو اهو ئي مسجد جي حاضري ۾ پائي وڃي، مسجد جي حاضري جي لاءِ زينت ڪرڻ جي باري ۾ قرآن ڪريم سيپاري 8 سُوْرَةُ الْاَعْرَاف آيت نمبر 31 ۾ ارشاد آهي:

خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ

**ترجمو ڪنزالايمان**: پنهنجي سينگار ڪي وٺو، جڏهن مسجد ۾ وڃو.

## نماز جي لاءِ عطر لڳائڻ مستحب آهي

صَدرُ الاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي هن آيت شريف جي تحت فرمائن ٿا: يعني لباسِ زينت ۽ هڪ قول هي آهي تہ ڦڻي ڪرڻ، خوشبو لڳائڻ زينت ۾ داخل آهي ۽ سنت هي آهي تہ ماڻهو عمده صورت ۽ بهتر حالت سان نماز جي لاءِ حاضر ٿئي ڇو تہ نماز ۾ ربّ عَزَّوَجَلَّ سان مناجات آهي تہ ان جي لاءِ زينت ڪرڻ عطر لڳائڻ مستحب آهي، مسلم شريف جي حديث ۾ آهي تہ جاهليت واري زماني ۾ مرد ۽ عورت رات ۾ اگهاڙا ٿي طواف ڪندا هئا، هن آيت ۾ ستر لڪائڻ ۽ ڪپڙا پائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي هن ۾ دليل آهي تہ ستر عورت نماز ۽ طواف هر حال ۾ واجب آهي. (خزائن العرفان ص 248)

# ”اللّٰه نمازي بڻائي“ جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان نماز جي لباس جي احڪام تي مشتمل 14 مدني گل

## نماز دوران لباس پائڻ

﴿1﴾ نماز جي دؤران ڪرتو پائڻ يا شلوار پائڻ يا گوڏ ٻَڌڻ سان نماز ٿئي ويندي آهي. (غنيہ ص 452 وغيرها)

﴿2﴾ نماز جي دؤران اوگهڙ کُلي وڃڻ ۽ انهي حالت ۾ ڪو رڪن ادا ڪرڻ يا ٽي ڀيرا سُبحٰنَ الله چوڻ جيترو وقفو گذري وڃڻ سان نماز فاسد ٿي (يعني ٽٽي) ويندي آهي. (درمختار ج 2 ص 467)

## ڪلهي تي چادر لڙڪائڻ

﴿3﴾ نماز ۾ سَدَل يعني ڪپڙو لڙڪائڻ مڪروهِ تحريمي آهي مثال طور مٿي يا ڪلهن تي اهڙيءَ طرح چادر يا رومال وغيره وجهڻ جو ٻئي ڪنارا لڙڪندا هجن. ها جيڪڏهن هڪ ڪنارو ٻئي ڪلهي تي وجهي ڇڏيو ۽ ٻيو لڙڪي رهيو آهي ته حرج ناهي.

﴿4﴾ اڄڪلهہ ڪجھ ماڻهو هڪ ڪلهي تي اڻين رومال رکندا آهن جو ان جو هڪ ڪنارو پيٽ تي لڙڪي رهيو هوندو آهي ۽ ٻيو پُٺيءَ تي اهڙيءَ طرح نماز پڙهڻ مڪروهِ تحريمي آهي. (بهارِشريعت ج 1 ص 624) ﴿5﴾ ٻنهي ٻانهن مان جيڪڏهن هڪ ٻانهن به اڌ ڪرائيءَ کان مٿي چڙهيل هوندي ته نماز مڪروهِ تحريمي ٿيندي. (ايضاً، درمختار ج 2 ص 490) ﴿6﴾ ٻيو ڪپڙو هئڻ باوجود صرف پاجامي يا تهبند ۾ نماز پڙهڻ مڪروهِ تحريمي آهي. (عالمگيري ج 1 ص 106) ﴿7﴾ (نماز ۾) پهراڻ وغيره جا ٻٽڻ کليل هئڻ جنهن سان سينو کليل رهي مڪروهِ تحريمي آهي. ها جيڪڏهن هيٺان ٻيو ڪو ڪپڙو آهي جنهن سان سينو نہ ٿو ظاهر ٿئي تہ مڪروهِ تنزيهي آهي. (بهار شريعت، ج 1 ص 630) ﴿8﴾ جاندار جي تصوير وارا ڪپڙا پائي ڪري نماز پڙهڻ مڪروهِ تحريمي آهي نماز کان علاوه بہ اهڙا ڪپڙا پائڻ جائز ناهن. (ايضاً ص 627)

## مڪروه تحريمي ڇا کي چئبو آهي

هي واجب جو مقابل (يعني اُلٽ) آهي هن کي ڪرڻ سان عبادت ناقص ٿي ويندي آهي ۽ ڪرڻ وارو گنهگار ٿيندو

آهي جيتوڻيڪ هن جو گناهه حرام کان گهٽ آهي ۽ ڪجهه ڀيرا ان جو اِرتڪاب (يعني عمل ڪرڻ) ڪبيره (گناهه) آهي. (بهار شريعت، ج 1 ص 283) مڪروه تحريمي ٿيڻ واري نماز واجب الاعاده هوندي آهي يعني اهڙي نماز کي نئين سري سان پڙهڻ واجب هوندو آهي مڪروه تحريمي جون اهڙيون صورتون به آهن جن ۾ سجدو سهو ڪرڻ سان نماز درست ٿي ويندي آهي هن جي تفصيلي معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل 342 صفحن تي مشتمل ڪتاب "نماز جا احڪام" جو مطالعو ڪريو .

﴿9﴾ ٻيا ڪپڙا هجڻ جي باوجود ڪم ڪار جي ڪپڙن ۾نماز پڙهڻ مڪروه تنزيهي آهي. (شرح الوقاية ج 1 ص198)

﴿10﴾ اُبتا ڪپڙا پائي يا اوڍي ڪري نماز پڙهڻ مڪروهه تنزيهي آهي. (فتاويٰ رضويه ج 7 ص 358 کان 360)

﴿11﴾ سُستيءَ جي ڪري مٿي اگهاڙي نماز پڙهڻ مڪروهه تنزيهي آهي. (درمختار ج 2 ص 491) نماز ۾ ٽوپي يا عِمامو شريف ڪري پوي ته کڻڻ افضل آهي جڏهن ته عملِ ڪثير جي ضرورت نه پوي نه ته نماز فاسِد ٿي ويندي ۽ هر هر کڻڻو پوي ته ڇڏي ڏيو ۽ نه کڻڻ سان خُشُوع و خُضُوع مقصود هجي ته نه کڻڻ افضل آهي . (درمختار معه ردالمحتار، ج 2 ص 491) ﴿12﴾ جيڪڏهن ڪو مٿي اگهاڙو نماز پڙهي رهيو هجي يا ان جي ٽوپي ڪِري پئي هجي ته ان کي ٻيو شخص ٽوپي نه پارائي.

## عملِ ڪثير مان مراد

عملِ ڪثير نماز کي فاسد ڪري (يعني ٽوڙي) ڇڏيندو آهي جڏهن ته نه نماز جي عمل مان هجي نه ئي نماز کي صحيح ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هجي، جنهن ڪم جي ڪرڻ واري کي پري کان ڏسڻ سان ائين لڳي ته اهو نماز ۾ ناهي بلڪ جيڪڏهن غالب گمان اهو هجي ته نماز ۾ ناهي تڏهن به **عمل ڪثير** آهي ۽ جيڪڏهن پري کان ڏسڻ واري کي شڪ ۽ شبهو آهي ته نماز ۾ آهي يا نه ته **عمل قليل** آهي ۽ نماز فاسد نه ٿيندي . (درمختار ج 2 ص 464)

## اڌ آستين ۾ نماز پڙھڻ ڪيئن آھي؟

﴿13﴾ اڌ ٻانهن وارو ڪُڙتو يا قميص پائي ڪري نماز پڙھڻ مڪروهِ تنزيهي آھي جڏھن تہ ان وٽ ٻيا ڪپڙا موجود ھجن. حضرتِ صَدرُالشَّرِيعه مفتي محمد امجد علي اَعظمي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: ”جنھن وٽ ڪپڙا موجود ھجن ۽ رُڳو اڌ ٻانهن (وارا ڪپڙا) يا گنجي پائي نماز پڙھي ٿو تہ ڪراھتِ تنزيهي آھي ۽ ڪپڙا موجود ناھن تہ ڪراھت بہ ناھي.“ (فتاويٰ امجديه، ج 1 ص 193)

﴿14﴾ مفتيءِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا مفتي وقارالدين قادري رضوي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: اڌ ٻانهن وارو ڪڙتو، قميص يا شرٽ ڪم ڪار ڪرڻ وارن ڪپڙن (جي حڪم) ۾ شامل آھن. (جو ڪم ڪار ڪرڻ وارا ڪپڙا پائي ڪري انسان مُعَزَّزن آڏو وڃڻ ڪان لنوائيندو آھي)، ان لاءِ جيڪي اڌ ٻانهن وارو ڪڙتو پائي ڪري ٻين ماڻھن جي سامھون وڃڻ نہ ٿا چاھن، انھن جي نماز مڪروهِ تنزيهي آھي ۽ جيڪي ماڻھو اھڙا ڪپڙا پائي ڪري سيني جي سامھون وڃڻ ۾ ڪا بُرائي محسوس نہ ٿا ڪن، انھن جي نماز مڪروه ناھي . (وقار الفتاويٰ، ج2، ص246)

## مڪروھ تنزيھي جي معنيٰ

جنھن جو ڪرڻ شرع کي پسند ناھي پر نہ انھي حد تائين (ناپسند) جو ان تي عذاب جي وعيد ھجي، ھي سنت غير مؤڪده جو مقابل آھي. (بھار شريعت ج 1 ص 284) مڪروھ تنزيھي ٿيڻ واري نماز ٻيھر پڙھي وٺڻ بھتر آھي جيڪڏھن نہ پڙھي تہ گنھگار ناھي.

برے دل سے دُنیا کی چاہت مٹا کر
کر اُلفت میں اپنی فنا یا الٰہی (وسائلِ بخشش ص ۷۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قافلي مون کي بدلائي ڇڏيو

نيڪي جي دعوت جو ٻي انداز ثواب ڪمائڻ جو پنھنجي اندر حِرص اُجاگر ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان ھر دم وابستہ رھو، ۽ پابندي سان ھر مھيني

گهٽ مان گهٽ 3 ڏينهن جي عاشقان رسول سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سنتن ڀريو سفر ڪندا رهو، اچو! اوهان جو شوق وڌائڻ جي لاءِ اوهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو جيئن علائقي انڌهيري (بمبئي هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان اسڪول ۾ نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس، ماڊرن ۽ بگڙيل ڇوڪرن سان دوستي ٿي وئي ۽ مان طرح طرح جي برائين ۾ گرفتار ٿي ويس، جنهن ۾ چرس، گانجو، شراب ۽ ڇوڪرين سان عِشق ڪرڻ وغيره شامل آهي، ايستائين جو هڪ ڀيري گهر جي پيٽي (يعني تجوڙي) ٽوڙي پيسا ڪڍي "گوا" (نالي شهر) پهچي ويس، آخرڪار واپس موٽڻو پيو، اسڪول کي ڇڏي A.C جي ريپئرنگ جو ڪم سکڻ شروع ڪيو، ڪجهه مهينن ڪان پوءِ دعوت اسلامي واري هڪ عاشق رسول مون کي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع جي دعوت ڏني، پر مون ٽاري ڇڏيو، ان ويچاري ڪيترائي ڀيرا ملاقات ڪري مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي پر مان اجتماع ۾ وڃڻ جي لاءِ راضي نه ٿيس، هڪ ڀيري اهو اسلامي ڀاءُ منهنجي وڏي ڀاءُ تي "انفرادي ڪوشش" ڪري رهيو هيو جو مان به اتي پهتس، ڀاءُ هن اسلامي ڀاءُ سان معذرت ڪندي منهنجي طرف منهن ڪري چيو: تون مدني قافلي ۾ هليو وڃ، مان "نه" چوڻ وارو هئس جو واتان بي اختيار "ها" نڪري ويو حالانڪ مان ته اهو به نه ڄاڻندو هئس ته مدني قافلو آهي ڇا؟ بهرحال مون تياري ڪئي ۽ عاشقان رسول جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سفر تي روانو ٿي ويس، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي مون کي بدلائي رکي ڇڏيو! منهنجون اکيون کلي ويون، گناهن سان نفرت ۽ نيڪين سان پيار ٿي ويو، مون گناهن ڀري زندگي کان توبه ڪئي، نمازن جي پابندي شروع ڪئي، مدني قافلي گناهن ڀري ماحول ۾ رهڻ واري سخت نافرمان شخص کي نمازن ۽ سنتن جو عادي بڻائي ڇڏيو، هي بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اهلسنت جي عظيم درسگاهه "جامعه اشرفيه" مبارڪپور (يو پي هند) ۾ درس نظامي جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

چھوٹ جائیں گناہ، آپ پائیں پناہ     تھوڑی ہمت کریں، قافلے میں چلو

تم سُدھر جاؤ گے گر اِدھر آؤ گے     سیکھنے سنّتیں، قافلے میں چلو

فضلِ مولٰی سے جب آئیں گے پائیں گے

جذبۂ علمِ دین قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## الجامعة الاشرفيه ۽ ان جي باني ۽ جو مختصر تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! مبلغ دعوت اسلامي جي انفرادي ڪوشش جي استقامت جي برڪت سان آخرڪار معاشري جي بگڙيل، گناهن ۾ گرفتار نشئي نوجوان مدني ماحول سان وابسته ٿي جامعة الاشرفيه (مبارڪپور هند) ۾ داخلو وٺي طالبِ علم دين بڻجي ويو، حصول برڪت جي لاءِ ثواب جي نيت سان ماهنامه اشرفيه "حافظ ملت نمبر" (رَجَبُ المُرَجَّب 1398 بمطابق جون 1978) جي مدد سان جامعة الاشرفيه ۽ ان جي باني جو مبارڪ تذڪرو ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. الجامعة الاشرفيه (مبارڪپور) اهلسنت جي عظيم الشان ديني درس گاهه آهي جيڪا "هند" جي صوبي يو پي جي ضلعي اعظم ڳڙهه جي مبارڪپور شريف شهر ۾ واقع آهي، هن عظيم الشان ديني درس گاهه جا باني اُستادُ العُلماء، جَلالَۃُ العِلم، حافظِ ملت حضرت علامه شاهه عبدالعزيز مُحَدِّث مراد آبادي علیہ رحمۃ اللہ الہادی آهن، پاڻ 29 شَوال المُكَرَّم 1352 بمطابق 14 جنوري 1934ع ۾ پنهنجي استاد مڪرم صدرُالشّريعه، بدرُ الطَّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي علیہ رحمۃ اللہ القوی جي حڪم تي درسيات مڪمل ڪرڻ کان پوءِ مبارڪپور تشريف وٺي آيا، اُن وقت هتي هڪ مدرسو "مِصباحُ العُلُوم" جي نالي سان قائم هو، حضرت حافظ ملت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي بيحد ڪوششن جي ڪري الله عزّوجلّ ان ننڍي مدرسي ۾ برڪت عطا فرمائي ۽ آخرڪار هي مدرسو هڪ وڏي ڪامياب مدرسي جي حيثيت اختيار ڪري ويو ۽ جامعه اشرفيه جي نالي سان مشهور ٿيو، هن اداري جا فارغ التحصيل ٿيڻ وارا

هن جي قديم نالي "مِصباحُ العُلُوم" جي نسبت سان مِصباحي سڏائن ٿا .

## سنت جي محبت

حافظ ملت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ پنهنجي هر عمل ۾ سنت جو گهڻو خيال رکندا هئا، هڪ ڀيري حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جي ساڄي پير ۾ زخم ٿي پيو، هڪ شخص دوا وٺي آيو ۽ چيائين: حضرت! دوا حاضر آهي، سياري جا ڏينهن هجن حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جوراب پاتل هئا، پاڻ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جن پهريان کاٻي پير جو جوراب لاٿو، اهو شخص چوڻ لڳو: حضرت زخم تہ ساڄي پير ۾ آهي! پاڻ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فرمايائون: پهريان کاٻي پير مان لاهڻ سنت آهي.

## حافظ ملت جي ڪرامت

الجامعة الاشرفيہ جي باني مَباني حافظ ملت حضرت علامہ شاهہ عبدالعزيز محدث مراد آبادي علیہ رحمۃ اللہِ الھادي وڏا پهتل بزرگ هئا، سوانح نگارن سندن جون گهڻيون ڪرامتون بيان ڪيون آهن، ان ۾ هڪ هي بہ آهي جامع مسجد مبارڪ شاهہ پهريان ننڍي هئي ۽ بوسيده حالت ۾ هئي، آبادي جي اضافي جي ڪري مسجد ڪي وسيع ڪرڻ بہ ضروري هو، بهرحال پراڻي مسجد شهيد ڪري نيون بنيادون پريون ويون ۽ مسجد جي توسِيع جو ڪم شروع ٿيو، مبارڪ پور جي مسلمانن وڏي دلچسپي ۽ چاهہ سان هن جي تعمير ۾ حصو ورتو، حافظ ملت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ ان ڪم جا رهنما ۽ سربراهہ پڻ هئا، حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جامع مسجد جي تعمير جي لاءِ پوري توجهہ ۽ محنت سان چندي جي ترڪيب ڪئي، مبارڪ پور ۾ گهڻو جوش ۽ جذبو هو، غربت جي باوجود مسلمانن ديني حَمِيّت جو پورو پورو ثبوت ڏئي رهيا ها، مردن پنهنجي ڪمائي ۽ عورتن پنهنجي زيورن وغيره سان امداد ڪئي، ڇت پوڻ کان پوءِ حاجي محمد عمر نهايت پريشاني جي عالم ۾ ڊوڙندي حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ وٽ آيا ۽ چيائون: حافظ صاحب! جامع مسجد جي ڇت هيٺ اچي رهي آهي هاڻي ڇا ٿيندو! حاجي صاحب هي چوندي چوندي روئي پيا، حضرت حافظ ملت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ اٿيا ۽ وضو ڪيائون، ۽ حاجي صاحب سان گڏ گهر کان ٻاهر نڪتا ۽ پنهنجي پاڙي واري خان محمد صاحب

فرمانِ مصطفیٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

ڪي ڳڏ ڪنيو، جامع مسجد پهچي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهندي ڪاٺي جون ڪجھ ٽوٽيون لڳائي ڇڏيون (يعني بانس يا ڪاٺي جا ٽنب لڳائي ڇڏيا) اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڇت نه صرف بلڪل درست ٿي وئي بلڪ اڄ به ڏسو ته خبر به نه پوندي ته ڪهڙي حصي جي ڇت جُهڪي رهي هئي!

## حافظ ملت جون مبارڪ عادتون

وضو ڪرڻ جي لاءِ ويهندا هئا ته قبلي رخ ويهندا هئا، حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو پاجامو ڪڏهن ايترو ڍگهو نه ڏٺو جو پيڏيون ڍڪجي وڃن، سچ ته هي آهي جو سندن جي انداز ۽ لباس جو انداز ڏسي ماڻهن کي شرعي انداز سمجھ ۾ اچي ويندو هيو، سفر ۽ حضر ۾ (يعني سفر ۾ هجن يا وطن ۾ هجن هر جڳهه) حضور حافظ ملت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي پياري پياري ادائن مان هڪ هي به هئي ته کاڌڻ کان پهرين ۽ بعد ۾ ٻئي هٿ ڪراين تائين ڌوئيندا ۽ گرھ خوب چٻاڙي کائيندا. کاڌو چاهي مزاج مطابق هجي يا نه، ان مان عيب نه ڪڍندا هئا، کاڌڻ کان پوءِ هڪدم پاڻي نه پيئندا بلڪ ڪجھ وقفي کان پوءِ پيئندا هئا، اٿين پاڻي جڏهن به پيئندا هئا، ته ٽن ساهين ۾ پيئندا هئا.

## سرمو لڳائڻ جي برڪت سان پوڙهائپ ۾ به نظر تيز هئي

حضور حافظ ملت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي عمر ستر سالن کان مٿي ٿي چڪي هئي، ان وقت جو واقعو آهي، ٽرين ۾ سفر ڪري رهيا ها، جنهن برٿ تي تشريف فرما هئا، اتفاق سان هڪ ڊاڪٽر صاحب به ويٺل هو، ڊاڪٽر صاحب ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي ته سندن جي علمي جلالت کان تمام متاثر ٿيو ۽ هر هر حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڏانهن حيرت سان ڏسندو رهيو، گفتگو جي دوران ڊاڪٽر صاحب تعجب جو اظهار ڪندي چيائين: مولانا صاحب! مان اکين جو ڊاڪٽر آهيان، مان ڏسي رهيو آهيان جو هن عمر ۾ به اوهان جي نظر ۾ ڪو فرق ناهي، بلڪ اوهان جي اکين ۾ ٻارن جي اکين جيان چمڪ آهي، مون کي ٻڌايو ته هن جي لاءِ آخر ڪهڙي شيءِ استعمال ڪيو ٿا؟ فرمايائون: ڊاڪٽر صاحب! مان خاص دوا وغيره

استعمال نٿو ڪيان، ها هڪ عمل آهي جنهن کي روزانو ڪيان ٿو، رات جو سمهڻ جي وقت سنّت جي مطابق سرمو استعمال ڪيان ٿو ۽ منهنجو يقين آهي ته هن عمل کان بهتر اکين جي لاءِ ڪا دوا نٿي ٿي سگهي. **اللہ عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمین صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم

مَسلکِ اعلیٰ حضرت کا اِک گُل بہار — علمِ صدرُ الشّریعہ کا بحرِ رواں
عِلم سے جس کے سیراب سارا جہاں — لہلہانے لگا دین کا بوستاں
جس طرف دیکھیے اس قدم کے نشاں
حافظِ دین و ملّت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”اِثمد“ جي چار اکرن جي نسبت سان سرمو لڳائڻ جا چار مدني گل

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضور حافظ ملت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي سنت سان محبت مرحبا! ۽ سنت جي محبت ۾ سنت مطابق سرمو لڳائڻ جي برڪت دنيا ۾ به نگاهه جي حفاظت جي صورت ۾ ظاهر ٿي، جيڪڏهن ڪا مجبوري نه هجي ته اوهان به روزانو سنت مطابق سرمو لڳائڻ جي نيت ڪيو، اوهان جي آساني لاءِ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مکتبة المدينه جي شايع ٿيل رسالي ”**101 مدني گُل**“ صفحي 27 کان 28 مان سرمي جي باري ۾ 4 مدني گل اوهان ڏانهن وڌايان ٿو قبول فرمائي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائي وٺو **﴿1﴾** ”سنن ابن ماجه“ جي روايت ۾ آهي: ”تمام سرمن کان بهتر سرمو ”اِثمد“ آهي جو هي نگاهه کي روشن ۽ پلڪون وڌائي ٿو“. (ابن ماجه ج 4 ص 115 حديث 3497) **﴿2﴾** پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ سياهه سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي نيّت سان) مرد کي لڳائڻ مڪروهه آهي ۽ زينت جو مقصد نه هجي ته ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359) **﴿3﴾** سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنت آهي. (مراٰۃ المناجيح ج 6 ص 180) **﴿4﴾** سرمي استعمال

ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻه، (3) ته ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻه ٻه ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (انظر: شعب الايمان ج 5 ص 218-219) اهڙي طرح ڪرڻ سان ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٽنهي تي عمل ٿيندو رهندو. مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تعظيم جا جيترا به ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ لڳايو، طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتیں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت لذت واري عبادت آهي

نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ ڪڏهن به سستي نه ڪيو، جيڪڏهن هي مدني ڪم اخلاص سان گڏ رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪيو وڃي ته بيشڪ خوب لذت واري عبادت آهي، جيئن امير المؤمنين حضرت سيدنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جو ارشاد آهي: مون عبادت جي لذت چار شين ۾ ڏٺي ﴿1﴾ الله تعاليٰ جي فرضن جي ادائگي ۾ ﴿2﴾ الله تعاليٰ جي حرام ڪيل شين کان بچڻ ۾ ﴿3﴾ الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ جي غرض سان نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۾ ﴿4﴾ الله تعاليٰ جي غضب کان محفوظ رهڻ جي لاءِ برائي کان منع ڪرڻ ۾. (المنبهات ص 37)

## نيڪي جي دعوت کان محرومي جي صورت ۾ موت جي تمنا

صحابي رسول حضرت سيدنا ابي بَڪرَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه هڪ موقعي تي فرمايو: ڪنهن جاندار جي

موت بدران مون کي پنهنجو موت پسند آهي، هي ٻڌي حاضرين گهبرائي ڪري عرض ڪيو: ائين ڇو؟ فرمايائون: مون کي ڊپ آهي ته ڪٿي حياتي ۾ اهڙي زماني کي نه ڏسان جنهن ۾ **نيڪي جو حڪم نه ڪري سگهان ۽ برائي کان منع نه ڪري سگهان** ڇوته اهڙي زماني ۾ ڪا ڀلائي ناهي. (شرح الصدور ص 11، ابن عساکر ج 62 ص 215)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان جي اسلاف جو به ڪهڙو نه خوب جذبو هو! ڪهڙي نه مدني سوچ هوندي هئي ۽ نيڪي جي دعوت کان ڪيڏو نه سهڻو لڳاءُ هو جو انهن وٽ نيڪي جي دعوت کان بغير ڇڻ جيئڻ جو تصور ئي نه هو ۽ اڄ اسان جي حالت اها آهي جو نيڪي جي دعوت جا هزار موقعا ملندا آهن تڏهن به پرواهه ناهي هوندي، حالانڪ ڪئي موقعا اهڙا به ايندا آهن جنهن ۾ نَهْیٌ عَنِ الْمُنْكَر يعني برائي کان منع ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي پر افسوس ان ڏانهن اسان جو ڌيان ناهي هوندو.

## بدمذهبي کان توبه

**نيڪي جي دعوت** جو جذبو حاصل ڪرڻ، ملندڙ جذبي کي خوب وڌائڻ، بدعقيدگي مٽائڻ جي دل ۾ تڙپ جاڳائڻ، ۽ بگڙيل ماڻهن جي اصلاح جو سبب بڻجي پاڻ کي جنت جو حقدار بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندا رهو، مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي اِستِقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هر ڏينهن "فڪر مدينه" ڪري مدني انعامات جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر پنهنجي علائقي جي دعوت اسلامي جي ذميدار کي جمع ڪرايو، پنهنجي هن مدني مقصد "**مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي**" جي حصول خاطر پابندي سان گهٽ مان گهٽ ٽي ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو، اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ **مدني بهار** ٻڌايان ٿو: پنجاب جي هڪ اسلامي ڀاءُ

جي تحريري بيان جو خلاصو آهي ته دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان اڳ منهنجو اٿڻ ويهڻ بدعقيده ماڻهن سان هو، تقريباً 13 سال انهن جي گمراهي واري صحبت ۾ رهي منهنجا عقيدا به مَعَاذَالله انهن وانگر ٿي ويا هئا، ۽ عملي حالت به ڪجھ چڱي نه هئي، فلمن ڊرامن ۽ گانن باجن جو شيدائي هئس، ۽ منهنجي چهري تي ڏاڙهي سنت مطابق نه بلڪ خشخشي هئي، منهنجي جنرل اسٽور جي ويجهو واقع مسجد ۾ هڪ ديني طالب علم اسلامي ڀاءُ **فيضان سنت** جو درس ڏيڻ ۽ مدرسة المدينه (براءِ بالغان) پڙهائڻ ايندو هو، غالباً صَفرالمُظَفَّر 1420 بمطابق جُون 1999 جو واقعو آهي جو شهر سطح جي دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري سنتن ڀري اجتماع جي اسان وٽ ڌوم متل هئي، انهن ڏينهن ۾ اهو طالب علم هڪ ٻئي اسلامي ڀاءُ سان گڏ منهنجي دوڪان تي تشريف وٺي آيو، انهن مون کي سلام ڪيو مان جيئن ته دعوت اسلامي وارن کي گمراهه سمجهڻ جي ڪري انهن کي نفرت سان ڏسندو هئس، انهيءَ ڪري انهن جي سلام جو جواب نه ڏنو ۽ NO LIFT ڪرائيندي دوڪان جي سامان جي صفائي ۾ مشغول ٿي ويس، اهي ٿوري دير جي وقفي کان پوءِ وڏي نرم لهجي سان مسڪرائيندي شهر ۾ ٿيندڙ سنتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪئي، جنهن کي قبول ڪرڻ کان مون نه صرف انڪار ڪيو بلڪ انهن کي بُرو ڀلو چوڻ شروع ڪيو، منهنجي هن رويي جي ڪري انهن جي چهري تي اُداسي ڇانئجي وئي پر انهن جي صبر ۽ تَحَمُّل تي لکين سلام! ويچارن زبان سان ڪجھ نه چيو، انهن جو اهو انداز تمام گهڻو متاثر ڪرڻ وارو هو، جڏهن شام جو دوڪان بند ڪري گهر ويس، ۽ رات جي ڪاڏي کان فارغ ٿيس ته مون کي ان ٻنهي عاشقان رسول جو دعوت ڏيڻ ياد اچي ويو، مون سوچيو ته وڃي ڏسان ته سهي هي ماڻهو پنهنجي اجتماع ۾ ڇا ٿا ڪن! پوءِ مان ائين ئي ڏسڻ جي لاءِ هليو ويس، ۽ مان ڏسڻ ته ڇا ويس، منهنجو ته سُتل نصيب جاڳي پيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اجتماع جي دوران مون کي بيداري جي حالت ۾ اکين سان مديني جي تاجور، محبوب ربّ

اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي انور جي روح پرور سونهري ڄارين جي زيارت ٿي! هن اِجتِماع ۾ سردار آباد (فيصل آباد) کان تشريف وٺي ايندڙ دعوت اسلامي جي مبلغ سنتن ڀريو بيان فرمايو، اجتماع کان پوءِ انهن شفقت ڀري انداز ۾ مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ مون مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪري ورتي ۽ جلد ئي **عاشقانِ رسول** سان گڏ 3 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي ۾ سنتن ڀريو سفر جي سعادت نصيب ٿي، اسان جو مدني قافلو هڪ مسجد ۾ ترسيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڀهرين رات ئي مون گنهگار تي ڪرم بالاءِ ڪرم ٿي ويو، ڇا ٿو ڏسان جو مسجد نبوي شريف علي صاحبها الصّلوٰةُ والسّلام جو صحن آهي ۽ مان ٻهارو ڏئي رهيو آهيان، ايتري ۾ سونهري ڄاريون کلن ٿيون ۽ امت جا غمخوار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻاهر تشريف وٺي آيا ۽ منهنجو نالو وٺي ارشاد فرمايائون: پنهنجو اندر (باطن) بہ صاف ڪر، هن خواب سبب منهنجي دل ۾مدني انقلاب برپا ٿي ويو، جڏهن تہ ڀهريان مان مَعاذَالله حياتُ النّبي جو منڪر هئس، ۽ منهنجو هي بہ عقيدو هو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي ڏسن ۽ ٻڌن نٿا، ۽ نہ ئي اسان جي باطني حالت کان آگاهہ آهن، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون تي حق آشڪار (يعني ظاهر) ٿي ويو تہ سرڪارِ نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي نالن کان تہ ڇا بلڪ دلين جي ڪيفيت کان بہ خبردار آهن، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون خراب عقيدن کان سچي توبہ ڪئي، ۽ اهو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن منهنجي چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي آهي، مٿي تي عمامي جو تاج ۽ جسم تي سنت مطابق مدني لباس رهندو آهي ۽ اسان جو سڄو گهر مدني رنگ ۾ رنگجي چڪو آهي. اللهُ عَزَّوَجَلَّ جو شان ڏسو جنهن عاشق رسول مون کي دوڪان تي اچي نيڪي جي دعوت ڏني هئي ۽ جنهن اجتماع کان پوءِ مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي هئي اهي ترقي ڪندي دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جا رڪن بڻجي چڪا آهن! هي بيان ڏيڻ وقت مان تقريباً ڏهن سالن کان مدني ماحول سان وابستہ آهيان ۽ ٽن سالن کان مسلسل مدني قافلن ۾ سفر

جي سعادت ملي رهي آهي، انهي دوران تحصيل مشاورت جي نگراني جي ذميداري ۽ ٽي ڀيرا بنگلاديش ۾ عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر ڪري چڪو آهيان. الله عزوجل مون کي دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ استقامت عنايت فرمائي، اخلاص سان مدني ڪم ڪرڻ جي سعادت، ايمان ۽ عافيت سان مديني جي گهٽي ۾ شهادت جو موت نصيب فرمائي . اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم

سیکھنے سنتیں، مسجد آؤ چلیں لائے ہیں قافلہ عاشقانِ رسول
یاد رکھنا کبھی چھوڑنا مت کبھی دامنِ مصطفٰے عاشقانِ رسول
کاش! دنیا میں تم وہ بفضلِ خدا
دیں کا ڈنکا بجا عاشقانِ رسول (وسائلِ بخشش ص۴۸۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چا ته نرالو شان آهي! مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! خداءِ رحمٰن عزوجل جو به خوب نرالو شان آهي! جڏهن ڪنهن تي مهربان ٿيندو آهي ته پنهنجي رحمت سان ان جي بگڙيل قسمت سنواري ڇڏيندو آهي، جيڪو ان جي پياري حبيب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم جي شان عظمتِ نشان کان بي خبر هوندو آهي ان جي دل کي بدعقيدگين جي خرابين کان پاڪ ڪري پنهنجي محبوب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم جو شان بيان ڪرڻ وارو بڻائي ڇڏيندو آهي جيئن اوهان هينئر مدني بهار ۾ ملاحظه فرمايو، الله عزوجل جي خفيه تدبير ڪنهن جي باري ۾ ڇا آهي ڪنهن کي خبر ناهي، بيشمار اهڙا ماڻهو جيڪي مڪي مدني تاجدار صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم جي عظمت جو نه صرف انڪار ڪندا هئا بلڪ پاڻ ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم سان مُتنفِر ۽ بيزار ٿي برسرِ پيڪار رهندا هئا پاڪ پروردگار عزوجل انهن کي اسلام جي دعوت سان نوازي پنهنجي پياري رسول صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم جو جان نثار بڻائي ڇڏيو! اچو! دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 274 صفحن تي مشتمل ڪتاب "صحابہ کرام کا عشقِ رسول" صفحي 78 کان 79 تي ڪجهه اصحابن جا جذبات ٻڌون ٿا:

## ايمان آڻڻ کان پوءِ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جا جذبات

﴿1﴾ حضرت سيدنا ثُمامہ بن اُثال يَمامي جيڪي اهلِ يَمامہ جا سردار هئا، ايمان آڻي فرمائڻ لڳا: خدا جو قسم! مون جي ويجهو روءِ زمين تي ڪو چهرو اوهان صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري کان وڌيڪ مَبغُوض (يعني قابل نفرت) نہ هو، اڄ اهو ئي چهرو مون کي سيني چهرن کان وڌيڪ محبوب (يعني پيارو) آهي. الله جو قسم! مون جي ويجهو ڪو دين پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دين کان برو نہ هو، هاڻي اهو ئي دين مون وٽ سيني دينن کان وڌيڪ محبوب آهي، الله جو قسم! منهنجي ويجهو ڪو شهر اوهان صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شهر کان وڌيڪ مَبغُوض (يعني قابل نفرت) نہ هو، الله جو قسم! هاڻي اهو ئي شهر منهنجي ويجهو سيني کان وڌيڪ محبوب (يعني پيارو) آهي.(بخاري ج 3 ص 132 حديث 4372) ﴿2﴾ حضرت سيدتنا هِند بنتِ عُتبَہ (ابوسُفيان بن حرب جي گهرواريءَ) جنهن حضرت سيدنا امير حمزه رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جو جگر چباڙي ڪاڍو هو، ايمان آڻڻ کان پوءِ چوڻ لڳيون: يا رسول الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روءِ زمين تي ڪو اهلِ خَيمہ منهنجي نگاهن ۾ اوهان جي اهلِ خَيمہ کان وڌيڪ مَبغُوض (يعني قابل نفرت) نہ هو، پر اڄ منهنجي نگاهن ۾ روءِ زمين تي ڪو اهلِ خَيمہ پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اهلِ خَيمہ کان وڌيڪ محبوب ناهي. (ايضاً ج 2 ص 567 حديث 3825) ﴿3﴾ حضرت سيدنا صَفوان بن اُمَيَّہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جو بيان آهي تہ (غزوهء) حُنين جي ڏينهن رسول الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي مال عطا فرمايو جڏهن تہ پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي نظر ۾ مَبغُوض ترين خلق (يعني سڄي مخلوق ۾ سڀ کان وڌيڪ برا) هئا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي عطا فرمائيندا رهيا ايستائين جو پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي نظر ۾ محبوب ترين خلق (يعني سموري جهان ۾ سڀ کان پيارا) ٿي ويا.

(سنن ترمذي ج 2 ص 147 حديث 666)

شرابِ عشقِ احمد میں کچھ ایسی کیف و مستی ہے
کہ جاں دیکر بھی اِک دو گھونٹ مِل جائے تو سستی ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مون ڪي ٽي ڏينهن ڏوهي جو ڪم ڪرڻو پيو!

اسان جا اولياءِ ڪرام رحمهم الله السلام ظاهر سان سان گڏوگڏ باطني طور بہ نيڪي جي دعوت جي ترڪيب ڪندا هئا، جيئن امامُ الطَّائِفہ حضرت سيدنا جُنيد بغدادي عليہ رحمۃ اللہ الھادي جن جو هڪ مريد جيڪي بصره شريف ۾ گوشہ نشين هيا، ان جي دل ۾ هڪ ڏينهن ڪنهن گناهہ جو خيال آيو، ان بري خيال جي نحوست سان ان جو چهرو ڪارو ٿي ويو، اهو ڏاڍو گهبرائجي ويو، ٽن ڏينهن کان پوءِ ان جي ڪاراڻ ختم ٿي وئي انهيءَ ڏينهن ان جي پير و مرشد جي چٺي مليِ، ان ۾ لکيل هو پنهنجي دل کي قابو ۾ رکو، چهري جي ڪاراڻ ڌوئڻ جي لاءِ مون کي ٽي ڏينهن تائين ڌوبي جو ڪم ڪرڻو پيو. (تذكرة الاولياء الجزءالثاني ص 18) الله عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم

## پير ڪامل جون برڪتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان خبر پئي تہ سيدنا جنيد بغدادي عليہ رحمۃ اللہ الھادي روشن ضمير پير ها، الله عزوجل انهن کي پري جي نظر سان نوازيو هو، جڏهن تہ بصره شريف ۾ موجود مريد جي دل جي ڪيفيت ملاحظہ فرمائي، ڪارو چهرو بہ ڏسي ورتو ۽ پري کان ئي باطني تَوَجُّہ سان ان جي چهري جي ڪاراڻ بہ ڌوئي ڇڏي! هن حڪايت مان هي درس پڻ مليو تہ ڪامل پير جي بدولت انسان گناهن کان بچندو رهي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪا لغزش واقع ٿي بہ وڃي تہ بِاِذنِ الله تعاليٰ پير و مرشد جي تَوَجُّہ سان ان جو تَدارُڪ (يعني اصلاح جو سبب) بہ ٿي ويندو آهي تنهنڪري ضرور ڪنهن ڪامل پير جو مريد ٿيڻ گهرجي ۽ هي بہ خبر پئي تہ خداعزوجل جي ياد سان چهري تي هڪ خاص نورانيت جو جلوو نظر ايندو آهي جڏهن تہ گناهن جي اِرتِڪاب سان دل بہ ڪاري ٿي ويندي آهي ۽ چهري تي بہ نحوست هوندي آهي.

ترے ہاتھ میں ہاتھ میں نے دیا ہے ترے ہاتھ ہے لاج یا غوثِ اعظم

مُریدوں کو خطرہ نہیں بحرِ غم سے کہ بیڑے کے ناخدا غوثِ اعظم

نکالا تھا پہلے تو ڈوبے ہوؤں کو

اور اب ڈوبتوں کو بچا غوثِ اعظم (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اُٺ جڏهن ڪوئي جو تي ويو!

ڪنهن جامع شرائط پير جي مريد ٿيڻ ۾ ۽ ڪنهن جو ٿيڻ ۾ نفعو ئي نفعو آهي جيئن مُحَقّق عَلَي الِاطلاق، خاتِم المُحَدِّثِين حضرت علامہ شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي علیہ رحمۃ اللہِ القوی جي اولياءِ ڪرام رحمھم اللہ السلام جي سيرت تي مشتمل ڪتاب "اَخْبَار الاَخْيَار" ۾ حضرت سيدنا شيخ حُسَام الدين علیہ رحمۃ اللہِ المبین جي حالات ۾ بيان ڪيل ٻن دلچسپ فرضي حڪايتن سان پير ڪامل جي ذريعي مريد کي پهچڻ وارا فائدا سمجهي سگهجن ٿا، جيئن فرمائن ٿا: هڪ اُٺ کي ڪوئي جهنگ ۾ چرندي ڏٺو ته چيائين: اي اُٺ تون ڪنهن جو ٿي رهو، اُٺ جواب ڏنو ته مان تنهنجو ٿي ويس، هڪ ڏينهن اهو اُٺ ڪنهن وڻ جا ساوا پن ڪائي رهيو هو جو ان جي مُهارَ (يعني نڪ واري رسي) وڻ جي ٽاري ۾ بري نموني ڦاسي پئي ۽ اُٺ عاجز ٿي ويو، هن ان بري وقت ۾ ڪوئي کي پڪاريو! اهو ڪوئو پنهنجي ٻين ڪوئن سان گڏ آيو، ۽ سيني ملي ڪري وڻ ۾ ڦاٿل رسي کي ڪُتري ڇڏيو، ائين اُٺ کي ڇوٽڪارو مليو . (اخبارُ الاخيار ص 177)

## ڏيڏر کي ڏسي ڀڄي ويو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن فرضي حڪايت ۾ نهايت سهڻي انداز سان سمجهايو ويو آهي ته "آزاد" رهڻ بدران "ڪنهن جا ٿي رهو." ته جيڪو شخص ڪنهن پير ڪامل جو "ٿي رهي ٿو" ته مشڪل وقت ۾ ڪامل پير جي برڪت سان نجات جو سبب ٿي ويندو آهي، انهي باري ۾ هڪ ٻي دلچسپ حڪايت ٻڌو: هڪ مجلس ۾ ڪجهه شخص جمع هئا، اوچتو هڪ ڏيڏر ٽپا ڏيندي آيو، هي ڏسي هڪ دانا شخص ان مجلس مان ڀڄي ويو،

ماٺهو (ان کي بزدل سمجهي) کلڻ لڳا، جڏهن ان کان ڏيڏر کان ڊڄڻ جو سبب پڇيو ته ان دانا چيو ته مان ڏيڏر کان نه ڊنس، البت انهيءَ ڳالهه کان ڊنو آهيان جو ان جي پويان ڪو نانگ نه اچي رهيو هجي! اهڙي طرح درويش جيتوڻيڪ ڪمزور هجي پر ان جو سلسلو نهايت مضبوط هوندو ته ان کان ڊڄڻ گهرجي ڇو ته ان کي رنجيدو ڪرڻ سان ان جي سلسلي جا سيئي مشائخ رنجيدا ٿين ٿا. (اخبارُ الاخيار ص 176)

## مريد جي پٺ مضبوط هوندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏيڏر کي نانگ کائي ويندو آهي انهيءَ ڪري اهو دانا شخص ڊڄڻ لڳو ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو شڪار ڪرڻ جي لاءِ پويان نانگ لڳل هجي جيڪو مون کي ڏنگي، هي مثال ڏئي حضرت سيدنا شيخ حُسَام الدين علیہ رحمۃ اللہ المبین ڪمزور درويش ۽ ان جي قوي مرشدن جو مثال ڏنو آهي ته واقعي جيڪو ڪنهن ڪامل پير جو مريد ٿي ويندو آهي ان جي پٺ مضبوط ٿي ويندي آهي جو جيڪڏهن ان جو پنهنجو پير ڪمزور آهي ته ڇا ٿيو! ان جي پير جو پير يا وري ان جي پير جو پير ته مضبوط هوندو ۽ ائين دنيا ۽ آخرت جون ٻلايون هٽ اينديون. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ملفوظاتِ اعليٰ حضرت" صفحي 260 کان 263 تي ڪجهه دلچسپ ۽ معلوماتي عرض ۽ ارشاد پيش ڪيا وڃن ٿا پڙهو ۽ ايمان تازو ڪيو:

## بيعت جي معنيٰ

**عرض:** بيعت جي ڇا معنيٰ آهي؟
**ارشاد:** بيعت جي معنيٰ وڪامجي وڃڻ.

## موت جي سزا جي موقعي تي هڪ مريد جي پنهنجي پير سان عقيدت

(اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمايو ته) سَبع سَنابِل شريف ۾ آهي: هڪ شخص کي بادشاهه موت جي سزا جو حڪم ڏنو، جلاد تلوار ڪڍي ورتي، هي شخص پنهنجي شيخ جي مزار ڏانهن رخ ڪري بيهي رهيو، جلاد چيو: هن وقت قبلي ڏانهن رخ ڪندا آهن، فرمايائون: تو پنهنجو ڪم ڪر! "مون قبلي

ڏانهن رخ ڪري ورتو آهي“ ۽ آهي به ائين ته جسم جو قبلو ڪعبو آهي جڏهن ته شيخ روح جو قبلو آهي، ان جو نالو اِرادت (يعني مريدي) آهي! جيڪڏهن انهيءَ طرح سچي عقيدت سان هڪ دروازو پڪڙي ته ضرور فيض ايندو، جيڪڏهن ڪنهن جو شيخ خالي آهي ته شيخ جو شيخ ته خالي نه هوندو ۽ بالفرض اهو به نه سهي ته حضور غوث اعظم عليه رحمة الله الاكرم ته معدنِ فيض (يعني فيض جي کاڻ) و مَنبعِ اَنوار (يعني انوار جو سرچشمو) آهن انهن وٽان ضرور فيض ايندو (بس) سلسلو صحيح ۽ مُتَّصِل (يعني مليل) هجڻ گهرجي.

## دوڪان الٽي ڇڏيندس

انهيءَ ضمن ۾ اعليٰ حضرت رحمة الله تعالى عليه جي بيان ڪيل حڪايت پنهنجي انداز ۾ عرض ڪيان ٿو ته هڪ فقير ڪنهن جي دوڪان تي آيو ۽ چوڻ لڳو: هڪ روپيو ڏي! دوڪاندار انڪار ڪيو، فقير چيو: روپيو ڏين ٿو يا توهان جو دوڪان اونڌو ڪيان، ماڻهو جمع ٿي ويا، اوچتو هڪ روشن ضمير بزرگ اچي پهتا، انهن دوڪاندار کي فرمايو: هن کي جلد روپيو ڏئي ڇڏيو نه ته دوڪان اونڌو ٿي ويندو ڇو ته مون ان فقير جي باطن تي نظر وڌي ته ڪجھ آهي به سهي! خبر پئي ته بلڪل ”خالي“ آهي پوءِ مون ان جي پير کي ڏٺو ان کي به خالي ڏٺو، وري ان جي پير جي پير کي ڏٺو ته اهي الله وارا آهن ۽ ڏٺو ته اهي انتظار ۾ آهن ته ڪڏهن هن جي زبان مان نڪري ۽ مان هي دوڪان اونڌو ڪري ڇڏيان، هي حڪايت بيان ڪري اعليٰ حضرت رحمة الله تعالى عليه فرمايو ته هن فقير پنهنجي پير جو دامن مضبوطي سان پڪڙيو هو.

## قيامت تائين ٿيندڙ مريدين

اَئِمّهِ دين (عليهم رحمة الله المبين) فرمائن ٿا ته حضور غوث اعظم عليه رحمة الله الاكرم جي دفتر (يعني رجسٽر) ۾ قيامت تائين جي مريدن يعني جيڪي غلاميءَ ۾ آهن يا اچڻ وارا آهن انهن سڀني جا نالا لکيل آهن، حضور پُر نور (غوث اعظم) عليه رحمة الله الاكرم فرمائن ٿا: رب عزوجل مون کي دفتر عطا فرمايو جو حدِ نگاهه تائين (يعني جيستائين نظر وڃي اِيڏو) وسيع آهي ۽ هن

۾ قيامت تائين جي منهنجي مريدن جا نالا لکيل هئا ۽ مون کي فرمايو: قَد وُهِبُوا لَکَ (يعني) هي سڀ توهان کي بخشي (يعني ڏئي) ڇڏيا آهن. (بهجةُ الاسرار ص 193)

## هڪ سوال ۽ ان جو جواب

**عرض**: حضور هي تہ جبراً روپيو وٺڻ ٿيو، ان وليُّ الله جيستوڻيڪ ان جي دوڪان کي بچائڻ لاءِ ان کي ڏيڻ جي تاڪيد ڪئي، ممڪن هو جيئن ظلم کان بچڻ جي لاءِ رشوت ڏيڻ، پر ان فقير جي پير جا پير جيڪي الله وارا هئا، ان ظلم جي تائيد ڇو جائز رکي؟

**ارشاد**: شريعت پاڪ جا ٻہ حڪم آهن: ظاهر ۽ باطن، قاضي ۽ عام ماڻهن جي رسائي ظاهري احوالن تائين آهي، انهن تي ان جي پابندي لازم آهي جيستوڻيڪ واقفِ حقيقتِ حال جي ويجهو حڪم برعڪس (يعني اُبتڙ) هجي.

## حيرت انگيز قتل جو مقدمو

(وڌيڪ فرمايائون) هن جو مثال حضرت سيدنا داؤد علیہ الصّلوٰۃ والسّلام جي زماني ۾ واقع ٿيو هو، هڪ فقير مفلِس، بيوس، ماني لاءِ محتاج، رات جو دعا ڪندو هو تہ الٰهي حلال رزق عطا فرما. اتفاق سان ڪنهن رات هڪ ڳئون گهر ۾ گهڙي آئي، هن سمجهيو تہ منهنجي دعا قبول ٿي وئي ۽ هي حلال رزق غيب مان عطا ٿيو آهي، ڳئون دسي ڪري ذبح ڪيائين، ان جو گوشت پچائي کاڌو صبح جو مالڪ کي خبر پئي تہ اهو سرڪار نبوت علیہ الصّلوٰۃ والسّلام ۾ فريادي ٿيو، سيدنا داؤد علیہ الصّلوٰۃ والسّلام فرمايو: ڇڏي ڏي! تون مالدار آهين هن محتاج ڳئون ذبح ڪئي تہ ڇا ٿيو؟ اهو ڪاوڙجي ويو ۽ چيو: يانبيَّ الله! مان حق چاهيان ٿو، فرمايائون: جيڪڏهن حق چاهيو ٿا تہ اها ڳئون هن جي ٿي هئي، اهو وڌيڪ ڪاوڙ ۾ آيو، فرمايائون: نہ صرف ڳئون بلڪ جيترو مال تو وٽ آهي سڀ ان جو آهي، اهو وڌيڪ فريادي ٿيو تہ فرمايائون: تون بہ هن جي مِلڪ آهين ۽ هن جو غلام آهين، هاڻي تہ ان جي بيتابي جي حد نہ رهي، فرمايائون: جيڪڏهن تصديق چاهين ٿو تہ هاڻي اسان سان گڏ هل، فقير ۽ ان ڳئون واري کي گڏ وٺي پاڻ جهنگ ۾ تشريف وٺي ويا، عجيب واقعو هو، ماڻهن جو هجوم بہ گڏ

تي ويو، هڪ وڻ جي هيٺ حڪم ڏنائون ته هتي کوٽيو، کوٽڻ سان انسان جي سِسيءَ ۽ خنجر جنهن تي قتل ٿيل جو نالو لکيل هو، برآمد ٿيو، نبي الله (عليه الصّلوة والسّلام) هن وڻ کي ارشاد فرمايو: شهادت (يعني گواهي) ادا ڪر تو ڇا ڏٺو؟ وڻ عرض ڪيو: يا نبيَّ الله! هي فقير جي پيءُ جي سسيءَ آهي، هي ڳئون وارو ان جو غلام هو، ان (ڳئون واري) موقعو ملڻ تي منهنجي هيٺان پنهنجي آقا (يعني فقير جي پيءُ) کي انهيءَ جي خنجر سان ذبح ڪيو ۽ زمين ۾ خنجر سان گڏ پوري ڇڏيو ۽ هن جي سڄي مال تي قبضو ڪري ورتو، ان جو هي پٽ تمام ننڍو هو، ان هوش سنڀاليو ته پاڻ کي بيڪس، ۽ بي زر (يعني مفلس، تنگدست) ٿي ڏٺو ۽ نه ڪڏهن خبر پئي ته هن جو پيءُ ڪير هو ۽ هن جو ڪجهه مال به هو يا نه؟ حُڪم باطن سان ثابت ٿيو غلام کي (يعني ڳئون وارو جيئن ته فقير جي پيءُ جو قاتل هو انهيءَ ڪري) قتل ڪيو ويو ۽ اهو سڀ مال (جيڪو ڳئون واري جو هو) ورثي ۾ فقير کي مليو.

(مثنوي شريف دفتر سوم ص 224 تا 242)

(اعليٰ حضرت هي حڪايت بيان ڪري فرمايو) اهو هتي به ممڪن آهي ته دوڪاندار هن فقير جي مُورِث (يعني جنهن جو فقير وارث آهي) جو مَديون (قرض دار) هجي جيتوڻيڪ اهو فقير به ان کان واقف نه هجي نه ئي دوڪاندار ان کي سڃاڻندو هجي ته هي جبراً ڏيارڻ ناهي بلڪ حَقّ بحَقّ دارِ رَسانِيدَن (حق دار کي ان جو حق پهچائڻ آهي)

ہر ہر ذرّہ ہر قطرہ — شاہد ہے ہر ہر لحہ
اس کی قدرت و صنعت کا — یکتائی و وحدت کا

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ امنّا بِرَسُوْلِ الله (سامانِ بخشش شریف)

## ڪير نيڪي ڪرڻ واري وانگر آهي؟

سرڪار نامدار، پنهي جهان جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ اَبرار صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلّم فرمايو: اِنَّ الدَّالَّ عَلَى الْخَيْرِ كَفَاعِلِهٖ يعني بيشڪ نيڪي جي راهه ڏيکارڻ وارو نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي. (ترمذي ج 4 ص 305 حديث 2679) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنّان فرمائن ٿا: يعني نيڪي ڪرڻ وارو، ڪرائڻ وارو، ٻڌائڻ وارو (۽)

مشورو ڏيڻ وارو سڀ ثواب جا مستحق (يعني حقدار) آهن. (مراۃ المناجيح ج 1 ص 194)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سبحٰن الله! نيڪي جي دعوت جي مدني ڪم ۾ سٺين سٺين نيتن سان جائز طريقي سان تعاون ڪرڻ وارو به اَجر ۽ ثواب جو حقدار هوندو آهي، هن ۾ حڪم قرآني تي عمل جي نيت به ڪري سگهجي ٿي جيئن سيپاري 6 سُوْرَةُ الْمَآئِدَہ جي آيت نمبر 2 ۾ ارشاد آهي:

وَتَعَاوَنُوۡا عَلَى الۡبِرِّ وَالتَّقۡوٰى‌ وَلَا تَعَاوَنُوۡا عَلَى الۡاِثۡمِ وَالۡعُدۡوَانِ‌

**ترجمو ڪنزالايمان:** نيڪي ۽ پرهيزگاري تي هڪ ٻئي جي مدد ڪريو ۽ گناهه ۽ زيادتي ۾ هڪ ٻئي ڪي مدد نه ڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تمام عمل ڪرڻ وارن جو ثواب

**سيدُالمرسلين، خاتمُ المرسلين، رحمةٌ لِّلعٰلمين** صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جو فرمانِ دلنشين آهي: جيڪو هدايت ڏانهن سڏ ڪري ان ڪي سڀني عاملين (يعني عمل ڪرڻ وارن) جي طرح ثواب ملندو ۽ انهي سان ان (عمل ڪرڻ وارن) جي پنهنجي ثواب مان ڪجهه گهٽ نه ٿيندو، ۽ جيڪو گمراهي ڏانهن سڏ ڪري ته ان تي سڀني پيروي ڪرڻ وارن گمراهن جي برابر گناهه ٿيندو ۽ هي انهن جي گناهن مان ڪجهه گهٽ نه ڪندو. (مُسلم ص 1438 حديث 2674)

## لکين نيڪيون ۽ لکين گناهه

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنّان فرمائن ٿا: هي حڪم (عام آهي يعني) نبي صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم ۽ ان جي صدقي سڀني صحابه، اَئِمّہ مُجتَهِدين، علماءِ مُتَقَدِّمين ۽ مُتَاخِّرين سڀني جي لاءِ آهي، مثلاً جيڪڏهن ڪنهن جي تبليغ سان هڪ لک نمازي بڻجن ته ان مبلغ ڪي هر وقت هڪ لک نمازن جو ثواب ٿيندو ۽ ان نمازين ڪي پنهنجي پنهنجي نمازن جو ثواب، هن سان خبر پئي ته حضور صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جو ثواب مخلوق جي اندازي کان ٻاهر آهي. رب عزّوجلّ فرمائي ٿو: وَاِنَّ لَكَ لَاَجۡرًا غَيۡرَ مَمۡنُوۡنٍ‌ۚ

(پ 29 القلم 3) **ترجمو ڪنزالايمان:** (۽ ضرور تنهنجي لاءِ بي انداز ثواب آهي) ائين اهي مُصَنِّف

جنهن جي ڪتابن مان ماڻهو هدايت حاصل ڪري رهيا آهن قيامت تائين لڪن جو ثواب انهن کي پهچندو رهندو، هي حديث ان آيت لَّيْسَ لِلْإِنسَانِ إِلَّا مَا سَعَىٰ (پ 27 النجم 39) **ترجمو ڪنزالايمان:** (۽ هي تہ انسان جي واسطي نہ آهي مگر پنهنجي ڪوشش) جي خلاف ناهي، وڏيڪ فرمائن ٿا: هن ۾ گمراهين جا مُوجِد ۽ مُبَلِّغ (يعني گمراهي ايجاد ڪرڻ ۽ گمراهي بين تائين پهچائڻ وارا) سڀ شامل آهن قيامت تائين انهن کي لڪين گناهہ پهچندا رهندا. (مِراةُ المناجيح ج 1 ص 160)

## ”نيڪ“ بڻائڻ واري مشين بڻجي وئي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نيڪين جا حريص بڻجي وڃو، بين کي نمازي بڻائڻ جي مهم تيز ڪان تيز ڪيو، جڏهن بہ نماز باجماعت جي لاءِ مسجد ڏانهن وڃو بين کي ترغيب ڏئي گڏ وٺي وڃو، جنهن کي نماز ناهي ايندي انهن کي نماز سيکاريو. جيڪڏهن اوهان جي ڪري هڪ بہ نمازي بڻجي ويو تہ جيستائين اهو نمازون پڙهندو رهندو ان جي هر هر نماز جو ثواب اوهان کي بہ ملندو رهندو، عموماً عشاء کان پوءِ ڪم و بيش 40 منٽن جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدرَسةُ المدينہ (بالغان) ۾ داخلا وٺو، ان ۾ پاڻ بہ قرآن شريف سکو ۽ بين کي بہ سيکاريو، اوهان کان سکندڙ جڏهن بہ تلاوت ڪندو تہ اوهان کي بہ ان جي تلاوت جو ثواب ملندو رهندو، اوهان بہ سنتن تي عمل ڪيو ۽ بين کي بہ عمل تي آماده ڪيو، جيڪڏهن اوهان ڪنهن هڪ کي بہ سنت سيکاري تہ هاڻي اهو جڏهن جڏهن ان سنت تي عمل ڪندو تہ اوهان کي بہ سنت تي عمل ڪرڻ واري جيان ثواب ملندو رهندو، علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۽ مدني قافلن ۾ سنتن ڀريي سفر جي ذريعي پنهنجي ۽ بين جي اصلاح جي زوردار مهم هلائي مسلمانن کي ”نيڪ بڻائڻ جي مشين“ بڻجي وڃو ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ثواب جو انبار لڳي ويندو ۽ ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو .

تیرے کرم سے اے کریم! مجھے کون سی شے ملی نہیں
جھولی ہی میری تنگ ہے تیرے یہاں کمی نہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هر جملي تي سچي سال جي عبادت جو ثواب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن ڪو مسلمان نيڪي جي دعوت ڏيندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جوش ۾ ايندي آهي جيئن حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي عليہ رحمۃ اللہ الوالی فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت سيدنا موسيٰ ڪليم الله (عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي نيڪي جو حڪم ڪري ۽ برائي کان منع ڪري، ان جي جزا ڇا آهي؟ الله تبارڪ و تعاليٰ ارشاد فرمايو: مان هن جي هر جملي جي بدلي ۾ هڪ هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکندو آهيان ۽ ان کي جهنم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حياءُ ايندو آهي. (مُکاشفةُ القلوب ص 48)

## نيڪين جو اَنبار

سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن اوهان ڪنهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندا تہ هڪ هڪ ڪلمي (لفظ قول يا ڳالهہ) جي بدلي هڪ هڪ سال جي عبادت جو ثواب ملندو. فرض ڪيو! اوهان ڪنهن ڏينهن مسجد ۾ صرف هڪ اسلامي ڀاءُ جي سامهون "فيضانِ سنت" مان درس ڏنو ۽ ان مان ٻہ صفحا پڙهي ٻڌايا، هاڻي ان ۾ ويهہ ڳالهيون نيڪي ۽ ڀلائي جون بيان ٿيون تہ درس ٻڌڻ وارو اهو اسلامي ڀاءُ ان تي عمل ڪري يا نہ ڪري اوهان جي اعمال نامي ۾ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ويهہ سال جي عبادت جو ثواب لکيو ويندو ۽ جيڪڏهن اوهان کان درس ٻڌي ان اسلامي ڀاءُ عمل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو تہ اهو جيستائين عمل ڪندو رهندو اوهان کي بہ برابر ان عمل ڪرڻ واري جيترو ثواب ملندو رهندو ۽ جيڪڏهن ان اوهان جي درس مان سکيل ڪو سنت ڪنهن ٻي تائين پهچائي تہ ان جو ثواب پهچائڻ واري کي بہ ملندو ۽ اوهان کي بہ، ائين ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ اوهان جو ثواب بہ وڌندو ويندو، نيڪي جي دعوت جو آخرت ۾ ملڻ وارو ثواب جيڪڏهن ڪو دنيا ۾ ڏسي وٺي تہ ڪا گهڙي بيڪار نہ وڃڻ ڏي، هر وقت نيڪي جي دعوت جون

ڏومون مچائيندو رهي.

میں نیکی کی دعوت کی دُھومیں مچاؤں
تو کر ایسا جذبہ عطا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## درس ڏيڻ جو ثواب

مدينه مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ فيضان سنت مان درس ڏيڻ بہ "نيڪي جي دعوت" جو هڪ اهم ذريعو آهي تنهنڪري همت ڪيو شيطان ڪان پيڇو ڇڏايو، سُستي ختم ڪيو ۽ روزانو گهٽ ۾ گهٽ بہ درس ضرور ڏيو مسجد درس، چوڪ درس، بازار درس، وغيره مان گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هڪ درس جي ترڪيب بڻايو ۽ وقت مقرر ڪري روزانو ضرور بالضرور گهر درس جي ذريعي بہ خوب سنتن جا مدني گل لٽايو ۽ گهڻو ثواب ڪمايو، انهي ضِمن ۾ بہ حديثون پڙهو ۽ جهومو: فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو شخص منهنجي امت تائين اسلامي ڳالهہ پهچائي تہ جيئن ان سان سنت قائم ٿئي يا ان سان بد مذهبي دور ڪئي وڃي تہ اهو جنّتي آهي. (حلية الاولياء ج 10 ص 45 رقم 14466) دعاء مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: اللّٰه تعاليٰ ان کي تر و تازه رکي جنهن منهنجي حديث ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي. (سنن ترمذي ج 4 ص 298 حديث 2665)

## درس ڏيڻ جي برڪت

مدينه مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! درس فيضان سنت جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ اچو! اوهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو جيئن باب المدينہ (ڪراچي) جي مقيم اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي: 1410هـ بمطابق 1990ع جي ڳالهہ آهي تہ مان مرڪز الاولياء (لاهور) ۾ هڪ جڳهہ ملازمت ڪندو هئس، انهيءَ دوران دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءَ بہ هتي ملازم ٿيو، هڪ ڀيري مون چيو تہ ڪنهن اهڙي ڪتاب ڏانهن منهنجي رهنمائي فرمايو، جنهن کي پڙهي ڪري اسلامي طور طريقن جي مطابق زندگي گذاري وڃي، انهن چيو تہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة

المدينه جو شايع ڪتاب "فيضان سنت" خريد ڪيو، ڳالهه آئي وئي تي وئي! ۽ زندگي جا ڏينهن تيز رفتاري سان گذرندا رهيا، گردشِ ليل و نهار کان بي خبر مان معمول مطابق زندگي گذاريندو رهيس، ۽ دنياوي مصروفيت جي ڪري اهو ڪتاب خريد نه ڪري سگهيس، ڪجهه عرصي کان پوءِ خدا جو شان جو مان مستقل طور تي باب المدينه (ڪراچي) منتقل ٿي ويس، هڪ ڏينهن مغرب جي نماز جي لاءِ هڪ مسجد ۾ ويس ته نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ مون ڏٺو ته سفيد لباس ۾ مٿي تي سبز سبز عمامو شريف جو تاج سجائي هڪ اسلامي ڀاءِ ڪنهن ڪتاب مان درس ڏئي رهيو آهي ۽ ڪيترائي اسلامي ڀائر درس ٻڌڻ ۾ مصروف آهن مان به انهن سان گڏ درس ۾ ويهي رهيس، جڏهن منهنجي نظر ان ڪتاب تي پئي جنهن مان اسلامي ڀاءُ درس ڏئي رهيا هئا ته ان تي فيضان سنت لکيل هو جنهن کي ڏسي منهنجو ذهن ماضي جي يادن ۾ هليو ويو ۽ منهنجي ذهن جي پردي ۾ هي ڳالهه آئي ته هي ته اهو ئي ڪتاب آهي جنهن کي خريد ڪرڻ جو مون کي مرڪز الاولياء (لاهور) ۾ فلان اسلامي ڀاءُ مشورو ڏنو هو، درس کان پوءِ مون اسلامي ڀائرن سان ملاقات ڪئي ۽ انهن کان "فيضان سنّت" مطالعو ڪرڻ لاءِ گهريو، انهن ڏئي ڇڏيو، ان جو مطالعو ڪرڻ سان منهنجي اندر سنتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو بيدار ٿيو ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آهسته آهسته دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي سنتن تي عمل ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويس، ۽ مون سان گڏ منهنجا ٽي ڀائر به اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويا.

نہ نیکی کی دعوت میں سُستی ہو مجھ سے بنا شائقِ قافلہ یا الٰہی
سعادت ملے درسِ فیضانِ سنّت کی روزانہ دو مرتبہ یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**دين جو قُطبِ اعظم — مدينه 1:** حُجَّةُ الْاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابوحامد محمّد بن محمّد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالِي فرمائن ٿا: نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽

برائي کان روڪڻ دين جو قُطبِ اعظم آهي، (يعني اهڙو اهم رڪن آهي جو هن سان دين جون تمام شيون وابسته آهن) انهي اهم ڪم جي لاءِ الله تعاليٰ سڀني انبياء ڪرام (عليهم الصّلوٰة والسّلام) کي مَبعوث فرمايو (يعني موڪليو) (احياءالعلوم ج 2 ص 377)

## عرش جو سايو ڪنهن کي ملندو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ميدان محشر جي خوفناڪ ماحول ۾ جو جنهن ڏينهن عرش الٰهي جي سايي کان علاوه ڪو سايو نه هوندو، ان ڏينهن الله تعاليٰ پنهنجي جن مُطيع ۽ فرمانبردار خاص ٻانهن کي عرش عظيم جي سايي ۾ جڳهه ۽ جنت الفردوس ۾ داخلا عطا فرمائيندو انهن خوش نصيبن ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارا ۽ برائي کان منع ڪرڻ وارا اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون پڻ شامل هونديون، جيئن ته الله تعاليٰ حضرت سيدنا موسيٰ ڪليم الله (عليه الصّلوٰة والسّلام) ڏانهن وحي فرمائي ته جنهن نيڪي جو حڪم ڏنو ۽ برائي کان منع ڪيو ۽ ماڻهن کي منهنجي اطاعت (يعني فرمانبرداري) ڏانهن سڏ ڪيو، قيامت جي ڏينهن منهنجي عرش عظيم جي سايي ۾ هوندو. (حليةُالاولياء ج 6 ص 36 رقم 7716)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سج سَوا ميل تي هوندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن قيامت جو ڏينهن هوندو ۽ سج سوا ميل تي رهي باهه وسائي رهيو هوندو، اُڃ جي شدت سبب زبانون ٻاهر هونديون، ماڻهو پگهر ۾ غوطا کائي رهيا هوندا، صحيح معنيٰ ۾ عرش جي سايي جي اهميت جي خبر ان وقت پوندي، ان جي طلب پنهنجي دل ۾ پيدا ڪيو، گرمين ۾ منجهند جو وقت هجي ۽ اوهان تيز اُس ۾ بيابان ريگستان ۾ پيرين اگهاڙي هلي رهيا هجو جيڪڏهن ان وقت ڪو ڇَپَر يا سايي جي جڳهه نظر اچي ته ان وقت اوهان کي ڪيڏي نه خوشي ٿيندي ان جو اوهان سٺي نموني اندازو ڪري سگهو ٿا، حالانڪ قيامت جي گرمي جي مقابلي ۾ دنيا جي اُس ڪا حيثيت نٿي رکي، لهٰذا قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان

”عرش جو سايو“ حاصل ڪرڻ جي لاءِ اڄ دنيا ۾ خوب خوب نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو ۽ اللهعَزَّوَجَلَّ جي جناب ۾ عرش جي سايي جي خيرات گهري وٺو .

يا الٰہی گرمیِ محشر سے جب بھڑکیں بدن　　دامنِ محبوب کی ٹھنڈی ہوا کا ساتھ ہو

یاالٰہی جب زَبانیں باہَر آئیں پیاس سے　　صاحِبِ کوثر شہِ جُودو عطا کا ساتھ ہو

یا الٰہی سرد مہری پر ہو جب خورشیدِ حشر

سیِّدِ بے سایہ کے ظلِّ لِوا کا ساتھ ہو (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلامِ رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي مناجات جي ٽنهي شعرن جو ترتيب وار خلاصو ملاحظہ فرمايو: (1) اي منهنجا معبودعَزَّوَجَلَّ! جڏهن محشر ٿئي ۽ هتي جي هوش اُڏائڻ واري گرمي سان ماڻهن جا بدن تپي ۽ سڙي رهيا هجن ان وقت اسان غلامان مصطفيٰ کي پنهنجي پياري محبوب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم جي دامن ڪرم جي ٿڌڙي ٿڌڙي هوا نصيب ٿئي (2) اي منهنجا پروردگارعَزَّوَجَلَّ! قيامت جي خوفناڪ تپش ۽ جان ليوا اُڃ جي شدت جي ڪري زبانون سُڪي ڪري ڪنڌا ٻڄي وڃن ۽ ٻاهر نڪري اچن! اهڙي دل ڏارينڊڙ ماحول ۾ صاحب جود وسخاوت، مالڪ ڪوثر ۽ جنت صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم جو ساٿ نصيب ڪجان، ڪاش! ڪاش! ڪاش! اسان اُڃ جي ماريلن کي صاحب ڪوثر صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم جي پياري پياري هٿن سان ڪوثر جا پري پري جام نصيب ٿي وڃن (3) اي ربّ ڪريمعَزَّوَجَلَّ! قيامت جي تپندڙ ميدان ۾ جڏهن سج خوب ڏمرجي باهہ وسائي رهيو هجي! هاءِ! اهڙي جان ڳارينڊڙ سخت اُس ۾ جڏهن دماغ ٻڙڪي رهيا هجن، اسان جي سيد ۽ سردار صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم جنهن جو اُس ۾ سايو زمين تي نہ پوندو هو ان جي عظيم الشان جهنڊي جو سايو اسان کي عطا فرماءِ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! 　 صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڀلائي ۽ برائي جو امام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪنهن کي پنهنجو قائد، پيشوا، ۽ ليڊر بڻائڻ کان پهريان آخرت جي نفعي نقصان جي باري ۾ خوب غور ڪرڻ گهرجي، جيڪو خوش نصيب ڪنهن نيڪ ۽ پرهيزگار ٻانهي کي پنهنجو پيشوا بڻائيندو ان جي ڳالهين تي عمل ڪندو اهو قيامت جي

ڏينهن ان سان گڏ هوندو ۽ جيڪو بدنصيب دنيا جي رنگينين ۾ بدمست ٿي، دولت ۽ منصب جي حَوَس جي ڪري بُري پيشوا (ليڊر) جي ڦندي ۾ ڦاسي پوندو ۽ دنيا ۾ هن جي ڳالهين تي هلندو ته محشر ۾ انهيءَ پيشوا سان گڏ هوندو. اسان سڀني کي قيامت جي رسوائي کان ڊڄڻ گهرجي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل اُردو ترجمي واري قرآن "كنزالايمان مع خزائنُ العِرفان" صفحي 539 تي سيپاري 15 سُوْرَۃُ بَنِیْۤ اِسْرَآءِیْل آيت نمبر 71 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي:

يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍۭ بِاِمَامِهِمْ ۚ

**ترجمو ڪنزالايمان:** جنهن ڏينهن اسان هر جماعت کي ان جي امام سان گڏ سڏ ڪنداسين.

صَدرُ الاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهادي هن آيت شريف جي تحت فرمائن ٿا: (ان امام سان گڏ ان کي سڏ ڪندا) جنهن جي اهو دنيا ۾ پيروي ڪندو هو، حضرت ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُمَا فرمايو: ان مان اهو امام زمان (يعني پنهنجي دور جو پيشوا) مراد آهي جنهن جي دعوت تي دنيا ۾ ماڻهو هلي، چاهي ان حق جي دعوت ڏني يا باطل جي، حاصل هي ته هر قوم پنهنجي سردار وٽ جمع ٿيندي جنهن جي حڪم تي دنيا ۾ هلندي هئي ۽ انهن کي انهي نالي سان پڪاريو ويندو ته فلان جا تابعدارؤ! (خزائن العرفان)

## نيڪي جي امام جو خوش انجام

جن خوش نصيبن کي تبليغ ۽ ارشاد ۽ نيڪي جي دعوت جي حوالي سان دنيا ۾ منصبِ وجاهت مليو هوندو ۽ انهن وڏي اخلاص ۽ خوش اسلوبي سان پنهنجي ذميداري پوري ڪئي هوندي، انهن جا ۽ نيڪي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ انهن جو تعاون ڪرڻ وارن مخلصن جا آخرت ۾ ڀاڳ کُلي ويندا، هن ضمن ۾ هڪ ايمان افروز روايت پڙهو ۽ جهومو: حضرت سيدنا ڪعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ فرمائن ٿا: نيڪي جي امام کي قيامت ۾ آندو ويندو ۽ ان کي چيو ويندو ته پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ حاضري ڏي ته هو حاضري ڏيندو ته وچ مان حِجابات (يعني پردا) هٽي ويندا، ان کي جنت ۾ وڃڻ جو حڪم ٿيندو، اهو جنت ۾ وڃي پنهنجي منزل (يعني مقام) ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾

تعاون ڪرڻ وارن دوستن جون منزلون (يعني مقامات) ڏسندو، ان کي چيو ويندو تہ هي فلان جي منزل آهي ۽ هي فلان جي، تہ اهو جنت ۾ ان تمام شين کي ڏسندو جيڪو ان پاڻ لاءِ ۽ ان جي دوستن جي لاءِ تيار آهن ۽ پنهنجي منزل (يعني مقام) ان سيني (دوستن جي منزلن) کان افضل ڏسندو، پوءِ ان کي جنت جي حُلن (يعني لباس) مان هڪ حُلو (يعني لباس) پارايو ويندو ۽ ان جي مٿي تي جنت جي تاجن مان هڪ تاج رکيو ويندو ۽ ان جو چهرو چمڪڻ شروع ٿيندو ايستائين جو چنڊ جيان ٿي ويندو، جيڪو بہ ان کي ڏسندو تہ چوندو: ياالله عَزَّوَجَلَّ! هن کي اسان مان بڻائي ڇڏ ايستائين جو اهو پنهنجي انهن دوستن وٽ ايندو جيڪي خير ۽ ڀلائي ۾ ان جو ساٿ ڏيندا هئا ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ ان سان تعاون ڪندا هئا، انهن کي چوندو: اي فلان! خوش ٿي جنت ۾ وڃ، الله تعاليٰ تنهنجي لاءِ اهڙا اهڙا انعام تيار ڪري رکيا آهن، انهن کي اهڙيون خوشخبريون ٻڌائيندو رهندو ايستائين جو ان جي پنهنجي روشن چهري جيان ان جي دوستن جا چهرا بہ خوشي جي ڪري چمڪڻ لڳندا ۽ اهڙي طرح ماڻهو انهن کي انهن جي چمڪندڙ چهرن جي ڪري سڃاڻيندا.

(البدور السافرة في امورالاخره ص 245)

ہو ضیا کر میرا چہرہ حشر میں اے کبریا
شہ ضیاءُ الدین پیر با صفا کے واسطے

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪيسٽ جي هڪ جملي دل تي اهڙي چوٽ لڳائي جو (مدينہ)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، انهيءَ مدني ماحول جي برڪت سان بي شمار اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون گناهن کان توبہ ڪري نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مشغول ٿي ويا آهن، اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش

ڪئي وڃي ٿي، پنجاب (پاڪستان) جي شهر چشتيان شريف جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: نمازن کان پري ڀڄڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ، ماءُ پيءُ کي ستائڻ وغيره وغيره گناهه منهنجي زندگي جو حصو بڻجي چڪا هئا، گانا باجا ٻڌڻ جو ته مون کي جنون (يعني چريائپ) جي حد تائين شوق هو، طرح طرح جا گانا منهنجي موبائل فون، ڪمپيوٽر ۾ هر وقت موجود رهندا هئا، انٽرنيٽ جي غلط استعمال جي گناهه ۾ به ملوث هئس، جينز (Jeans) جي علاوه ڪنهن ٻي ڪپڙي جي پتلون نه پائيندو هئس ايستائين جو هڪ ڀيري عيد جي موقعي تي والد صاحب منهنجي لاءِ وڳو سبرايو پر مون اُهو پائڻ کان انڪار ڪيو ۽ نفس جي خواهش پوري ڪندي پينٽ شرٽ خريدي ڪئي ۽ عيد جي پُر مَسَرَّت موقعي تي انهيءَ لباس ۾ ملبوس هئس، فيشن جو شوقين هجڻ سبب مون عمامي ۽ ڪُرتي جي باري ۾ ڪڏهن سوچيو به نه هو، منهنجي سُڌرڻ جو سبب ائين ٿيو جو اسان جي مسجد ۾ جيڪي نوان امام صاحب تشريف وٺي آيا اهي خوش قسمتي سان تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته هئا، هڪ ڏينهن انهن مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي رغبت ڏياري، انهن جي انفرادي ڪوشش جي ڪري مون هڪ ٻه ڀيرا هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪري ورتي، هڪ ڏينهن انهن منهنجي والد صاحب کي دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي جاري ٿيل سنتن ڀري بيان جو ڪيسيٽ ”مردے کی بے بسی“ تحفي ۾ ڏني، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان هڪ رات مون کي اهو بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ٿي، اَلْحَمْدُللهِ عَزَّوَجَلَّ هن بيان جي برڪت سان منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي، خاص ڪري هن جملي ”انسان مرڻ کان پوءِ اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو ڳاڏي هوندي ته اها به گيرج ۾ بيٺل رهجي ويندي“ منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، اَلْحَمْدُللهِ عَزَّوَجَلَّ مون هٿو هٿ پنهنجي گناهن کان توبه ڪئي، پنهنجو موبائل ۽ ڪمپيوٽر به گانن جي نحوستن کان پاڪ

ڪري ڇڏيو ۽ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس، هن مدني ماحول مون کي بلڪل بدلائي ڇڏيو، مون پنهنجي چهري تي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني ڏاڙهي شريف ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو ۽ سنت جي مطابق مدني لباس به سجائي ورتو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تادم تحرير مان يونيورسٽي جي هاسٽل ۾ دعوت اسلامي جي شعبۂ تعليم جي ذميدار جي حيثيت سان مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهيان.

يقيناً مقدّر کا وہ ہے سکندر    جسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول
یہاں سنّتیں سیکھنے کو ملیں گی    دلائے گا خوفِ خدا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ سِیَہ کارو آؤ
گنہ تم سے دیگا چھُڑوا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسجد جو امام، علائقي جو بي تاج بادشاهه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! مسجد جي پيش امام اسلامي ڀاءُ جي انفرادي ڪوشش هڪ ماڊرن فيشن پرست نوجوان کي سنتن جو پيڪر بڻائي ڇڏيو! مسجدن جا امام صاحب عام اسلامي ڀائرن جي بنسبت عام طور تي وڌيڪ با اثر هوندا آهن، خاص ڪري خوش اخلاق ۽ مِلنسار امام مسجد هن علائقي جو ڄڻ ته "بي تاج بادشاهه" هوندو آهي، ماڻهو ان جو بيحد احترام ڪندا ۽ ان جي ڳالهه دل ۽ جان سان مڃيندا ۽ اکين تي رکندا آهن. مسجدن جي امام سڳورن جي خدمت ۾ منهنجي مدني التجا آهي ته اهي صرف جمعةُ المبارڪ جي بيان کي سڀ ڪجهه نه سمجهن، موقع مناسبت جي مطابق روزانو فيضان سنت جي درس جي ترڪيب بڻائن ۽ درس ڏيڻ واري مُعلِم جي حوصلا افزائي جي لاءِ ان ۾ شرڪت به فرمائن، خوب انفرادي ڪوشش وڌائن، علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۾ پنهنجي

فَرمانِ مُصطَفٰے صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم: جيڪو مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود شريف پڙهيوان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

شرڪت يقيني بڻائن، هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقان رسول جي مدني قافلي ۾ سنتن ڀريي سفر جي سعادت به حاصل ڪن، واقعي امام صاحب جيڪڏهن پاڻ سفر ڪندا ته ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان ڪي ڏسندي ان جا مُقتَدِي به آساني سان **مدني قافلي** جا مسافر بڻجي ويندا، بهرحال هر مسجد جي امام صاحب ڪي پنهنجي اهم ترين ذميداري مان "جائز فائدو" حاصل ڪندي پنهنجي علائقي ۾ خوب مدني ڪمن جون ڌومون مچائي سنتن جي بهار آڻڻ گهرجي ته جيئن سندن لاءِ آخرت جي ثواب جو خوب خوب ذخيرو جمع ٿئي، پنهنجي مُقتدين کان وڌيڪ بي تڪلف ٿي ڪري پنهنجو وقار خراب ڪرڻ بدران فالتو ڳالهين کان بچي انهن کي سنتن ڀريا **مدني گل** پيش ڪندي رهڻ ۾ ئي پنهنجي جهانن جي ڀلائي آهي، هن ضِمن ۾ هڪ نصيحت آموز حڪايت پڙهو:

## ست جي لاءِ ست ڪافي

حضرت سيدنا حاتِم اَصَم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاكرم جي خدمتِ مُعَظَّم ۾ هڪ شخص حاضر ٿي نصيحت جو طالب ٿيو، پاڻ رَحمَةُ الله تعالى عَلَيه فرمايائون: ﴿1﴾ جيڪڏهن تون رفيق چاهين ٿو ته الله تعالي (جي ياد) تنهنجو رفيق (يعني ساٿي) ڪافي آهي ﴿2﴾ همراهي چاهين ٿو ته ڪِراماً ڪاتبين (يعني اعمال لکڻ وارا بزرگ فرشتا) تنهنجي لاءِ ڪافي آهن ﴿3﴾ جيڪڏهن عبرت چاهين ٿو ته دنيا جو فاني هجڻ عبرت جي لاءِ ڪافي آهي ﴿4﴾ جيڪڏهن مونِس ۽ غمخواري درڪار آهي ته قرآن شريف ڪافي آهي ﴿5﴾ جيڪڏهن شُغل (يعني ڪم) گهرجي ته "عبادت" ڪافي آهي ﴿6﴾ جيڪڏهن واعظ (يعني نصيحت ڪرڻ وارو) چاهين ٿو ته "موت" ڪافي آهي هي ڇهه مدني گل عنايت ڪرڻ کان پوءِ ستين نمبر تي ارشاد فرمايو: جيڪڏهن هي ڳالهيون تون کي پسند ناهن ته دوزخ تنهنجي لاءِ ڪافي آهي. (تذكرة الاولياء الجزء الاوّل ص 224) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي-**

اٰمين بِجاهِ النَّبيِّ الاَمين صلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## لڪي ڪري بي حيائي ڪرڻ واري جي غلط فهمي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اسان جا بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين نيڪي جي دعوت جو ڪو موقعو هٿ مان نه وڃڻ ڏيندا هئا جيڪڏهن انهن کان ڪو نصيحت جو طالب ٿيندو هو ته ان کي آخرت ۾ ڪم اچڻ وارا "مدني گل" عنايت فرمائيندا هئا، واقعي سفر ۽ حضر هر جڳهه ياد الهي جو سات هجي ۽ هر دم احساس ٿئي ته "الله عَزَّوَجَلَّ ڏسي رهيو آهي" جيئن سيپاري 30 سُوْرَةُ الْعَلَق جي 14 آيت ۾ ارشاد آهي:

اَلَمْ يَعْلَمْ بِاَنَّ اللّٰهَ يَرٰى ﴿١٤﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ڇا نه ڄاتائين ته الله عَزَّوَجَلَّ ڏسي رهيو آهي.

ته پوءِ انسان گناهن جي معاملي ۾ خوفزده ۽ هوشيار رهندو ۽ ظاهراً ۽ خُفيةً (يعني پوشيده طور تي) الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرمانين کان بچندو آهي، جيڪي ماڻهو پنهنجي ناقص خيال ۾ لڪي ڪري برائيون ڪن ٿا انهن کي هي ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته جن خطائن کي هي پوشيدا سمجهي ويٺا آهن اهي سڀ جون سڀ برائيون ۽ بي حيائيون بديون لکڻ وارو فرشتو ڄاڻي ٿو ۽ لکي به رهيو آهي! جيڪڏهن ڪنهن شخص کي هن ڳالهه جو صحيح نموني احساس ٿي وڃي ته هن کي ايڏي ته شرمندگي ۽ ندامت ٿيندي جو دل چاهيندي ته هاڻي زمين ڦاٽي پوي ۽ مان ان ۾ غرق ٿي وڃان! سيپاري 26 سُوْرَةُ قٓ آيت نمبر 18 ۾ ارشاد آهي:

مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿١٨﴾

(پ 26، ق: 18)

ترجمو ڪنزالايمان: اهو ڪا ڳالهه زبان مان نه ٿو ڪڍي مگر ان وٽ هڪ نگهبان تيار ويٺو آهي.

سيپاري 30 سُوْرَةُ الْاِنْفِطَار آيت نمبر 10 کان 12 ۾ آهي:

وَ اِنَّ عَلَيْكُمْ لَحٰفِظِيْنَ ﴿١٠﴾ كِرَامًا كَاتِبِيْنَ ﴿١١﴾ يَعْلَمُوْنَ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿١٢﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ بيشڪ توهان تي ڪجهه نگهبان آهن، معزز لکڻ وارا ڄاڻن ٿا جو ڪجهه توهان ڪيو.

مُفسّر شهير، حكيمُ الأُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنان فرمائن ٿا: خبر پئي تہ اعمال نامو لکڻ وارا فِرشتا اسان جي لکيل ۽ ظاهر عمل کي ڄاڻن ٿا نہ تہ لکن ڪيئن ها. (علم القرآن ص 85) سُبحٰن الله! جڏهن عمل لکڻ وارا فِرشتا اسان جا لکيل عمل ڄاڻن ٿا تہ پوءِ سيني فِرشتن بلڪ جميع مخلوق جي سردار مڪي مديني جي تاجدار صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم تي پنهنجي غلامن جي دلين جا حالات ڇو نہ آشڪار (يعني ظاهر) هوندا! منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ بارگاهِ رسالت ۾ عرض گذار آهن:

*سرِ عرش پر ہے تری گُزر، دلِ فرش پر ہے تری نظر*

*ملکوت و مُلک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں* (حدائقِ بخشش شریف)

مشڪل لفظن جي معنيٰ: **سرِ عرش**: عرش جي مٿي. **ملكوت** فرشتن جي رهڻ جي جڳهہ. **عياں**: ظاهر

**شرح ڪلام رضا:** يارسول الله صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم عرش جي مٿي ۽ فرش يعني زمين جي اندر جو سڀ ڪجهہ اوهان صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جي نگاهہ جي سامهون آهي، دنيا جهان ۾ ڪا بہ اهڙي شيءِ ناهي جيڪا پاڻ ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم تي ظاهر نہ هجي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فرشتي کي رفيق سفر بڻائڻ جو عمل

**مدنيه**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جنهن کي دنيا جي بي وفا هجڻ جو احساس هجي، هر وقت موت جو تصور پڌل هجي، تلاوت ۽ عبادت جو مشغلو هجي، ذڪر ۽ درود جو سلسلو هجي تہ پنهي جهانن ۾ ان جو بيڙو پار آهي، مقيم هجي يا مسافر هر هڪ کي گهرجي تہ اهو فضول بڪ بڪ بدران **ذِڪر و درود** ۽ سنتن ڀرين پيارين پيارين ڳالهين ۾ پنهنجو وقت گذاري، خاص ڪري سفر جي باري ۾ هڪ **مدني گل** قبول فرمايو: مصطفيٰ جان رحمت، شمع بزمِ هدايت، نوشہ بزمِ جنّت، مَنبع جود و سخاوت، سراپا فضل و رحمت صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جو فرمان حفاظت نشان آهي: جيڪو شخص سفر جي دوران الله تعاليٰ ڏانهن توجهہ رکي ۽ ان جي ذڪر ۾ مشغول رهي الله عزوجل ان

جي لاءِ هڪ فرشتو محافظ (يعني حفاظت ڪرڻ وارو) مقرر ڪندو آهي ۽ جيڪو بيهوده شعر و شاعري ۽ فضول ڳالهين ۾ مصروف رهي تہ الله تعالي ان جي پويان هڪ شيطان لڳائي ڇڏيندو آهي. (المعجم الڪبير ج 17 ص 324 حديث 895)

سرورِ دیں لیجے اپنے ناتوانوں کی خبر
نفس و شیطاں سیدا کب تک دباتے جائیں گے (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ بہ جهاد آهي

حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ، شير خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ڪان روايت آهي تہ نبيِّ اَڪرم، رحمتِ عالم، نُورِ مُجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ مُعَظَّم آهي: جهاد جا چار قسم آهن: ﴿1﴾ نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ ﴿2﴾ برائي ڪان منع ڪرڻ ﴿3﴾ صبر جي مقام تي سچ چوڻ ۽ ﴿4﴾ فاسِقن سان بُغض رکڻ، جنهن نيڪي جو حڪم ڏنو ان مومنن جا هٿ مضبوط ڪيا ۽ جنهن برائي ڪان منع ڪيو ان فاسِقن جو نڪ خاڪ ۾ ملايو. (حليةُ الاولياء ج 5 ص 11 حديث 6130)

## فاسق جي "فِسق" ڪان نفرت هئڻ گهرجي

حضرت سيدنا عبدالعزيز دَبَّاغ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪنهن فاسق مسلمان سان انهي طرح نفرت نہ ڪرڻ گهرجي جو ان جي ذات سان نفرت ٿي وڃي، ها! ان جي غلط عمل ۽ ناجائز ڪم کي برو ڄاڻڻ گهرجي، ڇوتہ ان جا اهي گناهہ جيڪي نفرت لائق آهن عارضي آهن پر ان جي دل ۾ موجود ايمان مستقل آهي هي پاڻ هڪ مومن آهي ۽ هي اهڙا ڪم آهن جيڪي محبت کي لازم ڪرڻ وارا آهن تنهنڪري انهن پاڪيزه خصلتن جي ڪري ان جي ذات سان محبت هئڻ گهرجي ۽ ان جي بُرن ڪمن ۽ گناهن ڪان نفرت هئڻ گهرجي . (ابريز ص 478 ملخصاً)

## فاسق جي صحبت سخت نقصان ڪار آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذهن ۾ هي رهي تہ فاسق جي فِسق سان نفرت رکڻي آهي، ان جي هي معنيٰ ناهي تہ فاسق

جي صحبت بہ اختيار ڪيون **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 496 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**غيبت جون تباهہ ڪاريون**" صفحي 153 تي آهي: بري صحبتن کان بچڻ تمام ضروري آهي نہ تہ آخرت تباهہ ٿي سگهي ٿي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، اِمام اِهلسنّت مولانا شاهہ اِمام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن فرمائن ٿا: نماز ۾ شريعتِ مُطَهّره کو اهڙو ذڪر ناهي رکيو جنهن ۾ "صرف زبان" مان لفظ ڪڍيا وڃن ۽ معنيٰ مراد نہ هجي . (فتاويٰ رضويه ج 29 ص 567) (اعلي حضرت جي هن فرمان جي روشني ۾) توهان کي ياد ڏيارڻ جي لاءِ عرض آهي تہ نمازِ وِتر ۾ دعاءِ قُنُوت تہ پڙهندا هوندا جنهن ۾ (هي بہ) آهي: "وَنَخْلَعُ وَنَتْرُكُ مَنْ يَّفْجُرُكَ" يعني (ياالله! اسان) الڳ ڪيون ٿا ۽ ڇڏيون ٿا ان کي جيڪو تنهنجي نافرماني ڪري" جيڪڏهن اڄ کان پهريان معنيٰ جي خبر نہ هئي هاڻي تہ خبر پئي ان ڪري پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ سان ڪيل روز روز جي هنن واعدن کي عملي جامو پارائي ڇڏيو، ۽ نماز نہ پرهندڙن، گارين، بدگمانين، تُهمتن، غيبتن، چغلين ۽ مختلف قسمن جي نافرمانين ۾ شريڪ ٿيندڙن فاسِقن ۽ فاجرن جي ڪچهرين ۽ انهن جي صحبتن کان توبهہ ڪيو ۽ قرآن ڪريم بہ اهڙن جي صحبت کان منع فرمايو آهي: جيئن تہ سيپارو 7 سُوْرَةُ الْاَنْعَام آيت نمبر 68 ۾ ارشاد آهي:

وَ اِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۶۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان** : ۽ جيڪڏهن ڪٿي توکي شيطان وسارائي تہ ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نہ ويهہ.

تفسيراتِ اَحمديہ ۾ هن آيتِ مبارڪ جي تحت لکيل آهي: هتي ظالمن مان مراد ڪافر، مُبتَدِعِين يعني گمراهہ ۽ بد دين ۽ فاسق آهن . (تفسيرات احمديه ص 388) "**غيبت جون تباهہ ڪاريون**" صفحي 154 تي آهي.

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ فاسق وٽ وڃڻ جائز آهي

جيڪو اسلامي ڀاءُ مُتَّقِي، پرهيزگار هجي، هو ياري دوستي ۾ نہ پر صرف نيڪي جي دعوت جي حد تائين نافرمان ۽ بگڙيل ماڻهن وٽ

ويهي سگهي ٿو جيئن تہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل اردو ترجمي واري قرآن "ڪنزالايمان مع خزائن العرفان" صفحي 260 تي سيپاري 7 سُوْرَةُ الْاَنْعَام آيت نمبر 69 ۾ ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَا عَلَى الَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّلٰكِنْ ذِكْرٰى لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿۶۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان** : ۽ پرهيزگارن تي انهن جي حساب مان ڪجهہ بہ نہ آهي هائو نصيحت ڏيڻ شايد اهي باز اچن.

حضرت صَدرُالاَفَاضِل مولانا سيّد محمد نُعِيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهَادِي خزائنُ العِرفان ۾ هن آيت سڳوري جي تحت فرمائن ٿا: ان آيت مان خبر پئي تہ نصيحت ۽ اظهارِ حق جي خاطر انهن وٽ ويهڻ جائز آهي.

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ صدقو آهي

حضرت سيدنا ابوذر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ هادي راهِ نجات، سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي: پنهنجي (ديني) ڀاءُ سان مسڪرائي ملڻ توهان جي لاءِ صدقو آهي ۽ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ صدقو آهي. (سنن ترمذي ج 3 ص 384 حديث 1963)

## مسڪرائيندي ڳالهائڻ سنّت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديث شريف ۾ مسڪرائي ڪري ملڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ کي صدقو چيو ويو آهي، سبحٰن الله! مسڪرائي ملڻ جي ڇا ڳالهہ آهي! مسڪرائي ملڻ، مسڪرائي ڪري ڪنهن کي سمجهائڻ عام طور نيڪي جي دعوت جي مدني ڪم کي نهايت سَهل ۽ آسان بڻائيندو ۽ حيرت انگيز نتيجن جو سبب بڻجندو آهي، جي ها! اوهان جي معمولي مسڪراهٽ ڪنهن جي دل جيتي ڪري ان جي گناهن ڀري زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ڪري سگهي ٿي، ۽ ڪنهن سان ملڻ وقت بي رخي ۽ لاپرواهي کان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي هٿ ملائڻ ڪنهن جي دل ٽوڙي ان کي مَعاذَالله گمراهي جي اونهي کڏ ۾ ڪيرائي سگهي ٿو، تنهنڪري جڏهن بہ ڪنهن سان بہ ملاقات ڪيو، گفتگو ڪريو انهيءَ وقت ان سان

جيترو ٿي سگهي مسڪرائيندا رهو، جيڪڏهن خشڪ مِزاجي يا بي توجهي سان ملڻ جي خصلت آهي تہ ملنساري ۽ مسڪرائي ڪري ملڻ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ خوب ڪوشش ڪيو، بلڪ مسڪرائڻ جي عادت پڪي ڪرڻ لاءِ ضرورتاً ڪنهن جي ذميداري بہ لڳايو جو اهو اوهان کي پين سان ڳالهيندي ڏسي تہ اوهان جو منهن سُجل آهي يا منهن تي گهنج محسوس ڪري تہ وقتاً فوقتاً ياد ڪرائيندو رهي، چوندو رهي يا اوهان کي ان طرح جي تحرير ڏيکاري: "ڳالهيندي مسڪرائڻ سنت آهي" جي ها هي بلڪل سنت آهي جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل 73 صفحن تي مشتمل ڪتاب "حُسنِ اخلاق" صفحي 15 تي آهي: حضرت سيدتنا اُمِّ درداء رضی اللہ تعالٰی عنہا حضرت سيدنا ابو درداء رضی اللہ تعالٰی عنہ جي باري ۾ فرمائن ٿيون تہ اهي هر ڳالهہ مسڪرائي ڪري ڪندا هئا، جڏهن مون ان ڪان هن جي باري ۾ پڇيو تہ انهن جواب ڏنو: مون حُسنِ اخلاق جي پيڪر، ملنسارن جي رهبر، غمزدن جي ياور، محبوب ربّ اڪبر صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم کي ڏٺو تہ پاڻ ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم گفتگو دوران مسڪرائيندا رهندا هئا. (مكارم الأخلاق للطبراني ص 319 رقم 21)

جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں

اُس تبسّم کی عادت پہ لاکھوں سلام (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** حدائق بخشش شريف ۾ شامل سلام رضا جي انهي مصرعي جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں جو آخري لفظ "پڑیں" اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي مدني سوچ جو عظيم شاهڪار آهي، ڇو تہ جيڪڏهن "پڑیں" جا بدران "پڑے" هجي ها تہ معنيٰ ۾ ڪنهن هڪ واقعي ڏانهن اشارو وڃي ها! پر اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ پڑیں لکي سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جي عظيم صفت بيان فرمائي جيئن تہ هن مصرع جي معنيٰ آهي: حيات ظاهري ۾ تہ تسڪين ڏيڻ سان غمزده دلين جون مکڙيون کلي پون ٿيون پر اڄ بہ سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جڏهن ڪنهن ڏکايل کي خواب ۾ يا ڪنهن غلام کي قبر ۾ تسلي ڏيندا آهن تہ اهو پُرسڪون ٿي ويندو آهي، هن مصرع ۾ هي بہ اشارو آهي تہ محشر ۾ بہ گنهگار

أمتين کي دلاسو ڏئي چين ۽ قرار بخشيندا پئي مصرع جي معنيٰ آهي: ان تسڪين ڏيندڙ مبارڪ عادت تي لکين سلام هجن، مولانا سيد اختر الحامدي علیہ رحمۃ اللہ القوی هن شعر تي ڏاڍي پياري تضمين لکي آهي:

مُضطرِب غم سے ہوتے ہُوئے ہنس پڑیں رنج سے جان کھوتے ہوئے ہنس پڑیں
بخت جاگ اٹھیں سوتے ہوئے ہنس پڑیں جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں
اُس تبسُّم کی عادت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هٿ ملائڻ مهل مسڪرائڻ مغفرت جو سبب آهي

هڪ روايت ۾ سيدنا ثُقَيع آعمِي رضی اللہ تعالی عنہ فرمائن ٿا ته حضرت سيدنا بَرَاء بن عازب رضی اللہ تعالی عنہ سان منهنجي ملاقات ٿي ته انهن منهنجو هٿ پڪڙي مون سان مصافحو فرمايو (يعني هٿ ملايو) ۽ مسڪرائڻ لڳا پوءِ پڇڻ لڳا: ڄاڻو ٿا مون ائين ڇو ڪيو؟ ته مون عرض ڪيو: نه، ته فرمائڻ لڳا: نبي ڪريم، رؤف رّحيم علیہ افضل الصلوۃ والتسلیم مون کي ملاقات جو شرف بخشيو ته مون سان ائين ئي ڪيو پوءِ مون کان پڇيو: ڄاڻو ٿا مون ائين ڇو ڪيو؟ ته مون عرض ڪيو: نه، ته پاڻ صلی اللہ تعالی علیہ والہ وسلم فرمايائون ته جڏهن ٻه مسلمان ملاقات ڪرڻ وقت مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) آهن ۽ ٻئي هڪ ٻي جي سامهون الله عزوجل جي لاءِ مسڪرائيندا آهن ته ان جي جدا ٿيڻ کان پهريان ئي انهن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي.

(المعجم الاوسط للطبراني ج 5 ص 366 حديث 7630)

باغِ جنّت میں محمد مسکراتے جائیں گے
پھول رحمت کے جھڑیں گے ہم اٹھاتے جائیں گے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مُسڪرائڻ جون سٺيون ۽ بُريون نيّتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مذڪوره حديث شريف ۾ لفظ "الله جي لاءِ" سٺي نيت جي صراحت ڪري ٿو، بهرحال

ڪنهن مسلمان سان هٿ ملائڻ ۾ گفتگو دوران مسڪرائڻ صرف انهيءَ صورت ۾ آخرت جي ثواب ۾ مغفرت جو سبب آهي جڏهن هي هٿ ملائڻ ۾ مسڪرائڻ صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي نيت سان هجي، پنهنجي ملنساري جو ڏاڪو ويهارڻ، ڪنهن مالدار يا سياسي "شخصيت" جي خوشنودي حاصل ڪرڻ، دنياوي مَذموم مفاد پرستي واري "ذاتي دوستي" وڌائڻ ۾ معاذالله اَمرد جي هٿن کي ڇهڻ ۾ ان جي جوابي مسڪراهٽ جي ذريعي گناهن ڀري لذت حاصل ڪرڻ وغيره بريون نيتون نه هجن، واقعي اهي اسلامي ڀائر وڏا خوش نصيب آهن جيڪي رضاءِ الٰهي لاءِ، پنهنجي مغفرت ڪرائڻ، اتباعِ سنت جو ثواب ڪمائڻ، مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ، انفرادي ڪوشش جي ذريعي اسلامي ڀائرن کي مدني انعامات جو عامل ۽ سنتن جي تربيت جي مدني قافلن جو مسافر بڻائڻ، وغيره حسب حال سٺين سٺين نيتن سان ملاقات ۾ ڳالهائيندي مسڪرائيندا رهن ٿا.

## ٽهڪ ڏيڻ شيطان جي طرفان آهي

وڏي آواز سان کلڻ مناسب ناهي ڇوته هي سنت ناهي بلڪ هي ته شيطان جي طرفان آهي جيئن حضرت سيدنا ابوهُرَيره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اَلْقَهْقَهَةُ مِنَ الشَّيْطٰنِ، وَالتَّبَسُّمُ مِنَ اللّٰهِ ـ يعني قهقهو (يعني ٽهڪ ڏيڻ) شيطان جي طرفان آهي ۽ مسڪرائڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي. (المعجم الصغير للطبراني ج 2 ص 104 حديث 1053) حضرت علامه عبدالرءُوف مناوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: قهقهي مان مراد آواز سان کلڻ آهي، شيطان هن کي پسند ڪري ٿو ۽ هن تي سوار ٿي ويندو آهي جڏهن ته تَبَسُّم مان مراد بغير آواز جي ٿوري مقدار ۾ کلڻ. (فيض القدير للمناوي ج 4 ص 706 تحت الحديث 6196) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: مسڪرائڻ سٺي شيءِ آهي (۽) قهقهو بري شيءِ آهي، تبسم حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عادت ڪريمه هئي (ٺهنڪري) جڏهن ڪنهن سان ملو مسڪرائي ڪري ملو. (مراٰة المناجيح ج 7 ص 14)

## ٽهڪ لڳائڻ گناهه ناهي

مدينه مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رهي! ٽهڪ لڳائڻ جيتوڻيڪ شيطان جي طرفان آهي، برو به آهي ۽ سنت به ناهي، انهي باوجود گناهه به ناهي، بالفرض ڪنهن عالم صاحب يا بزرگ کي ٽهڪ لڳائيندي ڏسو ته انهن لاءِ پنهنجي دل ۾ ڪنهن به قسم جو برو گمان نه آڻيو.

## گهٽي خاموشي ۽ کلڻ گهٽ

مدينه رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وڌيڪ خاموشي اختيار ڪرڻ وارا ۽ گهٽ کلڻ وارا هئا. (مُسند امام احمد ج 7 ص 407 حديث 20853) حافظ ابن حَجَر عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الاَکبر فرمائن ٿا: احاديث مبارڪه جمع ڪرڻ سان جيڪا ڳالهه ظاهر ٿي اها هي ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عام طور تي تَبَسُّم کان وڌيڪ نه کلندا هئا ۽ ڪڏهن وڌيڪ ٿي وڃي ته اُها کِل هوندي ۽ ظاهر هي آهي ته اهو قهقهو (يعني ٽهڪ) نه هوندو. (المواهبُ اللدُنية ج 2 ص 54)

## ڇا صحابه کلندا هئا؟

مدينه حضرت سيدنا ابن عمر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان پڇيو ويو ته ڇا رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا صحابي کلندا هئا؟ فرمايائون: ها ۽ انهن جي دلين ۾ ايمان جبل کان مضبوط هو. (شرحُ السنة للبغوي ج 6 ص 375)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الحنّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: شايد سائل (يعني پڇڻ واري) اها حديث شريف ٻڌي هوندي، ”وڌيڪ کلڻ دل کي مُردو ڪري ٿو“ ته ان سوچيو هوندو ته صحابه ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ڪڏهن نه کليا هوندا (ڇوته) اهي ته زنده دل ها پوءِ انهن جو کلڻ سان ڪهڙو تعلق! (سيدنا ابن عمر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي ”ها“ ۾) جواب ڏيڻ جو مقصد هي آهي ته کلڻ حرام ناهي حلال آهي، اهي (يعني صحابه ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان) اهو ائين نه کِلندا ها جو اهو کِلڻ دل کي مردو ڪري ڇڏي، يعني هر وقت کلندو رهڻ بلڪ اهي اهڙي طرح کِلندا هئا جو دل کي شگفته (يعني تر و تازه) رکي ۽ سامهون واري کي به شگفته (يعني تر و تازه) رکي. (مِراٰةُ المناجيح ج 6 ص 404)

## ڪنهن کي کلندو ڏسي پڙهڻ جي دعا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن ڪنهن کي کلندو ڏسو ته "بخاري شريف" ۾ اچڻ واري دعا پڙهڻ گهرجي اَضْحَکَ اللہُ سِنَّکَ (يعني الله تو کي تر و تازه رکي) (صحيح بُخاري ج 4 ص 123 حديث 6085)

## مبلغ اعلان جي ذريعي مسجد ۾ کلڻ کان منع ڪري

مسجد ۾ موقعي مناسبت سان مسڪرائڻ جي اجازت آهي پر کِلڻ يا ٽهڪ لڳائڻ جي اجازت ناهي، تنهنڪري مسجد ۾ بيان جي وچ ۾ ڪا اهڙي ڳالهه اچڻ لڳي جنهن جي ڪري حاضرين جي کلڻ جو انديشو هجي ته مبلغ کي گهرجي اهو ائين اعلان ڪري:

توجهه فرمايو! اسان هينئر مسجد ۾ آهيون ۽ مسجد ۾ ضرورتاً صرف مسڪرائڻ جي اجازت آهي يعني فقط اهڙي کِل جنهن جي پاڻ کي به آواز نه اچي، آواز سان هرگز نه کلو. **فرمان مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم آهي: مسجد ۾ کلڻ قبر ۾ اونداهي جو سبب آهي." (الجامع الصَّغِير لِلسيوطي ص 322 حديث 5231)

## نماز ۾ کلڻ جا احڪام

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 342 صفحن تي مشتمل ڪتاب "نماز جا احڪام" صفحي 22 تي آهي: (1) رُڪوع ۽ سجدي واري نماز ۾ بالغ ٽهڪ ڏنو يعني ايتري آواز سان کِليو جو آس پاس وارن به ٻُڌو ته وضو به ٽُٽي ويو ۽ نماز به، جيڪڏهن ايتري آواز سان کِليو جو رُڳو پاڻ ٻُڌائين ته رُڳو نماز ٽُٽي وئي وضو باقي آهي، مُرڪڻ سان نه نماز ٽُٽندي نه وضو. (مراقي الفلاح ص 91) مُرڪڻ ۾ آواز بلڪل ناهي ايندو، بلڪ صرف ڏند ظاهر ٿيندا آهن. (2) بالغ شخص جنازي نماز ۾ ٽهڪ ڏنو ته نماز ٽُٽي وئي پر وضو باقي آهي. (ايضًا) (3) نماز کان ٻاهر ٽهڪ ڏيڻ سان وضو ناهي ٽُٽندو پر ٻيهر ڪرڻ مُسْتَحب آهي. (ايضاً ص 84) اسان جي مٺي مٺي آقا صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم ڪڏهن به ٽهڪ نه ڏنو ان لاءِ اسان کي به ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ٽهڪ نه لڳائڻ واري سنّت به زنده ٿئي ۽ اسان زور زور سان نه کِلون.

## مسلمان ڀاءُ جي لاءِ مسڪرائڻ صدقو آهي

حضرت سيدنا ابوذر رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي، نور جي پيڪر، تمام نبين جي سروَر، ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطان بحر و بر صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو فرمان روح پَرور آهي: توهان جو پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ مسڪرائڻ بہ صدقو آهي نيڪي جو حڪم ڏيڻ بہ صدقو آهي، برائي کان منع ڪرڻ بہ صدقو آهي، ڀٽڪيل جي رهنمائي ڪرڻ بہ صدقو آهي، ڪمزور نگاهہ واري جي مدد ڪرڻ بہ صدقو آهي، رستي تان پٿر، ڪنڊو ۽ هڏي هٽائڻ بہ صدقو آهي، پنهنجي ڏول مان پنهنجي ڀاءُ جي ڏول ۾ پاڻي وجهڻ بہ صدقو آهي. (ترمذي ج 3 ص 384 حديث 1963) ۽ هڪ روايت ۾ فرمان مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم آهي: هر قرض صدقو آهي. (شعبُ الايمان ج 3 ص 284 حديث 3563)

## مالي صدقي مان مراد

عام طور تي جڏهن "صدقو" چيو ويندو آهي تہ ذهن "خيرات" ڏانهن ويندو آهي، بيشڪ خيرات کي بہ صدقو چون ٿا، اچو! "مالي صدقي" جي وصف ڄاڻون ٿا: جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 415 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ضياءِ صدقات" صفحي 32 ڪان 33 تي آهي: لغت ۾ صدقي مان مراد: عَطِيَّةٌ يُرَادُبِهَا الْمَثُوبَةُ لَا الْمَكْرَمَةُ (المنجد) يعني "صدقو" اهو تحفو (GIFT) آهي جنهن جي ذريعي پنهنجي عزت وڌائڻ بدران ثواب جو ارادو ڪيو وڃي. (مطلب هي آهي تہ اهو عطيو (يعني انعام) صدقو سڏائي ٿو، جنهن جي ڏيڻ جو مقصد پنهنجي عزت وڌائڻ ۽ واهہ واهہ چاهڻ نہ هجي صرف ثواب جي نيت سان ڏنو ويو هجي) علامہ سيد شريف جُرجاني حنفي علیہ رحمۃ اللہ القوی صدقي جي تعريف انهن لفظن ۾ بيان ڪئي آهي: هِيَ الْعَطِيَّةُ تَبْتَغِيْ بِهَا الْمَثُوبَةَ مِنَ اللّٰهِ تَعَالٰى- يعني صدقو اهو عطيو (GIFT) آهي جيڪو الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ ثواب جي اميد تي ڏنو وڃي. (ڪتابُ التعريفات ص 95)

صدقے اِس انعام کے قربان اِس اکرام کے
ہو رہی ہے دونوں عالم میں تمہاری واہ واہ (حدائق بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ هن نعتيه شعر ۾ فرمائن ٿا: يا رسول الله صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم رب تعاليٰ جي انهيءَ انعام ۽ اڪرام تي مان قربان ٿيان جو ان پنهنجي سڀني مخلوق ۾ پاڻ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم ڪي سڀ کان بلند شان جو مالڪ ڪيو آهي ۽ هي ان جو ڪرم آهي جو ٻنهي جهانن ۾ سندن جي عظمتن ۽ رفعتن جي واهه واهه ٿي رهي آهي.

سب سے اَولیٰ و اعلیٰ ہمارا نبی

سب سے بالا و والا ہمارا نبی (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اندروني مرض هڪدم غائب ٿي ويا! مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نمازن ۽ سنتن تي عمل جي عادت بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، نيڪ بڻجڻ جي نسخي تي مشتمل مدني انعامات مطابق زندگي جا ڏينهن گذاري پنهنجي پاڻ کي سنتن جو عادي بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا رهو، سنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو، اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان هڪ اندروني مرض ۾ ورتل مريض جي شفايابي جي مدني بهار اوهان جي سامهون پيش ڪيان ٿو، هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه ائين بيان آهي ته مان هڪ عرصي کان ڪجهه اندروني مرض جو شڪار هئس، مرض جي شدت جو هي عالم هو جڏهن به سمهندو هئس آزمائش ٿي ويندي هئي، علاج تي گهڻي رقم خرچ ڪرڻ باوجود فائدو نه ٿيو، مان هن مرض مان تنگ اچي چڪو هئس، مون جڏهن ٻڌو ته مدني قافلن ۾ دعائون قبول ٿين ٿيون ته همت ڪري سنتن جي تربيت جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سفر دوران مون دعا ڪئي ۽ ان جي برڪت سان منهنجو مرض ائين ختم ٿيو جو ڄڻ ڪڏهن هو به نه!

قلب پر زنگ ہو، قافلے میں چلو، نفس سے جنگ ہو، قافلے میں چلو

پاؤں میں لنگ ہو، قافلے میں چلو، درد سے تنگ ہو، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعا جي قبوليت ۾ تاخير سان نہ گھبرايو

اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سنتن پريو سفر شِفا جو ذريعو بڻجي ويو، ۽ ائين چو نہ ٿئي ها ان تہ سفر جي دوران ۽ اهو بہ عاشقانِ رسول جي قُرب ۾ دعائون جو گھريون هيون، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي قُرب ۾ گھريل دعا رد نٿي ڪئي وڃي، جيڪڏهن ڪڏهن دعا جي قبوليت ۾ تاخير ٿئي تہ گھٻرائڻ ۽ جلدي نہ ڪرڻ گھرجي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 318 صفحن تي مشتمل ڪتاب "فضائلِ دعا" صفحي 97 تي آهي: دعا جي قبول ٿيڻ ۾ جلدي نہ ڪيو حديث شريف ۾ آهي تہ خدا تعاليٰ ٽن شخص جي دعا قبول ناهي ڪندو، هڪ اهو جيڪو گناهہ جي دعا گھري، ٻيو اهو جيڪو اهڙي ڳالهہ چاهي جو قطع رحم (يعني رشتو ٽوڙڻ) ٿئي، ٽيون اهو جو قبوليت ۾ جلدي ڪري جو مون جيڪا دعا گھري اها اڃا تائين قبول نہ ٿئي، اهڙو شخص گھٻرائي ڪري دعا ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي ۽ مطلب کان محروم رهندو آهي.

## دعا جي قبوليت جو نسخو

ڪنهن مريض کي شفا نہ ٿئي تہ ٻهريان ڪجھہ خيرات ڪيو پوءِ غير مڪروهہ وقت ۾ ٻہ رڪعت نفل ادا ڪري ٻاڏائي دعا گھري اِن شاءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعا قبول ٿيندي، "فضائل دعا" صفحي 59 کان 60 تي آهي: (دعا جي قبوليت جي آداب مان آهي) ادب 5: دعا کان ٻهريان ڪو صالح عمل (يعني نيڪ عمل) ڪري جو خداء ڪريم جي رحمت ان (دعا ڪرڻ واري) ڏانهن متوجهہ ٿئي، صدقو خاص ڪري پوشيده، هن معاملي ۾ وڏو اثر رکي ٿو (يعني خاص ڪري لِڪائي ڪري خيرات ڪرڻ دعا جي قبوليت ۾ تمام موثر آهي) (سيپاري 28 سُوْرَةُ الْمُجَادَلَہ آيت نمبر 12 ۾ آهي)

فَقَدِّمُوْا بَیْنَ یَدَیْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقَةً

**ترجمو ڪنزالايمان:** پنهنجي عرض کان اڳ ۾ ڪجھہ صدقو ڏئي ڇڏيو.

(دعا ڪان پهريان صدقو ڏيڻ واجب ناهي، مُستحَب آهي) **صفحي 61 تي آهي: ادب 9:** وقت ڪراهت نہ هجي تہ ٻہ رڪعت نماز خلوصِ قلب سان پڙهي تہ جالبِ رحمت (يعني رحمت جو سبب) آهي ۽ **رحمت موجِبِ نعمت.** (12 وقتن ۾ نفل پڙهڻ منع آهي ان 12 وقتن جو تفصيل مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل فضائل دعا صفحي 61 کان 62 تي حاشيي ۾ ملاحظہ فرمايو)

## ناڪاره گڙدن جو علاج ٿي ويو

باب المدينہ جي هڪ شخصيت کي يرقان (يعني سائي) ٿي وئي، پيٽ ۾ پاڻي پرجي ويو، گڙدا بہ فيل ٿي ويا ۽ بيهوشي طاري ٿي وئي، تمام وڏو ماڻهو هو ۽ ماءُ پيءُ جو اڪيلو پٽ هو ۽ انهن جي پوڙهائپ جو سهارو بہ هو، کُهرام مچي ويو 18 ڊاڪٽر ڏسي هليا ويا، سيني لاعلاج قرار ڏنو، اوڻويهون ڊاڪٽر آيو ان والدين کي ٻڌايو تہ علاج جي طريقي ۾ هڪ ڪمي رهجي وئي آهي ۽ اها اوهان پوري ڪري سگهو ٿا، مون کي اميد آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ٿيندي، توفيق آهر ڪجھ صدقو يعني خيرات ڪريو ۽ پوءِ ٻہ رڪعت نفل ادا ڪري ٻاڏائي دعا ڪيو، خيرات، نفل ۽ دعا جي ترڪيب شروع ڪري ڇڏي، والدين ٽن ڏينهن تائين ٻاڏائي ڪري بارگاهِ الٰهيعَزَّوَجَلَّ ۾ پنهنجي پٽ جي صحت جي لاءِ دعا ڪندا رهيا، ٽن ڏينهن کان پوءِ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان جي **گڙدن ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو،** يرقان ۽ پيٽ جي پاڻي ۾ ڪمي اچڻ شروع ٿي وئي ۽ هڪ هفتي اندر حيرت انگيز طور تي مريض بلڪل صحتياب ٿي ويو.

شِفا دے الٰہی شفا دے الٰہی
گنہ کے مرض کو مٹا دے الٰہی

**صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## ٻہ نشا

حضرت سيدنا معاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: بيشڪ توهان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي طرفان دليل (يعني هدايت) تي آيو جيستائين توهان ۾ ٻہ نشہ ظاهر نہ ٿين، هڪ جهالت جو نشو، ٻيو دنيوي زندگي سان محبت جو نشو. توهان

(هاڻي تہ): **نيڪي جو حڪم** ڏيندا آهيو ۽ برائين ڪان منع ڪندا آهيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ جهاد ڪندا آهيو (پر) جڏهن توهان ۾ دنيا جي محبت پيدا ٿي ويندي تہ توهان نہ تہ **نيڪي جو حڪم** ڏيندا ۽ نہ برائين ڪان منع ڪندا ۽ نہ ئي الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ جهاد ڪندا، پوءِ ان وقت قرآن ۽ سنت جي ڳالهہ ڪرڻ وارو مهاجرين ۽ انصار مان سڀ ڪان پهريان ايمان آڻڻ وارن وانگر هوندو. (مجمع الزوائد ج 7 ص 533 حديث 12159)

## پڙهيل لکيلن جون جهالتون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** افسوس! هن زماني ۾ هي ٻئي "مذموم نشہ" عام ڏٺا پيا وڃن، جهالت جي نشي ۾ اڄ اسان جو وڏو تعداد بدمست آهي، شايد اوهان هي سمجهو تہ تعليم خوب عام ٿي آهي ۽ جڳهہ جڳهہ اسڪول ۽ ڪاليج کلي چڪا آهن هاڻي جهالت ڪٿي رهي آهي؟ معاف ڪيو دنياوي تعليم جهالت جو علاج ناهي، صحيح هي آهي تہ اسلامي احڪام تي مشتمل فرض علوم حاصل ڪرڻ سان ئي دين جي جهالت ختم ٿي سگهي ٿي، اڄڪلهہ مسلمانن جي وڏي اڪثريت ۾ ضروري ديني معلومات جو بيحد فقدان (يعني ڪمي) آهي، اڄ دنيا جن ماڻهن کي "تعليم يافتہ" چوي ٿي انهن جو وڏو تعداد درست مَخارج سان **قرآن شريف** نٿو پڙهي سگهي! هي جهالت ناهي تہ ڇا آهي؟ پڙهيل لکيل ماڻهن کان **وضو** ۽ **غسل** جو صحيح طريقو يا نماز جا ارڪان پڇي وٺو شايد ئي ڪو ٻڌائي سگهي، انهن کان **جنازي جي دعا** ٻڌائڻ جي فرمائش ڪري ڏسو شايد هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ شروع ٿي ويندا! افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهہ جي اڪثر مسلمانن جو ڌيان صرف ۽ صرف **دنياوي تعليم** تي آهي، ان جي هر طرف پذيرائي (يعني مقبوليت) آهي، سڄي دولت ۽ قوت ان تي خرچ ڪئي پئي وڃي جڏهن تہ ديني تعليم جا ادارا مفت پڙهائڻ، مفت کارائڻ ۽ رهائش جون مفت سهولتون ڏيڻ باوجود ويران پيا آهن، يقيناً هي سڀ "دنياوي زندگي جي نشي" جا ڪرشما آهن.

مجھے دَر پہ پھر بُلانا مَدَنی مدینے والے
مئے عشق بھی پلانا مَدَنی مدینے والے (وسائلِ بخشش ص۲۸۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدينه: پهريان وارن جي مثل اجر

حضور نبيِّ ڪريم، رءُوفٌ رَّحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم جو ارشادِ عظيم آهي: بيشڪ منهنجي اُمت مان ڪجهه اهڙا ماڻهو به هوندا، جيڪي پنهنجي اڳ وارن (يعني صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جي مِثل اَجر ڏنا ويندا، يُنْكِرُوْنَ الْمُنْكَرَ اهي برائي کان منع ڪندا هوندا.

(مسند امام احمد ج 5 ص 576 حديث 16592)

حضرت علامہ عبدالرّءُوف مناوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي هن حديث شريف جي تحت فرمائن ٿا: يعني الله تعالىٰ مسلمانن جي هن قوم کي جنهن جي ذريعي دين کي قوت ملندي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي برابر ثواب عطا ڪندو.

(ملخص از فيض القدير ج1 ص 680 تحت الحديث 2485)

## مدينه: ڪو مبلغ ڪنهن صحابي جي برابر نٿو ٿي سگهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذڪر ٿيل حديث پاڪ مان ڪو هي نہ سمجهي وٺي تہ برائي کان منع ڪرڻ وارن مُبَلِّغن کي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان برابري حاصل ٿي ويندي هرگز ائين ناهي، هي طئي ٿيل اَمر آهي تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن کي جيڪو صحابيت جو شرف حاصل آهي ان جو مقابلو غير صحابي اُمتي کي ملڻ واري ڪا بہ فضيلت نٿي ڪري سگهي، نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: لَاتَسُبُّوْا اَصْحَابِيْ فَلَوْ اَنَّ اَحَدَكُمْ اَنْفَقَ مِثْلَ اُحُدٍ ذَهَبًا مَابَلَغَ مُدَّ اَحَدِهِمْ وَلَانَصِيْفَهُ يعني منهنجي ڪنهن صحابي کي گار نہ ڏيو جيڪڏهن توهان مان ڪو اُحد جبل جي برابر سون خرچ ڪري تہ اهو ان جي هڪ يا نصف مُد کي نہ پهچندو. (بخاري ج 2 ص 522 حديث 3673) مُد هڪ پيمانو آهي جيڪو بہ حِجازي رَطل جو هوندو آهي ۽ رطل تقريباً اڌ سير وزن جو ٿيندو آهي ۽ ڪو غير صحابي ڪروڙين نيڪيون ڪري بہ ڪنهن هڪ صحابي جي مرتبي تائين نٿو پهچي سگهي جيئن مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل

بهار شريعت جلد 1 صفحي 253 تي صدرُالشَّريعه، بدرُالطَّريقه حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي علیہ رحمۃ اللہ القوی لکن ٿا: "ڪو ولي ڇاهي ڪيڏي به وڏي مرتبي وارو هجي ڪنهن صحابي جي رتبي کي نٿو پهچي سگهي." صفحي 247 تي فرمائن ٿا: حديث شريف ۾ سيدنا امام مهدي رضی اللہ تعالٰی عنہ جي ساٿين جي باري ۾ آيو ته "انهن مان هڪ جي لاءِ پنجاهه جو اجر آهي صحابه ڪرام رضی اللہ تعالٰی عنہم عرض ڪيو: انهن مان پنجاهه يا اسان مان؟ فرمايو: توهان مان، ته اجر انهن (يعني سيدنا امام مهدي رضی اللہ تعالٰی عنہ جي ساٿين) جو وڏيڪ ٿيو، پر افضليت ۾ اهي صحابه علیہم الرضوان جي برابر به نٿا ٿي سگهن، زيادتي هڪڙي پاسي، ڪٿي امام مهدي رضی اللہ تعالٰی عنہ جو ساٿي ٿيڻ ۽ ڪٿي حضور سيد عالم صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جي صحابيت! ان جو مثال بنا تشبيه جي ائين سمجهو ته سلطان (يعني بادشاهه) ڪنهن مهم (يعني جنگ) تي وزير ۽ ڪجهه بين آفيسرن کي موڪليو، ان (جنگ) جي فتح تي هر آفيسر کي لک لک روپيا انعام ڏنو ۽ وزير کي صرف خوشنودي جو پروانو ڏنو ته انعام انهن (آفيسرن) کي وڏيڪ مليو، پر ڪٿي اهي (لک لک حاصل ڪرڻ وارا آفيسر) ۽ (ڪٿي بادشاهه جي خوشنودي جي سند حاصل ڪرڻ وارو) وزير اعظم جو اعزاز! (بهار شريعت ج 1 ص 247-253)

صحابه ڪرام علیہم الرضوان جو شان عظمت نشان کي حضرت سيدنا امير معاويه رضی اللہ تعالٰی عنہ جي باري ۾ منقول هن ٻن حڪايتن مان سمجهو: ﴿1﴾ حضرت سيدنا معافيٰ بن عمران علیہ رحمۃ اللہ الحنان کان پڇيو ويو: ڇا حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز علیہ رحمۃ اللہ الحفیظ حضرت سيدنا امير مُعاوِيَه رضی اللہ تعالٰی عنہ کان بهتر آهن؟ ته پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ کي جلال اچي ويو ۽ فرمائڻ لڳا: حضور اڪرم صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جي ڪنهن صحابي تي ڪنهن (غير صحابي) کي قياس نه ڪيو وڃي، حضرت سيدنا امير معاويه رضی اللہ تعالٰی عنہ رسولِ انور صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جا ڪاتبِ وحي ۽ وحي تي پاڻ ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جا امين هئا. (تاريخ بغداد ج 1، ص 224 و تاريخ دمشق ج 59 ص 208)

﴿2﴾ ڪنهن شخص حضرت سيدنا عبدالله بن مبارڪ علیہ رحمۃ اللہ الحق کان پڇا ڪئي:

حضرت سيدنا امير معاويه رضی اللہ تعالٰی عنہ ۽ حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز علیہ رحمۃ اللہ الحفیظ مان افضل ڪير آهي؟ فرمايائون: الله جو قسم! رسول الله صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جي همراهي ۾ حضرت سيدنا امير معاويه رضی اللہ تعالٰی عنہ جي گهوڙي جي نڪ ۾ داخل ٿيڻ واري دز حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز علیہ رحمۃ اللہ الحفیظ کان هزار درجا بهتر آهي. (فتاويٰ حديثيه ص 401) شيخ الاسلام حضرت علامه ابن حَجَر هيتمي شافعي علیہ رحمۃ اللہ القوی حڪايت نمبر ۾ جي وضاحت ڪندي لکن ٿا ته حضرت سيدنا عبدالله بن مبارڪ علیہ رحمۃ اللہ الحق جي هي مراد آهي ته امير معاويه رضی اللہ تعالٰی عنہ حضور نبي ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جي زيارت ۽ صحبت جو شرف پاتو آهي ان جي برابر ڪو عمل يا شرف نٿو ٿي سگهي. (ايضاً)

ہم کو اَصحابِ محبوبِ خدا سے پیار ہے
اِن شَــاءَ اللّٰہ دوجہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اسلام جي هيبت دلين مان نڪرڻ جو سبب

افسوس! اڄ امت جي اڪثريت دنيا کي تمام گهڻي اهميت ڏيڻ جي ڪري اسلام جي حقيقي محبت کان محروم ٿيندي پئي وڃي، هن جي ڀيانڪ نتيجن جي ضمن ۾ هڪ حديث شريف ملاحظه فرمايو جيئن حضرت سيدنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ کان مروي آهي ته تاجدار مكة المكرمه، سلطان مدينه منوره صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جو فرمان عبرت نشان آهي: جڏهن منهنجي امت دنيا کي وڏي شيء سمجهڻ لڳندي ته اسلام جي هيبت انهن مان نڪري ويندي ۽ جڏهن نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ ڇڏي ڏيندي ته وحي جي برڪت کان محروم ٿي ويندي ۽ جڏهن پاڻ ۾ گارگند اختيار ڪندي ته الله عزوجل وٽ انهن جو مرتبو ڪري پوندو.

(نوادرُ الاصول ج 1 ص 679 حديث 933)

دنیا کی مَحبّت سے دل پاک مرا کر دو
ٹُلوا کے شہنشاہِ اَبرار مدینے میں (وسائلِ بخشش ص۱۹۸)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا جي باري ۾ خصوصي معلومات تي مشتمل مدني گل

### دنيا راند روند آهي

مدينه مدينه مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن روايت ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته جڏهن اُمت دنيا کي گهڻي اهميت ڏيڻ لڳندي ته اسلام جي هيبت انهن مان نڪري ويندي، واقعي دنيا کي ”وڏي شيء“ سمجهڻ تمام بُرو آهي، آخرت جو ثواب ڪمائڻ جي نيت سان دنيا جي باري ۾ خصوصي معلومات تي مشتمل ڪجهه مدني گل پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائن العرفان“ صفحي 252 تي سيپاري 7 سُوْرَةُ الْاَنْعَام آيت نمبر 32 ۾ فرمان ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ آهي:

وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ ؕ وَلَلدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۳۲﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ دنيا جي حياتي نه آهي مگر راند روند، ۽ بيشڪ آخرت جو گهر ڀلو آهي انهن جي واسطي جيڪي ڊڄن، ته ڇا اوهان کي سمجهه نه آهي.

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامه مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي خزائن العرفان ۾ هن آيت شريف جي تحت فرمائن ٿا: نيڪيون ۽ فرمانبرداريون (يعني عبادتون) جيتوڻيڪ مؤمن کان دنيا ۾ ٿئي واقع ٿين، پر اهي آخرت جي اُمور مان آهن. هن مان ثابت ٿيو ته مُتَّقِين (يعني نيڪ ٻانهن) جي عملن کان علاوه دنيا ۾ جيڪو ڪجهه آهي سو سمورو لَهو ۽ لَعب (يعني راند روند) آهي.

دنیا کے غموں کی تم لِلّٰہ دوا دیدو
ٹُلوا کے غم اپنا دو سرکار مدینے میں (وسائلِ بخشش ص۱۹۶)

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 868 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”اصلاح اعمال“ (جلد پهريون) صفحي 128 کان 129 تي آهي:

## دنيا جي معنىٰ

دنيا جي لُغوي معنىٰ آهي: ويجهو، ۽ دنيا کي دنيا انهيءَ ڪري چون ٿا تہ هي آخرت جي نسبت انسان جي گهڻو ويجهو آهي يا انهي ڪري جو هي پنهنجي خواهشات ۽ لذت جي سبب دل جي گهڻو ويجهو آهي. (الحديقة الندية ج 1 ص 17)

## دنيا ڇا آهي؟

حضرت سيدنا علامہ بدرُالدّين عَيني رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ بخاري شريف جي شرح ”عُمدةُ القاري“ جلد 1 صفحي 52 تي لکن ٿا: دارِ آخرت کان پهريان تمام مخلوق دنيا آهي. (عمدة القاري ج 1 ص 52) انهي اعتبار سان سون چاندي ۽ ان سان خريد ڪيون ويندڙ تمام ضروري ۽ غير ضروري شيون دنيا ۾ داخل آهن. (الحديقة الندية ج 1 ص 17)

## ڪهڙي دنيا سٺي ڪهڙي دنيا قابل مذمت؟

دنياوي شين جا ٽي قسم آهن: ﴿1﴾ اهي دنياوي شيون جيڪي آخرت جو ساٿ ڏينديون آهن ۽ ان جو نفعو موت کان پوءِ بہ ملندو آهي، اهڙيون شيون صرف ٻہ آهن: **عِلم ۽ عمل**، عمل مان مراد اخلاص سان الله تعالىٰ جي عبادت ڪرڻ ۽ دنيا جو هي قِسم محمود (يعني تمام سٺو) آهي ﴿2﴾ اهي شيون جنهن جو فائدو صرف دنيا تائين محدود رهندو آهي آخرت ۾ ان جو ڪو ثمر ناهي ملندو جيئن گناهن جي لذت حاصل ڪرڻ، جائز شين مان ضرورت کان وڌيڪ فائدا حاصل ڪرڻ، مثلاً زمين جائيداد، سون چاندي، عمده ڪپڙا ۽ سٺا سٺا کاڌا، ۽ هي دنيا جي مَذموم (يعني ملامت لائق) قِسم ۾ شامل آهن ﴿3﴾ اهي شيون جيڪي نيڪين تي مددگار هجن جيئن ضروري غذا، ڪپڙا وغيره. هي قسم بہ محمود (يعني سٺي) آهي پر جيڪڏهن صرف دنيا جو فوري فائدو ۽ لذت مقصد هجي تہ هاڻي هي دنيا مذموم (يعني قابل مذمت) چورائيندي. (ملخص از احياء العلوم ج 3 ص 270-271)

دنیا کے نظاروں سے بھلا کیا ہو سروکار
عُشّاق کو بس عشق ہے گلزارِ نبی سے (وسائلِ بخشش ص۲۰۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدينه دُنيا جو ڪهڙو ڪم الله تعاليٰ جي لاءِ آهي ۽ ڪهڙو نه؟

دنياوي ڪمن جا ٽي قسم آهن: ﴿1﴾ ڪجهه اهي ڪم آهن جنهن جي باري ۾ اهو تصور نٿو ڪري سگهجي ته هي الله تعالىٰ جي لاءِ آهن مثلاً ناجائز ۽ حرام ڪم ﴿2﴾ ڪجهه اهي آهن جيڪي الله تعالىٰ جي لاءِ به ٿي سگهن ٿا ۽ ان جي غير جي لاءِ به مثلاً غور ۽ تَفَڪُّر ڪرڻ ۽ خواهشات کان رُڪڻ، جو ته جيڪڏهن ماڻهن پنهنجي مقبوليت وڌائڻ جي لاءِ ۽ بزرگي حاصل ڪرڻ خاطر غور ۽ فڪر ڪيو يا خواهشات کي صرف انهيءَ ڪري ڇڏيو جو مال جي بچت ٿئي يا صحت سٺي رهي ته هاڻي هي ڪم رضاءِ الٰهي جي لاءِ نه ٿيا ﴿3﴾ ڪجهه اهي ڪم آهن جيڪي ظاهري طور ته نفس جي لاءِ هجن پر حقيقت ۾ الله تعالىٰ جي رضا جي نيّت سان ڪيا ويا هجن جيئن غذا کائڻ، نڪاح ڪرڻ وغيره. (ايضاً ص 273)

تاجِ شاہی اس کے آگے ہیچ ہے
مصطفٰے کی جس کو اُلفت مل گئی (وسائلِ بخشش ص۲۰۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدينه دُنيا دار ڪير آهي؟

جڏهن ڀانهو آخرت جي بهتري جي غرض سان دنيا مان ڪجهه ڪٺندو آهي ته ان کي دنيادار نه چئبو، بلڪ ان جي حق ۾ دنيا آخرت جي پوک هوندي آهي ۽ جيڪڏهن ذاتي خواهش ۽ لذت حاصل ڪرڻ جي ڪري اهي شيون حاصل ڪندو آهي ته اهو دنيا دار آهي. (ايضاً ص 272)

## مدينه دُنياوي شين جي لذت جي حيرت انگيز حقيقت

دنيا ۾ حقيقي لذت ڪنهن شيء ۾ ناهي البت ماڻهو تڪليفون ختم ڪرڻ واري شين کي لذت جو نالو ڏيندا آهن، مثلاً کائڻ ۾ انهيءَ ڪري لذت

آهي تہ اها بک جي تڪليف کي ختم ڪري ٿي اهو ئي سبب آهي جو جڏهن بک ختم ٿي ويندي آهي تہ کائڻ ۾ لذت محسوس ناهي ٿيندي، ائين پاڻي انهي ڪري وڻندو آهي جو اُڃ کي ختم ڪري ٿو، جڏهن اُڃ ختم ٿي وئي تہ لذت بہ ختم ٿي ويندي آهي، حقيقي لذتون تہ جنت ۾ حاصل ٿينديون ڇو تہ جنت وارن کي جڏهن ڪا تڪليف ئي نہ هوندي تہ ان (تڪليفن) کان ڇوٽڪارو ڏيڻ وارين شين جو وجود ڪٿي هوندو؟ تنهنڪري ان جون لذتون حقيقي هونديون مثلاً انهن جي کائڻ پيئڻ جون لذتون اصلي هونديون، صرف بک ۽ اُڃ ختم ڪرڻ جي لاءِ نہ هونديون.

(الحديقۃ الندیۃ ج 1 ص ١٧ ملخصاً)

## ابليس جي ڌيءُ

حضرت سيدنا علي خَوَّاص رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: دنيا اِبليس لَعِين (يعني لعنتي شيطان) جي ڌيءُ آهي ۽ هن (يعني دنيا) سان محبت ڪرڻ وارو هر شخص ان جي ڌيءُ جو مڙس آهي، ابليس پنهنجي ڌيءُ جي ڪري ان دنيادار شخص وٽ ايندو ويندو آهي، تنهنڪري منهنجا ڀاءُ! جيڪڏهن اوهان شيطان کان محفوظ رهڻ چاهيو ٿا تہ ان جي ڌيءُ (يعني دنيا) سان رشتو قائم نہ ڪريو. (الحديقۃ الندیۃ ج 1 ص 19)

## نيري اکين واري بدصورت ٻُڍڙي

حضرت سيدنا فُضَيل بن عِياض رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا، حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رضی اللہ تعالٰی عنہما جن فرمايو: قيامت جي ڏينهن نيري اکين واري نهايت بدصورت ٻُڍڙي جنهن جا ڏند اڳيان نڪتل هوندا ماڻهن جي سامهون ظاهر ٿيندي ۽ انهن کان پڇا ڪئي ويندي: هن کي سڃاڻو ٿا؟ ماڻهو چوندا: اسان ان جي سڃاڻپ کان الله عزوجل جي پناهہ چاهيون ٿا، چيو ويندو: هي اها ئي دنيا آهي جنهن تي اوهان فخر ڪندا هئا، هن دنيا جي ڪري قطع رحمي ڪندا يعني رشتيداريون ٽوڙيندا هئا، انهيءَ جي ڪري هڪٻئي سان حسد ۽ دشمني ڪندا هئا، پوءِ ان (ٻُڍڙي جهڙي دنيا) کي جهنم ۾ وڌو ويندو تہ رڙيون ڪندي: اي منهنجا پروردگار عزوجل! منهنجي پيروي ڪرڻ وارا ۽

منهنجي جماعت ڪٿي آهي؟ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: انهن کي بہ ان سان گڏ ڪيو.
(ذمُّ الدنيا مع موسوعة الامام ابن ابي الدنيا ص 5 ص 72 رقم 123)

دولتِ دنیا سے بے رغبت مجھے کر دیجئے

میری حاجت سے مجھے زائد نہ کرنا مالدار (وسائلِ بخشش ص۳۹۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا مٺي سرسبز آهي

رحمتِ عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان مُعَظّم آهي: دنيا مٺي سرسبز آهي، جيڪو هن ۾ حلال طريقي سان مال ڪمائي ٿو ۽ صحيح حقوق ۾ خرچ ڪري ٿو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ثواب عطا فرمائيندو ۽ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو ۽ جيڪو ان ۾ حرام طريقي سان مال ڪمائيندو آهي ۽ ان کي غير حق ۾ خرچ ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي دَارُالهَوَان (يعني ذلت جي گهر) ۾ داخل فرمائيندو. (شعب الايمان ج 4 ص 396 حديث 5527) حضرت علامہ عبدالرّءُوف مناوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي هن حديث پاڪ جي تحت "فيضُ القَدِير" ۾ تحرير فرمائن ٿا: خبر پئي تہ دنيا في نفسهٖ (يعني اصل ۾) مذموم ناهي، جيئن تہ دنيا آخرت جي پوک آهي، انهيءَ ڪري جيڪو شخص شريعت جي اجازت سان دنيا جي ڪا شيءِ حاصل ڪري تہ هي شيءِ آخرت ۾ ان جي مدد ڪندي آهي.
(فيض القدير ج 3 ص 728 تحت الحديث 4273)

حُسنِ گلشن میں سَراسَر ہے فریب اے دوستو!

دیکھنا ہے حُسن تو دیکھو عرب کے ریگزار (وسائلِ بخشش ص۳۹۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا جاتي بهترين ڪم

سرڪار مدينہ، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: دنيا ۽ جيڪو ڪجهہ هن ۾ آهي مَلعون (يعني لعنتي) آهي سواءِ نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ، يا الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪرڻ جي. (الجامع الصغير ص 260 حديث 4282) حضرت علامہ عبدالرءُوف مناوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي هن

حديث پاڪ جي تحت "فيض القدير" ۾ تحرير فرمائن ٿا: بيشڪ هي ڪم (يعني نيڪي جو حڪم ڪرڻ، برائي کان منع ڪرڻ ۽ ذِڪرالله) جيتوڻيڪ دنيا ۾ ٿي ڪيا ويندا آهن پر هي دنياوي ڪم نه آهن بلڪ هي ته آخرت جا عمل آهن جيڪي جنّت جي نعمتن تائين پهچڻ جو وسيلو آهن، تنهنڪري هر اهو ڪم جنهن سان رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ مقصد هجي اهو ان لعنت کان مُسْتَثْنيٰ (يعني الڳ) آهي.

(فيض القدير ج 3 ص 735 تحت الحديث 4282)

## چار شين جي علاوه دنيا ملعون آهي

سلطان مدينه، سُرورِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان باقرينه آهي: هوشيار رهو دنيا لعنتي شيء آهي ۽ جيڪو ڪجهه دنيا ۾ آهي اهو مَلعون آهي سواءِ الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ ان (شيء) جي جيڪو رب تعاليٰ جي ويجهو ڪري، ۽ عالم ۽ طالب علم جي.

(سنن ترمذي ج 4 ص 144 حديث 2329)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: جيڪا شيء الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان غافل ڪري اها دنيا آهي يا جيڪا الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي جو سبب ٿئي اها دنيا آهي، ٻارن ٻچن جي پرورش، غذا، لباس، گهر وغيره (شريعت جي نافرماني کان بچندي) حاصل ڪرڻ انبياءِ ڪرام جي سنّت آهي، هي دنيا ناهي.

(مِراٰةُ المناجيح ج 7 ص 17)

## دنيا مڇر جي پر کان به وڌيڪ ذليل آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا نهايت ذليل ۽ حقير آهي، هن کي اهم سمجهي وٺڻ عقلمندي ناهي هي ته مڇر جي پر کان به وڌيڪ ذليل آهي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ملفوظاتِ اعليٰ حضرت" صفحي 464 کان 465 تي منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه دنيا جي مذمت جي باري ۾ فرمائن ٿا ته حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪڏهن دنيا جي قدر الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو هڪ مڇر جي پر برابر (به) هجي ها ته (پاڻي جو) هڪ ڍُڪ (به) ان مان ڪافر

ڪي نہ ڏئي ها. (ترمذي ج 4 ص 144 حديث 2327) (دنيا) ذليل آهي (انهيءَ ڪري) ذليلن کي ڏني وئي، جڏهن کان ان کي بڻايو آهي ڪڏهن ان ڏانهن نظر نہ فرمائي، دنيا، آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ جَوّ (يعني فضا) ۾ مُعَلَّق (يعني لٽڪيل) آهي، فرياد ۽ زاري ڪندي (يعني روئيندي) آهي ۽ چوندي آهي: اي منهنجا رب عَزَّوَجَلَّ! تون مون کان ڇو ناراض آهين؟ وڏي عرصي کان پوءِ ارشاد ٿيندو آهي: چپ خَبِيثہ! (پوءِ فرمايو) سون چاندي خدا جا دشمن آهن، اهي ماڻهو جيڪي سون چاندي سان محبت رکندا آهن قيامت جي ڏينهن پڪاريا ويندا ڪٿي آهن اهي ماڻهو جيڪي خدا جي دشمن سان محبت رکن ٿا، الله تعاليٰ دنيا کي پنهنجي محبوب (يعني پيارن ٻانهن) کان ائين پري ڪندو جيئن بلاتشبيہ بيمار ٻار کي ان جي ماءُ مُضِر (يعني نقصان وارين) شين کان پري رکندي آهي (سيپاري 15 سُوۡرَةُ بَنِیۡۤ اِسۡرَآءِيۡل آيت نمبر 11 ۾ ارشاد آهي:)

وَيَدۡعُ الۡاِنۡسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالۡخَيۡرِ ؕ وَكَانَ الۡاِنۡسَانُ عَجُوۡلًا ﴿۱۱﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ماڻهو بُرائي جي دُعا ڪندو آهي جيئن ڀلائي گهرندو آهي، ۽ ماڻهو ڏاڍو جلد باز آهي.

ماڻهو پنهنجي واتان (ائين) برائي گهرندو آهي جيئن پنهنجي لاءِ ڀلائي گهرندو آهي: الله عَزَّوَجَلَّ چاهي ٿو تہ (جيڪو ڪجهہ گهري رهيو آهي) ان ۾ ڪيترو نقصان آهي (تنهنڪري) هي (ٻانهو) دعا گهرندو آهي ۽ اهو (پروردگار عَزَّوَجَلَّ ٻانهي کي نقصان کان بچائڻ خاطر ان جي طلب ڪيل شيءِ) ناهي ڏيندو .

(پوءِ فرمايو سيپاري 4 سُوۡرَةُ اٰلِ عِمۡرٰن جي آيت نمبر 196 ۽ 197 ۾) ارشاد آهي:

لَا يَغُرَّنَّكَ تَقَلُّبُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا فِى الۡبِلَادِ ﴿۱۹۶﴾ مَتَاعٌ قَلِيۡلٌ ثُمَّ مَاۡوٰٮهُمۡ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئۡسَ الۡمِهَادُ ﴿۱۹۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** توکي ڪافرن جو شهرن ۾ عياشي سان گهمڻ ڦرڻ ٺوڳي ۾ نہ وجهي. اهو ٿورو فائدو آهي انهن جي رهڻ جي جاءِ دوزخ آهي. ۽ ڪهڙو نہ بڇڙو وڇاڻو آهي.

(ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ص 464 تا 465)

ياربّ! غمِ حبيب ميں رونا نصيب ہو
آنسو نہ رائيگاں ہوں غمِ رُوزگار ميں (وسائلِ بخشش ص ۴۰۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غير مسلمانن جي خوشحالي عارضي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هرگز انهي وسوسي ڪي ذهن ۾ نه ڄمايو ته اسان مسلمان هجڻ باوجود دنيا جي گهڻين نعمتن کان محروم ۽ بيحال آهيون جڏهن ته غير مسلم قومون دنياوي طور تي نهايت خوشحال ۽ مالامال آهن، يقين رکو ته مسلمانن لاءِ جنت جون ابدي يعني هميشه هميشه رهڻ واريون نعمتون آهن جڏهن ته غير مسلمانن جي لاءِ مرڻ کان پوءِ ڪا راحت ناهي ۽ انهن جي لاءِ آخرت ۾ ڀڙڪندڙ باهه ۽ جهنم جو دائمي يعني هميشه وارو عذاب آهي. دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن پاڪ "ڪنزالايمان مع خزائن العِرفان" صفحي 904 تي سيپاري 25 سُوْرَۃُ الزُّخْرُف آيت نمبر 33 کان 35 ۾ فرمان ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ آهي:

وَلَوْلَاۤ اَنْ یَّكُوْنَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً لَّجَعَلْنَا لِمَنْ یَّكْفُرُ بِالرَّحْمٰنِ لِبُیُوْتِهِمْ سُقُفًا مِّنْ فِضَّةٍ وَّ مَعَارِجَ عَلَیْهَا یَظْهَرُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَ لِبُیُوْتِهِمْ اَبْوَابًا وَّ سُرُرًا عَلَیْهَا یَتَّكِـُٔوْنَ ﴿۳۴﴾ وَ زُخْرُفًاؕ وَ اِنْ كُلُّ ذٰلِكَ لَمَّا مَتَاعُ الْحَیٰوةِ الدُّنْیَاؕ وَ الْاٰخِرَةُ عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُتَّقِیْنَ ﴿۳۵﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن هيءَ نه هجي ها جو سمورا ماڻهو هڪ دين تي ٿي وڃن[1] ته ضرور اسان رحمٰن جي منڪرن جي واسطي چاندي جون ڇتيون ۽ ڏاڪڻيون ٺاهيون ها جن تي چڙهن ها. ۽ انهن جي گهر جي واسطي چانديءَ جا دروازا ۽ چانديءَ جا تخت جن ڪي ٽيڪ لڳائن ها ۽ قِسم قِسم جو سينگار ۽ اهو سمورو دُنيا جي زندگي جو ئي سامان آهي، ۽ آخرت تنهنجي رب وٽ پرهيزگارن جي واسطي آهي.

ڪر مغفرت مری تری رحمت کے سامنے
میرے گناہ یاخدا ہیں کس شمار میں (وسائلِ بخشش ص ۴۰۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

[1] يعني جيڪڏهن هن جو لحاظ نه هجي ها ته ڪافرن ڪي عيش ۾ ڏسي سڀ ماڻهو ڪافر ٿي وڃن ها (خزائن العرفان)

## مُئل ٻڪري

ذڪر ٿيل آيت شريف ۾ مُتَّقِين يعني ”پرهيزگار ٻانهن“ جي وضاحت ڪندي صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي علیہ رحمۃ اللہ الہادي فرمائن ٿا: (پرهيز گار اهي آهن) جنهن کي دنيا جي چاهت (يعني خواهش) ناهي، ترمذي جي حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪڏهن دنيا جي قدر الله عزوجل جي ويجهو هڪ مڇر جي پر جي برابر (بہ) هجي ها ته (پاڻي جو) هڪ ڍُڪ (بہ) ان مان ڪافر کي نہ ڏئي ها. (ترمذي ج 4 ص 144 حديث 2327) ٻي حديث پاڪ ۾ آهي ته سيد عالم صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم نيازمندن جي جماعت سان گڏ تشريف وٺي وڃي رهيا هئا، رستي ۾ هڪ مُئل ٻڪري ڏٺي، فرمايائون: ڏسو ٿا! هن جي مالڪن هن کي وڏي بيقدري سان اڇلايو آهي! دنيا جي الله تعاليٰ وٽ ايتري بہ قدر ناهي جيتري ٻڪري وارن جي ويجهو ان مُئل ٻڪري جي هجي. (ايضاً حديث 2328) حديث: سيد عالم صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم فرمايو: جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي ڪنهن ٻانهي تي ڪرم فرمائيندو آهي ته ان کي دنيا مان ائين بچائيندو آهي جيئن توهان پنهنجي بيمار کي پاڻي کان بچايو ٿا. (ايضاً ص 4 حديث 2044) حديث: دنيا مومن جي لاءِ قيد خانو آهي ۽ ڪافر جي لاءِ جنت آهي. (ايضاً ص 145 حديث 2331) (خزائن العرفان ص 904)

کیوں کریں نہ رشک اُس پہ یہ جہاں کے تاجدار
ہاتھ جس کے عشقِ احمد کا خزینہ آ گیا (وسائلِ بخشش ص ۳۱۸)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٻہ مڇيون پڪڙڻ وارن جي حڪايت

حضرت سيدنا فَقيہ ابوالليث سَمَرقندي عليہ رحمۃ اللہ القوي نقل ڪن ٿا: هڪ روايت ۾ اچي ٿو اڳوڻي زماني ۾ هڪ مؤمن ۽ ڪافر مڇي جو شڪار ڪرڻ جي لاءِ نڪتا، ڪافر پنهنجي ڪوڙن مَعبودن جو نالو وٺي گهڻيون مڇيون پڪڙيندو رهيو ۽ مڇين جو ڍير لڳي ويو، مؤمن الله عزوجل جو نالو وٺي ڄار اڇلائيندو رهيو پر هٿ ۾ ڪجهہ نہ آيو، شام جو صرف هڪ مڇي ڦاٿي، اها بہ تڙپي، ٽپو ڏئي پاڻي ۾ هلي وئي، مؤمِن موٽيو ته

خالي هو ۽ ڪافر نوڪرو پري ڪري موٽيو، مومن تي مامور (يعني مقرر ٿيل) فرشتو افسوس ڪرڻ لڳو، الله تعالىٰ ان فرشتي کي جنت ۾ مؤمن جو محل (۽ عاليشان مقام) ڏيکاريو تہ اهو فرشتو بي اختيار چوڻ لڳو: خدا جو قسم! هن عظيم الشان محل ۾ داخلي ڪان پوءِ هن مسلمان مهاڻي کي مڇين جي شڪار ۾ ناڪامي واري مصيبت جي بلڪل ٿي پرواه نہ هوندي ۽ فرشتي کي جڏهن الله تعالىٰ جهنم ۾ ڪافر جو ٺڪاڻو ڏيکاريو تہ اهو چوڻ لڳو: خدا جو قسم! هن عذاب جي مقام تي جڏهن هي پهچندو تہ ان کي (گهڻيون مڇيون هٿ اچڻ واري) دنيا جي (عارضي) خوشي ڪو فائدو نہ ڏيندي. (تنبيهُ الغافلين ص 136)

## نافرمان کي پسنديده شيون ملڻ خطري جي گهنٽي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان درس مليو تہ غير مسلمن جي دنياوي ترقيون ۽ دولت جي زيادتي (يعني مال جي گهڻائي) قابلِ رشڪ ناهي، غريب، تنگدست ۽ ڏکايل مسلمانن جي محشر ۾ عيد هوندي، نيڪ مسلمان کي پنهنجي خواهش جون شيون نہ ملڻ تي دل ننڍي نہ ڪرڻ گهرجي، جو بي نمازين ۽ گناهن ۾ مشغول رهڻ وارن جي هر دنياوي آرزو پوري ٿي وڃڻ ڀلائي جو دليل ناهي، خطري جي گهنٽي آهي. جيئن حضرت سيدنا عُقبہ بن عامر رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي: نبيِّ اَڪرم، رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان عبرت نشان آهي: جڏهن توهان ڏسو تہ الله عزوجل دنيا ۾ گنهگار ٻانهي کي اهي شيون ڏئي رهيو آهي جيڪي ان کي پسند آهن تہ هي ان جي طرفان ڍر (يعني مهلت) آهي. (مسند امام احمد ج 6 ص 122 حديث 17313)

حکومت کی طَلَب دل میں، نہ خواہش تاجِ شاہی کی
نظر میں عاشِقوں کے بَس مدینہ ہی سماتا ہے (وسائلِ بخشش ص ۳۱۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هتو هت سزا جي حڪمت

مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ربُّ الانام عزّوجلّ جي هر ڪم ۾ حڪمت هوندي آهي، غربت بلڪ هر طرح جي دنياوي تڪليف ۽ مصيبت تي صبر ڪري اَجر حاصل ڪرڻ گهرجي ڇو ته آفات ۽ بَلِيّات (يعني بلائون ۽ آفتون) **ڪفّارهءِ سيّئات** (يعني گناهن جا ڪفارا) ۽ درجات جي ترقي جو سبب هوندا آهن جيئن تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، پيڪر جُود و سخاوت، سراپا رحمت و رافت صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جن فرمايو: **الله عزّوجلّ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو ڪندو آهي ته ان جي گناهه جي سزا فوري طور ان کي دنيا ۾ ڏئي ڇڏيندو آهي.** (مسند امام احمد ج 5 ص 630 حديث 16806)

حضرت مولانا روم علیہ رحمۃ اللہ القیوم فرمائن ٿا:

ہم خدا خواہی و ہم دُنیائے دُوں　　ایں خیال است و مُحال است و جُنُوں

(تون خدا چاهين ٿو ۽ ذليل دنيا به، تنهنجو هي خيال جنون يعني پاگل پڻ ۽ محال يعني ناممڪن ڳالهه آهي)

مجھ کو دُنیا کی دولت نہ زر چاہئے

شاہِ کوثر کی میٹھی نظر چاہئے　(وسائلِ بخشش ص ۲۸۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مبلغ جي بخشش ٿي وئي

مدينه

حضرت سيدنا سُلَيم بن مَنصور علیہ رحمۃ اللہ الغفور فرمائن ٿا ته مون پنهنجي والد منصور بن عَمّار علیہ رحمۃ اللہ الغفار کي وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏسي پڇيا ڪئي: **ما فَعَلَ اللّٰهُ بِکَ؟** يعني الله عزّوجلّ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ته انهن ٻڌايو: منهنجي رب عزّوجلّ ڪرم ڪرڻ ڪان پوءِ مون کي فرمايو: اي بد عمل ڪُراڙا! خبر آهي ته مون تون کي ڇو بخشيو؟ مون عرض ڪيو: نه، اي منهنجا معبود عزّوجلّ! ته منهنجي رب عزّوجلّ ارشاد فرمايو: تو هڪ اجتماع ۾ پنهنجي **رقت انگيز بيان** سان حاضرين کي روئاريو هو، ۽ ان بيان ۾ منهنجو هڪ اهڙو به ٻانهو هو جيڪو ڪڏهن به منهنجي خوف ۾ نه رنو هو پر تنهنجو بيان

ٻڏي اهو به روئڻ لڳو، تہ مون هن ٻانهي جي آهہ و زاري تي رحم فرمائي ان کي ۽ اجتماع ۾ شريڪ ٿيندڙ سيني کي بخشي ڇڏيو انهيءَ ڪري تنهنجي به مغفرت ٿي وئي. (شرحُ الصُّدور ص 283) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صلَّی اللهُ تعالٰی علیهِ واٰلهٖ وسلَّم

تیرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دم　　تیرے خوف سے یاخدا یاالٰہی

تیرے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ　　میں تھرتھر رہوں کانپتا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص ۷۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جيڪو روئي ٿو ان جو ڪم ٿئي ٿو (مدينه ٢٢)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ان مبلغن جو درجو نهايت بلند و بالا ۽ عظمت وارو آهي جيڪو پنهنجي رقت انگيز سنتن ڀري بيان سان ماڻهن جي دلين ۾ رقت پيدا ڪندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهِ بيڪس پناه کان وڇڙيلن ٻانهن کي پنهنجي پُرسوز بيان جي ڪشش سان ڇڪي ڇڪي دربار الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ آڻن ٿا، يقيناً اخلاص سان سٺيون سٺيون نيتون ڪري **نيڪي جي دعوت** جون ڌومون مچائڻ وارا سعادت مند اسلامي ڀائر ٻنهي جهانن ۾ ڪامياب آهن، هن حڪايت مان هي به خبر پئي تہ **خوف خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جيڪو روئيندو آهي ان جو ڪم ٿيندو آهي.** خوف خدا ۾ روئڻ نهايت سعادت جي ڳالهہ آهي بلڪ روئڻ واري جي برڪت سان نہ روئڻ وارن جو به ٻيڙو پار ٿي ويندو آهي تنهنڪري سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ اهڙن اجتماعن ۾ گهري ويندڙ رقت انگيز دعا ۾ حاضر ٿيڻ جون تمام گهڻيون برڪتون هونديون آهن، خبر ناهي ڪنهن روئڻ واري جي صدقي سيني حاضرين جي مغفرت جا اسباب بڻجي وڃن!

تڑپنے پھڑکنے کا دیدے سلیقہ

ترے ڈر سے رونے کا سکھلا طریقہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روئڻ جا فضائل

مدينه مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوفِ خدا عزّوجلّ ۽ عشقِ مصطفيٰ صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم ۾ روئڻ عظيم الشان "نيڪي" آهي، انهيءَ ڪري ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هِن نيڪي جي ترغيب تي مشتمل **نيڪي جي دعوت** پيش ڪندي روئڻ جا فضائل بيان ڪيا تا وڃن. ڪاش! اسان بہ سنجيدگي اپنائڻ ۽ خوف خدا عزّوجلّ ۽ عشق مصطفيٰ صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم ۾ ڳوڙها وهائڻ وارا بڻجي وڃون.

رونے والی آنکھیں مانگو رونا سب کا کام نہیں
ذکرِ محبّت عام ہے لیکن سوزِ محبّت عام نہیں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## روئڻ وارن جي صدقي نہ روئڻ وارن جي بخشش

مدينه **سنتن** ڀري اجتماعن، سکڻ سيکارڻ جي مدني حلقن ۽ اجتماعِ ذڪر و نعت جي بہ ڇا ڳالهہ آهي! ڪوشش ڪري شروع کان آخر تائين انهن ۾ شرڪت ڪرڻ گهرجي، نہ ڄاڻي ڪڏهن ڪنهن جي دل چوٽ ڪائي وڃي، ان تي رقت طاري ٿي وڃي ۽ قلبي اخلاص سان ان جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳن ۽ ان کي رحمت پنهنجي آغوش ۾ وٺي ۽ ان مُخلِص ڀانهي جي **اِخلاص** جي برڪت سان اتي موجود هر مسلمان جي **مَغفِرت** ڪئي وڃي، اِجتماعِ خير ۾ روئڻ واري جي برڪت سان مغفرت وارن جي ڪثرت جو اندازو انهيءَ حديث شريف مان لڳايو. جيئن هڪ ڀيري سروَرِ ڪونين، رحمت دارين، نانا حَسنَين صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم خطبو ڏنو تہ حاضرين مان هڪ شخص روئي پيو، هي ڏسي پاڻ صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم فرمايو: جيڪڏهن اڄ توهان جي وچ ۾ اهي تمام مومن موجود هجن ها جن جا گناهہ جبلن جي برابر آهن تہ هن هڪ شخص جي روئڻ جي ڪري انهن کي بخشيو وڃي ها ڇو تہ فرشتا بہ ان سان گڏ روئي رهيا هئا ۽ دعا ڪري رهيا هئا: **اَللّٰهُمَّ شَفِّعِ الْبَكَّائِيْنَ فِيْمَنْ لَّمْ يَبْكِ** يعني اي الله عزّوجلّ! نہ روئڻ وارن جي حق ۾ روئڻ وارن جي شفاعت قبول فرمائي.

(شعب الايمان ج 1 ص 494 حديث 810)

حضرت مولانا روم علیہ رحمۃ اللہ القیوم فرمائن ٿا:

ہر کُجا آبِ رواں غُنچہ بُود ہر کُجا اشکِ رواں رحمت بُود

(جڏهن آسمان مان بارش ٿيندي آهي تہ زمين تي غُنچا ۽ گل کِلندا آهن ۽ جڏهن خوفِ خدا مان ڪنهن جي اک مان لڙڪ وهندا آهن تہ رحمت جا گل کِلندا آهن)

**مک جي متي برابر لڙڪ**

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلّم آهي: جنهن مؤمن جي اکين مان اللہ عزّوجلّ جي خوف سبب لڙڪ نڪرندا آهن جيتوڻيڪ مک جي متي برابر هجن پوءِ اهي لڙڪ ان جي چهري جي ظاهري حصي تائين پهچن تہ اللہ عزّوجلّ ان کي جهنم تي حرام ڪري ڇڏيندو آهي. (ايضاً ص 491 حديث 802)

قلبِ مُضطر چشمِ تر سوزِ جگر سینہ تپاں
طالبِ آہ و فُغاں جانِ جہاں! عطّارؔ ہے (وسائلِ بخشش ص۲۲۲)

## هڪ ميل تائين سيني جي گڙگڙاهٽ جو آواز پڌڻ ۾ ايندو هو!

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی نقل فرمائن ٿا: حضرت سيدنا ابراهيم خليل اللہ علٰی نبینا وعلیہ الصلوٰۃ والسلام جڏهن نماز جي لاءِ بيهندا هئا تہ خوف خدا جي سبب ايتري تہ آه و زاري ڪندا (يعني روئيندا) هئا جو هڪ ميل جي فاصلي کان سندن جي سيني ۾ ٿيندڙ گڙگڙاهٽ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. (احياءُ العلوم ج 4 ص 224)

جی چاہتا ہے پھوٹ کے روؤں ترے ڈر سے
اللہ! مگر دل سے قَساوت[1] نہیں جاتی

**سرڪار مدينہ کان پوءِ ڪنهن جو رتبو آهي؟**

سُبحٰنَ اللہ! جنهن جو مرتبو اللہ عزّوجلّ جي بارگاهہ ۾ جيترو وڏو هوندو آهي، اهو ايترو ئي خوفِ خدا جو مالڪ هوندو آهي جيئن هينئر اوهان حضرت سيدنا ابراهيم خليل اللہ علٰی نبینا وعلیہ الصلوٰۃ والسلام جي آه و زاري جو حال ٻڌو، پاڻ علیہ الصلوٰۃ والسلام جي عظيم الشان رتبي جي ڇا ڳالهہ ڪجي! جي ها! اسان جي مڪي مدني آقا، مٺي مٺي

(1) يعني سختي

مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان پوءِ سڄي مخلوق ۾ پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ئي افضل آهن! جيئن فَقِيہِ ملّت حضرت علامہ مولانا مفتي جلال الدين امجدي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي سوال جواب تي مشتمل پنهنجي ڪتاب ”اسلامي تعليم“ صفحي 194 کان 195 تي فرمائن ٿا: حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان پوءِ سڀ کان وڏي رتبي وارا حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام آهن، پوءِ حضرت سيدنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پوءِ حضرت سيدنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ (پوءِ) حضرت سيدنا نوح نجي الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام انهن حضرات کي مُرسلين اُولُوالعزم چيو ويندو آهي. (اسلامي تعليم ص 195 بتغير)

## وڻ ٽڻ بہ روئڻ لڳا

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 160 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”خوفِ خدا“ صفحي 45 تي آهي: حضرت سيدنا يحيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جڏهن نماز جي لاءِ بيهندا هئا تہ (خوفِ خدا سبب) ايترو تہ روئيندا هئا جو وڻ ۽ مٽي جا پٿر بہ گڏ روئڻ لڳندا هئا، ايستائين جو سندن جا والد محترم حضرت سيدنا زڪريا عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بہ ڏسي روئڻ لڳندا هئا ۽ ايتري قدر جو بيهوش ٿي ويندا هئا، مسلسل ڳوڙها وهڻ سبب حضرت سيدنا يحيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا رُخسار مبارڪ (يعني مبارڪ ڳلن) تي زخم ٿي ويا، امڙ سائڻ سندن جي پاڪ رخسارن تي پَشمي (يعني اُن جون) پٽيون لڳائنيدي هئي، جڏهن بہ پاڻ نماز جي لاءِ بيهندا هئا تہ روئڻ شروع ڪندا، جنهن جي ڪري اهي پَشمي پٽيون آليون ٿي وينديون هيون، امڙ سائڻ انهن کي سڪائڻ جي لاءِ جڏهن نپوڙينديون هيون ۽ پاڻ پنهنجي اکين مان نڪرڻ واري پاڻي کي پنهنجي ٻانهن تي ڪرندو ڏسندا ها تہ بارگاهِ الٰهي ۾ ائين عرض ڪندا ها: اي الله عَزَّوَجَلَّ! هي منهنجا ڳوڙها آهن، هي منهنجي ماءُ آهي ۽ مان تنهنجو ٻانهو آهيان جڏهن تہ تون اَرحَمَ الرَّاحمين يعني سڀ کان وڏيڪ رحم فرمائڻ وارو آهين.

(احياءُ العلوم ج 4 ص 225)

شرابِ مَحَبّت کچھ ایسی پلا دے
کبھی بھی نشہ ہو نہ کم یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص۸۱)

## جنّت ۽ جهنّم جي وچ ۾ هڪ گهاٽي آهي

نبي ابن نبي حضرت سيدنا يحيٰ علٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هڪ ڀيرو ڪٿي گهر تي ويا، سندن جا والد محترم حضرت سيدنا زَڪريا علٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ٽي ڏينهن تائين ڳولها ڪندا رهيا، آخرڪار هڪ جڳهه تي هن حال ۾ نظر آيا جو هڪ کوٽيل قبر ۾ روئي رهيا هئا، پاڻ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايائون: اي منهنجا لال! مان ٽن ڏينهن کان ڳولهي رهيو آهيان ۽ توهان هتي قبر ۾ ويهي ڳوڙها وهائي رهيا آهيو؟ عرض ڪيو: بابا جان! ڇا اوهان مون کي نہ ٻڌايو هو تہ **جنت ۽ دوزخ ۾ هڪ گهاٽي آهي جنهن کي اهو ئي طئي ڪري سگهي ٿو جيڪو گهڻو روئڻ وارو هجي**، تہ پاڻ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايائون: منهنجا پٽ! روئو ۽ هي فرمائي پاڻ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بہ انهن سان گڏجي روئڻ لڳا. (شعب الايمان ج 1 ص 493 حديث 809)

سرفراز اور سُرخرو مولیٰ
مجھ کو تو روزِ آخرت فرما (وسائلِ بخشش ص۱۱۳)

## لڙڪ جي هر قطري مان هڪ فرشتي جي پيدائش

سلطانِ انبياء ڪرام، شاهِ خيرُالانام صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جو فرمان عاليشان آهي: الله عَزَّوَجَلَّ جا ڪجهہ فرشتا اهڙا آهن جنهن جا پاسا ربّ عَزَّوَجَلَّ جي خوف سان ڏڪندا رهندا آهن، انهن جي اکين مان وهندڙ هر لڙڪ جي قطري مان هڪ فرشتو پيدا ٿيندو جيڪو بيهي ڪري پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي پاڪي بيان ڪرڻ شروع ڪندو آهي. (شعب الايمان ج 1 ص 521 حديث 914)

ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ
میں تھرتھر رہوں کانپتا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص۷۸)

## روئڻ وارو هرگز جهنم ۾ داخل نه ٿيندو

رحمت عالميان، محبوب رحمٰن صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: خوف خدا عزوجل سبب روئڻ وارو هرگز جهنم ۾ داخل نه ٿيندو ايستائين جو کير ٿڻن ۾ واپس موٽي اچي. (شعب الايمان ج 1 ص 490 حديث 800) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني جيئن ڏوڌل کير جو ٿڻن ۾ واپس ٿيڻ ناممڪن آهي ائين ئي انهي شخص جو دوزخ ۾ وڃڻ ناممڪن آهي جيئن ته رب تعاليٰ فرمائي ٿو

حَتّٰی یَلِجَ الْجَمَلُ فِیْ سَمِّ الْخِیَاطِ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ايستائين جو اُٺ سئي جي پاڪي ۾ داخل نه ٿئي. (پ 8، الاعراف 40)

خوف خدا ۾ روئڻ جا گهڻا فضائل آهن الله تعاليٰ جنهن ڪي نصيب فرمائي. (مراٰة ج 5 ص 436)

قلبِ مُضطر کی لاج رکھ مولیٰ
یہ صدا میری چشمِ نَم کی ہے (وسائلِ بخشش ص ۱۲۵)

## خوف خدا سبب روئڻ وارو بخشيو ويندو

حضرت سيدنا انس رضی اللہ تعالٰی عنہ کان مروي آهي ته سرڪار نامدار، شهنشاهِ اَبرار صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جو ارشاد خوشگوار آهي : جيڪو شخص الله عزوجل جي خوف مان روئي الله عزوجل ان جي بخشش فرمائي ڇڏيندو آهي. (ابن عدي ج 5 ص 396)

سوزِشِ سینہ و جگر دے دے
آرزو مجھ کو چشمِ نَم کی ہے (وسائلِ بخشش ص ۱۲۵)

## جيڪڏهن اوهان نجات چاهيو ٿا ته ............

حضرت سيدنا عُقبہ بن عامِر رضی اللہ تعالٰی عنہ عرض ڪيائون: يارسول الله صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم نجات ڇا آهي، فرمايائون: ﴿1﴾ پنهنجي زبان کي روڪي رکو (يعني پنهنجي زبان اتي ڪوليو جتي فائدو ٿئي نقصان نه ٿئي) ۽ ﴿2﴾ توهان جو گهر توهان کي ڪفايت ڪري

(يعني بلا ضرورت جي ٻاهر نہ نڪرو) ۽ ﴿3﴾ گناهن تي روئڻ اختيار ڪيو.

(سنن ترمذي ج 4 ص 182 حديث 2414)

لائق نار ہیں برے اعمال

التجا یاخدا کرم کی ہے (وسائل بخشش ص۱۲۰)

## گهٽي برسات شروع ٿي وئي

خوف خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ عشق مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ روئڻ مقدر وارن جو حصو آهي، روئڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روئڻ وارن جي صحبت نهايت فائديمند آهي، تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ توهان کي روئڻ وارا گهڻا ملندا، اوهان بہ عاشقان رسول جي صحبت اختيار ڪيو انهن سان گڏ مدني قافلن جا مسافر بڻجو، جيڪڏهن اوهان کي روئڻ نٿو اچي تہ اوهان کي بہ اِن شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ روئڻ اچي ويندو. اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪئي وڃي ٿي جيئن تہ سنتن جي تربيت لاءِ هڪ مدني قافلو 12 ڏينهن جي لاءِ باب الاسلام سنڌ جي ضلع "ٿرپارڪر" جي هڪ ڳوٺ اسماعيل جي ڍاڻي پهتو، هي علائقو ڪئي سالن کان برسات کان محروم هو، ۽ انهي ڪري ماڻهو گهڻا پريشان هئا، نماز کان پوءِ ماڻهن مدني قافلي وارن کي برسات جي دعا جي لاءِ چيو، عاشقان رسول هٿ کنيا، سيئي نمازي بہ دعا ۾ شامل هئا، اڃا دعا جاري هئي جو هڪدم رحمت جا ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا، ۽ ڏسندي ئي ڏسندي تمام گهٽي برسات شروع ٿي وئي جڏهن تہ ڪجهہ دير پهريان آسمان بلڪل صاف هو ۽ سج پنهنجي پوري آب و تاب سان روشن هو، سڄي ڳوٺ ۾ مدني قافلي جي ڌوم مچي وئي، هتي جي عالمن ۽ امامن سڳورن انهي وسندڙ برسات کي دعوت اسلامي جي مدني قافلي وارن عاشقانِ رسول جي دعائن جو ثمر (يعني نتيجو) قرار ڏنو .

خوب ہوں بارشیں، دور ہوں خارشیں قحط کے دن ٹلیں، قافلے میں چلو

برسے برسات جب، باغ گلزار سب لہلہانے لگیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## برسات جي پاڻي سان بيمارين جو علاج

سُبحٰنَ الله! مدني قافلي جون بہ ڪيتريون برڪتون آهن! واقعي برسات الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت آهي، قرآن پاڪ سيپاري 26 سُوْرَۃُ قٓ آيت 9 ۾ برسات کي "مَآءً مُّبٰرَكًا"

**ترجمو ڪنزالايمان:** "برڪت وارو پاڻي" چيو ويو آهي.

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 40 صفحن تي مشتمل ڪتاب "راہ خدا میں خرچ کرنے کے فضائل" صفحي 30 تي آهي: حضرت موليٰ علي رضي الله تعالیٰ عنه هڪ ڀيري فرمايو: جڏهن اوهان مان ڪو شخص شِفا چاهي تہ قرآن شريف جي ڪا آيت رڪابي (يعني ٿالهي) تي لکي ۽ برسات جي پاڻي مان ڌوئي ۽ پنهنجي گهرواريءَ کان ان جي مهر مان هڪ درهم ان جي خوشي سان وٺي ان مان ماکي خريد ڪري پيئي بيشڪ شفا آهي. (المواهب اللدنية ج 3 ص 48، فتاوٰي رضويہ ج 23 ص 155)

هڪ طبيب جو چوڻ آهي: مون ڪئي مريضن کي مختلف بيمارين ۾ ماکي ۽ برسات جو پاڻي ڏنو آهي ۽ ان کي ڀين نسخن کان وڌيڪ فائديمند ڏٺو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خوفِ خدا سان روئڻ سنّت آهي

حضرت سيدنا ابو هريره رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي جڏهن هي آيت شريف نازل ٿي:

اَفَمِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ تَعْجَبُوْنَ ۝٥٩ وَتَضْحَكُوْنَ وَلَا تَبْكُوْنَ ۝٦٠ (پ٢٧،النجم٥٩، ٦٠)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ ڇا ان ڳالهہ کان توهان کي تعجب لڳي ٿو، ۽ توهان کِلو ٿا ۽ روئو نہ ٿا.

تہ اَصحابِ صُفّہ رضي الله تعالیٰ عنهم ايترو تہ رُنا جو انهن جا مبارڪ رُخسار (يعني ڳل مبارڪ) ڳوڙهن سان پرجي ويا، انهن کي روئيندو ڏسي رحمت عالم صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم بہ روئڻ لڳا، پاڻ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي ڳوڙهن کي وهندو ڏسي اهي اصحاب سڳورا

فرمانِ مُصطفیٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود پاڪ نہ پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو- (ابن سني)

(رضی اللہ تعالٰی عنہم) ويتر وڌيڪ روئڻ لڳا، پوءِ پاڻ ڪريم صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم ارشاد فرمايو: اهو شخص جهنم ۾ داخل نہ ٿيندو جيڪو الله تعاليٰ جي خوف سبب رُنو هجي.

(شعب الايمان ج 1 ص 489 حديث 798)

الله! کیا جہنّم اب بھی نہ سرد ہو گا؟

رو رو کے مصطفٰے نے دریا بہا دیے ہیں (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** هن شعر ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن خداء غفار عزّوجلّ جي دربار نور بار ۾ عرض گذار آهن: ياالله عزّوجلّ! ڇا جهنم جي باهہ غلامان مصطفيٰ جي حق ۾ اڃا بہ ٿڌي نہ ٿيندي! منهنجا پيارا پيارا پروردگار عزّوجلّ! تنهنجي پياري حبيب صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم پنهنجي اُمت جي بخشش جي لاءِ دعائون ڪندي ايترا تہ رنا آهن جڻ تہ روئي روئي دريا وهائي ڇڏيا آهن.

خدائے غفار بخش دے اب تو لاج محبوب رکھ ہی لے اب

ہمارا غمخوار فکرِ اُمّت میں دیکھ آنسو بہا رہا ہے (وسائلِ بخشش ص ۳۱۰)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روئڻ جهڙي صورت بڻائي وٺو

امير المؤمنين حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمايو: جيڪو شخص روئي سگهي ٿو تہ روئي ۽ جيڪڏهن روئڻ نٿو اچي تہ روئڻ جهڙي صورت بڻائي. (احياءالعلوم ج 4 ص 201) مدني منا منا اسلامي ڀائرو! يقيناً سنن جي نقل بہ سني هوندي آهي: دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 318 صفحن تي مشتمل ڪتاب "فضائل دعا" صفحي 81 تي دعا جي قبوليت جي ادب نمبر 33 ۾ آهي: (دعا جي دوران) ڳوڙها وهائڻ جي ڪوشش ڪري جيتوڻيڪ هڪ قطرو هجي جو دليل اِجابت (يعني قبوليت جو دليل) آهي، روئڻ نہ اچي تہ روئڻ وارن جيان چهرو بڻائي جو تہ نيڪن جي صورت بڻائڻ بہ نيڪ (يعني سٺي) آهي، دعا جي بيان ڪيل ادب جي شرح ۾ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: هي (روئڻ واري) صورت بڻائڻ بہ نيّتِ تَشَبُّہ (يعني روئڻ وارن جي نقل) الله عزّوجلّ جي حضور (يعني بارگاهہ ۾) آهي، نہ اهو جو ٻين کي ڏيکارڻ جي لاءِ، اهو

(يعني ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ ڪرڻ) ريا ۽ حرام آهي، هي نڪتو ياد رهي.

ندامت سے گناہوں کا ازالہ کچھ تو ہو جاتا

مجھے رونا بھی تو آتا نہیں ہائے ندامت سے (وسائلِ بخشش ص ۲۳۸)

## مڏي ۽ ڏاڙهي ۾ اٽو چنڊڻ جي انوکي وصيت

سنّن جو نقل جي ضمن ۾ "مَعدن اخلاق" حصي اول صفحي 54 تي ڏنل دلچسپ حڪايت ڪجهه تبديلي سان عرض ڪيان ٿو: هڪ مسخري مرڻ وقت پنهنجي دوستن کي وصيت ڪئي ته جڏهن مون کي دفن ڪرڻ لڳو ته منهنجي ڏاڙهي ۽ مٿي جي وارن ۾ "اٽو چنڊي ڇڏجو" دوستن چيو: يار! توهان حياتي ۾ ته مذاق مسخري ڪندا رهيا آهيو هاڻي آخري وقت ۾ ته هن کان پاسو ڪر! ان چيو: جيڪڏهن توهان منهنجا واقعي خير خواهه آهيو جيڪو مان چوان ٿو اهو ڪجو، دوست ڪِلي ڪري راضي ٿي ويا ۽ وفات کان پوءِ ان کي دفن ڪرڻ مهل ڏاڙهي ۽ مٿي تي اٽو چنڊيو، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پنهنجي مرحوم دوست کي خواب ۾ ڏسي پڇا ڪئي: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ مرحوم چيائين: مون کان سوال ٿيو ته تو اٽو چنڊڻ جي وصيت ڇو ڪئي هئي؟ مون عرض ڪيو: ياالله عَزَّوَجَلَّ مون تنهنجي محبوب مُحَمّد رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد ٻڌو هو، اِنَّ اللّٰهَ يَسْتَحِيْ عَنْ ذِی الشَّيْبَةِ الْمُسْلِمِ (يعني بيشڪ الله تعاليٰ مسلمان جي پوڙهائپ کان حياءَ فرمائيندو آهي) (المعجم الاوسط ج 4 ص 82 حديث 5286) پوڙهو ٿيڻ منهنجي اختيار ۾ نه هو انهي ڪري سوچيو ته "پوڙهن جيان شڪل بڻايان، ته الله تعاليٰ فرمايو: وڃ! مون تو کي بخشي ڇڏيو."

رحمتِ حق بہا، نہ مے جُوید

رحمتِ حق بہانہ مے جُوید

(الله جي رحمت قيمت ناهي گهرندي، الله جي رحمت بهانو گهرندي آهي)

## اڇا وار قيامت ۾ نور هوندا

اڄڪلهه عموماً وڏي عمر جا اسلامي ڀائر اڇن وارن کان ڪترائيندا آهن حالانڪ مسلمان هجڻ جي حالت ۾ وڏپڻ جي

ڪري اچا وار ٿيڻ وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي جيئن تہ **فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم آهي: سفيد وارن کي نہ پٽيو، ڇوتہ هي قيامت جي ڏينهن نور هوندا، جنهن جو هڪ وار بہ سفيد ٿيو الله عزوجل ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکندو ۽ ان جو هڪ گناهہ معاف فرمائيندو ۽ ان جو هڪ درجو بلند فرمائيندو. (الترغيب والترهيب ج 3 ص 86 حديث 6)

## ڳوڙها نہ اگهڻ جي فضيلت

**امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ شير خدا** ڪرم الله تعالیٰ وجهه الڪريم فرمايو: جڏهن توهان مان ڪنهن کي خوفِ خدا سبب روئڻ اچي تہ اهو لڙڪن کي ڪپڙي سان صاف نہ ڪري، بلڪ رخسارن (يعني ڳلن) تي وهڻ ڏي ڇو تہ اهو انهيءَ حالت ۾ ربّ تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندو. (شعب الايمان ج 1 ص 493 حديث 808)

روتا ہوا میں آؤں داغ جگر دکھاؤں
افسانہ بھی سناؤں میں اپنی بیکسی کا (وسائل بخشش ص ۱۹۴)

## گهر ۾ لڪي ڪري روئڻ افضل آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خوف خدا عزوجل ۽ عشق مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم ۾ وهڻ وارا ڳوڙها بيشڪ نہ اگهڻ گهرجن پر ٻين جي موجودگي ۾ روئڻ وقت هي غور ڪرڻ ضروري آهي تہ ڪٿي نہ اگهڻ جو هي مقصد تہ ناهي تہ ماڻهو منهنجا ڳوڙها ڏسي وٺن ۽ مون سان متاثر ٿين واهہ واهہ! وڏو نيڪ ماڻهو يا وڏو عاشق رسول آهي! جيڪڏهن مَعاذَالله ائين آهي تہ هي رياڪاري آهي، هاڻي ڳوڙها نہ اگهڻ جي فضيلت ڪهڙي! بلڪ جهنم جي حقداري آهي، جنهن کي سيني جي سامهون روئڻ ۾ رياڪاري جو انديشو هجي ان کي کپي تہ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 74 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**اخلاق صالحين**" صفحي 30 تي ڏنل هن حڪايت کي پيش نظر رکي جيئن تہ حضرت سيدنا ابو اُمامہ رضي الله تعالیٰ عنه هڪ شخص کي ڏٺو تہ اهو سجدي ۾ روئي رهيو آهي، فرمايائون: نِعمَ هٰذَا لَوْ كَانَ فِي بَيْتِكَ حَيْثُ لَا يَرَاكَ النَّاسُ. يعني هي (روئڻ) سٺو ڪم آهي جيڪڏهن گهر ۾ هجي ها جتي ماڻهو نہ ڏسن ها.(تنبيہ المغترين ص 32)

میرے چہرے پر کفن ڈھک دیجئے ساتھیو رُسوا مجھے مت کیجئے
بڑھتے جاتے ہیں گنہ عطّار آہ! کچھ تو اظہارِ ندامت کیجئے (وسائلِ بخشش ص۴۱۹)

## مدينه ڳوڙهن ڪي ڏاڙهي سان صاف ڪندا هئا

حضرت سيدنا محمد بن مُنڪدِر علیہ رحمۃ اللہ القادر جڏهن روئيندا ها تہ پنهنجي چهري ۽ ڏاڙهي تي ڳوڙها مهٽي ڇڏيندا ها ۽ فرمائيندا ها تہ مون ڪي خبر پئي آهي تہ باهہ ان جڳهہ ڪي نہ ساڙيندي جتي خوفِ خدا سبب نڪرڻ وارا ڳوڙها لڳا هجن. (احياءُالعلوم ج 4 ص 201) اللہ عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي۔

اٰمِين بِجاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

یاخدا بہرِ رضا عطّار کو وہ آنکھ دے
ہو غمِ محبوب میں آنسو بہانا جس کا کام (وسائلِ بخشش ص۱۰٤)

## مدينه روئڻ نہ اچي تہ ڪوشش ڪري روئو

حضرت سيدنا عبدالله بن عَمرو بن عاص رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمايو: روئيندا ڪيو! جيڪڏهن روئڻ نہ اچي تہ روئڻ جي ڪوشش ڪيو، ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضۂ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! جيڪڏهن توهان مان ڪنهن کي علم هجي ها تہ اهو ايتري قدر رڙيون ڪري ها جو ان جو آواز ڦاٽي پوي ها ۽ هن طرح نماز پڙهي ها جو ان جي پٺي ٽٽي پوي ها. (الزهد لابن المبارک ص 356 رقم 1007) هي نقل ڪرڻ کان پوءِ حُجّةُ الاِسلام حضرت سيّدُنا ابو حامد امام محمّد بن محمّد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی اِحياءُالعُلوم جلد 4 صفحي 230 تي فرمائن ٿا: جڻ تہ انهن نبي ڪريم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي ان حديث ڏانهن اشارو ڪيو جنهن ۾ پاڻ ڪريم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: جيڪڏهن توهان اها ڳالهہ ڄاڻو ها جيڪو مان ڄاڻان ٿو تہ توهان گهٽ کِلو ها ۽ گهڻو روئو ها. (بخاري ج 4 ص 243 حديث 6485)

سوزشِ عشق میں جلتا ہی رہوں میں ہر دم
آنکھ سے غم میں ترے خون برستا دیکھوں (وسائلِ بخشش ص۱۲۱)

## الله عَزَّوَجَلَّ لڙڪ جي هڪ قطري سان باهہ جا ڪئي سمنڊ وسائي ڇڏيندو

حضرت سيدنا ابوسُليمان داراني قُدِّسَ سِرُّهُ النّورانِي فرمائن ٿا: (خوف خدا جي سبب) جيڪي اکيون پرجي اچن ان چهري تي قيامت جي ڏينهن سياهي ۽ ذلت نہ چڙهندي، ۽ جيڪڏهن ان پرجي ويلن اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويا تہ الله تعاليٰ ان لڙڪن جي پهرين قطري سان باهہ جا ڪئي سمنڊ وسائي ڇڏيندو ۽ جنهن قوم مان ڪو شخص (خوفِ خدا سبب) روئيندو آهي، ان قوم تي رحم ڪيو ويندو آهي. (احياءالعلوم ج 4 ص 201)

آگ دوزخ کی جلا ہی نہیں سکتی ان کو
عشق کی آگ میں دل جن کے جلا کرتے ہیں (وسائلِ بخشش ص۱٤۳)

## هڪ هزار دينار صدقو ڪرڻ ڪان بهتر هڪ لڙڪ جو قطرو

حضرت سيدنا عبدالله بن عَمرو بن عاص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف مان لڙڪ جو هڪ قطرو وهڻ منهنجي ويجهو هڪ هزار دينار صدقو ڪرڻ ڪان بهتر آهي. (شعب الايمان ج 1 ص 502 حديث 842)

دُرِّ نایاب بلاشک ہیں وہ ہیرے انمول
اشک آقا کی جو یادوں میں بہا کرتے ہیں (وسائلِ بخشش ص۱٤۳)

## زمين تي ڪرندڙ لڙڪ جي قطري جي فضيلت

حضرت سيدنا ڪَعبُ الاَحبار رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: خوف خدا سان لڙڪ وهائڻ مون کي پنهنجي وزن جي برابر سون صدقو ڪرڻ ڪان بہ وڌيڪ پسند آهي، ڇو تہ جيڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي ڊپ مان روئي ۽ ان جي لڙڪن جو هڪ قطرو بہ زمين تي ڪري پوي تہ باهہ ان (روئڻ واري) کي نہ ساڙيندي. (دُرة الناصحين ص 235)

یاربّ بچالے تُو مجھے نارِ جحیم سے
اولاد پہ بھی بلکہ جہنّم حرام ہو (وسائلِ بخشش ص۱۸۹)

## خوف خدا کان نکرندڙ لڙڪ جو قطرو حور چهري تي مکي چڏيو

حضرت سيدنا احمد بن ابوالحواري قُدِّسَ سِرُّہُ النُّورانِي فرمائن ٿا مون خواب ۾ هڪ حور کي ڏٺو جنهن جي چهري تي نور جي چمڪ هئي مون پڇا ڪئي: تنهنجي چهري تي هي چمڪ ڏمڪ ڪنهن سبب سان آهي؟ اها چوڻ لڳي: توهان کي اها رات ياد آهي جنهن ۾ توهان رنا هئا؟ مون چيو: ها، ان چيائين: توهان جا لڙڪ مون کي آٽي ڏنا ويا تہ مون ان کي چهري تي لڳايو **منهنجي چهري تي هي چمڪ ڏمڪ انهن لڙڪن جي ڪري آهي.** (رسالہ قشيريہ ص 422) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## گناهن جي باوجود خوش رهڻ جهنم ۾ ڪيرائي سگهي ٿو!

هڪ عبادت گذار جو قول آهي: جيڪڏهن ڪو شخص گناهہ ڪري ۽ کلي تہ يقين ڄاڻو تہ الله تعاليٰ ان بيباڪ کي جهنم ۾ وجهندو ۽ هي اتي روئيندو، ۽ جيڪڏهن ڪو شخص طاعت ۽ بندگي بجا آٽي پوءِ بہ خوفِ خدا جي باعث روئي تہ يقين ڄاڻو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جنت ۾ داخل ڪندو ۽ هي اتي خوشي سان رهندو. (المنبهات علي الاستعداد ليوم المعاد ص 5 ملخصا)

عمر بدیوں میں ساری گزاری ہائے پھر بھی نہیں شرمساری
بخش محبوب کا واسطہ ہے، یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے (وسائل بخشش ص ۱۳٤)

## بيباڪي سان گناهہ ڪرڻ تمام سخت آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ائين تہ هر گناهہ برو ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي پر کلي کلي ڪري ۽ بيباڪي (يعني بي خوفي) سان گناهہ ڪرڻ هي تمام تباهہ ڪن هوندو آهي، بنا خوف جي گناهہ ڪرڻ وارن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي قهر ۽ غضب کان ڊڄڻ گهرجي، خدا جو قسم! جهنم جي گرمي کو بہ برداشت نٿو ڪري سگهي، الله تبارڪ و تعاليٰ سيپاري 10 سُوْرَةُ التَّوْبَة جي آيت نمبر 81 کان 82 ۾ جهنم جي حالت جي باري ۾ ارشاد فرمايو آهي:

قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ اَشَدُّ حَرًّا ۭ لَوْ كَانُوْا يَفْقَهُوْنَ ۝۸۱ فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّلْيَبْكُوْا كَثِيْرًا ۚ

**ترجمو ڪنزالايمان:** تون فرماءِ جهنم جي باهه سڀ کان سخت گرم آهي، جيڪر انهن کي سمجهه هجي ها پوءِ انهن کي گهرجي ته ٿورو کلن ۽ گهڻو روئن.

## ...ته ٿورو کلو ها ۽ وڌيڪ روئو ها

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامه مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الهادي هنن آيتن جي تحت فرمائن ٿا: دنيا ۾ خوش ٿيڻ ۽ کلڻ چاهي ڪيتري به وقت جي لاءِ هجي پر اهو آخرت جي روئڻ جي مقابلي ۾ ٿورو آهي ڇو ته دنيا فاني (يعني فنا ٿيڻ واري آهي) ۽ آخرت دائم (يعني هميشه رهڻ واري) آهي ۽ باقي آهي. يعني آخرت جو روئڻ دنيا ۾ کلڻ ۽ خبيث عمل (يعني گناهه ڪرڻ جو بدلو آهي. حديث شريف ۾ آهي: سيد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن توهان اهو ڄاڻو ها جيڪو مان ڄاڻان ٿو ته ٿورو کلو ها وڌيڪ روئو ها . (صحيح بُخاري ج 4 ص 243 حديث 6485)

مرے اَشک بہتے رہیں کاش! ہر دم
ترے خوف سے یاخدا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص۷۸)

## اي کِلي کِلي ڪري گناهه ڪرڻ وارؤ!

اي کِلي کِلي گناهه ڪرڻ وارا نادانؤ!هن کان پهريان جو موت توهان جي غفلت ڀري کِل جو خاتمو آڻي، سچي توبه ڪري وٺو! پاڻ کي ڏيڄارڻ، سنجيده بڻائڻ ۽ جهنم ۾ روئيندو وڃڻ کان بچائڻ جي لاءِ هن روايت تي غور ڪريو! جنهن ۾ سروَرِ عالَم، نورِ مُجَسَّم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو آهي: اي انسانو! روئيندا ڪيو ۽ جيڪڏهن روئي نه سگهو ته روئڻ جي ڪوشش ڪندا ڪيو ڇو ته جهنم ۾ جهنمي روئيندا ايستائين جو انهن جا لڙڪ انهن جي چهرن تي ائين وهندا ڄڻ اهي ناليون آهن، جڏهن لڙڪ ختم ٿي ويندا ته رت وهڻ لڳندو ۽ اکيون زخمي ٿي وينديون جو ان ۾ جيڪڏهن ڪشتيون داخل ڪيون وڃن ته اهي هلڻ لڳن. (شرحُ السنة للبغوي ج 7 ص 565 حديث 4314) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ

المنان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني حياتي ۾ ئي پنهنجي گناهن کان ڊپ، رب عزّوجلّ جي خوف، ان جي رحمت جي شوق، ان جي حبيب صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جي عشق ۾ جيترو ٿي سگهي روئو اهڙي روئڻ جو انجام ان شاءَالله عزّوجلّ خوشي ۽ شادماني هوندي. (مراٰۃ المناجیح ج 7 ص 545)

مجھ خطا کار پر بھی عطا کر ۔۔۔ بے حساب بخش دے ربِّ اکبر

مجھ کو دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے ۔۔۔ یا خدا تجھ سے میری دعا ہے (وسائلِ بخشش ص ۱۳۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رقت انگيز دعا جي اثر ڪتي کان ڪتي پهچائي ڇڏيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيطان کي ڀڄائڻ، سٺل قسمت جڳائڻ، خوف خدا ۾ روئڻ جو جذبو وڌائڻ، سچي توبہ جي سعادت پائڻ، غم مصطفیٰ ۾ لڙڪ وهائڻ ۽ پنهنجو سينو مدينو بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ تڙپندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي استِقامت جي لاءِ روزانو "فڪرِ مدينہ" ڪري مدني انعامات جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏھ تاريخ جي اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پنهنجي هن مدني مقصد "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو، اچو اوهان جي ترغيب جي لاءِ مدني بهار ٻڌايان: تاندليانوالہ (ضلع سردار آباد پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اَلحَمدُلله عزّوجلّ مون جڏهن ڀرين پيري (1426 ھ بمطابق 2005) ۾ بين الاقوامي ٽن ڏينهن جي سنتن ڀري اجتماع (صحراءِ مدينہ ملتان شريف) ۾ شرڪت ڪئي تہ مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس ۽ ايترو تہ جذبو

مليو جو باب المدينہ ڪراچي اچي دعوت اسلامي جي جامعة المدينہ ۾ درس نظامي جي اندر داخلا ورتو ۽ هي بيان ڏيڻ وقت الحمدلله عَزَّوَجَلَّ دوره حديث ڪري رهيو آهيان، منهنجو هڪ دوست ڀهريان مدني ماحول ۾ هو پر اهو شرابين جي صحبت سبب خراب ٿي ويو ۽ مَعاذالله نماز پڙهڻ بہ ڇڏي ڏني، مون کي ان جو تمام ڏک هو، مان جڏهن پنهنجي ڳوٺ مَسَرِيرَه چڪ، تاندليانوالہ ويندو هئس تہ ان تي انفرادي ڪوشش ڪندو هئس تہ اهو ڌيان نہ ڏيندو هو پر مون همت نہ ڇڏي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون (1427هہ بمطابق 2006ع) ۾ ان کي ٽن ڏينهن جي سنتن ڀري اجتماع (صحراءِ مدينہ مدينة الاولياء ملتان شريف) جي دعوت پيش ڪئي، اجتماع آيو، گذري ويو منهنجي ان سان ملاقات نہ ٿي سگهي، عيد جي ٻي ڏينهن مون پنهنجي گهر مان جهاتي پاتي تہ هڪ هلڪي ڏاڙهي وارو با عمامہ اسلامي ڀاءُ ڀري ڪان اسان جي گهر ڏانهن اچي رهيو هو، مان ان کي سڃاڻي نہ سگهيس، جڏهن اهو ويجهو آيو تہ مان خوشي مان جهومڻ لڳس ڇو تہ هي تہ منهنجو اهو ئي وڇڙيل دوست هو، مون اٿي محبت سان ان کي ڀاڪر ۾ ورتو، ۽ مدني ماحول ۾ واپسي تي مبارڪ پيش ڪئي، جڏهن ان کان هن مدني انقلاب جو سبب دريافت ڪيو تہ چوڻ لڳو: اوهان جي دعوت تي ٽن ڏينهن جي سنتن ڀري اجتماع (صحراءِ مدينہ ملتان شريف) ۾ حاضر ٿيو هئس، اتي جي اختتامي رقت انگيز دعا ۾ منهنجي دل مدني چوٽ کاڌي، دعا ۾ خوف خدا سبب روئڻ لڳس، منهنجي ضمير مون کي جاڳايو تہ ڏس تہ سهي! نيڪ پرهيزگار عاشقان رسول تہ گناهن کان توبہ ڪندي پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ ٻاڏائي رهيا آهن ۽ ڳوڙها ڳاڙهي رهيا آهن جڏهن تہ تون يقيني طور تي متي کان پيرن تائين گناهن ۾ گهريل آهين پر تون کي ان جو ڪو احساس ئي ناهي! بس ادا! منهنجو بہ بند ٽٽو، مان بہ تمام گهڻو رنس ۽ روئي روئي پنهنجي گناهن کان توبہ ڪئي، ۽ انهي وقت ڏاڙهي شريف وڌائڻ ۽ عمامو شريف سجائڻ جي پڪي نيت ڪئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان پر جوش انداز ۾ دعوت اسلامي جي مدني ڪمن جون

ڊومون مچائڻ شروع ڪري ڏنائين، عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ حاضر ٿي مدني قافلہ ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ ترقي ڪندي اٺن نون مهينن ۾ دعوت اسلامي جي ذيلي مشاورت جا نگران بڻجي ويا .

بُری صحبتوں سے کنارہ کشی کر     کے اچھوں کے پاس آکے پا مَدَنی ماحول
تَنَزُّل کے گہرے گڑھے میں تھے اُن کی     ترقّی کا باعِث بنا مَدَنی ماحول (وسائلِ بخشش ص ٦٠٤)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دل ڏڙڪائڻ واري هڪ سچي داستان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن مدني بهار مان اسان کي هي درس مليو تہ خاص ڪري پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ وارن جي بد اعمالين تي دل ساڙڻ ۽ انهن تي انفرادي ڪوشش جو سلسلو جاري رکڻ گهرجي، خبر ناهي ڪڏهن ڪنهن جي دل چوٽ کائي وڃي! ۽ هي بہ درس مليو تہ بري صحبت کان هميشہ بچڻ گهرجي جو هي چڱي ڀلي نيڪ انسان کي شيطان جي قدمن ۾ ڪٽي بيهاريندي آهي، هي تہ ان اسلامي ڀاءُ جي خوش نصيبي جو پنهنجي همدرد اسلامي ڀاءُ جي تڙپ ۽ انفرادي ڪوشش جي صدقي شرابين جي صحبت کان بچي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، نہ تہ بري صحبت ۽ خاص ڪري شرابين ۽ جوارين جي سنگت ائين تباهہ ٿي ڪري جو تباهي پڻ لرزي پوندي آهي! جوارين جي صحبت جي ڀيانڪ انجام جو سچو داستان دل جهلي پڙهو ۽ بري صحبت کان هميشہ جي لاءِ توبہ ڪيو، پنجاب (پاڪستان) جي هڪ علائقي ۾ هڪ عجيب و غريب بدبو محسوس ٿيڻ لڳي، علائقي وارن خوب جستجو ڪرڻ کان پوءِ بدبو جو سُراغ لڳايو، اها بدبو هڪ گهر مان اچي رهي هئي تنهنڪري پوليس کي اطلاع ڏنو ويو، پوليس وارا ماڻهن جي موجودگي ۾ تالو ٽوڙي گهر ۾ داخل ٿيا تہ هي ڏسي سڀ حيرت زده ٿي ويا تہ اتي هڪ کٽ تي هڪ جوان شخص جو لاش پيو آهي ۽ ان جا ڪجهہ حصا ڳري چڪا آهن ۽ ان ۾ جيت هلي رهيا آهن، هي منظر ڏسي ڀارن سميت ڪئي ماڻهو بيهوش ٿي ويا، تحقيق

ڪرڻ تي خبر پئي تہ هي نوجوان محنت مزدوري ڪرڻ جي لاءِ ان علائقي ۾ آيو هو، ڪرائي جي جڳھ ۾ رهائش پذير هو ۽ ڪجھ جوارين سان ان جي دوستي هئي، هڪ ڏينهن هي نوجوان پنهنجي دوستن کان جوا ۾ تمام گھڻي رقم کٽي ويو، هاري ويلن جواري دوستن هارايل رقم ان کان ڦرڻ جي لاءِ هن جي ڳچي ۾ رسو وجهي ۽ بجلي جا ڪرنٽ هڻي ڪري ان کي ماري وڌو، پوءِ ان کي بنا ڪفن دفن جي تالو لڳائي فرار ٿي ويا.

اے جُواری تُو جوئے سے باز آ ورنہ پھنس جائے گا جس دن تُو مرا

تُو نشے سے باز آ مت پی شراب دو جہاں ہوجائیں گے ورنہ خراب

ہو گیا تجھ سے خدا ناراض اگر

قبر من لے آگ سے جائیگی بھر (وسائلِ بخشش ص ۶۶۸،۶۶۹)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خدا کان نہ ڊڄڻ سڀ کان وڏو گناھ آھي

مدينه 3

حضرت سيدنا ابن عباس رضي الله تعالى عنهما (نيڪي جي دعوت ڏيندي گناهن کان ڊيڄارڻ جي لاءِ) ارشاد فرمائن ٿا: اي گناھ ڪرڻ وارا! تون "بري خاتمي" کان بي خوف نہ ٿي ۽ جڏهن تون ڪو گناھ ڪري وٺين تہ ان کان پوءِ ان کان وڏو گناھ نہ ڪر، تنهنجي کابي ساڄي پاسي جي فرشتن کان حيا ۾ گھٽتائي ڪرڻ ان گناھ کان وڏو گناھ آهي جيڪو تو ڪيو، ۽ تنهنجو گناھ ڪرڻ تي خوش ٿيڻ ان کان بہ وڏو گناھ آهي جڏهن تہ تون نٿو ڄاڻي تہ الله عزوجل تو سان ڪهڙو سلوڪ فرمائڻ وارو آهي، ۽ تنهنجو ڪنهن گناھ کان رهجي وڃڻ تي غمگين ٿيڻ ان کان بہ وڏو گناھ آهي ۽ تون (ڪيڏو نہ نادان آهين جو لڪي ڪري) گناھ (يا بدڪاري) ڪندي تيز هوا سان در جو پردو هٽي وڃي تہ ڊڄي وڃين ٿو پر تنهنجي دل انهي ڳالھ کان نٿي ڊڄي تہ الله عزوجل تون کي ڏسي رهيو آهي، تنهنجو (خدا کان نہ ڊڄڻ جو) هي عمل ان کان بہ وڏو گناھ آهي.

(ابن عساڪر ج 10 ص 60، جمع الجوامع للسيوطي ج 15 ص 105 حديث 12462)

فرمانِ مُصطفٰی صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع الصغير)

سلسلہ آہ! گناہوں کا بڑھا جاتا ہے    ہت نیا جُرم ہر اِک آن ہوا جاتا ہے
امتحاں کے کہاں قابل ہوں میں پیارے اللہ    بے سبب بخش دے مولیٰ ترا کیا جاتا ہے (وسائلِ بخشش ص ۱۲۶)

## گناهه جي باري ۾ نيڪ ۽ بد جي پنهنجي پنهنجي ڪيفيت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا ابن عباس رضی اللہ تعالٰی عنہ ڪيڏي نه پياري انداز ۾ نيڪي جي دعوت ارشاد فرمائي! واقعي گناهه وري به گناهه آهي ان کان بچڻ ئي کپي، الله عزوجل جا نيڪ ٻانها ان کان تمام گهڻو ڊڄندا هئا پر گناهن جا عادي ان جي ذرا به پرواهه نٿا ڪن جيئن ته ”بخاري شريف“ ۾ فرمانِ مصطفٰی صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم آهي: مؤمن پنهنجي گناهن کي ان انداز سان ڏسي رهيو هوندو آهي جڻ ته اهو ڪنهن جبل هيٺان ويٺو آهي ۽ ان کي ڊپ آهي ته ڪٿي هي جبل ان جي مٿان نه ڪري، جڏهن ته فاسق ۽ فاجر جي ويجهو گناهن جو معاملو ائين آهي جڻ ڪا مک ان جي نڪ تي ويٺي آهي ۽ ان هٿ جي اشاري سان اڏاري ڇڏي. (بخاري ج 4 ص 190 حديث 6308)

## رڇ ٻولي جو تماشو ڏسڻ حرام آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا ابن عباس رضی اللہ تعالٰی عنہ جي نيڪي جي دعوت ۾ گناهه ڪرڻ کان رهجي ويندڙ جي غمگين ٿيڻ جي باري ۾ به ذڪر آهي، انهي ضمن ۾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت“ صفحي 286 تي ڏنل عبرت جا مدني گل حاضر آهن جيئن منهنجا آقا اعلي حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن فرمائن ٿا: ناجائز ڳالهه جو تماشو ڏسڻ به ناجائز آهي، ٻولو نچائڻ حرام آهي ان جو تماشو ڏسڻ به حرام آهي، دُرِّمُختار ۽ حاشيه علامه طَحطَاوي ۾ انهن مسئلن جي تصريح (يعني واضح بيان) آهي اڪثر ماڻهو ان (احڪام) کان غافل آهن، مُتقِي ماڻهو جنهن کي شريعت جو احتياط آهي، ناواقفي سبب رڇ يا ٻولن يا ڪڪڙن جو ميل (يعني ترڪيب سان ڪرائي ويندڙ ويڙهه) ڏسندا آهن ۽ هي نٿا ڄاڻن ته ان جي ڪري گنهگار ٿيندا آهن. حديث ۾ ارشاد آهي: ”جيڪڏهن ڪو مَجمع

خير (يعني ڀلائي جو اجتماع وغيره) ٿئي ۽ نہ وڃي سگهي ۽ خبر پوڻ تي افسوس ڪيو تہ اوترو ئي ثواب آهي جيترو حاضرين کي، ۽ جيڪڏهن مجمع شر (يعني برائي جو ميڙ مثلاً ميوزيڪل پروگرام) ٿئي ان پنهنجي نہ وڃڻ تي افسوس ڪيو تہ جيڪو گناھ حاضرين تي ٿيو ان کي بہ (ٿيندو)"

مولیٰ مجھ کو نیک بنادے اپنی اُلفت دل میں بسا دے
تیرِ صفا اور تیرِ مُروہ یـاالـلّٰـہ میری جھولی بھر دے (وسائلِ بخشش ص۱۰۷)

## ماڻهن جي سامهون "نيڪ بڻجندڙ" جي قبر جو احوال

حضرت سيدنا ابراهيم تَيمِي علیہ رحمۃ اللہ القوی (اخلاص جي باري ۾ نيڪي جي دعوت ارشاد) فرمائن ٿا: مون موت ۽ پنهنجي ختم ٿيڻ کي ياد ڪرڻ جي لاءِ گهڻو قبرستان ۾ ايندو ويندو هئس، هڪ رات قبرستان ۾ مون کي ننڊ اچي وئي ۽ مون خواب ۾ ڏٺو تہ هڪ قبر ڦاٽي ۽ آواز آيو: هي زنجير وٺو ۽ هن جي وات ۾ داخل ڪري ان جي پٺيان شرمگاھ مان ڪيو، تہ اهو مردو (گهبرائجي) چوڻ لڳندو: يا رب عزوجل! ڇا مان قرآن نہ پڙهندو هئس؟ ڇا مان بيت الله جو حج نہ ڪندو هئس؟ انهي طرح هو هڪ هڪ ڪري پنهنجون نيڪيون ڳڻائڻ لڳو تہ وري آواز گونجڻ لڳو: بيشڪ هي ماڻهن جي سامهون تہ هي عمل ڪندو هو پر جڏهن اڪيلائي ۾ هوندو تہ نافرمانين جي ذريعي مون سان جنگ جو اعلان ڪندو هو ۽ مون کان نہ ڊڄندو هو.
(الزواجر عن اقتراف الكبائر ج 1 ص 31)

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اخلاص ایسا عطا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص۷۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! لرزي وڃو! گهبرائي ڪري توبہ ڪريو! هتي اهي نيڪ نمازي ۽ ظاهري طور سنتن جا عادي اسلامي ڀائر عبرت حاصل ڪن جيڪي سيني جي سامهون صرف ڏيکارڻ جي لاءِ فرض تہ فرض نفل بہ ادا ڪندا آهن پر تنهائي ۾ عمل مان غفلت اختيار ڪندا آهن، نيڪ نظر اچڻ جي لاءِ عوام ۾ تہ خوب حسن

اخلاق جا پيڪر بڻجندا هر هڪ کي احترام سان جهڪي ڪري سلام ڪندا ۽ "جي سائين" سان مخاطب ٿيندا آهن پر گهر ۾ شينهن جيان گجگوڙ ڪندا آهن، خوب تڪرار ۽ دل آزاري واري گفتگو ڪندا بلڪ مار ڪُٽ وغيره کان بہ نہ مڙندا آهن.

چُھپ کے لوگوں سے کیے جس کے گناہ

وہ خبردار ہے کیا ہونا ہے (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** هن شعر ۾ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ نيڪي جي دعوت ڏيندي فرمائن ٿا: اي گناهہ ڪرڻ وارا! تو ماڻهن کان تہ پنهنجا گناهہ لڪائي ڇڏيا، پر هي وسري ويو تہ جنهن پروردگار عزوجل جو نافرمانيون ڪيون آهن اهو تنهنجي انهن ڪارنامن سان واقف آهي. هاءِ! هاڻي محشر ۾ تنهنجو ڇا ٿيندو!

ڏيکاءُ جي عمل کان توبہ ڪيو، اللہ عزوجل توبہ قبول ڪرڻ وارو مهربان آهي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1012 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جہنم میں لے جانے والے اعمال" (جلد 2) صفحي 866 کان 867 تي آهي: تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو فرمان مغفرت نشان آهي: گناهہ تي نادم ٿيڻ وارو اللہ عزوجل جي طرفان رحمت جو انتظار ڪندو آهي ۽ گناهہ تي آڪڙجڻ (يعني نادم نہ ٿيڻ) وارو ناراضگي جو انتظار ڪري ٿو ۽ اي اللہ عزوجل جا ٻانهؤ! ياد رکو! عنقريب هر (سٺو يا برو) عمل ڪرڻ وارو پنهنجي عمل جي ڪري اڳيان وڃندو ۽ دنيا ۾ وڃڻ کان پهريان پنهنجي سٺي ۽ بري عمل جو بدلو ڏسي وٺندو ۽ اعمال جو دارومدار خاتمن تي آهي ۽ ڏينهن ۽ رات بہ سواريون آهن تنهنڪري ان جي ذريعي آخرت جي طرف سٺو سفر اختيار ڪريو ۽ توبہ ۾ تاخير ڪرڻ کان بچو، ڇوتہ موت اوچتو ايندو آهي ۽ توهان مان ڪو اللہ عزوجل جي حِلم (يعني نرمي) کان هرگز دوکي ۾ نہ رهي، بيشڪ باهہ توهان مان هر هڪ جي جتي جي تسمي کان بہ وڌيڪ قريب آهي" پوءِ شهنشاهِ مدينہ، قرار قلب و سينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم هي (يعني سيپاري 30 سُوۡرَۃُ الزِّلۡزَال آيت نمبر 7 ۽ 8) آيتون تلاوت فرمايون:

فَمَنۡ يَّعۡمَلۡ مِثۡقَالَ ذَرَّةٍ خَيۡرًا يَّرَهٗ ؕ﴿۷﴾ وَمَنۡ يَّعۡمَلۡ مِثۡقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ع﴿۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ جيڪو ذري برابر چڱائي ڪري ان کي ڏسندو ۽ جيڪو ذري برابر بُرائي ڪري ان کي ڏسندو.

## گناهن تي ندامت جو نالو توبہ آهي

الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: اَلنَّدَمُ تَوبَةٌ يعني (گناهہ تي) نادم ٿيڻ توبہ آهي.

(سنن ابن ماجه ج 4 ص 492 حديث 4252)

## ندامت جي وضاحت

يعني شرمندگي ۽ ندامت توبہ جو هڪ وڏو رڪن آهي جيئن هڪ حديث شريف ۾ آهي: حج وقوف عَرفہ جو نالو آهي. (ترمذي ج 2 ص 254 حديث 890) ندامت ۾ هي بہ ضروري آهي تہ اهو نافرماني ۽ ان جي قباحت (يعني برو هجڻ) ۽ آخرت جي خوف جي ڪري هجي، صرف دنياوي بي عزتي يا گناهن ۾ مال ضايع هجڻ جي ڪري نہ هجي .

نور جي پيڪر، سيني نبين جي سرور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن ٻانهي جي گناهہ تي نادم (يعني شرمندو) ٿيڻ کي ملاحظہ فرمائي ڪري ان جي توبہ کان پهريان ان کي معاف فرمائيندو آهي.

(المستدرڪ للحاڪم ج 5 ص 360 حديث 7721)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ستر هزار ڪنيزن جي جُهرمٽ ۾ هلڻ واري حور

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪو خوش نصيب پنهنجي نيڪين تي وڏائي نہ ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ جي بي نيازي کي نہ وساريندو، نيڪيون ڪرڻ باوجود اخلاص جي ڪمي جي خوف سان ڏڪندو، ۽ اشڪباري ڪندو اهو ڪامياب آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان ڪِلندي جنت ۾ داخل ٿيندو. جنت جي آرزو ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ڪريو، مدني انعامات جي مطابق عمل ڪريو ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندا رهو، نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن جو بہ ڇا تہ خوب شان آهي جو جنت جي عظيم الشان حور ان جي انتظار ۾ هوندي

جيئن حُجَّةُ الْاِسلام حضرت سيّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی نقل ڪندا آهن، حضرت سيدنا ابوهريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا: جنت ۾ هڪ حور جنهن کي ”عَيناء“ چيو ويندو آهي جڏهن اها هلندي آهي ته ان جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي 70 هزار ڪنيزون هلنديون آهن اها حور چوندي آهي: **نيڪي جو حڪم ڏيڻ وارا ۽ برائي کان روڪڻ وارا ڪٿي آهن؟** (احياء العلوم ج 5 ص 310)

## حورن جي باري ۾ ٽي فرامين مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مرحبا! نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن جو رتبو ڪيڏو نه اعليٰ آهي جو عَيناء جهڙي عاليشان حور جنت ۾ ان جي مُنتَظِر آهي! ”حور“ به الله عَزَّوَجَلَّ جي عظيم مخلوق آهي! انهيءَ ضمن ۾ **ٽي فرامين مصطفيٰ** صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ملاحظه فرمايو: ﴿1﴾ جنتي عورت جي مٿي جو رئو دُنيا وَمَافِيهَا (يعني دنيا ۽ هن ۾ جيڪو ڪجهه آهي) کان بهتر آهي. (بخاري ج 2 ص 252 حديث 2796) ﴿2﴾ هر جنتي کي وڏين وڏين اکين وارين حورن مان به زالون اهڙيون ملنديون جو 70 وڳا پاتل هوندا پوءِ به ان جي لباسن ۽ گوشت جي ٻاهران انهن جي پنين جو مغز ڏسڻ ۾ ايندو جيئن سفيد شيشي ۾ سرخ شراب ڏسڻ ۾ ايندو آهي. (المعجمُ الكبير ج 10 ص 160 حديث 10321) ﴿3﴾ ادنيٰ جنتي وٽ دنيا جي گهر وارين کان علاوه 72 حورون هونديون.

(مسند امام احمد بن حنبل ج 3 ص 640 حديث 10932)

## مرد کي حور ملندي جنّتي عورت کي ڇا ملندو؟

**سوال:** جنتي مرد کي حور ملندي، جنتي عورت جي لاءِ ڪهڙي ترڪيب آهي؟

**جواب:** جيڪي زال مڙس جنت ۾ ويندا اهي اتي به گڏجي رهندا ۽ جنهن عورت جو مڙس معاذالله جهنم ۾ ويندو ان جو جنتي مرد سان نڪاح ڪيو ويندو.

## ننڍي ٻار جو جنّت ۾ نڪاح

**سوال:** ننڍو ٻار جنت ۾ ويندو ته ڇا ان جو به نڪاح ٿيندو؟

**جواب** : جي ها، حضرت سيدنا امام احمد بن حَجَر مڪي شافعي علیہ رحمۃ اللہ القوی فرمائن

ٿا: ننڍيو ٻار حشر ۾ دنياوي عمر ۽ جسامت تي اٿاريو ويندو پوءِ جنّت ۾ داخلي جي وقت ان جي جسامت وڌائي ويندي ۽ اهو بالغ جيان جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ دنياوي عورتن ۽ حورن سان ان جو نڪاح ڪيو ويندو . (فتاوٰي حديثيه ص 245)

## ڪنوارو فوت ٿيڻ وارن جو نڪاح

**سوال:** جيڪي مسلمان مرد ۽ عورت ڪنوارپ ۾ انتقال ڪري وڃن ٿا، ڇا انهن جي نڪاح جي ڪا صورت هوندي؟

**جواب:** جن مردن يا عورتن جو سڄي زندگي نڪاح ناهي ٿيندو انهن جو بہ جنت ۾ هڪ ٻئي سان نڪاح ڪيو ويندو.

## جنتي عورتون افضل آهن يا حورون؟

**سوال:** دنيا جون جنتي عورتون افضل آهن يا حورون؟

**جواب:** دنيا جون جنتي عورتون افضل آهن جيئن ”طبراني“ جي هڪ وڏي حديث شريف ۾ بہ آهي: اُمّ المومنين حضرت سيدتنا اُمِّ سَلمہ رضی اللہ تعالٰی عنہا عرض ڪيو: يارسول الله صلي الله تعالي عليه وآله وسلم! دنيا جون عورتون افضل آهن يا وڏين اکين واريون جنتي حورون؟ تہ پاڻ صلي الله تعالي عليه وآله وسلم ارشاد فرمايو: دنيا جون عورتون وڏين اکين وارين جنتي حورن کان افضل آهن، اُمّ المومنين عرض ڪيو: يارسول الله صلي الله تعالي عليه وآله وسلم ڪنهن سبب؟ تہ پاڻ صلي الله تعالي عليه وآله وسلم ارشاد فرمايو: هي انهن جي نماز ۽ روزي ۽ الله عزّوجلّ جي عبادت ڪرڻ جي ڪري افضل آهن. (المعجم الكبير للطبراني ج 23 ص 367 حديث 870)

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي: دنيا جون جنتي عورتون حورن کان 70 هزار درجا افضل آهن. (التذكرة للقرطبي ص 458) جليل القدر تابعي حضرت سيدنا حِبان بن ابو جَبلہ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: دنيا جون اهي عورتون جيڪي جنت ۾ ويندين پنهنجي نيڪ ڪمن جي ڪري جنت جي حورن کان افضل هونديون. (تفسير قرطبي ج 16 ص 113)

## ڪئي مڙس واري جنت ۾ ڪنهن سان گڏ هونديون؟

**سوال:** اگين مڙس فوت ٿي وڃڻ يا طلاق وغيره جي صورت ۾ جنهن عورت هڪ

ڪان وڌيڪ شاديون ڪيون هونديون ته اها جنت ۾ ڪنهن سان گڏ رهندي؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪا عورت هڪ ڪان وڌيڪ مردن جي نڪاح ۾ آئي هجي ته هڪ قول جي مطابق جنهن جي نڪاح ۾ سڀ ڪان آخر ۾ آئي جنت ۾ ان سان گڏ هوندي جيئن ته حضرت سيدنا ابودرداء رضی اللہ تعالٰی عنہ ڪان روايت آهي ته حُسنِ اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجوَر، محبوب ربِّ اڪبر صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہ وسلم جو فرمان روح پرور آهي: عورت جنت ۾ پنهنجي ان مڙس جي نڪاح ۾ ڏني ويندي جيڪو دنيا ۾ ان جو سڀ ڪان آخري مڙس هو. (مسندالشامين للطبراني ج 2 ص 359 حديث 1496) ٻيو قول هي آهي جنهن جو اخلاق وڌيڪ سٺو هوندو ان کي ملندي، جيئن اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا اُمِّ سَلمہ رضی اللہ تعالٰی عنہا عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہ وسلم ڪجهه عورتون دنيا ۾ ٻه ٽي يا چار مڙسن سان (هڪ ڪان پوءِ ٻئي سان) شادي ڪن ٿيون پوءِ مرڻ ڪان پوءِ جنت ۾ گڏ ٿين ته اها عورت ڪهڙي مڙس جي لاءِ هوندي؟ ارشاد فرمايو: ان کي اختيار ڏنو ويندو ۽ جنهن مڙس جو اخلاق دنيا ۾ سڀ ڪان سٺو هوندو، اها ان کي اختيار ڪندي اها چوندي: اي منهنجا ربعزوجل! منهنجي هن مڙس جو اخلاق سڀني ڪان سٺو هو، تنهنڪري ان سان منهنجو نڪاح فرمائي ڇڏ. (المعجم الكبير ج 23 ص 367 حديث 870) انهيءَ ٻنهي حديثن ۾ ڪو تعارُض (يعني ٽڪراءُ) ناهي، جيئن ته حضرت سيدنا امام احمد بن حَجَر مڪي شافعي علیہ رحمۃ اللہ القوی فرمائن ٿا: جنهن عورت هڪ ڪان پوءِ ٻيا ٻه ڪيئي نڪاح ڪيا هجن ته هڪ صورت هي ته هر مڙس ان کي طلاق ڏني هجي ۽ جڏهن فوت ٿي ته ڪنهن جي "نڪاح" ۾ نه هجي ته صرف ان حالت ۾ ان کي اختيار ڏنو ويندو ۽ جنهن مڙس جو دنيا ۾ اخلاق سڀني ڪان سٺو هوندو ان کي ملندي، جيئن ته حضرت سيدتنا اُمِّ سَلمہ رضی اللہ تعالٰی عنہا جي حديث ۾ ذڪر آهي ۽ ٻي صورت هي آهي ته ان ڪئي نڪاح ڪيا هجن ۽ ان جي آخري مڙس ان کي طلاق نه ڏني هجي ۽ اهو ان جي نڪاح ۾ فوت ٿي ته ان صورت ۾ اهو جنت ۾ آخري مڙس جي نڪاح ۾ هوندي جيئن حضرت سيدنا ابو درداء رضی اللہ تعالٰی عنہ جي حديث ۾ آهي. (ملخص از فتاوٰي حديثيه ص 70-71)

اخلاق ہوں اچھے مرا کردار ہو ستھرا

محبوب کا صدقہ تو مجھے نیک بنادے (وسائلِ بخشش ص ۱۰۲)

اٰمین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمین صلَّی اللہُ تعالٰی علیہِ والہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ماڻهن کي نفعو پهچائڻ

حضرت سيدنا جابر رضي الله تعالى عنه کان روايت آهي ته سلطان مکه مکرمه، تاجدار مدينه منوره صلي الله تعالي عليه وآله وسلم جو فرمان مَنفَعَت نشان آهي: مومن سان اُلفت ڪئي ويندي آهي ۽ ان (شخص) ۾ ڪا ڀلائي ناهي جيڪو نه ڪنهن سان اُلفت (يعني محبت) رکي نه ان سان اُلفت ڪئي وڃي ۽ ماڻهن مان بهتر اهو آهي جيڪو ماڻهن کي نفعو پهچائي.

(شعب الايمان ج 6 ص 117 حديث 7658)

## ڏاڙيلن سڄي بس جي ڦُر ڪئي پر مون کي ڇڏي ڏنو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪ ٻانهن سان ماڻهو محبت ڪندا آهن ايستائين جو ڪڏهن ڪڏهن ڏاڙيل به نيڪ ٻانهن جو احترام ڪندي انهن جي ڦر ڪرڻ کان پاسو ڪندا آهن، جيئن ڏاڙهي زلفن سان سنتن ڀري لباس ۾ ملبوس باعمامه رهڻ واري هڪ مبلغ دعوت اسلامي جيڪي "مدني انعامات" جا عامل هئڻ سان گڏوگڏ تنظيمي طور ان جا ذميدار به آهن، ان جو ڪجهه ائين بيان آهي: هڪ ڀيري ڪيسي ۾ ڪافي رقم کڻي حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) کان باب المدينه (ڪراچي) وڃڻ لاءِ بس ۾ سوار ٿيس، اڃا بس تقريباً اڌ ڪلاڪ جو سفر طئي ڪيو هوندو ته اوچتو چار پنج ماڻهو مختلف سيٽن تان هٿيار کڻي بيهي رهيا، انهن مان جيڪو قد آور هو هن بس ڊرائيور کي ٺڦ هڻي هٽايو، ۽ خود ڊرائيو ڪرڻ لڳو. بس هڪ ڪچي رستي ۾ لاهي ڇڏي هاڻي ڏاڙيلن هلندڙ بس مان هر هڪ جي تلاشي وٺي هر هڪ کي ڦرڻ شروع ڪيو، بس ۾ خوف ۽ هِراس ڦهلجي ويو، مان به ڊنل هئس، منهنجي اڳيان ڪنڌار نوجوان ويٺا هئا ۽ مون کي انديشو ٿيو ته ڪٿي هي ڏاڙيلن

جي خلاف مزاحمت نہ ڪن ۽ ڌاڙيل فائر ڪري ڇڏين، خير مان تجديدِ ايمان ڪرڻ ڪان پوءِ اکيون بند ڪيون منهنجي پر واري سيٽ تي جيڪو نوجوان ويٺل هو هڪ ڌاڙيل ان جي تلاشي ورتي ۽ جيڪو هٿ آهيو ڪسي ورتو پر مون ڪي هٿ نہ لڳايو ٻيو ڌاڙيل آيو تہ ان بہ ان جي تلاشي ورتي وڏيڪ ان جي ڪنهن ڪيسي مان 100 روپيا بہ نڪري آيا اهي بہ ڦريا، پر مون ڪي ڪجهہ نہ چيائون، تيڻن ڌاڙيل مون ڏانهن اشارو ڪري وڏي آواز سان چيو تہ **مولانا صاحب ڪان ڦر نہ ڪجو**، اهو ٻڌي پنيان سيٽ تي موجود شخص موقعو ڏسي پنهنجي نوٽن جي گڏي منهنجي پٺ ڏانهن ڪرتي جي اندر وجهي ڇڏي ۽ ڪنهن عورت پويان ڪان پنهنجي سون جي چين هيٺان منهنجي پيرن جي طرف اڇلائي (هن جي خبر مون ڪي بعد ۾ پئي) بهرحال ڌاڙيل ڦرلٽ ڪري بس مان لٿا ۽ فرار ٿي ويا، هاڻي لُٽيل بس جي مسافرن جو آواز نڪتو هُل هنگامو شروع ٿي ويو، ڪنهن مون ڏانهن اشارو ڪري رڙ ڪئي: هن مولانا ڪي پڪڙيو هي **ڌاڙيلن جو ماڻهو** لڳي ٿو ڇو تہ اسان سيني ڪي لٽيو هن ڪي نہ لٽيو، مان ڊڄي ويس تہ هاڻي ڪٿي ماڻهو مون ڪي مار ڪُٽ نہ ڪن، هڪدم غيبي مدد ٿي تہ انهن مسافرن مان ڪنهن ائين چيو: نہ ڀائرو! هي شريف ماڻهو آهي، هن جو لباس ۽ چهرو نٿا ڏسو! بس ان جي نيڪي ڪم آئي ۽ بچي ويو اسان گنهگار آهيون، اسان ڪي گناهن جي سزا ملي آهي

## ڌاڙيلن ڪان حفاظت جوراز

ان اسلامي ڀاءُ جو وڌيڪ بيان آهي، الحمدللہ عزوجل پهريان ڌاڙيلن ڪان حفاظت ٿي پوءِ مسافرن جي طرفان ايندڙ شامت بہ پري ٿي، هي دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت جي **”مدني بهار“** آهي تہ مان ڏاڙهي، زلفن ۽ عمامي شريف جو تاج سجائي، سنتن پري لباس ۾ ملبوس رهندو هئس نہ تہ مون ڪي شايد بيدردي سان ڦريو وڃي ها، مدني ماحول سان وابستگي ڪان پهريان مان فل ماڊرن رهندو ۽ اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪندو هئس، اللہ ۽ رسول عزوجل و صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم جو ڪرم ٿيو تہ مون گنهگار

ڪي دعوت اسلامي توبہ جو رستو ڏيکاريو، نمازي بڻايو، سنتن جو رنگ چڙهايو، حضور غوث اعظم رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي سلسلي ۾ مريد بڻجڻ جو شرف ڏياريو، نيڪ بڻجڻ جي نسخي يعني مدني انعامات جو عامل ۽ پنهنجي پير صاحب طرفان ملڻ واري ”شجره قادريه رضويه“ جا ڪجهه نہ ڪجهه ورد پڙهڻ وارو بڻايو جنهن ۾ هڪ هي ورد بہ آهي: بِسْمِ اللہِ عَلٰی دِیْنِیْ بِسْمِ اللہِ عَلٰی نَفْسِیْ وَ وُلْدِیْ وَ اَھْلِیْ وَ مَالِیْ يعني الله تعاليٰ جي نالي جي برڪت سان منهنجي دين، جان، اولاد، گهروارن ۽ مال جي حفاظت ٿئي .(ترجمو پڙهڻ ضروري ناهي اول آخر درود شريف پڙهي وٺو) فضيلت: هي دعا روزانو ٽي ٽي ڀيرا (پڙهڻ سان) دين، ايمان، جان، مال سڀ محفوظ رهندا. (ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ) الحمدلله عَزَّوَجَلَّ مان روزانو صبح ۽ شام هي ورد پڙهندو آهيان، منهنجو حسنِ ظن آهي تہ ڏاڙيلن کان حفاظت الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان انهي وِرد جي برڪت سان ٿي، جڏهن دنيا ۾ ان جو هي ثمر (يعني فائدو) آهي تہ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ مرڻ مهل بہ ايمان سلامت رهندو، منهنجي تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي مدني التجا آهي تہ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو ۽ مڪتبة المدينہ تان مدني انعامات جو رسالو حاصل ڪري ان جي مطابق زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪيو، اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ ٻنهي جهان ۾ ٻيڙو پار ٿيندو .

## صبح ۽ شام ڇا کي چئبو آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! دعوت اسلامي جي مدني ماحول جون بہ خوب مدني بهارون آهن، ذڪر ڪيل وِرد ڪرڻ جا وقت يعني ”صبح“ ۽ ”شام“ جي وَصَف (يعني معنيٰ) سمجهي وٺو، جيئن مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ”شجره قادريه رضويه“ صفحي 9 تي آهي: اڌ رات گذرڻ کان وٺي سج جي پهرين ڪِرڻي چمڪڻ تائين ”صبح“ آهي، انهي سڄي وقفي ۾ جيڪو ڪجهه پڙهيو ويندو ان کي صبح ۾ پڙهڻ چيو ويندو آهي ۽ منجهند ٿيڻ (يعني ظُهر جو وقت شروع ٿيڻ) کان وٺي سج لهڻ تائين ”شام“ آهي. انهيءَ سڄي وقفي ۾ جيڪو ڪجهه پڙهيو ويندو ان کي شام ۾ پڙهڻ چئبو آهي .

## نافرمانن سان ماڻهو نفرت ڪندا آهن

گناهہ ڪرڻ ٻنهي جهانن جي لاءِ نقصان ۽ خساري جو سبب آهي ۽ ماڻهن جي دلين مان بہ گنهگارن جو احترام نڪري ويندو آهي، انهي ضمن ۾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 853 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جہنم میں لے جانے والے اعمال" جلد پهريون صفحي 66 کان 67 تي "نيڪي جي دعوت" جي مدني گلن سان مهڪندڙ 6 روايتون ملاحظہ فرمايو: ﴿1﴾ اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رضی اللہ تعالٰی عنہا حضرت سيدنا امير مُعاويہ رضی اللہ تعالٰی عنہ کي تحرير موڪلي ڏني: اَمَّا بَعد (يعني حمد ۽ صلوٰة کان بعد) جڏهن ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني جو ڪو عمل ڪندو آهي تہ ان جي واکاڻ ڪرڻ وارا ان جي مذمت ڪرڻ لڳندا آهن. (الزهد للامام احمد بن حنبل ص 186 حديث 917) ﴿2﴾ حضرت سيدنا ابو درداء رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا: انهي ڳالهہ کان ڊڄو تہ مؤمنن جي دل توهان سان نفرت ڪرڻ لڳي ۽ توهان کي ان جو شعور (يعني خبر) بہ نہ ٿئي. (الزهد لابي داؤد ص 205 رقم 229) ﴿3﴾ حضرت سيدنا فُضَيل رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا: جيڪو ٻانهو تنهائي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ مؤمنن جي دلين ۾ ان جي لاءِ پنهنجي ناراضگي اٿين داخل ڪندو آهي جو ان کي ان جو شعور (پتو) بہ ناهي ٿيندو ﴿4﴾ امام محمد بن سِيرين رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جڏهن مقروض ٿيا ۽ انهن کي قرض سبب شديد غم لاحق ٿيو تہ فرمايائون: مان پنهنجي هن غم جو سبب چاليهہ سال پراڻو سرزد ٿيل گناهہ سمجهان ٿو. (حِليةُ الاولياء ج 2 ص 307 رقم 2334) ﴿5﴾ حضرت سيدنا سُليمان تَيمي رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: ماڻهو لڪي ڪري هڪ گناهہ ڪندو آهي تہ انهي سبب سان ان تي ذلت طاري ٿيندي آهي.(ڪتاب التوبة مع موسوعة ابن ابي الدنيا ج 3 ص 424 رقم 90) ﴿6﴾ حضرت سيدنا يحيٰ بن مُعاذ رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا: مون کي ان عاقل تي تعجب آهي جيڪو پنهنجي دعا ۾ تہ هي چوندو آهي تہ يا الله عَزَّوَجَلَّ! مون کي مصيبت ۾ مبتلا ڪري منهنجي دشمنن کي خوش نہ ڪجان، حالانڪ دشمن کي پنهنجي مصيبت تي خوش ڪرڻ جا اسباب پاڻ ئي پيدا ڪري! پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ کان پڇا ڪئي

وئي: اهو ڪيئن؟ ته جواب ۾ فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪندو آهي ۽ انهي طرح قيامت جي ڏينهن پنهنجي دشمنن کي خوش ڪندو.

(الزواجر عن اقتراف الكبائر ج 1 ص 29-30)

یہاں بھی دے عزت، وہاں بھی دے عزت
الٰہی! پئے مصطفٰے جانِ رحمت

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انسانيت جي سڀ کان وڏي خدمت ڪهڙي آهي؟ مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ انهن کي گناهن کان بچائڻ به يقيناً وڏي نفعي وارو ڪم آهي، بيماري، بيروزگاري، قرض وغيره پريشانين جي موقعي تي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکويل اُمت جي حاجت پوري ڪرڻ به بيشڪ نيڪ ڪم آهي ۽ هن ۾ جنّت جي حقداري آهي پر انسانيت جي سڀ کان وڏي خدمت هي آهي ته انهن کي جهنم مان بچائڻ جي تدبير ڪئي وڃي. هي انسان کي پهچائڻ وارو سڀ کان وڏو نفعو آهي، منقول آهي: ٻه خصلتون اهڙيون آهن جو انهن کان افضل ڪا خصلت ناهي: ﴿1﴾ الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ ﴿2﴾ مسلمان کي نفعو پهچائڻ، ۽ ٻه خصلتون اهڙيون آهن جو ان کان وڌيڪ بري خصلت ناهي: ﴿1﴾ الله عَزَّوَجَلَّ سان گڏ ڪنهن کي شريڪ ٺهرائڻ ﴿2﴾ مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ. (المنبهات ص 3)

کروں یا خدا مومنوں کی میں خدمت
نہ پہنچے کسی کو بھی مجھ سے اذیّت

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سڄي دنيا کان بهتر مدينه

حضور تاجدار مدينه، سرور قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيدنا علي المرتضيٰ شير خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي ارشاد فرمايو: اي علي! الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي ذريعي ڪنهن شخص کي سڌي راهه تي

وٺي اچي ته هي توهان جي لاءِ ان تمام شين کان افضل آهي جنهن تي سج طلوع ٿيندو آهي. (يعني دنيا جي سڀني شين کان بهتر آهي) (المعجم الکبير للطبراني ج 1 ص 332 حديث 994)

## ڳاڙهن اُٺن کان بهتر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوب نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندا رهو اوهان جي نيڪي جي دعوت جي سبب صرف هڪ شخص عشق رسول جو جام پيتو، راهِ هدايت حاصل ڪئي، ان کي دعوت اسلامي جو مدني ماحول پسند اچي ويو، اهو سنت جي راهه تي اچي ويو، نمازن جي لذت ملي وئي پنهنجي پاڻ کي نيڪ ٻانهو بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته ان شاءَ الله عزوجل اوهان جو به بيڙو پار ٿي ويندو، هڪ روايت ۾ آهي: نبي حاشر، رسول صابر و شاڪر، محبوب ربِّ قادر صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم فرمايائون: جيڪڏهن الله عزوجل توهان جي ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي هدايت عطا فرمائي ته هي توهان جي لاءِ ان کان سٺو آهي جو توهان وٽ ڳاڙها اُٺ هجن. (صحيح مسلم ص 1311 حديث 2406)

## ڳاڙهن اُٺن مان ڇا مراد آهي؟

حضرت علامه يحيٰ بن شرف نَوَوِي علیہ رحمۃ اللہ القوی هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: ڳاڙها اُٺ عرب وارن جو قيمتي مال سمجهيو ويندو هو، انهيءَ ڪري ضَربُ المَثَل (يعني چوڻي) جي طور تي ڳاڙهن اُٺن جو ذڪر ڪيو ويو. اُخروي امور کي دنيا جي شين سان تشبيه (يعني مثال) ڏيڻ صرف سمجهائڻ جي لاءِ آهي، نه ته حقيقت هي آهي ته آخرت جو هڪ ذرو به دنيا ۽ ان جهڙيون جيتريون دنيائون تصور ڪيون وڃن، ان سڀ کان بهتر آهي. (شرح مسلم للنووي ج 15 ص 178)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني هڪ ڪافر کي مسلمان بڻائڻ دنيا جي وڏي دولت کان به بهتر آهي بلڪ ڪافر کي قتل ڪرڻ کان به بهتر آهي جو ان کي رغبت ڏئي مسلمان ڪيو وڃي ته (الله چاهيو ته) ان سان ان جو (آئنده) سڄو نسل مسلمان ٿيندو. (مرأة المناجيح ج 8 ص 416)

مُبلِّغ بنوں کاش! میں سُنّتوں کا
سَدا دیں کی خدمت کروں یہ دُعا ہے (وسائلِ بخشش ص ۳۳۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مهينن جي مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان "ڪينسر" ختم ٿي ويو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت جو جذبو پائڻ، سنتن تي عمل ڪرڻ، نيڪين جو ثواب ڪمائڻ، دل ۾ عشق رسول جي شمع جلائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪُڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي استِقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو "فڪر مدينه" ڪري مدني انعامات جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهه تاريخ جي اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار ڪي جمع ڪرايو ۽ پنهنجي هن مدني مقصد "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو: مرڪز الاولياءِ (لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه ائين بيان آهي ته تقريباً ٽن سالن کان منهنجي امڙ سائڻ ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا هئي، هر ٻن مهينن کان پوءِ سندن جا ٽيسٽ ٿيندا هئا، امڙ سائڻ جي وڌندڙ مرض ۽ روز روز ڊاڪٽر وٽ چڪر لڳائڻ جي پريشاني مون کان برداشت نه پئي ٿي، ائين رمضان المُبارَڪ 1430ھ جي تشريف آوري تي مون عاشقان رسول جي صحبت ۾ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اتي پنهنجي امڙ سائڻ جي لاءِ خوب دعائون ڪيون ۽ مدني ماحول جي برڪت سان عاشقان رسول سان گڏ 12 مهينن

جي مدني قافلي جي نيّت بہ ڪئي 21 رمضان المبارڪ جي ڏينهن تي امڙ سائڻ جا ٽيسٽ ٿيا ۽ ٻہ ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن رپورٽون مليون تہ اهي پڙهي منهنجي خوشيءَ جي انتها نہ رهي ڇو تہ رپورٽون بلڪل نارمل هيون ۽ ٽن سالن جو ڪينسر جو مرض جيڪو امڙ جي جان نہ پيو ڇڏي اهو اَلْحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجو حسن ظن آهي تہ 12 مهينن جي مدني قافلي ۾ سفر جي نيت جي برڪت سان ختم ٿي چڪو هو.

## ڪينسر ۽ بيماري جي لاءِ مدني نسخو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! ڪينسر جيڪو ڊاڪٽرن وٽ لاعلاج مرض سمجهيو وڃي ٿو، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ ان جو علاج ٿي ويو، اڇو! ڪينسر، شوگر، T.B دل ۽ گڙدي جا مرض بلڪ هر مرض جي علاج جي لاءِ هڪ مدني نسخو ٻڌون ٿا، حضرت سيدنا وهب بن مُنَبِّہ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جي ڪتاب ۾ آهي تہ سحر زده (يعني جنهن تي ڪنهن جادو ڪرايو هجي اهو) شخص ٻير جي وڻ جا 7 ساوا پن وٺي انهن کي ٻن پٿرن جي وچ ۾ (مثلاً پٽر جي روهي تي رکي ٻي پٽر سان) ڪُٽي وٺي، پوءِ انهن کي پاڻي ۾ ملائي ڪري آيۃُ الڪرسي ۽ چار قل پڙهي دم ڪري، پوءِ ان پاڻي مان 3 ڍُڪ پي ڪري باقي مان غسل ڪري تہ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان سان بيماري ختم ٿي ويندي، هي عمل ان شخص جي لاءِ (بہ) نهايت مفيد آهي جنهن کي (جادو جي ذريعي) گهرواريءَ کان روڪيو ويو هجي.

(جامع معمر بن راشد مع مصنف عبدالرزاق ج 10 ص 77 رقم 19933)

قسمت میں لاکھ پیچ ہوں سو بل ہزار کج
یہ ساری گتھی اِک تری سیدھی نظر کی ہے (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** هن شعر ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فرمائن ٿا: يارسول الله صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم! قسمت ۾ چاهي ڪيترين بہ الجهنون، ۽ پريشانيون لڪيل هجن، پاڻ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم بس لطف ۽ ڪرم جي هڪ مبارڪ نظر فرمائن تہ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ تقدير جون ڳنڍيون کلي وينديون ۽ رڪاوٽون ختم ٿي وينديون.

تاج شاہی کا میں نہیں طالب

کردو رحمت کی اِک نظر آقا (وسائلِ بخشش ص ۳۰)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گناهن جا 6 علاج

اسان جي بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المبین جي "نيڪي جي دعوت" ڏيڻ جو هڪ پنهنجو انداز هوندو هو جيئن حضرت سيّدنا ابراهيم بن ادهم علیه رحمة الله الاکرم جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: "سائين! مون کان تمام گهڻا گناهه ٿيندا آهن، براءِ ڪرم! گناهن جو علاج ٻڌايو." پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالٰی علیه **پهرين نصيحت** ڪندي فرمايو: "جڏهن گناهه ڪرڻ جو پڪو ارادو ٿي وڃي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو رزق کائڻ ڇڏي ڏي. ان شخص حيرت وچان عرض ڪيو: سائين! توهان ڪهڙي نصيحت فرمائي رهيا آهيو! ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ جڏهن ته رزّاق عَزَّوَجَلَّ اهو ئي آهي ته مان ان جي روزي ڇڏي پلا ڪنهن جي کائيندس! ته پاڻ فرمايائون: ڏس! ڪيڏي نه خراب ڳالهه آهي جو جنهن پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي روزي کائين ان جي ئي نافرماني ڪندو رهين وري **ٻي نصيحت** فرمائي: جڏهن به گناهه جو ارادو ٿئي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ملڪ کان ٻاهر نڪري وڃ. ان عرض ڪيو: سائين هي به ڪيئن ٿو ٿي سگهي! سڄو اولهه، اوڀر، اتر، ڏکڻ، ساڄي، کاٻي، هيٺ، مٿي، مطلب ته جيڏانهن به وڃان اتي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ملڪ آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ جي ڪا صورت ئي ناهي. فرمايائون: ڏس! ڪيڏي نه خراب ڳالهه آهي جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ملڪ ۾ به رهين ۽ پوءِ ان جي نافرماني به ڪرين، **ٽين نصيحت** ڪندي هي ارشاد فرمايائون: جڏهن پڪو ارادو ٿي وڃي ته بس هاڻي گناهه ڪرڻو ئي آهي ته گناهه ڪر، پر پنهنجو پاڻ کي ايترو لڪاءِ جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڏسي نه سگهي. عرض ڪيو: سائين! هي ڪيئن ممڪن آهي، جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مون کي نه ڏسي سگهي، هو ته دلي حالتن کان به باخبر آهي، ته فرمايائون: ڏس! ڪيڏي نه خراب ڳالهه آهي جو جڏهن تون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي سميع ۽ بصير به مڃين ٿو ۽ هي به

يقين سان چئي رهيو آهين تہ مون کي هر گهڙي الله عَزَّوَجَلَّ ڏسي رهيو آهي پوءِ بہ گناهہ ڪندو رهين ٿو. **چوٿين نصيحت** اها ارشاد فرمايائون: جڏهن مَلَڪُ المَوت سيّدنا عزرائيل علیہ السّلام تنهنجو روح قبض ڪرڻ جي لاءِ اچي تہ ان کي چئي ڇڏجانءِ تہ ٿوري مهلت ڏيو تہ مان توبهہ ڪري وٺان. ان شخص عرض ڪيو: سائين! منهنجي ڪهڙي اوقات؟ منهنجي ڪير ٻڌندو؟ موت جو وقت مقرر آهي ۽ مون کي هڪ گهڙيءَ جي بہ مهلت نہ ملي سگهندي ۽ فوراً منهنجو روح قبض ڪيو ويندو. فرمايائون: جڏهن تون اهو ڄاڻين ٿو تہ مان بي اختيار آهيان ۽ توبهہ جي مهلت حاصل نہ ٿو ڪري سگهان تہ في الحال جيڪو وقت تو وٽ آهي ان کي غنيمت سمجهي مَلَڪُ المَوت سيّدنا عزرائيل علیہ السّلام جي اچڻ کان اڳ ۾ توبهہ ڇو نہ ٿو ڪري وٺين؟ پوءِ **پنجين نصيحت** هيءَ فرمائي تہ جڏهن تون مري وڃين ۽ قبر ۾ مُنڪَر نَڪِير اچن تہ انهن کي قبر مان هٽائي ڇڏجانءِ. ان عرض ڪيو: سائين! هي ڇا ٿا فرمايو! مان انهن کي ڪيئن هٽائي سگهندس؟ مون ۾ ايتري طاقت ڪٿي؟ پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ ارشاد فرمايائون: جڏهن تون مُنڪَر نَڪِير کي هٽائي بہ نہ ٿو سگهين تہ انهن جي سوالن جا جواب ڏيڻ جي تياري هاڻي کان ئي شروع ڇو نہ ٿو ڪري ڇڏين؟ ڇهين ۽ **آخري نصيحت** ڪندي فرمايائون: جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن توکي جهنم جو حڪم ٻڌايو وڃي تہ چئي ڇڏجانءِ تہ مان نہ ٿو وڃان. ان عرض ڪيو: سائين! اتي تہ گهيلي جهنم ۾ ڦٽو ڪيو ويندو، تہ فرمايائون: جڏهن تنهنجو اهو حال آهي جو تون الله عَزَّوَجَلَّ جي روزي کائڻ کان بہ نٿو مڙين، ان جي ملڪ کان ٻاهر بہ نہ ٿو نڪري سگهين، ان کان نظر بہ نہ ٿو بچائي سگهين، مُنڪَر نَڪِير کي بہ هٽائي نٿو سگهين ۽ جهنم جي عذاب جو جيڪڏهن حڪم ٿي وڃي تہ ان کي بہ ٽاري نہ ٿو سگهين تہ پوءِ گناهہ ڪرڻ ئي ڇڏي ڏي. ان شخص تي سيّدنا ابراهيم بن ادهم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم جي ٻڌايل **گناهن جي علاج** جي انهن ڇهہ نصيحت پريل **مدني گلن** جي خوشبو تمام گهڻو اثر ڪيو، هو زارو قطار روئيندي ان پنهنجي تمام گناهن کان

سچي توبه ڪئي ۽ مرڻ گهڙي تائين توبه تي قائم رهيو .

## الله عَزَّوَجَلَّ ڏسي رهيو آهي

مدني مدينه مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت ۾ تجويز ڪيل گناهن جا 6 علاج نهايت مؤثّر آهن، گناهه جو ارادو ٿيڻ تي انهن کي سامهون رکيو وڃي ته گناهن کان بچڻ جو زبردست ذريعو بڻجي سگهي ٿو يقيناً صرف اها ڳالهه ذهن ۾ راسخ (يعني پڪي) ٿي وڃي ته "الله عَزَّوَجَلَّ ڏسي رهيو آهي" ته انسان گناهن جي ويجهو به نه وڃي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 38 صفحن تي مشتمل رسالو "گناهن جو علاج" صفحي 9 کان 10 تي آهي: واقعي جيڪڏهن ڪو پنهنجي اندر احساس ڪري وٺي ته گناهه ڪرڻ وقت منهنجو پالڻهار پروردگار عَزَّوَجَلَّ مون کي ڏسي رهيو آهي، ڪوڙ ڳالهائيندي فوراً خيال اچي وڃي ته مان ڪوڙ ڳالهائي ٻانهي کي ته ڌوڪو ڏئي رهيو آهيان ۽ هي ويچارو به مون کي سچو سمجهي رهيو آهي پر الله عَزَّوَجَلَّ ته مون کي ڏسي رهيو آهي. جي ها، الله تعاليٰ تي هر هڪ جي نيّت آشڪار (يعني ظاهر) آهي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن پاڪ "ڪنزالايمان مع خزائن العرفان" صفحي 866 تي سيپاري 24 سُوْرَةُ الْمُؤْمِن آيت نمبر 19 ۾ آهي:

يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِی الصُّدُوْرُ ﴿۱۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: الله ڄاڻي ٿو چوري ڇپ جي نگاهه ۽ جو ڪجهه سينن ۾ لڪل آهي.

(پ 24، المومن: 19)

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامه مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي هن آيت تحت فرمائن ٿا: يعني نگاهن جي خيانت ۽ چوري نامحرم کي ڏسڻ ۽ ممنوعات تي نظر وجهڻ آهي، الله تعاليٰ جي علم ۾ آهي. (خزائن العرفان ص 866) زبان مان گاريون ڪڍڻ وقت هيءُ ڳالهه ذهن ۾ چڱي طرح ويهارجي ته منهنجو ربّ عَزَّوَجَلَّ سميع ۽ بصير آهي ۽ هو ٻڌي ۽ ڏسي رهيو آهي، يا بدنگاهي ڪرڻ وقت به هي تصور ڪجي ته مان جنهن سان بدنگاهي ڪري رهيو آهيان جيتوڻيڪ ان کي معلوم ناهي

پر الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ڏسي ٻه رهيو آهي ۽ ان تي منهنجي نيّت ٻه ظاهر آهي، ڪجهه ماڻهو اَمرد (خوبصورت ڇوڪري) سان بدنگاهي ڪندا ۽ پنهنجين اکين کي حرام سان پريندا آهن ۽ امرد يا اتي موجود ٻين ماڻهن کي ان جي خبر ناهي پوندي بلڪ اُهي بدنظري ڪرڻ واري کي نيڪ ماڻهو سمجهي رهيا هوندا آهن، پر الله عَزَّوَجَلَّ دلي احوال ڄاڻي ٿو، ڪاش! امرد سان بدنگاهي ڪرڻ وقت، بري نيت سان پنهنجو جسم ان کان ٽڪرائڻ وقت، ان جي سامهون کِلي ان جي جوابي مسڪرائڻ تي لطف اندوز ٿي لذت سان ڳالهيون ڪرڻ وقت، ان سان گڏ اڳيان يا پويان اسڪوٽر يا سائيڪل تي ويهڻ وقت يا ويهارڻ وقت هي احساس ٿي وڃي ته مان ٻه ڪيڏو بي غيرت ۽ ڪميڻو آهيان جو منهنجو الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ڏسي رهيو آهي ۽ مان پوءِ ٻه بي حيائيءَ جو ڪم ڪري رهيو آهيان، جيڪڏهن سڀاڻي قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ مون کان پڇي ورتو ته مون وٽ ڪهڙو جواب هوندو؟ ۽ مان ڪيئن پنهنجو پاڻ کي ان جي قهر ۽ غضب کان بچائي سگهندس؟ ياد رهي! چوپاين، جانورن ۽ پکين جي شرمگاهن ۽ انهن جي "ميلاپ" بلڪ مکين ماڪوڙن جي "ملڻ" جا منظر ٻه گندين لذتن سان ڏسڻ ناجائز ۽ گناهه آهي، اهڙن موقعن تي هڪدم نظر ڦيرائي ڇڏي بلڪ جيئن ان جا "آثار" محسوس ڪيو فوراً اتان هٽي وڃو، جيڪي ماڻهو چوپايو مال يا پکي ۽ ڪڪڙ وڪڻندا يا پاليندا آهن انهن کي هن حوالي سان گهڻو محتاط رهڻ جي ضرورت آهي.

خبردار بھائی! خدا دیکھتا ہے
بھلائی بُرائی خدا دیکھتا ہے

## امرد جي فتني کان بچو

اَمرد يعني بي ريش ڇوڪرا مرد جي لاءِ عموماً پُرڪشش هوندا آهن، هن ۾ بذاتِ خود امرد بي قصور آهن هن حوالي سان انهن جي دل آزاري گناهه آهي، بس مرد کي گهرجي ته اهو ان کان محتاط رهي، انهي ڪري بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين امرد کان پري رهڻ جي تاڪيد

ڪئي آهي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1012 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جہنم میں لے جانے والے اعمال" (جلد 2) صفحي 31 ڪان 32 تي آهي: نيڪ بزرگن امردن (يعني جنهن کي ڏسي شهوت اچي انهن) کي ڏسڻ، انهن سان خلط ملط ٿيڻ ۽ انهن ڪان بچڻ جي باري ۾ مبالغو فرمايو آهي.

## امرد سان تنهائي خطرناڪ

هڪ تابعي فرمائن ٿا: مان نوجوان سالڪ (يعني عابد ۽ زاهد) سان بي ريش ڇوڪري جو ويهڻ کي ست ڏرندن ڪان وڌيڪ خطرناڪ سمجهان ٿو، وڌيڪ فرمائن ٿا: ڪو شخص اَمرد سان اڪيلو ڪنهن گهر ۾ رات نہ گذاري، ڪجهہ عالمن عورت تي قياس ڪندي گهر، دڪان، يا حمّام ۾ امرد سان خلوت (اڪيلائي) کي حرام قرار ڏنو آهي، ڇوتہ شفيع المُذنِبين، اَنِيس الغَريبِين صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جو فرمان حقيقت نشان آهي: جيڪو شخص ڪنهن (اجنبي) عورت سان اڪيلو هوندو آهي تہ اتي ٽيون شيطان هوندو آهي. (سنن الترمذي ج 4 ص 67 حديث 2172)

## امرد عورت ڪان بہ خطرناڪ آهي

حضرت سيدنا امام ابنِ حَجَر مڪي شافعي علیہ رحمۃ اللہ القوی لکن ٿا: جيڪو امرد عورتن ڪان بہ وڌيڪ خوبصورت هوندو آهي ان جو فتنو بہ وڌيڪ هوندو آهي، انهي ڪري انهن جو عورتن ڪان وڌيڪ برائي جو امڪان هوندو آهي، تنهڪري انهن سان اڪيلائپ اختيار ڪرڻ بدرجہ اوليٰ حرام آهي. (ملخص از الزواجرُ عن اقتراف الکبائر ج 2 ص 10)

## امرد سان گڏ 17 شيطان

حضرت سيدنا سُفيان ثَوري علیہ رحمۃ اللہ القوی هڪ حمام ۾ داخل ٿيا، پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ وٽ هڪ اَمرد يعني خوبصورت ڇوڪرو آيو تہ ارشاد فرمايو: ان کي مون ڪان پري ڪريو ڇوتہ مان اڪيلائي ۾ هر عورت سان گڏ هڪ شيطان جڏهن تہ هر امرد سان 17 شيطان ڏسان ٿو .

## امرد سان تنهائي جي جائز هئڻ جي صورت

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةالمدينہ جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" (جلد 3) صفحي 442 تي آهي: ٻار جڏهن مُراهق (يعني بالغ

ٿيڻ جي ويجهو) ٿي وڃي ۽ اهو خوبصورت نہ هجي تہ نظر جو اهو ئي حڪم آهي جيڪو مرد جو آهي، ۽ خوبصورت هجي تہ اهو عورت جي حڪم ۾ آهي، يعني شهوت سان ان ڏانهن نظر ڪرڻ حرام آهي ۽ شهوت نہ هجي تہ ان ڏانهن ڏسي سگهي ٿو ان سان تنهائي بہ جائز آهي، شهوت نہ هجڻ جو مطلب هي آهي جو ان ڪي يقين هجي تہ نظر ڪرڻ سان شهوت نہ ٿيندي ۽ جيڪڏهن ان ڪي ٿورو بہ شڪ هجي تہ هر گز نظر نہ ڪري، چمي جي خواهش پيدا ٿيڻ بہ شهوت جي حد ۾ داخل آهي. (ردُّالْمُحتار ج 9 ص 602)

**نفسياتي اثر مدينه:** مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو وڃي تہ انسان ڪي انسان کان ڏاڍو خوف ٿيندو آهي. مثلاً ماءُ پيءُ يا استاد جي آڏو گاريون ڏيڻ کان ڊڄندا آهيون. پر افسوس اللهعَزَّوَجَلَّ کان ايترو نہ ٿا ڊڄون جيترو ان کان ڊڄڻ جو حق آهي. جيڪڏهن ڪو رعب دار شخص سامهون هجي تہ ان کان ايترو ڊڄندا آهيون جو آواز بہ ناهي نڪرندو، ان جي سامهون خُشُوع و خُضُوع يعني نماڻي انداز سان رهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اي ڪاش! اللهعَزَّوَجَلَّ جو خوف اسان جي دلين ۾ ويهي وڃي، هر وقت ان جي خوف جو غلبو رهي ۽ اسان جيئن ماڻهن جي سامهون بُرا ڪم ڪرڻ ناپسند ڪندا آهيون اهڙي طرح اڪيلائي ۾ بہ بچندا رهون. اي ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! اسان جي ذهن ۾ هر وقت هيءُ ڳالهہ ويٺل هجي تہ **الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪي ڏسي رهيو آهي** ۽ ائين اسان پنهنجي **گناهن جو علاج** ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

چُھپ کے لوگوں سے کیے جس کے گناہ — وہ خبردار ہے کیا ہوتا ہے
ارے او مجرم بے پروا دیکھ — سر پہ تلوار ہے کیا ہوتا ہے (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ انهن شعرن ۾ هڪ مخصوص انداز ۾ نيڪي جي دعوت ارشاد فرمائي آهي جيئن تہ انهن شعرن جو مفهوم آهي: ﴿1﴾ اي گناهہ ڪرڻ وارا! تو ماڻهن کان تہ پنهنجا گناهہ لڪائي ورتا آهن پر اهو وسري ويو آهين تہ جنهن پروردگار عَزَّوَجَلَّ جون نافرمانيون ڪيون آهن اهو تنهنجي ان ڪارنامن کان واقف آهي،

هاڻي غور تہ ڪر محشر ۾ تنهنجو ڇا ٿيندو! ﴿2﴾ اي غفلت شِعار مجرم! هوش ڪر! تنهنجي مٿان موت جي تلوار هر وقت لٽڪي رهي آهي خدا ڪان ڊڄ! گناهن کان پاسو ڪر، جيڪڏهن تو لاپرواهي سان گناهن ڀري زندگي گذاري ڪري مري ويئن تہ تنهنجو ڇا ٿيندو!

زندگی کی شام ڈھلتی جارہی ہے ہائے نفس! گرم روز و شب گناہوں کا بس بازار ہے
مجرموں کے واسطے دوزخ بھی شعلہ بار ہے ہر گنہ قصداً کیا اسکا بھی اقرار ہے
بندۂ بدکار ہوں بے حد ذلیل و خوار ہوں
مغفرت فرما الٰہی! تو بڑا غفّار ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت جا پنج مدني گل

هڪ طويل حديث پاڪ ۾ هي بہ آهي: حضرت سيّدنا ابو ذر غفاري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي صحيفن ۾ ڇا آهي؟ فرمايائون: انهن سيني ۾ عبرت جون ڳالهيون هيون تہ (1) تعجب آهي ان شخص تي جيڪو موت جو يقين رکڻ جي باوجود بہ خوش ٿيندو آهي. (2) تعجب آهي ان تي جيڪو جهنّم جو يقين رکڻ جي باوجود بہ کلندو آهي. (3) تعجب آهي ان تي جيڪو تقدير تي يقين رکڻ جي باوجود بہ (دنيا جي لاءِ) پنهنجو پاڻ کي ٿڪائيندو آهي. (4) تعجب آهي ان تي جيڪو دنيا ۽ ان جي تبديلين کي ڏسندو آهي پوءِ بہ ان تي مطمئن ٿي ويندو آهي. ۽ (5) تعجب آهي ان تي جنهن کي يقين آهي تہ سڀاڻي ان کي حساب ڏيڻو آهي پوءِ بہ (نيڪ) اعمال نٿو ڪري.

(الاحسان بترتيب صحيح ابن حِبان ج1 ص 288 حديث 362)

## رستي تي ويهڻ جا حق

بخاري شريف ۾ آهي، حضرت سيدنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبين جي سالار، شهنشاهِ اَبرار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار باذن پروردگار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (صحابہ ڪرام کي) ارشاد فرمايو: توهان رستي تي ويهڻ کان بچو! صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: اسان انهن مجلسن ۾ ويهي ڪري (ضروري) گفتگو ڪندا آهيون ۽ هي اسان جي لاءِ ضروري آهي، فرمايائون: جڏهن توهان مجلسن ۾ اچو تہ رستي کي ان جو حق ڏيو، عرض ڪيو ويو: رستي جو حق ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: ﴿1﴾ نگاهون هيٺ رکڻ ﴿2﴾ تڪليف واريون شيون پري ڪرڻ ﴿3﴾ سلام جو جواب ڏيڻ ﴿4﴾ نيڪي جو حڪم ڪرڻ برائي کان منع ڪرڻ.

(صحيح بُخاري ج 4 ص 165 حديث 6229)

## هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ جو بہ قيامت جي ڏينهن حساب ٿيندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ ۾ رستي جا چار حق بيان ڪيا ويا آهن: رستي جو حق ﴿1﴾ نگاهون هيٺ رکڻ: واقعي ان جي بيحد اهميت آهي، تنهنڪري آخرت جي ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اکين جي باري ۾ نيڪي جي دعوت پيش ڪيان ٿو، حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الوَالِی فرمائن ٿا: اک کي هر فضول ڳالهہ (يعني جنهن جي ضرورت نہ هجي ان) کان بچائي، چوتہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جهڙي طرح "فضول گفتگو" جي باري ۾ پڇا ڪندو ائين قيامت جي ڏينهن ٻانهي کان "فضول نظر" (يعني بلا ضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ) جي باري ۾ سوال ڪندو. (اِحياءُ العلوم ج 5 ص 126) اَجَنَبِيّه (يعني جنهن سان

شادي هميشہ جي لاءِ حرام نہ هجي ان) کي ڏسڻ کان پاڻ کي بچائڻ نهايت ضروري آهي حديث شريف ۾ آهي: ”اَلعَيْنَانِ تَزْنِيَانِ“ يعني اکيون زنا ڪن ٿيون. (مُسند امام احمد ج 3 ص 305 حديث 8852) جيڪڏهن واٽ تي نگاهون چئني پاسي ڊوڙائيندا رهياسين تہ بدنگاهي کان بچڻ بيحد دشوار ٿي ويندو آهي خدا جو قسم بدنگاهي جو عذاب برداشت ٿي نہ سگهندو.

## نگاهن جي حفاظت جو قرآني حڪم

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 397 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”پردي جي باري ۾ سوال جواب“ مان ڪجھ حصو ملاحظہ فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مردن کي نگاهن جي حفاظت جي تاڪيد ڪندي سيپاري 18 سُوْرَةُ النُّوْر جي آيت نمبر 30 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ

(پ ۱۸، النُّور ۳۰)

**ترجمو ڪنزالايمان:** مسلمان مردن کي حڪم ڏي تہ پنهنجي نظر ڪجھ جهڪي رکن.

عورتن جي لاءِ ارشاد آهي:

وَقُلْ لِّلْمُؤْمِنٰتِ يَغْضُضْنَ مِنْ اَبْصَارِهِنَّ

(پ ۱۸،النُّور ۳۱)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ مسلمان عورتن کي حڪم ڏي تہ پنهنجون نظرون ڪجھ جهڪيون رکن.

## اکين ۾ باھ ڀري ويندي

حُجّة الاسلام حضرت سيّدنا امام ابو حامد محمّد بن محمد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالِی نقل فرمائن ٿا: ”جيڪو پنهنجي اکين کي نظرِ حرام سان ڀريندو، قيامت جي ڏينهن ان جي اکين ۾ باھ ڀري ويندي.“ (مکاشفة القلوب ص 10)

## باھ جي سرائي

حضرت سيّدنا علامہ ابوالفرَج عبدالرّحمٰن ابن جوزي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي نقل ڪن ٿا: عورت جي مَحاسِن (يعني حسن و جمال) کي ڏسڻ ابليس جي زهر ۾ ٻُڏل تيرن مان هڪ تير آهي جنهن نامَحرم کان اک جي حفاظت نہ ڪئي ان جي اک ۾ قيامت جي ڏينهن باھ جي سرائي ڦيري ويندي. (بحرالدموع ص 171)

# ”زينب“ جي چار اکرن جي نسبت سان نظر جي باري ۾ 4 حديثون

## نظر ڦيري ڇڏيو

﴿1﴾ حضرت سيّدنا جَرِير بن عبدالله رضی اللہ تعالٰی عنہ روايت فرمائن ٿا، مون نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسول مُحتَشَم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم کان اوچتو نظر پئجي وڃڻ مُتَعَلِّق پڇا ڪئي، ته ارشاد فرمايائون: پنهنجي نگاهه ڦيري ڇڏيو. (صحيح مسلم ص 1190 حديث 2159)

## ڄاڻي واڻي ڪري نظر نه وجهو

﴿2﴾ سرڪار مدينه منوره، سردار مڪه مڪرمه صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم امير المُؤمِنين، حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ، شير خدا ڪرم اللہ تعالٰی وجھہ الکریم کي فرمايو: هڪ نظر کان پوءِ ٻي نظر نه ڪريو (يعني جيڪڏهن اوچتو بنا ارادي جي ڪنهن تي نظر پئي ته فورًا نظر ڦيري ڇڏي ۽ ٻيهر نظر نه ڪري) جو پهرين نظر جائز آهي ۽ ٻي نظر جائز ناهي. (سنن ابي داؤد ج 2 ص 358 حديث 2149)

## نظر جي حفاظت جي فضيلت

﴿3﴾ تاجدار مدينه، قرار قلب و سينه صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جو فرمان فرحت نشان آهي: جيڪو مسلمان ڪنهن عورت جي خوبين جي طرف پهريون ڀيرو نظر ڪري (يعني بنا ارادي جي) پوءِ پنهنجي نگاهه جهڪائي، الله تعاليٰ ان کي اهڙي عبادت عطا فرمائيندو جنهن جي اهو لذت ماڻيندو. (المسند امام احمد بن حنبل ج 8 ص 299 حديث 22341)

## ابليس جو زهريلو تير

﴿4﴾ الله عزوجل جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جو فرمان آهي ته حديث قدسي (يعني رب عزوجل جو فرمان) آهي: نظر ابليس جي تيرن مان هڪ زهر ۾ ٻڏل تير آهي پوءِ جيڪو شخص منهنجي خوف کان ان کي ڇڏي ڏيندو ته مان ان کي اهڙو ايمان عطا ڪندس جنهن جي مٺاڻ هو پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندو.

(المعجم الكبير للطبراني ج 10 ص 173 حديث 10362)

## عورت جي چادر به نه ڏسو

حضرت سيدنا عَلاء بن زِياد رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: پنهنجي نظر ڪي عورت جي چادر تي به نه وجهو ڇو ته نظر دل ۾ شهوت پيدا ڪندي آهي. (حِليةُ الاولياء ج 2 ص 277)

## گفتگوءِ ۾ نظر ڪٿي هجي؟

**سوال:** ڇا گفتگو ڪندي نظر جهڪائي رکڻ ضروري آهي؟

**جواب:** ان جون صورتون آهن مثلاً مرد جو مخاطَب (يعني جنهن سان ڳالهائي رهيا آهيو اهو) اَمرد هجي ۽ ان کي ڏسڻ سان شهوت ايندي هجي (يا شرعي اجازت سان مرد ڪنهن اَجنَبِيَّہ سان، يا عورت ڪنهن اجنبي مرد سان ڳالهائي رهي هجي) ته اهڙي طرح نظر جهڪائي ڪري گفتگو ڪري جو ان جي چهري بلڪ بدن جي ڪنهن عضوي ايتري تائين جو لباس تي به نظر نه پوي، جيڪڏهن ڪا شرعي رڪاوٽ نه هجي ته مخاطَب (يعني جنهن سان ڳالهائي رهيا آهيو) جي چهري جي طرف ڏسي ڪري به گفتگو ڪرڻ ۾ شرعًا ڪو حرج ناهي، جيڪڏهن نگاهن جي حفاظت جي عادت بڻائڻ جي نيت سان هر هڪ سان نظر جهڪائي ڪري ڳالهائڻ جو معمول بڻائي ته تمام سٺي ڳالهه آهي ڇو ته مشاهدو اهو ئي آهي ته في زمانہ جنهن جي نگاهون جهڪائي ڪري گفتگو ڪرڻ جي عادت ناهي هوندي، ان کي امرد يا اَجنَبِيَّہ سان ڳالهائڻ وقت نگاهون جهڪائي رکڻ سخت ڏکيو هوندو آهي.

## مدني چينل کان متاثر ٿي 12 افرادن جو قبول اسلام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نگاهون هيٺ رکڻ جون برڪتون مرحبا! اچو ! انهي ضمن ۾ هڪ انوکي مدني بهار ٻڌون ٿا، باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ مبلغ دعوت اسلامي جي بيان جو خلاصو آهي ته مديني پاڪ زادھا اللہ شرفاً وتعظیماً ۾ جُمعةُ المُبارڪ جي ڏينهن (2 جمادي الاخريٰ 1432 بمطابق 6 مئي 2011) تقريباً 4 بجي سبز عمامي واري هڪ نوجوان سان ملاقات ٿي، دوران گفتگو انهن انڪشاف ڪيو: مان بمبئي (هند) جو رهڻ وارو آهيان مون سميت اسان جي گهر جي سيني ڀاتين يعني 12 افراد

(جمعة المبارڪ 5 ذوالحِجّةِ الحرام 1431 هہ بمطابق 2010-11-12) اسلام قبول ڪيو، اسلام قبول ڪرڻ جو سبب بيان ڪندي ان ڪجھ ائين چيو: اسان جا گهر وارا ڪجھ عرصي کان دعوت اسلامي جو مدني چينل ڏسڻ لڳا هئا، ان جي سلسلن ۾ مسلمانن جو حليو، انهن جا مسڪرائيندڙ چهرا ۽ بيان جي سادگي اسان کي تمام سٺي لڳندي هئي، حالانڪہ هن کان پهريان اسان بي عمل مسلمانن جون حرڪتون ڏسي نهايت بدظن هئاسين پر مدني چينل تي اسلام جي حقيقي تصوير ڏسي اسان اسلام کان بيحد متاثر ٿيڻ لڳاسين، خاص ڪري دعوت اسلامي جي مبلغن جو هر هر نگاهون جهڪائڻ جي ترغيب ڏيارڻ اسان کي تمام وڻندو هو ۽ اکين جي قفل مدينہ جي فائدي جا تذڪرا ٻڌي اسان تمام گهڻو خوش ٿيندا هئاسين، منهنجي امڙ سائڻ سيني کي چوندي هئي: هن بي حيائي واري دؤر ۾ بہ هي ماڻهو نگاهون هيٺ رکڻ جو درس ڏيندا آهن، واقعي نگاهون هيٺ ئي رکڻ گهرجن، مدني چينل جا سلسلا ڏسندي ڏسندي اسان جي دل ۾ اسلام جي محبت ايتري تہ وڌي جو گهر ۾ اسلام قبول ڪرڻ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون پر اسان خوفزده هئاسين تہ ماڻهو ڇا چوندا؟ انهيءَ سوال جو جواب بہ اسان کي مدني چينل تان ئي مليو، ٿيو ائين جو نگران شوريٰ ۽ مبلغ دعوت اسلامي حاجي ابو حامد محمد عمران عطّاري سَلَّمَہُ البَارِی جڏهن "لوگ کیا کہیں گے؟" جي،موضوع تي سنتن ڀريو بيان فرمايو تہ سيني گهر وارن جو ذهن بڻجي ويو تہ هاڻي اسان کي ماڻهن جي پرواهہ نہ ڪرڻ گهرجي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪلمو پڙهي ڪري اسلام جي دامن ۾ اچي وياسين، مان گورنمنٽ ملازم آهيان اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ منهنجو نالو محمد ابراهيم رکيو ويو ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان حضور غوث پاڪ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جي سلسلي ۾ مريد بہ بڻجي چڪو آهيان، مبلغ دعوت اسلامي جو وڌيڪ بيان آهي تہ جڏهن ان نومسلم نوجوان اسان سان گڏ سونهري جارين جي سامهون حاضري ڏني تہ ان تي عجيب رقت طاري ٿي وئي ۽ روئي روئي اِنهيءَ عرض ڪي هر هر ڪرڻ لڳو: "يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون ڪي

اکين جو قفل مدينہ عطا ڪريو“ پوءِ انهن گنبد خضرا جي سايي ۾ پنهنجي هن عزم جو اظهار ڪيو تہ ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ مان ٻين غير مسلمن کي اسلام سان وابستہ ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس، الله تعاليٰ انهن کي ۽ انهن جي صدقي اسان سيني کي دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ استِقامت نصيب فرمائي، 12 افرادن جي اسلام قبول ڪرڻ جو سبب بڻجڻ وارو سنتن ڀريو بيان ”لوگ کیا کہیں گے؟“ جي V.C.D مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تي ڏسي ۽ ٻڌي بہ سگهجي ٿي.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو (وسائلِ بخشش ص ۱۹۳)

اٰمِین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نگاهہ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جون ادائون

**سوال:** سرڪارِ مدينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي نظر فرمائڻ جا مختلف انداز ٻڌايو؟

**جواب:** ﴿1﴾ ڪنهن جي چهري تي نظرون نہ ڄمائيندا هئا ﴿2﴾ ڪنهن شيءِ ڏانهن نہ ڏسڻ جي حالت ۾ نگاهون هيٺ رکندا هئا ﴿3﴾ سندن جي نظر شريف آسمان جي بدران اڪثر ڪري زمين جي طرف هوندي هئي، مراد هي تہ اڪثر خاموشي جي وقت مبارڪ نگاهون جهڪيل هونديون هيون ﴿4﴾ اڪثر گوشہءِ چشم (يعني اکين جا اهي ڪنارا جيڪا ڪنپٽي سان مليل آهن) سان ڏسندا هئا مطلب هي تہ: شرم ۽ حياءَ جي ڪري پوري اک پري نہ ڏسندا هئا ﴿5﴾ جڏهن ڪنهن طرف تَوَجُّہ فرمائيندا هئا تہ پورا مُتَوَجِّہ ٿيندا هئا يعني ڌيان نہ هٽائيندا هئا ۽ ڪجهہ عالمن هي بہ فرمايو تہ صرف ڪنڌ وارائي ڪنهن ڏانهن مُتَوَجِّہ نہ ٿيندا هئا بلڪ پوري بدن مبارڪ سان مُتَوَجِّہ ٿيندا هئا. (ملخص از جمع الوسائل في شرح الشمائل للقاري ص 52-53، احياء العلوم ج 2 ص 442)

جس طرف اُٹھ گئی دم میں دم آ گیا

اُس نگاہِ عنایت پہ لاکھوں سلام (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ هن شعر ۾ فرمائن ٿا: اسان جا پيارا پيارا آقا صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي نگاهه ڪرم دنيا ۽ آخرت ۾ جنهن پاسي ٿي مرده جسمن ۾ جان ۽ روحن ۾ تازگي اچي وئي، اسان جا مڪي مدني آقا صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي رحمتن ۽ عنايتن ڀري پاڪ نظر تي لکين سلام، اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي هن شعر تي حضرت مولانا اختر الحامدي علیہ رحمۃ اللہ القوی خوب تضمين لکي آهي:

پڑ گئی جس پہ محشر میں بخشا گیا   دیکھا جس سمت ابرِ کرم چھا گیا

رُخ جدھر ہو گیا زندگی پا گیا   جس طرف اُٹھ گئی دم میں دم آ گیا

اُس نگاہِ عنایت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!   صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پگهريل سيسو اکين ۾ داخل ڪيو ويندو

منقول آهي: جيڪو شخص شهوت سان ڪنهن اَجْنَبِيّہ (يعني ڌاري عورت) جي حُسن ۽ جمال کي ڏسندو ته قيامت جي ڏينهن ان جي اکين ۾ سِيسو پگهاري وڌو ويندو“. (هدايه ج 2 ص 368) يقينًا پاڄائي به اَجْنَبِيَّہ ٿي آهي، جيڪي ڏير پنهنجي پاڄائي کي چاٺي واٺي ڏسندا هجن، بي تڪلف ٿيندا هجن، مذاق مسخري ڪندا هجن، اهي الله عزّوجلّ جي عذاب کان ڊڄي ڪري فورًا سچي توبه ڪن، پاڄائي جيڪڏهن ننڍي ڏير کي ننڍو ڀاءُ ۽ وڏي ڏير کي وڏو ڀاءُ چئي ڇڏي ته ان سان بي پردگي ۽ بي تڪلفي جائز ناهي ٿي ويندي، ۽ ڏير پاڄائي بدنگاهي، بي تڪلفي کل ڀوڳ وغيره گناهن جي معاملي ۾ وڏيڪ ڦاسندا ويندا آهن، ياد رکو! ڏير ۽ پاڄائي جو پاڻ ۾ بلا ضرورت ۽ بي تڪلفي سان گفتگو ڪرڻ به مسلسل خطري جي گهنٽي وڄائيندو رهندو آهي! ڀلائي انهيءَ ۾ آهي ته نه هڪ ٻئي کي ڏسن، ۽ نه ئي پاڻ ۾ بلاضرورت ۽ بي تڪلفي سان ڳالهائن.

دیکھنا ہے تو مدینہ دیکھیے
قصرِ شاہی کا نظارہ کچھ نہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مان T.B جو مريض هئس

شرم ۽ حياء جو جذبو پائڻ، بدنگاهي جي آفتن کان پاڻ کي بچائڻ، نگاهن جي حفاظت جي تڙپ وڌائڻ، ڳالهه ڪندي نگاهون هيٺ رکڻ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، ۽ پنهنجي هن مدني مقصد "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" جي حصول خاطر پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي اِستِقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو "فڪر مدينه" ڪري مدني انعامات جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهه تاريخ جي اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو: ضلع ننڪانه (پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان کي پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو، الحمدلله عزوجل (هي بيان ڏيڻ وقت) مان تقريبًا 12 سالن کان تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي سان وابسته آهيان، وابستگي جو سبب بين الاقوامي ٽن ڏينهن جي سنتن ڀري اجتماع (صحراءِ مدينه، مدينة الاولياءملتان شريف) ۾ حاضري هو، اجتماع جي ساڍن ستن مهينن کان پوءِ سخت بيمار ٿي پيس، ڊاڪٽرن منهنجي مرض کي T.B قرار ڏنو، بيماري ۾ لڳ ڀڳ ساڍا چار مهينا گذري ويا ۽ هڪ ڀيرو وري ٽن ڏينهن جو سنتن ڀريي اجتماع جو موسم بهار اچي پهتو، مان وڃڻ جي لاءِ

بيقرار ٿيس پر گهر وارا رڪاوٽ بڻجي ويا مون امڙ سائڻ جو ذهن بڻايو ته اتي گهڻي تعداد ۾ عاشقان رسول تشريف آڻيندا آهن مون کي وڃڻ ڏيو، نيڪ ماڻهن جي صحبت ۽ اتي ٿيڻ واري رقت انگيز دعا جي برڪت سان ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ مان صحت جي نعمت حاصل ڪري موٽندس، الحمدلله عَزَّوَجَلَّ مون کي اجازت ملي وئي دوائون وغيره ساڻ کڻي اجتماع ۾شريڪ ٿيس، اختتامي رقت انگيز دعا ختم ٿيڻ واري هئي، منهنجي دل ۾ حسرت پيدا ٿي دعائون ته ڪافي ٿيون پر منهنجي مرض T.B جي لاءِ صراحةً (يعني صاف لفظن ۾) دعا نه گهري وئي، ڪاش! T.B جي مريضن جي لاءِ به دعا ٿي وڃي، اجا هي ڳالهه منهنجي ذهن ۾ آئي هئي جو ڪمال آهي! دعا ڪرائڻ واري جو ڪجهه ائين آواز مائيڪ تي گونجيو: ياالله عَزَّوَجَلَّ جيڪي ڪينسر جا مريض آهن، جيڪي T.B جا مريض آهن انهن کي به شِفا ڪامله عطا فرماءِ، دعا ۾ هڪ به ٻين بيمارين جا نالا پڻ ورتا ويا جيڪي مان وساري چڪو آهيان، خير T.B کان شفا جي دعا ٻڌندي ئي منهنجي دل چئي پڪاريو: بس هاڻي تون نيڪ ٿي وئين، اجتماع جي واپسي جي ٻئي ڏينهن "چيڪ اپ" ڪرائڻ جي لاءِ پنجاب جي شهر شيخوپوره ويس، ايڪسري وغيره ڪرايو، X. RAYS ڏسي اسپيشلسٽ ڊاڪٽر اچرج ۾ پئجي ويو ۽ چوڻ لڳو: مبارڪ هجي اوهان جي T.B ختم ٿي چڪي آهي.

اگرچہ ہو ٹی بی نہ گھبراؤ پھر بھی   شِفا حق سے دلوائے گا مَدَنی ماحول
تمہیں صحّت و عافیت ہوگی حاصل   تم اپنا کے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول

## بيماري جي عظيم الشان فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ واري اسلامي ڀاء جي T.B جي بيماري ختم ٿي وئي، اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي لاءِ صحت جا طلبگار آهيون، تڏهن به جيڪڏهن ڪا بيماري ٿي پوي ته همت نه هاريو، صبر ڪندي بيماري تي ملندڙ آخرت جي ثواب تي نظر

رکو، جيئن حضرت سيدنا انس بن مالڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته نور جي پيڪر، تمام نبين جي سروَر، ٻنهي جهانن جا تاجور، سلطان بحر و بر صلّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلّم فرمايائون: جڏهن مسلمان ڪنهن جسماني بيماري ۾ مبتلا ٿيندو آهي ته فرشتي کي حڪم ٿيندو آهي ته تون ان جون اهي نيڪيون لک جيڪي اهو پهريان ڪندو هو جيڪڏهن ان کي شِفا ڏيندو آهي ته ڌوئي ڇڏيندو آهي ۽ پاڪ ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي موت ڏيندو آهي ته بخشي ڇڏيندو ۽ رحم ڪندو آهي.

(شرحُ السنة للبغوي ج 3 ص 187 حديث 1424)

عارضی آفتِ دنیا سے تو دل ڈرتا ہے ہائے بے خوف عذابوں سے ہوا جاتا ہے
یہ ترا جسم جو بیمار ہے تشویش نہ کر یہ مرض تیرے گناہوں کو مٹا جاتا ہے
اصل برباد کُن امراض گناہوں کے ہیں
بھائی! کیوں اس کو فراموش کیا جاتا ہے (وسائلِ بخشش ص ۱۲۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رستي جو حق نمبر 2 تڪليف ڏيندڙ شين کي پري ڪرڻ

### ڪنڊيدار ٽاري هٽائڻ واري جي مغفرت ٿي وئي

انهي ڪتاب ۾ صفحي نمبر 282 تي ڏنل بخاري شريف جي حديث شريف رستي تي ويهڻ جا حق ۾ ذڪر ٿيل حق نمبر 1 "نگاهون هيٺ رکڻ" جي باري ۾ نيڪي جي دعوت جا ڪئي مدني گل حاضر ڪيا ويا انهيءَ روايت ۾ بيان ڪيل حق نمبر 2 "تڪليف ڏيندڙ شين کي پري ڪرڻ" جي ضمن ۾ نيڪي جي دعوت جا ڪجهه مدني گل پيش ڪيان ٿو، سماعت فرمايو: يقيناً مسلمانن جي واٽن تان تڪليف واريون شيون پري ڪرڻ جي وڏي فضيلت آهي، جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 743 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جنت میں لے جانے والے اعمال" صفحي 623 تي فرمانِ مصطفيٰ صلّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلّم آهي: هڪ شخص ڪنهن رستي تان گذري رهيو هو ان رستي تي هڪ ڪنڊيدار ٽاري ڏٺي ته ان کي رستي

ڪان پري ڪيائين تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ کي ان شخص جو هي عمل پسند آيو ۽ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي. (صحيح مُسلم ص 1060، حديث 1914)

سَبَقَتْ رَحْمَتِي عَلٰى غَضَبِيْ [1] تو نے جب سے سُنا دیا یارب
آسرا ہم گناہ گاروں کا اور مضبوط ہو گیا یا رب (ذوقِ نعت)

## رستي مان تڪليف واري شيء هٽائڻ جو ثواب

حضرت سيدنا ابو درداء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي: جنهن مسلمان جي رستي تان ايذاء ڏيندڙ شيء هٽائي ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي ۽ جنهن جي لاءِ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ وٽ هڪ نيڪي لکي وڃي تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان نيڪي جي سبب ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو. (المعجمُ الاوسط ج 1 ص 19 رقم 32)

## رستي جون تڪليف ڏيندڙ شين جي نشاندهي

مسلمانن جي راهہ ۾ اهڙو پٿر وغيره هجي جنهن جي ٺوڪر وغيره لڳي سگهي يا شيشي جا ٽڪرا هجن جنهن سان ڪنهن جو پير زخمي ٿي سگهي، يا روڊ تي ڪيلي پپيتي يا انب وغيره جون کلون ڪنهن اڇلايون هجن جنهن سان ڪو شخص ترڪي ڪِري پوي، اهي ۽ انهن جهڙيون ٻيون شيون رضاءِ الٰهي جي نيت سان هٽائڻ ثواب جو ڪم آهي، اڻين رستي تي کڏ يا گٽر جو ڍڪڻ کليل هجي تہ ممڪن صورت ۾ ان جو بہ مناسب بندوبست ڪرڻ گهرجي، کليل گٽر ايترا تہ خطرناڪ هوندا آهن جو ڪڏهن ڪڏهن ٻار وغيره ان ۾ ڪري مري ويندا آهن جتي لوهہ جا ڍڪڻ چوري ٿيڻ جو خطرو هجي اتي سيمنٽ جا ڍڪڻ لڳائڻ مناسب آهي، هر شخص کي کپي تہ جيڪي شيون ٻين جي لاءِ تڪليف واريون هجن مثلاً کلون، گندگي وغيره رستي ۾ نہ اڇلايو، جيڪڏهن پنهنجي گهر جو گٽر وغيره پرجي ويو، يا پاڻي اچي ويو، يا گندي پاڻي جو ٻاهريون پائپ ٽٽي ويو، اهڙي طرح جا مسئلا هڪدم حل ڪرڻ گهرجن، ۽ ڪپڙا وغيره بہ ڌوئي ڪري اهڙي جڳهہ نہ سڪايا وڃن

[1] يعني منهنجي رحمت منهنجي غضب کان وڌيڪ آهي.

جو رستي تان گذرندڙن تي پاڻي ڪري، ڪنهن جي گهر جي اڳيان اهڙي طرح ڪچرو اڇلائڻ جو ان کي تڪليف پهچي هي گناهه آهي، حقوقِ عامہ تلف ڪرڻ مثلاً اجتماع ذڪر و نعت، چوڪ اجتماع يا ڪنهن بہ قسم جي ديني يا دنياوي تقريب جي لاءِ عام هلندڙن جو رستو بند ڪرڻ ناجائز ۽ گناهه آهي، اهڙي طرح شيون وڪڻڻ جي لاءِ ٺيلو يا اسٽال لڳائي يا ڇاٽي واٽي گاڏي پارڪ ڪري ڪنهن جي گهر، دڪان يا واٽهڙن جو رستو تنگ ڪرڻ بہ شرعاً جائز ناهي، ها ڪنهن نماز ۾ مسجد پرجي وئي ۽ ٻاهر صفون ٺاهيون ويون يا جنازي جي جلوس جي ڪري رستو گهيرجي ويو تہ هي گناهه ناهي، ۽ حاجين جي استقبال جي جلوس ۽ ميلاد جي جلوس ۾ ڪو حرج ناهي.

مسلماں کی راحت کا ساماں کیجے
یوں خود پر رہِ خُلد آساں کیجے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رستي جو حق نمبر 3 سلام جو جواب ڏيڻ

**100 مان 90 رحمتون ان کي ملن ٿيون جيڪو....**
مدينه 3

انهيءَ ڪتاب جي صفحي نمبر 282 تي ڏنل بخاري شريف جي حديث شريف "رستي تي ويهڻ جا حق" ۾ رستي جو حق نمبر 3 "سلام جو جواب ڏيڻ" جي باري ۾ نيڪي جي دعوت تي مشتمل مدني گل قبول فرمايو: جڏهن ڪو مسلمان سلام ڪري تہ ان جو جواب هڪدم ايتري آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي، سلام ۽ ملاقات جي بيحد فضيلت آهي، فرمان مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: جڏهن بہ مسلمان ملاقات ڪندا آهن ۽ انهن مان هڪ پنهنجي ساٿي کي سلام ڪندو آهي تہ ان مان الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو گهڻو محبوب (يعني پيارو) اهو هوندو آهي جيڪو پنهنجي ساٿي سان گهڻي گرم جوشي سان ملاقات ڪندو آهي پوءِ جڏهن اهي مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) تہ انهن تي سؤ رحمتون نازل

ٽيندئون آهن ان مان نوي رحمتون (سلام ۾) اڳرائي ڪرڻ واري تي ۽ ڏهہ مصافحي (يعني هٿ ملائڻ) ۾ اڳرائي ڪرڻ واري جي لاءِ آهن. (مسند البزار ج 1 ص 437 حديث 308) **فرمان مصطفٰي** صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جڏهن ٻہ مسلمان ملاقات جي وقت پاڻ ۾ مصافحو (يعني هٿ ملائيندا) آهن تہ انهيءَ ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهريان انهن جي مغفرت ٿي ويندي آهي. (ترمذي ج 4 ص 333 حديث 2736) حضرت علامہ عبدالرَّءُوف مناوي عَلَيْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِي هن حديث پاڪ جي الفاظ "جڏهن ٻہ مسلمان ملاقات جي وقت پاڻ ۾ مصافحو (يعني هٿ ملائيندا) آهن" جي تحت فرمائن ٿا: يعني مرد مرد سان يا عورت عورت سان (هٿ ملائيندا آهن). (فيض القدير شرح الجامع الصغير ج 5 ص 637 تحت الحديث 8109)

تری رحمتوں پہ میں قربان یا ربّ
ترے بال بچّے تری جان یا ربّ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هر مسلمان کي عام طور تي سلام ۽ جوابِ سلام ۽ مصافحو ڪرڻ يعني هٿ ملائڻ جي سعادت ملندي رهندي آهي، اچو! "**نيڪي جي دعوت**" جو ثواب وڌيڪ حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جي باري ۾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبۃ المدينہ جي شايع ٿيل رسالي "**101 مدني گل**" مان ڪجھ مهڪندڙ گل حاصل ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيون ٿا: پيش ڪيل هر هر مدني گل کي سنتِ رسولِ مَقبول علٰی صاحبِها الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تي مَحمول نہ فرمايو (يعني سنتِ رسول نہ سمجهو) هن ۾ سنتن کان علاوہ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن کان نقل ڪيل **مدني گل** بہ شامل آهن . هي مسئلو ياد رکو تہ جيستائين يقيني طور تي معلوم نہ هجي ڪنهن عمل کي "سنتِ رسول" نٿا چئي سگهون .

## "اَلسَّلامُ عَلَيڪُمْ" جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان سلام جا 11 مدني گل

﴿1﴾ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت انهن کي سلام ڪرڻ سنّت آهي (اسلامي ڀينرون بہ اسلامي ڀينرن سان ۽ مَحارم کي سلام ڪن) ﴿2﴾ مڪتبۃ المدينہ جي شايع ٿيل 1197

صفحن تي مشتمل ڪتاب بهار شريعت (جلد 3) صفحي 459 تي لکيل مسئلي جو خلاصو آهي: سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيت هجي ته جنهن کي سلام ڪرڻ لڳو آهيان ان جو مال ۽ عزت آبرو سڀ ڪجهه منهنجي حفاظت ۾ آهن مان ان مان ڪنهن شيء ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿو ﴿3﴾ ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا به ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري مان ٻي ڪمري ۾ هر هر اچڻ وڃڻ ٿئي اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ﴿4﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنت آهي ﴿5﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو الله عَزَّوَجَلَّ جو مُقرّب (يعني ويجهڙائي حاصل ڪرڻ وارو ٻانهو) آهي ﴿6﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تڪبر کان بري (يعني آزاد) آهي جيئن منهنجي مڪي مدني آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بري آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 433 حديث 8786) ﴿7﴾ سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿين ٿيون. (ڪيمياءِ سعادت ج 1 ص 394) ﴿8﴾ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ (يعني توهان تي سلامتي هجي) چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏ وَرَحْمَةُ الله (۽ الله جي رحمت ٿئي) به چوندا ته 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ (ان جون برڪتون به ٿين) شامل ڪنداسين ته 30 نيڪيون ٿي وينديون ڪجهه ماڻهو سلام سان "جنت المقام ۽ دوزخ الحرام" جا الفاظ به وڌائيندا آهن هي غلط طريقو آهي، بلڪ ڪجهه ماڻهو ته معاذ الله ائين پڻ چوندا آهن، "اوهان جا ٻار منهنجا غلام" منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه جلد 22 صفحي 409 تي فرمائن ٿا: گهٽ مان گهٽ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ ۽ ان کان بهتر وَرَحْمَةُ الله ملائڻ، ۽ سڀ کان بهتر وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪرڻ ان تي ڪجهه زيادتي ناهي، ان اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چيو ته هي وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ الله چوي ۽ جيڪڏهن ان اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ چيو ته هي وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چوي ۽ ان وَبَرَكَاتُهٗ تائين چيو ته هي به ايترو چوي ان کان وڌيڪ ناهي. وَاللهُ تَعَالٰى اَعلم ﴿9﴾ ائين جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي ڪري 30 نيڪيون وڌيڪ حاصل ڪري

سگهجن ٿيون ﴿10﴾ ائين سلام جو جواب يڪدم ۽ ايڏي آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي ﴿11﴾ سلام ۽ سلام جي جواب جو صحيح تَلَفُّظ ياد ڪري وٺو، پهريان مان چوان ٿو اوهان ٻڌي ڪري دُهرايو: اَلسَّلامُ عَلَيۡكُمۡ (اَسۡ۔سَلَا۔مُ عَلَيۡ۔كُمۡ) هاڻي پهريان مان جواب ٻڌايان ٿو پوءِ اوهان دُهرايو: وَعَلَيۡكُمُ السَّلام (وَ۔عَ۔لَيۡ۔كُ۔مُسۡ۔سَلام)

رضائے حق کیلئے تم سلام عام کرو
سلامتی کے طلبگار ہو سلام کرو

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”هٿ ملائڻ ته سنت آهي“ جي 14 اکرن جي نسبت سان هٿ ملائڻ جا 14 مدني گل

﴿1﴾ ٻن مسلمانن جو ملاقات جي وقت ٻنهي هٿن سان مصافحو يعني هٿ ملائڻ سنت آهي ﴿2﴾ هٿ ملائڻ کان پهريان سلام ڪيو ﴿3﴾ موڪلائڻ وقت به سلام ڪيو ۽ (ان مهل) هٿ به ملائي سگهو ٿا ﴿4﴾ نبي مُكَرَّم صلّى الله تعالى عليه وٰاله وسلّم جو فرمان آهي: جڏهن ٻه مسلمان ملاقات ڪندا ۽ مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) ۽ هڪ ٻئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي درميان سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي جنهن مان نوانوي رحمتون گرم جوشي سان ملڻ واري ۽ سٺي نموني خيريت پڇڻ واري تي ٿينديون آهن. (المعجمُ الاوسط ج 5 ص 380 حديث 7672) ﴿5﴾ هٿ ملائڻ دوران درود شريف پڙهڻ سان هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا آهن ﴿6﴾ هٿ ملائڻ وقت درود شريف به پڙهي سگهو ٿا، ٿي سگهي ته هي دعا به پڙهو: يَغۡفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمۡ (يعني الله اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي) ﴿7﴾ جڏهن ٻه مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪا دعائون گهرن ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ قبول ٿينديون هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي. ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ﴿8﴾ پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني ختم ٿيندي آهي ﴿9﴾ مسلمان ڪي سلام ڪرڻ هٿ ملائڻ بلڪ محبت سان ان جي ديدار ڪرڻ سان به ثواب ملندو آهي حديث

شريف ۾ آهي: جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڏانهن محبت ڀري نظر سان ڏسي ۽ ان جي دل ۾ عداوت نہ هجي تہ نگاهہ هٽائڻ کان پهريان ٻنهي جا پويان گناهہ بخشيا ويندا آهن. (المعجمُ الاوسط ج 6 ص 131 حديث 8251) ﴿10﴾ جيترا ڀيرا ملاقات ٿئي هر ڀيري هٿ ملائي سگهو ٿا ﴿11﴾ اڄڪلهہ ڪجهہ ماڻهو ٻنهي طرف کان هڪ هٿ ملائيندا بلڪ صرف آڱريون پاڻ ۾ ٽڪرائيندا آهن هي سڀ خلاف سنت آهي ﴿12﴾ هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو هٿ چُمڻ مڪروهہ آهي. (بهار شريعت ج 3 ص 472) (هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو هٿ چمڻ وارا اسلامي ڀائر پنهنجي عادت ڪڍن) ها ڪنهن بزرگ جو هٿ ملائڻ کان پوءِ برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو هٿ چمي ورتو تہ ڪا ڪراهت ناهي جيئن اعلىٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪنهن سان مصافحو ڪيو پوءِ برڪت جي لاءِ پنهنجو هٿ چمي ورتو تہ ممانعت جو ڪو سبب ناهي جڏهن تہ جنهن سان هٿ ملايو اهو انهيءَ هستيءَ مان هجي جنهن کان برڪت حاصل ڪئي ويندي هجي. (جَدُّالمُمتار، ڪتاب الحظر والاباحۃ، باب الاستبراء وغيره مقوله 4551، غير مطبوعه) ﴿13﴾ جيڪڏهن اَمرد (يعني خوبصورت ڇوڪري) سان (يا ڪنهن مرد) سان هٿ ملائڻ ۾ شهوت ايندي هجي تہ ان سان هٿ ملائڻ جائز ناهي بلڪ جيڪڏهن ڏسڻ ۾ شهوت اچي تہ هاڻي ڏسڻ بہ گناهہ آهي.(درمختار ج 2 ص 98) ﴿14﴾ مصافحو ڪرڻ وقت سنّت هي آهي تہ هٿ ۾ رومال وغيره رڪاوٽ نہ هجي، ٻئي ترِيون خالي هجن ۽ ترِيءَ سان ترِي ملڻ گهرجي.
(بهار شريعت ج 3 ص 471)

## غير عورت سان هٿ ملائڻ جو عذاب

هڪ ٻِئي حديث پاڪ ۾ هي بہ آهي: جنهن ڪنهن اَجْنَبِيَّہ (يعني اهڙي عورت جنهن سان نڪاح هميشہ لاءِ حرام نہ هجي) عورت سان مصافحو ڪيو (يعني هٿ ملايو) تہ اهو قيامت جو ان حالت ۾ ايندو جو ان جو هٿ ٻاهہ جي زنجير سان ٻڌل هوندو. (قرة العيون ص 389) دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" (جلد 3) صفحي 446 تي آهي: (اجنبيه) کان مصافحو

(يعني هٿ ملائڻ) جائز ناهي انهيءَ ڪري حضور اقدس صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم بيعت وقت به عورتن سان مصافحو نه فرمائيندا صرف زبان سان بيعت وٺندا هئا، ها جيڪڏهن اها گهڻي پوڙهيءَ هجي جو محلِ شهوت نه هجي (يعني جنهن کي ڏسڻ سان شهوت نه اچي) ان سان مصافحي ۾ حرج ناهي، ائين جيڪڏهن مرد گهڻو پوڙهو هجي جو فتني جو انديشو ئي نه هجي ته مصافحو ڪري سگهي ٿو. (بهار شريعت ج 3 ص 446)

زنانِ غیر سے بھائی مُصافحہ مت کر
ہُوا ہے جُرم یہ گر کر لے توبہ حق سے ڈر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رستي جو حق نمبر 4 "نيڪي جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ"

انهيءَ ڪتاب جي صفحي نمبر 282 تي ڏنل بخاري شريف جي حديث شريف "رستي تي ويهڻ جا حق" مان رستي جو حق نمبر 4 "نيڪي جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ" جي باري ۾ **نيڪي جي دعوت** جا مدني گل حاضر آهن: نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ جي ثواب جي ته ڪا انتها ناهي، رستي تي اڪثر ان جو گهڻو موقعو ملندو آهي، مثلاً اوهان وينا آيو، ڪو ملاقات جي لاءِ آيو بغير سلام جي هٿ ملائڻ لڳو ته ان کي انهيءَ طرح نيڪي جي دعوت ڏئي سگهجي ٿي ته ادا سائين! ملاقات لاءِ اچڻ واري جي لاءِ هٿ ملائڻ کان پهريان سلام ڪرڻ سنت آهي، ڪجهه ماڻهو سلام ڪرڻ وقت جهڪندا آهن انهن کي به موقعي مناسبت سان انهن جي ظرف (يعني حوصلي) جي مطابق سمجهائي سگهجي ٿو. مثال طور ان کي چيو وڃي: دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهار شريعت جلد 3 صفحي 464 تي مسئلي نمبر 31 تي آهي: ڪجهه ماڻهو سلام جي وقت جهڪي ويندا آهن هي جهڪڻ جيڪڏهن رڪوع جي حد تائين هجي ته حرام آهي ۽ ان کان گهٽ هجي ته

مڪروهه آهي. (بهار شريعت جلد 3 ص 464) ها هٽ چمڻ جي لاءِ جهڪڻ ۾ حرج ناهي بلڪ بنا جهڪڻ جي هٽ چمڻ دشوار آهي، هن نيڪي جي دعوت جو احسن طريقو هي آهي ته ٿي سگهي ته اوهان وٽ مدني بيگ هجي ۽ ان ۾ مڪتبة المدينہ جي شايع ڪيل رسالن سان گڏوگڏ "101 مدني گل" نالي ڪجهه رسالا به موجود هجن ته اوهان انهيءَ رسالي مان هي "مدني گل" ڏيکاريو، زهي نصيب ڏيکارڻ کان پوءِ سٺين سٺين نيتن سان اهو رسالو ان ملاقاتي کي تحفي ۾ پيش ڪريو، جي ها سٺيون سٺيون نيتون ته هر ڪم کان پهريان ڪرڻ ٿي گهرجن، هڪ به سٺي نيت نه هئي ته ثواب نه ملندو، مثلاً رسالو ڏيڻ وقت هي نيت ڪريو ته رضاءِ الٰهي جي لاءِ تحفو پيش ڪري هڪ مسلمان جو دل خوش ڪري رهيو آهيان "جيڪڏهن بغير سٺي نيت جي نيڪي جي دعوت ڏينداسين ، انفرادي ڪوشش ڪنداسين، سنتون ٻڌائينداسين سنتن ڀري اجتماع ۽ مدني قافلي ۾ سفر جي دعوت ڏينداسين مدني انعامات جي ترغيب ڏيارينداسين ته ثواب نه ملندو."

## انفرادي ڪوشش "نيڪي جي" دعوت جي روح آهي

مدينه 1: مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت جي روح "انفرادي ڪوشش" آهي جنهن مسلمان کي نيڪي جي دعوت پيش ڪرڻ جي لاءِ انفرادي ڪوشش ڪرڻي هجي ان جي لاءِ هي ذهن بڻايو وڃي ته مان جنهن سان ملڻ لڳو آهيان اهو هڪ مسلمان آهي، مسلمان چاهي ڪيترو گنهگار هجي پر ايمان جي دولت سان مُشرَّف هجڻ جي ڪري ان جو هڪ مرتبو آهي ۽ منهنجو ان سان ملڻ به الله عَزَّوَجَلَّ جي دين جي سر بلندي ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ آهي انهي نيت سان منهنجو ملڻ عبادت جو درجو رکي ٿو، جيڪڏهن انهن نيتن سان ملاقات ڪندو ته ان موقعي تي ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ رحمتن جو نزول ٿيندو ۽ برڪتون ملنديون، هڪ خاص مدني گل هي به ذهن ۾ رهي ته ان جي عيبن جي کوجنا ۾ نه پئو، ان جي عقل کان ماورا (يعني سمجهه ۾ نه اچي اهڙي) ڳالهه نه ڪيو ۽ مشڪل مسئلا بيان نه ڪيو .

# ”يا الله نرمي عطا ڪر“ جي 15 اکرن جي نسبت سان انفرادي ڪوشش جون 15 نيتون

انفرادي ڪوشش ڪندي حسب حال يعني موقعي مناسبت سان بيشمار نيتون ڪري سگهجن ٿيون، انهن مان 15 پيش آهن:

﴿1﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ انفرادي ڪوشش ڪيان ٿو ﴿2﴾ سلام ۽ سلام جي جواب کان پوءِ گرم جوشيءَ سان هٿ ملائيندس ﴿3﴾ صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! چئي درود شريف پڙهندس ۽ پڙهائيندس ﴿4﴾ جيئن ته سامهون واري جي چهري تي نگاهه رکي گفتگو ڪرڻ سنت ناهي تنهن ڪري ڪوشش ڪري هيٺ نگاهون ڪري ڳالهه ٻولهه ڪندس (هيٺ نگاهون ڪري نيڪي جي دعوت جو فائدو ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ ڪئي ڀيرا (يعني درجا) وڌي ويندا) ﴿5﴾ سنت تي عمل ڪرڻ جي نيت سان مسڪرائي ڪري ڳالهه ڪندس ﴿6﴾ ٺوڪبازي ۽ غير سنجيده گفتگو کان بچندس ﴿7﴾ سامهون واري جي نفسيات جي مطابق گفتگو جي ڪوشش ڪندس ﴿8﴾ مشڪل مسئلا بيان ڪري ان ڪي ڳڻتي ۾ نه وجهندس ﴿9﴾ بلا ضرورت موجوده سياست ۽ دهشت گردي وغيره جو تذڪرو نه ڪندس ﴿10 کان 12﴾ سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت، مدني قافلي ۾ سفر ۽ مدني انعامات تي عمل جو ذهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس ﴿13﴾ نئين اسلامي ڀاءُ کي هڪدم ڏاڙهي ۽ عمامي سجائڻ جي تاڪيد بدران نماز جي فضيلت وغيره ٻڌائيندس (ها جنهن سان ڳالهائي رهيا آهيو اهو ”شيوڊ“ آهي ظن غالب آهي ته ان کي ڏاڙهي وڌائڻ جو چوندس ته مڃي وٺندو ته ان کي ڏاڙهي ڪوڙائڻ کان منع ڪرڻ واجب ٿي ويندو، پر عام طور تي نون اسلامي ڀائرن تي ظن غالب هجڻ مشڪل هوندو آهي عمل جي جذبي جي ڪمي جو دور آهي نيئن اسلامي ڀائر کي ڏاڙهي رکڻ جو اصرار ڪرڻ تي ٿي سگهي ٿو آئنده اهو اوهان کان پاسو ڪري) ﴿14﴾ سامهون واري جو لهجو جيڪڏهن ناگوار يا طنز وارو هجي ته سمجهي وڃڻ جي باوجودان جو اظهار ڪرڻ بدران صبر ۽ نرمي سان عاجزي واري انداز ۾ ڳالهه جاري رکندس ﴿15﴾ جيڪڏهن

انفرادي ڪوشش جو سٺو نتيجو سامهون اچي ته الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم سمجهندس ۽ شڪر الٰهي بجا آڻيندس، ۽ جيڪڏهن ڪا ناخوشگوار ڳالهه ٿي ته سامهون واري کي سخت دل وغيره سمجهڻ بدران ان کي پنهنجي اخلاص جي گهٽتائي تصور ڪندس.

## مُبلغ جا اهم مدني گل

حوصلو وڏو رکڻ گهرجي، ناڪامي ته ڪنهن صورت ۾ ٿي ناهي ڇوته سٺي نيت جي صورت ۾ نيڪي جي دعوت تي مشتمل انفرادي ڪوشش وارو آخرت جي ثواب جو حقدار ته ٿي ئي ويندو آهي، حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي عليه رحمة الله الوالي نقل فرمائن ٿا: ڪنهن بزرگ پنهنجي فرزند کي نصيحت جا مدني گل عنايت ڪندي فرمايو: نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري کي گهرجي ته پنهنجو پاڻ کي صبر جو عادي بڻائي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان نيڪي جي دعوت تي ملڻ واري ثواب تي يقين رکي، جنهن کي ثواب جو پڪو يقين هجي ان کي هن مبارڪ ڪم ۾ تڪليف محسوس ناهي ٿيندي. (احياءُ العلوم ج 2 ص 410)

میں نیکی کی دعوت کی دُھومیں مچاؤں

بدی سے بچوں اور سب کو بچاؤں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسلسل انفرادي ڪوشش جو نتيجو

ضيا ڪوٽ (سيالڪوٽ پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه ائين آهي: نيڪي جي راهه تي هلڻ کان اڳ منهنجي حالت ڏاڍي خراب هئي، منهنجو سڄو وجود گناهن سان پريل هو، ماڻهن سان جهڳڙي جي لاءِ مون الڳ گروپ ٺاهي رکيو هو، منهنجي بدڪلامي ۽ فحش گوئي سان منهنجي اسڪول جا شاگرد، استاد ۽ هيڊ ماستر وغيره سڀ پريشان هئا، رستي تان لنگهندي بدنگاهي ڪرڻ منهنجو معمول هو، نه صرف عشق مجازي ۾ گرفتار هئس بلڪ مَعاذَالله اهڙين خراب حرڪتن جو

مرتڪب ھئس جنھن ڪي بيان ڪرڻ جي ھاڻي ھمت ناھي، شرعي معلومات سان ناواقف ھجڻ جي ڪري مان ايترو بہ نہ ڄاڻندو ھئس تہ فرض غسل ڪيئن لھي ٿو ۽ رَمضانُ المبارڪ ۾ وڏا وڏا گنھگار بہ پنھنجي گناھن جو سلسلو ختم ڪري اللہ عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مصروف ٿي ويندا آھن پر افسوس صد افسوس! مان رَمضانُ المبارڪ ۾ بہ بازارن جي زينت بڻندو ھئس، ۽ بدنگاھي جي ذريعي پنھنجي قلبِ سياھ جي تسڪين جو سامان ڪندو ھئس، منھنجون عيدون پارڪن ۽ 12 ربيع النُّور شريف جو مبارڪ ڏينھن بازارن ۽ مختلف تفريح گاھن ۾ گذرندو، جڏھن بسنت ايندي ھئي تہ سڄي رات پنھنجي گروپ سان بسنت ملھائڻ وارن جيان پيلو لباس پائي راڳ رنگ جي محفلن ۾ مشغول رھندو ھئس، اللہ عَزَّوَجَلَّ جي ياد ڪان غفلت جو ھي عالم ھو جو مھينن جا مھينا ٿي ويندا ھئا تہ مسجد جو رخ نہ ڪندو ھئس، منھنجو والد صاحب ھڪ نمازي ۽ پرھيزگار شخص ھو، اھي تمام گھڻي وعظ ۽ نصيحت ڪندا ھئا پر مون تي ڪو اثر نہ ٿيندو ھو، منھنجي گناھن جي نحوست ايتري گھڻي ھئي جو جيڪو منھنجي صحبت اختيار ڪندو ھو اھو بہ گناھن جو عادي ٿي ويندو ھو، پنھنجي انھن ڪارن ڪرتوتن جي سبب مان سڀني جي نظرن ۾ قابل نفرت بڻجي ويو ھئس، آخرڪار منھنجي قسمت ائين بدلي جو ھڪ ڏينھن مسجد جي ويجھو ڪان گذرندي ھڪ عاشق رسول مون کي نماز جي دعوت ڏني، منھنجي انڪار ڪرڻ تي ان اصرار ڪيو ۽ منھنجو ھٿ پڪڙي مون کي **محبت** سان مسجد ۾ وٺي ويا، جڏھن نماز ڪان فارغ ٿيس تہ ھڪ اسلامي ڀاءُ **درس** شروع ڪيو، مان بہ ان ۾ شريڪ ٿي ويس، درس جي دوران مون **اللہ عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۽ مغفرت جي باري ۾ حڪايتون** ٻڌيون تہ مون کي ڪجھ حوصلو مليو، درس ڪان پوءِ جڏھن اسلامي ڀائرن وڏي محبت واري انداز سان مون کي نيڪي جي دعوت ڏني تہ منھنجي دل جي دنيا بدلجي وئي، ڇو تہ عقل ۽ شعور اچڻ ڪان پوءِ منھنجي زندگي جو ھي پھريون موقعو ھو جو مون جھڙي قابل نفرت شخص کي ڪنھن ايڏي

محبت ڏني، مون تي انفرادي ڪوشش ڪرڻ واري پنهنجي هم عمر مبلغ سان پنهنجي گناهن جو افسانو بيان ڪيو ته ان رحمتن ڀري ڳالهين سان ڪجهه ائين حوصلو وڌايو جو منهنجي دل مطمئن ٿي وئي ته نه نه منهنجي لاءِ توبہ جو درواز بند ناهي ٿيو، الله عَزَّوَجَلَّ بخشڻ وارو مهربان آهي پوءِ مون پنهنجي سيني گناهن کان توبہ ڪئي، منهنجي زندگي جو ڦيريون ڏينهن هو جو مون ڦيريون ڀيرو پنج ئي نمازون ادا ڪيون، پوءِ سالاني امتحان کان پوءِ موڪلون ٿيون ته منهنجو هي معمول بڻجي ويو ته ان عاشق رسول سان صبح جو مسجد ويندو هئس ته تقريباً ٻارهن بجي تائين نماز جا مسئلا ۽ سنتون سکڻ سيکارڻ جو سلسلو جاري رهندو، ڪجهه عرصي کان پوءِ شيطان چال هلي ۽ مون کي ڪجهه اهڙن نادان دوستن جي صحبت ملي جنهن مون کي ان مبلغ دعوت اسلامي سان بدظن ڪري ڇڏيو، هاءِ! مان پنهنجي محسن ۽ خير خواهه کي پنهنجو دشمن ۽ بدخواهه سمجهي وينس ۽ هڪ عاشق رسول جون غيبتون ٻڌڻ جي ڪري سٺي صحبتون ڇڏي ڪري تقريباً هڪ سال تائين ٻيهر برن ماڻهن جي سنگت ۾ گرفتار ٿي ويس، ۽ ان دوران مان ٻيهر ساڳيون حرڪتون ڪرڻ لڳس، پر سرڪار غوث اعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الاكرم جي غلامي مقدر ۾ لکيل هئي، تنهڪري قسمت وري ساٿ ڏنو، ٿيو ائين جو هڪ ڏينهن فيڪٽري مان ڇٽي ڪري واپس موٽي رهيو هئس ۽ عادت مطابق پريشان نظري جو شڪار، بدنگاهي ۾ گرفتار، راهه هلندڙ ماڻهن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪندو وڃي رهيو هئس جو اوچتو منهنجي نظر سفيد لباس ۾ ملبوس، سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجائي، حيا سان پنهنجون نظرون جهڪائي پنهنجي طرف ايندڙ هڪ عاشق رسول تي پئي، ان جي چهري تي تقويٰ جو نور ڏسي مون کي پنهنجي گناهن تي ندامت ٿيڻ لڳي، مون ان سان ملاقات ڪئي ته اهي نهايت گرم جوشي سان مليا، انهن سان تعارف ٿيو ۽ پوءِ آهستي آهستي ان جي صحبت ۾ رهڻ لڳس، ان اسلامي ڀاءُ جي نمازن تي استقامت قابل رشڪ هئي، دعوت اسلامي جي باري ۾ منهنجو حسن ظن وري

قائم ٿي ويو، اهو اسلامي ڀاءُ مون کي بين الاقوامي سنتن ڀري اجتماع ۾ به پاڻ سان گڏ وٺي ويو، اجتماع کان واپسي تي منهنجي مٿي تي سفيد ٽوپي هئي، بعد ۾ عمامو به سجائي ورتو، ۽ هي سٽون لکڻ وقت اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه باب المدينه ۾ **قافلہ ڪورس** ڪري رهيو آهيان.

مُعترِف ہوں گناہ کرنے میں کوئی چھوڑی نہیں کَسَر آقا
پھنس گیا ہوں گُنہ کی دَلدَل میں ہو کرم شاہِ بَحر و بَر آقا
میں گنہگار ہوں مگر قرباں
تیری رحمت کی ہے نظر آقا (وسائل بخشش ص۳۵۰،۳۵۱)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! هر هر گناهه ۾ پوڻ وارو آخرڪار دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان سڌي راهه تي اچي ويو، يقيناً سيئي گناهه قابلِ ترڪ آهن انهن ۾ ڪا ڀلائي ناهي، گناهن کان بچڻ وارن جي حوصلہ افزائي ۽ پنهنجي عبادتن جي تعريف سان بچڻ جي تلقين تي مشتمل قرآني ”نيڪي جي دعوت“ ملاحظہ ٿئي دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن پاڪ ”**ڪنزالايمان مع خزائنُ العِرفان**“ صفحي 973 تي سيپاري 27 سُورَةُ النَّجم آيت نمبر 32 ۾ آهي:

اَلَّذِیْنَ یَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓىٕرَ الْاِثْمِ وَ الْفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَؕ اِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِؕ هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَ اِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِیْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْۚ فَلَا تُزَكُّوْۤا اَنْفُسَكُمْؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى۠ ﴿۳۲﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: جيڪي وڏن گناهن ۽ بيحيائين کان بچندا آهن مگر ايترو جو گناهه جي ويجهو ويا ۽ رڪجي ويا، بيشڪ تنهنجي رب جي بخشش ڪشادي آهي اهو توهان کي خوب ڄاڻي ٿو. توهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيائين ۽ جڏهن توهان پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ حمل (جي صورت) ۾ هُئا پوءِ توهان پنهنجي پاڻ واکاڻ نہ ڪيو اهو خوب ڄاڻي ٿو. جيڪي پرهيزگار آهن.

## آيت سڳوري جو تفسير

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عليه رحمة الله الهادي فرمائن ٿا: گناهہ اهو عمل آهي جنهن جو ڪرڻ وارو عذاب جو مستحق ٿيو، بهرحال گناهہ جا ٻہ قسم آهن صغيره ۽ ڪبيره، ڪبيره اهو جنهن جو عذاب سخت هجي ۽ ڪجهہ عالمن فرمايو تہ صغيره اهو جنهن تي وعيد نہ هجي، ڪبيره اهو جنهن تي وعيد هجي، ۽ فواحش اهي جنهن تي حد هجي. آيت شريف جي حصي "مگر ايترو جو گناهہ جي ويجهو ويا ۽ رڪجي ويا." جي تحت فرمائن ٿا: ايترو تہ ڪبيره جي بچڻ جي برڪت سبب معاف ٿي وڃي ٿو ان آيت جي حصي "بيشڪ تنهنجي رب جي بخشش ڪشادي آهي اهو توهان کي خوب ڄاڻي ٿو." شانِ نزول: هي آيت انهن ماڻهن جي حق ۾ نازل ٿي جيڪي نيڪي ڪندا هئا ۽ پنهنجي عملن جي واکاڻ ڪندا هئا ۽ چوندا هئا اسان جون نمازون، اسان جا روزا اسان جا حج. هن آيت جي حصي "پوءِ توهان پنهنجي پاڻ واکاڻ نہ ڪيو." جي تحت فرمائن ٿا: يعني فخر جي طور پنهنجي نيڪين جي واکاڻ نہ ڪيو ڇوتہ الله عزوجل پنهنجي ٻانهن جي حالتن کان واقف آهي، اهو انهن جي ابتدائي هستي کان آخري ايام (يعني شروع کان وٺي موت تائين) جا سيئي احوال ڄاڻي ٿو، هن آيت ۾ ريا، ڏيکاءُ، خودنمائي جي ممانعت فرمائي وئي آهي پر نعمتِ الٰهي جي اعتراف ۽ اطاعت ۽ عبادت تي خوشي ۽ شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ نيڪين جو ذڪر ڪيو وڃي تہ جائز آهي هن آيت جي حصي "اهو خوب ڄاڻي ٿو. جيڪي پرهيزگار آهن." جي تحت فرمائن ٿا: ۽ ان جو ڄاڻڻ ڪافي، اهو ئي جزا ڏيڻ وارو آهي ٻين تي اظهار ۽ نام نمود جو ڪهڙو فائدو! (خزائن العرفان ص 973)

## سڀ کان پيارا عمل

خَثعَم قبيلي جو هڪ شخص بارگاهِ نُبوّت ۾ حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو: اهي اوهان ئي آهيو جيڪي الله عزوجل جا رسول صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم هجڻ جي دعويٰ ڪيو ٿا؟ فرمايائون: ها، پڇا ڪئي: الله عزوجل جي ويجهو ڪهڙو عمل وڌيڪ پيارو آهي؟ ارشاد فرمايائون: الله عزوجل تي ايمان آڻڻ،

عرض ڪيو: پوءِ ڪهڙو؟ ارشاد ٿيو: صلهءِ رحمي (يعني رشتيدارن سان سهڻو سلوڪ) ڪرڻ، عرض ڪيو پوءِ ڪهڙو؟ ارشاد فرمايائون: نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ. (مجمع الزوائد ج 8 ص 277، حديث 13454، مسند ابي يعليٰ ج 6 ص 55 حديث 6804)

## اي ڪعبه! تنهنجي فضا ڪيڏي نه سٺي آهي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ افضل ۽ اهم ترين عمل ايمان آهي ۽ تمام نيڪ عمل جا اُخروي فائدا به ايمان تي خاتمي سان لاڳاپيل آهن، جيئن بخاري شريف ۾ آهي اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالْخَوَاتِيْمِ يعني اعمال جو دارو مدار خاتمي تي آهي. (بُخاري ج 4 حديث 6607) يقيناً جيڪو مسلمان آهي اهو خوش قسمت آهي، مسلمان جي فضيلت جي به ڇا ڳالهه ڪجي! شهنشاهِ مدينه، قرار قلب و سينه صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جن ڪعبي مُعَظَّم کي مخاطب ٿي ارشاد فرمايو: تون پاڻ ۽ تنهنجي فضا ڪيڏي پياري آهي، تون ڪيڏو نه عظمت وارو آهين ۽ تنهنجي حُرمت (يعني عزت) ڪيڏي عظيم آهي، ان پاڪ ذات جو قسم جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ محمد (صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم) جي جان آهي! الله عزوجل جي ويجهو هڪ مؤمن جي جان ۽ مال ۽ ان کان سٺو گمان رکڻ جي حرمت تنهنجي حرمت کان به وڌيڪ آهي. (ابن ماجه ج 4 ص 319 حديث 3932) جيڪو بدقسمت ايمان جي دولت کان محروم آهي ان کي آخرت ۾ ڪنهن قسم جي ڀلائي ۽ راحت نه ملندي اهو هميشه هميشه جهنم ۾ عذاب ڀوڳيندو رهندو جهنم جا احوال پڙهو ۽ ڏڄو جيئن ته

## جهنم جا دردناڪ احوال

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 853 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جہنم میں لے جانے والے اعمال" جلد پهريون صفحي 97 کان 98 تي آهي: امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر بن خطاب رضی اللہ تعالٰی عنہ (مشهور تابعي بزرگ) حضرت سيدنا ڪعبُ الاحبار رضی اللہ تعالٰی عنہ کي ارشاد فرمايو: اي ڪعب (رضی اللہ تعالٰی عنہ)! اسان کي ڪجهه ڊپ واريون ڳالهيون ٻڌائي! حضرت سيدنا ڪعب الاحبار رضی اللہ تعالٰی عنہ حڪم تي عمل ڪندي عرض ڪيائون: يا اميرالمومنين! جيڪڏهن اوهان قيامت جي ڏينهن ستر انبيائن جا اعمال

۾ آٽيو تڏهن ۾ محشر جا احوال ڏسي ان کي تمام گهڻ سمجهڻ لڳندؤ. اهو ٻڌي امير المومنين رضی اللہ تعالٰی عنہ ڪجهه دير جي لاءِ مٿو جهڪائي ورتو پوءِ جڏهن (رقت ۾) افاقو ٿيو (يعني ڪمي آئي) تہ ارشاد فرمايائون: اي ڪعب (رضی اللہ تعالٰی عنہ) وڌيڪ ٻڌايو، عرض ڪيائون: **يا اميرالمومنين**! جيڪڏهن جهنم مان ڍڳي جي ناسن جيترو حصو اوپر پاسي ڪوليو وڃي تہ اولهہ پاسي موجود شخص جو دماغ ان جي گرمي جي ڪري ٽهڪي ڪري وهي وڃي، ان تي اميرالمومنين (رضی اللہ تعالٰی عنہ) ڪجهه دير جي لاءِ مٿو جهڪاياڻون پوءِ جڏهن افاقو ٿيو تہ ارشاد فرمايائون: اي ڪعب رضی اللہ تعالٰی عنہ اڃا ٻڌايو! عرض ڪيائون: يا اميرالمومنين! قيامت جي ڏينهن جهنم ائين گرجندو جو ڪو مُقَرَّب فِرشتو يا نبي مُرسَل اهڙو نہ هوندو جيڪو گوڏن ڀر ڪري اهو نہ چوي: **رَبِّ! نَفۡسِي نَفۡسِي!** (يعني اي منهنجا رب! مان تو کان پنهنجي لاءِ سوال ڪيان ٿو) حضرت سيدنا ڪعب الاحبار رضی اللہ تعالٰی عنہ وڌيڪ ٻڌايو: جڏهن قيامت جو ڏينهن ايندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ اَوَّلِين ۽ آخِرين (يعني سيني اڳين پوين) کي هڪ ميدان ۾ جمع ڪندو، پوءِ فِرشتا نازل ٿي صفون ٺاهيندا ان کان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو: اي جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جهنم کي وٺي اچ تہ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جهنم کي ائين وٺي ايندا جو ان کي **ستر هزار لغامن** سان ڇڪيو ويندو، پوءِ جڏهن جهنم مخلوق کان **سؤ سالن جي فاصلي** تي رهجي ويندو تہ ايتري زور سان گرجندو جو مخلوق جون دليون هلجي وينديون، پوءِ جڏهن ٻيهر گرجندو تہ هر مُقَرَّب فرشتو ۽ نبي مُرسَل گوڏن ڀر ڪري پوندو، پوءِ جڏهن ٽيون ڀيرو گرجندو تہ ماڻهن جون دليون ڳچي تي اچي وينديون ۽ عقل گهبرائجي ويندا، ايستائين جو حضرت سيدنا **ابراهيم خليل الله** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪندا: يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! تنهنجو خليل هجڻ جي صدقي صرف پنهنجي لاءِ سوال ڪيان ٿو، حضرت سيدنا **موسيٰ ڪليم الله** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض گذار ٿيندا: ياالٰهي عَزَّوَجَلَّ! مان پنهنجي مُناجات جي صدقي صرف پنهنجي لاءِ سوال ڪيان ٿو، حضرت سيدنا **عيسيٰ روح الله** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪندا: ياالٰهي عَزَّوَجَلَّ! تو مون

ڪي جيڪا عزت ڏني آهي ان جي صدقي مان صرف پنهنجي لاءِ سوال ڪيان ٿو، ان مريم جي لاءِ به سوال نٿو ڪيان جنهن مون کي ڄڻيو آهي.(الزواجرُ عن اقتراف الكبائر ج 1 ص 49)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن روايت مان جهنم جي هولناڪين جو بخوبي اندازو لڳائي سگهو ٿا، هن روايت ۾ انبياءِ ڪرام علیہمُ الصّلوٰۃُ والسّلام جي خوف جو مقام بيان ڪيو ويو آهي، پر ياد رهي ته اهي حضرات معصوم آهن ۽ روايت ۾ بيان ڪيل صورت حال قيامت جي ڪجهه وقت ۾ هوندي نه ته انهن کي محشر ۾ ڪا تڪليف نه ٿيندي، بلڪ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي عنايت سان ماڻهن جي شفاعت فرمائيندا ۽ پاڻ وڏي مرتبن تي جلوه فرما هوندا.

مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے ہو مجھ ناتُواں پر کرم یاالٰہی
جَلا دے نہ مجھ کو کہیں نارِ دوزخ کرم بہرِ شاہِ اُمَم یاالٰہی
تُو عطّار کو بے سبب بخش مولیٰ
کرم کر کرم کر کرم یا الٰہی (وسائلِ بخشش ص۸۲،۸۳)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ خاموش رهڻ کان بهتر آهي

زبان جون آفتون بيشمار آهن ۽ ان کان بچڻ جو بهترين طريقو اهو ئي آهي ته **زبان جو قفل مدينہ** لڳايو وڃي يعني خاموشيءَ جي عادت بڻائي، البت جيڪو زبان جي غلطين کان بچڻ چاهي ٿو ۽ شريعت جي عين تقاضي مطابق ڳالهائڻ تي قدرت رکي ٿو ان جي لاءِ **نيڪي جي دعوت** ڏيڻ خاموشي کان افضل ترين عمل آهي جيئن ته خاتم المرسلين، رحمة للعٰلمين صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جو فرمان دلنشين آهي: جيڪڏهن توهان اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) ڪريو ته هي خاموش رهڻ کان وڌيڪ بهتر آهي.

(شعب الايمان ج 6 ص 92 حديث 7578)

## ثواب ملڻ جي اميد

حضرت سيدنا ابوالدَّرداء رضي الله تعالى عنه فرمائن ٿا: مان ٻين کي نيڪي جو حڪم ڏيان ٿو جيتوڻيڪ اهو ڪم نٿو ڪيان پوءِ بہ الله عَزَّوَجَلَّ وٽان اجر ملڻ جي اميد آهي. (ڪنزالعمال ج 3 ص270 رقم 8438) يعني جڏهن پاڻ ڪنهن کي نيڪ ڪم ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ مون کي اجر ملي ويو جيتوڻيڪ مان پاڻ اهو ڪم نٿو ڪيان.

## قبر جي روشني جو سامان

الله تبارڪ و تعاليٰ حضرت سيدنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: ڀلائي جون ڳالهيون پاڻ بہ سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو، مان ڀلائي سکڻ واري ۽ سيکارڻ واري جي قبرن کي روشن فرمائيندس تہ جيئن انهن کي ڪنهن قسم جي وحشت نہ ٿئي.

(حِليةُ الاولياء ج 6 ص 5 رقم 7622)

## مبلغن جون قبرون اِنْ شَاءَالله عَزَّوَجَلَّ روشن هونديون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان نيڪي جي ڳالهہ سکڻ سيکارڻ جو اجر ۽ ثواب جي خبر پئي، سنتن ڀريا بيان يا درس ڏيڻ وارن جا تہ ڀاڳ کلي ويندا. ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ انهن جون قبرون اندر کان روشن هونديون ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس نہ ٿيندو، انفرادي ڪوشش ڪندي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن، سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ فڪر مدينہ ڪري مدني انعامات جو رسالو روزانو پر ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ وارن ۽ سنتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪرڻ وارن ۽ مبلغن جي نيڪي جي دعوت ٻڌڻ وارن جون قبرون بہ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ حضور مُفِيضُ النّور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي نورٌ عليٰ نور هونديون .

قبر میں لہرائیں گے تاحشر چشمے نُور کے

جلوہ فرما ہوگی جب طلعت رسول اللہ کی (حدائقِ بخشش شریف)

مشڪل لفظن جي معنيٰ : طلعت: يعني چهرو، صورت، نظارو

شرح ڪلام رضا: عاشقان رسول! جهومي وڃو! جڏهن محبوب ربّ، تاجدار عرب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ

واٰلہٖ وسلّم پنهنجو نوراني چهرو چمڪائيندي مومن جي قبر ۾ جلوه فرما ٿيندا ته روشني ئي روشني ٿي ويندي ۽ قيامت تائين قبر ۾ نور جا چشما جاري رهندا.

اندھیرا گھپ اندھیرا ہے فِضا وَحشت کا ڈیرا ہے

کرم سے قبر میں تم آؤ گے تو روشنی ہوگی (وسائلِ بخشش ص ۲۸۰)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني مريض طبيب بڻجي ويو

حضرت سيدنا ابوبڪر شِبلي علیہ رحمۃ اللہ القوی هڪ ڀيري بيمار ٿي ويا، ماڻهن شِفا خاني ۾ داخل ڪرايو، سندن جي عقيدتمند وزير علي بن عيسيٰ جي درخواست تي بغداد جي خليفي شاهي درٻار جي نصراني (ڪرسچن) رئيسُ الاَطِبَّا (يعني ڊاڪٽرن جي سردار) ڪي پاڻ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جي علاج جي لاءِ موڪليو، ان وڏي توجه سان علاج ڪيو پر ڪو فائدو نه ٿيو، هڪ ڏينهن رئيسُ الاَطِبَّا چيو: اي شِبلي علیہ رحمۃ اللہ القوی! جيڪڏهن مون کي اها خبر پئجي وڃي ته منهنجي بدن جي ڪنهن ٽڪري ۾ اوهان جو علاج آهي ته اوهان جي لاءِ مون کي پنهنجو عضوو ڪٽڻ ۾ ڪو انڪار ناهي، حضرت سيدنا شِبلي علیہ رحمۃ اللہ القوی فرمايائون: منهنجو علاج اوهان جي عضوي ڪٽڻ جي مقابلي ۾ تمام آسان شيءِ آهي، ان پڇا ڪئي: اها ڪهڙي شيءِ آهي؟ فرمايائون ته تون پنهنجو زُنّار ڪٽي ڇڏ ۽ اسلام قبول ڪري وٺ، ان شاء الله عزوجل انهيءَ خوشي جي ڪري منهنجو مرض ختم ٿي ويندو، طبيب هڪدم زُنّار ڪٽيو، ڪُفر کان توبه ڪئي، ڪلمو پڙهيو ۽ مسلمان ٿي ويو، انهيءَ وقت حضرت سيدنا شِبلي علیہ رحمۃ اللہ القوی تندرست ٿي بيماري جي بستر تان اُٿي بيٺا، بغداد جي خليفي وٽ جڏهن هي خبر پهتي ان تعجب وچان چيائين: مون ته طبيب کي مريض وٽ موڪليو هو، مون کي ڪهڙي خبر ته مريض کي طبيب وٽ موڪلي رهيو آهيان. (روح البيان ج 2 ص 461)

الله عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## زُنّار ڇا کي چوندا آهن؟

مدني مُنا منا اسلامي ڀائرو! هڪ ڌاڳو هندو پنهنجي ڳچي ۽ بغل جي وچ ۾ ٻڌي رکن ٿا ان کي زُنّار يا جڻيو چوندا آهن اهڙي طرح اهو ڌاڳو يا زنجير جيڪي ڪرسچن، مَجوسي (يعني باهہ جا پوڄاري) ۽ يهودي پنهنجي چيلهہ تي ٻڌن ٿا ان کي زُنّار چئبو آهي، اَلحَمدللہ عَزَّوَجَلَّ هن حڪايت مان خبر پئي تہ اسان جا اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام نيڪي جي دعوت، خلق خدا جي هدايت ۽ اسلام جي اشاعت جا نهايت شيدائي هئا، ڪنهن غير مسلم جو اسلام قبول ڪرڻ سان انهن کي ايتري خوشي ٿيندي هئي جو خوشي جي ڪري سندن جون ڪڏهن ڪڏهن خطرناڪ بيماريون بہ ختم ٿي وينديون هيون .

مجھے تُم ایسی دو ہمّت آقا دوں سب کو نیکی کی دعوت آقا
بنا دو مجھ کو بھی نیک خصلت نبیِّ رحمت شفیعِ اُمّت (وسائلِ بخشش ص۱۹۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خليفو سُليمان روئي پيو

دمشق جو خليفو سُليمان بن عبدالملِڪ اُمَوي وڏي شان ۽ شوڪت وارو بادشاهہ هو، ان هڪ ڀيري مشهور مُحدِّث حضرت سيدنا امام طاؤس عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القُدُّوس کي دربار ۾ سڏ ڪرايو، پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه موقعو ملندي "نيڪي جي دعوت" ڏيندي استفسار فرمايائون (يعني پڇيو) **اي اميرالمومنين! ڇا اوهان کي خبر آهي سڀ کان وڏيڪ عذاب ڪنهن تي ٿيندو؟** خليفي چيو: اوهان فرمايو: تہ پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه هي حديث شريف پڙهي ٻڌائي: "جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجي سلطنت ۾ بادشاهي عطا فرمائي پوءِ ان ظلم ڪيو تہ ان شخص کي قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڏيڪ عذاب ڏنو ويندو" اهو ٻڌي خليفو خوف خدا کان ڏڪي پيو، ۽ اوڇنگاريون ڀري روئڻ لڳو ايستائين جو روئيندي روئيندي تخت تي سڌو ليٽي پيو، ان جا تمام درباري ان کي انهيءَ حالت ۾ ڇڏي هليا ويا. (مستطرف ج 1 ص 169)

## ماتحتن جي باري ۾ سيني کان پڇا ڪئي ويندي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان خبر پئي ته بيان جي تاثير جي لاءِ جيئن ٻڌڻ واري جو دل ۽ دماغ حاضر رکي ٻڌڻ ضروري آهي، ائين مبلغ جو به باعمل، اخلاص جو پيڪر، ۽ هر قسم جي حِرصَ ۽ ذاتي غرض کان پاڪ هئڻ به لازمي آهي، جتي اهي ٻئي شيون جمع ٿينديون، ان شاءالله عَزَّوَجَلَّ اتي بيان جو خوب اثر ظاهر ٿيندو ۽ جيڪڏهن انهن ٻنهي مان ڪا هڪ شيءِ به مفقود (يعني غائب) ٿي ته بيان جا ثمرات (يعني فائدا) ملڻ مشڪل آهن، هن حڪايت مان هي به خبر پئي ته بادشاهه جيڪڏهن ظلم ڪندو ته عذاب نار جو وڏيڪ حقدار بڻجندو، جيڪي ماڻهو اقتدار جا طلبگار رهندا آهن اهي هڪ طرح سان پنهنجي پاڻ کي تمام وڏي خطرناڪ غار ۾ اڇلائڻ جا طلبگار آهن، انهي ضمن ۾ به فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمايو: ﴿1﴾ جنهن کي رعايا جو ذميدار بڻايو ويو پوءِ ان رعايا جي خير خواهي نه ڪئي ته اهو جنت جي خوشبو به حاصل نه ڪري سگهندو. (بخاري ج 4 ص 456 حديث 7150) ﴿2﴾ توهان سڀ نگهبان آيو ۽ هر هڪ کان ان جي رعايا (يعني ماتحتن ۽ محڪوم ماڻهن) جي باري ۾ پڇيو ويندو، جنهن کي ماڻهن تي امير بڻايو ويو اهو نگهبان آهي، ان کان ان جي باري ۾ پڇيو ويندو، مرد پنهنجي گهروارن تي نگهبان آهي، ان کان گهر وارن جي باري ۾ سوال ٿيندو، عورت پنهنجي مڙس جي گهر ۽ ان جي اولاد تي نگهبان آهي، اها انهن جي باري ۾ جوابدي هوندي، غلام پنهنجي آقا جي مال جو نگهبان آهي ان کان ان جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ٿيندي، ٻڌي وٺو! توهان مان هر هڪ نگهبان آهي ۽ هر هڪ سان ان جي رعايا (ماتحتن ۽ محڪوم ماڻهن) جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ٿيندي. (صحيح بُخاري ج 2 ص 159 حديث 2554)

## اِقتِدار ملڻ تي روئڻ

هاڻي هڪ حڪايت ملاحظہ ڪريو جيڪا صاحب اقتدار جي لاءِ نهايت عبرت انگيز آهي، تاريخُ الخُلفا ۾ آهي: عطا بن اَبِي رَباح رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي

زوجہ محترمہ فاطمہ بنت عبدالملِک رضی اللہ تعالٰی عنہا مون کي ٻڌايو تہ جڏهن حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالٰی عنہ کي خلافت سونپي وئي تہ پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ پنهنجي گهر آيا ۽ مُصلّي تي ويهي ڪري آہ و زاري ڪرڻ لڳا ۽ ايترو رنا جو **ڏاڙهي مبارڪ ڳوڙهن سان آلي ٿي وئي،** مون عرض ڪيو: يا اميرالمؤمنين! اوهان ڇو روئي رهيا آهيو؟ فرمايائون: اي فاطمہ! مسلمانن جي نگراني ۽ انهن جي فلاح ۽ بهبود (يعني ڀلائي ۽ خير خواهي) جو سڄو بار منهنجي ڪُلهن تي رکيو ويو آهي، مان اگهاڙن، بکايلن، مريضن، مظلومن، قيدين، مسافرن، ضعيفن، ٻارن ۽ عيالدارن (يعني ٻارن ٻچن وارن) غرض تہ پنهنجي رعايا جي سيني مصيبت زدن جي خبر گيري جي باري ۾ غور ڪيان ٿو ۽ سوچيان ٿو ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ڪنهن هڪ جي باري ۾ بہ الله تعاليٰ مون کان پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ ان جو جواب نہ ڏئي سگهيس تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟ انهيء فڪر ۾ روئي رهيو آهيان. (تاريخ الخلفاء ص 471)

## انگور کائڻ کان بہ خوف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** افسوس! اڄڪلہ عام طور تي اقتدار جي ذريعي مال ۽ مَنال (يعني جائيداد ۽ مال) حاصل ڪيو ويندو آهي، پر ربّ ذوالجلال عزّوجلّ جي نيڪ ٻانهن جو حال ان کان مختلف هوندو آهي، خوف خدا سان مالا مال هجڻ جي سبب اهي اهڙن موقعن تي روئي روئي بي حال ٿي ويندا هئا، اهي حضرات سنڀالي سنڀالي قدم رکندا هئا ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي ڊڄندا هئا، حضرت سيدنا عَون بن مُعَمَّر رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جو بيان آهي تہ هڪ ڏينهن سيدنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالٰی عنہ پنهنجي گهرواريء رحمۃ اللہ تعالٰی علیہا کي فرمائڻ لڳا، فاطمہ! توهان وٽ هڪ دِرهم هجي تہ ڏيو، اڄ انگور کائڻ جي دل چوي ٿي، انهن عرض ڪيو: مون وٽ درهم ڪٿي! ڇا اوهان اميرالمومنين ٿي ڪري هڪ درهم جي حيثيت نٿا رکو؟ (بيقرار ٿي) فرمايائون: انگور نہ کائڻ ان کان وڌيڪ آسان آهي جو سڀاڻي جهنم جون زنجيرون پايان. (تاريخ الخلفاء ص 471) **الله عزّوجلّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمين بِجاہِ النَّبِيِّ الاَمين صلَّى اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

فرمانِ مصطفٰی صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

## انگور بابت حسابِ آخرت جو ڊپ

حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالٰی عنہ جو خوف خدا مرحبا! انگور بيشڪ حلال ۽ پاڪ آهن، پر الله عزوجل جي نعمت آهن ۽ قيامت جي ڏينهن هر نعمت جو حساب ڏيڻو پوندو، پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ آخرت جي خوف سبب انگور کائڻ کان رڪجي ويا، آهه! اڄ اسان وڏ کان وڏ لذيذ نعمتون کائيندا ۽ استعمال ڪندا آهيون ۽ وڌيڪ بهتر کان بهتر جي جستجو (يعني تلاش) ۾ رهندا آهيون، عمده کان عمده ترين گهر به ناڪافي محسوس ٿيندو آهي وڏي کان وڏو گهر (VILLA) حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهندا آهيون جڏهن ته 30 سيپاري سُوْرَةُ التَّكَاثُر جي آخري آيت خوفِ خدا رکڻ وارن ڪي بي قرار ڪري ڇڏيندي آهي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن پاڪ "ڪنزالايمان مع خزائن العرفان" جي صفحي 1118 ۾ ارشاد آهي:

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيمِ ﴿٨﴾
(پ ٣٠، التكاثر ٨)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي پڇا ٿيندي.

## آيت شريف جي تفسير ۾ ٽي حديثون

﴿1﴾ عِڪرمہ چيو : جڏهن هي آيت شريف نازل ٿي ته صحابہ ڪرام علیہم الرضوان عرض ڪيو: يا رسول الله صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم! اسان ڪهڙين نعمتن ۾ آهيون! اسان ڪي ته جَوَ جي ماني ۽ اها به صرف اڌ پيٽ نصيب ٿيندي آهي! وحي آئي: ڇا توهان جوتا نٿا پايو؟ ٿڌو پاڻي نٿا پيئو؟ اهي به نعمتون آهن. (تفسير درمنثور ج 8 ص 613) ﴿2﴾ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ، شير خدا کرم اللہ تعالٰی وجہہ الکریم ذڪر ڪيل آيت جي تفسير ۾ فرمايو: جنهن ڪڻڪ جي ماني کاڌي ۽ فرات جو ٿڌو پاڻي پيتو ۽ رهڻ جي لاءِ گهر به هجي ته هي اهي نعمتون آهن جنهن جي باري ۾ سوال ٿيندو. (ايضاً ص 612) ﴿3﴾ جليل القدر تابعي حضرت سيدنا امام مجاهد رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ هن آيت شريف جي باري ۾ فرمايو ته ان مان مراد هر لذت واري شيءِ آهي. (ايضاً)

سُوۡرَۃُ التَّکَاثُر جي ذڪر ڪيل آخري آيت شريف تحت صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي علیہ رحمۃ اللہ الہادی فرمائن ٿا: جيڪو الله تعاليٰ توهان کي عطا فرمايون صحت ۽ فراغ (يعني خوش حالي) ۽ امن، عيش ۽ مال وغيره جن مان دنيا ۾ لذتون حاصل ڪيو ٿا، پڇيو ويندو: اهي شيون ڪهڙي ڪم ۾ خرچ ڪيون؟ ان جو ڪهڙو شڪر ادا ڪيو؟ ۽ شڪر ادا نہ ڪرڻ تي عذاب ڏنو ويندو.

## نعمت جا ہِ قسم ۽ آخرت جا سوال

مُفَسِّر شهِير مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنّان سُوۡرَۃُ التَّکَاثُر جي آخري آيت شريف جي بيان ڪيل تفسير ۾ هي بہ آهي: **ڪسبي نعمت** (يعني پنهنجي ڪوشش سان حاصل ڪيل نعمت مثلاً مٺائيون لذيذ غذائون، ٿڌا شربت، عمده لباس دولت سلطنت وغيره) جي باري ۾ ٽي سوال ٿيندا (1) ڪٿان حاصل ڪيون (2) ڪٿي خرچ ڪيون (3) ان جو ڪهڙو شڪر ادا ڪيو؟ **وهبي نعمت** (يعني الله جون عطا ڪيل اهي نعمتون جنهن ۾ ٻانهي جي پنهنجي ڪوشش جو دخل نہ هجي، جيئن سج، چنڊ، هٿ، پير، اک، ڪن وغيره) جي باري ۾ آخري ٻہ سوال ٿيندا (يعني ڪٿي خرچ ڪئي؟ ان جو ڪهڙو شڪر ادا ڪيو؟) (نورالعرفان ص 966)

## هاءِ! عمده عمده غذائون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي خوف جي ڳالهہ آهي، اڄ اسان عمده کان عمده ترين غذائن ۽ نعمتن جا حريص بڻيل آهيون پر قبر ۾ جيئن جي غذا بڻجڻ ۽ آخرت جي حساب ۾ ڦاسڻ جي انديشي کي وساري ويٺا آهيون، اسان کي سڻي کان سٺو ۽ لذيذ ترين کاڌو گهرجي ۽ اهو بہ گرم هجي، هڪ تہ "عمده غذا" بذات خود نعمت ۽ ان جو گرم هجڻ نعمت در نعمت آهي، سادي چانهہ تي اسان جو گذارو بہ ناهي دودھ پتي ۽ اها بہ مٺي مٺي ۽ گرم گرم هجي، ائين اسان جي هڪ چانهہ بہ ڪيئي نعمتن جو مجموعو بڻجي ويندي آهي! ائين حلوا پوري، پيزا، پراٺا، ڪيئي قسم جون مٺايون، طرح طرح جا تازا ميوا ۽ خشڪ ميوا (يعني ڊرائي فروٽ) خوش ذائقہ فالوده، ٿڌا مٺا شربت، بادام پستن وارو شير خُرما، ٿڌيون بوتلون (COLD DRINKS)، آئسڪريم، ڪسٽرڊ، ڪباب

سموسا، گرما گرم پڪوڙا، تريل مڇي، تريل چانپون، تندوري ران، چڪن تڪو، سيخ ڪباب، برگر ۽ خبر ناهي ڇا ڇا اسان جو لالچي نفس طلب ڪندو ۽ کائيندو پيئندو آهي، جيتوڻيڪ ذڪر ڪيل تمام غذائون کائڻ حلال آهن پر ان تمام نعمتن تي قيامت جي ڏينهن سوالات ڪيا ويندا، ڪاش! اسان جو کائڻ پيئڻ نفس قابو ۾ اچي وڃي، ڪاش! سنيون سنيون نيتون نہ هجڻ جي صورت ۾ فقط تفريح ۽ صرف لذت حاصل ڪرڻ جي لاءِ کائڻ پيئڻ جي عادت ڪان اسان جي جان ڇٽي وڃي.

## مال کائڻ جا شوقين غور فرمائن

اسان ڪجهہ منٽن جي لذت خاطر ڪيترو وڏو خطرو برداشت ڪرڻ لاءِ بہ تيار هوندا آهيون، هن ڳالهہ کي هن روايت مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو جيئن، تہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 504 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”منهاج العابدين“ صفحي 141 تي حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی فرمائن ٿا: منقول آهي تہ بيشڪ موت جي سَڪرات جي شدت دنيا جي لذت مطابق آهي، تہ جنهن وڌيڪ لذتون حاصل ڪيون ان کي نزع ۾ تڪليف بہ وڌيڪ ٿيندي. (منهاج العابدين ص ۹۴)

## نزع جي سختين جي جهلڪ

نزع جي سختين جي جهلڪ ملاحظہ ٿئي جيئن تہ حضرت علامہ جلال الدين شافعي علیہ رحمۃ اللہ القوی نقل ڪن ٿا: موت دنيا ۽ آخرت جي هولناڪين مان سڀ ڪان وڌيڪ هولناڪ آهي، هي آرن جي چيرڻ ڪان، قينچين جي ڪٽڻ ڪان، ديڳڙين جي اُٻارڻ ڪان وڌيڪ آهي، جيڪڏهن مردو زنده ٿي ڪري موت جون سختيون ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏي تہ انهن جو عيش ۽ ننڊ سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويندو. (شرح الصدور ص 33)

کاش! کہ میں دنیا میں پیدا نہ ہوا ہوتا — قبر و حَشر کا ہر غم خَتم ہو گیا ہوتا
جاں کَنی کی تکلیفیں ذَبح سے ہیں بڑھ کر کاش! — مُرغ بن کے طیبہ میں ذَبح ہو گیا ہوتا
آہ! کثرتِ عِصیاں ہائے! خوف دوزخ کا — کاش! اِس جہاں کا میں نہ بَشر بنا ہوتا

شور اُٹھا یہ محشر میں خُلد میں گیا عطّار

گر نہ وہ بچاتے تو نار میں گیا ہوتا (وسائلِ بخشش ص۳۵۶،۳۵۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نعمت جي حساب جي باري ۾ 9 فرامين مصطفيٰ ﷺ

فاني لذتن کان پاڻ کي بچائڻ جو جذبو وڌائڻ ۽ دنياوي نعمتن سبب ٿيڻ واري آخرت جي حساب کان پاڻ کي ڊيڄارڻ جي لاءِ دل ڏڙڪائڻ وارا 9 **فرامين مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ملاحظہ ٿين: ﴿1﴾ جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ته الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن مان هڪ ٻانهي کي سڏ ڪري پنهنجي سامهون بيهاريندو ۽ ان کان ان جي شان ۽ مرتبي جي باري ۾ ائين سوال ڪندو جيئن ان جي مال جي باري ۾ سوال فرمائيندو. (المعجم الاوسط ج 1 ص 140 حديث 448) ﴿2﴾ ٻانهو ڪو قدم کڻندو آهي ته قيامت ۾ ان کان سوال ٿيندو ته اهو قدم ڇو کنيو؟ (تاريخ دمشق ج 6 ص 54) ﴿3﴾ قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهرين ٻانهي کان اهو سوال ٿيندو ته ڇا مون تنهنجو بدن تندرست نه رکيو هو؟ ڇا مون تو کي ٿڌي پاڻي سان ڍؤ نه ڪرايو هو؟ (تو ان جا حق ادا ڪيا يا نه؟) (المستدرڪ ج 5 ص 191 حديث 7285) ﴿4﴾ مالڪ ۽ مَملوڪ (يعني غلام) کي ۽ زوج (يعني مڙس) ۽ گهرواريءَ کي آندو ويندو پوءِ انهن کان حساب ٿيندو، ايستائين جو مرد کي چيو ويندو ته فلان فلان ڏينهن لذت سان پاڻي پيتو ۽ مڙس کي چيو ويندو ته فلان عورت کان ٻيا به نڪاح جا طلبگار هئا پر تو ان سان نڪاح چاهيو ته مون ان سيني کي ڇڏي ڪري ان جو نڪاح تو سان ڪري ڇڏيو (ڇا تو ان نعمتن جو حق ادا ڪيو؟) (مجمع الزوائد ج 10 ص 633 حديث 18390) ﴿5﴾ قيامت ۾ مؤمن کان هر عمل جو سوال ٿيندو ايستائين جو ان کان پنهنجي اکين ۾ سرمو وجهڻ جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو. (حلية الاولياء ج 10 ص 31) ﴿6﴾ ٻانهو جيڪو خطبو پڙهندو (يعني وعظ ۽ بيان ڪندو) آهي ان جي باري ۾ به ان کان سوال ٿيندو ته ان سان تنهنجو ڪهڙو ارادو هو؟ (الصمت موسوعة ابن ابي الدنيا ج 7 ص 294 حديث 514) (مبلِغ ۽ مقرِّر غور فرمائن ته بيان جو مقصد نيڪي

جي دعوت هئي يا بيان جي واڪاڻ ۽ واه واه جي طلب يا حصول شهرت يا دولت؟ ﴿7﴾ جيڪو شخص ڪنهن شيء ڏانهن سڏ ڪري قيامت جي ڏينهن ان کي ان جي دعوت (يعني سڏ ڪرڻ) سان گڏ بيهاريو ويندو، خواه هڪ ئي ماڻهو ڪي دعوت ڇو نه ڏني هجي! (ابن ماجه ج 1 ص 137 حديث 208) (هن روايت ۾ خلوص ڏانهن اشارو آهي مثلاً نيڪي جي دعوت صرف رضاءِ الٰهي لاءِ ڏني هئي يا ٻيو ڪو مقصد هو! انفرادي ڪوشش وارا مبلغ به غور فرمائن) ﴿8﴾ قسم ان ذات جو جنهن جي قبضهء قدرت ۾ منهنجي جان آهي! توهان کان جنهن نعمت جي باري ۾ قيامت جي ڏينهن سوال ڪيو ويندو اهو ٿڌو سايو ۽ عمده کجور ۽ ٿڌو پاڻي آهي. (ترمذي ج 4 ص 163 حديث 2376) ﴿9﴾ قيامت ۾ هر غني ۽ فقير (يعني هر غريب ۽ امير) آرزو ڪندو ته ڪاش! دنيا ۾ ان وٽ صرف قُوت هجي ها. (ابن ماجه ج 4 ص 442 حديث 4140) (قوت يعني صرف ايترو کاڌو هجي ها جنهن سان زندگي بچي سگهي ۽ بس)

## مال وڌيڪ وبال وڌيڪ مدينه

﴿1﴾ حضرت سيدنا عبدالله بن عَمِيره رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمايائون: جيترو مال وڌيڪ هوندو اوترو حساب وڌيڪ ٿيندو. (البدور السافرة في امور الآخرة ص 264) ﴿2﴾ حضرت سيدنا ابوذر رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمايائون: قيامت ۾ هڪ دِرهم واري جي مقابلي ۾ ٻه درهم واري جو حساب سخت هوندو. (الزهد للامام احمد بن حنبل ص 170 حديث 797) ﴿3﴾ جليلُ القدر تابِعي حضرت سيدنا مُعاويه بن قُرَّه رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمايائون: قيامت ۾ سڀ کان سخت حساب تندرست فارغ البال (يعني خوش حال) شخص کان ٿيندو. (تاريخ مدينه دمشق ج 59 ص 271)

صدقہ پیارے کی حیا کا کہ نہ لے مجھ سے حساب
بخش بے پوچھے لجائے کو لجانا کیا ہے (حدائقِ بخشش شریف)

**مشڪل لفظن جي معنيٰ:** **صدقه:** وسيلو، **بے پوچھے:** بي حساب **لجائے:** شرمندو، **لجانا:** شرمندو ڪرڻ.

**شرح ڪلام رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ هن شعر ۾ بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪري رهيا آهن: يااللہ عزوجل تو کي تنهنجي پياري حبيب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جي شرم ۽ حيا

جو واسطو! مون کي حشر ۾ پڇا ڳاڇا بغير ئي بخشي ڇڏ، مان ته پنهنجي گناهن تي پڇتائيان ٿي شرمندا آهيان منهنجي اعمال جو حساب وٺي وڌيڪ شرمندو نه فرما.

اِمتحاں کے کہاں قابل ہوں میں پیارے اللہ

بے سبب بخش دے مولٰی ترا کیا جاتا ہے (وسائلِ بخشش ص۱۲۶)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 سال تائين حساب ۽ ڪتاب

مدينه مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آخرت جي حساب ڪتاب جو معاملو نهايت سخت آهي، عبرت جي لاءِ هڪ حڪايت پيش ڪئي ٿي وڃي، پڙهو ۽ خوب فڪر آخرت ڪيو، جيئن حضرت سيدنا عبدالله بن عَمرو بن عاص رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا: ناظمِ نِظامِ اُمت، صاحبِ خوف و خشيّت، سردار ساڪنان جنّت، اميرالمؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ جي وصال کان پوءِ مون کي سندن جي اُخروي معاملات ڄاڻڻ جي شديد خواهش هئي، هڪ ڏينهن مون خواب ۾ هڪ محل ڏٺو ته پڇا ڪيَم: هي ڪنهن جو آهي؟ فرشتي ٻڌايو: "حضرت عمر بن خطاب رضی اللہ تعالٰی عنہ جو، ايتري ۾ وزيرِ حضور انور، ساڪنانِ جنّت جا سروَر، حضرت سيدنا عمر رضی اللہ تعالٰی عنہ انهيءَ محل مان ان حال ۾ تشريف وٺي آيا جو پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ تي هڪ چادر هئي جڻ هينئر غسل فرمايو هجي، مون عرض ڪيو: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ الله عزوجل اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنو: سٺو معاملو فرمايو، پوءِ مون کان پڇڻ لڳا: مون کي تو کان جدا ٿيندي ڪيترو عرصو گذريو آهي؟ مون عرض ڪيو 12 سال، فرمائڻ لڳا، هاڻي وڃي حساب ۽ ڪتاب مان فارغ ٿيو آهيان. (تاريخ مدينة دمشق لابن عساكر ج 44 ص 483) الله عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمين بِجاهِ النّبيِّ الْاَمين صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلم

تُو بے حساب بخش کہ ہیں بے شمار جُرم

دیتا ہوں واسطہ تجھے شاہِ حجاز کا (ذوقِ نعت)

اٰمين بِجاهِ النّبيِّ الْاَمين صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صحابهٖ ۾ سڀ کان مالدار صحابي جي حسابِ قيامت جو احوال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عدل ۽ انصاف جا پيڪر، پرهيزگارن جي آفسر، مُتّقين جا رهبر، حضرت سيدنا عمر رضی اللہ تعالٰی عنہ جي اها حڪايت اسان کي گهڻو ڪجهه سمجهائي رهي آهي، عَشَرَه مُبَشَّره مان روشن تارا حضرت سيدنا عبدالرَّحمٰن بن عَوف رضی اللہ تعالٰی عنہ جيڪي صحابهٖ ڪرام علیہم الرضوان ۾ سڀ کان وڌيڪ مالدار هئا، سندن جو سڄو مال يقيني طور تي حلال هو، ۽ ڪثرتِ مال غفلت شعاري بدران سندن جي لاءِ خشيتِ الٰهي جو سبب بڻجي ويو هو، سندن جي قيامت جي حساب جي حڪايت عبرت انگيز آهي، ملاحظه فرمايو: جيئن هڪ ڀيري سرڪار مدينه صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم صحابهٖ ڪرام علیہم الرضوان وٽ تشريف وٺي آيا ته فرمايائون: اي اصحاب محمد! اڄ رات الله تعاليٰ جنت ۾ توهان جا مڪان ۽ منزلون ۽ پڻ منهنجي مڪان کان ڪنهن جو مڪان ڪيترو پري آهي سڀ مون کي ڏيکاريا" پوءِ پاڻ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جليل القدر اصحابن جون منزلون الڳ الڳ بيان ڪرڻ کان پوءِ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضی اللہ تعالٰی عنہ کي فرمايائون: اي عبدالرحمٰن (مون ڏٺو) جو توهان مون کان گهڻو پري تي ويا آهيو ايستائين جو مون کي توهان جي هلاڪت جو خدشو ٿيڻ لڳو، پوءِ ڪجهه دير کان پوءِ توهان پگهر ۾ شل مون وٽ پهتا ته منهنجي پڇڻ تي توهان ٻڌايو: مون کي حساب ڪتاب جي لاءِ روڪي وٺڻ کان پوءِ مون کان پڇا ڳاڇا شروع ٿي وئي ته مال ڪٿان ڪمايو ۽ ڪٿي خرچ ڪيو؟ راوي چون ٿا: حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضی اللہ تعالٰی عنہ اهو ٻڌي روئي پيا ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم! اهي سؤ اُٺ جيڪي اڄ رات مصر مان تجارت جي مال سان آيا آهن، پاڻ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم کي گواهه بڻائي انهن کي مديني پاڪ جي غريبن ۽ يتيمن تي صدقو ڪيان ٿو. (تاريخ دمشق ج 35 ص 266) حضرت سيدنا عبدالرَّحمٰن بن عَوف رضی اللہ تعالٰی عنہ اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا اُمِّ سَلمه رضی اللہ تعالٰی عنہا جي خدمت ۾ عرض ڪيائون: مون کي

انديشو آهي ته مال جي ڪثرت ڪٿي (آخرت ۾) مون کي هلاڪت ۾ نه وجهي! انهن فرمايو: پنهنجو مال راهه خدا ۾ خرچ ڪندا رهو. (استيعاب في معرفة الاصحاب ج 2 ص 389)

## مالدارن جي لاءِ فڪر جو مقام آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيني قطعي حلال مال رکڻ واري، ۽ پنهنجو حلال مال پنهي هٿن سان راهه خدا ۾ لٽائڻ واري جي قيامت جي حساب جي ان ڏڪائيندڙ حڪايت تي نظر رکندي مالدارن کي غور ڪرڻ گهرجي ۽ قيامت جي هوش رُبا اهوال (يعني دهشتن ۽ گهبراٽن) کان ڊڄڻ گهرجي ۽ جيڪي ماڻهو صرف دنياوي حِرص جي ڪري مال جمع ڪندا پيا وڃن، ان جي لاءِ دربدر ڀٽڪندا پيا ڦرن، ۽ مال وڌائڻ جي نظام کي بهتر کان بهترين بڻائيندا پيا وڃن، انهن کي پنهنجي رَوِش تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪا صورت دنيا ۽ آخرت جي لاءِ بهتر هجي اها اختيار ڪرڻ گهرجي.

## مال ۽ دولت جي باري ۾ سٺيون سٺيون نيتون

حلال مال جمع ڪرڻ في نفسهٖ مباح (يعني نه ان ۾ ثواب آهي نه گناهه) جيڪڏهن ڪو علمِ نيّت رکڻ وارو ان جون سٺيون سٺيون نيتون ڪري چاهي حلال مال جي ذريعي ارب پتي بڻجي وڃي ته ان جو مال ان جي آخرت جي لاءِ نقصان ڪار ناهي، پر ياد رهي! رسمي طور زبان سان نيّت جا الفاظ ادا ڪرڻ کي نيّت نٿا چئي سگهون، نيت دل جي اُڀار ۽ پڪي ارادي جو نالو آهي يعني جيڪو نيت ڪري رهيو آهي اها ان جي دل ۾ اڳين موجود هجي جو مون کي 100 فيصد ڪرڙو ٿي ڪرڙو آهي، مال ۽ دولت جي باري ۾ نيت جي رغبت ڏياريندي حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِي فرمائن ٿا: مال وٺڻ ۽ ڇڏڻ، خرچ ڪرڻ ۽ روڪڻ ۾ نيت صحيح هجڻ گهرجي، مال انهيءَ ڪري حاصل ڪري ته عبادت تي مدد حاصل ٿئي، مال ڇڏڻو هجي ته زُهد (يعني دنيا مان بي رغبتي) جي نيت سان ۽ ان کي حقير سمجهي ڇڏي، جڏهن هي طريقو اختيار ڪندو ته مال جو موجود هجڻ ان کي نقصان نه پهچائيندو، انهيءَ ڪري اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات،

علي المرتضيٰ، شيرخدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمايو: "جيڪڏهن ڪو شخص سڄي روءِ زمين جو مال حاصل ڪري ۽ ان جو ارادو رضاءِ الٰهي جو حصول هجي ته اهو زاهد (يعني دنيا کان بي رغبت) آهي ۽ جيڪڏهن سڄو مال ڇڏي پر الله جي رضا مقصد نه هجي ته اهو زاهد ناهي." بس اوهان جا هر ڪم الله تعاليٰ جي لاءِ هجن، ۽ عبادت کان ٻاهر نه هجن يا عبادت تي مددگار هجن، جيڪي شيون عبادت کان وڌيڪ پري آهن اهو کاڌو کائڻ ۽ قضاءِ حاجت (يعني استنجا) آهي پر اهي بئي عبادت تي مددگار آهن جڏهن ان سان اوهان جو مقصد هي هوندو يعني عبادت تي قوت ۽ دل جمعي حاصل ڪرڻ جي نيت هوندي ته هي ڪم به اوهان جي حق ۾ عبادت ٿيندا، ائين اهي شيون جيڪي اوهان جون حفاظت ڪن ٿيون مثلاً قميص، شلوار (پاجامو) بستر ۽ برتن وغيره ته انهن سيني ۾ به سٺي نيت هجڻ گهرجي ڇوته دين جي سلسلي ۾ ان سيني شين جي ضرورت هوندي آهي ۽ جيڪو ڪجهه ضرورت کان وڌيڪ هجي انهن سان خلق خدا کي نفعو پهچائڻ جي نيت هجڻ گهرجي ۽ جڏهن ڪنهن شخص کي ضرورت هجي ته انڪار نه ڪري جيڪو شخص انهيءَ طرح جو عمل ڪندو ان مال جي نانگ (هتي مال کي نانگ سان تشبيه ڏني وئي آهي) کان ان جو (مفيد حصو) جوهر ۽ ترياق (زهر مهرو يعني زهر جي دوا جيڪو زهر لاهڻ جي ڪم ايندي آهي) به وٺي ورتو ۽ (ٻاڻ نانگ جي) زهر کان محفوظ (به) رهيو، اهڙي ماڻهو کي مال جي ڪثرت نقصان ناهي پهچائيندي، پر هي ڪم اهو ئي شخص ڪري سگهي ٿو جنهن جا قدم دين ۾ مضبوط هجن ۽ ان وٽ گهڻو علم هجي، امام غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي اڳتي مال ۽ دولت کان بچي ڪري رهڻ جي تلقين ڪندي فرمائن ٿا: جيئن نابين جو اکين واري وانگر جبلن جي چوٽي ۽ دريائن جي ڪناري پهچڻ ۽ ڪنڊيدار رستن تان گذرڻ ممڪن ناهي اهڙي طرح عام ماڻهو جو مال ۽ دولت جي آفتن کان بچڻ به ناممڪن آهي. (احياءُ العلوم ج 3 ص 325) مال ۽ دولت پرهيزگار ۽ گهڻو علم رکڻ وارو چاهي ته وٺي سگهي ٿو جو شريعت جي مطابق ان کي حاصل ۽ شريعت جي مطابق ان کي استعمال

ڪري سگھي ٿو ۽ مال جي آفتن کان پاڻ کي بچائي سگھي ٿو .

## زخمي دل وارو بزرگ

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی نقل ڪن ٿا: هڪ بزرگ روئي رهيو هو، ماڻهو ان جي چوڌاري جمع ٿي ويا ۽ ترس کائيندي ان کي چوڻ لڳا: الله عزّوجلّ اوهان تي رحم فرمائي، ڪهڙو مسئلو ٿيو آهي، ڇو روئي رهيا آهيو؟ فرمايائون: منھنجي دل ۾ هڪ زخم آهي جنھن کي خائفِين (يعني الله عزّوجلّ کان ڊڄڻ وارا ماڻهو) پنھنجي دل ۾ محسوس ڪندا آهن، ماڻهن عرض ڪيو: اهو زخم ڪهڙي طرح جو هوندو آهي؟ فرمايائون: ان پيشي جي خوف جو زخم جڏهن قيامت جي ڏينهن بارگاهِ الٰهي ۾ حساب ڪتاب جي لاءِ پيش ٿيڻ جو اعلان ٿيندو. (احياء العلوم ج 4 ص 230)

**الله عزّوجلّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلَّم

عیب دنیا میں تُو نے چھپائے ۔۔۔ حشر میں بھی نہ اب آنچ آئے
آہ! نامہ بُرا کُھل رہا ہے ۔۔۔ یا خدا تجھ سے میری دعا ہے (وسائلِ بخشش ص ۱۳۴)

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## نفرت محبت ۾ بدلجي وئي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلومات وڌائڻ، درست اسلامي عقيدا ذهن ۾ ويهارڻ، شيطان کي پري ڀڄائڻ، ايمانيات جي باري ۾ ايندڙ وسوسن کان جان ڇڏائڻ، غفلت جي ننڊ اڏائڻ، روحاني ڪيف ۽ سُرور حاصل ڪرڻ ۽ پنھنجو پاڻ کي باڪردار مسلمان بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول سان هردم وابسته رهو، ۽ پنهنجي هن مدني مقصد ”مون کي پنھنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻھن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي حصول خاطر پنھنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر مند رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، **سنتن** تي عمل

ڪندي مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي اِستِقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو ”فڪر مدينہ“ ڪري مدني انعامات جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهہ تاريخ جي اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو. پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو، چيچہ وطني (ضلع ساهيوال) جي هڪ اسلامي ڀاءُ غفلت جي وادي ۾ گذريل پنهنجي زندگي جي باري ۾ ڪجهه هيئن بيان ڪن ٿا: منهنجي زندگي خوب غفلت ۾ گذري رهي هئي، منهنجي اُجڙيل باغ ۾ رُشد ۽ هدايت جي بهار دعوت اسلامي سان وابستہ هڪ عاشق رسول جي بابرڪت صحبت سبب آئي، ان جي انفرادي ڪوشش مون کي دعوت اسلامي جي گهڻو قريب ڪري ڇڏيو ۽ مان مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس، جڏهن پهريون ڀيرو هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شريڪ ٿيس تہ مون اول کان آخر تائين بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هي سڀ ڪجهه مون کي سٺو لڳو پر جڏهن اجتماع ۾ شريڪ اسلامي ڀائر هڪ آواز ۾ ديوانہ وار ذڪر الله ۾ مصروف ٿيا تہ مون کي بي اختيار کِل آئي تہ هي ماڻهو ڇا چرين جيان شروع ٿي ويا آهن! (اَلعِيَاذُ بِالله) مان ان طرح جي چريائپ وارن وسوسن ۾ مگن هئس تہ اوچتو هڪ روحانيت جو اهڙو جهونڪو آيو جو آئون بہ خودبخود ذڪرالله ڪرڻ ۾ لڳي ويس ۽ ايترو مست ٿي ويس جو پنهنجي آس پاس جي خبر نہ رهي، دل تي عجيب ڪيف ۽ سُرور طاري ٿي ويو، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ ان ذڪر ۽ دعا جي برڪت سان منهنجي طبعيت ۾ سنجيدگي پيدا ٿي وئي ۽ اڳوڻن گناهن کان توبہ ڪري مان صلوٰة ۽ سنت جي راهہ تي گامزن ٿي ويس، مون چهري تي ڏاڙهي مبارڪ ۽ مٿي تي سبز سبز عمامي جو تاج سجائي ورتو، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ رمضان المبارڪ ۾ اجتماعي اعتڪاف جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي سعادت ملي، هاڻي منهنجي والد محترم بہ ڏاڙهي سجائي ورتي

آهي ۽ سڀ گهروارا سلسله عاليه قادريه رضويه ۾ داخل ٿي چڪا آهن، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي سٽون لکڻ وقت تائين مدني انعامات جي خادم جي حيثيت سان مدني ڪم ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان .

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو    اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کر دیا دیکھو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ نيڪ شخص جي سبب پاڙي جي 100 گهرن کان بلائون پري ٿين ٿيون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هي ڳالهه هميشه ياد رکو! جيڪڏهن اوهان مذهبي وضع قطع جا مالڪ آهيو ته سنجيدا رهو ۽ خوب مِلنسار بڻجي وڃو، اوهان جو مَنصب اهڙو آهي جو اوهان جي هڪ مسڪراهٽ ڪنهن جي ايندڙ نسل جي تقدير بدلي سگهي ٿي ۽ هڪ ٻيري جي بي رخي يا چڙڀ ڪنهن جي ايندڙ نسلن ڪي به مَعَاذَاللّٰه گمراهي جي کڏ ۾ اڇلائي سگهي ٿي، تنهنڪري هر ملڻ جلڻ واري سان نرمي نرمي ۽ نرمي سان پيش اچو ۽ ان کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ سُستي نه فرمايو، ڪهڙي خبر اوهان جي انفرادي ڪوشش ڪنهن جي سڄي خاندان جي اصلاح جو سبب بڻجي وڃي جيئن اوهان هينئر مدني بهار ۾ ملاحظ فرمايو ته جڏهن هڪ شخص تي انفرادي ڪوشش ڪارگر ٿي ته سڄي گهر کي ان جو فيضان پهچندو، سنن جي برڪتن جي ڇا ڳالهه ڪجي! دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل 853 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جہنم میں لے جانے والے اعمال" جلد پهريون صفحي 809 تي آهي: حسن اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجوَر، محبوب ربّ اڪبر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ نيڪ مسلمان جي ڪري ان جي پاڙي جي 100 گهرن تان بلائون پري ڪندو آهي پوءِ هي آيت شريف تلاوت فرمائي:

وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّفَسَدَتِ الْاَرْضُ (پ۲، البقرة:۲۵۱)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن ۾ هڪڙن سان ٻين کي دفع نه ڪري ته ضرور زمين تباهه ٿي وڃي ها.

(المعجم الاوسط للطبراني ج 3 ص 129 حديث 4080)

تُو نیکوں کا فیضان مولیٰ عطا کر

مُعاف فضل سے میری ہر اِک خطا کر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٽي مدني فيسون مدينه

الله عَزَّوَجَلَّ وارن جي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو انداز به نرالو هوندو آهي انهي ضمن ۾ هڪ حڪايت پڙهو ۽ عبرت حاصل ڪيو: حضرت سيّدنا حَاتِم اَصَمّ عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاكرم ڪي هڪ امير شخص بَاِصرار دعوت ڏني، پاڻ فرمايو: جيڪڏهن توهان منهنجا هي ٽي شرط مڃو ته ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ضرور ايندس. (1) مان جتي چاهيندس ويهندس (2) جيڪو چاهيندس کائيندس (3) جيڪو چوندس اهو اوهان کي ڪرڻو پوندو. مالدار اهي ٽئي شرط قبول ڪيا، ولي الله جي زيارت جي لاءِ تمام گهڻا ماڻهو گڏ ٿيا، پُر تڪلُّف طعام جو اهتمام ٿيو، مقرر وقت تي حضرت سيّدنا حَاتِم اَصَمّ عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاكرم جن به تشريف فرما ٿيا ۽ اچڻ سان ئي جتي ماڻهن جون جُتيون پيون هيون اتي ويهي رهيا ڇو ته شرط هيو، "جتي چاهيندس ويهندس" انهيءَ ڪري ميزبان ڪجهه نه چيو. ڪجهه دير بعد کاڌو شروع ٿيو ته ماڻهن بهترين کاڌن ڏانهن هٿ وڌائڻ شروع ڪيا. پر الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي پنهنجي جهولي ۾ هٿ وجهي سڪل ماني جو ٽڪرو ڪڍيو ۽ کائڻ لڳا. جڏهن طعام جو سلسلو ختم ٿيو ته پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ميزبان کي فرمايو: چُلهو ڪٿي اچو ۽ ان تي تئو رکو. حڪم تي عمل ڪيو ويو، جڏهن باهه جي تپش کان تئو ڳاڙهو لال ٿيو ته پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پيرين اگهاڙي ان تي بيهي رهيا، ماڻهن جون اکيون حيرت سبب کليل رهجي ويون. پوءِ پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمايو: "**مان اڄ جي کاڌي ۾ سڪل ماني کاڌي آهي.**" اهو چئي تئي کان هيٺ لهي آيا ۽ حاضرين کي فرمايائون: "هاڻي توهان هن تئي تي بيهي جيڪو ڪجهه هاڻي کاڌو آهي ان جو واري واري سان حساب ڏيو." سيني ماڻهن جون رڙيون نڪري ويون. هڪ آواز ٿي چوڻ لڳا: حضور! اوهان رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ته ولي الله آهيو ۽ هي اوهان رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي ڪرامت آهي. ڪٿي هي گرم گرم

تئو ۽ ڪتي اسان جا نازڪ پير! اسان ته گناهگار دنيا دار ماڻهو آهيون. پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیه فرمايو: ”اي انسانو! ان وقت کي ياد ڪيو جڏهن سج صرف سوا ميل پري هوندو، اڄ سج اسان کان ڪروڙين ميل پري آهي، هن وقت سج جو پويون رخ اسان جي طرف آهي، ان وقت سج جو اڳيون رخ اسان جي طرف هوندو، زمين باهه جي هوندي، ان ٽامي جي ٽهڪندڙ زمين تي غور ڪريو ۽ هن گرم تئي جي باري ۾ سوچيو! هي تئو جيڪو دنياوي باهه ۾ گرم ٿيو آهي هن جي تپش خداعزوجل جو قسم! ميدان قيامت جي باهه جي زمين جي مقابلي ۾ ڪجهه به ناهي. ان باهه جي زمين تي اوهان کي بيهڻو پوندو سُوْرَةُ التَّكَاثُر جي آخري آيت ۾ ربّ العِباد عزوجل ارشاد فرمائي ٿو:

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيمِ ﴿٨﴾
(پ۳۰، التكاثر ۸)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي پڇا ٿيندي .

”جڏهن توهان اڄ هن دنياوي گرم تئي تي بيهي صرف هڪ وقت جي ڪاڌي جو حساب نه ٿا ڏئي سگهو ته سڀاڻي قيامت جي ڏينهن توهان ۾ ڪهڙي ڪرامت پيدا ٿي ويندي جو ٽهڪندڙ زمين تي بيهي پوري زندگي جي نعمتن جو حساب چڪائيندؤ! هي رقت انگيز بيان ٻڌي ماڻهون رڙيون ڪري روئڻ ۽ گناهن کان توبه ڪرڻ لڳا. (تذكرة الاولياء الجزء الاول ص 222)

یاالٰہی! جب حسابِ خندۂ بے جا رُلائے چشمِ گریانِ شفیعِ مُرتَجٰی کا ساتھ ہو

یا الٰہی! جب بہیں آنکھیں حسابِ جُرم میں
اُن تبسُّم ریز ہونٹوں کی دعا کا ساتھ ہو (حدائقِ بخشش شریف)

**مشڪل لفظن جي معنيٰ:** تَبَسُّم ريز: مسڪرائڻ واري، خنده بي جا: فضول کِل، چشمِ گِريان: روئڻ واريون اکيون، شَفِيعِ مُرتَجيٰ: شفاعت ڪرڻ وارو جنهن سان اميدون رکيون وڃن.

**شرح ڪلام رضا:** حدائق بخشش جي مناجات جي ذڪر ڪيل ٻي شعر ۾ عرض ڪيو ويو

آهي: يا الله عَزَّوَجَلَّ محشر جي ڏينهن جڏهن منهنجي نافرمانين جو حساب مون کي خوفزده ڪري ۽ اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳن، اي ڪاش! ان وقت ڏکويلن دلين جي چين، سرورِ ڪونين، ناناءِ حسنين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مسڪرائيندڙ چپن جي دعا منهنجي لاءِ هجي، پهرين شعر ۾ عرض ڪيو ويو: ياالله عَزَّوَجَلَّ جڏهن آخرت جي ڏينهن منهنجي فضول ڪِلڻ جو حساب ڪتاب مون کي روئاري، ڪاش! ان وقت شفاعت ڪُبريٰ جو تاج پائڻ واري محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جنهن جي طرف اميدون وابسته ڪيون وينديون آهن اهو تشريف آڻي منهنجي شفاعت فرمائي. يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!

ہائے! پھر خندۂ بے جا مِرے لب پر آیا

ہائے! پھر بھول گیا راتوں کا رونا تیرا (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## محشر جي هولناڪ منظر ڪشي

مدينه ٣

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ولي ڪامل حضرت سيدنا حاتم اَصم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم ڪيڏي نه انوکي انداز ۾ آخرت جي حساب جي باري ۾ ”نيڪي جي دعوت“ پيش ڪئي! واقعي حشر ۽ نشر جا معاملا نهايت تشويشناڪ آهن، ان جو نقشو بيان ڪندي حُجَّةُ الْاِسلام حضرت سيّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي ڪيمياءِ سعادت ۾ فرمائن ٿا: (انسان) مرڻ کان پوءِ اهڙو بدبودار مردو ٿي ويندو جو سڀ ان کي ڏسي پنهنجا نڪ بند ڪري ڇڏيندا، ۽ اهو قبر ۾ جيت جڻين جي خوراڪ بڻجي ويندو ۽ پوءِ آهسته آهسته خاڪ ٿي ويندو جيڪا بلڪل حقير ۽ ذليل شيء آهي، البت مرڻ کان پوءِ اهو جانورن جيان خاڪ ٿي رهي ها ته غنيمت هو پر افسوس ائين نه ٿيندو ۽ هي خاڪ رهڻ واري دولت ان کي ميسر نه هوندي بلڪ قيامت ۾ ان کي قبر مان اٿاريو ويندو، هيبت ۽ دهشت جي مقام تي رکيو ويندو، ان وقت اهو آسمان ڏانهن ڏسندو ته اهي ڦاٽل آهن، تارا ڪريا پيا آهن، چنڊ ۽ سج بي نور ٿي چڪا آهن ۽ جبل ڪپهه جي ڳنڍڙي جيان مُنتَشِر آهن، زمين بدليل آهي، دوزخ جا فرشتا ڪمندون (يعني

ڦندا) اچلائي رهيا آهن، دوزخ گرجي رهيو آهي، فرشتو هر هڪ جي هٿ ۾ اعمال نامو ڏئي رهيو آهي، اهو تمام عمر ۾ جيڪي برا ڪم ڪيا انهن کي ڏسندو، هر هڪ پنهنجي گناهن کي پڙهي ڪري پريشان ٿي رهيو هوندو، ان کي چيو ويندو تہ اچ ۽ جواب ڏئي تہ تو ائين چو ڪيو؟ ائين چو چيو؟ چو ويٺين ۽ چو بيٺين؟ ڪيئن ڏٺئي ۽ چو سوچيو؟ جيڪڏهن مَعَاذَالله جواب نہ ڏئي سگهيو تہ ان کي دوزخ ۾ وڌو ويندو! ان وقت چوندو: ڪاش! مان خوڪ (يعني سوئر) يا سگ (يعني ڪتو) پيدا ٿيان هان تہ خاڪ ٿي وڃان ها، چوتہ اهي (جانور) ان عذاب کان محفوظ ۽ آزاد آهن، پس جيڪو شخص (بي عمل هجڻ جي صورت ۾) سوئر ۽ ڪتي کان بدتر آهي ان کي تڪبُّر ۽ فخر ڪرڻ ڪيئن جڳائي ٿو. (ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 717)

یاد رکھ ہر آن آخر موت ہے مت تُو بن انجان آخر موت ہے
پیشتر مرنے کے کرنا چاہئے موت کا سامان آخر موت ہے
بارہا عِلْمی تجھے سمجھا چکے
مان یا مت مان آخر موت ہے

## پيدا نہ ٿيڻ وارو قابل رشڪ آهي

مدينہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هاڻي تہ اسان پيدا ٿي چڪا آهيون، واپسي ناممڪن آهي، جيڪي اڃا دنيا ۾ نہ آيا ان جو انتظار ڪرڻ وارن يعني ٻي اولادن جي لاءِ غور ڪرڻ جو مقام آهي تہ انتظار ۾ ان جي ڇا نيّت آهي! دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 692 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”کفریہ کلمات کے بارے میں سوال و جواب“ صفحي 5 کان 6 تي ڏنل مضمون پنهنجي اندر گهڻي عبرت رکي ٿو جيئن لکيل آهي: اڄ دنيا ۾ جيڪو ٻي اولاد هوندو آهي اهو عام طور تي خوب دل جلائيندو ۽ ٻار جي لاءِ نہ ڄاڻي ڪهڙا ڪهڙا حيلا ڪندو آهي، جيڪڏهن ان جو مَطمَح نظر (يعني مقصدِ اصلي) فقط گهر جي زينت ۽ دنيا جي راحت آهي، حصول اولاد سان ان جو مقصد آخرت جي نفعي جي ڪا سٺي نيت ناهي، تہ اهڙو ٻي اولاد ماٺهو ڄاڻي واڻي ”ڪنهن جي

دنيا ۾ پيدا ٿيڻ ۽ وڏي امتحان ۾ مبتلا ٿيڻ جي آرزو ڪري رهيو آهي!“ منهنجي هي ڳالهه شايد اهو شخص سمجهي سگهي ٿو جيڪو ”بري خاتمي جي خوف“ ۾ مبتلا هجي، هڪ خائِف بزرگ حضرت سيدنا فُضَيل بن عِياض رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي فرمان جو خلاصو آهي: **مون کي وڏي وڏي نيڪ ٻانهي تي رشڪ ناهي ايندو جيڪو قيامت جي هولناڪين جو مشاهدو ڪندو، مون کي صرف ان تي رشڪ ايندو آهي جيڪو ”ڪجهه به نه“ هجي.** (يعني پيدا ئي نه ٿيو) (حِليۃُالاولياء ج 8 ص 93 رقم 11470 ملخصاً) **اميرالمومنين** حضرت سيدنا فاروق اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ خوف جي غلبي وقت فرمايائون: **ڪاش! مون کي منهنجي امان نه ڄڻي ها!** (الطبقات الکُبریٰ لابن سعد ج 3 ص 274) **اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجاهِ النَّبِیِّ الْاَمین صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم

## ڪاش! ڪه ميں دنيا ميں پيدا نه هوا هوتا

نزع جي سختين، قبر جي هولناڪين ۽ جهنم جي خوفناڪ وادين جو تصور ٻڌي خوف خدا کان ڏڪندي اشڪبار اکين سان هن ڪلام کي پڙهو

کاش! کہ میں دنیا میں پیدا نہ ہوا ہوتا — قبر و حشر کا ہر غم ختم ہوگیا ہوتا
آہ! سَلبِ ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے — کاش! میری ماں نے ہی مجھ کو نہ جَنا ہوتا
آکے نہ پھنسا ہوتا میں بطورِ انساں کاش! — کاش! میں مدینے کا اُونٹ بن گیا ہوتا
دو جہاں کی فکروں سے یُوں نجات مل جاتی — میں مدینے کا سچ مچ کُتّا بن گیا ہوتا
کاش! ایسا ہوجاتا خاک بن کے طیبہ کی — مصطَفٰے کے قدموں سے میں لپٹ گیا ہوتا
میں بجائے انساں کے کوئی پودا ہوتا یا — نَخل بن کے طیبہ کے باغ میں کھڑا ہوتا
گلشنِ مدینہ کا کاش! ہوتا میں سبزہ — یا بطورِ تنکا ہی میں وہاں پڑا ہوتا
جاں کنی کی تکلیفیں ذَبح سے ہیں بڑھ کر کاش! — مُرغ بن کے طَیبہ میں ذَبح ہوگیا ہوتا

شور اُٹھا یہ محشر میں خُلد میں گیا عطّار
گر نہ وہ بچاتے تو نار میں گیا ہوتا

## جيڪڏهن ڪاٻي هٿ ۾ اعمال نامو مليو ته ڇا ٿيندو!

مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي عبرت جو مقام آهي، اسان سيني کي گناهن کان بچڻ ۽ قيامت جي هوشربا حالتن تي سنجيدگي سان غور ڪرڻ گهرجي، جنهن ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ تمام مخلوق جي سامهون گناهن سان ڀريل اعمال نامو پڙهڻ جو حڪم فرمائيندو، هاءِ! ان وقت حشر جون خوفناڪ سختيون درپيش هونديون، اُڃ جي شدت جي ڪري زبان ٻاهر نڪتل هوندي، ٻڪ جي ڪري چيلهه چٻي ٿي وئي هوندي، جنت ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو هوندو، هر قسم جي راحت بند ڪئي وئي هوندي اهڙي تڪليف ده حالتن ۾ لکين ڪروڙن گناهن سان ڀريل اعمال نامو ڪيئن پڙهي ٻڌايو ويندو! هاءِ اسان اهو به نه ڄاڻندا هونداسين ته اعمال نامو اسان جي ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو يا ڪاٻي هٿ ۾، جنهن جي ڪاٻي هٿ ۾ اعمال نامو ڏنو ويندو ان جو ڇا ٿيندو؟ سيپاري 29 سُوْرَةُ الْحَآقَّه آيت نمبر 19 کان 37 ۾ اعمال نامي ڏيڻ جي ڪيفيت بيان ڪندي ارشاد الٰهي آهي، ترجمو ڪنزالايمان: ● پوءِ اهو جنهن کي سندس عمل نامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو اهو چوندو واجهو منهنجو عمل نامو ته پڙهو ● بيشڪ مون کي پڪ هئي ته مان پنهنجي حساب کي پهچندس ● پوءِ اهو دل وڻندڙ آرام ۾ آهي، ● بلند باغ ۾ ● جنهن جا گوشا جهڪيل هوندا ● کائو ۽ پيئو خوشگوار انعام انهي جو جيڪو توهان گذريل ڏينهن ۾ اڳتي موڪليو ● ۽ اهو جنهن کي سندس عمل نامو کاٻي هٿ ۾ ڏنو ويندو چوندو هاءِ جيڪر مون کي پنهنجو لکيو نه ڏنو وڃي ها ● ۽ نه مان ڄاڻان ها ته منهنجو حساب ڇا آهي ● هاءِ جيڪر موت ئي معاملو پورو ڪري ڇڏي ها ● منهنجي ڪنهن ڪم نه آيو منهنجو مال ● منهنجي سموري طاقت تباهه ٿي وئي (پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جهنم جي مقرر ٿيل فرشتن کي حڪم ڏيندو) ● هن کي پڪڙيو پوءِ ان کي ڳٽ وجهو ● پوءِ ان کي ڀڀي هڻندڙ باهه ۾ ڌڪي ڇڏيو ● پوءِ اهڙي زمين ۾ جنهن جي ماپ ستر هٿ آهي ان کي جڪڙي ڇڏيو ● بيشڪ اهو عظمت واري الله تي ايمان نه آڻيندو هو ● ۽ رغبت نه ڏيندو هو مسڪينن کي طعام کارائڻ جي ● پوءِ اڄ هتي ان جو نه ڪو دوست ناهي ● نه ئي ڪو کاڌو، مگر دوزخين جي پوڻ ● ان کي نه کائيندا مگر خطاڪار.

میزاں پہ سب کھڑے ہیں اعمال تُل رہے ہیں

رکھ لو بھرم خدارا عطّار قادِری کا (وسائلِ بخشش ص ۱۹۵)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فاروق ۽ مشتاق جي مزار جي مدني بهار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا ۽ آخرت جون ڀلائيون حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ کي قبر ۽ حشر جي هولناڪين کان بچائڻ جي ڪوشش جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، نيڪي جي دعوت جي مدني ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺو، مدني انعامات جي مطابق پنهنجي زندگي گذاريو، سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀري سفر جي ترڪيب بڻايو! اوهان جي ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو: گلزارِ طيبه (سرگودا پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو حلفيه (يعني قسم کڻي ڏنل) بيان جو خلاصو آهي: غالباً (1428ھ يعني 2006) مون کي پنهنجي هڪ عزيز سان صحراءِ مدينه باب المدينه (ڪراچي) ۾ دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جي مرحوم نگران، خوش اِلحان نعت خوان، بلبل روضهءِ رسول الحاج قاري ابوعُبيد مشتاق عطاري عليه رحمة الله البارى ۽ مرڪزي مجلس شوريٰ جي رڪن مفتيءِ دعوت اسلامي علامه مولانا الحافظ القاري الحاج ابو عمر محمد فاروق عطاري عليه رحمة الله البارى جي مزارِ پاڪ جي حاضري جي سعادت حاصل ٿي، منجهند جو وقت هو، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ عين بيداري جي عالم ۾ اسان ٻنهي کي حاجي مشتاق عطاري عليه رحمة الله البارى جي مزار پُر انوار مان اذانِ ظهر جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ آيو، پوءِ ڪجهه دير کان پوءِ مفتيءِ دعوت اسلامي جي آواز ۾ اِقامت ٻڌي پوءِ حاجي مشتاق صاحب جي تڪبير تحريمه ۽ ٻين تڪبيرن جي آواز کان اهو سمجهه ۾ آيو ته اهي مزار شريف ۾ امامت فرمائي رهيا آهن، جماعت ختم ٿيڻ کان پوءِ دعا جو آواز به صاف ٻڌڻ ۾ آيو، دعا ختم ٿيڻ کان پوءِ اسان کي خوشبو جي مهڪ محسوس ٿي، مان حيرت ۽ اچرج جي عالم ۾ گلزارِ طيبه جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ سان موبائل فون تي رابطو ڪيو، ۽ واقعو بيان ڪيو، ان تي هن مبارڪ باد ڏيندي، هن ايمان افروز

"مدني بهار" جي روشني ۾ الله تعالیٰ جي مقبول ٻانهن اولياء ڪرام رحمهم الله السلام جي تَصرُّفات ۽ اختيارات، ۽ دعوت اسلامي جي برڪتن کان آگاهه ڪيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عزوجل هي ٻُڌي مان جهومڻ لڳس، الله تعالیٰ جا ڪروڙين ڪروڙ شڪر جو ان مون ڪي هن نازڪ دؤر ۾ دعوت اسلامي جو مشڪبار مدني ماحول عطا فرمايو، مان دعاگو آهيان جو الله تعالیٰ مون ڪي دعوت اسلامي جي مدني ڪمن ۾ ڏينهن رات مصروف عمل رهندي سنتن ڀري زندگي گذارڻ ۽ ايمان ۽ عافيت سان مرڻ جي سعادت عطا فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم

دعوتِ اسلامی نے دنیا بھر میں دُھوم مچائی ہے
سارے جہاں میں عشقِ محمد کی خوشبو پھیلائی ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ثابت بُناني جو مزار ۾ نماز پڙهڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن مدني بهار مان خبر پئي ته دعوت اسلامي وارن تي پروردگار عزوجل ۽ مدني سرڪار صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جو بيحد ۽ بي شمار ڪرم آهي، الله عزوجل جي نيڪ ٻانهن جو مزار ۾ نماز پڙهڻ ڪا حيرت جي ڳالهه ناهي، اولياءِ ڪرام رحمهم الله السلام ڪان اهو ثابت آهي جيئن تابعي بزرگ حضرت سيدنا ثابت بُناني قدس سرہ النورانی دعا گهري: "اي الله عزوجل جيڪڏهن تون ڪنهن کي قبر ۾ نماز پڙهڻ جي اجازت ڏين ته مون کي به اجازت فرما" وفات کان پوءِ ڏٺو ويو ته پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ پنهنجي قبر ۾ نماز پڙهي رهيا آهن. (حِليةُ الاولياء ج 2 ص 362 رقم 2568)

## انبياء قبرن ۾ نماز پڙهندا آهن

انبياء ڪرام علیہم الصلوٰۃ والسلام به حيات آهن ۽ پنهنجي قبرن ۾ نماز پڙهندا آهن جيئن الله عزوجل جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم فرمائن ٿا: اَلْاَنْبِیَاءُ اَحْیَاءٌ فِیْ قُبُوْرِهِمْ یُصَلُّوْن يعني نبي زنده آهن ۽ پنهنجي قبرن ۾ نماز پڙهندا آهن. (مسند ابي يعلیٰ ج 3 ص 216 حديث 3412) حضرت سيدنا شيخ عبدالوَهّاب شعراني قدس سرہ النورانی فرمائن ٿا: سرڪار مدينه صلی اللہ

تعالٰی علیہ والہ وسلم پنهنجي قبر مبارڪ ۾ زنده آهن ۽ اذان ۽ اقامت سان نماز ادا فرمائن ٿا، ائين ٻيا انبياء ڪرام علیہم الصلوۃ والسلام بہ نماز ادا فرمائن ٿا.

(ڪشف الغمة عن جميع الامة الجزء الثاني ص 63)

چلو اچھا ہوا کام آ گئی دیوانگی اپنی — وَگرنہ ہم زمانے بھر کو سمجھانے کہاں جاتے
نہ جلتی شمع محفل میں تو پروانے کہاں جاتے — نہ ہوتا در نبی کا تو یہ دیوانے کہاں جاتے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## روضي انور ڪان اذان ۽ اقامت جو آواز

63 سن هجري ۾ واقعهءِ حُرّه پيش آيو جنهن ۾ ظالم يزيدين مديني منور زادھا اللہ شرفاً وتعظیماً تي چڙهائي ڪئي، 700 صحابہ ڪرام علیہم الرضوان ۽ وڏيڪ ٻين مسلمانن ڪي ملائي ڏهہ هزار ڪان وڌيڪ اصحاب شهيد ڪيا ويا، مديني وارن ڪي خوب لُٽيو ويو، هزارين باڪره (يعني ڪنواري) ڇوڪرين سان مَعاذَالله "ڏاڍائي" ڪئي وئي، مسجد نبوي شريف علی صاحبہا الصلوۃ والسلام جي ٿنڀن سان گهوڙا ٻڌيا ويا، ٽي ڏينهن تائين مسجد شريف ۾ ماڻهو نماز ڪان مُشرَّف نہ ٿي سگهيا، ان موقعي تي مشهور تابِعي بزرگ حضرت سيدنا سَعيد بن مُسَيّب رضی اللہ تعالی عنہ پنهنجي پاڻ ڪي ديوانو ٻڌائي اتي حاضر رهيا، يزيدي ماڻهن پاڻ رضی اللہ تعالی عنہ ڪي ديوانو سمجهي شهيد ڪرڻ ڪان رڪجي ويا، پاڻ رضی اللہ تعالی عنہ فرمائن ٿا: حُرّه جي ڏينهن ۾ ماڻهن جي واپس اچڻ تائين هميشہ نبي اڪرم صلی اللہ تعالی علیہ والہ وسلم جي قبر مبارڪ مان اذان ۽ اقامت جو آواز ٻڌندو هئس.

(دلائل النبوة لابي نعيم ج 2 ص 567 وغيره)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاہ امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمن حدائق بخشش شريف ۾ نقل ڪن ٿا:

تو زندہ ہے وَالله تُو زندہ ہے وَالله
مرے چشمِ عالم سے چُھپ جانے والے!

(يعني يارسول الله صلی اللہ تعالی علیہ والہ وسلم! الله جو قسم! اوهان زنده آهيو، خدا جو قسم! اوهان زنده آهيو، ظاهري اکين سان مون ڪي نظر نہ اچڻ وارا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مومن جي فراست کان ڊڄو

امام الطّائفہ حضرت سيدنا شيخ ابوالقاسم جنيد بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي فرمايائون: (منهنجا پير ۽ مرشد) حضرت سيدنا شيخ سَرِي سَقَطي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي مون کي فرمائيندا هئا تہ ماڻهن ۾ وعظ ۽ نصيحت ڪندو ڪر، پر مان پاڻ کي ان جو اهل نہ سمجهندو هئس انهيءَ ڪري همت نہ ٿيندي هئي، هڪ جمعي جي رات جو جنابِ رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ نوازش ڪري فرمايائون: "ماڻهن کي نصيحت ڪر" مان بيدار ٿيس ۽ صبح جو انتظار ڪرڻ بغير (پنهنجي پير روشن ضمير) حضرت سيدنا شيخ سَرِي سَقَطي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي جي خدمت ۾ حاضر ٿيس (منهنجي عرض ڪرڻ کان پهريان) انهن (غيب جي خبر ڏيندي) فرمايو: جيستائين سرڪار نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ نہ فرمايو توهان منهنجي چوڻ جو اعتبار نہ ڪيو، حضرت سيدنا شيخ جنيد بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي انهيءَ صبح کان جامع مسجد ۾ بيان شروع ڪري ڇڏيو، ماڻهن ۾ اها ڳالهہ فوراً ڦهلجي وئي تہ اڄ کان جنيد بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي بيان فرمائڻ لڳا آهن، هڪ ڏينهن ڪنهن نوجوان اجتماع ۾ ويهي ڪري سوال ڪيو، اي شيخ! ٻڌايو حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان ارشاد مبارڪ: اِتَّقُوْا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَاِنَّهٗ يَنْظُرُ بِنُوْرِ اللّٰه يعني مومن جي فراست کان ڊڄو ڇو تہ اهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نور سان ڏسندو آهي. (ترمذي ج 5 ص 88 حديث 3138) جو ڇا مطلب آهي؟ ان جو سوال ٻڌي ڪجهہ گهڙي جي لاءِ حضرت سيدنا شيخ جنيد بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي مٿو جهڪائي ورتو، پوءِ مٿو مبارڪ کڻي (غيب جي خبر ڏيندي) ارشاد فرمايو: اي نوجوان! تون نصراني (يعني ڪرسچن) آهين ۽ هاڻي تنهنجي مسلمان ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي، ايمان آڻ، اهو نوجوان جيڪو واقعي ڪرسچن هو اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ هي ڪرامت ڏسي انهي وقت مسلمان ٿي ويو. (روض الرياحين ص 157) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نگاہ ولی میں وہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## الله پنهنجي اولياء کي علم غيب عطا فرمائيندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت سان مبلغ جي مرتبي جي خبر پئي، سبحٰن الله! سيدنا شيخ جنيد بغدادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الهَادِي انڪساري سبب پاڻ کي نااهل تصور فرمائيندا هئا، حالانڪ اللهعَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ زبردست عالم هئا، سندن تي سڀ کان وڏيڪ ڪرم اهو ٿيو ته خواب ۾ تشريف ڪٺي رسول اَڪرم، رحمتِ عالم، نُور مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيان جو حڪم فرمايو، هن حڪايت مان خبر پئي ته منهنجا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رب عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان غيب جو علم رکندا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي خبر هئي ته جنيد بغدادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الهَادِي کي ان جا پير ۽ مرشد چئي رهيا آهن پوءِ به پاڻ بيان ڪرڻ کان گهٻرائي رهيا آهن، تنهنڪري پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف آڻي بيان جو حڪم صادر فرمايو، هي به خبر پئي ته فيضانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اوليائن کي به علم غيب حاصل آهي تڏهن ته حضرت سيدنا سري سقطي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القَوِي پنهنجي خاص مريد جو خواب ڄاڻي ورتو، ۽ حضرت سيدنا شيخ جنيد بغدادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الهَادِي به نصراني يعني ڪرسچن کي فراستِ ايماني سان سڃاڻي ڪري غيب جي خبر سان مالا مال انوکي انداز ۾ نيڪي جي دعوت عنايت فرمائي ۽ اهو ڪرامت ڀري نيڪي جي دعوت جي برڪت سان هٿو هٺ اسلام جي دامن ۾ اچي ويو.

## فِراست جي معنيٰ

حديث شريف ۾ "فِراست" جو ذڪر آهي ان جي معنيٰ به سمجهي وٺو، فِراست جي معنيٰ آهي: اللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي اوليائن جي دلين ۾ اها شيءِ وجهندو آهي جنهن جي ڪري انهن کي ڪجهه ماڻهن جي حالات جو علم ٿي ويندو آهي. (النهايہ ج 3 ص 383) سرڪار اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه

پنهنجي پياري پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علم غيب سان مالا مال نگاهه بي مثال جو عروج ۽ ڪمال جو بيان ڪندي خوب شعر لکيو آهي:

سرِ عرش پر ہے تری گزر، دلِ فرش پر ہے تری نظر

ملکوت و مُلک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

مشڪل لفظن جي معنيٰ: سر عرش: عرش جي مٿي، ملڪوت: فرشتن جي رهڻ جي جڳهه، عيان: ظاهر.

شرح ڪلام رضا: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرش ڪان مٿي ۽ فرش يعني زمين جي اندر جو سڀ ڪجهه اوهان جي سامهون آهي، دنيا ۽ جهان ۾ ڪا شيءِ اهڙي ناهي جيڪا اوهان تي ظاهر نه هجي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## منهنجي دوست جو خواب

مدينه مدينه مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! منهنجا مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غيب جون خبرون ڄاڻن ٿا، اچو ته! انهيءَ باري ۾ دعوت اسلامي ٻڌڻ ڪان پهريان جو ٻڌل ايمان افروز خواب ٻڌو: هڪ اسلامي ڀاءُ سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْه کي جيڪو ڪجهه ٻڌايو ان جو خلاصو آهي: مون کي خواب ۾ جناب رسالتِ مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي سعادت ملي، همت ڪري عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا اوهان کي علم غيب آهي“ ارشاد فرمايائون: ها، ان ڪان پوءِ سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قرآن جي هڪ آيت سڳوري ٻڌائي، سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ چپن ڪان تلاوت، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري آواز ۽ حروف جي ادائگي جو حُسنِ اُسلوب (يعني اکرن جي پنهنجي مخارج سان پيارو انداز) مرحبا! اهڙو پيارو ۽ مٺو آواز ۽ قراءت مون ڪڏهن نه ٻُڌي هئي. آيت شريف مون ڪان وسري وئي آهي، ها پر ايترو ياد آهي ته ان جي آخر ۾ لفظ ”بِضَنِين“ هو ان تي مون (يعني سگ مدينہ عُفِيَ عَنْه) سيپاري 30 سورةُ التَّكوير جي آيت نمبر ڏيل ٻارهن (24) ٻڌائي: وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ ﴿٢٤﴾ اهو اسلامي ڀاءُ چوڻ لڳو ها ها

هي آيت شريف هئي، سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه ان کي هن آيت شريف جو ترجمو ٻڌايو ۽ عرض ڪيو تہ يقيناً سرڪار مدينہ صَلَّی اللہ تعالی علیہ والہ وسلَّم کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۽ عنايت سان علم غيب آهي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت سان ڪو هن وسوسي ۾ نہ پوي تہ واهہ سائين! خوابن مان علم غيب ثابت ڪيو پيو وڃي، حالانڪ غير نبي جو خواب تہ حُجت (يعني دليل) ئي ناهي، سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه اقرار ڪري ٿو تہ واقعي هر مسئلو خواب سان حل ناهي ٿيندو، پر هتي خواب سان نہ، خواب ۾ عطا ڪيل جواب ۾ بيان ڪيل قرآني آيت مان علم غيب جو ثبوت پيش ڪيو پيو وڃي اها آيت شريف واقعي علم غيب تي دليل آهي، تنهنڪري هن آيت ۽ ان جو ترجمو ملاحظہ ٿئي:

وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ ﴿۲۴﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ هيءُ نبي غيب ٻڌائڻ ۾ بخيل نہ آهي.

(پ ۳۰ التڪوير ۲۴)

هن آيت شريف کان خبر پئي تہ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالی علیہ والہ وسلَّم غيب ٻڌائيندا آهن ۽ ظاهر (يعني UNDERSTOOD) آهي تہ ٻڌائيندو اهو جنهن کي علم هوندو، تہ بيشڪ ربُّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان رحمة للعٰلمين صَلَّی اللہ تعالی علیہ والہ وسلَّم علم غيب جي دولت سان مالا مال آهن، بارگاهہ رسالت ۾ عاشق ماهِ رسالت اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تعالی علیہ عرض ڪن ٿا:

اور کوئی غیب کیا تم سے نِہاں ہو بھلا
جب نہ خدا ہی چھپا تُم پہ کروڑوں دُرُود (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** يا رسول الله صَلَّی اللہ تعالی علیہ والہ وسلَّم اوهان جي شان جي ڇا ڳالهہ ڪجي! شب معراج بيداري جي حالت ۾ پنهنجي مبارڪ اکين سان پنهنجي پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو ديدار ڪيو، تہ ائين الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو غيبُ الغيب آهي اهو بہ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ تعالی علیہ والہ وسلَّم تي ظاهر ۽ آشڪار ٿي ويو تہ هاڻي ٻيو ڪو غيب پاڻ صَلَّی اللہ تعالی علیہ والہ وسلَّم کان ڪيئن لڪي سگهي ٿو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ ٺوڪر سان اُحُد جو زلزلو ختم ٿي ويو

"بخاري شريف" ۾ آهي: حضرت سيدنا انس رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينهٔ منوره، سردار مڪهٔ مڪرمه صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم حضرت سيدنا ابوبڪر صديق، حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم ۽ حضرت سيدنا عثمان غني رضی اللہ تعالٰی عنہم اُحُد جبل تي تشريف وٺي ويا ته اهو (خوشي وچان) لڏڻ لڳو، پاڻ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم ان کي ٺوڪر هڻي فرمايو: اُثْبُتْ اُحُدُ فَاِنَّمَا عَلَيْکَ نَبِيٌّ وَّصِدِّيْقٌ وَّشَهِيْدَانِ۔ اُحد! بيهي رهو تنهنجي مٿي هڪ نبي هڪ صديق ۽ ٻه شهيد آهن. (صحيح بُخاري ج 2 ص 524 حديث 3675)

ایک ٹھوکر میں اُحُد کا زَلْزلہ جاتا رہا

رکھتی ہیں کتنا وقار اللّٰہ اکبر ایڑیاں (حدائقِ بخشش شریف)

## مذڪوره حديث سان علم غيب ثابت ٿئي ٿو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بخاري شريف جي مذڪوره حديث شريف مان اَظْهَرُ مِنَ الشَّمْسِ وَاَبْيَنُ مِنَ الْاَمْسِ (يعني سج کان وڌيڪ روشن ۽ گذريل ڏينهن کان وڌيڪ قابل يقين) ٿيو ته اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم کي ربّ عزّوجلّ جي عطا سان علم غيب آهي، تنهنڪري ته پاڻ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جبل اُحد شريف کي ارشاد فرمايو ته تو تي هڪ نبي هڪ صديق ۽ ٻه شهيد آهن، ڪنهن جي باري ۾ ان جي حياتي ۾ هي خبر ڏيڻ ته هي شهيد آهي هي غيب جي خبر ناهي ته ٻيو ڇا آهي، هن حديث شريف تحت مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنان مِراٰة جلد 8 صفحي 408 کان 409 تي فرمائن ٿا: خبر پئي ته الله عزّوجلّ جا مقبول ٻانها سڀ خلقت (يعني شجر ۽ حجر دريا ۽ جبل سڀئي) جا محبوب (۽ پيارا) هوندا آهن، انهن جي تشريف آڻڻ سان سڀئي خوشيون ملهائن ٿا، انهن کي پٿر ۽ جبل به سڃاڻن ٿا، وڌيڪ فرمائن ٿا: هي به خبر پئي ته حضور صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم سڀني جي انجام (يعني سٺي يا بري خاتمي ٿيڻ) کان خبردار آهن تڏهن ته فرمايائون: ان مان ٻه صحابه شهيد ٿي وفات ڪندا.

(مِراٰة ج 8 ص 408)

رب کی عطا سے سب کچھ جانے دیکھے بعید وقریب
غیب کی خبریں دینے والا **اللّٰه** کا وہ حبیب

**اَللّٰــه اَللّٰــه، اَللّٰــه هُو، لَا اِلٰه اِلَّا هُو**

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## غيب چا کي چئبو آهي؟

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان "تفسير نعيمي" ۾ فرمائن ٿا: غيب جي (لفظي) معنیٰ آهي غائب يعني لڪيل شيء، اِصطِلاح (يعني مخصوص، مرادي معنیٰ) ۾ غيب اها شيء آهي جيڪا ظاهري باطني حواس (يعني محسوس ڪرڻ جي قوتن) ۽ عقل کان لڪيل هجي يعني نہ اک، نک، ڪن وغيره سان معلوم ٿي سگهي ۽ نہ غور و فڪر سان عقل ۾ اچي سگهي.(تفسير نعيمي ج 1 ص 121) مثلاً جنت اسان لاءِ هن وقت غيب آهي ڇوتہ ان کي اسان حواس (يعني اک، نک ، ڪن وغيره) سان معلوم ٿي نٿا ڪري سگهون، غيب اهو آهي جيڪو اسان کان پوشيدا هجي اسان ان کي پنهنجي حواسِ خمسہ يعني ڏسڻ، ٻڌڻ، سُنگهڻ، چکڻ، ۽ ڇُهڻ کان سواءِ نہ ڄاڻي سگهون ۽ غور و فڪر سان عقل ان کي معلوم نہ ڪري سگهي. (ملخص از تفسير بيضاوي ج 1 ص 116 وغيره)

## علمِ غيب جي باري ۾ امت جي اڪابرين جا قول

فيضان انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سان اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام کي بہ علم غيب عطا ڪيو ويندو آهي، انهيءَ باري ۾ امت جي اڪابرين جا قول ملاحظہ فرمايو: حضرت علامہ علي قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ البَارِي فرمائن ٿا: اسان جو عقيدو آهي تہ ٻانهو ترقي جا درجات پار ڪري صفت روحاني تائين پهچندو آهي ان وقت ان کي علم غيب حاصل ٿي ويندو آهي. (مرقاة المفاتيح ج 1 ص 128) وڌيڪ هڪ ٻي جڳهہ تي لکن ٿا: نورِ ايمان جي قوت وڌڻ سان ٻانهو حقائقِ اشياءَ (يعني شين جي حقيقتن) تي مطلع ٿيندو آهي ۽ ان تي نہ صرف غيب بلڪ غَيبُ الغَيب يعني غيب جو غيب بہ روشن ٿي ويندو آهي. (ايضاً ص 119)

امام ابن حَجَر علیہ رحمۃ اللہ الاکبر فرمائن ٿا: اولياء جي ڪنهن واقعي يا واقعات ۾ علم غيب حاصل ٿيندو آهي هي بلڪل درست آهي، ان مان ڪئي حضرات ڪان ائين ظاهر ٿي مشهور بہ ٿيو. (اعلام بقواطع الاسلام ص 359)

سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي امام حضرت سيدنا عزيزان علیہ رحمۃ الحنان فرمائيندا هئا: انهن اوليائن جي گروهہ ۾ زمين دسترخوان وانگر آهي. (نفحات الانس ص 387) يعني جيئن دسترخوان تي هر شيء نظر اچي ويندي آهي ائين زمين جي هر شيء انهن کي ڏسڻ ۾ ايندي آهي، حضرت خواجہ بہاءُ الحق والدين نقشبندي علیہ رحمۃ اللہ القوی هي قول نقل ڪري فرمائن ٿا: اسان چئون ٿا تہ (زمين انهن جي لاء) ننهن جي سطح جيان آهي، ڪا شيء انهن جي نگاهہ ڪان غائب ناهي. (ايضاً ص 387-388)

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنان تفسير نعيمي جلد 4 صفحي 371 تي "تفسير روحُ المعاني" جي حوالي سان لکيو آهي: ڪجهہ اهلِ ڪشف اولياء الله بہ غيوب (يعني غيبن) تي مُطّلع ڪيا ويندا آهن پر نبيءَ جي واسطي سان، بنا واسطي جي نہ. (روحُ المعاني ج 4 ص 475)

اسان جا غوث اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم "قصيده غوثيہ" ۾ فرمائن ٿا:

نَظَـرْتُ إلٰـى بِلَادِ اللّٰهِ جَمْعًـا ۔۔۔ كَـخَرْدَلَةٍ عَلٰـى حُكْمِ التِّصَالِىْ

(مون الله جي سيني شهرن کي ائين ڏسي ورتو جيئن رائي جا ڪجهہ داڻا پاڻ ۾ مليل هجن)

حضرت سيدنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي علیہ رحمۃ اللہ القوی "اَخبارُ الاَخيار" صفحي 15 تي حضور سيدنا غوث الاعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم جو هي ارشاد پاڪ نقل ڪيو آهي: جيڪڏهن شريعت منهنجي زبان تي لغام نہ لڳائي هئا تہ مان توهان کي ٻڌائي ڇڏيان ها تہ توهان گهر ۾ ڇا کاڌو آهي ۽ ڇا رکيو آهي، مان توهان جي ظاهر ۽ باطن کي ڄاڻان ٿو ڇو تہ توهان منهنجي نگاهہ ۾ آر پار نظر اچڻ واري شيشي وانگر آهيو.

حضرت مولانا روم علیہ رحمۃ اللہ القیوم مَثنوي شريف ۾ فرمائن ٿا:

لوحِ محفوظ اَست پیشِ اولیاء

اَزچہ محفوظ اَست محفوظ اَز خطا

(يعني لوح محفوظ اولياء الله جي اکين جي سامهون هوندي آهي جيڪا هر خطا کان محفوظ هوندي آهي)

شاهہ عبدالعزيز محدّثِ دهلوي علیہ رحمۃ اللہ القوی تفسير عزيزي ۾ "سُوْرَۃُ الْجِنّ" جي تفسير ۾ لکن ٿا: "لوح محفوظ جي خبر رکڻ ۽ ان جي تحرير ڏسڻ ڪجهہ اولياءَ الله کان بطريق تواتُر (يعني تسلسُل سان) منقول آهي."

## لوح محفوظ جي باري ۾ دلچسپ معلومات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هوش سنڀالڻ کان پوءِ تقريباً هر مسلمان لوح محفوظ جو نالو ٻڌي وٺندو آهي پر سيني کي لوح محفوظ جي باري ۾ معلومات هجي ضروري ناهي، اچو تہ! معلوم ڪيون ٿا تہ لوح محفوظ ڇا آهي. لوح محفوظ جو تذڪرو ڪندي الله تبارڪ و تعالٰي سيپاري 30 سُوْرَۃُ الْبُرُوْج آيت نمبر 21 ۽ 22 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِیْدٌ (۲۱) فِیْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ (۲۲)

**ترجمو ڪنزالايمان**: بلڪ اهو ڪمال شرف وارو قرآن آهي لوح محفوظ ۾

حضرت علامہ محمد بن احمد انصاري قُرطبي علیہ رحمۃ اللہ القوی تفسير قُرطبي جلد 10 صفحي 210 تي انهن آيتن جي تحت لکن ٿا: يعني قرآن ڪريم هڪ لوح تي لکيو ويو آهي جيڪو شيطان جي پُهچ کان ٻاهر آهي، الله عزّوجلّ وٽ محفوظ آهي، علماء ڪرام رحمھم اللہ السلام لکن ٿا: لوح محفوظ ۾ مخلوق جا سيئي قسم ۽ ان جي باري ۾ تمام معاملا مثلاً موت رِزق، اعمال ۽ ان جا نتيجا ۽ ان تي نافذ ٿيڻ وارن فيصلن جو بيان آهي. (تفسير قُرطبي ج 10 ص 210)

## لوح محفوظ ڪٿي آهي؟

حضرت سيدنا مُقاتِل رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمايو: لوح محفوظ عرش جي ساڄي پاسي آهي. (تفسير قُرطبي ج 10 ص 210)

فرمانِ مُصطفےٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

## لوح محفوظ سفيد موتين سان ٺهيل آهي

حضرت سيدنا ابن عباس رضی اللہ تعالٰی عنہما کان روايت آهي تہ الله عزّوجلّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم فرمايو: لوح محفوظ سفيد موتين سان ٺهيل آهي، ان جو قلم نور ۽ ڪتابت (يعني لکائي) بہ نور آهي. (ماخوذ از حلية الاولياء ج 4 ص 338 رقم 5767)

## سڀ ڪان پهريان لوح محفوظ ۾ ڇا لکيو ويو؟

حضرت سيدنا ابن عباس رضی اللہ تعالٰی عنہما فرمايو: الله عزّوجلّ سڀ کان پهرين شيء لوح محفوظ تي لکي تہ مان الله عزّوجلّ آهيان مون کان سواءِ ڪو عبادت جو مستحق ناهي! محمد (صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم) منهنجا رسول آهن، جنهن منهنجي فيصلي کي مڃيو ۽ منهنجي نازل ڪيل مصيبت تي صبر ڪيو ۽ منهنجي نعمتن جو شڪر ادا ڪيو تہ مون ان کي صديق لکيو آهي، ۽ ان کي صديقن سان گڏ اٿاريندس ۽ جنهن منهنجي فيصلي کي نہ مڃيو ۽ منهنجي نازل ڪيل مصيبت تي صبر نہ ڪيو ۽ منهنجي نعمتن جو شڪر ادا نہ ڪيو اهو منهنجي علاوه جنهن کي چاهي پنهنجو معبود بڻائي وٺي. (تفسير قرطبي ج 10 ص 210)

## توهان نفس جي پويان لڳي ويا آهيو!

حَجّاج بن يوسف حضرت سيدنا محمد بن حَنَفِيہ رضی اللہ تعالٰی عنہ کي ڌمڪين وارو خط موڪليو تہ پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ جواب ۾ لکيو: مون تائين اها روايت پهتي آهي تہ الله عزّوجلّ هر ڏينهن لوح محفوظ تي ٽي سؤ سٺ ڀيرا نظر فرمائيندو آهي ۽ اهو عزت ۽ ذلت ڏيندو آهي، تنگي ۽ فراخي (يعني ڪشادگي) فرمائيندو آهي ۽ اهو جيڪو چاهي ڪندو آهي شايد ان نظرن مان هڪ نظر تو کي تنهنجي نفس سان اهڙو مشغول ڪري ڇڏيو آهي جو تون ان مان فراغت ئي نٿو پائين. (تفسير قرطبي ج 10 ص 210)

## قيامت تائين ٿيڻ واري هر ڳالهہ لوح محفوظ ۾ لکيل آهي

حضرت سيدنا ابن عباس رضی اللہ تعالٰی عنہما فرمايو: الله عزّوجلّ لوح محفوظ کي پيدا فرمايو، ان جي ڊيگهہ هڪ سؤ سال جي مَسافت (يعني مفاصلي، دوري) هئي پوءِ ان

مخلوق کي پيدا ڪرڻ کان پهريان قلم کي فرمايو تہ منهنجي مخلوق جي باري ۾ منهنجو علم لکي ڇڏ، پس ان قيامت تائين ٿيڻ وارو سڀ ڪجھ لکي ڇڏيو.
(العظمة لابي الشيخ ص 86 رقم 223)

## "لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ" جي گواهي ڏيڻ وارو جنت ۾ داخل ٿيندو

حضرت سيدنا انس رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، دانائِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الْعُيُوب صلّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ لوح محفوظ ۾ لکيو: "اِنِّیْ اَنَا اللّٰہُ لَآ اِلٰہَ اِلَّآ اَنَا" بيشڪ مان الله عَزَّوَجَلَّ آهيان ۽ مون کان سواءِ ڪو معبود ناهي مون تي سؤ ڏھ کان ڪجھ وڌيڪ (قسمن جي) مخلوق پيدا فرمائي، ان مان جنهن مخلوق بہ هي شهادت ڏني "لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہ" اها جنت ۾ داخل ٿيندي. (تفسير دُرمنثور ج 8 ص 472)

## جنت جو حقدار ڪير؟

حضرت سيدنا ابن عباس رضی اللہ تعالٰی عنہما فرمايو: لوح محفوظ تي لکيل آهي الله عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ڪو معبود ناهي، ان جو دين اسلام آهي ۽ محمد (صلّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم) ان جا خاص ٻانها ۽ رسول آهن، جنهن ان تي ايمان آندو ۽ ان جو واعدو سچو ڪيو ۽ ان جي رسولن جي اتباع (يعني پيروي) ڪئي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو. (تفسير بغوي ج 4 ص 441)

عجب نہیں کہ لکھا لوح کا نظر آئے
جو نقشِ پا کا لگاؤں غبار آنکھوں میں (سامانِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پٽ پيدا ٿيڻ جي بشارت

حضرت شاہ وليُّ الله مُحَدِّثِ دهلوي علیہ رحمۃ اللہ القوی فرمائن ٿا تہ منهنجا والد محترم حضرت شاہ عبدالرحيم علیہ رحمۃ اللہ الکریم فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيري حضرت سيدنا خواجہ قطبُ الدّين بختيار ڪاڪي علیہ رحمۃ اللہ الباقی جي مزار منور جي زيارت جي لاءِ ويس، انهن جو روح مبارڪ ظاهر ٿيو ۽ فرمايو: توهان جو هڪ پٽ پيدا ٿيندو ان جو نالو قطب الدين احمد رکجو. جيئن تہ گهرواريءَ پوڙهي ٿي چڪي هئي ان ڪري مون خيال ڪيو شايد ان ارشاد سان

مراد پٽ جو پٽ يعني پوٽو هجي، حضرت سيدنا خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي عليه رحمة الله الباقي منهنجي انهي دلي خيال تي فوراً مُطّلع ٿي ويا ۽ فرمايائون: منهنجي هي مراد نہ آهي بلڪ اهو فرزند اوهان جي صُلب (يعني پُٺ) مان ٿيندو، شاه وليُّ الله رحمة الله تعالى عليه وڏيڪ فرمائن ٿا: والد محترم هڪ عرصي کان پوءِ ٻي عورت سان عَقد (يعني نڪاح) فرمايو تہ هي ڪاتِبُ الحُرُوف فقير وليُّ الله پيدا ٿيو، شروع ۾ اهو واقعو ياد نہ رهيو تہ "وليُّ الله" نالو رکيو ويو ۽ ڪجھ عرصي کان پوءِ ياد آيو تہ پيو نالو (حضرت سيدنا خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي عليه رحمة الله الباقي جي فرمان مطابق) قطب الدين احمد رکيو. (انفاس العارفين ص 79) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم

## پهرين خيال تي ڇو نہ نڪتؤ؟

الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان حضرت سيدنا شيخ جنيد بغدادي عليه رحمة الله الهادي دلين جا حال ڄاڻي وٺندا هئا جيئن حضرت سيدنا خيرُ النّساج رحمة الله تعالى عليه فرمائن ٿا: مان پنهنجي گهر ۾ هيس تہ دل ۾ خيال آيو تہ حضرت سيدنا شيخ جنيد بغدادي عليه رحمة الله الهادي دروازي تي تشريف وٺي آيا آهن پر مون ڏيان هٿائي ڇڏيو وري ٻئي ڀيري ۽ ٽئين ڀيري بہ اهو ئي خيال آيو، (ٻاهر) نڪتس تہ واقعي پاڻ رحمة الله تعالى عليه در تي هئا، مون کي فرمايائون: **پهرين خيال تي ڇو نہ نڪتؤ!** (رسالہ قشيريه ص 274)

سُبحٰن الله! ڏٺو اوهان! حضرت سيدنا شيخ **جُنيد بغدادي** عليه رحمة الله الهادي غيب جي خبر ارشاد فرمائي تہ پهرين خيال تي ڇو نہ نڪتؤ! جڏهن اوليائن جي علم غيب جو هي حال آهي تہ **مَدَني مٺي مصطفيٰ ڪريم** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي علم غيب جو ڇا تہ مقام ۽ مرتبو هوندو! حضرت سيدنا امام بوصيري عليه رحمة الله القوي پنهنجي جڳ مشهور "قصيده بُرده شريف" ۾ عرض ڪندا آهن:

فَاِنَّ مِنْ جُوْدِكَ الدُّنْيَا وَضَرَّتَها وَمِنْ عُلُوْمِكَ عِلْمَ اللَّوحِ وَالْقَلَمِ

(يعني يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم! دنيا ۽ آخرت ٻئي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي جود ۽ بخشش مان هڪ حصو آهي ۽ لوح ۽ قلم جو علم (جنهن ۾ تمام مَا كَانَ وَمَا يَكُوْن يعني جيڪو ٿيو ۽ جيڪو ٿيندو سڀ لکيل آهي) اوهان جي علم جو ئي حصو آهي.

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بارگاهِ رسالت ۾ عرض گذار آهن:

خدا نے کیا تجھ کو آگاہ سب سے    دو عالَم میں جو کچھ خفی و جلی ہے

کروں عرض کیا تجھ سے اے عالم السِّر    کہ تجھ پر مری حالتِ دل کھلی ہے

**شرح ڪلام رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهن شعرن ۾ فرمائن ٿا: (1) يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ٻنهي جهانن ۾ جيڪو ڪجهه خُفي ۽ جَلي (يعني لڪيل ۽ ظاهر) آهي الله تعاليٰ ان ڪان اوهان کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي (2) اي عالم السِّر (اي لڪيل حالتن کي ڄاڻڻ وارا!) اوهان سان ڇا عرض ڪيان اوهان تي تہ منهنجي دل جي سڄي حالت ظاهر آهي.

گرداب بلا میں پھنس کے کوئی طیبہ کی طرف جب تکتا ہے

سلطانِ مدینہ خود آکر بگڑی کو بنایا کرتے ہیں

علم غيب جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ رسالو خَالِصُ الاِعْتِقَاد (فتاويٰ رضويہ ج 29 صفحي 411 کان 483) اَلْكَلِمَةُ الْعُلْيَا (صَدرالافاضل حضرت مولانا نعيم الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي) جاءَ الحق (از: حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان) جو مطالعو بيحد مفيد آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وفات کان پوءِ بہ نيڪي جي دعوت

سليمان عُمري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي چون ٿا تہ مون حضرت ابو جعفر قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي کي وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو، فرمائي رهيا آهن: منهنجي ڀائرن کي منهنجو سلام پهچائي ڇڏجو ۽ چئجو تہ منهنجي رب عَزَّوَجَلَّ مون کي شهيدن جو درجو عطا فرمايو آهي ۽ ٻنهنجي طرفان رزق عنايت فرمايو آهي ۽ ابوحازم کي منهنجي طرفان سلام چئجو ۽ چئو تہ هوش ڪر ۽ سمجهداري کان ڪم وٺي چوتہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا فرشتا تنهنجي رات

جي مجلسن کي ڏسندا آهن. (كتاب المنامات مع موسوعة الامام ابن ابي الدنيا ج 3 ص 153 رقم 321)

## هڪ هزار رڪعت نماز کان افضل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت کان خبر پئي ته حضرت سيدنا ابو جعفر قاري عليه رحمة الله القوي کي پنهنجي وفات کان پوءِ "ابوحازم" جي صحبتن جي به خبر هئي ۽ بظاهر ائين لڳي ٿو ته "ابوحازم" رات جو بري صحبتن ۾ ويهندا هوندا انهيءَ ڪري سلام ۽ پيام جي ذريعي برين صحبتن کان خبردار ڪندي انهن کي "نيڪي جي دعوت" پيش ڪئي، بري صحبت کان اسان سڀني کي بچڻ گهرجي جو انهن سان هڪ چڱو ڀلو انسان به بگڙي ويندو آهي، هميشه نيڪ ٻانهن ۽ عاشقان رسول جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي. حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي عليه رحمة الله الوالي ڪيمياءِ سعادت ۾ فرمائن ٿا: اهڙن انسان کي تلاش ڪيو جنهن جي صحبت ۽ ڳالهين سان دنيا جي رغبت گهٽ ۽ آخرت ڏانهن طبعيت مائل ٿئي جنهن شخص جي ڳالهين ۾ اهڙو تاثير نه هجي ان جي صحبت کي "علمي مجلس" نٿو چئي سگهجي، منقول آهي: علمي مجلسن ۾ حاضر ٿيڻ هڪ هزار رڪعت نفل پڙهڻ کان وڌيڪ افضل آهي. (كيمياءِ سعادت ص 161)

حضرت مولانا روم عليه رحمة الله القيوم مَثْنَوِي شريف ۾ فرمائن ٿا:

يک زمانہ صحبت با اولیاء — بہتر از صد سالہ طاعت بے ریا

(ٿوري دير جي اوليائن جي صحبت سؤ سالن جي بي ريا (يعني خالص) عبادت کان بهتر آهي)

## ڪوئي ۽ ڏيڏر جي دوستي

عارف بِالله حضرت مولانا روم عليه رحمة الله القيوم بُري صحبت جا نقصان سمجهائيندي فرمائن ٿا: اتفاق سان هڪ ندي جي ڪناري تي هڪ ڪوئي جي ڏيڏر سان ملاقات ٿي وئي ۽ ٻنهي ۾ دوستي ٿي وئي، ڪوئي چيو ته ڪڏهن ملڻ جي دل چاهي ته اوهان ته وڏي پاڻي ۾ هوندا آيو جتي آواز به ناهي پهچندو ته اوهان کي خبر ڪيئن پئي؟ آخر اهو طئي ٿيو ته هڪ ڌاڳو ڪوئي جي پير ۾ ۽ ان جو ٻيو ڇيڙو ڏيڏر جي پير ۾ ٻڌو وڃي ته جيئن

ضرورت پوڻ تي اطلاع جي ترڪيب ٿي وڃي، پوءِ ائين ڪيو ويو، هڪ ڏينهن اوچتو ڪانءُ ڪوئي تي جهٽ هنئي ۽ ان کي وات ۾ وجهي اڏاميو ته ڏيڏر به ڌاڳي ۾ ٻڌل هئڻ جي ڪري ان سان گڏ ڇڪجي هوا ۾ هليو پئي ويو، ڏيڏر اهو چيو ته ڪوئي جهڙي نا جِنس (يعني نالائق) سان دوستي جي سزا آهي، خبر پئي ته ناجِنسن (نالائقن) ۽ بري بري صحبتن جي ڪري ڪهڙيون آفتون اينديون آهن.

اے فُغاں از یارِ ناجِنس اے فُغاں

ہمنشینِ نیک جُوئید اے مِہاں

(فرياد آهي! ناجنس (يعني نالائق) دوست کان فرياد آهي، اي دوستو! نيڪ ساٿي تلاش ڪريو)

(مثنوي، دفتر ششم 266،267،285 بتغير)

عاشقان رسول جي صحبتن ۾ ويهڻ انهن جي محبت ۽ صحبت کان خوف خداعَزَّوَجَلَّ ۽ عشق مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حاصل ٿيندو آهي، حديثِ قُدسي آهي: وَجَبَتْ مَحَبَّتِيْ لِلْمُتَحَابِّيْنَ فِيَّ وَالْمُتَجَالِسِيْنَ فِيَّ وَالْمُتَزَاوِرِيْنَ فِيَّ وَالْمُتَبَاذِلِيْنَ فِيَّ ـ الله تعالٰي ارشاد فرمائي ٿو: جيڪي ماڻهو منهنجي ڪري پاڻ ۾ محبت رکندا آهن ۽ منهنجي ڪري هڪ ٻئي وٽ ويهن ٿا ۽ پاڻ ۾ ملندا جلندا آهن ۽ مال خرچ ڪندا آهن انهن سان منهنجي محبت واجب ٿي وئي. (موطا امام مالڪ ج 2 ص 439 حديث 1828)

## حديث شريف بيان ڪرڻ واري مُبلغ جي حڪايت

حضرت سيدنا عَبدان بن محمد مَروَزِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: مون حافِظ يعقوب بن سُفيانعَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان کي خواب ۾ ڏٺو ته پڇا ڪئي: مَا فَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني اللهعَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: اللهعَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي ۽ فرمايو ته جيئن توهان دنيا ۾ حديث بيان ڪندا هئا آسمان تي به بيان ڪريو، پوءِ مون چوٿين آسمان تي حديث شريف بيان ڪئي ۽ فِرشتن ان (حديث شريف) کي سونهري قلمن سان لکيو، حضرت سيدنا جبرئيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام به لکڻ وارن ۾ شامل هئا. (شرح الصدور ص 293)

## والد مرحوم سبز لباس پائي مسڪرائي رهيا هئا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته علماءِ دين ۽ حديثن جي مبلغن جو رتبو ڪيترو ته بلند آهي! جو وفات کان پوءِ مغفرت جي بشارت ۽ عنايت تي ۽ چوٿين آسمان تي فرشتن جي وچ ۾ حديث شريف بيان ڪرڻ جي سعادت ۽ ملي ۽ فرشتن ۽ ملائڪن جي سردار سيدنا جبرئيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ ان حديث شريف کي سونهري قلمن سان تحرير فرمايو. آخرت ۾ جنت جي طلب رکڻ وارؤ! اوهان ۽ دعوت اسلامي جي سنتن ڀرين اجتماعن ۽ سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريي سفر جي ذريعي علم دين جو خزانو جمع ڪيو ۽ مدني انعامات تي عمل، سنتن ڀرين بيانن ۽ روزانو فيضانِ سنت مان گهٽ ۾ گهٽ ۽ درس ڏئي جنّتُ الفِردوس جي حصول جي مسلسل ڪوشش جاري رکو، اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪيان ٿو: نشتر بستي (باب المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جيڪو ڪجهه بيان ڪيو اهو ڪجهه تصرُّف سان عرض آهي: مون پنهنجي والد مرحوم کي خواب ۾ نهايت ڪمزوري جي حالت ۾ بَرَهْنَہ ڪنهن جي سهاري سان هلندي ڏٺو، مون کي ڳڻتي ٿي، مون ايصالِ ثواب جي نيّت سان هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪئي ۽ سفر شروع ۽ ڪيو، ٽئين مهيني مدني قافلي مان واپسي کان پوءِ جڏهن گهر سُتس ته مون خواب ۾ هي دلڪش منظر ڏٺو ته والد مرحوم سبز سبز لباس پائي مسڪرائي رهيا هئا ۽ انهن تي هلڪي هلڪي برسات ٿي رهي آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سفر جي اهميت مون تي خوب روشن ٿي ۽ هاڻي پڪي نيّت آهي ته اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر مهيني ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقان رسول سان سفر جاري رکندس.

| | |
|---|---|
| مانگو آ کر دُعا، قافلے میں چلو | پاؤ گے مُدَّعا، قافلے میں چلو |
| خوب ہوگا ثواب اور ٹلے گا عذاب | ہو گا فضلِ خداء قافلے میں چلو |
| نوکری ہو گئی، گُم گیا ہے کوئی | مانگنے کو دُعا، قافلے میں چلو |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڇا خواب سان يقيني علم حاصل ٿي ويندو آهي؟

مدني منا منا اسلامي ڀائرو! سچا خواب بيشڪ سچا هوندا آهن، ياد رکو! نبي جا خواب وحي تي مشتمل هوندا آهن جڏهن تہ غيرِنبي جي خوابن جي اها حيثيت ناهي ۽ ان جو خواب حُجّت يعني دليل ناهي هوندو، مثلاً اوهان خواب ۾ بارگاهِ رسالت مان اها بشارت ٻڌي آهي تہ "اوهان جنّتي آهيو" ان سان قطعي جنتي مراد نہ ورتو ويندو ڇو تہ خواب جو معاملو آهي، بيشڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جنهن خواب ۾ ڏٺو ان حق کي ڏٺو، شيطان پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ صورت ۾ نٿو اچي سگهي، جيڪا ڳالهہ ارشاد فرمائي اها بہ حق حق ۽ حق آهي، تڏهن بہ خواب ۾ جيئن تہ حواس ڪمزور هوندا آهن انهيءَ ڪري يقين سان هي نٿو چئي سگهجي تہ جيڪو ڪجهہ فرمايو ويو اهو خواب ڏسڻ واري لفظ بہ لفظ درست ٻڌو، ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ غلط فهمي جو امڪان موجود آهي، تنهنڪري خواب ۾ ڏنل حڪم تي عمل ڪرڻ کان پهريان شريعت جو حڪم ڏِسڻو پوندو، جيڪڏهن خواب واري ڳالهہ شريعت سان نٿي ٽڪرائجي تہ ان تي عمل ڪري سگهجي ٿو تڏهن بہ خواب ۾ مليل حڪم تي عمل ڪرڻ شرعاً واجب ناهي ۽ جيڪڏهن اها ڳالهہ خلاف شرع هجي تہ عمل نٿو ڪري سگهجي، ان ڳالهہ کي هن مثال مان سمجهو جنهن ۾

## خواب ۾ شراب پيئڻ جو حڪم ڏنو يا منع فرمايو؟

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيمُ البرڪت، عظيمُ المَرْتَبت، پروانهءِ شمع رِسالت، مُجَدّد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بِدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و برڪت، حضرت علامه مولانا، الحاج، الحافظ، القاري، الشّاہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: هڪ شخص خواب ۾ ڏٺو تہ جناب رسالتِ مآب صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (مَعاذَ الله) ان کي شراب پيئڻ جو حڪم ڏئي رهيا آهن، سيِّدُنا

امام جَعفر صَادق رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي خدمت ۾ معاملو پيش ڪيو ويو، پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ ارشاد فرمايائون: ”رسولُ الله صلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلَّم تو کي شراب پيئڻ کان روڪيو آهي، تو کي اُلٽو پڙهڻ ۾ آيو“ ۽ هي به ياد رکيو وڃي ته ان معاملي ۾ فاسق ۽ مُتّقي برابر آهن، تنهنڪري نه ته مُتّقي جو خواب ۾ ڪنهن حڪم جو ڏيڻ، ان حڪم جي صحيح هجڻ جو دليل آهي ۽ نه ئي فاسق يقيني طور تي ڪوڙو.

(ماخوذ از فتاوي رضويه مُخرجه ج 5 ص 100)

بڑے تم خواب میں آؤ مرے گھر روشنی ہوگی
بری قسمت جگا جاؤ عنایت یہ بڑی ہوگی (وسائل بخشش ص ۲۷۸)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جڏهن هڪ نوجوان کي وضو غلط ڪندي ڏٺو

مدينه

هڪ بزرگ بغداد شريف جي ڪنهن علائقي کان گذري رهيا هئا، انهن هڪ نوجوان کي ڏٺو جيڪو سٺي طريقي سان وضو نه ڪري رهيو هو ته پيار ڀري انداز سان ان کي فرمايائون: ”اي نوجوان! وضو نيڪ ڪريو، الله عزوجل دنيا ۽ آخرت ۾ اوهان تي احسان فرمائي“ اهو ٻڌي اهي تشريف وٺي ويا، اهي نوجوان ان بزرگ جي **نيڪي جي دعوت** ڏيڻ جي مٺي انداز سان بيحد متاثر ٿيا ۽ وضو کان پوءِ ان بزرگ جي خدمت ۾ حاضر ٿي نصيحت جا طالب ٿيا، انهن (نيڪي جي دعوت ڏيندي) ٽي مدني گل ارشاد فرمايا: (1) چاڻي وٺو! جنهن ربِّ ڪائنات جي مَعرفت (يعني الله تعالي کي سڃاتو) انهيءَ نجات حاصل ڪئي (2) جنهن پنهنجي دين جي معاملي ۾ خوف ڪيو (يعني الله تعالي کان ڊپ ڪيو) اهو تباهي کان بچي ويو (3) جنهن دنيا ۾ زُهد (يعني بي رغبتي) اختيار ڪئي اهو الله عزوجل جي طرفان سڀاڻي يعني حشر جي ڏينهن ثواب ڏسندو ته ان جون اکيون ٺڏيون ٿينديون، (وري فرمايو) ڇا وڌيڪ نه ٻڌايان؟ عرض ڪئي: ضرور ارشاد ٿئي، فرمايائون: جنهن ۾ ٽي خوبيون جمع ٿي ويون ان جو ايمان مڪمل ٿي ويو: ﴿1﴾ جيڪو **نيڪي جو حڪم** ڏي ۽ پاڻ

به ان تي عمل ڪري ﴿2﴾ برائي ڪان منع ڪري ۽ پاڻ به ان ڪان پاسو ڪري ۽ ﴿3﴾ جيڪو الله جي حدن جي حفاظت ڪري. (يعني شرعي احڪامن تي عمل ڪري ۽ شرعي ممنوعات ڪان پاڻ کي به بچائي) وري فرمايائون: ڇا ڪجھ بيو به ٻڌايان؟ عرض ڪيائين: ڇو نه ضرور ارشاد فرمايو: دنيا ڪان بي رغبتي ۽ آخرت جو شوق رکڻ وارا ٿي وڃو ۽ پنهنجي هر ڪم ۾ ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ سان سچ جو معاملو ڪيو، نجات حاصل ڪرڻ وارن سان گڏ نجات ملي ويندي، اهو فرمائي پاڻ تشريف وٺي ويا، ان نوجوان ان بزرگ جي باري ۾ معلومات ڪئي ته انهن کي ٻڌايو ويو: اهي حضرت سيدنا امام شافعي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْقَوِی هئا. (احياءُ العلوم ج 1 ص 45 بتغير) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اجائي تنقيد ڪرڻ بدران اصلاح ڪرڻ وارا بڻجو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان ڪروڙن شافِعين جي پيشوا حضرت سيدنا محمد بن اِدريس المعروف "امام شافعي" عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْقَوِی ڪيڏي نه محبت ۽ شفقت سان انفرادي ڪوشش فرمائي ۽ سٺي طريقي سان وضو نه ڪندڙ نوجوان جي وضو جي اصلاح به ڪئي ۽ ان کي نيڪي جي دعوت به ڏني، ڪاش! اسان به اهو انداز اختيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، اسان کي به اها توفيق نصيب ٿي وڃي ته جڏهن ڪنهن جي وضو ۾ غلطيون ۽ نماز ۾ ڪوتاهيون ڏسون، ڪوڙ، غيبت ۽ چغلي جي گناهن ۾ ڪنهن کي مبتلا ڏسون ته پٺ پويان ان تي اجائي تنقيد ۽ ان جي برائي ڪري پاڻ کي غيبت جي اونهي کڏ ۾ اڇلائڻ جي بدران ان کي گناهن جي دلدل مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيون، نهايت نرمي ۽ پيار سان ان کي سمجهائڻ، آخرت جي ثواب جا خزانا حاصل ڪرڻ وارا بڻجون، اسان خلوص نيت سان سمجهائينداسين ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو ضرور فائدو ٿيندو ۽ فائدو ڇو نه ٿيندو سمجهائڻ جي فائدي پهچائڻ جو ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ پنهنجي سچي ڪلام ۾ اِعلام فرمايو آهي (يعني خبر ارشاد فرمائي ڇڪو آهي) جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري

مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن "ڪنزالايمان مع خزائن العرفان" صفحي 964 سيپاري 27 ۾ سُوْرَةُ الذّٰرِيٰت آيت نمبر 55 فرمان آهي:

وَذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ۝۵۵

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ سمجهاءِ جو سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏي ٿو.

جسے نیکی کی دعوت دوں، سنے دل سے کرم یارب!

زباں میں دے اثر کردے، عطا زورِ قلم یارب

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وضوءَ جو طريقو (حنفي)

مدينه: مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مذڪور حڪايت ۾ حضرت سيدنا امام شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي جو نوجوان جي وضو جي اصلاح جو تذڪرو آهي، جڏهن ان دؤر ۾ ماڻهو وضو ۾ غلطيون ڪري ويندا هئا ته اڄ جو دور ان کان به نازڪ تر آهي بلڪ ان ڳالهه جو مشاهدو به آهي ته مسلمانن جي اڪثريت درست طريقي سان وضو ڪرڻ به نٿي ڄاڻي، تنهنڪري اچو! اسان به وضو جو طريقو سکون ٿا: دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 342 صفحن تي مشتمل ڪتاب "نماز جا احڪام" صفحي 6 کان 11 تي آهي: ڪَعبَةُالله شريف ڏانهن منهن ڪري متاهين جڳهه تي ويهڻ مُستَحب آهي. وُضوءَ جي لاءِ نيّت ڪرڻ سنّت آهي، نيّت دل جي ارادي کي چئبو آهي، دل ۾ نيّت هوندي زبان سان به چوڻ افضل آهي، تنهنڪري زبان سان هن طرح نيّت ڪريو ته مان الله عَزَّوَجَلَّ جو حُڪم بجا آڻڻ ۽ پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءِ وُضو ڪري رهيو آهيان، بِسمِ الله چئي ڇڏيو جو اها به سنّت آهي، بلڪ بِسْمِ اللهِ وَالْحَمْدُلله چئو جو جيستائين باوضو رهندا فرشتا نيڪيون لکندا رهندا. (مجمع الزوائد ج 1 ص 513 حديث 1112) هاڻي ٻئي هٿ ٽي ٽي دفعا ڪرائين تائين ڌوئو، (نوتني کي بند ڪري) ٻنهي هٿن جي آڱرين جو خِلال به ڪريو. گهٽ ۾ گهٽ ٽي ٽي ڀيرا ساڄي کاٻي هيٺ مٿي ڏندڻ ڪيو ۽ هر ڀيري ڏندڻ کي ڌوئو، حُجَّةُالاِسلام اِمام ابوحامد محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِي فرمائن

تا: "ڏندڻ ڪرڻ وقت نماز ۾ قرآن شريف جي قِرَاءَت ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر لاءِ وات کي پاڪ ڪرڻ جي نيّت ڪرڻ گھرجي." (احياءُ العُلوم ج 1 ص 182) پوءِ ساڄي ھٿ سان ۽ ٽن ٻُڪن جيتري پاڻيءَ سان (ھر ڀيري ٽونٽي بند ڪري) اھڙي طرح ٽي گرڙيون ڪريو جو ھر ڀيري وات جي ھر حصي تائين حلقي جي ڪناري تائين پاڻي پھچي وڃي جيڪڏھن روزو نہ ھجي تہ **غرغرا** بہ ڪريو، پوءِ ساڄي ھٿ جي ٽي ٽن ٻُڪن جيتري پاڻي (ھاڻي ھر ڀيري اڌ ٻُڪ پاڻي ڪافي آھي) سان (ھر ڀيري ٽونٽي بند ڪري) **ٽي ڀيرا نڪ** ۾ نرم ھڏي تائين پاڻي پھچايو ۽ جيڪڏھن روزو نہ ھجي تہ نڪ جي پاڙ تائين پاڻي پھچايو. ھاڻي (ٽونٽي بند ڪري) کابي ھٿ سان نڪ صاف ڪريو ۽ چيچ نڪ جي سوراخن ۾ وجھو، **ٽي ڀيرا سڄو چھرو** اھڙيءَ طرح ڌوئو، جو جتان (يعني پيشاني) کان قدرتي طور تي مٿي جا وار ڦٽڻ شروع ٿيندا آھن اُتان کان کاڏيءَ جي ھيٺيان تائين ۽ ھڪ ڪن جي پاپڙي کان ٻئي ڪن جي پاپڙيءَ تائين ھر جڳھ تي پاڻي وھي وڃي. جيڪڏھن **ڏاڙھي** ھجي ۽ اِحرام ٻَڌل ناھي تہ (ٽونٽي بند ڪرڻ کان پوءِ) اھڙيءَ طرح **خِلال** ڪريو جو آڱريون ڳلي واري پاسي کان داخل ڪري سامھون واري پاسي کان ڪيو، پوءِ پھريان **ساڄي ٻانھن** آڱرين جي منڍن کان ڌوئڻ شروع ڪري ٺوئين سميت ٽي ڀيرا ڌوئو، اھڙيءَ طرح پوءِ **کابي ٻانھن** ڌوئو، ۽ ٻئي ھٿ اڌ ٻانھن تائين ڌوئڻ مُسْتَحب آھي. **گھڻا ماڻھو پاڻيءَ جي ٻُڪ کڻي ڪراين کان ٽي ڀيرا ڇڏي ڏيندا آھن جيڪو ٺوٺ تائين وھندو ويندو آھي ائين ڪرڻ سان ٺوئين ۽ ڪاراين جي پاسن تي پاڻي نہ پھچڻ جو انديشو آھي تنھنڪري بيان ڪيل طريقي مطابق ھٿ ڌوئو، ھاڻي ٻُڪ ڀري ٺوٺ تائين پاڻي وھائڻ جي ضرورت ناھي بلڪ** (بنا اجازت ائين ڪرڻ) **پاڻيءَ جو اِسراف آھي**. ھاڻي (ٽونٽي بند ڪري) **مٿي جو مسح** اھڙيءَ طرح ڪيو جو ٻئي آڱوٺا ۽ شھادت واريون آڱريون ڇڏي ٻنھي ھٿن جي ٽن ٽن آڱرين جا ڪنارا ھڪ ٻئي سان ملايو ۽ پيشاني جي وارن يا کَل تي رکي مٿي ڪياڙيءَ تائين اھڙيءَ طرح کڻي وڃو جو تِريون مٿي کان الڳ رھن ۽ وري ڪِياڙيءَ سان تِريون ملائي

پيشاني تائين آڻيو ۽ شهادت واريون آڱريون ۽ آڱوٺا ان دؤران مٿي سان بلڪل نہ لڳن ۽ پوءِ ۽ شهادت واري آڱرين سان ڪنن جي اندروني حصي جو ۽ آڱوٺن سان ڪنن جي ٻاهرين حصي جو مسح ڪريو ۽ چيچ ڪنن جي سوراخن ۾ داخل ڪريو ۽ آڱرين جي پوئين پاسي سان ڪنڌ جي پوئين حصي جو مسح ڪريو، ڪجھ ماڻهو ڳلي جو ۽ ڌوتل هٿن جي ٺونٺين ۽ ڪراين جو مسح ڪندا آهن اها سنّت ناهي. (فتاويٰ رضويہ مُخَرَّجہ جلد 4 ص 621 تي مسح جو هڪ طريقو هي بہ تحرير آهي هن ۾ خاص ڪري اسلامي ڀينرن جي لاءِ گهڻي سهولت بہ آهي جيئن تہ مٿي جي مسح ڪرڻ ۾ سنت جي ادائگي جي لاءِ هي بہ ڪافي آهي تہ آڱريون مٿي جي اڳين حصي تي رکي ۽ تريون مٿي جي پاسي تي ۽ هٿ جمائي ڪري وٺي وڃي) **مٿي جو مسح ڪرڻ کان اڳ ٽونٽي چڱيءَ طرح بند ڪرڻ جي عادت بڻايو،** بنا سبب ٽونٽي ڪليل ڇڏي ڏيڻ يا ٿورو بند ڪرڻ، جو پاڻي ٽِمندو رهي اسراف ۽ گناھ آهي. **پهريان ساڄو پوءِ کاٻو پير** هر پيري آڱرين کان شروع ڪري پيڏين کان مٿي تائين بلڪ مُستَحب آهي تہ اڌ پنين تائين ٽي ٽي ڀيرا ڌوئي ڇڏيو، ٻنهي پيرن جي آڱرين جو خِلال ڪرڻ سنّت آهي. (خِلال جي دؤران ٽونٽي بند رکو) ان جو مُستَحب طريقو اهو آهي تہ کاٻي هٿ جي چيچ سان ساڄي پير جي چيچ جو خِلال شروع ڪري آڱوٺي تي ختم ڪريو ۽ کاٻي هٿ جي چيچ سان کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ تي ختم ڪريو. (عام ڪُتب)

حُجَّةُ الاِسلام اِمَام مُحَمَّد غَزَالِي علیہ رحمۃ اللہ الوالی فرمائن ٿا: "هر عُضوي کي ڌوئڻ وقت اها اميد ڪندو رهي تہ منهنجي هن عضوي جا گناھ نڪري رهيا آهن." (ملخصًا احياء العلوم ج 1 ص 183)

## وضو جي بچيل پاڻي ۾ 70 بيمارين کان شفا

لوٽي وغيره سان وضو ڪرڻ کان پوءِ بچيل پاڻي بيهي ڪري پيئڻ سنّت بہ آهي تہ شِفا بہ، جيئن منهنجا آقا **اعليٰ حضرت،** امام اهلسنت، مُجَدِّد دين ۽ ملت مولانا شاھ امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن "**فتاويٰ رضويہ**" مُخَرَّجہ جلد 4 صفحي 575 کان 576

تي فرمائن ٿا: بَقِيَّءِ وضو (يعني وضو جو بچيل پاڻي) جي لاءِ شرعاً عظمت ۽ احترام آهي ۽ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم کان ثابت آهي ته حضور صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم وضو فرمائي ڪري باقي بچيل پاڻي بيهي ڪري پيتو ۽ هڪ حديث ۾ روايت ڪيو ويو ته هن جو پيئڻ ستر بيمارين کان شفا آهي. (الفردوس ج 2 ص 362 حديث 3617) ته اهو ان اُمور (يعني معاملن) ۾ آبِ زَمزَم سان مُشابهَت رکي ٿو، اهڙي (يعني وضو جي بچيل) پاڻي سان اِستِنجا مناسب ناهي، تنوير جي آدابِ وضو ۾ آهي: وضو کان پوءِ وضو جو بچيل پاڻي قبلي رخ بيهي ڪري پيئو. (تنويرُ الابصار ج 1 ص 275) علامہ عبدالغني نابُلسِي عليهِ رحمۃُ اللہِ القوي فرمائن ٿا: مون تجربو ڪيو آهي ته جڏهن بيمار ٿيان ٿو ته وضو جي بچيل پاڻي مان شفا حاصل ٿي ويندي آهي. نبي صادق صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جي ان صحيح طِبِ نبوي مان مليل ارشاد گرامي تي اعتماد ڪري مون اهو طريقو اختيار ڪيو آهي . (ردالمحتار ج 1 ص 277) وَاللّٰہُ سُبحٰنَہٗ وَتعالٰی اَعلَم بِالصَّواب۔

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تعالٰی علٰی مُحَمَّد

## جنت جا اَٺ ئي دروازا کلي ويندا آهن

حديث پاڪ ۾ آهي: ”جنهن چڱيءَ طرح وضو ڪيو ۽ پوءِ آسمان ڏانهن نظر ڪٺي ڪلمو شهادت پڙهيو ته ان جي لاءِ جنت جا آٺ ئي دروازا کوليا ويندا آهن جنهن مان چاهي اندر داخل ٿي وڃي.“ (سنن دارمي ج 1 ص 196 حديث 716)

## نظر ڪڏهن به ڪمزور نه ٿيندي

جيڪو وضوءَ کان پوءِ آسمان ڏانهن نظر ڪري سورهءِ اِنَّا اَنزَلنٰهُ پڙهندو اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جي نظر ڪڏهن به ڪمزور نه ٿيندي . (مسائل القرآن ص 291)

## وضوءَ کان پوءِ سورهءِ قدر پڙهڻ جا فضائل

حديث پاڪ ۾ آهي: ”جيڪو وضوءَ کان پوءِ هڪ ڀيرو سُورهءِ قدر پڙهندو ته اهو صديقن مان آهي ۽ جيڪو ٻه ڀيرا پڙهندو ته شهيدن ۾ شُمار ڪيو ويندو ۽ جيڪو ٽي ڀيرا پڙهندو ته اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ مَحشر جي ميدان ۾ ان کي پنهنجي نَبِيَّن سان گڏ رکندو.“ (جمع الجوامع للسيوطي ج 7 ص 251 حديث 22817)

## وضو کان پوءِ پڙهڻ جي دعا (اوّل آخر دُرود شريف)

جيڪو وضو ڪرڻ کان پوءِ هي ڪلمات چوي

سُبْحٰنَکَ اللّٰھُمَّ وَبِحَمْدِکَ اَشْھَدُ اَنْ لَّا اِلٰہَ اِلَّا اَنْتَ اَسْتَغْفِرُکَ وَاَتُوْبُ اِلَيْکَ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ تون پاڪ آهين ۽ تنهنجي لاءِ تمام خوبيون آهن مان گواهي ڏيان ٿو تو کان سواءِ ڪو معبود ناهي، مان تو کان بخشش چاهيان ٿو ۽ تنهنجي بارگاهہ ۾ توبہ ڪيان ٿو.

تہ ان تي مهر لڳائي عرش جي هيٺ رکيو ويندو ۽ قيامت جي ڏينهن ان پڙهڻ واري کي ڏنو ويندو . (شعب الايمان ج 3 ص 21 رقم 2754)

## وضو کان پوءِ هي دعا بہ پڙهي وٺو (اوّل آخر دُرود شريف)

اَللّٰھُمَّ اجْعَلْنِیْ مِنَ التَّوَّابِيْنَ وَاجْعَلْنِیْ مِنَ الْمُتَطَھِّرِيْنَ (سنن ترمذي ج 1 ص 121 حديث 55)

ترجمو : اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ڪثرت سان توبہ ڪرڻ وارن ۾ بڻاءِ ۽ مون کي پاڪيزه رهڻ وارن ۾ شامل ڪر.

## 40 مدني گلن جو رضوي گلدستو

مدينہ: منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جو وضو وغيره جي باري ۾ عنايت ڪيل مختلف رنگ برنگي خوشنما 40 مدني گلن جو رضوي گلدستو قبول فرمايو، اوهان جي معلومات کي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ مديني جا 12 چنڊ لڳي ويندا، هي تمام مدني گل فتاويٰ رضويہ مُخَرَّجہ (جلد 4) جي آخر ۾ ڏنل "فوائد جليلہ" صفحي 613 کان 746 تان ورتا ويا آهن.

۞ وضو ۾ اکيون زور سان بند نہ ڪري پر وضو ٿي ويندو (ص 613) ۞ جيڪڏهن لب (يعني چپ) زور سان بند ڪري وضو ڪيو ۽ گرڙي نہ ڪئي تہ وضو ٿي نہ ٿيو (ايضاً ص 614) ۞ وضو جو پاڻي قيامت جي ڏينهن نيڪين جي پلڙي ۾ رکيو ويندو (ايضاً) (پر ياد رهي! ضرورت کان وڌيڪ پاڻي ڪيرائڻ اسراف آهي) ۞ مِسواڪ موجود هجي تہ آڱر سان ڏند مهٽڻ سنت ادا ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪافي ناهي، ها مسواڪ نہ هجي تہ آڱر يا کُردري ڪپڙي سان سنت جي ادائگي ٿي ويندي ۽ عورتن

جي لاءِ مسواڪ موجود آهي تڏهن ٻه مِسي (يعني مساڳ) ڪافي آهي. (ايضاً ص 615) ۞ مُنڊيءَ جيڪڏهن ڳِهرڳِهلي هجي ته وضو ۾ ان کي گهمائي ڪري پاڻي وجهڻ سنت آهي ۽ تنگ هجي ته بنا چورڻ جي پاڻي نه پهچي ته فرض آهي، اهو ئي حڪم والي (يعني ڪن جي زيور) وغيره جو آهي. (ايضاً ص 616) ۞ عضوا مهڙي مهڙي ڪري ڌوئڻ وضو ۽ **غسل** ۾ **سنت** آهي. (ايضاً) وضو جي عضون کي ڌوئڻ ۾ حدِ شرعي ايتري خفيف تحرير (يعني هر پاسي کان معمولي) وڌائڻ جنهن سان حد شرعي جي اِستِعياب (يعني مڪمل ٿيڻ) ۾ شڪ نه رهي واجب آهي.(ايضاً) ۞ وضو ۾ گرڙي يا نڪ ۾ پاڻي وجهڻ جو ترڪ ڪرڻ مڪروهه آهي ۽ ان جي عادت بڻائي ته گنهگار ٿيندو، هي مسئلو اهي ماڻهو خوب ياد رکن جيڪي اهڙيون گرڙيون نٿا ڪن جيڪي نڙي تائين هر شيءِ کي ڌوئن، ۽ اهي جو پاڻي جنهن جي نڪ کي (فقط) لڳي گذرندو آهي چڪي ڪري مٿي نٿا کڻن اهي سڀ ماڻهو گنهگار آهن ۽ غسل ۾ ائين نه ڪيو ته شروع کان غسل ٻه نه ٿيو نه ئي نماز (ايضاً) ۞ وضو ۾ هر عضوي جو ٽي ڀيرا ڌوئڻ سنت مؤڪده آهي، ترڪِ عادت سان گنهگار ٿيندو. (ايضاً) ۞ وضو ۾ جلدي نه ڪري بلڪ اطمينان ۽ احتياط سان ڪري. عوام ۾ جيڪو مشهور آهي ته "وضو جوانن جهڙو نماز پوڙهن جهڙي" هي وضو جي باري ۾ غلط آهي. (ايضاً ص 617) ۞ چهرو ڌوئڻ ۾ پاڻي نه ڳلن تي وجهي نه نڪ تي، نه زور سان پيشاني تي، هي سڀ افعال جاهلن وارا آهن بلڪ آهستگي سان پيشاني جي مٿيئن حصي کان ڪاڏي کان هيٺ تائين وهندو اچي. (ايضاً ص 618) ۞ وضو ۾ چهري تان ڪرندڙ پاڻي مثلاً ڪرائي تي ورتو ۽ (ڪرائي تي) وهائي ڇڏيو (يعني چهرو ڌوئڻ سان چهري تان ڪرندڙ پاڻي سان هٿ جي ڪرائي نٿا ڌوئي سگهو) ان سان وضو نه ٿيندو ۽ غسل ۾ (معاملو جدا آهي) مثلاً مٿي جو پاڻي پيرن تائين جتان جتان گذرندو پاڪ ڪندو ويندو اتي نئين پاڻي جي ضرورت ناهي. (ايضاً) ۞ ڪو وضو ڪرڻ ويٺو ته ڪنهن مانع (يعني رڪاوٽ) جي ڪري مڪمل نه ڪري سگهيو ته جيترا افعال ڪيا ان تي ثواب ملندو جيتوڻيڪ

وضو نہ ٿيو. (ايضاً) ۞ جنهن پاڻ ئي ارادو ڪيو تہ اڌ وضو ڪندس تہ ان ڪي انهن افعالن تي ثواب نہ ملندو ائين جيڪو وضو ڪرڻ لاءِ ويٺو ۽ بنا عذر جي ناقص (يعني اڌ ۾) ڇڏي ڏنو تہ ان بہ جيترا افعال بجا آندا انهن تي ثواب جو مستحق نہ ٿيڻ کپي.(ايضاً) ۞ جيڪڏهن مٿي تي برسات جون بوندون ڪريون تہ چوٿائي مٿو پسي ويو تہ مسح ٿي ويو جيتوڻيڪ ان شخص هٿ لڳايو يا قصد نہ (يعني نيت يا ارادو نہ) ڪيو. (ايضاً ص 619) ۞ ماڪ ۾ مٿي اگهاڙي ويٺو ۽ ان جو مٿو چوٿائي جي برابر پسي ويو تہ مسح ٿي ويو (ايضاً) ۞ ايتري گرم يا ايتري ٿڌي پاڻي سان وضو مڪروهہ آهي جيڪو بدن تي چڱي طرح نہ وجهي سگهجي، سنت مڪمل ڪرڻ نہ ڏي ۽ جيڪڏهن ڪو فرض پورو ڪرڻ کان رڪاوٽ بڻيو تہ وضو ئي نہ ٿيو. (ايضاً ص 620) ۞ پاڻي فضول ضايع ڪرڻ يا اڇلائڻ حرام آهي. (ايضاً ص 621) (پنهنجي يا ٻين جي پيئڻ کان پوءِ گلاس يا جڳ جو پاڻي خوامخواه اڇلائڻ وارا توبہ ڪن ۽ آئنده ان کان بچن) ۞ ڏُن مان پيلو پاڻي وهي نڪتو تہ وضو ويندو رهيو (ايضاً ص 622) ۞ رت يا پونءِ اک مان وهيو پر اک کان ٻاهر نہ نڪتو تہ وضو نہ ويندو، ان ڪي ڪپڙي سان اگهي ڪري پاڻي ۾ وجهي ڇڏيو تہ (پاڻي) ناپاڪ نہ ٿيندو (ايضاً ص 624) ۞ زخم تي پٽي ٻڌي ان ۾ خون وغيره لڳي ويو جيڪڏهن ان قابل هو جو بندش نہ هجي ها تہ وهي وڃي تہ وضو ويو، نہ تہ نہ، نہ پٽي ناپاڪ (ايضاً) ۞ قطرو آيو يا رت وغيره ذَڪر (يعني عضوءِ تَناسُل) جي اندر وهيو جيستائين ان جي سوراخ کان ٻاهر نہ آيو تہ وضو نہ ويندو ۽ پيشاب جو صرف سوراخ جي مُنهِ تي چمڪڻ (وضو ٽوڙڻ جي لاءِ) ڪافي آهي. (ايضاً) ۞ نابالغ نہ ڪڏهن بي وضو ٿئي نہ جُنُب (يعني بي غسل) انهن (يعني نابالغن کي) وضو ۽ غسل جو حڪم عادت بڻائڻ ۽ آداب سيکارڻ جي لاءِ آهن، نہ تہ ڪنهن حدث (يعني وضو ٽوڙڻ واري عمل) سان انهن جو وضو نہ ويندو، نہ جِماع سان انهن تي غسل فرض ٿيندو. (ايضاً ص 633) ۞ با وضو ماءُ پيءُ جا ڪپڙا يا انهن جي ڪاٺڻ لاءِ ميوا يا مسجد جو فرش ثواب جي لاءِ ڌوتو پاڻي مستعمل نہ ٿيندو جيتوڻيڪ هي افعال

قُربت (يعني رضاءِ الٰهي) جا آهن. (ايضاً ص 636) ۞ نابالغ جو پاڪ هٿ يا بدن جو ڪو جُزُ جيستوڻيڪ بي وضو هجي پاڻي ۾ وجهڻ سان (پاڻي) وضو جي قابل رهندو. (ايضاً ص 637) ۞ بدن کي صاف رکڻ، مَرُ پري ڪرڻ، شرع ۾ مطلوب آهي جو اسلام جو بنياد سُترائي (يعني پاڪيزگي ۽ صفائي) تي آهي، باوضو انهيءَ نيت سان بدن ڌوئي ته قُربت (يعني ثواب جو ڪم) آهي پر پاڻي مُستَعمَل نه ٿيو. (ايضاً) ۞ مُستَعمَل پاڻي پاڪ آهي ان سان ڪپڙا ڌوئي سگهو ٿا پر ان سان وضو نٿو ٿي سگهي ۽ ان جو پيئڻ يا ان سان اٽو ڳوهڻ مکروه (تنزيهي) آهي. (ايضاً ص 637) ۞ پرايو پاڻي بي اجازت وٺي ويو جيستوڻيڪ زبردستي يا چورائي ڪري ان سان وضو ٿي ويندو پر حرام آهي البت ڪنهن مملوڪ (يعني ملڪيت واري) کوهہ مان ان جي منع ڪرڻ باوجود پاڻي ڀري ورتو ته ان جو استعمال جائز آهي. (ايضاً ص 650) ۞ جنهن پاڻي ۾ ماءِ مُستَعمَل جي وهڪ پهتي يا واضح قطرا ڪريا ان سان وضو نه ڪرڻ بهتر آهي. (ايضاً) ۞ سياري ۾ وضو ڪرڻ سان گهڻو سيءُ معلوم ٿئي ان سان تڪليف ٿيندي پر ڪنهن مرض جو انديشو ناهي ته تَيَمُّم جي اجازت ناهي. (ايضاً ص 662) ۞ شيطان جي تڪ ۽ ڦوڪ سان نماز ۾ قطري ۽ ريح جو شبهو ٿي وڃي ته حڪم هي آهي جيستائين ائين يقين نه ٿي وڃي جنهن تي قسم کڻي وٺي ان (وسوسي) جو لحاظ نه ڪري، شيطان چوي ته تنهنجو وضو ويندو رهيو ته دل ۾ جواب ڏي ته خبيث تون ڪوڙو آهين ۽ پنهنجي نماز ۾ مشغول رهي. (ايضاً ص 697) ۞ مسجد کي هر ڪراهت واري شيءِ کان بچائڻ واجب آهي جيستوڻيڪ پاڪ هجي جيئن لعابِ دهن (وات جي گگ، تڪ بلغم) آب بيني (مثلاً سنگهه يا نزلي جو وهڻ وارو پاڻي) وضو جو پاڻي (ايضاً ص 706) ۞ تَنبِيهہ: ڪجهہ ماڻهو وضو کان پوءِ پنهنجي چهري ۽ هٿن تان پاڻي اگهي مسجد ۾ هڻ ڇنڊيندا آهن (هي) بلڪل حرام ۽ ناجائز آهي. (ايضاً) ۞ پاڻي ۾ پيشاب ڪرڻ مطلقاً مکروهہ آهي جيستوڻيڪ دريا ۾ هجي. (ايضاً ص 725) ۞ جتي ڪا نجاست هجي تلاوت مکروه آهي (ايضاً ص 727) ۞ پاڻي ضايع ڪرڻ حرام آهي.(ايضاً ص 728) ۞ مال ضايع ڪرڻ حرام آهي،

(ايضاً ص 728) ۞ زم زم شريف سان غسل ۽ وضو بلا ڪراهت جائز آهي (۽ پيشاب وغيره ڪري) پٿر (سان خشڪ ڪرڻ) ڪان پوءِ (آب زم زم سان) اِسۡتِنجا مڪروه ۽ نجاست ڌوئڻ (مثلاً پيشاب ڪان پوءِ ٽشو پيپر وغيره سان سڪائڻ بغير) گناهه (ايضاً ص 742) ۞ (اهو) اِسراف جيڪو ناجائز گناهه آهي (اهو) صرف (ان) ٻن صورتن ۾ ٿيندو آهي هڪ هي ته ڪنهن گناهه ۾ صرف (يعني خرچ) ۽ استعمال ڪيون، ٻيو بيڪار صرف مال ضايع ڪيون. (ايضاً ص 743) ۞ غسلِ ميت سيڪارڻ جي لاءِ مرد ڪي وهنجاريو ۽ ان ڪي غسل ڏيڻ جي نيت نه ڪئي اهو به پاڪ ٿي ويو ۽ زنده ماڻهن ڪان به فرض لهي ويو جو فعل بالقصد ڪافي آهي، ها بغير نيت ثواب نه ملندو. (ايضاً ص 707)

دین کی باتیں رہوں سنتا سناتا یا خُدا
اور رہوں اِس پر عمل کرتا کراتا یا خُدا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

وضو جا ضروري احڪام ڄاڻڻ جي لاءِ نماز جا احڪام ۾ شامل رسالو وضو جو طريقو (حنفي) جو ضرور مطالعو فرمايو .

## گناهه ڪان منع ڪرڻ ڪڏهن فرض آهي؟

مدينه: مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ سنتن ڀريو بيان ڪرڻ ثواب جو ڪم ۽ تمام وڏي سعادت آهي پر هي ذهن ۾ رهي ته وعظ ۽ نصيحت تي مشتمل بيان ڪرڻ مستحب ڪم آهي، جيڪڏهن نه ڪيو ته ڪو گناهه ناهي، پر ڪنهن کي گناهه ڪندي ڏٺو ۽ گمان غالب آهي ته ان کي ٻڌائيندو ته مُڙي ويندو ته ڪئي ڪلاڪن جي بيان جي مقابلي ۾ ان کي گناهه ڪان منع ڪرڻ ۾ وڌيڪ ثواب آهي ڇوته هاڻي ان کي منع ڪرڻ فرض آهي ۽ منع نه ڪرڻ وارو گنهگار ۽ عذاب نار جو حقدار آهي جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" جلد 3 صفحي615 تي صدرالشّريعه، بدرالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي علیہ رحمۃ اللہ القوی تي فرمائن ٿا: "جيڪڏهن غالب گمان هي

آهي ته هي ان (برائي ڪرڻ وارن) کي چوندو ته اهي ان جي ڳالهه مڃي وٺندا ۽ بري ڳالهه کان مڙي ويندا ته اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْف (يعني سٺي ڳالهه جو حڪم ڪرڻ) واجب آهي، ان (يعني ڪنهن کي برائي ڪندي ڏسڻ واري) کي (برائي کان منع ڪرڻ کان) خاموش رهڻ جائز ناهي."

جو نیکی کی دعوت کی دھومیں مچائے
میں دیتا ہوں اُس کو دعائے مدینہ (وسائلِ بخشش ص۱۵۴)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## امامِ اعظم کي گناهه نظر اچي ويندا هئا!

مدينه

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 308 صفحن تي مشتمل ڪتاب "اسلامی بہنوں کی نماز" صفحي 12 تي آهي: حضرت علامه عبدالوهاب شَعراني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي فرمائن ٿا: هڪ دفعي سيّدُنا امامِ اعظم اَبُوحَنِيفَه رضی اللہ تعالٰی عنہ ڪوفي جي جامع مسجد جي وُضو خاني ۾ تشريف فرما ٿيا ته هڪ نوجوان کي وُضو ڪندي ڏٺو، ان کان وُضو (۾ استعمال ٿيل پاڻي) جا قطرا ٽِمي رهيا هئا. پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ ارشاد فرمايو: "اي پُٽ! ماءُ پيءُ جي نافرماني کان توبهه ڪر، ان فورًا عرض ڪيو: مون توبهه ڪئي، هڪ ٻئي شخص کي وضو (۾ استعمال ٿيڻ واري پاڻي) جا قطرا ٽِمندي ڏسي پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ ان شخص کي فرمايو: اي منهنجا ڀاءُ تون زنا کان توبهه ڪر، ان عرض ڪيو: مون توبهه ڪئي، ۽ هڪ ٻئي شخص جي وضو جا قطرا ٽِمندي ڏٺا ته ان کي فرمايو: شراب پيئڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ کان توبهه ڪر. ان عرض ڪيو: مون توبهه ڪئي، سَيّدُنا اِمامِ اعظم اَبُو حَنِيفه رضی اللہ تعالٰی عنہ تي ڪَشف سبب ماڻهن جا عَيب ظاهر ٿي ويندا هئا. تنهنڪري پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ ڪَشف ختم ٿيڻ جي دعا گُهري، اللهعَزَّوَجَلَّ سندن جي دعا قبول فرمائي، جنهن سان سندن رضی اللہ تعالٰی عنہ کي وُضو ڪرڻ وارن جا گناهه ڇڻندي نظر اچڻ بند ٿي ويا. (الميزان الڪبريٰ ج 1 ص 130)

## چاٽي واٽي ڪنهن جا عيب معلوم ڪرڻ ڪيئن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ڪروڙن حنفين جا پيشوا امام اعظم، فقيهِ اَفْخَم، حضرت سيدنا امام ابوحنفيه نعمان بن ثابت رضي الله تعالى عنه جي نگاهِ ولايت ماڻهن جا وضو جي ذريعي گناهه ڇڻڻ واري معصيت يعني نافرمانيون ڏسي وٺندي هئي! بيشڪ اها سندن جي عظيم ڪرامت هئي، پر پاڻ رضي الله تعالى عنه کي ماڻهن جي عيبن تي باخبر ٿيڻ ناپسند هيو ۽ دعا جي ذريعي پنهنجو هي ڪشف ختم ڪرائي ڇڏيو! هتي اهي ماڻهو عبرت حاصل ڪن جيڪي امام اعظم عليه رحمة الله الاكرم جي محبت جو دم ڀريندا آهن پر زبردستي اُبتا سُبتا سوال (CROSS QUESTIONS) ڪري ماڻهن جي عيبن جي کوجنا ۾ رهندا آهن، ياد رکو! بنا مصلحت شرعي چاٽي واٽي ڪنهن مسلمان جو عيب معلوم ڪرڻ گناهه، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائن العرفان“ صفحي 950 تي 26 سيپاري ۾ سُوْرَةُ الْحُجُرٰت آيت نمبر 12 ۾ الله عزوجل جو مبارڪ ارشاد آهي:

وَلَا تَجَسَّسُوْا

ترجموڪنزالايمان: ۽ عيب تلاش نہ ڪريو

## عالم جي غلطي بيان ڪرڻ پڻ سببن جي ڪري حرام آهي

۽ جيڪڏهن ان عيب کي ٻين تي ظاهر ڪيو ۽ ان کي خبر پئي تہ هي فلان جو عيب آهي تہ هي هڪ گناهه ٿيو، جيڪڏهن اهو عيب ڪنهن عالمِ دين جو هو ۽ ان کي ظاهر ڪيو تہ گناهه ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو. حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي عليه رحمة الله الوالي ڪيمياءِ سعادت ۾ نقل فرمائن ٿا: عالم جي غلطي بيان ڪرڻ ٻن سببن جي ڪري حرام آهي، هڪ تہ اها غيبت آهي، ٻي ان ڪري جو ماڻهن ۾ جُرئت پيدا ٿيندي ۽ اهو ان کي دليل بڻائي ان جي پيروي ڪندا (يعني ٻيباڪي سان اهڙيون غلطيون ڪندا) ۽ شيطان بہ ان (غلطين ۾ پيروي

ڪرڻ واري) جي مدد لاءِ ڪوشش ڪندو ۽ (گناهن تي دلير بڻائڻ جي لاءِ) ان کي چوندو تہ تون (بہ اٿين اٿين ڪر) فلاڻ عالم ڪان وڏو پرهيزگار تہ نہ آهين. (ڪيمياءِ سعادت ج 1 ص 410) جيترن وڏيڪ ماڻهن کي ان جي خطا تي ڄاڻ ڏيندو، گناهن ۾ اضافو ٿيندو ويندو، مسلمان کي کپي تہ ماڻهن جا عيب ڄاڻڻ کان بچي جيڪڏهن کو پڌائڻ لڳي تڏهن بہ ٻڌڻ کان پاڻ کي بچائي بالفرض ڪنهن جو عيب نظر اچي ويو يا معلوم ٿي ويو تہ ان کي لڪائي، بلامصلحت شرعي هرگز ڪنهن تي ظاهر نہ ڪري.

## عيب لڪائڻ جي باري ۾ 3 فرامين مصطفيٰ صلى الله عليه وسلم

عيب لڪائڻ جي حوالي سان 3 فرامين مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم ملاحظہ فرمايو: ﴿1﴾ جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيب پوشي ڪندو الله عزوجل قيامت جي ڏينهن ان جي عيب پوشي فرمائيندو ۽ جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جو عيب ظاهر ڪندو الله عزوجل ان جو عيب ظاهر ڪندو ايستائين جو ان کي ان جي گهر ۾ رسوا ڪري ڇڏيندو. (ابن ماجه ج 3 ص 219 حديث 2546) ﴿2﴾ جيڪو ڪنهن مسلمان جي تڪليف پري ڪري الله عزوجل قيامت جي تڪليفن مان ان جون تڪليفون پري فرمائيندو ۽ جيڪو مسلمان جي عيب پوشي ڪري تہ خداء ستّار قيامت جي ڏينهن ان جي عيب پوشي فرمائيندو. (مسلم حديث 6580 ص 1394) ﴿3﴾ جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جو عيب ڏسي ان جي پردا پوشي ڪري تہ اهو جنت ۾ داخل ڪيو ويندو.
(مُسند عبد بن حميد ص 279 حديث 885)

## عيب ڳولڻ جا 59 مثال

هتي جيڪي مثال ڏئي رهيا آهيون ان ۾ عيبن جي ڳولها سان گڏوگڏ ضمناً غيبتون، تهمتون، ۽ بدگمانيون وغيره بہ شامل آهن، اڪثر اهڙا مثال آهن جنهن ۾ نيّت سان احڪام مرتب ٿيندا، مثلاً نوڪر رکڻ، شراڪت داري (يعني پارٽنرشپ ڪرڻ) يا ڪٿي شادي جو ارادو آهي تہ حسب ضرورت معلومات ڪرڻ گناهہ ناهي بلڪ اهڙن معاملن ۾ جنهن کان پڇيو ويو ان تي واجب آهي تہ درست ڳالهہ ٻڌائي ۽ جيڪڏهن ان قسم

جي معاملات جي ڪري سوال نہ ڪيو ويو هجي تہ غيبتون ۽ تهمتن جي ذريعي پنهنجي لاءِ جهنم ۾ وڃڻ جو سامان ڪرڻ جي بدران عيب پوشي ڪان ڪم وٺي جنت جو حقدار ٿئي، پر عام طور تي طرح طرح جي سوالن ذريعي عيبن جي کوجنا (يعني عيبن جي معلومات ۽ جانچڻ) ۾ هي نيّت نہ هوندي آهي، بس ماٺهو خوامخواهہ پڇندا رهندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ گناهن ۾ پوندا ۽ بار بار جواب ڏيڻ واري کي بہ گنهگار ڪري ڇڏيندا آهن.

۞ ڪنهن گهر ڪرائي تي ورتو تہ پڇا ڪرڻ: گهر جو مالڪ ڪيئن آهي؟ هي سوال حقيقت ۾ گناهہ نہ سهي پر ڪئي گناهن جو سبب بڻجي سگهي ٿو، مثلاً ڪرايي دار جواب ۾ چيائين: معاملن جو صاف نہ آهي، گهٽو بداخلاق ۽ ڪنجوس آهي، ائين ان جا ٽي عيب کوليا، اهي بہ جيڪڏهن ان ۾ موجود هجن تہ ٺي عيب چئبا ۽ هاڻي اهو بڌائڻ ٽي غيبتون ٿيون نہ تہ تهمتون، ۽ جيڪڏهن صرف انهيءَ ڪري پڇا ڪئي تہ گهر جي مالڪ جا عيب معلوم ٿين تہ هاڻي هي ”عيب ڳولڻ“ ٿيو جيڪو گناهہ، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

۞ ڪنهن گهر ڪرايي تي ڏنو تہ پڇا ڪرڻ: ڪرايي دار ڪيئن آهي؟ هي سوال حقيقت ۾ گناهہ نہ سهي پر ڪئي گناهن جو سبب بڻجي سگهي ٿو مثلاً گهر جي مالڪ جواب ۾ چيائين: وڏو ڏوڪي باز آهي، ڪڏهن وقت تي ڪرايو ناهي ڏنو، هروڀرو جي ڀڃ ڊاهہ ڪري گهر جو نقشو بدلي ڇڏيو آهي ائين ان جا ٽي عيب کوليا اهي بہ جيڪڏهن ان ۾ موجود هجن تہ ٺي عيب چئبا ۽ هاڻي اهو بڌائڻ ٽي غيبتون ٿيون نہ تہ تهمتون.

۞ اوهان جو نئون نوڪر صحيح ڪم ڪري ٿو يا نہ؟ هي بہ بنا اجازت شرعي پڇڻ عيب ڳولڻ آهي ۽ ان سوال جي جواب ۾ پورو خطرو آهي تہ جنهن کان پڇيو ويو اهو نوڪر جي باري ۾ ڪم چور آهي، حرام خور آهي، وغيره چئي گنهگار ٿي وڃي.

۞ رات دير تائين جاڳندا رهو ٿا، فجر بہ پڙهندا آهيو يا نہ؟

۞ اوهان نماز پڙهندا آهيو يا نه؟

۞ اوهان جا والد صاحب نمازي آهن يا نه؟

۞ تو اجا تائين نوان ڪپڙا ناهن پاتا! عيد جي نماز به پڙهي يا نه؟

۞ رمضان جي مهيني ۾ ڪنهن ڪان پڇڻ: واهه سائين! اڄ وڏا فريش (fresh يعني چست) لڳي رهيا آهيو! روزو به رکيو آهي يا نه؟

۞ هن ڀيري رمضانُ المُبارڪ ۾ اوهان ڪيترا روزا رکيا؟

۞ ڪا تراويح ڇڏي ته نه؟

۞ توهان پوري زڪواة ڪڍو ٿا يا نه؟

۞ اوهان جي زال شريف ته آهي نه؟ ۞ وڙهي ته نٿي؟ (اهڙا ئي سوال عورتن ۾ ”مڙس“ جي باري ۾ عيبن کي تلاش ڪرڻ وارا آهن) شادي شده ڌيءَ جي ماءُ کان پڇڻ: اوهان جي ڌيءُ جي سَسُ سٺي آهي يا نه؟ ۞ وڙهي ته نٿي؟ ۞ ماني ڏي ٿي يا نه؟ ۞ ڌيءُ کي ستائي ته نٿي؟ ۞ پنهنجي پُٽ جا ڪن ته نٿي ڀري؟ ۞ اها جيڪا ان جي طلاقيل نڻان گهر ۾ ويٺي آهي اها مسئلو ته نٿي ڪري ۞ پٽ جي شادي کان پوءِ ان جي ماءَ کان پڇڻ هاڻي پٽ اوهان جو خيال رکي ٿو يا نه؟ ۞ پهريان جيان پگهار ڪٽي هٿ ۾ رکي ٿو يا پنهنجي زال جي حوالي ڪري ٿو؟ ۞ نُنهن ڪارو علم ڪري پنهنجي طرف ته ناهي ڪيو؟ ننهن چڱيءَ آهي يا نه؟ ۞ تعويذ ڌاڳو ته نٿي ڪرائي ۞ زبان دراز ته ناهي؟ ۞ اوهان جي عزت ڪري ٿي يا نه؟

۞ انهيءَ ڏينهن فلان جي گهر مان تيز گفتگو جو آواز اچي رهيو هو ڪير ڪير وڙهي رهيا هئا؟

۞ هائو ڀاءُ! ان جو مڙس وڏو ظالم آهي، ڪٿي ويچاري کي بي قصور مار ڪُٽ ته نٿو ڪري؟

۞ گهوٽ کان پڇڻ: سهري صاحب ڏاج ۾ بُخل کان ته ڪم نه ورتو؟

۞ ان ڏينهن وڏو ٺهي ٺڪي ساهرن پهتي هئين، سُهري لفٽ به ڪرائي يا نه؟ ۞

صحيح طريقي سان آڌر ڀاءُ ڪيو يا نہ؟ ۞ شادي شده اسلامي ڀاءَ کان سوال ڪرڻ: اوهان جي ٻارن جي ماءُ پنج وقت جي نمازي آهي يا نہ؟ ۞ اوهان جي ٻائرن کان پردو ڪري ٿي يا نہ؟ ۞ بي پرده تہ نٿي گهمي؟

۞ اوهان جو باس (Boos سيٺ) صحيح مٺو آهي يا نہ؟ ۞ ڪنجوس تہ ناهي؟ ۞ بداخلاق تہ ناهي؟ ۞ نوڪرن کي گاريون تہ نٿو ڏي؟ ۞ شاگرد کان بنا حاجت پڇڻ: اوهان جا فلاڻا استاد صاحب ڪيئن پڙهائن ٿا؟ ۞ انهن جو پڙهائڻ ڪجهہ سمجهہ ۾ ايندو آهي يا نہ؟ ۞ ڪنهن وٽ مهمان ٿيو، هاڻي ان کان اهو پڇڻ: ها ادا! ان جي ميزباني جو مزو اچي رهيو آهي يا نہ؟ ۞ ان کي مهمان نوازي ڪرڻ وارو ڏٺو يا نہ؟ ۞ دعوت اسلامي جي فلاڻي حلقي جي مشاورت جو نئون نگران اوهان کي ڪيئن لڳو؟ ۞ اسلامي ڀائرن کي دڙڪا ڏيندو آهي يا نہ؟ نگران کان پڇڻ: فلاڻو مبلغ اوهان جي اطاعت ڪري ٿو يا پنهنجي هلائي ٿو؟ ۞ فلاڻو ذميدار کي تنظيمي ذميداري تان هٽايو ويو، ڇا ان جو ڪردار ڪمزور هو؟ ۞ فلاڻو مدرس يا ناظم کي فارغ ڪيو ويو ان ڪهڙي گڙٻڙ ڪئي هئي؟ ڪنهن مبلغ کان پڇڻ: سچ سچ ٻڌايو اوهان اڄ جو بيان پنهنجي واهہ واهہ ڪرڻ جي لاءِ ڪيو يا رضاءِ الٰهي جي خاطر؟

۞ ڪنهن محفلِ نعت ۾ غير حاضر رهڻ واري نعت خوان کان پڇڻ: فلاڻي جڳهہ توهان نعت خواني ۾ انهي ڪري نہ آيا هئا تہ هتي ڪجهہ نہ ملندو؟ ۞ اوهان صرف مدني چينل ڏسو ٿا يا ٻيا گناهن ڀريا پروگرام بہ ڏسي وٺو ٿا؟ ۞ فلمون ڊراما تہ نٿا ڏسو؟

۞ فلاڻو آفيسر اوهان جو ڪم فري ۾ ٿي ڪيو آهي نہ؟ پيسا ڏوڪڙ تہ نہ گهريا؟

۞ فلاڻي جي گاڏي سان ٽڪرائجي اوهان زخمي ٿيا قصور ان جو هو يا اوهان جو ۞ فلاڻو ڊاڪٽر صحيح طرح چيڪ ڪيو بہ يا مفت ۾ فيس وصول ڪئي؟

۞ طلاق ڏيڻ واري دوست کان پڇڻ: يار! تو ان کي طلاق ڇو ڏني؟ (ان سوال سان عام طور نيڪ ٺاڪ گناهن جو دروازو کلندو آهي) ۞ (هريرو پڇڻ) اهو دوڪاندار ڪيئن آهي؟

۞ ننگ ته ناهي؟ ۞ ڦري ته نٿو؟ (يعني مال گهڻو مهانگو ته نٿو وڪڻي؟)
۞اهو ڏسڻ ۾ ته وڏو شريف لڳي ٿو! اوهان کي خبر آهي ڪٿي ويڙهو ته ناهي؟
۞اوهان جو نئون پاڙي وارو ڪيئن آهي؟ بچي رهجو اهو صحيح ماڻهو نٿو لڳي؟

کسی کی خامیاں دیکھیں نہ میری آنکھیں اور
سنیں نہ کان بھی عیبوں کا تذکرہ یاربّ (وسائل بخشش ص۹۹)

اٰمِین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مٺن پولن دل جي دنيا بدلي ڇڏي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فضول سوالن ۽ ماڻهن جي عيبن جي ڳولها ۽ معلومات جي مَنحوس عادت ڪيڻ، ڪير ڪنهن جا عيب بيان ڪرڻ لڳي ته ان کي حڪمت عملي سان ٽارڻ ۽ ڪوشش ڪري ان مان عيب کولڻ جي بري عادت مٽائڻ جو جذبو پائڻ، غيبتن چغلين ۽ بدگمانين کان بچڻ ۽ بچائڻ وغيره جي ڪوشش جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو ”فڪر مدينه“ ڪري مدني انعامات جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهه تاريخ جي اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پنهنجي هن مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو: باب المدينه (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه ائين بيان آهي: نيڪ صحبت کان پري ٿيڻ جي ڪري گانا باجا ٻڌڻ ۽ فلمون ڊراما ڏسڻ

جهڙن گناهن ۾ غرق ٿيل هئس، منهنجي زندگي جا ڏينهن رات نافرمانين ۾ گذري رهيا هئا، منهنجي بهتري جو سبب هي بڻيو ته هڪ ڏينهن پنهنجي علائقي جي هڪ مبلغ دعوت اسلامي عاشق رسول سان منهنجي ملاقات ٿي، سلام مصافحي کان پوءِ نهايت سهڻي انداز سان انهن پنهنجو تعارف پيش ڪري مون کان منهنجو نالو وغيره به معلوم ڪيو ۽ پنهنجي مدني مقصد "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" جي تحت انفرادي ڪوشش ڪندي نيڪين جي رغبت ۽ گناهن سان نفرت جو ذهن ڏيڻ شروع ڪيو ۽ ان ضمن ۾ دعوت اسلامي جي مبلغن جي سنتن ڀريي بيانن جي برڪت سان ظاهر ٿيڻ واري حيرت انگيز مدني بهارون ترغيب جي لاءِ ٻڌايون، ان جي شيرين مقالي يعني مٺين مٺين ڳالهين منهنجي دل جي دنيا ئي بدلي ڇڏي ۽ مان دعوت اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان سڄي زندگي جي لاءِ وابسته ٿي ويس، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مدني ماحول جي برڪت سان گناهن سان نفرت، نيڪين سان محبت ۽ نمازن جي پابندي جي سعادت نصيب ٿي ۽ حُقُوقُ الله سان گڏوگڏ حُقُوقُ العِباد جي ادائگي جو ذهن به بڻجي ويو.

ہے فلاح و کامرانی نرمی و آسانی میں     ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں

ڈوب سکتی ہی نہیں موجوں کی طُغیانی میں     جس کی کشتی ہو محمد کی نگہبانی میں

## نرمي جي اهميت

مدينه ۱۰ مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي "مٺو ٻولڻ" ۾ وڏي تاثير هوندي آهي ۽ ان سان پٿر دل به پگهرجي نرم ٿي ويندا آهن تنهنڪري انفرادي ڪوشش ڪندي هميشه نرمي کي پيش نظر رکو، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارشريعت" جلد 3 صفحي 572 تي حديث شريف آهي: جيڪو نرمي کان محروم ٿيو خير (يعني ڀلائي) کان محروم ٿيو. (صحيح مُسلم ص 1398 حديث 75-(2592))

الٰہی حُسنِ اَخلاق اورنرمی کی سعادت دے
گناہوں پر ندامت دے، صَداقت دے شَرافت دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فرعون کي نيڪي جي دعوت جي موڪلڻ تي نرمي جو حڪم

جيڪڏهن مدني ماحول واري يا واريءَ جي مزاج ۾ ڪاوڙ، چڙ چڙائپ ۽ بداخلاقي هوندي ته ڪاميابي مشڪل آهي، تنهنڪري پنهنجا اخلاق درست ڪيو ۽ ائين به جنهن کي دعوت اسلامي جي مدني ڪمن جي ڌُن هجي ان جي لاءِ تڏي مزاج جو هجڻ ضروري آهي جو اجائي سختي سان ڪئي ڀيرا ڪم ٺيندي ٺيندي بگڙجي ويندا آهن، نرمي جي اهميت کي ان حڪايت سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو جيئن منقول آهي ته ڪنهن شخص مامونُ الرَّشيد تي اِحتِساب ڪيو (يعني ڪنهن خطا تي ٽوڪيو) ۽ ان سان سختي سان گفتگو ڪئي ته مامون الرشيد چيو: اي جوان مرد! حق تعالیٰ تو کان بهتر شخص کي جڏهن مون کان بدتر شخص ڏانهن موڪليو ته ان کي حڪم ڏنو ته ان سان نرمي سان ڳالهه ڪيو، يعني حضرت سيدنا موسيٰ ۽ هارون علیہما السّلام کي (جيڪي تون کان بهتر هئا) فرعون (جيڪو مون کان بدتر هو) وٽ موڪليو ته فرمايو:

فَقُوْلَا لَهٗ قَوْلًا لَّيِّنًا (پ١٦ طٰهٰ:٤٤)

**ترجمو ڪنزالايمان**: پوءِ ان سان نرمي سان ڳالهائجو.

(اتحافُ السادة للزبيدي ج 8 ص 104 ملخصاً)

## شرابي کي پوليس جي حوالي ڪرڻ ڪيئن؟

صحابي رسول حضرت سيدنا عُقبہ بن عامر رضی اللہ تعالٰی عنہ جا ڪاتب حضرت سيدنا ابو هَيْثَم رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا: مون حضرت سيدنا عُقبہ بن عامر رضی اللہ تعالٰی عنہ کي عرض ڪيو: منهنجي پاڙي وارو شراب نوشي ڪري ٿو ۽ مان پوليس کي گهرائي ان کي گرفتار ڪرائڻ چاهيان ٿو، پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمايو: ائين نه ڪيو، انهيءَ کي وعظ ۽ نصيحت ڪر، عرض ڪيائين: مون انهن کي منع ڪيو پر اهو نٿو مڙي (ته هاڻي)

مان پوليس جي ذريعي ان کي پڪڙائڻ چاهيان ٿو، هي ٻڌي پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمايو: ائين نہ ڪر، بيشڪ مون مَخزنِ جُود و سخاوت، پيڪر عظمت و شرافت صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم کي ارشاد فرمائيندي ٻڌو: جنهن ڪنهن جو عيب لڪايو ڄڻ ان زنده درگور (يعني قبر ۾ پوري وڃڻ واري) ڇوڪريءَ کي ان جي قبر ۾ زنده ڪيو (يعني ان جي جان بچائي) (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج 1 ص 367 حديث 518)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شراب پيئڻ بيشڪ تمام وڏو گناهہ آهي پر جيڪو لڪي ڪري ائين ڪندو آهي ان کي نيڪي جي دعوت ڏئي توبہ جي لاءِ آماده ڪيو وڃي، پر ان جي پرده پوشي لازمي آهي.

## (1) شراب خود بخود سرڪو بڻجي ويو! ڪيئن؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شرابي جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ خرابي آهي ان کي توبہ ڪرڻ گهرجي، عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 132 صفحن تي مشتمل ڪتاب "توبہ کی روایات وحکایات" ۾ بيان ڪيل ٻہ ايمان افروز حڪايتون ضروري ترميم سان حاضر خدمت آهن: امير المؤمنين، امام العادِلين، مُتَمِّمُ الاَربَعِين **حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم** رضی اللہ تعالٰی عنہ هڪ ڀيري مديني منور زادھا اللہ شرفاً وتعظیماً جي هڪ پاڪ گهٽي مان گذري رهيا هئا تہ هڪ نوجوان سامهون آيو ان ڪپڙن جي هيٺان هڪ بوتل لڪائي رکي هئي، حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ پڇا ڪئي: اي نوجوان! هي ڪپڙن جي هيٺان ڇا آهي؟ ان بوتل ۾ شراب هيو، نوجوان ۾ ان کي شراب چوڻ جي همت نہ ٿي، ان دل ۾ دعا ڪئي: يا اللہ عزّوجلّ! حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ جي سامهون شرمندو ۽ رسوا نہ فرماءِ، انهن جي سامهون منهنجي پردا پوشي فرماءِ، مان توبہ ڪيان ٿو، آئنده ڪڏهن بہ شراب نہ پيئندس، ان ڪان پوءِ نوجوان عرض ڪيو: يا اميرَ الْمؤمِنين! مان سرڪي (جي بوتل) کنئي آهي، پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمايو: مون کي ڏيکاريو! جڏهن ان اها بوتل سندن جي سامهون ڪئي ۽ حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ ان کي ڏٺو تہ

اهو واقعي سِرڪو هو. (مڪاشفة القلوب ص 27-28) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.
اٰمين بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمین صَلَّی اللہُ تعالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ﴿2﴾ شرابي نوجوان ولايت جي منزل تي

سُبْحٰنَ الله ! توبه جي ڇا خوب بهار آهي جو توبه جي برڪت سان شراب "سِرڪي" ۾ تبديل ٿي ويو! هڪ ٻي مدينه: شرابي نوجوان جي حڪايت پڙهو، جنهن توبه ڪري تمام وڏو مرتبو حاصل ڪيو، حضرت سيدنا عُتبةُ الغلام عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ السَّلام نوجوان هئا ۽ (توبه کان پهريان) فِسق ۽ فجور ۽ شراب نوشي ۾ مشهور هئا، هڪ ڏينهن حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي جي مجلس ۾ آيا، حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي هن آيت شريف جي تفسير بيان ڪري رهيا هئا:

اَلَمْ يَاْنِ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ (پ٢٧، الحديد:١٦)

ترجمو ڪنزالايمان: ڇا ايمان وارن جي واسطي اڃا اهو وقت نه آيو جو انهن جون دليون جُهڪي وڃن الله جي ياد (جي لاءِ)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تعالٰی عَلَيْه ايڏو ته اثرائتو بيان فرمايائون جو ماڻهن تي گريه (يعني روئڻ) طاري ٿي ويو، هڪ نوجوان بيهي چوڻ لڳو: يا سيدي! ڇا الله تعالٰي مون جهڙي فاسِق ۽ فاجر جي توبه قبول ڪندو جيڪڏهن مان توبه ڪيان؟ شيخ فرمايو: بيشڪ الله تعالٰي تنهنجي توبه قبول فرمائيندو، جڏهن عُتبةُ الغلام عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ السَّلام هي ڳالهه ٻڌي ته سندن جو چهرو پيلو ٿي ويو، سڄو بدن ڏڪڻ لڳو، رڙيون ڪرڻ لڳا ۽ غش ٿي ڪري پيا، جڏهن هوش آيو ته حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي سندن جي ويجهو اچي هي شعر پڙهيا:

اَيَا شَابًّا لِّرَبِّ الْعَرْشِ عَاصِیْ
اَتَدْرِیْ مَاجَزَاءُ ذَوِی الْمَعَاصِیْ

(اي رب العرش جي نافرماني ڪرڻ وارا نوجوان ! ڇا تون ڄاڻين ٿو ته گنهگارن جي سزا ڇا آهي)

سَعِيْرٌ لِّلْعُصَاةِ لَهَا زَفِيْرٌ
وَغَيْظٌ يَوْمِ يُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِیْ

(نافرمانن جي لاءِ گرجڻ وارو جهنم آهي جنهن ۾ گرج ٿيندي ۽ جنهن ڏينهن پيشانين سان پڪڙيا ويندا، ان ڏينهن غضب ٿيندو)

فَاِنْ تَصْبِرْ عَلَى النِّيْرَانِ فَاعْصِهٗ
وَاِلَّا كُنْ عَنِ الْعِصْيَانِ قَاصِيْ

(پس جيڪڏهن تون باهه تي صبر ڪري سگهين ته نافرماني ڪري وٺ، نه ته نافرماني کان پري ٿي وڃ)

وَفِيْمَا قَدْ كَسَبْتَ مِنَ الْخَطَايَا
رَهِنْتَ النَّفْسَ فَاجْهَدْ فِي الْخَلَاصِ

(تو جيڪي گناهه ڪيا آهن ان ۾ تو پنهنجي نفس کي ڦاسائي ڇڏيو، ته هاڻي نجات جي لاءِ ڪوشش ڪر)

عُتبَۃُ الغُلام علیہ رحمۃ اللہ السلام تي رقت طاري هئي، جڏهن ڪجهه هوش آيو ته چوڻ لڳا: اي شيخ! ڇا مون جهڙي ڪميڻي جي توبه به رب رحيم عَزَّوَجَلَّ قبول فرمائيندو؟ شيخ فرمايو: جو نه، الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي گنهگار ٻانهي جي توبه ۽ معافي قبول فرمائيندو آهي، پوءِ حضرت سيدنا عُتبَۃُ الغلام علیہ رحمۃ اللہ السلام ٽي دعائون ڪيون: ﴿1﴾ اي منهنجا الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تو منهنجي توبه قبول ڪري ورتي ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايا آهن ته مون کي اهڙو فهم (يعني سمجهداري) ۽ ياداشت عنايت ڪر جو دين جا علم ۽ قرآن ڪريم مان جيڪو ٻڌان حِفظ (يعني ياد) ٿي وڃي ﴿2﴾ اي الله عَزَّوَجَلَّ! مون کي پُرسوز آواز جي اعزاز سان نواز جيڪڏهن ڪو پٿر دل به منهنجي قِراءت ٻڌي ته ان جي دل به نرم ٿي وڃي ﴿3﴾ اي الله عَزَّوَجَلَّ! رزق حلال عطا فرماءِ ۽ اتان روزي عطا فرماءِ جنهن جو مون کي گمان به نه هجي، الله تعاليٰ سندن جون سيئي دعائون قبول فرمايائون، سندن جو حافظو خوب مضبوط ٿي ويو، جڏهن اهي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندا هيا ته سندن جي تلاوت ٻڌي گنهگار تائب ٿي ويندا هئا، سندن جي گهر ۾ روزانو ٻوڙ جو هڪ پيالو ۽ ٻه مانيون رکيل هونديون هيون ۽ خبر نه پوندي هئي ته ڪير ٿو رکي وڃي، انهيءَ حالت ۾ سندن انتقال ٿيو.

(مڪاشفة القلوب ص 28 29) **اللہ عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم

## سون جي منڊي پائڻ واري جي اصلاح

اسان جا بزرگان دين رحمهم اللہ المبين پنهنجي ملڻ وارن جي اصلاح جي ڪوشش ۾ رهندا هئا جيئن **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**ملفوظات اعليٰ حضرت**" صفحي 309 تي ڏنل مضمون جو خلاصو آهي: عصر جي نماز ڪان پوءِ پُرڪيف منظر هو، ويجهي پري ڪان آيل ماٿهو مُجَدِّد دين ۽ ملت، **اعليٰ حضرت** رحمة اللہ تعالٰی علیه جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي هڪ سچي عاشق رسول جي **زيارت ۽ ملاقات** سان پنهنجي دلين کي منور ڪري رهيا هئا، ايتري ۾ هڪ شخص سون جي منڊي پائي حاضر ٿيو تہ حامي سنت، اعليٰ حضرت رحمة اللہ تعالٰی علیه **نَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر** (يعني برائي کان روڪڻ) جو فريضو ادا ڪندي ڪجهه ائين ارشاد فرمايو: مرد کي سون پائڻ حرام آهي صرف هڪ ٻُڙي واري چاندي جي منڊي جيڪا ساڍي چار ماشا (يعني چار گرام 374 ملي گرام) ڪان گهٽ هجي ان جي اجازت آهي، جيڪو (مرد) سون، ٽامي يا پتل وغيره ڪنهن بہ ڌات (Metal) جي منڊي پائي يا چاندي جي ساڍي چار ماشا يا ان ڪان وڌيڪ وزن جي هڪ منڊي پائي يا ڪئي منڊيون پائي جيتوڻيڪ سڀ ملي ڪري ساڍا چار ماشا ڪان گهٽ هجن تہ ان جي نماز مڪروه تحريمي آهي. (ماخوذ از ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ص 309) يعني جنهن جو اعادو (يعني ورائي پڙهڻ) واجب آهي، فقهاءِ ڪرام رحمهم اللہ السلام فرمائن ٿا: جنهن شيءِ جو ٻانهي کي حڪم آهي ان کي بجا آڻڻ ۾ ڪا خرابي پيدا ٿي وڃي تہ ان جي خرابي پري ڪرڻ جي لاءِ اهو عمل ٻيهر ادا ڪرڻ اِعادو چورائيندو آهي. (دُرمختار و ردالمحتار ج 2 ص 629) **اللہ عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاش! اسان بہ گناهن کان بچائڻ وارا بڻجون

ڪاش! اسان سڀ غلامان اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ بہ "نيڪي جي دعوت" ڏيڻ ۽ ماڻهن کي گناهن کان پري رکڻ جي معاملي ۾ هر وقت تيار رهون، اهو ياد رکو تہ جيڪڏهن ڪو شخص ناجائز منڊي يا ڪنهن ڌات جو ڇلو يا ڳچي ۾ ڪا ڌات جي زنجير پاتي آهي ۽ ڏسڻ واري کي غالب ظن آهي تہ منع ڪندس تہ هي مڃي وٺندو تہ ان تي منع ڪرڻ واجب آهي منع نہ ڪندو تہ گنهگار ٿيندو، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهار شريعت (جلد 3) صفحي 424 تان پهريان بہ حديثون ملاحظہ فرمايو، ان کان پوءِ منڊي جي باري ۾ نيڪي جي دعوت جا ڪجھ وڌيڪ مدني گل قبول فرمايو:

## (1) سون جي منڊي... ٽانڊو

صحيح مسلم ۾ عبداللّٰه بن عباس رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ رسول اللّٰه صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم هڪ شخص جي هٿ ۾ سون جي منڊي ڏٺي تہ ان کي لاهي اڇلائي ڇڏي، ۽ هي فرمايو تہ ڇا ڪو پنهنجي هٿ ۾ ٽانڊو رکندو آهي! جڏهن حضور صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم تشريف وٺي ويا تہ ڪنهن ان کي چيو: پنهنجي منڊي کڻي وٺ (۽ پائڻ بدران) ڪنهن ٻي ڪم ۾ آڻجان، انهن چيو خدا جو قسم! مان ان کي ڪڏهن نہ کڻندس جڏهن تہ رسول اللّٰه صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم ان کي اڇلايو آهي. (صحيح مُسلم ص 1157 حديث 2090)

## (2) ٻتن ۽ جهنمين جو زيور

ترمذي، ابوداؤد ۽ نسائي بُرَيده رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت ڪئي آهي تہ هڪ شخص پِتل جي منڊي پائي حاضر ٿيو تہ حضور صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم فرمايو: ڇا ڳالھ آهي جو تو کان بُت جي بوءِ اچي ٿي؟ ان اها منڊي لاهي اڇلائي ڇڏي، پوءِ لوھ جي منڊي پائي ڪري حاضر ٿيو. فرمايائون: ڇا ڳالھ آهي جو تو جهنمين جو زيور پاتو آهي؟ ان هن کي بہ اڇلائي ڇڏيو پوءِ عرض ڪيائين: يا رسول اللّٰه صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم ڪنهن شيءِ جي

منڊي ٺهرايان؟ فرمايائون: **چانديءَ** جي ٺهرايل ۽ هڪ مِثقال پورو نہ ڪر. (يعني ساڍن چئن ماشن کان گهٽ وزن جي هجي) . (سنن ابي داؤد ج 4 ص 122 حديث 4223)

## ”منڊي پائڻ جا ضروري احڪام“ جي ويهن اکرن جي نسبت سان منڊي پائڻ جا 20 مدني گل

۞ مرد کي سون جي منڊي پائڻ حرام آهي . سروَرِ ذيشان، رحمتِ عالمِيان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سون جي منڊي پائڻ کان منع فرمايو آهي. (بخاري ج 4 ص67 حديث 5863) ۞ (نابالغ) ڇوڪر کي سون جا زيور پارائڻ حرام آهي ۽ جنهن پارايا اهو گنهگار ٿيندو، ائين ٻارن جي هٿ پيرن تي بلا ضرورت ميندي لڳائڻ ناجائز آهي، عورت پنهنجي هٿن پيرن تي ميندي لڳائي سگهي ٿي، پر ڇوڪرن کي لڳائيندي تہ گنهگار ٿيندي. (بهار شريعت ج 3 ص 428، درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 598) ڇوڪرين جي هٿن تي ميندي لڳائڻ ۾ حرج ناهي ۞ لوهہ جي منڊي جهنّمين جو زيور آهي. (ترمذي ج 3 ص 305 حديث 1792) ۞ مرد جي لاءِ اها منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊي وانگر هجي يعني هڪ نگيني جي هجي ۽ جيڪڏهن ان ۾ (هڪ کان وڌيڪ يا) گهڻا نگينا هجن تہ پوءِ ڪٿي چاندي جي هجي مَردن لاءِ ناجائز آهي. (ردالمحتار ج 9 ص 597) ۞ بغير نگيني واري منڊي پائڻ ناجائز آهي جو هي منڊي ناهي، ڇلو آهي ۞ حُروفِ مُقَطّعَات واري منڊي پائڻ جائز آهي پر حُروفِ مُقَطّعَات واري منڊي بغير وضو پائڻ ۽ هٿ لڳائڻ يا مصافحو ڪندي وقت هٿ ملائڻ واري جو منڊي کي بي وضو هٿ لڳائڻ جائز ناهي ۞ ائين هڪ کان وڌيڪ (جائز) منڊي پائڻ يا (هڪ يا هڪ کان وڌيڪ) ڇلو پائڻ بہ ناجائز آهي جو هي (ڇلو) منڊي ناهي، عورتون ڇلو پائي سگهن ٿيون . (بهارشريعت ج 3 ص 428) ۞ چاندي جي هڪ منڊي هڪ نگ واري جيڪا وزن ۾ ساڍا چار ماشہ (يعني چار گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي پائڻ جائز آهي جيتوڻيڪ مُهر (يعني ٺپي) جي لاءِ نہ هجي پر ان جو ترڪ (يعني جنهن کي اسٽامپ جي ضرورت نہ هجي ان جي لاءِ جائز منڊي بہ نہ پائڻ) افضل آهي (جنهن کي منڊي سان اسٽامپ لڳائڻي هجي) مُهَر جي غرض کان نہ صرف جائز بلڪ

سنت آهي، ها تڪبُّر يا زنانو سينگار (ليڊيز اسٽائل جو فيشن) يا ٻي ڪنهن غرضِ مَذمُوم (يعني قابل مَذمت مقصد) نيّت ۾ هجي تہ نہ رڳو منڊي ئي بلڪ انهيءَ نيّت سان سٺا ڪپڙا پائڻ بہ جائز ناهن. (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 141) ۞ عيدن تي منڊي پائڻ مُستَحب آهي . (بهار شريعت ج 1 ص 779، 780 بتصرف) پر مرد اها ئي جائز منڊي پائي ۞ منڊي انهن لاءِ سنّت آهي جن کي مُهَر (يعني اسٽامپ Stamp لڳائڻ) جي حاجت هجي جيئن سلطان، قاضي ۽ عالم جيڪي فَتوَىٰ تي (منڊي سان) اسٽامپ لڳائن ٿا، ان کان علاوه ٻين جي لاءِ جنهن کي مهر جي حاجت نہ هجي سنّت ناهي، البت پائڻ جائز آهي . (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 335) ۞ اڄڪلهہ منڊي سان ٺپو لڳائڻ جو عرف (يعني رواج) ناهي، بلڪ ان لاءِ "اسٽام" ٺهرايو ويندو آهي، لِهٰذا جن کي ٺپو نہ لڳائڻو هجي ان قاضي وغيره جي لاءِ منڊي پائڻ سنّت ناهي رهي ۞ مرد کي گهرجي منڊي جو نگينو تري واري پاسي رکي ۽ عورت نگينو هٿ جي پوئين پاسي رکي. (الهدايہ ج 4 ص 367) ۞ چاندي جو ڇلو خاص زنانو لباس آهي، مردن کي مَڪرُوهہ (تحريمي ناجائز ۽ گناهہ آهي) (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 130) ۞ عورت سون چاندي جون جيتريون منڊيون ۽ ڇلا چاهي پائي سگهي ٿي هن ۾ وزن ۽ نگينن جو تعداد مقرر ناهي ۞ لوهہ جي منڊي تي چاندي جو خول چاڙهيو لوهہ بلڪل ڏسڻ ۾ نہ اچي تہ ان منڊي جو پائڻ (مرد ۽ عورت ڪنهن کي) منع نہ آهي. (عالمگيري ج 5 ص 335) ۞ ٻنهي مان ڪنهن هڪ هٿ ۾ منڊي پائي سگهو ٿا ۽ سڀ کان ننڍي آگر ۾ پائڻ گهرجي. (ردالمحتار ج 9 ص 596) ۞ منّت (يعني باس جو) يا دم ڪيل ڪنهن ڌات (Metal) جو ڪڙو بہ مرد کي پائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي ائين ۞ مديني پاڪ زادھا اللہ شرفاً وتعظيماً يا اجمير شريف جا چاندي يا ڪنهن ڌات جا ڇلا ۽ اسٽيل جي منڊي بہ جائز ناهي ۞ بواسير (يعني موڪن جي بيماري) ۽ ٻين بيمارين جي لاءِ دم ڪيل چاندي يا ڪنهن بہ ڌات جا ڇلا بہ مردن لاءِ جائز نہ آهن ۞ جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي ڪنهن ڌات جو ڪڙو يا ڇلو، ناجائز منڊي يا ڌات جي زنجير (Bracelet-Chain) پاتل آهي تہ شرعاً لازم آهي تہ هينئر جو هينئر لاهي ڇڏيو، توبهہ بہ ڪري ۽ وٺو ۽ آئنده نہ

پاڻ جو عهد بہ ڪريو، ۽ ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي بہ پاڻ جي لاءِ نہ ڏيو.

کر لے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی

قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی (وسائلِ بخشش ص٦٦٧)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جامعة المدينہ ۾ داخلو وٺي ورتو
### مدينہ

ناجائز منڊين وغيره کان بچڻ بچائڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ، گناهن جي عادت کان پيڇو ڇڏائڻ، نيڪ بڻجڻ ۽ بڻائڻ ۽ خوب خوب **نيڪي جي دعوت** جون ڌومون مچائڻ جو شوق وڌائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول سان هردم وابستہ رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي اِستِقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو "**فڪر مدينہ**" ڪري **مدني انعامات** جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهہ تاريخ جي اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پنهنجي هن مدني مقصد "**مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي**" جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو، جيئن پنڊي گيپ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان معاذالله مان نمازن کان تمام پري گناهن جي سمنڊ ۾ غرق هيس ۽ وڏي جوش ۽ جذبي سان گهر ۾ T. V تي فلمون ڊراما ڏسندو هئس، گانا باجا ٻڌڻ ۾ پنهنجو وقت برباد ڪندو هيس، توبہ جي راهہ تي منهنجي سفر جو آغاز ڪجهہ ائين ٿيو جو رمضانُ المُبَارڪ 1429 هہ (مطابق 2008) جي هڪ ڏينهن ڪيبل تي مختلف چينل ڏسندي منهنجي نظر مدني چينل تي پئجي وئي،

مون ڏٺو ته ڏسندو ئي رهجي ويس! مدني چينل مون کي تمام سٺو لڳو ۽ پوءِ مون مدني چينل ڏسڻ جو معمول بڻائي ورتو، مدني چينل جي برڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مان آهستي آهستي مدني ماحول جي ويجهو ٿيڻ لڳس، شَوَّالُ الْمُكَرَّم (1429هـ) جي آخري عشري ۾ دعوت اسلامي جي **بين الاقوامي سنتن ڀريو اجتماع مدني چينل تي براه راست LIVE ڏيکاريو پئي ويو،** اجتماع جي آخري ڏينهن جي خصوصي نشست ۾ مدني چينل تي مبلغ جو رقت انگيز بيان ”ظلم کا انجام“ ٻڌي اسان سيئي گهر وارا خوفِ خدا سان ڏکي وياسين، سيني گهبرائجي **انهي وقت پنهنجي گناهن کان توبه ڪئي** ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ سڀ جا سڀ حضور غوث الاعظم عليه رحمة الله الاكرم جي سلسلي ۾ مريد بڻجي قادري رضوي بڻجي وياسين، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان اسان جي خاندان ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ۽ اسان جا رشتي دار به انفرادي ڪوشش جي برڪت سان مدني ماحول سان وابسته ٿي غوث پاڪ رحمة الله تعالى عليه جي سلسلي جا مريد ٿي ويا، تادم تحرير مون علم دين جا مدني گل چونڊڻ خاطر دعوت اسلامي تحت هلڻ واري جامعة المدينه ۾ درس نظامي ۾ به داخلا ورتي آهي.

اے گناہوں کے مریضو!چاہتے ہو گر شِفا آن کرتے ہی رہو تم مَدَنی چینل کو سدا

اِس میں عِصیاں سے حفاظت کا بہت سامان ہے اِنْ شَآءَ اللّٰه خُلد میں بھی داخِلہ آسان ہے

مَدَنی چینل میں نبی کی سنّتوں کی دُھوم ہے

اس لئے شیطاں لعیں رنجور ہے مَغْمُوم ہے (بتصرف، وسائل بخشش ص٦٠٦)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اسان دنيا ۾ ڇا جي ڪري آيا آهيون؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنتن ڀريو بيان ”ظلم کا انجام“ جنهن کي ٻڌي سڄو گهر گناهن کان تائب ٿي ويو، ان کي توهان به گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ٻڌي وٺو، ان جي V.C.D دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه کان هديةً به وٺي سگهو ٿا ۽ دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تي به ٻڌي سگهو ٿا، بيان جو

رسالو ”ظلم کا انجام“ بہ مڪتبة المدينہ کان حاصل ڪري پڙهو بلڪ وڌيڪ تعداد ۾ هديةً خريد ڪري پنهنجي مرحوم عزيزن جي ايصال ثواب جي لاءِ ورهايو، مدني بهار مان خبر پئي تہ جيڪو ڪم هڪ مبلغ نٿو ڪري سگهي اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ اهو ڪم **مدني چينل** ڪري ڏيکاري ٿو يعني گناهن ۾ ڦاٿل معاشري جا اهي افراد جيڪي نہ مسجد جو رخ ڪندا آهن نہ ڪڏهن سنتن ڀرين اجتماعن ۾ شريڪ ٿيندا آهن نہ ئي علماءِ ڪرام ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن ۽ مدني حليي وارن ڏاڙهي ۽ باعمامہ عاشقان رسول سان ملڻ جلڻ جي رغبت رکندا آهن، **مدني چينل** اهڙن جي گهرن ۾ داخل ٿي انهن کي انهن جي زندگي جو حقيقي مقصد سمجهائيندو ۽ سعادت مندن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ جهڪائيندو ۽ عشق رسول جا جام پيئاريندو آهي، بيشڪ اسان دنيا ۾ بيڪار يعني صرف دنيا جون لذتون وٺڻ ۽ هتي جي آسائشن کان مزو وٺڻ جي لاءِ نہ آيا آهيون، اسان کي هتي عبادت جي لاءِ موڪليو ويو آهي، پوءِ مقرر وقت تي اسان جي نہ چاهڻ جي باوجود موت اسان کي اچي ويندو ۽ قبر ۾ اڪيلو لاٽو ويندو، خبر ناهي ڪيترا هزار سال قبر ۾ گذاري وري حشر ۾ اُٿڻ ۽ قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب کي منهن ڏيڻو پوندو. **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن ”**کنزالایمان مع خزائن العرفان**“ صفحي 647 تي 18 سيپاري سُوْرَةُ الْمُؤْمِنُوْن ۾ آيت نمبر 115 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي:

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّ اَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۱۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: پوءِ ڇا توهان اهو سمجهيو آهي تہ اسان توهان کي بيڪار پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي اسان جي طرف موٽڻو نہ آهي؟

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي هن آيت شريف جي تحت فرمائن ٿا: ۽ (ڇا توهان کي) آخرت ۾ جزا جي لاءِ اٿڻو نہ آهي؟ بلڪ توهان کي عبادت جي لاءِ پيدا ڪيوسين تہ توهان تي عبادت لازم ڪريون ۽ آخرت ۾ توهان اسان جي طرف موٽي اچو تہ توهان کي پنهنجي عملن جي جزا ڏيون. (خزائن العرفان)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان سيني کي پنهنجي مدني مقصد جي حصول جي لاءِ هر وقت ڪوشش ڪرڻ گهرجي، گناهن کان بچڻ ۽ ثواب جا ڪم ڪندو رهڻ گهرجي، مدني چينل ڏسندا ڏيکاريندا رهو، جو سڀني نيتن سان مدني چينل جا سلسلا ڏسڻ ۽ ٻين کي ڏيکارڻ جي دعوت ڏيڻ به رضاءِ ربّ الانام ۽ جنت ۾ وڃي وڃڻ وارو ڪم آهي، موت کي هر گهڙي ياد رکو! موت گهوٽ کي ڇڄ ۽ ڪنوار کي شادي جي گهر مان بستر راحت ۽ مسرت تان هڪدم ڪٺي وٺندو آهي.

بولی خَلوَت میں اَجَل دولها دولہن سے وَقتِ عَیش

ہے تمہیں بھی قَبر کے گوشے میں سونا ایک دن

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جڏهن مسجد ۾ زور سان قدم رکي هلڻ منع آهي ته......

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّدِ دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن جي نيڪي جي دعوت جو جذبو مرحبا! پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ نيڪي جي دعوت جو ثواب ڪمائڻ جو موقعو هٿ مان نه وڃڻ ڏيندا هئا جيئن ته اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي خليفي مَلِڪُ العُلماء حضرت علامہ مولانا مفتي ظفر الدين بِهاري علیہ رحمۃ اللہ القوی لکن ٿا: هڪ شخص جنهن کي "نواب صاحب" چيو ويندو هو، مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ آيو ۽ بيٺي بيٺي بي پرواهي سان پنهنجي لٺ (يعني هٿ ۾ رکڻ واري لٺ (WALKING STICK) مسجد جي فرش تي ڪيرائي جنهن جو آواز حاضرين ٻڌو، اعليٰ حضرت علیہ رحمۃ اللہ القوی (نيڪي جي دعوت ڏيندي) فرمايو: نواب صاحب! مسجد ۾ زور سان قدم رکي هلڻ به منع آهي ته پوءِ لٺ کي ايتري زور سان اڇلائڻ! نواب صاحب مون جي سامهون وعدو ڪيو ته اِن شاءَ اللہ عزوجل آئنده ائين نه ڪندس. اللہ عزوجل جي اعليٰ حضرت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمين بِجاهِ النّبيِّ الْاَمين صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مسجد ۾ موبائل فون جي گهنٽي بند رکو

مدينه: مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر مسلمان جي لاءِ ضروري آهي ته اهو مسجد جو احترام ڪري، مسجد ۾ هلندي وقت پيرن جي ڌمڪ پيدا نه ٿئي ان جو خيال رکڻ ضروري آهي ۽ لٺ (WALKING STICK) ڇٽي، هٿ جو پکو، چپل، ٿيلهو (BAG) برتن وغيره ڪا شيءِ ائين نه رکي جو آواز پيدا ٿئي، جيڪڏهن موبائل فون آهي ته مسجد ۾ گهنٽي بند رکي وڃي، افسوس! ان جو احتياط گهٽ ڪيو ويندو آهي ايستائين جو مسجد الحرام شريف ۾ ۽ اهو به عين خانه ڪعبه جي طواف ۾ ماڻهن جي موبائل جون گهنٽيون بلڪ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ميوزيڪل ٽونز وڄنديون رهن ٿيون، حالانڪ ميوزيڪل ٽون ته مسجد ڪان علاوه به ناجائز آهي.

## "بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ" جي اڻويهه اکرن جي نسبت سان مسجد جي باري ۾ 19 مدني گل

مسجد جي احترام جي ضمن ۾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1432 صفحن تي مشتمل ڪتاب "فيضان سنت" 1120 ڪان 1125 تي بيان ڪيل مدني گل ڪٽي ڪتي رد و بدل سان پيش ڪيا پيا وڃن انهن کي قبول فرمائي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائي وٺو:

﴿1﴾ مروي آهي ته هڪ مسجد پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ شڪايت ڪئي ته ماڻهو مون ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪندا آهن . فرشتا ان کي ايندي مليا ۽ چوڻ لڳا اسين انهن (مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ وارن) کي هلاڪ ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا آهيون . (فتاوىٰ رضويه ج 16 ص 312)

﴿2﴾ روايت ڪئي وئي آهي ته جيڪي ماڻهو غيبت ڪندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪندا آهن انهن جي وات مان گندي بدبوءِ نڪرندي آهي جنهن سان فِرشتا الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ شڪايت ڪندا آهن. سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! جڏهن مباح ۽ جائز ڳالهه بغير شرعي ضرورت جي ڪرڻ لاءِ مسجد ۾ ويهڻ جي ڪري هي

آفتون آهن تہ (مسجد ۾) حرام ۽ ناجائز ڪم ڪرڻ جو ڇا حال هوندو! (ايضا)

﴿3﴾ درزيءَ کي اجازت ناهي جو مسجد ۾ ويهي ڪپڙا سبي. ها جيڪڏهن ٻارن کي روڪڻ ۽ مسجد جي حفاظت جي لاءِ ويٺو تہ حرج ناهي. اهڙيءَ طرح ڪاتب کي (مسجد ۾) اُجرت تي ڪتابت ڪرڻ جي اجازت ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 110)

﴿4﴾ **مسجد** جي اندر ڪنهن قسم جو گند ڪچرو هرگز نہ اڇلايو، سيِّدُنا شيخ عبدالحق مُحَدِّث دِهلوي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي **"جَذبُ القُلُوب"** ۾ نقل ڪن ٿا تہ مسجد ۾ جيڪڏهن خَس (يعني معمولي ڪک يا ذرو) بہ اڇليو وڃي تہ ان سان مسجد کي ايتري قدر تڪليف پهچندي آهي جيتري قدر تڪليف انسان کي پنهنجي اک ۾ ڪک (يعني معمولي ذرو) پئجي وڃڻ سان ٿيندي آهي. (جذب القلوب ص 222)

﴿5﴾ **مسجد** جي ديوار، ان جي فرش، تڏي يا فراسيءَ جي مٿان ۽ ان جي هيٺان ٿڪڻ، نڪ صاف ڪرڻ، نڪ يا ڪن مان گند ڪڍي لڳائڻ، مسجد جي فراسيءَ يا تڏيءَ مان ڌاڳو يا تيلو وغيره ڪيڻ سڀ ممنوع آهي.

﴿6﴾ **ضرورت** جي وقت (مسجد ۾) پنهنجي رومال وغيره سان نڪ صاف ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

﴿7﴾ **مسجد** ۾ ٻُهاري ڏيڻ ۾ جيڪا مٽي دز وغيره نڪري ان کي اهڙي جاءِ تي نہ اڇلايو جتي بي ادبي ٿئي.

﴿8﴾ **جُتيون** لاهي مسجد ۾ ساڻ ڪڻي وڃڻ چاهيو تہ مٽي وغيره ٻاهر ڇنڊبي وٺو. جيڪڏهن پيرن جي ترين ۾ مٽيءَ جا ذرا لڳل هجن تہ پنهنجي رومال وغيره سان اگهي پوءِ مسجد ۾ داخل ٿيو. مسجد ۾ ڪو گند وغيره جو ذرو نہ ڪري ان جو خيال رکو.

﴿9﴾ **مسجد** جي وضو خاني تي وضو ڪرڻ ڪان پوءِ پير وضو خاني تي ئي چڱيءَ طرح خشڪ ڪري ڇڏيو. آلا پير کڻي هلڻ سان مسجد جو فرش گندو ۽ فراسيون ميريون ۽ خراب ٿي وينديون آهن.

هاڻي منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن جي ملفوظات شريف مان ڪجهہ مسجد جا آداب پيش ڪجن ٿا:

﴿10﴾ **مسجد** ۾ ڊوڙڻ يا زور سان قدم رکڻ، جنهن سان ڌڪو پيدا ٿئي منع آهي.

﴿11﴾ وضو ڪرڻ کان پوءِ وضو وارن عضون مان هڪ بہ قطرو پاڻيءَ جو مسجد جي فرش تي نہ ڪري . (ياد رکو! وضو جي عضون مان وضو جي پاڻي جا قطرا مسجد جي فرش تي ڪرائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي)

﴿12﴾ **مسجد** جي هڪ درجي کان ٻئي درجي ۾ داخل ٿيڻ وقت (مثال طور اڱڻ ۾ داخل ٿيو تڏهن بہ ۽ اڱڻ کان اندرئين حصي ۾ وڃو تڏهن بہ) ساڄو پير وڌايو وڃي ايستائين جو جيڪڏهن صف وڇايل هجي ان تي بہ ساڄو پير رکو ۽ جڏهن اتان کان هٽو تڏهن بہ ساڄو پير مسجد جي فرش تي رکو (يعني ايندي ويندي هر وڇايل صف تي پهريان ساڄو پير رکو) يا خطيب جڏهن منبر تي وڃڻ جو ارادو ڪري تہ پهريان ساڄو پير رکي ۽ لهي تہ (بہ) ساڄو پير هيٺ رکي.

﴿13﴾ **مسجد** ۾ جيڪڏهن ڇِڪ اچي تہ ڪوشش ڪريو آهستي آواز نڪري اهڙيءَ طرح کنگهہ بہ، سرڪارِ مدينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم مسجد ۾ زور سان ڇِڪ ڏيڻ کي ناپسند فرمائيندا هئا. اهڙي طرح اوڳرائيءَ کي بہ ضبط ڪرڻ گهرجي ۽ ائين نہ ڪري سگهي تہ وس آهر آواز کي دٻايو وڃي جيستوڻيڪ مسجد کان ٻاهر ڇو نہ هجو. خاص ڪري مجلس ۾ يا ڪنهن مُعَظَّم (يعني بزرگ) جي سامهون بدتهذيبي آهي. حديث ۾ آهي: هڪ شخص دربار اقدس صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم ۾ اوڳرائي ڏني پاڻ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم ارشاد فرمايائون: ”اسان کان پنهنجي اوڳرائيءَ کي پري رکو جو دنيا ۾ جيڪي گهڻي عرصي تائين پيٽ ڀريندا آهن اهي قيامت جي ڏينهن وڌيڪ مدت تائين بُکايل رهندا.“ (شرح السنة ج 7 ص 294 حديث 2944) ۽ اوٻاسيءَ ۾ آواز ڪٿي بہ نہ ڪيڻ گهرجي. جيستوڻيڪ مسجد کان ٻاهر اڪيلا هجو، ڇو تہ هي شيطان جو ٺهڪ آهي. جڏهن

اوٻاسي اچي ته جيترو ٿي سگهي وات بند رکو. وات کولڻ سان شيطان وات ۾ ٿُڪ اڇلائيندو آهي. جيڪڏهن ائين نه رڪجي ته مٿين ڏندن سان هيٺين چپ کي دٻائي ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح به نه رڪجي ته جيترو ٿي سگهي وات گهٽ کوليو ۽ کاٻي هٿ جو پويون پاسو وات تي رکي ڇڏيو، جيئن ته اوٻاسي شيطان جي طرف کان آهي ۽ انبياءِ ڪرام عليهم الصّلوٰة والسّلام ان کان محفوظ آهن. انهيءَ ڪري اوٻاسي اچي ته هي تصوُّر ڪريو ته انبياءِ ڪِرام عليهم الصّلوٰة والسّلام کي اوٻاسي نه ايندي هئي. ان شآء الله عَزَّوَجَلَّ جلدي رڪجي ويندي. (ردالمحتار ج 2 ص 498، 499)

﴿14﴾ مذاق مسخري ڪرڻ ممنوع آهي ۽ مسجد ۾ سخت ناجائز.

﴿15﴾ مسجد ۾ کِلڻ منع آهي جو "قبر ۾ اونداهي جو سبب آهي". موقعي مناسبت جي مطابق تَبَسُّم (يعني مُرڪڻ) ۾ حرج ناهي.

﴿16﴾ مسجد جي فرش تي ڪا شيءِ اڇلائي نه وڃي، بلڪ آهستي رکي ڇڏجي. گرميءَ جي موسم ۾ ماڻهو هٿ جو وِڃڻو هٽندي هٽندي اڇلائي ڇڏيندا آهن (مسجد ۾ ٽوپي، چادر وغيره به نه اڇلايو ۽ چادر يا رومال سان فرش اهڙيءَ طرح نه ڇنڊيو جو آواز پيدا ٿئي) يا ڪائي، چنّي وغيره رکڻ وقت پري کان اڇلائيندا آهن، ان جي ممانعت آهي. مطلب ته مسجد جو احترام هر مسلمان تي فرض آهي.

﴿17﴾ مسجد ۾ حَدَث (يعني ريح خارج ڪرڻ) منع آهي ضرورت هجي ته (جيڪي اعتڪاف ۾ ناهن اهي) ٻاهر هليا وڃن، ۽ تنهنڪري مُعتَڪِف کي گهرجي ته اعتڪاف جي ڏينهن ۾ گهٽ کائي. پيٽ هلڪو رکي جو قضاءِ حاجت جي وقت کانسواءِ ڪنهن وقت ريح خارج ڪرڻ جي حاجت نه ٿئي، جو ته هو ان جي لاءِ ٻاهر نه ٿو وڃي سگهي. (باقي مسجد جي احاطي ۾ موجود بيت الخلا ۾ ريح خارج ڪرڻ جي لاءِ وڃي سگهي ٿو)

﴿18﴾ قبلي جي طرف پير ڦهلائڻ ته هر جڳهه تي منع آهي. مسجد ۾ ڪنهن طرف نه ڦهلايو جو هي درٻار جي آداب جي خلاف آهي. حضرت سَرِي سَقطي رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ

مسجد ۾ اڪيلا ويٺا هئا ته پير ڦهلائي ڇڏيائون. مسجد جي ڪنڊ مان هاتف آواز ڏنو. ”سَري! بادشاهن جي حضور ۾ ائين ويهبو آهي؟“ جلدي پير سوڙها ڪري ڇڏيائون ۽ اهڙا سوڙها ڪري ڇڏيائون جو انتقال جي وقت ئي ڦهليا. (سبع سنابل ص 131) (ننڍين ٻارن کي به پيشاب ڪرڻ، ڪڍڻ، سمهارڻ وقت احتياط ڪريو جو انهن جا پير قبلي جي طرف نه ٿين. پيشاب پائخانو ڪرائڻ مهل به ضروري آهي ته ان جو رخ قبلي جي طرف نه ٿئي)

﴿19﴾ استعمال ٿيل جُتيون مسجد ۾ پائي وڃڻ گستاخي ۽ بي ادبي آهي .

(ملخص از ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ص 317 کان 323)

الٰہی کرم ہو بہر شاہِ عرب ہو

ہمیں مسجدوں کا مُیَسَّر ادب ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪينسر جو مريض ٺيڪ ٿي ويو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي تي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بيحد ڪرم آهي ڪئي ڀيرا ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ته جن مريضن کي لاعلاج قرار ڏنو ويو آهي ان جو مدني قافلن ۾ سفر ڪري دعائون گهرڻ سبب خير سان علاج ٿي ويو جيئن ماڙي پور (باب المدينه ڪراچي) جي ڪنهن اسلامي ڀاءُ هڪ ايمان افروز واقعو لکي ڪري ڏنو جنهن جو مضمون ڪجهه ائين هو: هاڪس بي (باب المدينه ڪراچي) جي مقيم اسلامي ڀاءُ جيڪي ”ڪينسر“ جا مريض هئا، انهن تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سفر جي سعادت حاصل ڪئي، سفر جي دوران ويچارا ڪافي ڍنل ۽ مايوس هئا، عاشقان رسول حوصلو ڏيندا ۽ انهن جي لاءِ دعائون به ڪندا رهيا، هڪ ڏينهن صبح جي وقت ويٺي ويٺي اوچتو انهن کي الٽي آئي ۽ هڪ گوشت جي ٻوٽي ان جي ٻڙي مان نڪتي! الٽي کان پوءِ انهن کي ڪافي سڪون مليو ويو، مدني قافلي کان واپسي تي جڏهن ڊاڪٽر کان رجوع ڪيو، ۽ پيهر ٽيسٽ ڪرايا ته تمام گهڻي

حيرت ٿي جو انهن جو سَرطان يعني **ڪينسر** جو مرض ختم ٿي چڪو هو.

اَلحَمدُلِلّٰه عَلٰي اِحسَانِهٖ

مَرَض نِسیان ہو چاہے سَرطان ہو، کوئی سی ہو بَلا، قافلے میں چلو
دُور بیماریاں اور پریشانیاں ہوں بفضلِ خُدا، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قافلي جي مريض مسافرن جي باري ۾ 5 مدني گل

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! الله تعالٰي مدني قافلي جي برڪت سان ڪينسر جي مريض کي صحت عنايت فرمائي، مدني قافلي جي مسافرن جي باري ۾ 5 مدني گل قبول فرمايو: ﴿1﴾ الله تبارڪ و تعالٰي ئي حقيقت ۾ شافِيُ الأمراض يعني بيمارين کان شفا ڏيڻ وارو آهي سيئي ڄاڻن ٿا ته ڪڏهن ڪڏهن وڏا وڏا ماهر طبيب بهتر کان بهتر دوائون ڏين ٿا پر اُردو چوڻي مطابق **"مرض بڑھتا گیا جُوں جُوں دوا کی"** مرض ۾ مسلسل اضافو ٿيندو آهي ۽ آخرڪار مريض ساهه ڏيندو آهي، تنهنڪري مدني قافلي ۾ ڪنهن مريض کي شِفا نه ملي ته شيطان جي وسوسن ۾ نه اچو ﴿2﴾ اهڙن مريضن کي مدني قافلن ۾ سفر نه ڪرايو ۽ اعتڪاف ۾ به نه ويهاريو جنهن سان ٻين کي ڪراهت اچي يا ايذاء پهچي، هڪ ڀيري دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز **فيضان مدينه** باب المدينه ڪراچي ۾ هڪ ڪينسر جا مريض مُعتَڪِف ٿيا، هتي هزارين مُعتَڪِفِين هوندا آهن، حلقه ٺاهيا ويندا آهن هڪ حلقي ۾ اهي به شامل ڪيا ويا، اسلامي ڀائر جڏهن سحري ۽ افطاري ڪندا هئا ته اهي انهن سان گڏ ويهي رهندا هئا وات يا ڳلي جي ڪينسر هجڻ سبب ويچارا کائي نه سگهندا هئا، بيشڪ اهي غريب رحم جي قابل هئا پر هر شخص هي سمجهي سگهي ٿو ته ان جي حلقي وارن مُعتَڪِفِين کي انهن مريض سان ڪيڏي نه ڪوفت (يعني تڪليف) ٿيندي هوندي! واقعي جيڪڏهن ڪو کائڻ کان معذور مريض جڏهن ويٺي ويٺي ڪنهن گرهه کي تاڙي ته ان کائڻ واري سان جيڪو

ڪجهه گذرندو اهو هر شعور وارو سمجهي سگهي ٿو ﴿3﴾ ڪجهه مريضن جا زخم خراب ٿي چڪا هوندا آهن ان مان مواد وهندو ۽ بدبو ايندي آهي جيتوڻيڪ اهو هر طرح جي همدردي جي لائق ۽ قابل رحم آهي پر ان جو مرض ٻين جي لاءِ تڪليف وارو هوندو آهي انهي ڪري انهن کي اعتڪاف ۽ مدني قافلي ۾ سفر نہ ڪرڻ گهرجي، ان حالت ۾ مسجد ۾ داخل ٿيڻ بہ شرعاً حرام آهي جو بدبوءِ سان عام مسلمان ۽ فرشتن کي بہ ايذاء ٿيندو آهي ﴿4﴾ اهڙو ماڻهو جنهن جي وات مان گگ وهندي هجي، جنهن URINE BAG يا STOOL BAG لڳائي هجي ۽ جُذامي (يعني ڪوڙهہ وارو) وغيره بہ مدني قافلي ۾ سفر ۽ اعتڪاف نہ ڪن، منهنجا آقا اعليٰحضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن فتاويٰ رضويہ (جلد 24) صفحي 220 تي نقل ڪن ٿا: هڪ ڪوڙهہ واري عورت ڪعبي شريف جو طواف ڪري رهي هئي اميرالمُومِنِين حضرت فاروق اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ ان کي فرمايو: اي الله عَزَّوَجَلَّ جي ٻانهيءَ! ماڻهن کي ايذا نہ ڏئي، سٺو آهي جو تون پنهنجي گهر ۾ ويٺي رهين، پوءِ اها گهران نہ نڪتي. (موطا امام مالڪ ج 1 ص 388 رقم 988) ﴿5﴾ اهڙا نفسياتي مريض يا آسيب زده بہ مدني قافلي ۽ مسجد ڪان پري رکيا وڃن جيڪي دورو پوڻ جي صورت ۾ بيهوش ٿي ويندا آهن، يا رڙيون ڪندا يا وڏيڪ هٽ پير هلائي مسجد جي بي ادبي ۽ ٻين جي لاءِ پريشاني جو سبب بڻجن، ائين انهن مريضن کي اعتڪاف ۾ ويهارڻ يا مدني قافلن ۾ سفر ڪرائڻ بدران انهن جا نمائندا سفر ڪن يا اعتڪاف ڪري انهن جي لاءِ دعا ڪن، هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهڙو مريض يا ان جا گهر وارا هڪ اسلامي ڀاءُ يا توفيق آهر جيترن اسلامي ڀائرن جو ڏئي سگهن ايترن جو خرچ ڏئي ٽي ڏينهن، 30 ڏينهن، 12 مهينن يا 25 مهينن جي مدني قافلي ۾ ثواب جي نيت سان سفر ڪرايو، مريض جو نمائندو دعائون گهرندو رهي الله غفور و رحيم عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رحمت سان شفا ڏيندو، پر ياد رهي! رقم صرف دعوت اسلامي جي طرفان مقرر ڪيل قافلي ذميدار کي جمع ڪرائي وڃي جو اهي

پنهنجي ترڪيب سان سفر ڪرائيندا، اوهان ڪنهن کي رقم ڏني ضروري ناهي تہ اهو سفر ڪري، يا ممڪن آهي اڌ مان سفر تان موٽي اچي، ياد رهي! مريض جي اجائي دل آزاري نہ ٿيڻ گهرجي، ان جي عيادت ڪئي وڃي، ان سان ميل ميلاپ رکيو وڃي بلڪ جتي مدني قافلو مسجد بدران مسجد جي ڪنهن گهر وغيره رکي ٿو ۽ مدني قافلي وارا متفق طور ڪنهن ڪراهت واري مريض کي پاڻ سان رکڻ چاهن تہ حرج ناهي، پر ان ۾ اهو ڏٺو وڃي تہ ٻاهر کان ايندڙ عام اسلامي ڀائرن جي اچڻ سان ڪيٻائڻ يا ايذاء پهچڻ جو انديشو نہ هجي.

صدقہ نبی دی آل دا بخشے خدا شفا

منگو دعاواں میرے نے بیمار واسطے

## هر بيماري جي دوا آهي

مدني منا منا اسلامي ڀائرو! ڪينسر هڪ مهلڪ (يعني موتمار) بيماري آهي، هي بيماري ڊاڪٽرن وٽ "لاعلاج" سمجهي وڃي ٿي پر حقيقت ۾ ائين ناهي جيئن مسلم شريف جي حديث ۾ آهي: الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان صحت نشان آهي: هر بيماري جي دوا آهي جڏهن دوا بيماري تائين پهچائي ويندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان مريض سٺو ٿي ويندو آهي. (مسلم ص 1210 حديث 2204) يقيناً پوڙهائپ ۽ موت کان سواءِ هر بيماري جو علاج آهي، ها هي الڳ ڳالهہ آهي تہ ڪئي بيمارين جو علاج اَطِبَّاء (يعني ڊاڪٽر) اڃا تائين ڳولي ناهين سگهيا، تنهنڪري اهو چوڻ بدران تہ "فلان مرض جو علاج ناهي" مناسب هي آهي تہ ائين چيو وڃي تہ اسان وٽ ان بيماري جو علاج ناهي يا ڊاڪٽرز اڃا تائين ان مرض جو علاج نہ ڳولي سگهيا آهن، بهرحال رب ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ چاهي تہ دوا شفا جو ذريعو بڻجي نہ تہ ممڪن آهي تہ اها ئي دوا موت جو پيغام ثابت ٿئي! ۽ اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ ماهر ڊاڪٽر جي طرفان ملڻ واري صحيح دوا جي باوجود ڪنهن مريض کي مَنفِي اثر (REACTION) ٿي ويندو آهي ۽ وڏيڪ بيمار يا معذور ٿي ويندو يا دم ٽوڙي ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ ڪجهہ ماڻهن جي جهالت

جي ڪري ويچاري ڊاڪٽر جي شامت اچي ويندي آهي حالانڪ هي ڳالهه عقل کان بعيد (يعني ڪافي پري) آهي تہ ڪو ڊاڪٽر ڪنهن مريض کي ظاهري نقصان پهچائي يا ماري ڇڏي! ظاهر آهي اهو ائين ڪندو تہ ان جي پنهنجي بدنامي ٿيندي ۽ ماڻهو ان وٽ علاج ڪرائڻ کان پاسو ڪندا، ها ديني تَعَصُّب ۽ اسلام دشمني ٻي شيء آهي، انهي انديشي جي ڪري مشهور عالمن ۽ ديني پيشوائن کي غير مسلمن کان علاج نہ ڪرائڻ ۾ عافيت آهي تہ متان (يعني ائين نہ ٿئي) ڪو شديد جاني نقصان پهچي وڃي، عام مسلمانن کي غير مسلم ڊاڪٽر کان اهڙي طرح جي بيماري ۾ علاج ڪرائڻ جي اجازت آهي جنهن ۾ غير مسلم طبيب جي بدخواهي (يعني برو چاهڻ) هلي نہ سگهي.

## غير مسلم کان علاج جي عبرت انگيز حڪايت

منهنجا آقا اعليٰ حضرت مولانا شاه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 21 صفحي 243 تي لکن ٿا: امام مارزي رحمة الله تعالى عليه بيمار ٿيا (تہ) هڪ يهودي معالج (يعني طبيب سندن جو علاج ڪري رهيو) هو، چڱا ڀلا ٿي ويندا هيا پر وري مرض موٽي ايندو هو، ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو، آخر ان کي اڪيلائي ۾ سڏ ڪري پڇا ڪئي، ان چيو: جيڪڏهن اوهان سچ پڇو ٿا تہ اسان جي ويجهو ان کان وڌو ڪو ثواب جو ڪم ناهي جو اوهان جهڙي امام کي مسلمانن کان ضايع ڪيان، امام رحمة الله تعالى عليه ان کي دفع (يعني پري) ڪيو، الله تعاليٰ پاڻ رحمة الله تعالى عليه کي شفا بخشي، پوءِ امام رحمة الله تعالى عليه طِب ڏانهن توجهه فرمائي ۽ ان جا ڪتاب لکيا، ۽ شاگردن کي حاذق اَطِبّاء (يعني ماهر طبيب) ڪري ڇڏيو ۽ مسلمانن کي منع فرمائي تہ ڪافر طبيب سان ڪڏهن علاج نہ ڪرائين. (فتاوي رضويه ج 21 ص 243) (غير مسلمان کان علاج ڪرائڻ جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل فتاويٰ رضويہ جلد 21 صفحي 238 کان 243 تي ملاحظہ ڪيو)

## شفا ملڻ نہ ملڻ جو راز

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنّان مذڪوره حديث شريف تحت مِراٰة شرح مِشڪواة

(جلد 6) صفحي 214 تي صاحبِ مِرقاة رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي حوالي سان نقل فرمائن ٿا: جڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪنهن بيمار جي شفا ناهي چاهيندو تہ دوا ۽ مرض جي وچ ۾ هڪ فرشتي جي ذريعي اوٽ ڪري ڇڏيندو آهي، جنهن جي ڪري دوا مرض تي واقع (يعني لاڳو) ناهي ٿيندي، جڏهن شِفا جو ارادو هوندو آهي تہ اهو پردو هٽايو ويندو آهي جنهن سان دوا مرض تي واقع (يعني لاڳو) ٿيندي آهي ۽ شفا ٿي ويندي آهي.

(مرقاةُ المفاتيح ج8 ص 289 تحت الحديث 4515)

## ڪينسر جو روحاني علاج مدينہ

هڪ اسلامي ڀاءُ سگ مدينہ عُفِيَ عنه کي ٻڌايو تہ منهنجي مامي کي **پيٽ جو ڪينسر** ٿي ويو، علاج جاري هو هڪ ڀيري اسپتال ۾ انهن کي ڪنهن هڪ پرچو ڏنو جنهن ۾ ڪجهہ اهڙو مضمون هو جو هڪ ڪينسر جي مريض کي ڊاڪٽرن لاعلاج قرار ڏئي ڇڏيو، ويچارا سخت اذيت ۾ هئا ۽ زندگي کان مايوس هئا، اهڙي حالت ۾ ڪنهن ان کي قرآن شريف جون مختلف سورتن مان ڪجهہ منتخب آيتون پڙهڻ جي لاءِ ڏنيون (جيڪي اڳيان اچي رهيون آهن) انهن خلوص دل سان ان جي روزانو تلاوت شروع ڪري ڇڏي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان ان جي صحت بحال ٿيڻ لڳي ۽ ڪجهہ سال روزانو پڙهڻ جي برڪت سان ڪينسر جي بيماري ويندي رهي ۽ اهي بلڪل صحت مند ٿي ويا، مامي بہ پرچي ۾ ڏنل هدايت جي مطابق تلاوت شروع ڪري ڇڏي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ (بيان ڏيڻ وقت) حيرت انگيز طور تي مامي جي صحت بحال ٿيڻ لڳي آهي، انهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو ۽ مسلمانن کي نفعو پهچائڻ جي نيت سان مفت ورهائڻ جي نيت سان خوبصورت ڪارڊ جي صورت ۾ ان پرچي جون 2000 ڪاپيون ڇپرائيون، جيڪڏهن ڪو مريض عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيّت سان پڪي عقيدت سان انهن آيتن جي تلاوت ڪندو اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مايوس نہ ٿيندو (مدت شفا حاصل ٿيڻ تائين)

(اول ۽ اخر ٽي ڀيرا درود شريف سان گڏ روزانو هڪ ڀيري هي آيتون پڙهي)

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۝

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

﴿وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ﴾[1] ﴿وَ اِذَا
مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ﴾[2] ﴿رَبِّ اغْفِرْ وَ ارْحَمْ وَ اَنْتَ خَيْرُ
الرّٰحِمِيْنَ﴾[3] ﴿اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَ يَكْشِفُ
السُّوْٓءَ﴾[4] ﴿قُلْنَا يٰنَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰۤى اِبْرٰهِيْمَ﴾[5] ﴿اَنِّيْ مَسَّنِيَ
الضُّرُّ وَ اَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ﴾[6] ﴿اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ﴾[7] ﴿لَآ اِلٰهَ
اِلَّاۤ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ ۖ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ۝۸۷ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۙ
وَنَجَّيْنٰهُ مِنَ الْغَمِّ ۚ وَ كَذٰلِكَ نُـْۨجِي الْمُؤْمِنِيْنَ﴾[8] ﴿اِنَّ رَبِّيْ عَلٰى كُلِّ
شَيْءٍ حَفِيْظٌ﴾[9] ﴿حَسْبُنَا اللّٰهُ وَ نِعْمَ الْوَكِيْلُ﴾[10] ﴿وَ تَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَ

مدينه

[1](پ١٥، بنی اسرائيل :٨٢) [2] (پ ١٩، الشعراء :٨٠) [3] (پ ١٨ ، المؤمنون :١١٨) [4] (پ٢٠ ، النمل :٦٢) [5] (پ ١٧،الانبياء :٦٩)
[6](پ١٧،الانبياء :٨٣) [7] (پ٢٧، القمر :١٠) [8] (پ١٧، الانبياء :٨٧-٨٨) [9](پ١٢، هود :٥٧) [9](پ١٢، هود :٥٧) [10](پ٤، ال عمرٰن :١٧٣)

﴿ كَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴾[11] ﴿ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ ﴾[12] ﴿ هُوَ مَوْلٰىكُمْ ج فَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴾[13] ﴿ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴾[14] ﴿ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴾[15] ﴿ فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِيْنَ ﴾[16]

لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْم

## ساڄي هٿ سان پيئڻ سنت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ عالم جي صحبت ۾ آخرت جي نفعي جي باري ۾ مدني گل ملندا رهن ٿا، حضور مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان علیہ رحمۃ الحنّان بہ عالم باعمل هئا، سندن جي عادت ڪريمہ هئي تہ جڏهن ڪنهن کي سنت ترڪ ڪندي ڏسندا هئا تہ ان جي اصلاح فرمائيندا هئا، سندن رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جا هڪ شاگرد رشيد بيان ڪن ٿا: 1373ھ جو واقعو آهي تہ هڪ ڏينهن درس حديث جي دوران جڏهن مسلم شريف جو درس شروع ٿيو، هڪ شخص "دارُالحديث" ۾ شاگردن جي لاءِ چانهہ ڪڻي آيو، درس ختم ٿيڻ تي شيخ الحديث مولانا سردار احمد رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي اشاري تي چانهہ تقسيم ٿيڻ لڳي، جڏهن مون ناچيز جو وارو آيو تہ مون ساڄي هٿ ۾ ڪوپ پڪڙيو، ساسر (يعني پليٽ) ۾ چانهہ وجهي ۽ کاٻي هٿ سان ساسر وات ويجهو ڪئي، حضرت مُحَدِّثِ اعظم رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جو آواز دارُالحديث ۾ گونجيو: مولانا! اوهان کاٻي هٿ سان پيءُ رهيا آهيو! مون ڪوپ هيٺ رکي ساڄي هٿ سان پليٽ پڪڙي پيئڻ لڳس، جڏهن ٻيهر ڪوپ مان پليٽ ۾ وجهڻ لڳس تہ وري آواز آيو مولانا! اوهان کاٻي هٿ سان وجهي رهيا آهيو، تہ مون پليٽ رکي ڇڏي، ساڄي هٿ ۾ ڪوپ وٺي پيئڻ لڳس تہ حضرت مُحَدِّثِ اعظم رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ تَبَسُّم فرمايو ۽ زبان مبارڪ مان اهي لفظ فرمايا: طَيِّب طَيِّب يعني

---

[11] (پ٥ ، النساء: ٨١) [12] (پ ٢٤ ، الزمر :٣٦) [13] (پ١٧ ، الحج :٧٨) [14] ( الفاتحه : ١) [15] (پ٩ ، الانفال :٤٠) [16] (پ١٨ ، المؤمنون :١٤)

هاڻي نيڪ آهي، هاڻي اڪيلائي ۾ ويٺي جڏهن اهو واقعو ياد ايندو آهي ۽ ڪتِّبِ طيِّب جي لفظن جي گونج ڪنن ۾ ايندي آهي ۽ اکين مان ڳوڙها وهي پوندا آهن.
(حيات محدث اعظم ص 157)

## ڪاٻي هٿ سان ڪائڻ پيئڻ، ڏيڻ وٺڻ شيطان جو طريقو آهي

مدني مُنا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان حضرت مُحَدِّثِ اعظم رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي سنت سان محبت جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو، ڪاش! اسان سڀ به نيڪي جي دعوت جو اهو ئي انداز اختيار ڪندي خوب خوب سنتن جي ڌوم مچائيندا رهون، بيان ڪيل حڪايت ۾ ڪاٻي هٿ سان چانهه پيئڻ جي منع جو تذڪرو آهي ۽ حديث شريف ۾ ڪاٻي هٿ سان ڪائڻ پيئڻ جي منع آهي جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1432 صفحن تي مشتمل ڪتاب "فيضانِ سنت" (جلد اول) صفحي 227 تي آهي: حضرت سيِّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه، قرارِ قلب و سينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم ارشاد فرمايو: "توهان مان هر هڪ ساڄي هٿ سان کائي ۽ ساڄي هٿ سان پيئي ۽ ساڄي هٿ سان وٺي ۽ ساڄي هٿ سان ڏئي، ڇو ته شيطان ڪاٻي هٿ سان ڪائيندو، ڪاٻي هٿ سان پيئندو، ڪاٻي هٿ سان ڏيندو ۽ ڪاٻي هٿ سان وٺندو آهي." (سنن ابن ماجہ شريف ج 4 ص 12 حديث 3266)

## هر ڪم ۾ ڪاٻو هٿ ڇو......؟

مدني مُنا اسلامي ڀائرو! افسوس! اڄڪلهه اسان دنيا جي چڪرن ۾ ايتري قدر گهِري چُڪا آهيون جو محبوب باري صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جي پيارين پيارين سنّتن ڏانهن اسان جو ڌيان ئي نه ٿو رهي، ياد رکو! حديثِ مبارڪ ۾ آهي ته شيطان انسان جي بدن ۾ رت جيان گردش ڪندو آهي. (بخاري ج 1 ص 669 حديث 2038) ظاهر آهي ته هو اسان کي سنّتن ڏانهن ڪٿي وڃڻ ڏيندو؟ شيطان پويان لڳل رهندو آهي جيئن ته اسان ساڄي هٿ سان ئي ڪاڏو ڪائيندا آهيون پر پوءِ به ڪاٻي هٿ سان ڪجهه داڻا ڪائي ئي وٺندا آهيون، ڪائڻ وقت جيئن ته ساڄو هٿ ڀريل هوندو آهي تنهنڪري گهڻا ماڻهو پاڻي ڪاٻي هٿ سان ئي

پي وٺندا آهيون چانهه پيئڻ وقت ڪوپ ساڄي هٿ ۾ ۽ ساسر کاٻي هٿ ۾ ڪٽي چانهه پي وٺندا آهن، ڪنهن کي پاڻي پيئارڻ وقت جڳ ساڄي هٿ ۾ هوندو آهي جڏهن ته گلاس کاٻي هٿ ۾ ۽ کاٻي هٿ سان گلاس پين کي ڏيندا آهيون. "حياتِ مُحَدِّثِ اعظم" ص 374 تي آهي، مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا محمّد سردار احمد قادري چشتي علیہ رحمۃ اللہ القوی فرمائن ٿا ته "وٺڻ ۽ ڏيڻ ۾ ساڄي هٿ کي استعمال ڪريو، اها عادت اهڙي پڪي ٿي وڃي جو سڀاڻي قيامت ۾ اعمال نامو پيش ٿئي ته انهيءَ عادت مطابق ساڄو هٿ اڳتي وڌي، تڏهن ته ڪم بڻجي ويندو."

يا الٰہی ! نامۂ اعمال جب کھلنے لگیں

عیب پوشِ خَلْق ستّارِ خطا کا ساتھ ہو (حدائقِ بخشش شریف)

**مشڪل لفظن جي معنيٰ: عيب پوش خلق:** مخلوق جا عيب لڪائڻ وارا، **ستّار خطا:** غلطيون لڪائڻ وارو.

**شرح ڪلام رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ مُناجات جي ان شعر جي پهرين مصرعي ۾ نامۂ اعمال جب کھلنے لگیں لکيو آهي آخري لفظ "لگے" نه لکڻ ۾ به عجيب حڪمت آهي "لگے" لکن ها ته معنيٰ ٿي ته جڏهن منهنجو اعمال نامو کلي رهيو هجي ۽ پاڻ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ چاهن ٿا ته ڪاش! اسان جو اعمال نامو کوليو ئي نه وڃي بس ائين ئي بي حساب بخشش ٿي وڃي تنهنکري "لگے" نه بلڪ "لگیں" لکيو، لهٰذا انهيءَ شعر جي هي معنيٰ ٿيندي: ان وقت منهنجو اعمال نامو کوليو ئي نه وڃي، بلڪ پياري پياري مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم جي حوالي ڪيو وڃي جنهن کي تو پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان "ستّار خطا" يعني خطائون لڪائڻ وارو بڻايو آهي جيڪڏهن تو اهو ڪرم فرمائي ڇڏيو ته پوءِ منهنجون نافرمانيون ڇاٽين ۽ ان جون ڪرم نوازيون ڇاٽين.

حضرت سيد ديدار علي شاهه رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ بارگاهه الٰهي ۾ عرض ڪن ٿا:

وقتِ نَزع، وقتِ مرگ و وقتِ وحشت، قبر میں حشر میں اُس شافعِ روزِ جزا کا ساتھ ہو

یا الٰہی جب عمل تلنے لگیں میزان میں شافعِ محشر ﷺ ہر دوسرا کا ساتھ ہو

اٰمین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمین صلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## والدين جو فرمانبردار بڻجي ويو

نافرمانين تي ندامت جا ڳوڙها وهائڻ، گناهن جي بيماري کان شفا پائڻ، پاڻ کي نيڪين جو حريص بڻائڻ، پنهنجي وجود کي سنتن سان سجائڻ ۽ پنهنجي دل ۾ عشق رسول جي شمع روشن ڪرڻ لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو "**فڪر مدينه**" ڪري مدني انعامات جو رسالو پر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهه ڏينهن جي اندر پنهنجي علائقي جي دعوت اسلامي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پنهنجي هن مدني مقصد "**مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي**" جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ **مدني بهار** بيان ڪيان ٿو، جيئن بستي سمندري هير والا (ضلع ڊيرا غازي خان پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر تقريباً 20 سال) جي بيان جو خلاصو آهي: مان غالباً 2009 ۾ مِڊل جو امتحان ڏيڻ کان پوءِ موڪلون گذارڻ گهر آيل هيس، هڪ ڏينهن سبزي وٺڻ نڪتس ته رستي ۾ ڪجهه سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجايل عاشقان رسول ملي ويا انهن وڏي شفقت سان ملاقات ڪئي ۽ **انفرادي ڪوشش** ڪندي ڪجهه اهڙي پياري انداز ۾ هفتيوار سنتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪئي جو هائو ڪرڻي پئي، جڏهن طئي شده وقت تي سنتن ڀري اجتماع ۾ وڃڻ جي لاءِ اسلامي ڀائرن وٽ پهتس ته انهن شفقت فرمائي نهايت ادب ۽ احترام سان مون کي گاڏي ۾

ويهاريو، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ فيضان مدينہ جام پور (ضلع راجن پور) ۾ ٿيڻ واري دعوت اسلامي جي سنتن ڀري هفتيوار اجتماع ۾ زندگي جي پهرين حاضري جي سعادت ملي، اتي پُرسوز نعت شريف، سنتن ڀريا بيان، ذڪر الله رقت انگيز دعا منهنجي زندگي ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو خاص ڪري دعا جي دوران خوف خدا جي ڪري منهنجي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، مون گناهن کان توبہ ڪئي ۽ اجتماع تان واپسي کان پوءِ نمازن جي پابندي شروع ڪري ڏني، ڪجھ عرصي کان پوءِ ڏاڙهي شريف بہ رکي ورتي ۽ سبز عمامي شريف جو تاج بہ سجائي ورتو، مان جيڪو نهايت بدزبان ۽ بي ادب انسان هيس ماءُ پيءُ جي سامهون رڙيون ڪندو هيس ۽ انهن جو ادب نہ ڪندو هيس، هاڻي والدين جو مُطِيع ۽ فرمانبردار بڻجي ويس ۽ انهن جا هٿ پير چمڻ لڳس، منهنجي انهيءَ سٺي تبديلي تي نہ صرف گهر وارا بلڪ سڄي خاندان وارا حيران هئا، مدني ماحول سان وابستگي کان پهريان مون کي هڪ بيماري هئي جنهن جي ڪري ڪافي پريشاني رهندي هئي، الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ان مرض مان شفا عطا فرمائي، منهنجو حُسن ظن آهي تہ هي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت هئي، هي مدني بهار ڏسي منهنجي والده مون کي حڪم ڏنو تہ تنهنجي ننڍي ڀاءُ کي ڳوڙن جي تڪليف آهي، تون دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري "63 ڏينهن جي مدني تربيتي ڪورس" ۾ شامل ٿي ۽ پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ دعا ڪر، مان حڪم جي تعميل ڪندي مدني تربيتي ڪورس جي لاءِ تقريباً 2010 ۾ فيضان مدينہ ساهيوال پهتس، ۽ هتي نہ صرف پاڻ دعائون گهريون بلڪ ٻين عاشقان رسول کي بہ دعا جي لاءِ چوندو هئس، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اڃا مدني تربيتي ڪورس ۾ ٻہ هفتہ مس ٿيا هئا جو منهنجي ڀاءُ جي طبيعت بحال ٿيڻ لڳي حالانڪ ان جي لاءِ ڊاڪٽر آپريشن جو چئي چڪا هئا، جڏهن ٻيهر چيڪ اپ ٿيو تہ ڊاڪٽرز حيران رهجي ويا ۽ چوڻ لڳا هاڻي آپريشن جي ضرورت ناهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ منهنجو ڀاءُ چڱو ڀلو ٿي چڪو آهي.

فرمانِ مصطفٰی صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته اُن جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

ہیں اسلامی بھائی سبھی بھائی بھائی — ہے بے حد محبّت بھرا مَدَنی ماحول
اے بیمارِ عصیاں تُو آجا یہاں پر — گناہوں کی دیگا دوا مَدَنی ماحول
شِفائیں ملیں گی، بَلائیں ٹلیں گی
یقیناً ہے بَرَکت بھرا مَدَنی ماحول (وسائلِ بخشش ص۶۰۲)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيبِ! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ذڪر ڪيل مدني بهار ۾ نيڪي جي دعوت جا مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان والدين جو نافرمان ۽ گستاخ سڌي راهه تي اچي ويو، يقيناً وڏي ڀاڳ وارو آهي اهو انسان جنهن جا ماءُ پيءُ ان کان راضي رهن، خدا جو قسم! اهو شخص نهايت بدنصيب آهي جيڪو پنهنجي والدين کي بنا شرعي اجازت ناراض رکي ۽ جيئن ته هر پاسي ماءُ پيءُ جي نافرمانين ۽ دل آزارين جو طوفان آهي تنهنڪري پيش ڪيل مدني بهار جي ضمن ۾ ماءُ پيءُ جي خوشنودي جي ثمرن ۽ ناراضگيءَ جي وعيدن جي باري ۾ نيڪي جي دعوت جا مدني گل پيش ڪيا وڃن ٿا، سڀ کان پهريان پنهنجي پٽ سان محبت ڪرڻ واري ماءُ جي دعا جي ايمان افروز حڪايت پڙهو ۽ جهومو:

## ماءُ جي دعا سان ڪلمو شريف نصيب ٿي ويو

هڪ ڊاڪٽر جو بيان آهي: هڪ شخص کي دل جو سخت دورو پيو، بچڻ جي اميد نه هئي، ان جي ماءُ بستر جي ويجهو ويهي دعا ڪري رهي هئي جيڪا حاضرين ٻڌي: يا الله عَزَّوَجَلَّ مان پنهنجي پٽ سان راضي آهيان تون به راضي ٿي وڃ، ڊاڪٽر علاج ۾ مشغول هئا ۽ محترمه دعا ۾ لڳل هئي، جڏهن آخري وقت آيو مريض بلند آواز سان ڪلمو پڙهيو، چپن تي تَبَسُّم ڦهلجي ويو ۽ روح پرواز ڪري ويو.

## مرندي وقت ڪلمو پڙهڻ وارو جنتي آهي

سُبحٰنَ الله! جنهن مسلمان جي ماءُ آخري وقت ۾ ان سان خوش هجي ان جو به ڇا شان آهي، ۽ جنهن کي آخري

وقت ڪلمو نصيب ٿي وڃي خدا جو قسم! اهو وڏو خوش نصيب آهي جيئن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان جنت نشان آهي: مَنْ كَانَ آخِرُ كَلَامِهِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ دَخَلَ الْجَنَّةَ يعني جنهن جو آخري ڪلام لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ هجي اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. (ابو داؤد ج 3 ص 255 حديث 3116)

## ڪلمو پڙهڻ واري جي حڪايت

فرمان مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم آهي: ملكُ الموت هڪ مرڻ واري شخص وٽ آيا تہ ان جي دل کي ڏٺائون پر ڪو عملِ خير (يعني سٺو عمل) نہ مليو، پوءِ ان جي ڄاڙين کي ڪوليو تہ زبان جا ڪنارن کي تالو سان مليل ڏٺو ۽ اهو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه چئي رهيو هو تہ انهيءَ ڪلمي جي ڪري ان جي بخشش ڪئي وئي.

(المحتضرين مع موسوعة الامام ابن ابي الدنيا ج 5 ص 304 رقم 9)

جب دم واپسیں ہو یاالله لب پہ ہو لَآ اِلٰـــہَ اِلَّا الـلّٰـــہ

ہیں محمد برے رسولِ خدا مرحبا مرحبا رسولُ الـلّٰـــہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مقبول حج جو ثواب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً ماءُ پيءُ جو درجو تمام اعليٰ ۽ مٿانهون آهي، انهن جون دعائون اولاد جي حق ۾ قبول ٿينديون آهن، بس انهن کي خوش رکو خوب خدمت ڪري انهن جون دعائون وٺو، انهن جي خوشي ايمان جي سلامتي ۽ انهن جي ناراضگي ايمان جي بربادي جو سبب بڻجي سگهي ٿي، ماءُ پيءُ جو فرمانبردار سدائين خوش حال ۽ شاد باد رهندو آهي، دنيا ۾ جتي رهي ماءُ پيءُ جي دعائن جو فيض ملندو آهي دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 32 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ساموندي گنبذ" جي صفحي 6 تي آهي: وڏي شفقت ۽ پيار ۽ محبت سان ماءُ پيءُ جو ديدار ڪيو، ماءُ پيءُ ڏانهن رحمت جي نظر ڪرڻ جي ڇا ڳالهہ ڪجي! سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان رحمت نشان آهي: جڏهن اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن

رحمت جي نظر ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي هر نظر جي بدلي حجّ مَبْرُور (يعني مقبول حج) جو ثواب لکندو آهي. صحابہءِ ڪرام عليهم الرضوان عرض ڪيو: جيتوڻيڪ ڏينهن ۾ سؤ ڀيرا نظر ڪري! فرمايائون: نَعَمْ، اَللهُ اَكْبَرُ وَ اَطْيَبُ يعني ”ها، الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ پاڪ آهي.“ (شعب الايمان ج 6 ص 186 حديث 7856) يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ هر شيءِ تي قادر آهي اهو جيتري قدر چاهي ثواب ڏئي سگهي ٿو، هرگز عاجز ۽ مجبور ناهي، لهٰذا جيڪڏهن ڪو پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن روزانو 100 ڀيرا بہ رحمت جي نظر ڪري تہ اهو ان کي سؤ مقبول حجن جو ثواب عطا فرمائيندو .

مشغول جو رہتا ہے، ماں باپ کی خدمت میں — اللہ کی رحمت سے، جاتا ہے وہ جنّت میں
ماں باپ کو ایذا جو، دیتا ہے شرارت سے — جاتا ہے وہ دوزخ میں، اعمال کی شامت سے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! — صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ماءُ کي اڪيلو ڇڏي ڏيڻ واري جي عبرتناڪ موت

هڪ شخص جي ماءُ سخت بيمار، موت جي بستر تي هئي، ان جي باوجود نالائق پٽ ان سان بدتميزي ڪئي ۽ ويچاري کي اڪيلو ڇڏي ڏنو ۽ اها غريب انهيءَ حالت ۾ انتقال ڪري وئي، وقت گذرندو ويو، 30 سالن کان پوءِ ان ”نالائق پٽ“ کي دست لڳا ۽ نهايت ڪمزور ٿي ويو، جيڪو ڪيو اهو سامهون آيو جو روئي روئي چوندي ٻڌو ويو: منهنجا ٽي پٽ آهن پر منهنجي بلڪل پرواهہ ناهن ڪندا، مان ڪيترن ئي ڏينهن کان بيمار آهيان پر هڪ ڀيرو بہ ملڻ نہ آيا، آخرڪار اهو پنهنجي ماءُ جيان رات جو اڪيلو مري ويو، صبح جو پاڙي وارن ڏٺو تہ اڪيلي لاش تي ڪيولين جمع ٿي ويون ۽ ان کي چڪ پائي رهيون هيون.

دل دُکھانا چھوڑ دیں ماں باپ کا
ورنہ ہے اِس میں خسارہ آپ کا (وسائلِ بخشش ص ۶۶۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! — صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هي حقيقت آهي تہ ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارو دنيا ۾ سزا پائيندو آهي، **فرمان مصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: سيني گناهن جي سزا الله عَزَّوَجَلَّ چاهي تہ قيامت تائين ناهي ڏيندو پر ماءُ پيءُ جي نافرماني جي سزا حياتي ۾ ئي ڏيندو آهي. (المستدرک للحاکم ج5 ص 216 حديث 7345)

واقعي اهو شخص خوش نصيب آهي جيڪو ماءُ پيءُ کي خوش رکي ٿو، جيڪو بد نصيب ماءُ پيءُ کي ناراض ڪندو آهي ان جي لاءِ بربادي آهي، الله تبارک و تعالٰي 15 سيپاري سُوْرَةُ بَنِیْٓ اِسْرَآءِيْل آيت نمبر 23 تا 25 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿۲۳﴾ وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَقُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿۲۴﴾ رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا فِيْ نُفُوْسِكُمْ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪريو جيڪڏهن تنهنجي سامهون انهن مان هڪڙو يا ٻئي پوڙهاپ کي پهچي وڃن تہ انهن کي اُف (هون) نہ چئجان ۽ نہ انهن کي جهڙڪ ۽ انهن سان ڳالهہ تعظيم واري ڳالهاءِ ۽ انهن جي واسطي عاجزي جا پر وڇاءِ نرم دلي سان ۽ عرض ڪر اي منهنجا رب تون انهن ٻنهي تي رحم ڪر جيئن جو انهن ٻنهي مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو، توهان جو رب خوب ڄاڻي ٿو جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي.

## ننڍپڻ ۾ ماءُ بہ تہ اولاد جي ”گندگي“ برداشت ڪندي آهي

مدينه

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مٿي ذڪر ڪيل آيت شريف ۾ الله عَزَّوَجَلَّ والدين سان حُسنِ سُلوڪ جو حڪم ڏنو آهي ۽ خاص ڪري انهن جي ٻُڍاپي ۾ وڌيڪ خدمت ڪرڻ جي تاڪيد فرمائي آهي. يقيناً ماءُ پيءُ جو ٻڍاپو انسان کي امتحان ۾ وجهي ڇڏيندو آهي، وڏپڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن بستر تي ئي بَول و بَراز (يعني گندگي) جي ترڪيب ٿيندي آهي جنهن جي ڪري عموماً اولاد بيزار ٿيندي آهي، پر ياد رکو! اهڙي حالت ۾ بہ والدين جي خدمت لازمي آهي، ننڍپڻ ۾ ماءُ بہ آخر ٻار جي گندگي برداشت ڪندي آهي، ٻڍاپي ۽ بيمارين سبب ماءُ پيءُ ۾ ڪيتري بہ چڙ جي عادت ٿئي، عقل ويندو رهي، گهٽو هُل ڪن، بنا ڪنهن سبب جي وڙهن، چاهي

ڪيترو نه وڌهن، بيشڪ پريشان ڪري وجهن پر صبر، صبر ۽ صبر ئي ڪرڻو آهي ۽ انهن جي عزت ئي ڪرڻي آهي، انهن سان بدتميزي ڪرڻ انهن کي دڙڪا ڏيڻ ته پري جي ڳالهه پر انهن کي "اُف يا هون" به ناهي ڪرڻي نه ته بازي هٿن مان نڪري سگهي ٿي ۽ ٻنهي جهانن ۾ تباهي مقدر بڻجي سگهي ٿي ڇو ته والدين جي دل ڏکائڻ وارو هن دنيا ۾ به ذليل ۽ خوار ٿيندو آهي ۽ آخرت ۾ به عذابِ نار جو حقدار هوندو آهي.

دل دُکھانا چھوڑدیں ماں باپ کا

ورنہ ہے اس میں خسارہ آپ کا (وسائلِ بخشش ص ٦٦٨)

## نزع ۾ خوفناڪ رڙيون ڪرڻ وارو نوجوان

هڪ نوجوان جا گردا فيل ٿي ويا، اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو، حالت نهايت خراب هئي، نزع (يعني روح نڪرڻ جو عمل) طاري ٿيو، ان جي وات ۽ نڪ مان دردناڪ آواز نڪرندا هئا، چهرو نيرو ۽ اکيون ٻاهر نڪري اينديون هيون، انهي ڪيفيت ۾ به ڏينهن گذري ويا، اهي دردناڪ آوازون خوفناڪ رڙين ۾ تبديل ٿي ويون، وارڊ (WARD) جا مريض پڄڻ شروع ٿيا، تنهنڪري ان کي وارڊ کان پري هڪ ڪمري ۾ منتقل ڪيو ويو، ان جي پيءُ ڊاڪٽر کي چيو ان کي زهر جو ٽيڪو لڳائي ڇڏ ته جيئن هي مري وڃي، اسان کان ان جي اها حالت نٿي ڏسي سگهجي، جڏهن پڇيو ويو ته آخر ان جي اها عجيب ۽ غريب حالت ڇو آهي؟ پيءُ بيزاري سان چيو: هي شخص پنهنجي گهرواريءَ کي خوش ڪرڻ خاطر ماءُ کي ماريندو هو ۽ مان ان کي روڪيندو هيس، ائين لڳي ٿو هاڻي هن کي ان جي سزا ملي رهي آهي! ٽي ڏينهن نزع جي شديد تڪليفن ۾ مبتلا رهڻ کان پوءِ ان ساهه ڏنو.

## ماءُ کي جواب نه ڏيڻ وارو گونگو ٿي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله تَوَّاب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ اسان توبهه ڪيون ٿا ۽ ان کان عافِيَت جو سوال ڪيون ٿا. هاءِ! ماءُ پيءُ جي دل آزاري ڪيتري وڏي رُسوائي ۽

درد ناڪ عذاب جو سبب آهي، ماءُ پيءُ جو وڌيڪ خيال رکڻ گهرجي ته جيئن ئي پڪارين سڀ ڪم ڪار ڇڏي ڪري جي امان، جي بابا چوندي ان جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ گهرجي، منقول آهي: هڪ شخص کي ان جي ماءُ سڏ ڪيو پر ان جواب نه ڏنو، ان تي ان جي ماءُ ان کي بد دعا ڏني ته اهو گونگو ٿي ويو. (برّ الوالدين للطرطوشي ص 79)

## ماءُ پيءُ جي نافرمان جون عبادتون نامقبول

پنهنجي پيءُ جي نافرمان جي باري ۾ پڇيا ڪيل سوال جي جواب ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن فرمائن ٿا: پيءُ جي نافرماني الله جبّار ۽ قهّار جي نافرماني آهي ۽ پيءُ جي ناراضگي الله جبّار و قهّار جي ناراضگي آهي، ماڻهو ماءُ پيءُ کي راضي ڪري ته اهي ان جي لاءِ جنت آهن ۽ ناراض ڪري ته اهي هن جي لاءِ دوزخ آهن. جيستائين پيءُ کي راضي نه ڪندو ان جو نه ڪو فرض، نه ڪو نفل ۽ نه ڪو نيڪ عمل اصلاً مقبول آهي، آخرت جي عذاب کان علاوه دنيا ۾ ئي سخت بلا (يعني شديد آفت) نازل ٿيندي، مرڻ مهل معاذالله عزوجل ڪلمو نصيب نه ٿيڻ جو خوف آهي. (فتاويٰ رضويه ج 24 ص 384، 385)

## گڏهه جهڙو مُڙدو

حضرت سيّدُنا عوّام بن حوشب رحمة الله تعالى عليه (جيڪي تبع تابعي بزرگ گذريا آهن ۽ سندن وفات 148ھ ۾ ٿي) فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان ڪنهن پاڙي مان گذريس، ان جي ڪناري تي قبرستان هو، عصر کان پوءِ هڪ قبر ڦاٽي ۽ ان مان هڪ اهڙو ماڻهو نڪتو جنهن جو مٿو گڏهه جو ۽ باقي جسم انسان جو هو، ان ٽي ڀيرا گڏهه وانگر هينگون ڪيون (يعني آواز ڪيائين) پوءِ قبر ۾ هليو ويو ۽ قبر بند ٿي وئي. هڪ پوڙهي عورت سُٽ ڪتي رهي هئي ته هڪ عورت مون کي چيو: هن پوڙهي عورت کي ڏسي رهيا آهيو؟ مون چيو: هن جو ڇا معاملو آهي؟ چيائين: هي قبر واري جي ماءُ آهي، اهو شرابي هو جڏهن شام جو گهر ايندو هو ته ماءُ نصيحت ڪندي هئي ته اي پٽ! الله عزوجل کان ڊڄ آخر ڪيستائين

هن ناپاڪ کي پئيندي! هي جواب ڏيندو هو: تون گڏهه وانگر چو ٿي رڙيون ڪرين. هن شخص جو عصر جي وقت انتقال ٿيو جڏهن ڪان وفات ٿي آهي هر ڏينهن عصر ڪان پوءِ هن جي قبر ڦاٽندي آهي ۽ هي ائين ٿي پيرا گڏهه وانگر آواز ڪيدي پوءِ قبر ۾ هليو ويندو آهي ۽ قبر بند ٿي ويندي آهي.

(الترغيب والترهيب للمنذري ج 3 ص 267 حديث 3833)

دل نہ تُو ماں باپ کا ہرگز دُکھا
ہو کہیں نہ خاتمہ تیرا بُرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله!　اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ماءُ جي گستاخ کي زمين زنده ڳڙڪائي وئي!

مدينه

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ هاري جي گهر ۾ سَسُ ۽ ننهن جي وچ ۾ هميشہ اٽبٽت رهندي هئي، هڪ ڀيري هاري جي گهرواريءَ ڪاوڙجي ساهرن هلي وئي ۽ اهو مِنٿ ميڙ ڪري ان کي وٺي آيو، آخري ڀيري گهرواريءَ هاري کي چٽي چڏيو تہ هاڻي ان گهر ۾ مان رهندس يا توهان جي ماءُ، هاري پنهنجي گهرواريءَ تي فِدا هو، ان نادان دل ئي دل ۾ طئي ڪيو تہ روز روز جي جهگهڙن جو حل هي آهي تہ ماءُ کي رستي تان هٽايو وڃي، هڪ ڀيري ان ڪنهن حيلي سان ماءُ کي پنهنجي ڪمند جي پوک ۾ وٺي ويو، ڪمند ڪٽيندي ڪٽيندي موقعو ملندي ماء ڏانهن رخ ڪري ان تي ڪهاڙي جو وار ڪرڻ چاهيو ٿي تہ هڪدم زمين ان هاري جا پير پڪڙي ورتا، ڪهاڙي هٿ مان ڇڏائجي پري وڃي ڪري ۽ ماءُ رڙيون ڪندي ڳوٺ ڏانهن وٺي ڀڳي، زمين آهستي آهستي ان هاري کي ڳڙڪائڻ شروع ڪيو، اهو گهبرائي ڪري رڙيون ڪندو رهيو ۽ پنهنجي ماءَ کي پڪاري ڪري معافي گهرندو رهيو پر ماءَ پري وڃي چڪي هئي، ڪجهه دير ڪان پوءِ جڏهن ماڻهو اتي پهتا اهو ڇاتي تائين

زمين ۾ دٻجي چڪو هو، ماڻهو ان کي ڪڍڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا رهيا پر زمين ان کي ڳڙڪائيندي وئي ايستائين جو اهو زمين جي اندر دٻجي ويو.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے — مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے — جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سُونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## توبہ! توبہ!

مدني مُنا مُنا اسلامي ڀائرو! توبہ! توبہ! ڏجي وڃو! جيڪڏهن ماءُ پيءُ کي ڪڏهن ناراض ڪيو آهي تہ جلدي جلدي انهن جي قدمن تي ڪري پئو روئي روئي انهن کان معافي جي خيرات گهري وٺو، هي تہ دنيا جي سزا هئي جيڪا ماءُ جي نافرمان نادان هاري کي ڏني وئي جيڪڏهن اهو مسلمان هاري هو تہ اسان خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ کان ان جي لاءِ رحم ۽ ڪرم جي درخواست ڪيون ٿا، دنيا جي سزا جڏهن ناقابل برداشت هوندي آهي تہ آخرت جي سزا ڪئين برداشت ڪئي ويندي! خدا جو قسم! ماءُ پيءُ جي نافرمان کي مرڻ کان پوءِ ملڻ واري سزا دنياوي سزا جي مقابلي ۾ ڪروڙين ڪروڙ درجا وڌيڪ خوفناڪ هوندي دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 32 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ساموندي گنبذ" جي صفحي 20 کان 21 تي آهي:

## باهہ جي تارين تي لٽڪڻ وارا

حضرت سيِّدُنا امام احمد بن حَجَر مڪي شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي نقل ڪن ٿا: سروَر ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: مِعراج جي رات مون ڪجهہ ماڻهو ڏٺا جيڪي باهہ جي تارين سان لٽڪيل هئا، مون پڇا ڪئي: اي جبرئيل! اهي ماڻهو ڪير آهن؟ عرض ڪيائين: اَلَّذِيْنَ يَشْتُمُوْنَ اٰبَاءَهُمْ وَ اُمَّهَاتِهِمْ فِي الدُّنْيَا يعني اهي ماڻهو آهن جيڪي دنيا ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ کي بُرو ڀلو چوندا هئا.

(الزواجر عن اقتراف الكبائر ج 2 ص 139)

## برسات جي قطرن برابر ٽانڊا

منقول آهي: جنهن پنهنجي والدين کي گار ڏني ان جي قبر ۾ باهہ جا ايترا ٽانڊا لهندا آهن جيترا (برسات جا) قطرا آسمان مان زمين تي ڪرندا آهن . (ايضاً ص 140)

## قبر پاسراٽيون پيچي چڏيندي آهي

منقول آهي: جڏهن پيءُ جي نافرمان کي دفن ڪيو ويندو آهي تہ قبر ان کي دٻائيندي آهي ايستائين جو ان جون پاسراٽيون (ٽٽي) هڪبئي ۾ ملي ونديون آهن . (ايضاً)

## پير پڪڙي ماءُ پيءُ کان معافي وٺي ڇڏيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اوهان جا ماءُ پيءُ يا انهن مان ڪو هڪ ناراض آهي تہ جلد ئي هٿ ٻڌي، پيرين پئي روئي ڪري معافي تلافي جي ترڪيب ٺاهيو، انهن جا جائز مطالبہ پورا ڪيو ان ۾ ئي ٻنهي جهانن جي ڀلائي آهي والدين جي حقن جي باري ۾ مزيد معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي جاري ڪيل ٻہ عدد V.CDs (1) "ماں باپ کے حقوق" (2) رمضان المبارڪ جي اِعتِڪاف (1430ھ) ۾ ٿيڻ واري مدَني مُذاڪري جي V.C.D "والدین کے نافرمانوں کا انجام" ملاحظہ فرمايو.

## ماءُ جي بد دعا سان ٽنگ ڪٽجي وئي

واقعي ماءُ پيءُ جي حقن کان بريءُ الذمہ (يعني آجو) ٿيڻ نهايت دشوار آهي ان جي لاءِ سڄي عمر ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ ماءُ پيءُ جي ناراضگي کان سدائين بچڻو پوندو، جيڪي ماڻهو ماءُ پيءُ کي ستائيندا آهن انهن جو دنيا ۾ بہ انجام برو ٿيندو آهي جيئن علامہ ڪمالُ الدين دَميري رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ نقل ڪن ٿا: "زَمَخشَري (جيڪومُعتَزلي فرقي جو وڏو مشهور عالم هو ان) جي هڪ ٽنگ ڪٽيل هئي ماڻهن جي پڇڻ تي ان انڪشاف ڪيو هي منهنجي ماءُ جي بددعا جو نتيجو آهي، ڳالهہ هي آهي تہ مون ننڍپڻ ۾ هڪ جهرڪي پڪڙي ۽ ان جي ٽنگ ۾ هڪ ڏور ٻڌي هئي اتفاق سان اها منهنجي هٿ مان اُڏري هڪ ديوار جي سوراخ ۾ ڪِهِري وئي پر ڏور ٻاهر ئي هئي

مون ڏور مان پڪڙي زور سان ڇڪ ڏني تہ جهرڪي ٻاهر آئي پر ويچاري جي ٽنگ ڏور سان ڪٽجي ڇڪي هئي، منهنجي امڙ جڏهن هي دردناڪ مَنظر ڏٺو تہ صدمي وچان تڙپي ڪري سندن جي واتان منهنجي لاءِ هي بددعا نڪتي: ”جهڙي نموني تون هن ٻي زبان جي ٽنگ ڪٽي آهي الله تعالیٰ تنهنجي بہ ٽنگ ڪٽي“ ڪجهہ وقت کان پوءِ مون علم حاصل ڪرڻ لاءِ ”بخارا“ جو سفر ڪيو، سفر ڪندي مان سواري تان ڪري پئس، ٽنگ تي شديد ڌڪ لڳو، ”بخارا“ پهچي ڪافي علاج ڪرايو پر تڪليف نہ وئي آخرڪار ٽنگ ڪٽائڻي پئي. (اٿين ماءُ جي بددعا پوري ٿي)

(حياةالحيوان الڪبريٰ ج 2 ص 163)

## ماءُ پيءُ جي محبت جا اولاد تي طبي اثر

ماءُ پيءُ جي اهميّت کي ڪير نٿو ڄاڻي، اسلام اسان کي ماءُ پيءُ کي خوش رکڻ ۽ ان جي ناراضي کان بچڻ جو حڪم ڏنو آهي، يقيناً هن ۾ اسان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلائيون آهن، غير مسلم سائنسدانن بہ ماءُ پيءُ جي تعلق سان عجيب ۽ غريب تحقيقون ڪيون آهن: ڊاڪٽر نِڪلسَن ڊيوز (DR NICHOLSON DEVIS) ۽ پروفيسر مِسلَن ڪيم (PROF. MISLON CAM) جي رپورٽ جو خلاصو آهي: ماءُ پيءُ کي جيئڻ پوڙهائپ ايندي آهي، انهن جي اولاد سان محبت وڌندي ويندي آهي ۽ انهيءَ محبت سبب والدين جي اکين جي اندر روشني جي هڪ مخصوص شڪل پيدا ٿي ويندي آهي، جيڪا اولاد جي لاءِ صحت جو سبب بڻجندي آهي! ماءُ پيءُ چاهي هزارين ميل پري هجن (پر اولاد کان خوش هجن تہ) انهن جي همدردين ۽ سٺين تمنائن جي ذريعي غير مَرئي (يعني نظر نہ اچڻ وارين) شُعائن جو سلسلو اولاد تائين پهچندو رهندو آهي، والدين بيمار هجن تڏهن بہ ان جي غير مرئي شعائون ڪمزور ناهن ٿينديون ان جي قوت لاڳيتو وڌندي رهندي آهي، ماءُ پيءُ جيڪڏهن ويجها هجن تہ انهن جون محبت ڀريون غير مرئي شعائون جسم ۾ اعصاب (يعني اهي باريڪ سفيد ريشا جيڪي دماغ ۽ حرام مغز کان نڪري ڪري تمام بدن ۾ ڦهليل آهن ان) کي

تقويت پهچائيندا ۽ ان کي لچڪ دار يعني نرم ۽ ملائم رکندا آهن والدين جو ڇهڻ نفسياتي بيمارين ۽ ذهني گُهٽين کي پري ڪري ٿو، هڪ سائنسدان پنهنجو تجربو بيان ڪندي لکي ٿو: مان جڏهن به پنهنجي ماءُ سان محبت ڀريون نگاهون ملايان ٿو منهنجي اندر سڪون جي لهر داخل ٿي ويندي آهي. خير هي غير مسلمن جون تحقيقون آهن، اسان کي دنياوي مفادات جي لاءِ نه خدا ۽ مصطفيٰ عزوجل و صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم جي احڪامن جي پيروي جي نيّت سان والدين جي اطاعت ڪرڻ گهرجي، الحمدلله عزوجل مسلمان پوءِ به ماءُ پيءُ جي خدمت ڪندا آهن غير مسلمن وٽ ته ماءُ پيءُ جي تمام گهڻي ناقدري آهي ان کي هن واقعي مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو.

## اولڊ هائوس ۽ لاچار پوڙهي

انگلينڊ جي هڪ ميگزين ڪجھ انهي طرح جو سنسني خيز قصو لکيو، هڪ ماءُ جي هڪ ئي ڌيءَ "ميري" MARY جي علاوه ڪا اولاد نه هئي، "ميري" جڏهن جوان ٿي ته ماءُ ان جي هڪ خوشحال ۽ سماجي طور تي معزز نوجوان سان شادي ڪرائي، ۽ پاڻ به ان سان گڏ رهڻ لڳي، انهن وٽ به چند جهڙي ڇوڪريءَ پيدا ٿئي، جنهن جو نالو اِليزَبيّٿ (ELIZABETH) رکيو ويو، ناني کي جڻ هڪ رانديڪو ملي ويو، اِليزَبيّٿ ناني سان گهڻي هِري وئي، وقت گذرندو ويو هيڏانهن اِليزَبيّٿ وڏي ٿيندي وئي، ۽ ناني پوڙهاپ ڏانهن وڌي رهي هئي، هاڻي ننيڙي ايڏي ٿي وئي هئي جو پنهنجا ڪپڙا وغيره تبديل ڪري وٺندي هئي، "ميري" سوچيو ماءُ هاڻي ايڏي پوڙهي ٿي چڪي آهي مهمان وغيره اچن ٿا هاڻي هي انهن ۾ نهي نٿي، تنهنڪري ان ماءُ کي پوڙهن جي خصوصي گهر يعني اولڊ هائوس (OLD HOUSE) ۾ داخل ڪرايو، ماءُ گهڻو احتجاج ڪيو گهر ۾ پنهنجي ضرورت جو احساس ڏياريو، ڏهني اِليزَبيّٿ جي پرورش جو عذر ڪيو پر ان جي نه ٻڌي وئي، اِليزَبيّٿ کي ناني سان پيار ٿي ويو، ان به ناني جي حمايت ڪئي پر ڪنهن جي نه ٻڌي وئي، "ميري" حيلا بهانا ڪندي رهي ته گهر ۾ تنگي ٿي رهي آهي، اوهان بي فڪر رهو اسان وقت بوقت اولڊ

هائوس (OLD HOUSE) ۾ ملڻ لاءِ ايندا سين، چنچر آچر تي (ٻه ڏينهن) گهر به وٺي ايندا سين، ڇا اولڊ هائوس سان به ڪو رشتو ٽٽندا آهن! شروع شروع ۾ ميري ماءُ سان ملاقاتون به ڪيون پر آهستي آهستي ان ۾ فاصلو وڌندو ويو، آخرڪار "انتظار" ٻُڍڙيءَ جو مقدر بڻجي ويو اها محبت ڀريا وڏا وڏا خط لکندي هئي ڏهٽي اِليزَبِيٽ جي لاءِ پيار لکندي هئي پر ڪو خاص فرق نه پيو، هڪ ڀيري خط ۾ ڏيءَ لکيو ته هاڻي ڪرسمس (CHRISTMAS) جي اڳين رات اوهان ڪي وٺڻ جي لاءِ ايندس، گهر هلنداسين، ٻُڍڙيءَ جي خوشي جي انتها نه رهي، هن اُن (WOOL) سان پنهنجي ڏهٽي جي لاءِ سوئٽر وغيره ٺاهيو ته جيئن ان کي تحفي ۾ ڏئي 24 ڊسمبر جو رات جو سخت برفباري هئي "ميري" وٺڻ لاءِ ايندي انهيءَ ڪري هن پنهنجو محبت ڀريو تحفو کڻي انتظار ۾ بلڊنگ جي صحن ۾ ويهي ڪري بيقراري سان رستي تان ايندڙ هر گاڏي کي غور سان ڏسي رهي هئي ته ڏسان منهنجي "ميري" جي گاڏي ڪڏهن ٿي اچي! اولڊ هائوس جي هڪ خادمه ڇوڪري "نينسي" NENSI ڪي ٻُڍڙيءَ جي بيقراري ڏسي تمام گهڻو ترس اچي رهيو هو ان هيٺر واري ڪمري ۾ هلڻ جو گهڻو زور ڀريو پر ٻڍڙيءَ نه مڃيو، نينسي هڪ گرم شال آڻي ڪري ان کي اوڍائي ۽ همدردي سان بار بار ان کي گرم گرم چانهه پيش ڪندي رهي، پوڙهي سخت سيءَ ۾ ٺرندي ٺرندي انتظار ۾ سڄي رات جاڳي گذاري پر ڏيءَ کي نه اچڻو هو، نه اها آئي، شديد سردي جي ڪري ان پوڙهيءَ کي سخت نمونيا ٿي ويو جيڪو سردي لڳڻ، ڪنگهه ٿيڻ ۽ گلو خراب ٿيڻ سبب ٿيندو آهي ۽ هن ۾ ڦڦڙن جي ڪنهن حصي ۾ سوڄ ٿي ويندي آهي جنهن سبب هوا اتي نٿي وڃي سگهي ۽ مريض کي ساهه کڻڻ ۾ سخت تڪليف ٿيندي آهي ۽ ان جو گرمي پد (يعني بخار) 105 تائين وڌي ويندو آهي، ان بيماري کي برداشت نه ڪندي ٻڍڙيءَ دم ڏنو، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ميري پنهنجي ماءُ جو سامان وٺڻ اولڊ هائوس آئي هن خادمه نينسي جو بيحد شڪر ادا ڪيو ڇوته ان آخري وقت تائين ان جي پوڙهي ماءُ جي خدمت ڪندي رهي، جيئن

تہ نينسي اچا جوان هئي ۽ ڪافي خدمت گذار هئي انهيءَ ڪري ميري ان ڪي سٺي پگهار جي لالچ ڏئي ان ڪي پنهنجي گهر ۾ خدمتگاري جي ڪم لاءِ هلڻ جي آفر ڪئي، ”نينسي“ چوڻ ڪندي چيو: اوهان جي گهر ضرور ايندس پر هينئر نہ جنهن ڏينهن اوهان جي ڏي اِليزَبيٿ اوهان ڪي هتي اولڊ هائوس ۾ ڇڏي ويندي مان ان جي لاءِ ان جي خدمت لاءِ ويندس .

## اولڊ هائوس جي مقيم پن پاڪستاني بزرگن جو فرياد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي تہ هڪ غير مسلمن جو واقعو هو، ان ڪي ٻڌي شايد اوهان ڪي ڪجھ عجيب محسوس ٿي رهيو هوندو، غير اسلامي ملڪن ۾ گهڻا اولڊ هائوس آهن ۽ افسوس ان ڪي ڏسندي ڏسندي اسلامي ملڪن، ايستائين جو پاڪستان ۾ ان جو آغاز ٿي چڪو آهي! دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ۾ 16 ربيع النُّور شريف 1422ھ (2011/2/19) تي پوڙهن اسلامي ڀائرن جو مدني مذاڪرو ٿيو، جنهن ۾ سڄي ملڪ مان هزارين پوڙهن شرڪت ڪئي هئي ۽ هي مدني مذاڪرو ”مدني چينل“ تي براهِ راست ٽيلي ڪاسٽ (TELECAST) ڪيو ويو، ڪنهن پاڪستاني اولڊ هائوس ۾ مقيم ٻہ نهايت ڪمزور بزرگن، اسلامي ڀائرن سان نهايت غمگين لهجي ۾ پنهنجو درد ڀريو داستان بيان ڪيو ۽ اولڊ هائوس ۾ ڇڏي ويندڙ پنهنجي عزيزن جي باري ۾ نهايت افسوس ۽ حسرت جو اظهار ڪيو ۽ چيائون تہ اسان جي خواهش آهي تہ اسان جي خاندان وارا اسان ڪي گهر وٺي هلن اسان هتي گهڻا ڏکي آهيون، هاءِ! هاءِ! اهو اولاد ڪيڏو نہ احسان فراموش، ناخلف ۽ نالائق آهي جيڪو ننڍپڻ ۾ ماءُ پيءُ جي طرفان ڪيل تمام احسان وساري ڪري پوڙهاپ ۾ انهن ڪي نڪرائي ڇڏيندو آهي، حالانڪ پوڙهاپ ۾ تہ ويچارن ڪي همدردين جي گهڻي حاجت هوندي آهي. اسلامي ڀائرو اوهان عهد ڪيو تہ چاهي ڪجھ بہ ٿي وڃي ماءُ پيءُ ڪي سڄي عمر نڀائينداسين ۽ انهن جي خدمت ڪري پاڻ ڪي جنت جو حقدار بڻائينداسين، اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ يقين مڃو

والدين جا حق تمام گهڻا آهن ان ڪان بريءُ الذمہ ٿيڻ ممڪن ئي ناهي.

## ماءُ کي ڪلهن تي کڻي گرم پٿرن تي ڇهہ ميل... مدينه

هڪ صحابي رضی اللہ تعالیٰ عنہ بارگاھِ نبوي علٰي صاحبها الصلٰوۃ والسلام ۾ عرض ڪيو: هڪ راھ ۾ اهڙا گرم پٿر هئا جيڪڏهن گوشت جو ٽڪر ان تي رکيو وڃي تہ اهو ڪَبَاب ٿي وڃي! مون پنهنجي ماءُ کي ڪلهي تي ڇهہ ميلن تائين کڻي هليس، ڇا مان ماءُ جي حقن مان فارغ ٿي ويو آهيان؟ سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم فرمايو: تنهنجي پيدا ٿيڻ تي سُور جا جيترا جهٽڪا ان برداشت ڪيا شايد هي ان مان هڪ جهٽڪي جو بدلو ٿي سگهي. (المعجم الصغير للطبراني، الجزءُ الاول ص 92 حديث 257)

## حمل جي تڪليف... مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي ماءُ پنهنجي ٻار جي لاءِ سخت تڪليفون برداشت ڪندي آهي، ٻار جي ڄمڻ (DELIVERY) وقت ٿيڻ واري تڪليف کي ماءُ ئي سمجهي سگهي ٿي مرد جي لاءِ ڪيڏي آساني آهي جو ان کي ڊليوري ناهي ٿيندي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاھ امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 27 صفحي 101 تي فرمائن ٿا: مرد جو تعلق رڳو لذت سان آهي ۽ عورت کي سوين مصيبتن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي، نوَ مهينا پيٽ ۾ رکندي آهي هلڻ، ڦرڻ، اُٿڻ ويهڻ، دشوار هوندو آهي پوءِ ويم جي موقعي تي هر جهٽڪي تي موت کي منهن ڏيڻو پوندو آهي پوءِ مختلف تڪليفن ۾ نِفاس واري (يعني ولادت ڪان پوءِ خون جي تڪليف ۾ ورتل) جي ننڊ اُڏامي ويندي آهي ان جي لاءِ الله تبارڪ و تعاليٰ فرمائي ٿو:

حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ كُرْهًا وَّوَضَعَتْهُ كُرْهًا ؕ وَحَمْلُهٗ وَفِصٰلُهٗ ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا ؕ (پ٢٦الاحقاف:١٥)

ترجموڪنزالايمان: سندس ماءُ کيس پيٽ ۾ رکيو تڪليف سان ۽ کيس ڄڻيائين تڪليف سان ۽ ان کي کڻڻ ۽ ان ڪان ٿڃ ڇڏائڻ (جو مدو) ٽيھ مهينا آهي.

تہ هر ٻار جي پيدائش ۾ عورت کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال سخت جيل آهي.

(فتاويٰ رضويہ ج 27 ص 101)

## ڊرائيور جي جان بچي وئي

مدينہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنتون سکڻ سيکارڻ ان تي عمل وڌائڻ پنهنجي پاڻ کي سنتن جو پيڪر بڻائڻ ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي **مدني انعامات** جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي اِستِقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو "**فڪر مدينہ**" ڪري مدني انعامات جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏھ ڏينهن جي اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پنهنجي هن مدني مقصد "**مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي**" جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو: باب المدينہ ڪراچي جي علائقي نيا آباد جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو حلفيہ بيان جو خلاصو آهي تہ منهنجو هڪ ڀاءُ جيڪو عرب شريف جي شهر "رِيَاض" ۾ ڊرائيور جي حيثيت سان ملازمت ڪندو هو. هڪ ڏينهن ڊرائيونگ جي دوران خطرناڪ حادثي جو شڪار ٿيو ۽ بيهوش ٿي ويو. دماغي ڏڪ ايترا تہ شديد هئا جو بچڻ جي اميد نہ رهي، اسان مجبور هئاسين ۽ ان کي ڏسڻ لاءِ بہ وڃي نہ پيا سگهون. اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ مان تبليغ قران ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪندي هيس. مان ڀاءُ جي پريشاني پنهنجي علائقي جي هڪ اسلامي ڀيڻ کي ٻڌائي، ان مون کي دلاسو ڏنو ۽ صلاح ڏني تہ ايئن ئي پابنديءَ سان اجتماع ۾ شرڪت ڪري تمام گهڻيون دعائون گهرندي رهہ، بس پوءِ مان ائين ئي ڪيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ اجتماع ۾ ڪيل دعائن جي برڪت سان ٽن مهينن جي اندر اندر ڀاءُ

ڳالهائڻ شروع ڪيو. ڊاڪٽر به حيران رهجي ويا ڇو ته دماغي ڏک تمام گهڻا هئا ۽ ظاهري طور بچڻ جي اميد تمام گهٽ هئي. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ اجتماعن جي برڪتن جي سبب منهنجي عقيدت اڃا وڌيڪ مضبوط ٿي وئي.

اے اسلامی بھائیو نہ مایوس ہونا  تمھیں خیر دیگا وِلا مَدَنی ماحول

تُو پردے کے ساتھ اجتماعات میں آ  تِری دیگا بگڑی بنا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سنتن ڀريي اجتماع ۾ رحمتون نازل ٿينديون آهن

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ سنتن ڀريي اجتماع ۾ گهريون ويندڙ دعائون ضرور پوريون ٿينديون آهن ڇو ته اتي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ٿيندو آهي. حضرت سيّدنا امام سُفيان بن عُيَيْنَه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: عِنْدَ ذِكْرِ الصّٰلِحِيْنَ تَنَزَّلُ الرَّحْمَةُ يعني نيڪ انسانن جي ذڪر وقت رَحمتِ الاهي نازل ٿيندي آهي. (حِلْيَةُ الْاَوْلِيَاء ج 7 ص 335 رقم 10750) جڏهن نيڪ ٻانهن جي ذڪر ڪرڻ وقت رَحمتن جو نُزول ٿيندو آهي ته جنهن اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ خير ٿيندو هجي ته اتي رحمتون نازل ڇونه ٿينديون، ۽ جتي ڇما ڇم رحمتون وسي رهيون هجن اتي دعائون قبول ڇونه ٿينديون، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 743 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جنت میں لے جانے والے اعمال" صفحي 422 تي آهي ته حضرت سيّدنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ۽ حضرت سيّدنا ابوسَعِيد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته اسان ٻئي مَحبوبِ رب ذوالجَلال، صاحبِ جُود ونَوال، شهنشاهِ خُوش خِصَال، سُلطانِ شِيرين مَقال، پيڪرِ حُسن و جمال صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناه ۾ حاضر هئاسين ته رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ڪرڻ لاءِ جيڪا قوم ويهندي آهي ته فِرشتا انهن کي گهيري وٺندا آهن ۽ رحمت انهن تي ڇانئجي ويندي آهي ۽ انهن تي سڪينه (يعني قرار) نازل ٿيندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي فرشتن جي سامهون انهن جو ذڪر فرمائيندو آهي." (صحيح مُسلم ص 1448 حديث 2700)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته اُن جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

**ذڪر ڇا کي چئبو آهي؟** مدني ديني "الله هُو" ۽ "حق هُو" جون ضربون لڳائڻ بيشڪ ذڪر آهي، پر ان سان گڏ قرآنِ پاڪ جي تلاوت، حمد ۽ ثنا، مُناجاتون ۽ دعا، درود و سلام، نعت ۽ مَنْقَبَت، خطبو، درس، سنّتن ڀريو بيان وغيره به "ذِڪرُالله" ۾ شامل آهي. يقيني طور تي دعوت اسلامي جا سنّتن ڀريا اجتماع به ذڪر جا حلقا آهن.

سارے عالَم کو ہے تیری ہی جستجو جنّ و اِنس و مَلک کو تری آرزو
یاد میں تیری ہر ایک ہے سُو بسُو بَن میں وحشی لگاتے ہیں ضربات ھُو
اللّٰہ اللّٰہ اللّٰہ اللّٰہ (سامانِ بخشش شریف)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

يارب مصطفيٰ عزّوجلّ! اسان جي بي حساب مغفرت فرما، اسان کي پنهنجي ۽ پنهنجي پياري حبيب صلّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جي محبت تي زنده رک، جيستائين زنده رهون سنتن تي عمل ڪندا رهون ۽ مرون ته مديني جي سرزمين گنبذ خضرا جو سايو، نگاهن جي سامهون پياري محبوب صلّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جو جلوو ۽ لب تي ڪلمو پاڪ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله جاري هجي جنّتُ البَقِيع ۾ تدفين ٿئي ۽ جنّتُ الفردوس ۾ اسان جي پياري آقا صلّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جو پاڙو ملي. اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم

یاخدا جسم میں جب تک کہ مِری جان رہے تجھ پہ صدقے ترے محبوب پہ قربان رہے
کچھ رہے یا نہ رہے پر یہ دعا ہے کہ امیرؔ نَزع کے وقت سلامت مِرا ایمان رہے

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**اِسراف جي وصف**

غيرِ حق ۾ صرف (يعني خرچ) ڪرڻ. (فتاويٰ رضويه مخرجه ج 1 ص 690)
مثلاً نافرماني جي جڳهن تي خرچ ڪرڻ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# نيڪي جي دعوت ترڪ ڪرڻ جا نقصان

## دُرود شريف جي فضيلت جي حڪايت

حضرت سيِّدُنا ابو المُواهِب شاذلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: مون کي خواب ۾ جنابِ رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ديدار سان نوازيو ۽ فرمايو: ”توهان قيامت جي ڏينهن منهنجي هڪ لک اُمتين جي شفاعت ڪندؤ.“ مون عرض ڪيو: اي منهنجا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! مون تي ايتري قدر انعام ۽ اِڪرام ڪيئن ٿيو؟ ارشاد فرمايو: انهيءَ ڪري جو توهان مون تي درود جو هديو پيش ڪندا رهو ٿا.
(الطبقات الكُبريٰ للشعراني الجزء الثاني ص 101)

پڑھتے رہو دُرود و سلام بھائیو! مُدام
فضلِ خدا سے دونوں جہاں کے بنیں گے کام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## درود واري حڪايت جي ضِمن ۾ ”شَفاعت“ جي باري ۾ مدني گل

### علماء ڪرام شفاعت فرمائيندا

مدني مدينه
مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُبْحٰنَ اللّٰه! درود شريف جون به ڇا خوب برڪتون آهن! درود واري حڪايت مان هي به خبر پئي ته قيامت جي ڏينهن اهلُ الله (يعني الله وارا) گنهگارن جي شفاعت ڪندا، ياد رهي مطلقاً شفاعت جو انڪار حڪمِ قرآني جو انڪار ۽ ڪفر آهي، موقعي جي مناسبت سان شفاعت جي باري ۾ نيڪي جي دعوت جا ڪجھ مدني گل اوهان اڳيان پيش ڪيان ٿو، قبول ڪري پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائيندا وڃو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ايمان کي تازگي ملندي ان سان گڏوگڏ ڪيترن ئي وسوسن جي ڪاٽ پڻ ٿي ويندي، شفاعت جي معنيٰ آهي: ”گناهن جي معافي جي

سفارش.“ سڀ کان پهريان علماءِ ڪرام جي شفاعت جي باري ۾ هڪ ايمان افروز روايت پڙهو: حضرت سيِّدُنا جابر بن عبدالله رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ خاتَم المُرسَلِين، رحمة للعٰلمين، شَفِيعُ المُذنِبين صلّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلّم جو ارشاد دلنشين آهي: (قيامت جي ميدان ۾) عالم ۽ عابد کي آندو ويندو، عابد (يعني عبادت گذار) کي چيو ويندو: جنت ۾ داخل ٿي وڃو ۽ عالم کي چيو ويندو: توهان اجا ترسو تہ جيئن ماڻهن جي شفاعت ڪيو، (هي) ان جي عيوض ۾ جو توهان انهن کي ادب سيکاريو.

(شعب الايمان ج 2 ص 268 حديث 1717)

مجھ کو اے عطّارؔ سُنّی عالموں سے پیار ہے

اِنْ شَآءَ اللّٰہ دوجہاں میں میرا بیڑا پار ہے (وسائلِ بخشش ص ٦٤٦)

## جن آيتن ۾ شفاعت جو انڪار آهي ان جي وضاحت

قرآن ڪريم ۾ جن آيتن ۾ شفاعت جي نفي (يعني انڪار) آهي اتي مراد آهي الله تعاليٰ وٽ ڪو بہ جبراً (يعني زبردستي) شفاعت نٿو ڪرائي سگهي يا غير مسلمن جي شفاعت ناهي يا بت شَفِيع (يعني شفاعت ڪرڻ وارا) نہ آهن، مثلاً سيپاري 3 سُوْرَةُ الْبَقَرَة آيت نمبر 254 ۾ آهي:

يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خُلَّةٌ وَّلَا شَفَاعَةٌ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ان ڏينهن جنهن ۾ نہ خريدو فروخت آهي نہ ڪافرن جي واسطي دوستي ۽ نہ شفاعت.

سيپاري 29 سُوْرَةُ الْمُدَّثِّر ۾ آهي آيت نمبر 48 ۾ ارشاد آهي:

فَمَا تَنْفَعُهُمْ شَفَاعَةُ الشّٰفِعِيْنَ ﴿۴۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ انهن کي سفارش ڪندڙن جي سفارش فائدو نہ ڏيندي.

## قرآن پاڪ مان شفاعت جو ثبوت

جتي قرآن شريف ۾ شفاعت جو ثبوت آهي، اتي الله عزّوجلّ جي پيارن جي مُؤمنن جي لاءِ ”شَفاعت بِالاِذن“ مراد آهي يعني الله عزّوجلّ جا پيارا بانها پنهنجي مَحبوبيَّت ۽ وجاهت ۽ مرتبي جي سبب الله تعاليٰ جي اجازت سان مؤمنن کي بخشرائيندا، مثلاً سيپاري 3

سُوْرَۃُ الْبَقَرَۃ آيت 255 ۾ ارشاد ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ آهي:

مَنْ ذَا الَّذِیْ یَشْفَعُ عِنْدَهٗۤ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** اهو ڪير آهي جو ان وٽ سفارش ڪري ان جي حڪم جي بغير.

سيپاري 16 سُوْرَۃُ مَرْیَم آيت نمبر 87 ۾ آهي:

لَا یَمْلِكُوْنَ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنِ اتَّخَذَ عِنْدَ الرَّحْمٰنِ عَهْدًا ﴿۸۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ماڻهو شفاعت جا مالڪ نہ آهن مگر اهي جن رحمان وٽ قرار (عهد) رکيو آهي.

نیکیاں بالکل نہیں ہیں نامۂ اعمال میں

کیجئے عطّار کی آکر شفاعت یارسول (وسائل بخشش ص۱۴۲)

## ڪير ڪير شفاعت ڪندو؟ مدينه

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" جلد پهرين صفحي 139 کان 141 تي قيامت جي منظر ڪشي ۾ شَفاعت جي باري ۾ تفصيلي مضمون ۾ هي بہ آهي: هاڻي تمام نبي پنهنجي اُمت جي شفاعت فرمائيندا، اولياءِ ڪرام، شهيد، عالِم، حافِظ، حاجي بلڪ هر اهو شخص جنهن کي ڪو ديني مَنصب عنايت ٿيو پنهنجي پنهنجي مُتَعَلِّقِين (يعني واسطيدارن) جي شفاعت ڪندو، نابالغ ٻار جيڪي مري ويا آهن (اهي) پنهنجي ماءُ پيءُ جي شفاعت ڪندا، ايستائين جو عالمن وٽ ڪجهہ ماڻهو اچي عرض ڪندا: اسان اوهان کي وضو جي لاءِ فلاڻ وقت ۾ پاڻي ڀري ڏنو هو، ڪو چوندو مون اوهان جي اِستِنجا جي لاءِ پتر آڻي ڏنو هو، عالم انهن جي بہ شفاعت ڪندا.

جرمِ جاں ذکرِ شفاعت کیجئے

نار سے بچنے کی صورت کیجئے (حدائق بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** هن شعر ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: اي عاشقان رسول! شفاعت مصطفيٰ صلّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جو خوب تذڪرو ڪندا رهو، جڻ تہ پنهنجي لاءِ

ان ڪي پناهہ گاهہ جيان ڪري ڇڏيو، جو ”ذڪرِ شفاعت“ آخرت جي ڀلائي ۽ جهنم جي عذاب کان نجات جو وسيلو بڻجي ويجي.

مجھ سا سیاہ کار کون اُن سا شفیع ہے کہاں!

پھر وہ تُجھی کو بھول جائیں دل یہ ترا گمان ہے (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** هن شعر ۾ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ پنهنجي پاڻ کان تواضُع (يعني انڪساري) طور فرمائي رهيا آهن تہ تون سڀ کان وڏو گنهگار ٿي سهي پر تون جنهن **پياري مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو غلام آهين ان کان وڏو شفاعت ڪرڻ وارو ڪو بہ نہ آهي، انهيءَ ڪري اي منهنجي غمگين دل! تسلي رک! حشر جي ڏينهن شفيع محشر صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم تون کي هرگز نہ وساريندا.

يـارسولَ الـلّٰـه! مجرم حاضرِ دربار ہے نیکیاں پلّے نہیں سر پر گُنہ کا بار ہے

تم شہِ اَبرار یہ سب سے بڑا عِصیاں شِعار یوں شَفاعت کا یہی سب سے بڑا حقدار ہے (وسائلِ بخشش ص۲۲۴)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شفاعت جا اَٺ قسم

مُحَقّق عَلَي الاِطلاق، خاتِمُ المُحَدِّثِين حضرت علامہ **شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي** علیہ رحمۃ اللہِ القوی شفاعت جا قسم بيان ڪندي فرمائن ٿا: ﴿1﴾ شفاعت جو پهريون قسم شَفاعتِ عُظميٰ آهي، جنهن جو نفعو سڀني مخلوق کي ملندو ۽ هي اسان جي محترم نبي، مڪي مدني صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم سان ئي خاص آهي يعني انبياءِ ڪرام علیہم الصلوٰۃ والسلام مان ڪنهن ٻئي نبي کي ان تي جُرئت ۽ پيش قدمي جي مَجال نہ ٿيندي ۽ هي شفاعت ماڻهن کي آرام پهچائڻ، ميدان محشر ۾ دير تائين بيهڻ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ، اللّٰه عزوجل جي فيصلي ۽ حساب جي جلدي ڪرڻ، ۽ قيامت جي ڏينهن جي سختي ۽ پريشاني مان ڪڍڻ جي لاءِ هوندي ﴿2﴾ ٻئي قسم جي شفاعت، هڪ قوم کي بي حساب جنت ۾ داخل ڪرائڻ جي لاءِ هوندي ۽ هي شفاعت بہ اسان جي **نبي پاڪ** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي لاءِ ثابت آهي ۽ ڪجهہ عالمن جي ويجهو اها شفاعت بہ حضور انور صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم سان خاص آهي

﴿3﴾ شفاعت جو ٽيون قسم انهن ماڻهن جي باري ۾ جنهن جون نيڪيون ۽ برائيون برابر هونديون ۽ شفاعت جي مدد سان جنت ۾ داخل ٿيندا ﴿4﴾ چوٿون قسم شفاعت جو انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي دوزخ جا حقدار ٿي چڪا هوندا ته حضور پُرنور، شافع يومُ النُّشور صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم شفاعت فرمائي انهن کي جنت ۾ آڻيندا ﴿5﴾ پنجين قسم جي شفاعت مرتبي ۽ بزرگي جي اضافي لاءِ هوندي ﴿6﴾ ڇهين قسم جي شفاعت انهن گنهگارن جي باري ۾ هوندي جيڪي جهنم ۾ پهچي چڪا هوندا ۽ شفاعت جي ڪري نڪري ايندا ۽ اهڙي قسم جي شفاعت ٻيا انبياءِ ڪرام، فِرشتا ۽ شهداء به فرمائيندا ﴿7﴾ ستين قسم جي شفاعت جنت کولڻ جي باري ۾ هوندي ﴿8﴾ اٺين قسم جي شفاعت خاص ڪري مديني منوَّر زادھا اللہ شرفاً وتعظیماً وارن ۽ مديني جي تاجوَر، سلطان بَحر و بَر صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي روضي انور جي زيارت ڪرڻ وارن جي لاءِ خصوصي طريقي سان ٿيندي. (ملخص از اشعة اللمعات ج 4 ص 404)

حَشر میں ہم بھی سیر دیکھیں گے

مُنکِر آج ان سے اِلتجا نہ کرے (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ هن شعر ۾ فرمائن ٿا: جيڪي ماڻهو اڄ دنيا ۾ الله عزوجل جي پيارن کي "بي اختيار" سمجهندا آهن حشر جي ڏينهن اسان به انهن جو تماشو ڏسنداسين ته ڪهڙي طرح بي وسي ۽ بي چيني جي حالت ۾ انبياء ڪرام علیہم الصلوٰۃ والسلام جي پاڪ درٻارن ۾ شفاعت جي خيرات وٺڻ جي لاءِ ڌڪا کائي رهيا هوندا پر ناڪامي جو منهن ڏسڻو پوندو تڏهن ته ڇيو پيو وڃي.

آج لے ان کی پناہ آج مدد مانگ ان سے

پھر نہ مانیں گے قیامت میں اگر مان گیا (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** يعني اڄ اختياراتِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو اعتراف ڪري وٺ ۽ ان جي دامن ڪرم جي پناهه ۾ اچ ۽ ان کان مدد گهر، جيڪڏهن تو هي ذهن ٺاهيو آهي ته سرڪار مدينه صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم الله عزوجل جي عطا سان مدد نٿا ڪري سگهن ته ياد رک! سڀاڻي

قيامت جي ڏينهن جڏهن الله تعالٰي جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ محبوبي ظاهر ٿيندي ۽ تون اختيارات تسليم ڪندي ۽ شفاعت جي صورت ۾ مدد جي خيرات گهرڻ لاءِ پهچندي ايندي تہ ان وقت سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ "مجيندا" ڇو تہ دنيا "دارُ العمل" (يعني عمل جي جڳهہ) هئي جيڪڏهن اتي مڃي وڃين ها تہ ڪم ٿي وڃي ها هاڻي مڃڻ ڪم نہ ڏيندو ڇوتہ آخرت دارالعمل ناهي، "دارُ الجزا" (يعني دنيا ۾ جيڪو ڪجهہ عمل ڪيو ان جو بدلو ملڻ جي جڳهہ) آهي.

## شفاعت جي اميد تي گناهہ ڪرڻ وارو ڪيئن آهي؟

شفاعت جي اميد تي گناهہ ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن ڪو سٺو ڊاڪٽر ملڻ تي زهر کائي يا هڏين جي ماهر ڊاڪٽر ملڻ جي اميد تي گاڏي جي هيٺ پاڻ کي ڪيرائي سڄي بدن جون هڏيون ڀڃائي ڇڏي، ۽ يقيناً ڪو بہ ائين ناهي ڪندو، تنهنڪري هر گهڙي گناهن کان بچندو رهڻ ضروري آهي، شفاعت جي اميد تي الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون نافرمانيون ڪري پاڻ کي عذابِ جهنم جي لاءِ پيش ڪندو رهڻ نهايت خطرناڪ آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تدبير کان هر وقت ڊڄڻ گهرجي جيڪڏهن گناهن جي نحوست سبب ايمان برباد ٿي ويو تہ شفاعت ڪهڙي! خدا جو قسم! هميشہ هميشہ جي لاءِ دوزخ جي ڀڙڪندڙ باهہ ۽ مختلف عذابن کي منهن ڏيڻو پوندو، وَالعِياذُبِالله (الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ) ها بچڻ جي لک ڪوشش باوجود نہ چاهيندي ڪڏهن ڪڏهن انسان گناهن ۾ ڦاسي پوندو آهي، ان کي گهرجي تہ توبہ ۽ اِستِغفار بہ ڪندو رهي ۽ شَفِيعِ مَحشر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان شفاعت جي خيرات بہ گهرندو رهي.

اے شافعِ اُمَم شہِ ذی جاہ لے خبر　　　لِلّٰه لے خبر مِری لِلّٰه لے خبر
مُجرِم کو بارگاہِ عدالت میں لائے ہیں　　　تکتا ہے بیکسی میں تِری راہ لے خبر
اہلِ عمل کو اُن کے عمل کام آئیں گے
میرا ہے کون تیرے سوا آہ! لے خبر (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** اي تمام اُمتن جي شفاعت فرمائڻ وارا عزت وارا شهنشاه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! خدارا! مون گنهگار جي خبر وٺو! اي پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مجرم جي عدالت ۾ پيشي ٿي چڪي آهي، گنهگار غلام نهايت بيڪسي جي عالم ۾ شفاعت جي اميد ڪٽي توهان ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري جي انتظار ۾ آهي، يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بيشڪ نيڪ ٻانهن جي لاءِ انهن جون نيڪيون ڪارائتيون ٿينديون، هاءِ! مون نيڪين کان خالي ۽ مٿي کان پيرن تائين گناهن ۾ لِتڙيل غلام جو اوهان کان علاوه ٻيو ڪير آهي جيڪو شفاعت ڪري جهنم جي عذاب مان بچائي!

تسلّی رکھ تسلّی رکھ نہ گھبرا حَشْر سے عطّار

ترا حامی وہاں پر آمِنہ کا لاڈلا ہوگا (وسائلِ بخشش ص۱۸۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪشتي جا مسافر مدينه

حضرت سيّدُنا نُعمان بن بَشير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته رسولن جي سالار، نبين جي سردار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مشڪبار آهي: الله عَزَّوَجَلَّ جي حدن ۾ سستي ڪرڻ واري ۽ ان ۾ مبتلا ٿيڻ واري جو مثال انهن ماڻهن جيان آهي جن ڪشتي ۾ قُرعه اندازي ڪئي ته ڪجهه جي حصي ۾ هيٺ وارو حصو آيو ۽ ڪجهه جي حصي ۾ مٿي وارو، هيٺ وارن کي پاڻي جي لاءِ مٿي وارن وٽ وڃڻو پوندو هو، ته انهن زحمت شمار ڪندي هڪ ڪهاڙي ڪنئي ۽ ڪشتي جي هيٺين حصي ۾ هڪ شخص سوراخ ڪرڻ لڳو، ته مٿي وارا ان وٽ آيا ۽ چيو ته تو کي ڇا ٿي ويو آهي؟ چيائين توهان کي منهنجي ڪري تڪليف ٿيندي هئي ۽ پاڻي بغير گذارو به ناهي، هاڻي جيڪڏهن انهن ان جو هٿ پڪڙيو ته ان کي بچائي ورتو ۽ پاڻ به بچي ويندا ۽ جيڪڏهن ان کي ڇڏي ڏنو ته ان کي هلاڪ ڪندا ۽ پنهنجي جانن کي به هلاڪ ڪندا.

(صحيح بخاري ج 2 ص 208 حديث 2686)

## گناهن جي نحوست ٻين کي ٻه پنهنجي وڪڙ ۾ وٺي ڇڏيندي آهي

هن حديث شريف تحت مِرأةُ المَناجِيح ۾ آهي: هن حديث شريف ۾ هڪ مثال جي ذريعي برائي کان روڪڻ ۽ نيڪي جو حڪم ڏيڻ جي اهميت کي واضح ڪيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته جيڪڏهن هي سمجهي ته اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْف وَنَهْیٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جو فريضو ترڪ ڪيو وڃي ته برائي ڪرڻ وارو پاڻ نقصان ڪڻندو اسان جو ڪهڙو نقصان آهي! ته اها سوچ ئي غلط آهي، انهيءَ ڪري جو ان جي گناهه جا اثر سڄي معاشري کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيندا آهن ۽ جيئن ڪشتي ٻوڙڻ وارو اڪيلو ناهي ٻڏندو، بلڪ اهي سڀ ماڻهو به ٻڏندا آهن جيڪي ڪشتي ۾ سوار آهن انهيءَ طرح برائي ڪرڻ وارن ڪجهه فردن جو هي جرم سڄي معاشري ۾ ناسور بڻجي ڦهلجندو آهي. (مراة المناجيح ج 6 ص 504)

## ياشيخ! اپني اپني ديکه!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اُردو چوڻي مطابق "ياشيخ! اپني اپني ديکه!" (يعني هر ڪو پنهنجو پاڻ کي سنڀالي) جي تحت صرف پنهنجي اصلاح جي فڪر ۾ لڳل رهڻ جي بدران ٻين جي اصلاح ڏانهن به توجهه ڏيڻ گهرجي، ڇوته ڪيترائي گناهه اهڙا آهن جنهن جو نقصان ٻين کي به پهچندو آهي مثلاً جيڪڏهن ڪو شخص چوري جو گناهه ڪري ته ان شخص کي به نقصان ٿيندو جنهن جي شيءِ چورائي وئي آهي، بلڪل ساڳيو معاملو ڌاڙو هڻڻ، امانت ۾ خيانت ڪرڻ، گار ڏيڻ، تهمت لڳائڻ، غيبت ڪرڻ، چغلي لڳائڻ، ڪنهن جا عيب کولڻ، ناحق ڪنهن جو مال کائڻ، رت وهائڻ، ڪنهن کي بنا شرعي اجازت جي تڪليف پهچائڻ، قرض دٻائڻ، ڪنهن جي شيءِ ان کي نه وٺي تڏهن به بنا اجازت استعمال ڪرڻ، ماءُ پيءُ کي ستائڻ ۽ بدنگاهي ڪرڻ وغيره جو آهي، هاڻي جيڪڏهن هر هڪ کي انهن گناهن جي اِرتڪاب جي کلي ڇوٽ ڏني وڃي ته پوءِ نه ڪنهن جو مال سلامت رهندو ۽ نه ئي عزت! بلڪ ائين چوڻ گهرجي ته اسان جو معاشرو "جانورن جي جهنگ" جو منظر پيش ڪرڻ لڳندو. ڪجهه گناهه اهڙا آهن جنهن جي

ڪرڻ سان انسان جي عزت کي بہ نقصان پهچندو آهي، مثلاً جيڪو شخص چغل خور يا زاني يا شرابي جي طور تي مشهور ٿي وڃي تہ سيني تي ظاهر آهي تہ معاشري ۾ ان جو مقام ڇا هوندو آهي؟ ۽ ڪجھ گناھ اهڙا هوندا آهن جيڪي انسان جي مال کي نقصان پهچائيندا آهن مثلاً جوا کيڏڻ جي عادت پئجي وڃڻ، وياج تي قرض وٺڻ، ڪم ڪار ڪرڻ جي بدران فلمون ڊرامہ ڏسڻ ۾ مشغول رهڻ، ذڪر ڪيل ڪمن ۾ مُلَوَّث ماڻهو مالي طور تي جهڙي طرح ڏينهن رات هڪ ڪري ”اُبتي ترقي“ ڪندا آهن هي ڪنهن عقل واري کان لڪيل ناهي، ان تمام دنياوي نقصانن سان گڏوگڏ اهڙي شخص کي اُخروي طور تي بہ خساري (يعني نقصان) کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، جيڪو جهنم جي ڀيانڪ ۽ هولناڪ عذاب جي صورت ۾ پيش اچي سگهي ٿو. (والعِياذُ بِالله)

## گناهن جا پنج دنياوي نقصان

گناهن جي دنياوي نقصانن جي ضمن ۾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 148 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”نیکیوں کی جزائیں اور گناہوں کی سزائیں“ صفحي 51 تي آهي، حُضُور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيَّاحِ اَفلاڪ صلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: اي انسانو! پنج ڳالهين کان بچڻ جي لاءِ پنج ڳالهين کان بچو ﴿1﴾ جيڪا قوم گهٽ توريندي آهي الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي مهانگائي ۽ ميون جي ڪمي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي ﴿2﴾ جيڪا قوم بد عهدي (يعني واعدي خلافي) ڪندي آهي الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي دشمنن کي انهن تي مُسلَّط ڪندو آهي ﴿3﴾ جيڪا قوم زڪوٰة ادا ناهي ڪندي الله عَزَّوَجَلَّ انهن تي برسات روڪي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن چوپايا نہ هجن ها تہ انهن کي هڪ قطرو پاڻي جو نہ ڏنو وڃي ها ﴿4﴾ جنهن قوم ۾ فحاشي ۽ بي حيائي ڦهلجي ويندي آهي الله تبارڪ و تعالي انهن کي طاعون[1] جي مرض ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ﴿5﴾ جيڪا قوم قرآن پاڪ جي بغير فيصلو ڪندي آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان

(1) طاعون کي انگلش ۾ پليگ (plague) چوندا آهن، ڪوئي کي پِسو (زهريلي جيت) جي چڪ پائڻ جي ڪري هي مُهلِڪ مرض ٿيندو آهي، هن ۾ ڇاتي بغل يا خصين جي هيٺان ڳوڙها ٿي ويندا آهن ۽ تيز بخار ٿيندو آهي.)

ڪي زيادتي (يعني غلط فيصلي) جو مزو چکائيندو آهي ۽ انهن کي هڪ ٻئي جي ڏپ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي. (قرة العيون ص 392)

## دعا قبول نہ ٿيندي

افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلھ مسلمانن ۾ نيڪين جو ذهن تمام گهٽ ٿي ويو آهي بس هر پاسي گناهن جو دور هلي رهيو آهي، نيڪي جي دعوت ڏانهن ڪا خاص رغبت ناهي رهي، اچو! هڪ عبرتناڪ روايت ٻڌو ۽ پنهنجي پاڻ کي عذاب الٰهي کان ڊيڄاريو، جيئن تہ سرڪار مدينہ، سُرور قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان باقرينہ آهي: قسم آهي ان جي جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي يا تہ توهان سٺي ڳالھ جو حڪم ڪندؤ ۽ بري ڳالھ کان منع ڪندؤ يا الله تعاليٰ توهان تي جلد پنهنجو عذاب موڪليندو پوءِ اوهان دعا ڪندؤ ۽ توهان جي دعا قبول نہ ٿيندي. (ترمذي ج 4 ص 69 حديث 2176)

هن حديث پاڪ جي تحت مِراۃُ المَناجِيح ۾ آهي: اَمۡرٌ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَنَهۡیٌ عَنِ الۡمُنۡكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جي ذميداري کان ٽائڻ ڪيڏو وڏو جرم آهي هن حديث شريف ۾ نهايت وضاحت سان هن جو بيان آهي، رسول اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: يا تہ توهان کي هي فريضو انجام ڏيڻو پوندو يا الله تعاليٰ جي عذاب کي منهن ڏيڻو پوندو ان کان پوءِ جيڪڏهن دعا ڪندؤ تہ قبول نہ ٿيندي، هي نهايت سخت قسم جي وعيد (يعني سزا ڏيڻ جي ڌمڪي) آهي يعني جيستائين توهان پنهنجي ڪوتاهي جو اِزالو (يعني ان کي پري) نہ ڪندؤ ۽ الله تعاليٰ کان معافي نہ گهرندؤ تہ توهان جي دعا قبول نہ ٿيندي. (مراۃ المناجيح ج 6 ص 505)

دے ذہن مجھ کو نیکی کی دعوت کی مولیٰ
مچا دوں میں دھوم اُن کی سنّت کی مولیٰ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ماں گناهن جي وادين ۾ گم هئس

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ گناهن کان بچڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ هن زماني ۾ دعوت اسلامي جو مدني ماحول

ڪنهن نعمتِ غير مُتَرَقَّبه (يعني اها دولت جنهن جي حصول جو گمان نه هجي) ڪان گهٽ ناهي، اڄ جي گناهن ڀري ماحول ۾ پلڻ وارا وڏا وڏا مجرم مدني ماحول ۾ اچي اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سنتن تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي ويا، اچو! هن ضمن ۾ هڪ ”مدني بهار“ ٻڌون ٿا، جيئن ته گجرات (پنجاب پاڪستان) جي رهندڙ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو پيش ڪيان ٿو: دعوت اسلامي جي مدني ماحول ڪان وابسته ٿيڻ کان اڳ مان گناهن جي وادين ۾ گم هيس، غفلت جي اونداين مون کي دين کان عملي طور پري رکيو هو ايستائين جو نماز ۽ روزي جي ڪا پرواهه نه هئي، هڪ ڏينهن جڏهن حسبِ معمول هڪ قاري صاحب گهر ۾ مون کي قرآن پاڪ پڙهائڻ آيا ته ان وقت مان T.V تي ڊرامو ڏسڻ ۾ مصروف هئس، مون چيو: **قاري صاحب! اوهان تشريف رکو مان ڊرامو ڏسي هاڻي اچان ٿو**، بس ٿورو ئي رهيو آهي. قاري صاحب جو حوصلو به ڪمال هو، ڊڙڪا ڏيڻ بدران نهايت ئي شفقت سان **انفرادي ڪوشش** ڪندي انهن مون کي **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل رسالي”**ٽي وي جون تباهه ڪاريون**“ پڙهي ڪري ٻڌايو، رسالو ٻڌي نهايت ندامت ۽ شرمندگي مون تي غالب آئي ۽ مان خوف خدا عَزَّوَجَلَّ کان ڏڪي ويس! قاري صاحب جي نصيحت تي عمل ڪندي مون جڏهن پنهنجي گذريل زندگي جو اِحتِساب ڪيو ته منهنجي دل روئڻ لڳي ته آه صد هزار آه! مون پنهنجي زندگي جو ايڏو وڏو حصو فُضُوليات ۽ لَغوِيات ۾ گذاري ڇڏيو ۽ مون کي ان جو احساس به نه ٿيو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون سچي دل سان توبه ڪئي ۽ پڪو ارادو ڪيو ته آئنده اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ گناهن کان بچندو رهندس نماز جي پابندي ڪندي سنتن ڀري زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندو رهندس ۽ الله و رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني، ڪوڙ، غيبت چغلي ۽ وعدي خلافي وغيره وغيره کان بچندو رهندس، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوت اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول منهنجي قسمت بدلي ڇڏي ۽ مون جهڙو بگڙيل انسان به سڌرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو**، الله عَزَّوَجَلَّ کان دعا آهي اسان کي مدني ماحول ۾

اِستِقامت عطا فرمائي . اٰمِين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم

تُو نرمی کو اپنانا جھگڑے مٹانا — رہے گا سدا خوشنما مَدَنی ماحول
تُو غصّے جھڑکنے سے بچنا وگرنہ — یہ بدنام ہو گا ترا مَدَنی ماحول (وسائلِ بخشش ص، ٦٠٠)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## انفرادي ڪوشش ڪرڻ سنت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن مدني بهار ۾ انفرادي ڪوشش ڪرڻ ۽ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي ”ٽي وي جون تباهه ڪاريون“ پڙهي ڪري ٻڌائڻ جي برڪت جو بيان آهي، اسان سڀني کي بہ گهرجي تہ موقعو ملڻ تي انفرادي ڪوشش جي ذريعي نيڪي جي دعوت جي ترڪيب ڪيون، يقيناً انفرادي ڪوشش جي ذريعي نيڪي جي دعوت ڏيڻ اسان جي مٺي مٺي آقا صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جي پياري پياري سنت آهي ۽ بي شمار حديثون ان تي دال (يعني دليل) آهن .

## مدني بيگ ۽ لنگرِ رسائل

بيان ڪيل مدني بهار ۾ ”ٽي وي جون تباهه ڪاريون“ رسالي جو ذڪر آهي جڏهن قاري صاحب پنهنجي شاگرد کي هي رسالو پڙهي ٻڌايو تہ ان کي توبہ جي سعادت نصيب ٿي ۽ نمازي بڻيو ۽ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويو، جنهن جنهن اسلامي ڀاءُ کان ٿي سگهي تہ هڪ ”مدني بيگ“ خريد ڪري ۽ ان ۾ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل رسالا، سنتن ڀري بيان جون ڪيسٽون وغيره رکي، بيشڪ سڀ ڏينهن نہ سهي صرف موقعي جي مناسبت سان مدني بيگ پاڻ سان گڏ هجي ۽ رسالا وغيره ٻين کي تحفي ۾ ڏنا وڃن، موقعي جي مناسبت سان ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ بعض کي صرف پڙهڻ جي لاءِ ڏيو جڏهن اهو پڙهي موٽائي ڏي تہ ٻيو رسالو پيش ڪيو ائين ڪيسٽ ۽ وڏن ڪتابن جي بہ ترڪيب ڪري سگهجي ٿي، ائين ڪرڻ سان اوهان بي حساب ثواب ڪمائي سگهو ٿا پر هي سڀ پنهنجي جيب مان هجي ان جي لاءِ چندو نہ ڪجي، ۽ جشن ولادت جي موقعي تي يا پنهنجي مرحوم عزيزن جي ايصال ثواب

جي لاءِ مختلف موقعن تي لنگر رسائل جي ترڪيب به فرمايو، درس ۾ اجتماع ۾ مدني مشورن ۾ ۽ ايصال ثواب جي مجلسن ۾ مڪتبة المدينه جا مدني رسالا وغيره ورهائي ڪري خوب خوب نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمايو.

بانٹئے مَدَنی رسائل مَدَنی بیگ اپنایئے
اور حقدارِ ثوابِ آخرت بن جایئے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عذاب نازل ٿيڻ جو سبب

مدينه ١: دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن "كنزالايمان مع خزائنُ العِرفان" جي سيپاري 9 سُوۡرَۃُ الۡاَنۡفَال آيت نمبر 25 ۾ الله ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَاتَّقُوۡا فِتۡنَةً لَّا تُصِيۡبَنَّ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا مِنۡكُمۡ خَآصَّةً ۚ وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ ﴿۲۵﴾

ترجمو كنزالايمان: ۽ ان فتني کان ڊڄندا رهو جيڪو هرگز توهان مان ظالمن کي ئي خاص طرح نه پهچندو، ڄاڻي ڇڏيو ته الله جو عذاب سخت آهي.

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامه مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهادي هن جي تحت فرمائن ٿا: جيڪڏهن اوهان ان کان ڊپ نه ڪيو ۽ ان جا اسباب (يعني ممنوعات) ترڪ نه ڪيا ۽ اهو فِتنو نازل ٿيو ته ائين نه ٿيندو ته ان ۾ خاص ظالم ۽ بدڪار ئي مبتلا ٿين، بلڪ اهو (فتنو) نيڪ ۽ بد سيني کي پهچندو، حضرت سيِّدُنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ فرمايو ته الله تعالىٰ مؤمنين کي حڪم فرمايو ته اهي پنهنجي وچ ۾ ممنوعات نه ٿيڻ ڏين يعني پنهنجي وس ۽ اختيار مطابق برائين کان روڪن ۽ گناهه ڪرڻ وارن کي گناهه کان منع ڪن، جيڪڏهن انهن ائين نه ڪيو ته عذاب ان سيني کي عام ٿيندو، خطاڪار ۽ غير خطاڪار سيني کي پهچندو. (تفسير طبري ج 6 ص 217 رقم 15923) حديث شريف ۾ آهي سيد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته الله عَزَّوَجَلَّ مخصوص ماڻهن جي عمل تي عذاب عام ناهي ڪندو جيستائين عام طور تي

ماڻهو اهڙين نہ ڪن جو ممنوعات پنهنجي وچ ۾ ٿيندا ڏسندا رهن ۽ ان کي روڪڻ ۽ منع ڪرڻ تي قادر هجن ۽ ان جي باوجود ان کي نہ روڪين، نہ منع ڪن جڏهن اهڙين ٿيندو آهي تہ الله تعالٰي عذاب ۾ عام ۽ خاص سڀني کي مبتلا ڪندو آهي. (شرح السنہ للبغوي ج 7 ص 358 حديث 4050) "ابوداؤد" جي حديث ۾ آهي تہ جيڪو شخص ڪنهن قوم ۾ سرگرم مَعاصي (يعني نافرمانين ۾ مبتلا) هجي ماڻهو قدرت باوجود ان کي نہ روڪين تہ الله تعالٰي مرڻ کان پهريان انهن کي عذاب ۾ مبتلا ڪندو آهي. (ابوداؤد ج 4 ص 164 حديث 4339) ان مان خبر پئي تہ جيڪا قوم نَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني برائي کان منع ڪرڻ) ترڪ ڪندي آهي ۽ ماڻهن کي گناهہ کان ناهي روڪيندي، اها پنهنجي انهيءَ فرض کي ڇڏڻ جي ڪري عذاب ۾ مبتلا ٿيندي آهي.

## نيڪ شخص بہ عذاب ۾ مدينہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ ڪلهہ مسلمانن جو هڪ وڏو تعداد روحاني، جسماني، سماجي ۽ معاشي وغيره طرح طرح جي پريشانين جو شڪار آهي، ڪٿي نيڪي جي دعوت ترڪ ڪرڻ سبب هي حال تہ ناهي؟ اوهان پاڻ پرهيز گار ۽ نيڪو ڪار ٿي سهي پر ٻين کي نيڪي جي دعوت نٿا ڏيو ۽ قدرت باوجود گناهن کان نٿا روڪيو، عام مسلمان بلڪ پنهنجي گهروارن کي برائين ۾ مبتلا ڏسي دل نٿي سڙي تہ هن حديث شريف کي بار بار پڙهو ۽ پاڻ کي عذاب الٰهي کان ڊڄائي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃو جيئن سرڪار مڪہ مڪرمہ، سردار مدينہ منوره صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جو فرمان عبرت نشان آهي: الله عَزَّوَجَلَّ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلام کي حڪم فرمايو: فلاڻ شهر کي ان جي رهڻ وارن سميت تباهہ ڪري ڇڏ، حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلام عرض ڪيو: اي رب عَزَّوَجَلَّ! انهن ماڻهن ۾ تنهنجو هڪ فلاڻ نيڪ ٻانهو بہ آهي جنهن اک ڇنڀ جي برابر بہ تنهنجي نافرماني ناهي ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: اَقْلِبْهَا عَلَيْهِمْ فَاِنَّ وَجْهَهٗ لَمْ يَتَمَعَّرْ فِيَّ سَاعَةً قَطُّ يعني شهر ان تي اونڌو ڪيو، ڇوتہ ان جو چهرو منهنجون نافرمانيون ڏسي ڪري ڪڏهن مُتَغَيِّر (يعني تبديل) ناهي ٿيو. (شعب الايمان ج 6 ص 97 حديث 7595)

## معاشرتي برائين جي ڪري پريشان ٿيڻ ايمان جو تقاضو آهي

هن حديث شريف تحت مِراةُ المَناجِيح ۾ آهي: هن حديث شريف سان واضح ٿيو ته جيئن اعمالِ صالحہ (يعني نيڪين) سان تعلق ۽ برائين کان بچڻ ضروري آهي، ائين ئي دين ۽ ملت جي خلاف سازشن ۽ مسلمانن تي ظلم و ستم ۽ معاشرتي بگاڙ جي ڪري پريشان ٿيڻ بہ ايمان جو تقاضو آهي، جيڪي ماڻهو الله تعالیٰ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ معاشرتي برائين جي خاتمي جي لاءِ ڪوشش نٿا ڪن ۽ طاقت نہ هئڻ جي صورت ۾ان تي پريشان بہ نٿا ٿين، انهن جي تقويٰ ڪهڙي ڪم جي! تنهنڪري پنهنجي اصلاح ۽ عبادتِ خداوندي ۾ مشغوليت سان گڏوگڏ ملڪ و ملت ۽ دنيا جي مسلمانن جي زبون حالي جي خاتمي ۽ معاشري کي غير شرعي ڪمن ۽ فعلن کان پاڪ ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ اسان سيني جي ذميداري آهي. (مراۃ المناجيح ج 6 ص 516)

## نيڪ ماڻهن جي هلاڪت جو سبب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي پاڻ نيڪين جا حريص هوندا آهن، وقت جي پابندي سان باجماعت نماز پڙهندا آهن، پر ڏاڙهي ڪوڙ، ماءُ پيءُ جي نافرمان دوستن جي صحبتن کان پاسو ڪرڻ بدران صرف نفس جي مزي خاطر انهن جي ڪچهرين جي رونق بڻجندا، ان جي غير محتاط ۽ گناهن ڀري ڳالهين ۾ جيتوڻيڪ چُپ رهندا پر دل ئي دل ۾ لطف ماڻيندا آهن، ۽ ظاهر آهي تہ نفس کي مزو نہ اچي ها تہ اهڙن سان ڇو دوستيون نڀائن ها! هاڻي جيڪا روايت پيش ڪئي پئي وڃي اها اهڙن ماڻهن جي لاءِ نصيحت ۽ عبرت جو نمونو آهي جيئن منقول آهي: الله تعاليٰ حضرت سيِّدُنا يُوشَع بن نون عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تي وحي موڪلي تہ اوهان جي قوم جا هڪ لک ماڻهو عذاب کان هلاڪ ڪيا ويندا جنهن مان چاليهہ هزار نيڪ آهن ۽ سٺ هزار بد آهن. پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: يا رب عَزَّوَجَلَّ! بد ڪردارن جي هلاڪت جي وجهہ تہ ظاهر آهي پر نيڪ ماڻهو ڇو پيا هلاڪ ڪيا وڃن؟ ارشاد فرمايو: هي نيڪ بہ انهن بدڪردارن سان گڏ کائيندا ۽

پيئندا ھئا، منھنجون نافرمانيون ۽ گناھ ڏسي ڪڏھن انھن جي چھري تي ناگواري جو اثر تائين بہ ظاھر نہ ٿيندو ھو. (شعب الايمان ج 7 ص 53 حديث 9428)

## پنھنجي دل ۾ بُرو ڄاڻو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 743 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جنت میں لے جانے والے اعمال" صفحي 595 تي آھي حضرت سيِّدُنا ابوسعيد خُدري رضي الله تعالٰی عنه ڪان روايت آھي تہ حُضُور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيَّاحِ اَفلاڪ صلّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جو فرمان عبرت نشان آھي: توھان مان ڪو جڏھن ڪنھن برائي کي ڏسي تہ ان کي گھرجي تہ برائي کي پنھنجي ھٿ سان بدلي ڇڏي ۽ جيڪو پنھنجي ھٿ سان بدلڻ جي اِستِطاعت (يعني قوت) نہ رکي ان کي کپي تہ پنھنجي زبان سان بدلي ڇڏي ۽ جيڪو پنھنجي زبان سان بدلڻ جي اِستِطاعت نہ رکي ان کي کپي تہ پنھنجي دل ۾ برو ڄاڻي ۽ ھي ڪمزور ترين ايمان جي علامت آھي. (صحيح مسلم ص 44 حديث 49، سنن النسائي ص 802 حديث 5018)

## ڇا اسان دل ۾ بُرو ڄاڻون ٿا؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنھنجي ضمير کان سوال ڪيو تہ ڪنھن کي گناھ ڪندي ڏسي ھٿ يا زبان سان روڪڻ ۾ پاڻ کي لاچار ھجڻ جي صورت ۾ ڇا اوھان دل ۾ برو ڄاڻو ٿا؟ صد ڪروڙ افسوس! ٻارن جي ماءُ ماني پچائڻ ۾ دير ڪري، ڪاڏي ۾ لوڻ تيز ٿي وڃي، پٽ اسڪول جي موڪل ڪري تہ ضرور برو لڳندو آھي پر گھروارن جون روزانو پنج نمازون قضا ٿي رھيون آھن تہ نِراڙ تي گُھنج جو نشان بہ نہ پوي، انھن کي سمجھائڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي وڃي، حالانڪ جيڪڏھن ٻار ڏھ سال جو ٿي وڃي ۽ نماز نہ پڙھي تہ پيءُ تي واجب آھي تہ مار ڪُٽ ڪري بہ پڙھائي، نہ تہ گنھگار ۽ عذابِ نار جو حقدار ٿيندو. اوھان ئي ٻڌايو ڇا اوھان جي ھي عادت درست آھي مثلاً محڪوم اولاد جي برائي ڏسي حاڪم (يعني والد) ھٿ سان بدلي، عالم زبان سان بدلي، جنھن کي ھي ٻئي قدرتون حاصل نہ آھن اھو گھٽ مان گھٽ دل ۾ تہ برو ڄاڻي، پر ھاڻي اھڙو ذھن ڪنھن جو رھيو آھي! اوھان سوچيو! مثلاً ميوزڪ وڄي

رهيو هجي، بيشڪ روڪڻ تي قدرت ناهي پر ڇا هي دل ۾ ڪنڪي پيو؟ ڇا اوهان ان کي برو محسوس ڪري رهيا آهيو؟ جي نه، انهي ڪري جو پنهنجي موبائل ۾ مَعَاذَالله "ميوزيڪل ٽون" موجود آهي! يه شخص گهٽي ۾ گارگند ڪري رهيا آهن، برو لڳو؟ جي نه، ڇو؟ انهيءَ ڪري جو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي وات مان به مَعَاذَالله گار نڪرندي هوندي، فلان ڪوڙ ڳالهايو، اوهان کي ناگوار گذريو؟ جي ها، انهيءَ ڪري جو منهنجو ذاتي نقصان ٿيو، باقي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ برو ڪيئن لڳندو جو پنهنجي زبان تان مَعَاذَالله ڪوڙ نڪري ويندو هو، هي مثال صرف ڇوٽ ڪرڻ جي لاءِ آهن نه ته گهٽڻ جي حالت هي به آهي پنهنجي فون ۾ ميوزيڪل ٽون ناهي، گار ۽ ڪوڙ جي عادت ناهي، پوءِ به دل ۾ برو ڄاڻڻ جو ذهن ناهي، جيڪڏهن رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ حقيقي معنيٰ ۾ برائيءَ کي دل ۾ برو ڄاڻڻ جي سوچ ٺهجي وڃي، ڪڙهڻ جي عادت ٺهجي وڃي ته معاشري ۾ اصلاح جو دور اچي وڃي، ڇو ته جڏهن اسان برائين کي دل سان برو سمجهڻ ۾ پاڻ پڪا ٿي ويندا سين ته ٻين کي سمجهائڻ به شروع ڪنداسين ۽ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ هر طرف سنتن جي بهار اچي ويندي ۽ نيڪي جي دعوت جي ڌوم مچي ويندي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي حال تي رحم فرمائي ۽ اسان کي عقل سليم ڏي ته اسان به خوب خوب نيڪي جي دعوت ۽ آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت جي ڌوم مچائڻ وارا ٺهجي وڃون، اچو! سنتون عام ڪرڻ جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار پڙهو:

## شرابي پاڻ مدني ماحول ۾ اچي ويا! ﴿مدينه﴾

ضلع اوڪاڙه جي تعلقي ديپال پور (پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: ديپال پور ۾ اسان جي خاندان جو شمار هتان جي امير ترين گهرن ۾ ٿيندو هو پر افسوس! منهنجي هوش سنڀالڻ کان پهريان ئي منهنجو وڏو ڀاءُ بُرن دوستن جي صحبت جي ڪري شراب جو عادي ٺهجي چڪو هو، بري صحبت ۽ شراب نوشي جي سبب ڀاءُ اسان جي تعليم ۽ تربيت تي ڪا توجهه نه ڏني، نشي کان

علاوه انهن کي ڪنهن شيءِ ڪان سروڪار نہ هو، آهستي آهستي نشي جي عادت انهن کي گهر جو سامان وڪڻڻ تي مجبور ڪيو ايستائين جو انهن ڪپڙي جي دوڪان، فيڪٽري ۽ هڪ پوري مارڪيٽ جنهن ۾ ڪيترائي دوڪان ها نشي جي باهہ ۾ ساڙي ڇڏيا، گهر ۾ لڳل باهہ ڪان گهر وارا ڀلا ڪيئن بچي سگهجن ٿا! آخر اهو ئي ٿيو جنهن جو ڊپ هو يعني ان ڪان ننڍيو ۽ مون ڪان وڏو ڀاءُ بہ **مُتَفِيّات** جو عادي ٿي ويو، ان باهہ وڌيڪ زور پڪڙيو ۽ مان بہ ان جي وڪڙ ۾ اچي ويس ۽ مون کي نشي جي عادت پئجي وئي، امڙ سائڻ جيڪا پهريان وڏي ڀاءُ جي نشئي ٿيڻ جي صدمي ۾ بيحال هئي، اسان سندن جي غم ۾ وڌيڪ اضافي جو سبب بڻجي وياسين، آخرڪار اسان جا نصيب ائين کليا جو اسان جو وِچڻ ڀاءُ جيڪو نشي جي آفت ڪان محفوظ هو اهو تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي مهڪي مهڪي مشڪبار مدني ماحول ۾ اچڻ وڃڻ لڳو، مدني ماحول جي برڪت سان ڪڏهن ڪڏهن اسان تي بہ **انفرادي ڪوشش** جي ذريعي اجتماع ۾ وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هو پر اتي اسان جي دل نہ لڳندي هئي پر منهنجي ڀاءُ انفرادي ڪوشش جاري رکي ۽ اسان کي محبت سان اجتماع ۾ وٺي ويندو هو، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ڀاءُ جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان اڄ **اسان سيئي ڀائر جيڪي ڪجهہ عرصو پهريان نشي جا عادي هئاسين توبہ ڪري دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويا آهيون**. مون کي جڏهن پنهنجو اڳوڻو دور ياد ايندو آهي تہ دل ڏکي پوندي آهي جيڪڏهن دعوت اسلامي جو مدني ماحول نہ ملي ها تہ اسان جو ڇا ٿئي ها؟ شايد ائين ٿئي ها اسان در در جون ٺوڪرون ڪائي رهيا هجون ها ۽ اسان کي اسان جا پنهنجا بہ ڌِڪاري ڇڏين ها، پر اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني ماحول جي طفيل اسان جي سرءُ سٽيل گلزار ۾ ٻيهر خوشين جي مدني بهار اچي وئي! اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جا ڪروڙين احسان جو مان هي سٽون لکڻ وقت 63 ڏينهن جو **مدني تربيتي ڪورس** ڪري رهيو آهيان ۽ سڀ ڪان وڏا ڀاءُ گهڻ مان

گهٽ 17 مهينن کان عاشقان رسول سان گڏ سنتن جي تربيت جي مدني قافلي جا مسافر آهن.

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم دونوں جہاں میں مچ جائے دُھوم

اِس پہ فِدا ہو بچّہ بچّہ یااللّٰہ مری جھولی بھردے (وسائلِ بخشش ص۱۰۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هن مدني بهار جي ضمن ۾ نيڪي جي دعوت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! انفرادي ڪوشش جي ذريعي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان ٽي شرابي ڀائر دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويا، شرابيءَ جي خرابي اوهان ملاحظ فرمائي جو ان ڪارخانو، ڪپڙي جو دوڪان ۽ پنهنجي مارڪيٽ سڀ ڪجهه نشي جي باهه ۾ ساڙي ڇڏيو! واقعي شراب وڏي خراب شيءِ آهي، ان سان دنيا ۽ آخرت ٻئي داءُ تي لڳي ويندا آهن شراب تمام بري بلا آهي جو اهو دوا جي طور به نٿو پي سگهجي، جيئن ته حضرت سيِّدُنا طارق بن سُوَيد رضی اللہ تعالٰی عنہ شراب جي باري ۾ سوال ڪيو، حضور پُر نور صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہ وسلم منع فرمايو، انهن عرض ڪيو: اسان ته ان کي دوا جي لاءِ ٺاهيندا آهيون، فرمايائون: هي دوا ناهي، هي ته پاڻ بيماري آهي. (مسلم ص 1097 حديث 1984) حضرت سيِّدُنا ابو موسيٰ اَشعري رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي نبيِّ اَڪرم، رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہ وسلم جو فرمان عبرت نشان آهي: ٽي شخص جنت ۾ داخل نه ٿيندا، شراب تي مُداوَمَت ڪرڻ (يعني هميشه پيئڻ) وارو ۽ قاطِع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) ۽ جادو جي تصديق ڪرڻ وارو.

(مسند امام احمد بن حنبل ج 7 ص 139 حديث 19586)

## جادو جي باري ۾

حضرت علامه ملا علي قاري علیہ رحمۃ اللہ القوی هن حديث شريف جي هن حصي "۽ جادو جي تصديق ڪرڻ وارو" جي تحت فرمائن ٿا: هن مان مراد اهو شخص آهي جيڪو جادو جي تاثير بِذاتہ (يعني الله جي ڏيڻ

بغير خودبخود تاثير) جو قائل هجي . (مرقاة المفاتيح ج 7 ص 242 تحت الحديث 3656)

## جادوءَ جن جي وجود جو انڪار ڪفر آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ”جادو“ جو وجود قرآن شريف مان ثابت آهي تنهنڪري ان جو اِعتِقاد رکڻ ته جادو جو وجود ئي ناهي بس اهين ماڻهن جون ڳالهيون آهن هي ڪفر آهي. ائين جِنّ جي وجود جو انڪار ڪرڻ به ڪفر آهي.

## مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الغَفَّار جي ڳڻتي

حضرت سيِّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الغَفَّار فرمائن ٿا: اسان دنيا جي محبت تي پاڻ ۾ صلح ڪري ورتي آهي، تنهنڪري هاڻي نه اسان پاڻ ۾ نيڪي جو حڪم ڏيندا آهيون ۽ نه ئي هڪٻئي کي برائي کان منع ڪندا آهيون، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي هن حال ۾ نه رکي، نه ته خبر ناهي اسان تي ڪهڙو عذاب نازل ڪيو ويندو! (شعب الايمان ج 6 ص 97 حديث 7596)

## پاڙي وارو ٻاهه جو پوڄاري مسلمان ٿي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سيِّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الغَفَّار صديون پراڻا بزرگ آهن، پاڻ رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي دؤر جي حالت بيان ڪري عذاب جي تشويش جو اظهار فرمايو، جڏهن ته هاڻي ته حالات ويتر خراب آهن، صد ڪروڙ افسوس! هاڻي ته مسلمانن جو وڏو تعداد هڪ ٻئي کان وڌيڪ دنيا جو شيدائي ٿي چڪو آهي ۽ حالات ايترا خراب ٿي چڪا آهن جو ڪنهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ته پري جي ڳالهه! نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن جي باقاعدي مخالفت ڪئي ويندي آهي. برائي کان ڪنهن کي منع ڪرڻ ته پري رهيو پر هاڻي خوب خوب برائي جي دعوت پيش ڪئي وڃي ٿي، هاءِ! نه پنهنجي اصلاح جو فڪر آهي، نه گهر ٻار جي سڌاري جي پرواهه ۽ نه ئي پاڙي وارن جي آخرت بهتر بڻائڻ جي سوچ آهي، بهرحال اسان کي گهرجي ته اسان پاڻ به سڌرڻ جي ڪوشش ڪيون، ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي به نيڪي جي دعوت پيش ڪيون ۽ پاڙي وارن تي به انفرادي ڪوشش ڪندا رهون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين جا پنهنجي پاڙي وارن تي انفرادي

ڪوشش جا ڪيترائي واقعات آهن، جيئن شمعون نالي هڪ باهه جو پوڄاري حضرت سيِّدُنا حسن بصري علیہ رحمۃ اللہ القوی جو پاڙيسري هو جڏهن ان جي انتقال جو وقت آيو ته پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ ان وٽ تشريف وٺي ويا، ڇا ته ڏسن جو ان جو سڄو جسم باهه جي دونهن جي ڪري ڪارو ٿي ويو آهي! پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ ان تي انفرادي ڪوشش ڪندي ان کي اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت پيش ڪئي ۽ رحمتِ الٰهي جي اميد ڏياري، ان عرض ڪيو: مان ٽن شين جي ڪري اسلام کان پري آهيان: ﴿1﴾ جڏهن اسلام جي ويجهو دنيا تمام بُري شيء آهي ته پوءِ توهان ماڻهو هن جي حصول جي جستجو ڇو ٿا ڪيو؟ ﴿2﴾ موت کي يقيني تصور ڪرڻ باوجود ان جي لاءِ تياري ڇو نٿا ڪيو ﴿3﴾ توهان جي چوڻ مطابق ديدارِ الٰهي تمام وڏي نعمت آهي پوءِ توهان دنيا ۾ ان جي مرضي جي خلاف ڪم ڇو ٿا ڪيو؟ حضرت سيِّدُنا حسن بصري علیہ رحمۃ اللہ القوی ارشاد فرمايو: انهن ٽنهي شين جو تعلق ته اعمال سان آهي عقائد سان ناهي، تون اهو ته غور ڪر ته باهه جي پوڄا ۾ وقت ضايع ڪري تون کي ڇا حاصل ٿيو؟ مومن چاهي ڪهڙو به هجي گهٽ ۾ گهٽ الله عَزَّوَجَلَّ جي وحدانيت (يعني هڪ هجڻ) کي تسليم ڪندو آهي، ڏسو! توهان 70 سال تائين ان باهه کي پوڄيو آهي ان جي باوجود اسان ٻئي باهه ۾ ٽپو ڏيون ٿا ته هي اسان ٻنهي کي برابر ساڙيندي يقيناً تنهنجي عبادت ڪرڻ تو کي نه بچائي سگهندي، ها منهنجي مالڪ و موليٰ عَزَّوَجَلَّ ۾ هي طاقت ضرور آهي ته جيڪڏهن اهو چاهي ته هي باهه مون کي ذري برابر به نقصان نه پهچائي سگهندي. هي فرمائي پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ پنهنجي هٿ ۾ باهه کنئي پر ان پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ کي ڪو نقصان نه پهچايو، هي ڏسي شمعون گهڻو متاثر ٿيو پر اداس ٿي چوڻ لڳو: مان ستر سالن کان آتش پرستي ۾ مبتلا رهيس، هاڻي آخري وقت ۾ ڇا مسلمان ٿيان! پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ ان تي انفرادي ڪوشش جاري رکي، آخرڪار ان عرض ڪيو: مان انهيءَ شرط تي مسلمان ٿي سگهان ٿو اوهان مون کي هي عهد نامو لکي ڏيو ته منهنجي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي سڀني

فرمانِ مُصطفٰے صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم: مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع الصغير)

گناهن جي بخشش فرمائي ڇڏيندو پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ ان مضمون جو عهدنامو لکي ڪري ان جي حوالي ڪيو، پر چيائين: هن تي عادل ماڻهن جي گواهي به درج ڪرايو اوهان هن جو هي مطالبو به پورو ڪيو، ان ڪان پوءِ اهو مسلمان تي ويو ۽ وصيت ڪئي تہ منهنجي مرڻ ڪان پوءِ مون ڪي اوهان پاڻ غسل ڏئي هي ”عهد نامو“ منهنجي هٿ ۾ ڏيجو تہ جيئن **ميدانِ محشر** ۾ منهنجي مؤمن هجڻ جو ثبوت بڻجي سگهي، هي وصيت ڪرڻ ڪان پوءِ ان ڪلمو شهادت پڙهيو ۽ ان جو روح **قَفَسِ عُنصُري** مان پرواز ڪري ويو، پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ ان جي وصيت پوري فرمائي، انهيءَ رات پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ خواب ۾ ڏٺو تہ اهي تمام قيمتي لباس، نقش ۽ نگار سان سينگاريل تاج پائي جنت جي سير ۾ مصروف آهن، پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ پڇا ڪئي: تون تي ڇا گذريو؟ ان عرض ڪيو: ”خدا عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي ۽ مون کي اهڙن انعامن سان نوازيو جو بڌائي نٿو سگهان، تنهنڪري هاڻي اوهان تي ڪو بار ناهي ۽ هي ”عهد نامو“ واپس وٺو ڇوتہ هاڻي مون کي ان جي حاجت ناهي.“ جڏهن بيدار ٿيا تہ اهو عهدنامو سندن جي هٿ ۾ موجود هو، پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ هن ڪاميابي تي الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو (تذڪرة الاولياء ج 1 ص 41) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم

زمانے بھر میں مچا دیں گے دُھوم سنّت کی
اگر کرم نے ترے ساتھ دے دیا یاربّ (وسائلِ بخشش ص۹۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مان باهہ جي اندر پورا 20 منٽ ويٺو رهيس!**

مدينه 1: **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله وارن جو خوب شان اعليٰ ۽ مٿانهون هوندو آهي جو اهي **نيڪي جي دعوت** بہ ڏيندا آهن، الله عَزَّوَجَلَّ جي عنايت سان **ڪرامت** بہ ڏيکاريندا آهن ۽ ايمان جي نعمت ڏياري جنت ۾ داخلي جي صورت بہ ٻڌائيندا آهن، بهرحال پاڙي وارن جو فڪر رکڻ گهرجي ۽ انهن کي نيڪي جي دعوت کان محروم نہ ڪرڻ

گهرجي، ها غير مسلم سان دوستي رکڻ جي اجازت ناهي جو هڪ عام ماڻهو هي ذهن ٺاهي ته مان هن حيلي سان ان کي مسلمان ڪندس، البت جيڪو عالم دين ان غير مسلم جي مذهب ۽ باطل عقيدن جي رد تي قدرت رکندو هجي اهو بيشڪ شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري ان کي اسلام ۾ آڻڻ جي لاءِ پنهنجي ويجهو ڪري ۽ ان کي اسلام ڏانهن رغبت ڏياري ۽ ان جي اعتراضن جا جواب ڏئي، ڪرامت جي برڪت سان سوين باهه جي پوڄارين کي اسلام ۾ داخل ڪرڻ جي باري ۾ **حياتِ اعليٰ حضرت** جلد پهريون صفحي 183 ڪان 184 تي بيان ٿيل هڪ **ايمان افروز حڪايت** پڙهو، جنهن ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي بي مثال تقويٰ جو به تذڪرو آهي، حڪايت کي ڪجهه آسان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو، جيئن مولانا حسين ميرٺي علیہ رحمۃ اللہ القوی فرمائن ٿا: حضرت **پير عبدالحميد صاحب بغدادي** علیہ رحمۃ اللہ القوی هِند جي صوبي گجرات جي هڪ شهر بَڙوده ۾ تشريف وٺي آيا ۽ جامع مسجد ۾ هڪ ڏينهن مغرب جي نماز پڙهائي، مون قرآن شريف جي تلاوت جو ايڏو تاثير ڪڏهن نه ڏٺو هو، معلومات ڪري انهن سان ملڻ انهن جي قيام گاهه تي ويس، **اعجازِ قرآني** جي سلسلي ۾ پير صاحب پنهنجو هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌائيندي فرمايو: مان هڪ ڀيري "ايران" ويس، هتي هڪ پراڻي آتشڪدي سان تعلق رکڻ واري باهه جي پوڄارين سان منهنجي مناظري جي ترڪيب ٿي، مون چئي ڇڏيو ته جنهن باهه جي توهان پوڄا ڪيو ٿا ان جي اندر وڃي پڇا ڪري وٺو ته اها پنهنجي پوڄڻ وارن جي به ڪا رعايت ڪري ٿي يا انهن کي ساڙي ماري ٿي! منهنجي هن ڳالهه کي انهن مذاق سمجهيو، پر هڪ وقت مقرر ڪيو ويو، مقرر وقت تي سڄو شهر هي "انوکو مناظرو" ڏسڻ جي لاءِ اُٿلي آيو، مون ان پوڄاري کي چيو: هلو باهه جي اندر! اهو گهٻرائجي ويو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عزوجل **مان آتشڪدي جي اندر داخل ٿي ويس ۽ شعلن واري باهه جي اندر پورا 20 منٽ ويٺو رهيس، پوءِ خير ۽ عافيت سان ٻاهر نڪري آيس.** هي منظر ڏسي ڪيترن ئي باهه جي پوڄارين توبه

ڪري اسلام قبول ڪيو، حضرت مولانا حسين ميرٺي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: مون پڇيو: اوهان ايڏي همٿ ڪيئن ڪئي؟ فرمايائون: باهه ۾ داخل ٿيڻ وقت مون قرآن ڪريم هٿ ۾ کنيو هو ۽ منهنجو ذهن هي بڻيل هو ته جڏهن قرآن پاڪ اسان کي جهنم جي باهه مان بچائي سگهي ٿو ته دنيا جي معمولي باهه کان ڇو نٿو بچائي سگهي! ان بزرگ سان مون سرڪار اعليٰ حضرت رحمة الله تعالى عليه جي نماز جي باري ۾ هڪ مخصوص احتياط جي باري ۾ ذڪر ڪيو ته اهي بيحد متاثر ٿيا، ٻئي ڏينهن منهنجي ان سان وري ملاقات ٿي ته فرمايائون: اڄ سڄي رات روئيندي گذري، اهو ٿي چوندو رهيس ته خداوند عزوجل! تنهنجا اهڙا ٻانها به آهن جيڪي انهي احتياط سان نماز پڙهندا آهن. (حيات اعلي حضرت ص 183، 184 بتغير)

اللہ! کیا جہنم اب بھی نہ سرد ہو گا!

رو رو کے مصطفیٰ نے دریا بہا دیے ہیں (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** هن شعر ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن خداءِ غفار عزوجل جي دربار عاليشان ۾ عرض گذار آهن: يا الله عزوجل! ڇا جهنم جي باهه غلامانِ مصطفيٰ جي حق ۾ اڃا به ٺڌي نه ٿيندي! اي منهنجا پيارا پروردگار عزوجل! تنهنجا پيارا حبيب صلى الله تعالى عليه واله وسلم پنهنجي اُمت جي بخشش جي لاءِ دعائون ڪندي ايترا ته رُنا آهن جڻ روئي روئي دريا وهائي ڇڏيا آهن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مشام جان مُعَطَّر ٿي ويا، مدينه مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي دل جي اندر اولياءِ ڪرام رحمهم الله السلام جي محبت جي شمع جلائڻ، فيضان اولياءِ پائڻ، ۽ دنيا ۽ آخرت کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، اوهان جي شوق جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار اوهان جي سامهون بيان ڪيان ٿو، جيئن ڊيرا مراد جمالي (بلوچستان) ۾ مقيم اسلامي ڀاءُ جي تحريري بيان جو خلاصو پيش خدمت آهي: دعوت اسلامي جي مهڪي مهڪي

مدني ماحول سان وابستگي کان پهريان گناهن ڀري زندگي بسر ڪري رهي هئي، منهنجي سرءُ سنئيل زندگي ۾ بهار ائين آئي جو هڪ ڏينهن معمول مطابق مان پنهنجي ميڊيڪل اسٽور تي موجود هيس، هڪ اسلامي ڀاءُ مون وٽ تشريف وٺي آيو ۽ مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي ان مون کي بين الاقوامي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي پر مون ان جي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻُڌي ڪري ڇڏي، اصلاحِ امت جي جذبي سان سرشار ان عاشق رسول جا حوصلا پست ٿيڻ جي بدران ڇڻ ويتر وڌي ويا انهن مون تي انفرادي ڪوشش برابر جاري رکي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان ان جي محبت ۽ مستقل انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ بين الاقوامي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ تيار ٿي ويس، جڏهن مان اجتماع گاهه جي پُرنور فضائن ۾ پهتس ته عاشقانِ رسول جو سمنڊ ڏسي بيحد متاثر ٿيس. تلاوت قرآن پاڪ، سنتن ڀرين بيانن، پُر سوز نعتن ۽ ذِڪرُالله جي پُرڪيف صدائون مشام جان کي مُعَطّر ۽ جسم ۽ روح کي مسلسل تازگي بخشي رهيون هيون، مون اڳوڻن گناهن کان توبه ڪئي ۽ هٿو هٿ ڏاڙهي سجائڻ جي نيت ڪئي ۽ دعوت اسلامي جي تحت راهه خدا جي سنتن جي تربيت جي لاءِ سفر ڪرڻ وارن عاشقان رسول جي مدني قافلي ۾ سفر جو ذهن به بڻايو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مهڪي مهڪي مشڪبار مدني ماحول سان وابستگي جي برڪت سان مون گنهگار کي نيڪين سان محبت ۽ گناهن کان نفرت جو عظيم جذبو نصيب ٿي ويو.

هيں اسلامی بھائی سبھی بھائی بھائی ہے بے حد محبّت بھرا مدنی ماحول
یقیناً مقدّر کا وہ ہے سکندر جسے خیر سے مل گیا مدنی ماحول (وسائلِ بخشش ص ۶۰۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني بهار جي ضمن ۾ ”نيڪي“ جي باري ۾ نيڪي جي دعوت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اسلامي ڀاءُ جي انفرادي ڪوشش جي اِستقامت آخرڪار رنگ لاتو ۽ گناهن ڀري زندگي گذارڻ وارو نوجوان سنتن ڀري

اجتماع ۾ اچي ويو ۽ عاشقان رسول جي صحبت ۽ برڪت گنهگار کي نيڪو ڪار بڻائي ڇڏيو، ان کي ڏاڙهي وڌائڻ، نيڪيون اپنائڻ ۽ گناهن کان پيڇو ڇڏائڻ جو جذبو ملي ويو، واقعي نيڪيون ڪرڻ وڏي سعادت جي ڳالهه آهي، نيڪي گناهه مٽائي ٿي عذاب قبر ۽ جهنم کان بچائيندي ۽ جنت ڏياريندي آهي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن "ڪنزالايمان مع خَزائنُ العِرفان" صفحي 438 تي سيپاري 12 سُوْرَۃُ هُوْد آيت نمبر 114 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد بشارت بنياد آهي:

اِنَّ الۡحَسَنٰتِ يُذۡهِبۡنَ السَّيِّاٰتِ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ چڱايون برائين کي مٽائي ڇڏينديون آهن

## ٻه فرمان مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم

﴿1﴾ جتي به رهو الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا رهو ۽ گناهه کان پوءِ نيڪي ڪندا رهو اها نيڪي ان گناهه کي مٽائي ڇڏيندي، ۽ ماڻهن سان سٺي اخلاق سان پيش اچو. (ترمذي ج 3 ص 397 حديث 1994) ﴿2﴾ بيشڪ گناهه کان پوءِ نيڪي ڪرڻ واري جو مثال ان شخص جيان آهي جنهن جي سوڙهي زره ان کي گهٽو ڏنو، پوءِ اهو نيڪ عمل ڪري ته ان جي زِره جو هڪ ڪڙو کلي وڃي پوءِ جڏهن اهو ٻي نيڪي ڪري ته ان جو ٻيو ڪڙو به کلي وڃي ايستائين جو اها زِره زمين تي ڪري پوي. (مسند امام احمد بن حنبل ج 6 ص 121 حديث 17309)

## گناهه مٽائڻ جو نسخو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن آيت شريف ۽ ٻن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان خبر پئي ته جڏهن گناهه سرزد ٿئي ته ڪا نيڪي ڪرڻ گهرجي مثلاً درود شريف، ڪلمو پاڪ وغيره پڙهي وٺي، حضرت سيِّدُنا ابوذر غِفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مون کي نصيحت ڪندي مديني جي سلطان، رَحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن به تو کان ڪو برو عمل سرزد ٿئي ته ان کان پوءِ نيڪ ڪم ڪري وٺ هي نيڪي ان برائي کي مٽائي ڇڏيندي آهي، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!

چا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ چوڻ نيڪين مان آهي؟ فرمايائون: هي تہ افضل ترين نيڪي آهي.
(مسند امام احمد ج 8 ص 13 حديث 21543)

## توبہ جي ارادي سان گناهہ ڪرڻ ڪفر آهي

هي حديث پاڪ پڙهي ڪري مَعَاذَالله ڪو هي نہ سمجهي تہ تمام سٺو نسخو هٿ اچي ويو! هاڻي تہ خوب گناهہ ڪندا رهون ۽ لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله چئي ڇڏيون تہ گناهہ ختم ٿي ويندا، خدا جو قسم! هي شيطان جو تمام وڏو ۽ بُرو وار آهي، هن ارادي سان گناهہ ڪرڻ تہ بعد ۾ توبہ ڪندس هي اشد ڪبيره يعني سخت ترين گناهہ آهي، بلڪ مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنان نور العِرفان صفحي 376 تي سورة يوسف جي آيت نمبر 9 جي تحت فرمائن ٿا: ”توبہ جي ارادي سان گناهہ ڪرڻ ڪفر آهي.“

بوقتِ نزع سلامت رہے مِرا ایماں　　مجھے نصیب ہو کلمہ ہے التجا یاربّ
جو ”مَدَنی کام“ کریں دل لگا کے یا اللّٰہ　　انہیں ہو خواب میں دیدارِ مصطفٰے یاربّ
ترى محبت اُترجائے میری نَس نَس میں
ہے رضا ہو عطا عشقِ مصطفٰے یا ربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پاڙي واري کي برائي کان نہ روڪڻ جو وبال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پاڙي وارن جا تمام گهڻا حق آهن، انهن جي بجا آوري جي لاءِ اسان کي هر وقت ڪوشش ڪرڻ گهرجي، پاڙي وارن کي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ۽ مدني قافلي ۾ سنتن ڀري سفر وغيره جي دعوت ڏيڻ کان غفلت نہ ڪرڻ گهرجي، ۽ انهن کي مَعَاذَالله گناهن ۾ مبتلا ڏسون تہ انهن کي بچائڻ جي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي، حضرت سيِّدُنا مالڪ بن دينار عليه رحمة الله الغفار فرمائن ٿا: مون تورات شريف ۾ پڙهيو تہ جنهن جو پاڙي وارو نافرماني ۾ مبتلا هجي ۽ هي ان کي نہ روڪي تہ هي بہ ان گناهہ ۾ شريڪ آهي. (الزهد للامام احمد ص 134 رقم 527)

## پاڙيسري قيامت جي ڏينهن دعويٰ ڪندو

پاڙيسري کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ گناهن کان منع ڪرڻ جي تمام گهڻي اهميت آهي جيئن هاڻي جيڪا روايت پيش ڪئي پئي وڃي هن ۾ ظاهر آهي جيئن ته حضرت سيِّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا: اسان هي ڳالهه ٻڌي آهي ته قيامت جي ڏينهن هڪ شخص ٻئي جي خلاف دعويٰ ڪندو حالانڪ اهو ان کي سڃاڻندو به نه هوندو، مُدَّعيٰ عَلَيه (يعني جنهن تي دعويٰ ڪئي وئي) چوندو: تنهنجو مون تي ڇا حق آهي؟ مان ته تو کي (صحيح طرح) سڃاڻان به نه ٿو، مُدَّعِي (يعني دعويٰ ڪرڻ وارو) چوندو: تون مون کي گناهه ڪندي ڏسندو هئين ۽ مون کي منع نه ڪندو هئين.

(الترغيب والترهيب ج 3 ص 186 حديث 3546)

## بي نمازي پاڙيسري کي نماز جي دعوت ڏيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل ٻنهي روايتن مان خبر پئي ته پاڙي وارن کي به ضرور نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ گهرجي، اوهان جو پاڙي وارو جيڪڏهن بي نمازي آهي ته ان کي نماز جي دعوت ڏيو، جيڪڏهن اهو نمازي آهي ۽ جماعت ۾ سستي ڪري ٿو ته ان کي جماعت جي تلقين ڪيو، ايستائين جو جيڪڏهن اوهان جو غالب گمان آهي ته سمجهائڻ سان جماعت سان نماز پڙهڻ شروع ڪندو ته هاڻي ان کي سمجهائڻ واجب ٿي ويو نه سمجهائيندؤ ته گنهگار ٿيندؤ جيئن ته دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" (جلد پهريون) صفحي 582 تي آهي: عاقل، بالغ حُر (يعني آزاد) قادر (يعني قدرت رکندڙ) تي جماعت واجب آهي، بنا عذر هڪ ڀيري ڇڏڻ وارو گنهگار ۽ سزا جو حقدار آهي ۽ ڪئي ڀيرا ترڪ ڪرڻ وارو ته فاسق مَردُودُ الشَّهادة (يعني ان جي گواهي قابل رد آهي) ۽ ان کي سخت سزا ڏني وڃي، جيڪڏهن پاڙي وارن سکوت ڪيو (يعني خاموشي اختيار ڪئي) ته اهي به گنهگار ٿيا.

(درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 340 غنيه ص 508)

فرمانِ مصطفےٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي. (طبراني)

## امام ڪي گهرجي تہ مقتدي جي نگراني ڪري

مسجدن جي پيش امامن جي خدمت ۾ مشوري جي طور عرض آهي تہ اهي پنهنجي مقتدين جي نگراني ڪندا رهن تہ انهن مان ڪير جماعت سان نماز پڙهندو آهي ۽ ڪير نہ، جيڪڏهن ڪو نمازي ڪنهن نماز ۾ غير حاضر ٿئي تہ ان جي گهر وڃي يا فون ڪري ان جي خبر گيري ڪري، بيمار ٿي پيو آهي تہ عيادت ڪري ۽ سستي جي ڪري نہ آيو تہ نيڪي جي دعوت ڏي ۽ هي صرف امام صاحبان جي لاءِ ناهي سيني اسلامي ڀائرن کي هي انداز اختيار ڪرڻ گهرجي.

## فاروق اعظم فجر ۾ غير حاضر رهڻ واري جي معلومات ڪئي

اميرُالمؤمنين، امام العَادِلين، مُتَمِّمُ الاَربَعِين حضرت سيِّدُنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ جي نمازين جي خبرگيري جي هڪ روايت ملاحظہ فرمايو ۽ ان جي مطابق عمل جو ذهن بڻايو جيئن امير المومنين فاروق اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ صبح جي نماز ۾ حضرت سيِّدُنا سُليمان بن ابي حَثْمَہ رضی اللہ تعالٰی عنہ کي نہ ڏٺو، بازار تشريف وٺي ويا رستي ۾ سيِّدُنا سُليمان جو گهر هو ان جي امڙ حضرت سيدتنا شِفا رضی اللہ تعالٰی عنہا وٽ تشريف وٺي ويا ۽ فرمايو تہ صبح جي نماز ۾ مون سُليمان کي نہ ڏٺو! انهن چيو: رات جو نماز (يعني نفل) پڙهندا رهيا پوءِ ننڊ وٺي وئي، سيِّدُنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمايو: صبح جي نماز باجماعت پڙهان هي منهنجي ويجهو ان کان بهتر آهي جو رات جو قيام ڪيان (يعني سڄي رات نفل پڙهان)

(موطا امام مالڪ ج 1 ص 134 حديث 300)

## اجتماع ذڪر و نعت جي ڪري جماعت نہ ڇڏڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! سيِّدُنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ گهر وڃي خبر چار ڪئي، هن روايت مان هي بہ خبر پئي تہ سڄي رات نفل پڙهڻ يا اجتماع ذڪر و نعت ۾ رات جو دير تائين شرڪت ڪرڻ جي سبب صبح جي نماز قضا ٿي وڃڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي جيڪڏهن فجر جي جماعت بہ هلي

وجي تہ لازم آهي تہ ان طرح جا مُستحبات ڇڏي ڪري رات جو آرام ڪري ۽ باجماعت نماز فجر ادا ڪري.

## نماز جي وقت سمهڻ واري جو مٿو چيپاڻ جو عذاب

جيڪي ماڻهو رات جو ڪچهريون ڪندا ۽ خوب محفلون ڪندا آهن ۽ فجر جي نماز کان پهريان سمهي رهندا آهن ۽ نماز کان پاڻ کي محروم ڪري ڇڏيندا آهن انهن جي لاءِ فڪر جو مقام آهي، جيئن سرڪارِ مدينہ منوَّره، سردارِ مڪّہ مڪرّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَیْھِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو: اڄ رات ٻہ شخص (يعني جبرئيل عَلَيْہِ السَّلَام ۽ ميڪائيل عَلَيْہِ السَّلَام) مون وٽ آيا ۽ مون کي مُقدَّس جڳهہ وٺي ويا، مون ڏٺو تہ هڪ شخص ليٽيل آهي ان جي سيراندي کان هڪ شخص پٿر کنيو بيٺو آهي ۽ لاڳيتو پٿر سان ان جو مٿو چيپاڻي رهيو آهي، هر ڀيري چيپاڻ کان پوءِ ان جو مٿو وري ٺيڪ ٿي وڃي ٿو، مون فِرشتن کي چيو: سبحٰن الله هي ڪير آهي؟ انهن عرض ڪيو: اڳتي تشريف وٺي هلو (وڌيڪ منظر ڏيکارڻ کان پوءِ) فِرشتن عرض ڪيو: پهريون شخص اوهان ڏٺو هي اهو آهي جنهن قرآن پڙهيو پوءِ ان کي ڇڏي ڏنو، ۽ فرض نمازن جي وقت سمهي رهندو هو هن سان قيامت تائين هي ورتاءُ ڪيو ويندو. (ملخص از صحيح بخاري ج 4 ص 425 حديث 7047)

مَیں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت
ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فلمن جون 2000 V.C.Ds ڀڃي ڇڏيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نمازن جي عادت بڻائڻ، سنتون اپنائڻ، نيڪين جي عادت پائڻ ۽ گناهن جي نحوست کان پيڇو ڇڏائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان: ايشيا جي سڀ کان وڏي ڪچي آبادي اورنگي ٽاؤن (باب المدينہ) ۾ مقيم

اسلامي ڀاءُ جي مڪتوب جو خلاصو آهي: دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان مان نيڪين کان پري گناهن جي وادين ۾ قيد هئس، نفساني خواهشن کي پورو ڪرڻ ڇڻ منهنجي حياتي جو مقصد بڻجي چڪو هو، فحش فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ سان گڏوگڏ طرح طرح جي ٻين برائين جي نحوستن جو شڪار هئس، منهنجي نيڪين کان حد درجي جي غفلت ۽ فلمن ڊرامن جي جنون جي حد تائين محبت جو اندازو هن ڳالهه سان لڳائي سگهجي ٿو ته گهران مون کي جيڪي مهيني جو هڪ هزار جيب خرچ ملندو هو ان مان نين نين فلمن ۽ ڊرامن جون V.C.Ds وٺي ايندو هئس، ايستائين جو مون وٽ ٻه هزار (2000) کان وڌيڪ وي سي ڊيز جمع ٿي چڪيون هيون! اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي قسمت ۾ نيڪ هدايت لکيل هئي جنهن جي صورت ائين بڻي جو هڪ ڏينهن هڪ عاشق رسول سبز سبز عمامي جو تاج سجائي مون وٽ تشريف وٺي آيا ۽ انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي فڪر آخرت جي باري ۾ ڪجھ ائين نيڪي جي دعوت ڏني جو خوفِ خدا منهنجي رڳ رڳ ۾ سمائجي ويو، بُرين عادتن ۽ گندن خيالن جو محل ڊهي پٽ ٿي ويو، ان عاشق رسول جي حسن اخلاق ۽ انفرادي ڪوشش جي برڪت سان مان دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ حاضر ٿي ويس، اتي جي سنتن ڀري بيان منهنجي گناهن جي عادي دل کي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ آخر ۾ گهري ويندڙ رقت انگيز دعا جو دل تي ايترو اثر ٿيو جو گهر اچي مون فلمن جون سيئي V.C.Ds ٽوڙي ڇڏيون. دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي جي برڪت سان مون دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جون سنتن ڀري بيان جون ڪيسٽون گهر ۾ آڻي پاڻ ٻه ٻڌيون ۽ گهر وارن کي ٻه ٻڌڻ جي لاءِ ڏنيون ته ان جي برڪت سان اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جو سڄو گهر مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري قادري رضوي سلسلي ۾ داخل ٿي ويو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفٰی صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته اُن جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

## نيڪ ٻانهن جو شان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنتن ڀريي اجتماع جي برڪتن جي ڇا ڳالهه ڪجي! هن ۾ عاشقان رسول جون صحبتون، قُربتون ۽ برڪتون نصيب ٿينديون آهن، ان ۾ ڪيترائي الله عَزَّوَجَلَّ جا مقبول ٻانها هوندا آهن جيڪي جيتوڻيڪ سڃاتا نه ٿا وڃن پر انهن جي برڪتن سان ٻيڙو پار ٿي ويندو آهي، علماء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا: جتي چاليهه مسلمان صالح (يعني نيڪ مسلمان) جمع ٿيندا آهن انهن ۾ هڪ ولي الله ضرور هوندو آهي. (فتاويٰ رضويه ج 24 ص 184 تيسير شرح جامع الصغير تحت الحديث 714 ج 1 ص 312) فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئي وڪريل وار، غبار آلود بدن وارا ۽ ٻن پراڻن ڪپڙن وارا اهڙا آهن جنهن جي پرواه ناهي ڪئي ويندي جيڪڏهن اهي الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم کڻن ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن جو قسم پورو فرمائيندو آهي ۽ بَراء بن مالڪ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) انهن مان هڪ آهي.

(سنن ترمذي ج 5 ص 460 حديث 3880)

اپنے اچھے اچھے بندوں کے طفیل اے کبریا
مجھ نکمے اور بُرے بندے کو بھی اچھا بنا

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت براء بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي قبوليتِ دعا جي حڪايت

مذڪوره حديث جي راوي سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن فرمان عاليشان جي نتيجي ۾ هڪ ايمان افروز حڪايت بيان فرمائي آهي. اوهان به ٻڌو ۽ ايمان تازو ڪيو جيئن ته راوي چون ٿا: هڪ ڀيري مسلمانن ڪافرن سان مهاڏو اٽڪايو ته ڪافرن مسلمانن کي سخت نقصان پهچايو، مسلمان جمع ٿي حضرت سيِّدُنا بَراء بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي گذارش ڪئي: اي براء! پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جو قسم ڏئي فتح جي لاءِ دعا ڪر! انهن عرض ڪيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ! مان تو کي تنهنجو ئي قسم ڏئي دعا ڪيان ٿو ته اسان کي ڪافرن تي غلبو

عطا فرماءِ ۽ مون کي پنهنجي نبي (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَالِہٖ وَسَلَّم) وٽ پهچاءِ (يعني شهادت عطا فرماءِ) هڪدم ئي سندن جي دعا قبول ٿي ۽ مسلمانن کي فتح نصيب ٿي ۽ انهيءَ ويڙهه ۾ حضرت سيِّدُنا براء بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ شهيد ٿي ويا. (المستدرڪ للحاڪم ج 4 ص 340 حديث 5325) **اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَالِہٖ وَسَلَّم

چاہیں تو اِشاروں سے اپنے کایا ہی پلٹ دیں دنیا کی

یہ شان ہے خدمتگاروں کی سرکار کا عالَم کیا ہوگا!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڳائڻو مُحَدِّث ڪيئن بڻيو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان جا اَسلاف ڪنهن کي برائي ۾ مبتلا ڏسي همدردي سان ڀريل دل سان ان جي اصلاح جي لاءِ ڪوشش ڪندا هئا، هن ضمن ۾ مشهور صحابي حضرت سيِّدُنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي انفرادي ڪوشش جي انوکي حڪايت ملاحظه فرمايو ۽ ڏسو ڪيئن پنهنجي ڪرامت سان هڪ ڳائڻي کي پنهنجي وقت جو هڪ عظيم مُحَدِّث ۽ امام بڻائي ڇڏيو! حضرت سيِّدُنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ هڪ ڏينهن ڪوفي جي پرسان ڪنهن جڳهه تان گذري رهيا هئا، هڪ گهر وٽ زاذان نالي مشهور ڳائڻو انتهائي سُريلي آواز ۾ ڳائي رهيو هو ۽ ڪجهه عياش قسم جا ماڻهو شراب جي نشي ۾ مست گاني باجي جي ڌُن تي جهومي رهيا هئا. حضرت سيِّدُنا عبدالله ابن مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمايو: ڪيترو پيارو آواز آهي، جيڪڏهن اهو آواز قرآن پاڪ جي قراءت جي لاءِ استعمال ٿئي ها ته ڪجهه ٻي ڳالهه هجي ها، اهو فرمائي ڪري پنهنجي مبارڪ چادر ان ڳائڻي (Singer) جي مٿي تي وڌائون ۽ تشريف وٺي ويا، زاذان ماڻهن کان پڇا ڪئي ته اهي بزرگ ڪير هئا؟ ماڻهن ٻڌايو: حضرت سيِّدُنا عبدالله ابن مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ، پڇا ڪئي ته ڇا فرمائي رهيا هئا، چيائون: فرمائي رهيا هئا ته ڪيترو نه پيارو آواز آهي، جيڪڏهن اهو

آواز قرآن پاڪ جي قراءت جي لاءِ استعمال ٿئي ها ته ڪجهه ٻي ڳالهه هجي ها، اهو ٻڌي ڪري ان تي رقت طاري ٿي وئي، هو اٿيو ۽ اٿي ڪري ان پنهنجو باجو زمين تي زور سان اڇلايو، باجو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو، پوءِ روئندو حضرت سيِّدُنا عبدالله ابن مسعود رضی اللہ تعالٰی عنہ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويو، پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ ان کي سيني سان لڳايو ۽ پاڻ به روئڻ لڳا. پوءِ پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمايو: جنهن الله ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪئي مان ان سان ڇو نه محبت ڪيان! زاذان ڳائي باجي کان توبه ڪري حضرت سيِّدُنا عبدالله ابن مسعود رضی اللہ تعالٰی عنہ جي صحبت اختيار ڪئي ۽ قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪئي ۽ اسلامي علوم ۾ اهڙو ڪمال حاصل ڪيو جو تمام وڏو امام بڻجي ويو. (مرقاة المفاتيح ج 4 ص 700 تحت الحديث 2199، غنية الطالبين ج 1 ص 263) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم

نگاهِ صحابي ميں تاثير ديکهى بدلتى هزاروں کى تقدير ديکهى

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جي پياري پياري صحابي رضی اللہ تعالٰی عنہ جي نظر هڪ اٽڪل ڳائڻي (Singer) تي پئي ته ان کي ولايت ۽ امامت جي درجي تي فائز ڪري ڇڏيائون، جڏهن صحابيءَ جو اهو شان آهي ته مصطفيٰ ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جي نگاهِ ڪرم جو ڇا عالم هوندو!

چاہیں تو اشاروں سے اپنے کایا ہی پلٹ دیں دنیا کی
یہ شان ہے خدمتگاروں کی سرکار کا عالم کیا ہوگا!

۽ هن ايمان افروز حڪايت مان اها به خبر پئي ته ڳانا باجا تمام خراب شيءِ آهن جيڪڏهن سني يا مَعَاذَالله روح جي غذا هجي ها ته سيِّدُنا عبدالله بن مسعود رضی اللہ تعالٰی عنہ زاذان تي "ڪرامتي انفرادي ڪوشش" ڪرڻ جي بدران ان جي حوصلا افزائي ڪن ها! مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ

## ڳاني باجي جي مذمت تي چار روايتون

نيڪي جي دعوت جو ثواب ڪمائڻ سان گڏ موسيقي جي مذمت تي وارد ٿيل ڪجهه مدني گل پيش ڪيان ٿو ان

سان سعادت مندن ڪي سمجهه ۾ اچي ويندو تہ هي هرگز روح جي غذا ناهي بلڪ ان سان روحانيت تباهه ٿيندي آهي: ﴿1﴾ ”ٻن آوازن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت آهي: (1) نعمت جي وقت باجو (2) مصيبت جي وقت روڄ راڙو ڪرڻ.“ (الڪامل في الضعفاء الرجال لابن عدي ج 7 ص 299) ﴿2﴾ حضرت علامہ جلال الدين سيوطي شافعي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ القَوِي نقل فرمائن ٿا: گانن باجن کان پنهنجو پاڻ کي بچايو ڇو تہ اهي شهوت کي ڀڙڪائيندا ۽ غيرت کي برباد ڪندا آهن ۽ هي شراب جا قائم مقام آهن، ان ۾ نشي جهڙي تاثير آهي. (تفسير درمنثور ج 6 ص 506، شعب الايمان ج 4 ص 280 حديث 5108) ﴿3﴾ ”جيڪو ڳائڻ واري ۽ وڻ ويهندو (۽) ڪن لڳائي ڪري ٻڌندو تہ اللهعَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان جي ڪنن ۾ سِيهو وجهندو.“ (ابن عساڪر ج 51 ص 263) ﴿4﴾ ”گانو ۽ لَهو دل ۾ اهڙي طرح نفاق پيدا ڪندا آهن جهڙي طرح پاڻي ساوڪ پيدا ڪندو آهي قسم آهي ان مُقَدّس ذات جو جنهن جي قبضہِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! بيشڪ قرآن ۽ ذڪرالله ضرور دل ۾ اهڙي طرح ايمان پيدا ڪندا آهن جهڙي طرح پاڻي سائو گاهه پيدا ڪندو آهي.“
(الفردوس بماثور الخطاب ج 3 ص 115 حديث 4319)

## گاني جي شوقين جو عبرت ناڪ انجام

افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهه موسيقي اڪثر مسلمانن جي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪي آهي، تقريباً هر شيء ۾ موسيقي مُسلط آهي. ڪار هجي يا هوائي جهاز، ٽرڪ هجي يا بس، ٽيڪسي هجي يا سوزوڪي، گڏهه گاڏي هجي يا ڏاند گاڏي، گهر هجي يا دوڪان، ڪارخانو هجي يا گودام، هوٽل هجي يا پان جي ڪيبن، ڌوٻي جو دوڪان هجي يا حجام جو دوڪان، تقريباً هر جڳهه تي موسيقي جو آواز ٻڌو ويندو آهي، ٻار اڪ ٽي موسيقي جي سُرن تي کوليندو آهي، ويچاري جي پينگهي تي رانديڪو لٽڪائي ڇڏيندا آهن جيڪو ان کي ميوزڪ ٻڌائيندو ۽ سمهاريندو آهي. (شايد هي سبب هجي تہ ڪيئي بدنصيب سيراندي کان گانا هلائيندا آهن تڏهن ان کي ننڊ ايندي آهي) رانديڪن ۾ گُڏي هجي يا ڀالو، ريل گاڏي هجي يا هوائي جهاز سڀ

۾ موسيقي ايستائين جو ٻارن جي جوتيون ۾ موسيقي وڄائينديون آهن! پوءِ هي ٻار جيڪڏهن زنده بچي ويو ته وڏو ٿي موسيقي کان ڪيئن بچندو؟ اچو ته هڪ وڏي ٻار جو عبرتناڪ قصو ٻڌون ٿا: مدني چينل تي موسيقي جي عنوان سان ٿيندڙ "مڪالمي" ۾ سگ مدينہ ٻڌو ته هند مان آيل هڪ ميل (Mail) ۾ ٻڌايو ويو هو هڪ نوجوان ڪن ۾ ائير فون (Ear Phone) لڳائي موسيقي جي ٿاپن تي ۽ ڳاني جي سُرن ۾ مست هلندو پئي ويو، ان کي هوش ئي نه رهيو ته ڪٿي وڃڻو آهي! هلندي هلندي اهو ريل جي پٽڙي تي چڙهي ويو، هڪ دم ريل آئي ۽ ان کي چيپاٽي گذري وئي.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے　　مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے

کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے　　جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سونے

جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے

یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## لاشن جا انبار
مدينہ

دنياءِ اسلام جي مشهور ۽ معروف حنفي بزرگ، عارف بالله حضرت سيِّدُنا داتا علي هجويري علیہ رحمۃ اللہ القوی جي پيش ڪيل هڪ روايت جو خلاصو آهي: "الله عزوجل حضرت سيِّدُنا دائود علٰی نبینا و علیہ الصلوۃ والسلام کي تمام سريلو آواز عطا فرمايو هو، پاڻ علیہ السلام جي سُريلي آواز جي سبب جبل وجد ۾ ايندا هئا، پکي اڏامندي اڏامندي ڪِري پوندا هئا، چرندا ۽ درندا آواز ٻڌي ڪري جهنگن مان نڪري ايندا هئا، وڻ جهومڻ لڳندا هئا، وهندڙ پاڻي بيهي رهندو هو، جهنگ جا جانور وغيره هڪ هڪ مهيني تائين ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندا هئا، ننڍڙا ٻار روئڻ ۽ کير گهرڻ ڇڏي ڏيندا هئا، سندن پُرسوز آواز سان ڪڏهن ڪڏهن انسانن جو روح پرواز ڪري ويندو هو، هڪ ڀيري سندن پُرسوز آواز ٻڌي ڪري سؤ عورتون وفات ڪري ويون، شيطان سندن جي نيڪي جي دعوت جي ان انداز کان ڏاڍو پريشان هو. آخرڪار ان بانسري ۽ تنبورو ٺاهيو ۽ خوب ڳائڻ وڄائڻ ڪيو، پوءِ ماڻهو ٻن ٽولن ۾ ورهائجي ويا، جيڪي سعادتمند هئا، اهي حضرت سيِّدُنا دائود علٰی

نَبِیُّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي پُر سوز آواز جا شيدائي ٿي ويا ۽ جيڪي گمراهہ هئا اهي شيطان جي سازن ۽ گانن ڏانهن مائل ٿي ويا." (ڪشف المحجوب بتغير ص 457) واقعي گانا باجا شيطان جي ئي ايجاد آهن، جيئن تہ "تفسيراتِ احمدِيَّہ" جي هن روايت مان ان جي تائيد ٿئي ٿي تہ سرڪارِ نامدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَالِہٖ وَسَلَّم فرمايو: "شيطان سڀ کان پهريان نوحو ڪيو ۽ گانو ڳايو." (تفسرات احمديہ ص 601، الفردوس بماثور الخطاب ج 1 ص 27 حديث 42)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ گانن باجن جو ايجاد ڪندڙ شيطان ملعون آهي ۽ گانا باجا ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ شيطان جي نقش قدم تي هلڻ آهي ۽ مسلمانن کي شيطان جي نقش قدم تي هلڻ کان منع ڪيو ويو آهي، جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن "ڪنزالايمان مع خزائن العرفان" صفحي 69 تي الله تبارڪ و تعاليٰ سيپاري 2 سُوۡرَۃُ الۡبَقَرَۃ آيت 208 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً ۪ وَّلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ۝۲۰۸

**ترجمو ڪنزالايمان:** "اي ايمان وارؤ! اسلام ۾ پوري طرح داخل ٿي وڃو ۽ شيطان جي قدمن تي نہ هلو، بيشڪ اهو توهان جو کليو کلايو دشمن آهي"

فلم بيں کی آنکھ میں محشر میں آگ　　آہ! بھر جائیگی تُو فلموں سے بھاگ
بینڈ باجوں سے تُو کوسوں دور بھاگ　　ورنہ دوزخ کی تجھے کھائے گی آگ
کر لے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی (وسائلِ بخشش ص ٦٦٧،٦٦٩)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا واقعي موسيقي روح جي غذا آهي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مختلف روايتن ۽ حڪايتن مان ظاهر ٿيو تہ گانا باجا ۽ موسيقي هرگز روح جي غذا ناهن، بلڪ ان سان روحانيت تباهہ ٿيندي آهي، روح جي غذا تہ ذِڪرالله

آهي جيئن سيپاري 13 سُوْرَةُ الرَّعْد آيت 28 ۾ ارشاد آهي:

اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىٕنُّ الْقُلُوْبُ ﴿۲۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ٻُڌو الله جي ئي ياد ۾ دلين جو آرام آهي

روح جي غذا نماز آهي جيڪو ذڪر آهي جيئن سيپاري 16 سُوْرَةُ طٰهٰ آيت نمبر 14 ۾ فرمان خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ آهي

وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكْرِیْ ﴿۱۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ منهنجي ياد جي واسطي نماز قائم رک.

گانا باجا ۽ موسيقي ئي تہ روح ۾ بگاڙ پيدا ڪندا آهن، نمازن ۽ عبادتن جون لذتون تباهہ ڪندا آهن، شرم ۽ حياء جو خون ڪندا آهن، مسلمان عورتن کي بي پردگي تي اپاريندا آهن، يقيناً هن کي "روح جي غِذا" چوڻ شيطاني ۽ سازشي نعرو آهي، هاڻي ڳائڻ وڄائڻ وارن، جهمريون هڻڻ وارن ۽ ناچ نخري وارن کي نادان مسلمانن ۾ عزت جو مقام ڏنو ويندو آهي ۽ انهن کي فنڪار، موسيقار، گلوڪار، پوپ سنگر ۽ ڪاميڊين وغيره چيو وڃڻ لڳو آهي نہ تہ ان جا اصلي لقب ڳائڻو، فقير، لنگهو، راڳي وغيره آهي، اڄڪلهہ ماڻهو جنهن کي "ڪاميڊين" چوندا آهن ۽ مَعَاذَالله عزت جي نظر سان ڏسندا آهن ان جو اصل نالو نقال، مَسخرو، چرچائي، مشڪرو وغيره آهي.

## گلوڪارن ۽ ڪاميڊين جي خدمت ۾ مدني التجا

تمام مسلمان گلوڪارن ۽ ڪاميڊين جي خدمت ۾ نهايت درد ڀري مدني اِلتِجا ڪيان ٿو تہ ان حرام ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪمن کان سچي توبہ ڪيو، جيڪڏهن انهن ڪمن تي ڪجهہ ڪمايو بہ تہ ياد رکو! هي حرام روزي آهي، اوهان ايترو ڪائيندا جيترو پيٽ آهي اوترو پائيندؤ جيترو بدن جو سائز آهي باقي روزي گهر جا ٻيا افراد استعمال ڪندا ۽ آخرت ۾ جوابده اوهان ٿيندا، دل وڏي ڪيو ۽ گانا باجا يا ڪاميڊي ڪرڻ جي ڪري جنهن جنهن کان جيڪا بہ رقم ملي آهي انهن کي

موٽائي ڇڏيو، اهي زنده نہ رهيا هجن تہ ان جي وارثن کي ڏئي ڇڏيو، جيڪڏهن اهي غائب ٿي چڪا آهن يا جنهن جنهن جو ياد ناهي ان جون رقمون ڪنهن شرعي فقير کي پيش ڪيو، جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ نفس تي سخت دشوار آهي پر هي چو تا وساريو تہ هر حال ۾ مرڻو آهي ۽ قبر ۾ لهڻو آهي ۽ پنهنجي ڪرتي جو ڦل پرڻو آهي، حرام مان حاصل ڪيل رقمون نہ موٽائيون ۽ اهي قبر ۾ نانگ وڇون بڻجي ڪري چنبڙي ويون تہ ڇا ڪنداسين.

ڪر لے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی (وسائلِ بخشش ص٦٦٧)

(تفصيلي معلومات جي لاءِ بيانات عطاريہ حصي پهرين ۾ شامل رسالي "ڳائڻ باجن جون تباهہ ڪاريون" ۽ بي حصي ۾ "ڳائڻ جا 35 ڪفريہ اشعار" جو مطالعو فرمايو)

## ڊانس ڊائريڪٽر جي توبہ

ڪورنگي (باب المدينہ ڪراچي) ۾ مقيم اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: غالباً 1992 جي ڳالهہ آهي، اسان انهن ڏينهن گلستان جوهر (باب المدينہ) ۾ رهندا هئاسين، ننڍي عمر ۾ T.V تي فلمون ڊرامہ ڏسڻ جي منحوس شوق مون کي نچڻ جو شوقين بڻائي ڇڏيو ايستائين جو مون ڊانس جي مقابلن ۾ بہ حصو ورتو ۽ انعامات حاصل ڪيا، جڏهن منهنجون تصويرون اخبارن ۾ ڇپيون تہ خاندان ۾ خوب پذيرائي ملي، مان اڳتي پيس ۽ ڊانس سکڻ جي اڪيڊمي جي اندر داخلا ورتي ۽ هن منحوس فن ۾ ايتري مهارت حاصل ڪئي جو "ڊانس ڊائريڪٽر" (يعني ڊانس سيکارڻ وارو) بڻجي ويس، مون فرانس، ٿائي لينڊ وغيره جو سفر ڪيو ۽ هِند مان "ڪلاسيڪل ڪٿڪ ڊانس" بہ سکيو، هاڻي مان ان مقام تي پهچي ويو هئس جو مشهور ادڪارائون ۽ اداڪار مون کان ڊانس سکندا هئا، ان بي حيائي جي ماحول ۾ مون کي اهڙيون نوجوان ڇوڪريون بہ مليون جيڪي سڀ ڪان سڀ ڊانس سکڻ جي لالچ ۾ "ڪجهہ بہ" ڪرڻ جي لاءِ تيار هيون.

## مون کي درود ۽ سلام سان محبت هئي

انهي دوران منهنجي والده جو انتقال ٿي ويو پر منهنجون اکيون نہ کليون، اَمڙ سائڻ جي هدايت جي بدولت درود پاڪ سان محبت هئي، غالباً اپريل 2005ع ۾ هڪ ڊانس پروگرام جي سلسلي ۾ مرڪزالاولياءِ لاهور وڃڻ ٿيو، **حضور داتا گنج بخش** رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي مزار پرانوار جي سامهون کان گذرندي مون **درود شريف** پڙهي ڪري انهن کي ايصال ثواب ڪيو.

## مرحوم والدين باهہ ۾ هئا

نچي نچي ڪري ٿڪجي جڏهن سُتس تہ خواب ۾ ڇا ٿو ڏسان تہ منهنجا مرحوم والدين ڀڙڪندڙ باهہ ۾ آهن ۽ مون کي ڏسي چئي رهيا آهن: اسان تنهنجي اسلامي تربيت ۾ ڪوتاهي ڪري ويا آهيون، هاءِ اسان جي خرابي تون ڊانسر ۽ شرابي بڻجي وئين! هاڻي تنهنجي ڪري باهہ اسان کي ساڙي رهي آهي، تون توبہ ڪري وٺ تہ تون بہ عذاب کان بچين ۽ اسان جو بہ ڇوٽڪارو ٿئي. ”مان خواب ۾ روئڻ لڳس ۽ منهنجي اک کلي وئي پوءِ مان ڪافي دير تائين روئيندو رهيس.“

## داتا دربار ۾ تمام گهڻو ڪرم ٿيو

پوءِ مان **حضور داتا گنج بخش** رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي مزار پُرانوار تي حاضر ٿيس، قدمن جي طرف ويهي ڪري روئي روئي مون داتا صاحب سان فرياد ڪئي: ”**يا داتا!** هاڻي اوهان ئي مون کي سنڀاليو!“ ايتري ۾ ڪنهن منهنجي ڪنڌ تي هٿ رکيو، مٿو کڻي ڏٺو تہ سفيد لباس ۾ ۽ مٿي تي سبز سبز عمامو سجايل هڪ شخص هيا، جيڪي نهايت پياري انداز سان فرمائي رهيا آهن: پٽ! موت ڪنهن بہ وقت اچي سگهي ٿو جلد گناهن کان توبہ ڪر، مون پڇيو: مان ڪيڏانهن وڃان؟ مسڪرائي ڪري فرمائڻ لڳا: ”باب المدينہ ڪراچي اچي وڃ“ هي چئي هڪ دم منهنجي نگاهن مان غائب ٿي ويا! هي منهنجي بيداري جو واقعو آهي.

## مون مدني قافلي ۾ سفر ڪيو......

مان بابُ المدينہ (ڪراچي) پهتس ۽ هڪ مُبَلِّغ دعوت اسلامي سان ملاقات ٿي تہ ان جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان مان سنتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر اختيار ڪيو، جڏهن امير قافلہ سکڻ سيکارڻ جي حلقي ۾ **غسل جو طريقو** بيان ڪيو تہ منهنجي پيرين هيٺان زمين نڪري وئي تہ يا خدا! مان تہ ناپاڪي جي حالت ۾ آهيان، فوراً مسجد مان ٻاهر نڪتس ۽ انهيءَ وقت غسل ڪيو، مدني قافلي ۾ ٻڌايل طريقي جي مطابق مون رات جو صلوٰةُ التَّوبہ پڙهي ۽ سمهي رهيس.

## مون ايمان افروز خواب ڏٺو

مون خواب ۾ ڏٺو تہ مرحومہ امڙ سائڻ چنڊ جيان چهرو چمڪائي مسجد نبوي شريف علي صاحبها الصّلوٰة والسّلام ۾ نماز ادا ڪري رهي آهي، سلام ڦيرڻ ڪان پوءِ انهن مون کي گلي لڳايو، مان روئڻ لڳس، امڙ سائڻ چيو: هاڻي مان تمام خوش آهيان، اچ! نماز پڙهون ٿا، فارغ ٿي مون والد صاحب جي باري پڇا ڪئي تہ انهن هڪ طرف اشارو ڪيو، مان ان طرف هلڻ لڳس، هلندي هلندي مان هڪ تمام وڏي ميدان ۾ پهچي ويس، وچ ۾ شيشي جو هڪ ڪمرو هو، ڪئي ماڻهو ان جي اندر وڃڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هئا، اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ مان آرام سان اندر هليو ويس، هتي پنج بزرگ هئا، هڪ بزرگ جيڪي وچ ۾ اوچائي تي تشريف فرما هئا، انهن جي چهري تي ايترو تہ نور هو جو نگاهہ نہ پئي ڪٽي سگهيس، مان ان بزرگن ڪان پڇا ڪئي: مون جا بابا سائين ڪٿي آهن؟ تہ هڪ بزرگ ڪمري جي ڪوئين حصي ڏانهن اشارو ڪيو، اتي ويس تہ والد صاحب اونڌاهي ۾ ويهي زار و قطار روئي رهيا هئا، مون روئڻ جو سبب پڇيو: جواب ڏنائون: هر هڪ انهن بزرگن کي تحفا پيش ڪري رهيو آهي پر مان ڇا پيش ڪيان، تون ڪجهہ موڪلين نٿو! اوچتو نور جو هڪ ٿال منهنجي هٿ ۾ اچي ويو، مون والد مرحوم کي ڏنو، والد صاحب مون کي گڏ وٺي ڪمري ۾

داخل ٿيا ۽ نوراني چهري واري بزرگ جي خدمت ۾ اهو نوراني ٿال پيش ڪيو، پوءِ اسان هتان ڪان ٻاهر نڪري آياسين، ان وقت منهنجي دل ۾ خيال آيو ته هي نوراني چهري وارا بزرگ منهنجا نور وارا آقا محمد مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هئا. پوءِ منهنجي اک کلي وئي، ڏٺو ته منهنجو پورو جسم خوشبو سان مهڪي رهيو آهي، هي ايمان افروز خواب ڏسڻ ڪان پوءِ مون تمام گناهن کان سچي پڪي توبه ڪئي ۽ امير قافله جي هٿن سان پنهنجي مٿي تي سبز سبز عمامو شريف به سجائي ورتو ۽ ڏاڙهي وڌائڻ جي نيت به ڪئي.

## لوهه جي سيخ منهنجي ٻانهن جي آرپار ڪري ڇڏي

جيئن ته مدني قافلي ۾ سفر کان پهريان مان هڪ ميڊم جي لاءِ ڪم ڪندو هئس جيڪا ڊانس جي وڏي آرگنائزر (يعني مُنتَظِم) هئي، ان مون کي قيام، طعام ۽ سواري وغيره جون ڪيئي آسائشون ڏنيون هيون، ان کي جڏهن خبر پئي ته اها منهنجي گهر پهتي ۽ مون کي بُرو ڀلو چوڻ لڳي ۽ منهنجو عمامو هيٺ اڇلائي ڇڏيو جڏهن مان ان جي رعب ۾ نه آيس ته اها ٻئي ڀيري ٻاڻ سان ڪجهه غنڊه به وٺي آئي، انهن مون تي تمام گهڻو تشدد ڪيو ايستائين جو لوهه جي سيخ منهنجي ٻانهن جي آرپار ڪري مون کي شديد زخمي ڪري وڌو، مان جان بچائي اتان ڀڄي نڪتس ۽ هڪ اسلامي ڀاءُ وٽ پناهه ورتي، انهن منهنجو علاج ڪرائڻ سان گڏوگڏ تمام گهڻو تعاون ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جزاء خير عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## مون مدني مرڪز ۾ مختلف ڪورس ڪيا

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مون دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه باب المدينه ڪراچي ۾ 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس ۽ 41 ڏينهن جو مدني قافله ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، پوءِ مون اِمامت ڪورس ۾ به داخلا ورتي، ڪجهه ڏينهن گذريا مون 12 مهينن جي مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ پاڻ کي پيش ڪري ڇڏيو.

فرمانِ مُصطفٰی صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود پاڪ نہ پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو- (ابن سني)

## منهنجي پينٽ شرٽ واري ماڊرن گهرواري

منهنجو اڪثر خاندان انگلينڊ ۾ رهندو هو، **مدني ماحول** سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ ئي خاندان جي هڪ پينٽ شرٽ پائڻ واري نهايت ماڊرن ڇوڪريءَ سان منهنجو نڪاح ٿي چڪو هو، جڏهن ان کي منهنجي توبہ جي خبر پئي تہ اها ڪاوڙجي ويئي، ڏاڙهي لاهڻ جو مطالبو ڪيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ مان توبہ تي قائم رهيس، جنهن سبب ان ڪورٽ جي ذريعي مون کان طلاق ورتي، انهيءَ ڪري منهنجا پيڻ ڀاءُ بہ مون کان رُسي ويا، منهنجا ماءُ پيءُ تہ دنيا ۾ نہ رهيا هئا ائين مان اڪيلو رهجي ويس، هاڻي دعوت اسلامي وارا منهنجا رشتيدار ۽ سڀ ڪجھ آهن، اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀائرن ايتري محبت ڏني جو مان پنهنجن جي جدائي جو غم وساري ڇڏيو آهي.

## مدني مرڪز ۾ اعتڪاف ڪيو تہ روزگار ملي ويو

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ رَمَضَانُ الْمُبارڪ (1426ھ 2005) ۾ عالمي مدني مرڪز **فيضان مدينہ** ۾ ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت جي سعادت ملي، هڪ ڏينهن مبلغ دعوت اسلامي منهنجي باري ۾ مدني بهار ٻڌائي تہ هڪ اسلامي ڀاءُ ڪي مون سان گهڻي همدردي ٿي ۽ انهن عيدالفطر جي تقريباً هڪ هفتي کان پوءِ مون کي سٺي گورنمنٽ ۾ ملازمت وٺي ڏني، پوءِ منهنجي مدني ماحول ۾ شادي بہ ٿي وئي، اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ تادم تحرير ڊويزن سطح تي "**مجلس ڊاڪٽرز**" ۽ "**مجلس ڪيل**" (يعني رانديگرن تي انفرادي ڪوشش واري مجلس) جي رڪن طور پنهنجي سنتن ڀري تحريڪ "**دعوت اسلامي**" جي ترقي جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهيان، اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ هن سال (يعني 2011) ڀيهر 12 مهيني جي **مدني قافلي** ۾ سفر جي پڪي نيت ڪئي آهي.

## مدني بهار جي ذريعي مدني بهار

منهنجي اها مدني بهار دنيا جي واحد حقيقي اسلامي چينل "**مدني چينل**" تي بہ ڏيکاري وئي ۽ ٻڌائي وئي تہ مون کي حيدرآباد جي اسلامي ڀاءُ جو فون آيو تہ هتي هڪ بدمذهب

اوهان جي بهار ڏسي گهڻو متاثر ٿيو آهي ۽ اوهان سان ملڻ چاهي ٿو، جيڪڏهن اوهان سمجهائيندو ته اميد آهي اهو توبه ڪري وٺي، مان **انفرادي ڪوشش** جي نيّت سان حيدرآباد پهچي ويس، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ ان بدمذهب نه صرف پاڻ بُرن عقيدن کان توبه ڪئي بلڪ ان جا اڪثر گهر وارا به تائب ٿيا ۽ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي سرڪار غوث پاڪ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جا مريد بڻجي ويا. الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ۽ منهنجي خاندان کي دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ استقامت عنايت فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مر کے یہاں پہنچا، مر مر کے اسے پایا

چھوٹے نہ الٰہی اب سنگِ درِ جانانہ (سامانِ بخشش ص ۱۵۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ان ذڪر ڪيل مدني بهار جي باري ۾ مدني گل

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن "مدني بهار" مان اسان کي بي شمار مدني گل مليا، مثلاً ﴿1﴾ گهر جي اندر جيڪڏهن T.V تي فلمون ڊراما گانا باجا هلندا هجن ته پنهنجي ۽ اولاد جي ڪردار جي تباهي جو سبب بڻجندا آهن جيئن ته "ٻار" فلمون ڏسي ڪري "ڊانس ڊائريڪٽر" بڻجي ويو! ﴿2﴾ درود شريف سان محبت به گناهن ڀري زندگي کان ڇوٽڪاري جو سبب بڻجندي آهي جيئن اڳوڻي ڊانس ڊائريڪٽر سان ٿيو! ﴿3﴾ بزرگان دين کي ايصال ثواب ڪرڻ هدايت جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو جيئن ته صاحبِ مدني بهار درود شريف پڙهي ڪري حضور داتا صاحب رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ کي ايصال ثواب ڪيو ته ان جي هدايت جو سبب بڻجڻ شروع ٿيو. ﴿4﴾ اولاد جي اسلامي تربيت نه ڪرڻ ۽ قدرت باوجود انهن کي گناهن سان باز نه رکڻ به عذاب جو سبب بڻجندو آهي جيئن "صاحب مدني بهار" پنهنجي فوت ٿيل والدين کي خواب ۾ باهه جي وڪڙ ۾ ڏٺو ۽ والدين به پنهنجي عذاب جو سبب پٽ جو ڊانسر ۽ شرابي ٿيڻ ٻڌايو، الله تبارڪ و تعاليٰ 28 سيپاري سُوْرَةُ التَّحْرِيْم جي آيت 6 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ وَ اَهۡلِيۡكُمۡ نَارًا وَّقُوۡدُهَا النَّاسُ وَالۡحِجَارَةُ

**ترجمو ڪنزالايمان**: اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهه کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.

## گهر وارن کي دوزخ کان ڪيئن بچائجي؟

هن آيت شريف جي تحت خزائنُ العِرفان ۾ آهي: الله تعالٰي ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري اختيار ڪري، عبادتون بجا آڻي، گناهن کان پاسو ڪري گهر وارن کي نيڪي جي هدايت ۽ بدي کان منع ڪري، ۽ انهن کي علم و ادب سيکاري ڪري (پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهروارن کي جهنم جي باهه مان بچايو) ﴿5﴾ اولاد گناهن کان توبه ڪري نيڪين ۾ لڳي ته فوت ٿيل والدين کي ان جي برڪتون پهچنديون آهن جيئن صاحب مدني بهار پنهنجي مرحوم والدين کي خواب جي اندر عذاب ۾ ڏٺو، جڏهن توبه ڪئي ۽ سِڌي راهه اختيار ڪئي ته اهي ئي والدين سٺي حالت ۾ ڏيکاريا ويا، لهٰذا گناهه ڪرڻ واري اولاد کي گهرجي ته انهيءَ ڪري به توبه ڪن ته ان جا والدين قبر ۾ رنجيده نه ٿين، انهي ضمن ۾ هڪ روايت ملاحظه فرمايو جيئن الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان غيب نشان آهي: سومر ۽ جمعرات جي ڏينهن اعمال الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ پيش ڪيا ويندا آهن ۽ جمعي جي ڏينهن انبياء ڪرام (عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) ۽ ماءُ پيءُ جي سامهون پيش ڪيا ويندا آهن اهي ان جون نيڪيون ڏسي خوش ٿيندا آهن ۽ انهن جي چهري جي سفيدي ۽ چمڪ ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، پوءِ اوهان الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا رهو ۽ پنهنجي مُردن کي تڪليف نه پهچايو. (نوادر الاصول ج 1 ص 671 حديث 925)

## مرحوم والدين تي اولاد جا اعمال پيش ٿيندا آهن

پٽ جا اعمال والد مرحوم کي پيش ٿيڻ جي ضمن ۾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 413 صفحن تي مشتمل ڪتاب "عُيُونُ الحڪايات" جلد 2 صفحي 343 تي ڏنل هڪ ايمان افروز حڪايت ڪجهه لفظن جي تبديلي سان پيش

آهي، حضرت سيّدُنا صَدَقَہ بن سُليمان جَعفَرِي علیہ رحمۃ اللہ القوی فرمائن ٿا: منهنجي جواني جا ابتدائي ڏينهن هئا ۽ مان برين عادتن ۽ دنيا جي رنگينين ۾ مگن هئس، پر جڏهن منهنجي والد صاحب جو انتقال ٿيو تہ منهنجي دل چوٽ کاڌي، مان پنهنجي اڳوڻين خطائن تي شرمنده ٿي بارگاهِ خداوندي ۾ توبہ ڪئي ۽ نيڪ عملن ڏانهن راغب ٿي ويس، شامتِ نفس سان هڪ ڏينهن ڪنهن بري ڪم جو مرتڪب ٿيس تہ انهيءَ رات والد مرحوم خواب ۾ آيا ۽ فرمايو: منهنجا پٽ! تنهنجا اعمال منهنجي سامهون پيش ڪيا ويندا آهن تہ مون کي گهڻي خوشي ٿيندي آهي ڇو تہ اهي نيڪ ماڻهن جي عملن جهڙا هوندا آهن، پر هن ڀيري جيڪي عمل پيش ڪيا ويا تہ مون کي شرمندگي ٿي، خدارا! مون کي منهنجي فوت ٿي ويل دوستن جي سامهون رسوا نہ ڪر، بس ان خواب سان منهنجي زندگي ۾ انقلاب اچي ويو مان دڄي ويس ۽ توبہ تي اِستقامت اختيار ڪئي، هن حڪايت جا راوي چون ٿا: تَهَجُّد جي نماز ۾ اسان حضرت سيّدُنا صَدَقَہ بن سُليمان جَعفرِي علیہ رحمۃ اللہ القوی کي ان طرح مُناجات ڪندي ٻڌندا هئاسين: اي صالحين جي اصلاح ڪرڻ وارا! اي ڀٽڪندڙن کي سڌي راهہ هلائڻ وارا! اي گناهگارن تي رحم فرمائڻ وارا! مان تون کان اهڙي توبہ جو سوال ڪيان ٿو جنهن کان پوءِ ڪڏهن بہ گناهن ڏانهن نہ وڃان، ڪڏهن برائي ۽ ظلم ڏانهن نظر کڻي بہ نہ ڏسان، اي خالق ۽ مالڪ! مون کي سچي توبہ جي توفيق عطا فرماءِ.

(عيون الحڪايات ص 401)

نفس و شیطان ہوگئے غالب ان کے چنگل سے تو چھڑا یاربّ
کر کے توبہ میں پھر گناہوں میں ہو ہی جاتا ہوں مبتلا یاربّ
نیم جاں کر دیا گناہوں نے
مرضِ عصیاں سے دے شفا یاربّ

## ڊانس ڪي جائز چوڻ ڪيئن آهي؟

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 692 صفحن تي مشتمل ڪتاب "کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب"

صفحي 403 کان 404 تي هڪ نهايت مفيد سوال جواب ملاحظه فرمايو: **سوال:** مُرَوَّجَہ ڊانس ڪي جائز چوڻ ڪيئن آهي؟ **جواب:** فقهاءِ ڪرام رحمهم الله السلام فرمائن ٿا: جيڪو رقص کي جائز سمجهي ان تي **ڪفر جو حڪم** آهي. (درمختار ج 6 ص 396) هتي **رقص** مان لچڪي ٽپي (هٿ پير لوڏي) ڪري ڪيو ويڄڻ وارو اهو ناچ مراد آهي جيڪو شرعاً **ناجائز** آهي، عشق حقيقي جي ڪري بي خودي ۾ جهومڻ، وجد طاري ٿيڻ، يا تواجُد يعني عاشقانِ خدا ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچي وجد جي اخلاص سان نقل ڪرڻ مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ ڪفر ناهي بلڪ عين سعادت آهي.

مجھے ناچ گانے سے نفرت عطا ہو
مِری مغفرت بے حساب اے خدا ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت جو تارڪ حضور جي طريقي تي ناهي

حضرت سيِّدُنا عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته سردار مڪّهء مڪرّم، سلطانِ مدينهء منوّره صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد آهي: لَيْسَ مِنَّا مَنْ لَمْ يَرْحَمْ صَغِيْرَنَا وَيُوَقِّرْ كَبِيْرَنَا وَيَأْمُرْ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَ عَنِ الْمُنْكَرِ يعني اهو اسان مان ناهي جيڪو اسان جي ننڍن تي رحم نه ڪري ۽ وڏن جي عزت نه ڪري ۽ **نيڪي جو حڪم** نه ڏئي ۽ برائي کان منع نه ڪري. (سنن ترمذي ج 3 ص 370 حديث 1928)

## نيڪي جي دعوت صرف عالمن تي ناهي عوام تي به لازم آهي

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان هن حديث شريف جي الفاظ "**نيڪي جو حڪم** نه ڏئي ۽ برائي کان منع نه ڪري" جي تحت فرمائن ٿا: هر شخص پنهنجي طاقت ۽ پنهنجي علم جي مطابق ديني احڪام ماڻهن ۾ جاري ڪري، هي صرف عالمن جو فرض نه آهي سيني تي لازم آهي، حاڪم هٿ سان برائيون روڪي، عالم عام زباني تبليغ سان هي فرض ادا ڪري، هن زماني ۾ ان سان گهڻي غفلت ڪئي پئي وڃي. (مِراٰة المناجيح ج 6 ص 416)

میں نیکی کی دعوت کی دُھومیں مچاؤں

تُو کر ایسا جذبہ عطا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اعرابي جڏهن مسجد ۾ پيشاب ڪيو.....

حضرت سيِّدُنا انس رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا: هڪ پيري بيچين دلين جي چين، سَروَرِ ڪونين، نبيُّ الحَرَمَين، سيدُ الثَقَلَين صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم سان گڏ مسجد ۾ موجود هئاسين ته هڪ اعرابي (يعني ڳوٺاڻو) آيو ۽ مسجد ۾ بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ شروع ڪيائين، جنابِ رسالت مآب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جي اصحابن سڳورن (علیہم الرضوان) ان کي آواز ڏنو: ”بِيهو!“ پاڻ ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم ارشاد فرمايو ته ان کي نه روڪيو، ڇڏي ڏيو. صحابہ ڪرام علیہم الرضوان خاموش ٿي ويا ايستائين جو ان پيشاب ڪري ورتو، پوءِ مُبلغِ اعظم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم ان کي سڏ ڪري (نرمي ۽ شفقت) سان فرمايو: ”هي مسجد پيشاب ۽ گندگي جي لاءِ ناهي“ هي ته صرف الله عزّوجلّ جي ذڪر، نماز ۽ تلاوت قرآن جي لاءِ آهي، پوءِ پاڻ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم ڪنهن کي پاڻي آڻڻ جو حڪم ڏنو اهو پاڻي جو ڏول کڻي آيو ۽ ان (پيشاب جي جڳهه) تي وهائي ڇڏيو. (صحيح مسلم ص 164 حديث 285)

## نيڪي جي دعوت ۾ نرمي ضروري آهي

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنان هن حديث شريف جي تحت فرمائن ٿا: خيال رهي ته نجس (يعني ناپاڪ) زمين جيتوڻيڪ سُڪي ڪري پاڪ ٿي ويندي آهي (جڏهن ته ان تان نجاست جا اثر ختم ٿي وڃن) پر زمين کي ڌوئڻ تمام بهتر آهي جو ان سان گندگي جو رنگ ۽ بوءِ به جلدي ويندي رهندي آهي ۽ ان سان تَيَمُّم به جائز ٿي ويندو آهي، هن حديث (۾ پاڻي جو ڏول وهائڻ جي تذڪري) سان هي لازم ناهي ته ناپاڪ زمين بغير ڌوئڻ جي پاڪ نه ٿي سگهندي. مسجد ۾ پاڪائي جي علاوه صفائي به هجي ۽ هي ڌوئڻ سان ئي حاصل ٿيندي آهي، وڌيڪ فرمائن ٿا: هن ۾ مبلغن کي تبليغ جي طريقي جي تعليم آهي ته تبليغ اخلاق ۽ نرمي

سان هٿڻ گهرجي. (مراة المناجيح ج 1 ص 326)

## پيشاب ڪندي ڪندي اوچتو رڪجي وڃڻ جا طبي نقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن ڪو پيشاب ڪري رهيو هجي ان کي ڇرڪائڻ وارو آواز لڳائڻ ۽ ڏيڄارڻ کان بچڻ کپي ڇو تہ پيشاب ڪندي وقت ڪنهن خوف وغيره جي ڪري اڏورو پيشاب فوراً روڪڻ سان طبي طور تي ايترا سخت نقصان پهچي سگهن ٿا جيترا نانگ جي ڏنگڻ سان بہ نٿا ٿي سگهن! پيشاب کي اڏورو ڇڏڻ سان جنون (يعني پاگل پن ۽ بيهوشي جا دورا پوڻ) ۽ گڙدن جون خطرناڪ بيماريون ٿي سگهن ٿيون.

## بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ سنت ناهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل روايت ۾ بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ جو تذڪرو آهي انهي ضمن ۾ عرض آهي تہ بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ سنت ناهي، جيئن تہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت" جلد پهريون صفحي 407 تي آهي تہ اُمُّ المؤمنين حضرت سيّدتُنا عائشہ صديقہ رضی اللہ تعالٰی عنہا فرمائن ٿيون: جيڪو شخص اوهان کي هي چوي تہ نبي ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم بيهي ڪري پيشاب ڪندا هئا تہ توهان ان کي سچو نہ سمجهو، حضور صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ويهي ڪري ئي پيشاب ڪندا هئا.

(سنن ترمذي ج 1 ص 90 حديث 12)

## بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ جا نقصان

افسوس! اڄڪلهہ بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ جو رواج عام ٿي چڪو آهي خاص ڪري ائيرپورٽ (AIR PORT) ۽ ٻين خاص خاص جڳهن تي بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ جو خاص انتظام هوندو آهي، ائين ڪرڻ سان پيشاب ڪرڻ جي جتي سنت فوت ٿي وڃي ٿي تہ اتي ان جا طبي نقصان بہ آهن جيئن طبي تحقيق جي مطابق بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ سان مثاني جا گدود سُجي ڪري وڏي ويندا آهن جنهن جي ڪري

پيشاب تڪليف سان ايندو آهي، ڏارُ هلڪي ٿيڻ، قطرو قطرو اچڻ بلڪ پيشاب بند ٿيڻ جا مرض پيدا ٿي سگهن ٿا، بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ وارا ڪجهه ماڻهو بغير ڌوئڻ يا بغير خشڪ ڪرڻ جي پينٽ جو بٽڻ يا زنجير بند ڪندا آهن، جنهن سان انهن جي رانن وغيره تي پيشاب جا ڇنڊا پوندا آهن، ائين بنا عذر بدن کي ناپاڪ ڪرڻ وارا گنهگار ٿيڻ سان گڏوگڏ طبي طور تي به نقصان ۾ پئجي سگهن ٿا، هڪ مُستَشرِق (يعني اهڙو فرنگي (يورپي ماڻهو) جيڪو مَشرقي زبانن مثلاً اُردو، سنڌي وغيره جو ماهر هجي) ڊاڪٽر جانٽ مِلن (Dr Jaunt Milan) چوي ٿو: سُرينن (يعني بدن جو اهو حصو جيڪو ويهڻ ۾ زمين سان لڳي ٿو اهو) ۽ ان جي آس پاس وارا حصن جي اِلرجي، رانن جي خارش ۽ ڦرڙيون، پيڙو (يعني دن جي هيٺين حصي) جي ڪل لهڻ جي بيماري، پردي جي مخصوص جڳهه جي زخم جا مريض جڏهن مون وٽ ايندا آهن ته انهن ۾ اڪثر اهي هوندا آهن جيڪي پيشاب جي ڇنڊن کان ناهن بچندا .

## پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچڻ جو عذاب

حضرت سيِّدُنا اَبِي بَڪره رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا ته مان حضور نبيِّ ڪريم، روفٌ رَّحيم علیہ اَفضلُ الصلوٰۃ والتسلیم سان گڏ هلي رهيو هيس ۽ پاڻ ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو، هڪ ماڻهو پاڻ ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جي ساڄي پاسي هو، انهيءَ حالت ۾ اسان پنهنجي سامهون ٻه قبرون ڏٺيون ته محبوبِ خداءِ توّاب، نُبوَّت جي آفتاب، جنابِ رسالتِ مَآب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: انهن ٻنهي کي عذاب ٿي رهيو آهي ۽ ڪنهن وڏي معاملي جي ڪري نه ٿي رهيو آهي، توهان مان ڪير آهي جيڪو مون کي هڪ ٽاري ڪٽي ڏئي. اسان هڪ ٻئي کان اڳتي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ته مان ٻين کان اڳيان نڪري ويس، هڪ ٽاري ڪٽي ڪري حاضر خدمت ٿيس، پاڻ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم ان جا ٻه ٽڪرا ڪيا ٻنهي قبرن تي هڪ هڪ ٽڪرو رکيو، پوءِ ارشاد فرمايائون: هي جيستائين ساوا رهندا انهن تي عذاب ۾ گهٽتائي رهندي ۽ انهن ٻنهي کي غيبت ۽ پيشاب جي ڪري عذاب ٿي رهيو آهي. (مُسند اِمام احمد ج 7 ص 304 حديث 20395)

## آقا ڪي علمِ غيب آهي صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم

مدينه مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان غيبتن ۽ پيشاب جي قطرن کان نه بچڻ قبر جي عذاب جي سببن مان آهي هاءِ! اسان جو هي نازڪ بدن جيڪو (معمولي) ڪنڊي جي چڀجڻ، منجهند جي گرمي ۽ بُخار جي معمولي گرمي نه ٿو برداشت ڪري سگهي ته اهو قبر جي وحشت ناڪ عذاب ڪي ڪِيئن سَهي سگهندو. يَاالله عزّوجلّ اسان پيشاب جي گندگي جي گناهن ۽ غيبتن ۽ ننڍن وڏن سڀنن گناهن کان توبهه ڪيون ٿا، پيارا پيارا مالڪ عزّوجلّ اسان کان هميشه هميشه جي لاءِ راضي ٿي وڃ ۽ اسان جي بنا ڪنهن حساب جي مغفرت فرماءِ . اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم

بيان ڪيل روايت مان اهو به معلوم ٿيو ته اسان جي پياري پياري آقا صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم کي علمِ غيب آهي تنهن ڪري خداءِ وهّاب عزّوجلّ جي عطا سان عذابِ قبر جو حال ملاحظه فرمايائون، جيئن ته بيان ڪيل روايت ۾ ظاهر آهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت، اِمام اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن حدائق بَخشِش شريف ۾ فرمائن ٿا:

*سرِ عرش پر ہے تری گُزر دلِ فرش پر ہے تری نظر*

*مَلَکُوت و مُلک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں*

مشڪل الفاظ جي معنيٰ: سر عرش: عرش جي مٿي، ملڪوت: فرشتن جي رهڻ جي جڳهه عيان: ظاهر

شرح ڪلامِ رضا: يارسول الله صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم! عرش جي مٿي ۽ فرش يعني زمين جي اندر جو سڀ ڪجهه اوهان جي پيشِ نظر آهي، دنيا جهان ۾ ڪا به اهڙي شيء ناهي جيڪا پاڻ ڪريم صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم تي ظاهر نه هجي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شرابي تي انفرادي ڪوشش

مدينه مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نرمي سان جيڪو ڪم ٿيندو آهي اهو گرمي سان ناهي ٿيندو، ۽ مبلغ کي ته "مِٺڻ"

ڪان وڏيڪ نرم ۽ برف ڪان وڏيڪ ٿڌو رهڻ گهرجي، رعب دٻڪن سان ڪنهن جي اصلاح ٿيڻ مشڪل آهي. حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی "اِحياءُ العُلُوم" ۾ نقل ڪيو آهي ته حضرت سيِّدُنا محمد بن ذڪريا علیہ رحمۃ اللہ الکبریا فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان حضرت سيِّدُنا عبدالله بن محمد بن عائشه رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ وٽ حاضر ٿيس، پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ نماز مغرب کان پوءِ مسجد کان گهر ڏانهن روانا ٿيا، رستي ۾ هڪ قريشي نوجوان نشي ۾ ڌُت نظر آيو، ان هڪ عورت کي پڪڙي ورتو، عورت رڙيون ڪرڻ لڳي، ماڻهو آيا ۽ ان نوجوان تي ڪاهي پيا، حضرت سيِّدُنا ابن عائشه رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ ان کي سڃاتو ۽ ماڻهن کان ڇڏائي ڪري شفقت سان سيني لڳايو، پنهنجي گهر وٺي آيا ۽ ان کي سمهاري ڇڏيو، جڏهن اهو بيدار ٿيو ته ان جو نشو لهي چڪو هو، ان کي نشي جي دوران ٿيڻ واري بي حيائي جي قصي ۽ مار جي خبر پئي ته شرم سبب روئي پيو ۽ واپس وڃڻ لڳو، حضرت سيِّدُنا ابن عائشه رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ ان کي روڪيو ۽ نهايت نرمي سان **نيڪي جي دعوت** ڏني ۽ احساس ڏياريو ته پٽ! اوهان ته قريشي آهيو، اوهان جي خانداني شرافت مرحبا! اهو ته غور فرمايو ته اوهان ڪيڏي وڏي هستي جو اولاد آهيو! پٽ! الله عزّوجلّ کان ڊڄو ۽ هميشه جي لاءِ شراب نوشي ۽ ٻين گناهن کان توبه ڪيو، اهو نوجوان انهيءَ پيار ڀري **نيڪي جي دعوت** سان پاڻي پاڻي ٿي ويو ۽ ان روئي روئي ڪري توبه ڪئي، شراب ۽ ٻين گناهن جي ويجهو نه وڃڻ جو عهد ڪيو، پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ شفقت سان ان جو مٿو چميو ۽ خوب حوصله افزائي فرمائي، اهو بيحد متاثر ٿيو ۽ سندن جي صحبت ۾ رهڻ لڳو ۽ احاديث مبارڪ لکڻ تي مقرر ٿيو.

(ماخوذ از احياء العلوم ج 2 ص 411)

ہے فَلاح و کامرانی نرمی و آسانی میں ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں
ڈوب سکتی ہی نہیں موجوں کی طُغیانی میں جس کی کشتی ہو محمد کی نگہبانی میں

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ماءُ ان ڪي قتل ڪري خودڪشي ڪيان ها....

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گناهن کان پيڇو ڇڏائڻ، نماز جي پابندي جو ذهن بڻائڻ، مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن تي عمل ڪرڻ، دل ۾ عشقِ رسول جي شمع جلائڻ، جنّت الفِردوس ۾ جڳهہ حاصل ڪرڻ ۽ عذاب نار کان پاڻ کي بچائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، سنتن ڀري مدني قافلن ۾ سفر جو معمول بڻايو ۽ مدني انعامات جي مطابق پنهنجي زندگي جا ڏينهن رات گذاريو، اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪئي ٿي وڃي، هڪ مبلغ دعوت اسلامي جي بيان جو خلاصو آهي: مون کي مدني قافلي ۾ سفر دوران هڪ مسجد ۾ نماز جمعہ کان پهريان سنتن ڀريو بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي، بيان جي اختتام تي مسجد ۾ موجود اسلامي ڀائرن کي پريشانين جي روحاني علاج جي لاءِ "تعويذاتِ عطاريہ" حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏني، هڪ شخص عصر جي نماز وقت مون وٽ تشريف وٺي آيو ۽ پنهنجو مسئلو ڪجهہ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو: ڪجهہ عرصو پهريان مان روزگار جي سلسلي ۾ پاڪستان کان ٻاهر ويس تہ اتي وڃي چوري، ڌاڙي جهڙن ڏوهن ۽ ٻين غير قانوني ڪمن ۾ ڦاٿجي ويس، جڏهن تہ پاڪستان ۾ منهنجي غير موجودگي ۾ هي قيامت آئي تہ ڪنهن منهنجي ٻارن جي ماءُ تي غلط ۽ بي بنياد الزام لڳايا جنهن جو نتيجو ان جي خودڪشي جي صورت ۾ ظاهر ٿيو، جڏهن مون کي ان واقعي جي خبر ڏني وئي تہ مان صدمي ۾ بي حال ٿي ويس ۽ فوري طور پنهنجي ڳوٺ اچي پهتس، نفس ۽ شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي مون پنهنجي گهرواريءَ تي غلط تهمت لڳائڻ واري کي قتل ڪري پاڻ بہ خودڪشي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. مون ان واردات جا انتظام بہ مڪمل ڪيا هيا پر هن مسجد ۾ نماز جمعہ ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ اوهان جي بيان ٻڌڻ جي سعادت نصيب ٿي، بيان جي ختم ٿيڻ تي اوهان مشڪلات جي حل لاءِ تعويذاتِ عطاريہ حاصل ڪرڻ جي جيڪا ترغيب ڏني ان سان حوصلو مليو اوهان

جو بيان ٻڌي منهنجا گناهن ڀريل ارادا بہ مُتَزَلزَل ٿيا، مون هي فيصلو ڪيو تہ اوهان ڪي پنهنجو مسئلو بيان ڪري ڪا اهڙي صورت اختيار ڪئي وڃي جو نانگ بہ مري، لٺ بہ نہ ڀڄي، ان جون هي ڳالهيون ٻڌي ڪري پهرين تہ مان گهٻرائجي ويس پر پوءِ الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي ياد ڪري موقعي مناسبت سان معاملو حل ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةالمدينه جي سنتن ڀرين تحريري بيانن جا ٻي رسالا "غصي جو علاج، عفو و درگذر جي فضيلت، خودڪشي جو علاج" مان رهنمائي وٺندي تقريباً هڪ ڪلاڪ ان تي انفرادي ڪوشش ڪندو رهيس، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ آخرڪار اهو اسلامي ڀاءُ پنهنجي خطرناڪ ارادي ڪان مُڙي ويو ۽ ائين بہ قيمتي جانيون ضايع ٿيڻ ڪان بچي ويون، ان اسلامي ڀاءَ اشڪبار اکين سان توبہ ڪئي ۽ نابالغ ٻارن سان گڏ غوث اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الاكرم جا مريد ٿي ويا، گهر جي حفاظت ۽ ڪاروبار جي برڪت جي لاءِ "تعويذات عطاريہ" بہ حاصل ڪيائين، جڏهن مون ان کي مدني قافلي جي سفر جي رغبت ڏياري تہ لڙڪ ڀريل اکين سان روئڻهارڪي آواز ۾ چيو: "اِنْ شَآءَ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ هاڻي تہ منهنجي پوري زندگي دعوت اسلامي جي مدني ڪمن ۾ ئي گذرندي."

اے اسلامی بھائی نہ کرنا لڑائی کہ ہو جائیگا بدنُما مَدَنی ماحول

سَنور جائے گی آخِرت اِن شاءَ اللّٰہ تم اپنائے رکھو سدا مَدَنی ماحول (وسائلِ بخشش ص ٦٠٤)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مُبَلِّغين جمعي جو بيان ڪن

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! هن مدني بهار سان جمعي جي سنتن ڀري بيان جون برڪتون بہ معلوم ٿيون، دعوت اسلامي جي سيني ذميدارن کي گهرجي تہ جتي جتي ممڪن هجي جمعي ۾ (واري واري سان) مبلغ سنتن ڀري بيانن جي ترڪيب ڪن، ڇاڪاڻ تہ نماز جمعہ ۾ اڃڻ وارا ڪيترائي اهڙا ماڻهو بہ هوندا آهن جيڪي عام طور اجتماع ۾ شرڪت نٿا ڪن، اهڙي طرح انهن تائين بہ دعوت اسلامي جو مدني پيغام پهچي ويندو آهي ۽

ڪيترن خوش نصيبن جي دل چوٽ کائي ويندي آهي ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهعَزَّوَجَلَّ اهي گناهن کان توبہ ڪري پنج وقت جا نمازي بڻجي ويندا ۽ انهن تي اوهان جي وڌيڪ انفرادي ڪوشش اِنْ شَآءَ اللّٰهعَزَّوَجَلَّ انهن کي مدني قافلي جو مسافر بڻائي ڪري دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪري سنتن جو پيڪر بڻائي ڇڏيندي. جيئن اوهان ملاحظہ فرمايو تہ هڪ معاشري جو بگڙيل شخص مبلغ دعوت اسلامي جي سنتن ڀري بيان ۽ انفرادي ڪوشش جي برڪت سان مسلمان جي قتل ۽ خودڪشي جو ارادو ترڪ ڪري تائب ٿي ويو.

## هر ڀن منٽن ۾ ٿي خودڪشيون

افسوس! اڄڪلهہ ”خودڪشي“ ڪجهہ وڌيڪ عام ٿي وئي آهي ان جو وڏو سبب علم دين کان دوري آهي، ڏاڙهي ڪوڙيل جذباتي ماڊرن بي ريش ڇوڪرن، اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن، دنياوي تعليم وارن يا بي پرده فيشن ايبل عورتن ۾ ئي خودڪشي جو رجحان ڏٺو ويو آهي، اوهان ڪڏهن نہ ٻڌو هوندو تہ فلان ديني طالب علم يا عالمِ دين يا مفتي صاحب يا شريعت جي پابند پردي واري نيڪ بي بي خودڪشي ڪئي هجي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 472 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بيانات عطاريہ“ (حصو ٻيو) صفحي 404 کان 406 تي آهي: گناهن جي ڪثرت ۽ آخرت جي احوال جي معاملي ۾ جهالت سبب افسوس! اسان جي وطن عزيز ۾ بہ خودڪشي جو رجحان وڌندو پيو وڃي، هڪ اخباري رپورٽ جي مطابق اگست 2004 ۾ پاڪستان ۾ خودڪشي جا 68 واقعا ٿيا جنهن ۾ باب المدينہ ڪراچي جو پهريون نمبر رهيو جڏهن تہ ٻيو نمبر مدينة الاولياء ملتان وارن جو رهيو، انهيءَ اخبار جي مطابق دنيا ۾ هر 40 سيڪنڊ ۾ خودڪشي جو هڪ واقعو ٿيندو آهي.

## ڇا خودڪشي ڪرڻ سان جان آزاد ٿي ويندي آهي؟

خودڪشي ڪرڻ وارا شايد اهو سمجهن ٿا تہ اسان جي جان آزاد ٿي ويندي، پر ان سان جان آزاد ٿيڻ جي بجاءِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگيءَ جي صورت ۾

نهايت بريءَ طرح ڦاسي پوندي آهي. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! خودڪشي ڪرڻ جو عذاب برداشت نه ٿي سگهندو.

**باهه ۾ عذاب** حديثِ پاڪ ۾ آهي ته "جيڪو شخص جنهن شيءِ سان خودڪشي ڪندو، ان کي جهنم جي باهه ۾ انهيءَ شيءِ سان عذاب ڏنو ويندو." (صحيح بُخاري ج 4 ص 289 حديث 6652)

**انهيءَ هٿيار سان عذاب** حضرت سيِّدُنا ثابِت بن ضَحَّاڪ رضی اللہ تعالٰی عنہ کان مروي آهي ته پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جو ارشادِ عبرت بنياد آهي: "جنهن لوهه جي هٿيار سان آپگهات ڪيو ته ان کي جهنم جي باهه ۾ انهيءَ هٿيار سان عذاب ڏنو ويندو." (صَحيح بُخاري ج 1 ص 459 حديث 1363)

**گهٽو ڏيڻ جو عذاب** حضرت سيِّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ کان مروي آهي ته سرڪار عالم، نورِمُجسَّم، رسولِ مُحتَشَم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جو فرمانِ عبرت نشان آهي ته جنهن پنهنجو پاڻ کي گهُٽو ڏنو اهو جهنم جي باهه ۾ پنهنجو پاڻ کي گهٽو ڏيندو رهندو، جنهن پاڻ کي نيزو هنيو ته اهو جهنم جي باهه ۾ پاڻ کي نيزو هڻندو رهندو. (ايضاً ص 460 حديث 1365)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**خالي ٿيلهو** امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات حضرت علي المرتضيٰ شير خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: جيڪو دل ۾ چڱائي کي چڱائي نه سمجهي ۽ برائي کي برائي تسليم نه ڪري ته ان جي مٿي واري حصي کي ائين هيٺ ڪيو ويندو آهي جيئن ٿيلهي کي اُلٽو ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ ٿيلهي جي اندر واريون شيون وڪري وڃن. (مصنف ابن ابي شيبه ج 8 ص 667 رقم 124)

**دل اندي ۽ اونڌي ٿيڻ جي معنيٰ** مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي ان ۾ بربادي ئي بربادي آهي ته ماٺهو دل ۾ چڱائي کي چڱائي ۽ برائي کي برائي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏي، اسان کي گناهن کان هميشه بچڻ

گهرجي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان قلب سليم (يعني صحيح سلامت دل) طلب ڪرڻ گهرجي، نہ تہ هاڻي اوهان دل جي تباهي جي باري ۾ مولىٰ علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو ارشاد ملاحظہ فرمايو، ياد رکو! گناهن جي ڪثرت جي ڪري پهريان دل انڌي ٿيندي آهي ۽ پوءِ اونڌي يعني اُبتي ٿي ويندي آهي جيڪا آخرت جي لاءِ نهايت تباهہ ڪن آهي جيئن **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**ملفوظاتِ اعلىٰ حضرت**" صفحي 405 تي آهي: ٽي شيون الڳ الڳ آهن، نفس، روح، قلب (يعني دل) روح بمنزلہ بادشاهہ جي آهي، نفس ۽ قلب ان جا ٻہ وزير آهن، نفس ان کي هميشہ شر جي طرف وٺي ويندو آهي ۽ قلب جيستائين صاف آهي خير ڏانهن سڏ ڪندو آهي ۽ مَعَاذَالله ڪثرت مَعاصِي (يعني گناهن جي زيادتي) ۽ خاص ڪري ڪثرتِ بدعات جي ڪري (قلب) "انڌو" ڪيو ويندو آهي هاڻي ان ۾ حق ڏسڻ، سمجهڻ ۽ غور ڪرڻ جي قابليت ناهي رهندي، پر ان ۾ حق ٻڌڻ جي اِسْتِعداد (يعني قابليت) باقي رهندي ۽ پوءِ مَعَاذَالله "اونڌي" ڪئي ويندي، هاڻي اهو نہ حق ٻڌي سگهندي آهي نہ ڏسي سگهندي، بلڪل چوپٽ (يعني ويران) ٿي ويندي آهي (پوءِ اعلىٰ حضرت فرمايو) قلب (يعني دل) حقيقت ۾ ان مُضْغَۂِ گوشت (يعني گوشت جي ٽڪر) جو نالو ناهي بلڪ اهو هڪ "لطِيفَه غَيبِيّه" آهي جنهن جو مرڪز هي مُضْغَۂِ گوشت (يعني دل) سيني جي کاٻي پاسي آهي ۽ نفس جو مرڪز زيرِ ناف (يعني ناف جي هيٺ) آهي انهي ڪري شافعِيَّہ (يعني شافعي حضرات) سيني تي هٿ ٻڌندا آهن تہ "نفس" مان جيڪي وسوسا پيدا ٿين اهو قلب تائين نہ پهچي سگهن ۽ حَنفِيّہ (يعني حنفي حضرات) زير ناف ٻڌندا آهن.

توفیق نیکیوں کی اے ربِّ کریم دے
بدیوں سے بچنے والا تُو قلبِ سلیم دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط اُحد پهاڙ جيڏو آهي. (عبدالرزاق)

## معافي نہ ملندي؟

حضرت سيِّدُنا ابودرداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ توهان نيڪي جو حڪم ڏيندا رهو ۽ برائي کان روڪيندا رهو نہ تہ توهان تي ظالم باشاھ مُسلَّط ڪيو ويندو جيڪو توهان جي ننڍن تہ رحم نہ ڪندو ۽ توهان جا نيڪ ماڻهو دعا ڪندا پر انهن جون دعائون قبول بہ نہ ٿينديون اهي معافي گهرندا پر انهن کي معافي نہ ڏني ويندي. (احياءُ العلوم ج 2 ص 383)

## برين ڳالهين کان روڪيو نہ تہ....!

خَلِيفَةُ المُسلِمين حضرت سيِّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ارشاد فرمايو: اي انسانو! توهان هن آيت کي پڙهندا آهيو:

يَآيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلَيْكُمْ اَنْفُسَكُمْ ۚ لَا يَضُرُّكُمْ مَّنْ ضَلَّ اِذَا اهْتَدَيْتُمْ ۭ (پ۷، المائدة:۱۰۵)

**ترجمو ڪنزالايمان**: اي ايمان وارؤ! توهان پنهنجو فڪر رکو توهان جو ڪو نقصان نہ ڪندو جيڪو گمراھ ٿيو جڏهن توهان راھ تي هجو.

(يعني توهان ان آيت کي اهو سمجهو ٿا تہ جڏهن اسان پاڻ هدايت تي آهيون تہ گمراھ جون گمراهيون اسان جي لاءِ مُضِر (يعني نقصان ڪار) نہ آهن، اسان کي گمراھ کي گمراهي کان منع ڪرڻ جي ضرورت ناهي) مون مَنِي مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ ماڻهو جيڪڏهن بري ڳالھ ڏسن ۽ ان کي نہ بدلين تہ ويجهو آهي جو الله تعاليٰ انهن سڀني کي پنهنجي عذاب ۾ مبتلا فرمائي ڇڏي.

(سنن ابن ماجہ ج 4 ص 359 حديث 4005)

هن حديث شريف جي تحت "مِراةُ المَناجِيح" ۾ آهي : قرآن ڪريم ۾ هن آيت يَآيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلَيْكُمْ اَنْفُسَكُمْ ۚ لَا يَضُرُّكُمْ مَّنْ ضَلَّ اِذَا اهْتَدَيْتُمْ ۭ **ترجمو ڪنزالايمان**: "اي ايمان وارؤ! توهان پنهنجو فڪر رکو توهان جو ڪو نقصان نہ ڪندو جيڪو گمراھ ٿيو جڏهن توهان راھ تي هجو." جي حوالي سان ڪجھ ماڻهو هي سمجهندا هئا تہ اَمرٌ بِالمَعْرُوف وَ نَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جي ضرورت ناهي بلڪ پنهنجي اصلاح ڪرڻ گهرجي ٻين جا گناھ يا ڪوتاهيون ان جو ڪجھ بہ بگاڙي نہ ٿيون سگهن، حضرت سيِّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هن مغالطي کي پري ڪندي رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ان ارشاد گرامي جي حوالي سان ٻڌايو آهي تہ جڏهن ماڻهو

برائي کي ڏسي ڪري ان کي بدلڻ جي ڪوشش نہ ڪن تہ اهي سڀ عذاب ۾ مبتلا ٿيندا آهن. ٻي روايت مان هي ڳالهہ ظاهر ٿيندي آهي تہ انهي تبديلي جو تعلق طاقت سان آهي يعني برائي کي بدلڻ وارا ماڻهو ان کي بدلڻ جي طاقت رکڻ جي باوجود نہ بدلين تہ اهي بہ عذاب جا مستحق هوندا . (مراۃ المناجيح ج 6 ص 507)

ذڪر ٿيل آيت جي تحت صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدِّين مراد آبادي علیہ رحمۃ اللہ الہادی فرمائن ٿا: مسلمان ڪافرن جي محرومي تي افسوس ڪندا هئا ۽ انهن کي رنج ٿيندو هو تہ ڪافر عِناد (يعني عداوت) ۾ مبتلا ٿي اسلام جي دولت کان محروم ٿي ويا، الله تعالٰي انهن (يعني مسلمانن) کي تسلي ڏني تہ ان ۾ اوهان جو ڪجهہ ضَرر (يعني نقصان) ناهي، اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْف وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جو فرض ادا ڪري توهان بري ٿي چڪا آهيو توهان پنهنجي نيڪي جي جزا پائيندو، عبدالله بن مبارڪ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمايو: هن آيت ۾ اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْف وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر جي واجب هجڻ جي تاڪيد آهي ڇوتہ پنهنجي فڪر رکڻ جي معني هي آهي تہ هڪ ٻئي جي خبر چار ڪري، نيڪين جي رغبت ڏياري، برائين کان روڪي.

## گهرواريءَ جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان مدني ماحول ملي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جو مدني مقصد "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" هن مدني مقصد جي حصول جي لاءِ اسان کي پنهنجي اصلاح سان گڏوگڏ ٻين جي اصلاح جو فڪر بہ ڪرڻو پوندو تنهنڪري ايمان جي حفاظت جو فڪر وڌائڻ، هر مسلمان جي دل ۾ عشق رسول جي شمع جلائڻ، هر پاسي سنتن جي ڌوم مچائڻ ۽ نيڪ بڻائڻ جو مدني جذبو پائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، هر مهيني گهٽ ۾

گهڻ نہ ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ سنتن ڀريو سفر ۽ **مدني انعامات** تي عمل ڪندا رهو! اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ **مدني بهار** ٻڌايان ٿو: جيئن مَسْقَط (عمان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو ڪجهه ائين آهي: تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي کان پهريان **مان هڪ فيشن پرست، ڏاڙهي ڪوڙيل نوجوان هئس، منهنجو پسنديده لباس پينٽ شرٽ هو** ۽ مَعَاذَالله دين جي طرف عملي طور ڪو خاص لاڙو نہ هو، بس هر وقت دنيا جي لگن ۾ مگن رهندو هئس، آخرت سنوارڻ وارا عمل ڪرڻ جي توفيق حاصل نہ هئي، نہ ئي موت جي تياري جو ڪجهه ذهن هو، آخرڪار مون گنهگار تي بہ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڇم ڇم ڪري وسي، ۽ منهنجي گناهن ڀريل وجود جي پاڪ ٿيڻ جا سبب پيدا ٿي ويا، ٿيو ڪجهه ائين تہ منهنجي دل ۾ شوق پيدا ٿي ويو جو مون کي ڪا اهڙي صحبت ملي وڃي جنهن جي بدولت پنهنجي ايمان جي حفاظت جو سامان ڪري سگهان، سٺي صحبت حاصل ڪرڻ خاطر مان وقت بوقت مختلف ديني محفلن ۾ شرڪت ڪندو رهيس پر ڪٿي بہ حقيقي معنيٰ ۾ اطمينان قلب حاصل نہ ٿيو، زندگي خاص ڊگر تي هلندي رهي ۽ پوءِ مون شادي ڪئي، **خوشقسمتي سان منهنجي گهرواريءَ دعوت اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابستہ هئي** ۽ ان جي **انفرادي ڪوشش** منهنجي دعوت اسلامي سان وابستگي جو سبب بڻي، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مدني ماحول جي برڪت سان نہ صرف گناهن کان توبہ جي سعادت ملي بلڪ تادم تحرير شهر مشاورت جي خادم جي حيثيت سان مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارو بہ آهيان.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نرميءَ پيار مدني هٿيار آهن مدينہ 9

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن مدني بهار مان هي بہ درس مليو تہ زوجين (يعني زال مڙس) مان جيڪڏهن ڪو هڪ مدني ماحول سان وابستہ هجي تہ ان کي گهرجي تہ **انفرادي ڪوشش** جي

ذريعي پڻ ڪي به مدني ماحول سان وابسته ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري، انهيءَ ڪم جي لاءِ نرمي ۽ پيار زبردست **مدني هٿيار** آهن، جيڪڏهن مدني ماحول واري يا واريءَ جي مزاج ۾ ڪاوڙ، چڙڻ جي عادت ۽ بداخلاقي هوندي ته ڪاميابي مشڪل آهي، تنهنڪري پنهنجا اخلاق درست ڪيو، ۽ هوئين به جنهن ڪي **دعوت اسلامي** جي مدني ڪمن جي ڏُن هجي ان جي لاءِ ٺڏي مزاج جو هجڻ جو نهايت ضروري آهي جو اجائي سختي ڪرڻ سان ڪيترائي ڀيرا ڪم ٺيندي ٺيندي بگڙجي ويندا آهن.

## شادي جي فضائل تي مشتمل چار حديثون

بيان ڪيل مدني بهار ۾ ذڪر ڪيل اسلامي ڀاءُ جي مدني ماحول سان وابستگي جو سبب اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ شادي تي، "نڪاح، شادي" سان اسان جو هر ماڻهو واقف هوندو آهي ۽ زندگي جي هڪ موڙ تي اچي سيني ڪي شادي سان واسطو پوندو آهي. انهيءَ ضمن ۾ **نيڪي جي دعوت** پيش ڪندي ڪجهه **مدني گل** اوهان ڏانهن وڌايان ٿو قبول فرمائي ڪري انهن ڪي پنهنجي دل جي **مدني گلدستي** ۾ سجائي وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ پنهي جهانن ۾ برڪتون ماڻيندؤ. افسوس! اڄڪلهه اڪثر صرف حُسن و جمال ۽ مال و منال ۽ دنيوي جاهه و جلال ڏسي ڪري شادي ڪئي ويندي آهي ۽ اهڙيون ڪيئي شادي خانه بربادي جو سبب بڻجنديون آهن، تنهنڪري شادي ۾ سيرت ۽ ڪردار تي خاص نظر رکڻ گهرجي. اچو! سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ شادي جي فضائل تي مشتمل چار **فرمان مصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا: ﴿1﴾ جيڪو منهنجي طريقي ڪي محبوب رکي، اهو منهنجي سنت تي هلي ۽ منهنجي سنت نڪاح (به) آهي. (شعب الايمان ج 4 ص 381 حديث 5478) ﴿2﴾ عورت سان نڪاح چار ڳالهين جي ڪري ڪيو ويندو آهي (يعني نڪاح ۾ ان جو لحاظ ڪيو ويندو آهي): 1 مال 2 حسب 3 جمال ۽ 4 دين ۽ تون دين واري ڪي ترجيح ڏئي. (بخاري ج 3 ص 429 حديث 5090) ﴿3﴾ جڏهن توهان مان ڪو نڪاح ڪندو آهي ته شيطان چوندو آهي: هاءِ

افسوس! ابن آدم مون کان پنهنجو ٻه ٽهائي (2/3) دين بچائي ويو. (الفردوس بماثور الخطاب ج 1 ص 309 حديث 1222) ﴿4﴾ جيڪو ايترو مال رکي ٿو جو نڪاح ڪري پوءِ نڪاح نه ڪري اهو اسان مان ناهي.[1] (مصنف ابن ابي شيبہ ج 3 ص 270)

## نڪاح جي باري ۾ فرمان صديقي

امير المؤمنين حضرت سيِّدُنا صديق اڪبر رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمايو ته الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي جيڪو نڪاح جو حڪم فرمايو، توهان ان جي اطاعت ڪيو، ان جيڪو غني ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي پورو فرمائيندو الله تعالٰي فرمايو:

اِنۡ يَّكُوۡنُوۡا فُقَرَآءَ يُغۡنِهِمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ (پ١٨، النور:٣٢)

**ترجمو ڪنزالايمان:** جيڪڏهن اهي فقير هجن ته الله انهن کي غني ڪري ڇڏيندو پنهنجي فضل جي سبب. (تفسير ابن ابي حاتم ج 8 ص 2582)

روايت ۾ ذڪر ڪيل آيت تحت صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهادي "خَزائِنُ العِرفان" ۾ فرمائن ٿا: غِنا مان مراد يا قناعت آهي جو هي بهترين غِنا آهي جيڪو قانِع کي ترَدُّد (يعني قناعت ڪرڻ واري کي فڪر انديشي) کان بي نياز ڪندو آهي يا ڪفايت جو هڪ جي ماني ٻن جي لاءِ ڪافي

---

(1) ﴿1﴾ اعتدال جي حالت ۾ يعني نه شهوت جو گهڻو غلبو هجي نه عِنين (يعني نامرد) هجي ۽ مهر ۽ نفقي (يعني ڪپڙا کائڻ پيئڻ وغيره جي اخراجات) تي قدرت هجي ته نڪاح سنّت مؤَڪده آهي جو نڪاح نه ڪرڻ تي اڙل رهڻ گناهہ آهي ۽ جيڪڏهن حرام کان بچڻ يا سنت جي پيروي ۽ حڪم تي عمل يا اولاد حاصل ڪرڻ مقصد هجي ته ثواب ملندو ۽ جيڪڏهن صرف لذت يا قضاءِ شهوت (يعني شهوت پوري ڪرڻ) مقصد هجي ته ثواب ناهي. (درمختار و ردالمحتار ج 4 ص 73) ﴿2﴾ شهوت جو غلبو هجي ته نڪاح نه ڪري ته معاذالله زنا جو انديشو آهي ۽ مهر نفقي جي قدرت رکي ٿو ته نڪاح واجب. ائين جيڪو اجنبي عورت ڏانهن نگاهہ ڪرڻ کان نه ٿو بچي سگهي يا معاذالله هٿ سان ڪم وٺڻو پوندو يعني مشت زني ڪرڻي پوندي ته نڪاح واجب آهي (اعليٰ حضرت مولانا شاه امام احمد رضا خان فتاوي رضويہ جلد 22 صفحي 202 تي فرمائن ٿا: هي فعل ناپاڪ حرام ۽ ناجائز آهي حديث شريف ۾ آهي: جلق لڳائڻ (يعني مُٺ هڻڻ) وارن تي الله تعالي جي لعنت آهي (امالي ابن بشران ج 2 ص 5 رقم 477، حاشية الطحطاوي علي مراقي الفلاح 96) اعليٰ حضرت فرمائن ٿا: حشر ۾ اهڙن جون ترريون ڳورهاريون (يعني حاملہ) هونديون جنهن جي ڪري وڏي مجمعي ۾ انهن جي رسوائي ٿيندي ﴿3﴾ هي يقين هجي ته نڪاح نه ڪرڻ جي ڪري زنا ۾ مبتلا ٿي ويندو ته فرض آهي ته نڪاح ڪري. (درمختار ج 4 ص 72)

تي وجي جيئن ته حديث شريف ۾ آيو آهي يا مڙس ۽ گهرواريءَ جي ٻن رزقن جو جمع ٿي وڃڻ آهي يا نڪاح جي برڪت سان خوشحالي، جيئن ته امير المؤمنين حضرت عمر رضی اللہ تعالٰی عنہ کان مروي آهي.

## سڄو قبيلو مسلمان ٿي ويو (مدينه)

حضرت سيِّدُنا مُصْعَب بِن عُمَير رضی اللہ تعالٰی عنہ حضرت سيِّدُنا اَسعَد بن زُرارہ رضی اللہ تعالٰی عنہ جي همراهي ۾ راهِ خدا ۾ سفر تي روانا ٿيا ته قبيلي بني ظفر جي باغ ۾ "مَرَق" نالي کوهه تي ويهي رهيا، انهن ٻنهي وٽ بنو اسلم قبيلي جا ڪجهه ماڻهو جمع ٿيا، ان جا وڏا سردار سعد بن مُعاذ ۽ اُسَيد بن حُضَير به هئا جن اڃا اسلام قبول نه ڪيو هو، حضرت سيِّدُنا مُعاذ حضرت سيِّدُنا اَسعَد بن زُرارہ رضی اللہ تعالٰی عنہ جا ماسات هئا، سعد بن معاذ اُسَيد بن حُضَير کي موڪليو ته انهن ٻنهي مُبَلِّغن کي جهڙڪي انهن کي روڪي ڇڏيو جو هي اسان جي ڪمزور ماڻهن کي (مَعَاذَالله) ورغلائڻ جي لاءِ آيا آهن، اُسَيد بن حُضَير پنهنجو نيزو کڻيو ۽ انهن وٽ پهچي ويا، ايندي ئي انهن کي ٻُرو ڀلو چوڻ شروع ڪيو ۽ ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن زندگي پياري آهي ته هتان کان هليا وڃو، حضرت سيِّدُنا مُصْعَب بِن عُمَير رضی اللہ تعالٰی عنہ (انفرادي ڪوشش جو آغاز ڪندي نهايت) نرمي ۽ مٺاس سان فرمايو: ڪجهه ويهي ڪري اسان جي ڳالهه ته ٻڌو، سمجهه ۾ اچي ته مڃي وٺجو ۽ جيڪڏهن پسند نه اچي ته اسان اوهان کي مجبور نه ڪنداسين، اُسَيد بن حُضَير تي مٺي ٻول جو اثر ٿيو ۽ پنهنجو نيزو زمين تي کوڙي ان وٽ ويهي رهيا. حضرت سيِّدُنا مُصْعَب بِن عُمَير رضی اللہ تعالٰی عنہ ان کي اسلام جي باري ۾ مدني گل پيش ڪيا ۽ قرآن شريف پڙهي ڪري ٻڌايو، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ ان جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ۽ انهن اسلام قبول ڪري ورتو. مسلمان ٿيڻ کان پوءِ چيو: منهنجي پويان سعد بن مُعاذ آهي، جيڪڏهن ان توهان ٻنهي جي ڳالهه مڃي ورتي ته منهنجي سڄي قوم توهان جي ڳالهه مڃي وٺندي، مان ان کي توهان وٽ موڪليان ٿو، هي چئي پاڻ اتان کان سڌو سَعد بن مُعاذ وٽ پهتا ۽ ان کي ٻنهي مُبَلِّغن وٽ وڃڻ جي لاءِ راضي

ڪري ورتو، سعد بن مُعاذ ايندي ئي پنهي ڪي بُرو ڀلو چوڻ شروع ڪيو، حضرت سيِّدُنا مُصعَب بِن عُمَير رضي الله تعالٰی عنه (انفرادي ڪوشش جو آغاز ڪندي انهن کي به نهايت) نرمي ۽ مٺاس سان نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ آمادو ڪري ورتو، اهي به پنهنجو نيزو زمين تي کوڙي ان جي ويجهو ويهي رهيا، حضرت سيِّدُنا مُصعَب بِن عُمَير رضي الله تعالٰی عنه به ان تي اسلام جي خوبين سان مالا مال **مدني گل** پيش ڪيا ۽ سُوْرَةُ الزُّخْرُف جون شروعاتي آيتون به پڙهي ٻڌايون **قرآني آيتون تاثير جو تير بڻجي ان جي دل ۾ پيوست ٿي ويون ۽ انهن به اسلام قبول ڪري ورتو**، اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ حضرت سيِّدُنا معاذ رضي الله تعالٰی عنه پنهنجي قوم ڏانهن واپس ويا ۽ انهن کي فرمايو: توهان منهنجي باري ۾ ڪهڙي راءِ رکو ٿا؟ سڀني گڏجي چيو: اوهان اسان جا سردار آيو ۽ اوهان جي راءِ درست ۽ دور رَس (يعني بصيرت واري) هوندي آهي، حضرت سيِّدُنا سعد بن معاذ رضي الله تعالٰی عنه فرمايو: "پوءِ مون کي توهان جي مردن ۽ عورتن سان ان وقت تائين ڳالهائڻ حرام آهي جيستائين توهان الله ۽ ان جي رسول صلَّى الله تعالٰى عليه واٰله وسلَّم تي ايمان نه آڻيو." راوي فرمائن ٿا: خدا جو قسم! شام نه ٿي هئي جو ان قبيلي جا سڀئي مرد ۽ عورتون مسلمان ٿي چڪا هئا. (البداية والنهاية ج 2 ص 527 کان 529 ملخصاً)

**الله عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

سارا قبیلہ ایماں لایا میٹھے بول کی برکت سے

بنتے کام بگڑ جاتے ہیں سن لو بے جا عِدّت سے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شخصيات تي انفرادي ڪوشش جي اهميت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! اسان جا صحابه ڪرام عليهم الرضوان ڪيئن پنهنجي جان تري تي رکي **نيڪي جي دعوت** جون ترڪيبون ڪندا هئا، هن حڪايت سان اهو به درس مليو ته شخصيات تي انفرادي ڪوشش جا نتيجا تمام سٺا نڪري سگهن ٿا جيئن بنو اسلم قبيلي جي ٻن سردارن تي جڏهن انفرادي ڪوشش ڪئي

وئي ته انهن نيڪي جي دعوت قبول ڪري اسلام ۾ داخل ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجي سڄي قبيلي کي مسلمان ڪري ڇڏيو، هي به ياد رهي! دنيوي شخصيات سان ملاقات ڪري ان جو احترام ڪري، ان مان بعض جون ”وڏيون وڏيون ڳالهيون ۽ ڪارنامه“ ٻڌڻ ان جي زباني ٻڌي ڪري واهه واهه ڪري ۽ ها ۾ ها ملائي ڪري موٽڻ مُبلغ جي منزل ناهي، **ڪامياب مُبلِّغ** اهو آهي جيڪو وڏي ڪان وڏي دنياوي شخصيت مثلاً وزير، حڪومتي آفسر، سرمائيدار، وغيره سان مرعوب نه ٿئي، ان جي طرفان بالفرض هيڏانهن هوڏانهن جون دنياوي ڳالهيون به ٿين ته ان جي مقابلي ۾ **نيڪي جي دعوت** جي مدني گلن جي ذريعي ان تي حاوي رهي، خدا ناخواسته جيڪڏهن ڪا شخصيت ”ڪوڙيون ڊاڙون“ هڻڻ لڳي ته هرگز ان جي ها ۾ ها نه ملائي، ٿي سگهي ته ان جي اصلاح ڪري، جيڪڏهن ائين نه ٿي سگهي ته دل ۾ ان کي برو ڄاڻي ڳالهه ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪري، ان کي نماز جي تلقين ڪري، سنتن تي عمل جو ذهن ڏئي، ان کي هي باور ڪرائي ته عزت ۽ ذلت ڏيڻ جو اختيار پروردگار وٽ آهي، اوهان انهي منصب مان جائز فائدو وٺي ڪري اسلام جي خدمت ڪيو، ڇوته عام ماڻهن جي تمام گهڻي جدوجهد سان جيڪو ڪم ٿي سگهي ٿو ان جي مقابلي ۾ اوهان ٿوري ڪوشش ڪريو ته دين جو تمام گهڻو ڪم ڪري سگهو ٿا، جيڪڏهن اوهان سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ۽ مدني قافلي ۾ سنتن ڀري سفر جي لاءِ تاريخ عنايت فرمايو ته صرف اوهان جو نالو ٻڌي ڪري ڪيترائي اسلامي ڀائر اجتماع جي حاضري ۽ مدني قافلي ۾ سفر تي آماده ٿي ويندا وغيره، مبلغ کي گهرجي ته جڏهن هڪ ڀيري ڪنهن شخصيت سان ملي وٺي ته گهٽ ۾ گهٽ ايترو عرصو ان سان ضرور رابطي ۾رهي جيستائين ان کي مدني قافلي ۾سفر جو عادي بڻائي ڪري ٻين کي به مدني قافلي جو مسافر بڻائڻ وارو نه بڻائي ڇڏيو. هر نئين اسلامي ڀاءُ سان رابطي جو اهو ئي انداز هجڻ گهرجي، عارضي طور تي هٿ ملائي ڪري صرف رسمي گفتگو ڪرڻ کي ڪافي نه سمجهيو وڃي، خبردار! ڪنهن به

شخصيت ڪان پنهنجا ذاتي ڪم نه وٺي، نوڪري يا ڪاروبار يا قرض وغيره جي ترڪيب نه ڪري ۽ اجتماع جي حاضري ۽ مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ انفرادي ڪوشش ڪندي ڪندي چندي جي ڳالهه نه ڪري ائين ڪرڻ سان ان جي بدظن ٿيڻ جو انديشو آهي ڇوته عام طور وڏا ماڻهو چندي گهرڻ وارن ڪان لنوائيندا آهن.

## سگِ مدينه ۽ شخصيات

هڪ ڀيري سگ مدينه عُفِيَ عنه پاڪستان ڪان ٻاهر ڪنهن جي گهر ۾ حاضر ٿيو، هِند جا ڪيترائي مبلغ ۽ ڪجهه مقامي ذميدار موجود هئا ۽ ڪجهه شخصيات سان ملاقات جي به ترڪيب هئي، ڪجهه "ذميدارن" غير ذميداري جو ثبوت ڏيندي شخصيات سان مڪتبة المدينه جون جاري ٿيل سنتن ڀريون V.C.Ds خريد ڪري مفت تقسيم ڪرڻ جو هدف وٺڻ شروع ڪيو! مان ڇرڪس ٿيس ته ڪٿي ائين مالدار طبقو دعوت اسلامي ڪان بدظن نه ٿي وڃي ته اسان کي سڏايو الياس جي ملاقات جي نالي تي جڏهن ته ڪم ڪجهه ٻيو شروع ٿي ويو آهي! تنهنڪري مون مدني گل پيش ڪرڻ شروع ڪيا ۽ V.C.Ds جي ترڪيب ختم ڪرائيندي انهن شخصيات سان ڪجهه ائين عرض ڪيو ته هي اسلامي ڀائرن جا جذبا آهن، نه ته اوهان ڪان منهنجو هي مطالبو اوهان جي رقم جو ناهي، مون کي چندو نه ٻندو کپي، مان ته اوهان ڪان "اوهان" جو طلبگار آهيان، اوهان سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت فرمايو، مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ تمام سٺي ترڪيب بڻجي وئي.

مولیٰ دے ہمیں حکمتِ عملی کا خزینہ

ہم عام کریں سنّتِ سلطانِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

شخصيات جي اندر نيڪي جي دعوت جي مدني ڪم جي باري ۾ سوال جواب جي صورت ۾ ڪجهه مدني گل پيش ڪيا پيا وڃن قبول فرمايو ۽ حڪمت عملي سان شخصيات ۾ مدني ڪمن جون ڌومون مچايو.

## شخصيات کان مدني قافلن جي لاءِ خدمت وٺڻ جو طريقو

**سوال:** جيڪي شخصيات مدني قافلي ۾ سفر نه ٿيون ڪن انهن کان مدني قافلن جي لاءِ خدمتون ڪيئن حاصل ڪجن؟

**جواب:** مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب جاري رکو، هر ذميدار کي گهرجي ته پنهنجي پنهنجي حلقن جي اهل محبت شخصيات جو ايترو ته ذهن بڻائي ڇڏيو ته اوهان مهرباني فرمائي ڪري مدني قافلي جي مسافرن ۽ ان جي گهر وارن جي حوصلي افزائي ۾ اسان سان تعاون فرمايو، مثلاً ڪو اسلامي ڀاءُ 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سنتن ڀريي سفر تي آهي، ان جي گهر ۾ اوهان جي علائقي جا مشهور عالم يا D.S.P يا S.H.O يا M.P.A يا M.N.A اچي يا وزير يا ميجر يا ڪرنل يا ڪنهن به اهل محبت وڏو آفيسر (نه ملي ته ننڍو ئي سهي) ڪي وڃي وڃو ۽ اهو گهر جي ماڻهن کي مبارڪباد پيش ڪري ته اوهان ماڻهو وڏا خوشنصيب آهيو جو اوهان جو ڀاءُ يا فرزند 30 ڏينهن جي لاءِ راهه خدا ۾ سفر اختيار ڪيو آهي، ان جي غير حاضري جي ڪري اوهان کي جيڪڏهن ڪا تڪليف ٿئي به ته صبر ڪيو، اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ اوهان کي ان جو اجر ملندو وغيره، جيڪڏهن شخصيت هلڻ لاءِ وقت نه ڪڍي سگهي ته گهٽ ۾ گهٽ ان جي ذريعي فون تي اهي ئي لفظ چورايو، زباني الفاظ ادا ڪرڻ ۾ دشواري هجي ته لکي ڪري شخصيت کي ڏئي ڇڏيو ۽ اهو ترڪيب بڻائي، ۽ ممڪن هجي ته شخصيت جي گهر جي ڪا مُعَمَّر (يعني وڏي عمر جي) اسلامي ڀيڻ پاڻ به تشريف وٺي وڃي يا فون تي مدني قافلي جي مسافر جي گهر جي اسلامي ڀينرن جي اهڙي طرح ترڪيب بڻائي ته اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ سڀ مدينه مدينه ٿي ويندو.

## ذميدار به مدني قافلي وارن جي ترڪيب بڻائن

**سوال:** ڇا شخصيات جي ذريعي دلاسو ڏيارڻ ضروري آهي؟

**جواب:** شخصيات جو اثر تمام گهڻو ٿيندو آهي، اوهان به غور فرمايو اوهان جي غير موجودگي ۾ جيڪڏهن ڪو وزير، اوهان جي گهر انهيءَ سلسلي ۾ هليو وڃي، ان

سان اوهان جي خاندان بلڪ پوري پاڙي ۾ دعوت اسلامي جي ڪيتري نه نيڪ نامي ٿيندي! اراڪين شوريٰ ۽ ٻيا ذميدار ٻه ائين ترڪيب فرمائن، ۽ اهي ذميدار 30 ڏينهن يا ان کان وڌيڪ وارن خاص ڪري ٻين ملڪن ۾ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن سان هفتي ڏهه ڏينهن ۾ هڪ ڀيري فون تي سلام دعا ڪيو ۽ موقعي جي مناسبت سان مدت وڌائڻ جي لاءِ ان تي انفرادي ڪوشش ڪندا رهن مثلاً 30 ڏينهن جي مدني قافلي جي مسافر کي چون ته جيڪڏهن ڪنهن جي حق تلفي نه ٿئي ۽ بغير ڪنهن گناهه جي ترسڻ ممڪن هجي ته 92 ڏينهن کان پهريان نه اچجو جو راهه خدا جي مسافر جو چئڻ ته هڪ هڪ ساهه عبادت ۾ گذرندو آهي.

## مدني قافلي کان واپسي تي "استقباليه اجتماع"

**سوال:** جيڪي عاشقان رسول مدني قافلي مان واپس تشريف وٺي اچن، انهن سان کهڙي ترڪيب ڪجي جنهن سان دين کي وڌيڪ فائدو پهچي؟

**جواب:** جيڪڏهن 12 يا 30 ڏينهن يا ان کان وڌيڪ ڏينهن جي سنتن ڀري سفر کان واپسي تي ممڪن هجي ته پاڙي جي مسجد ۾ انهن جي لاءِ "استقباليه اجتماع" ٿئي، مختصر سنتن ڀريو بيان ٿئي، انهن عاشقان رسول کي خوب مبارڪباد ڏني وڃي ۽ ٿي سگهي ته مدني رسالن وغيره جو تحفو به پيش ڪيو وڃي ۽ خاص ڪري نوان اسلامي ڀائر پنهنجا تاثرات بيان ڪرائين ۽ اتان کان وڌيڪ هٿو هٿ مدني قافلا تيار ڪيا وڃن، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن گهر يا امام صاحب جي حُجري ۾ لنگر رضويه جي ذريعي خير خواهي جي ترڪيب ڪئي وڃي ته مدينه مدينه، جيڪڏهن منهنجي هن مدني تجويز جي مطابق ترڪيب فرمائيندا ته اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي مسافرن جي سموري ٿڪاوٽ ختم ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي سفر ۾ ڪا اڻ وڻندڙ صورت به پيش آئي هوندي ته ان جو صدمو به ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ويندو رهندو ۽ بار بار سنتن ڀريو سفر ڪرڻ جو حوصلو ملندو ۽ ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ هر پاسي مدني قافلي جون بهارون اچي وينديون، پر انهن ڪمن جي لاءِ هر گز

چندي جو دروازو نه کوليو ويجي، جيڪو ڪرڻو آهي پنهنجي کيسي مان ڪرڻو آهي، جيڪڏهن پيسا نه آهن ته بيشڪ صرف پاڻي پياريو وڃي، ها جيڪڏهن ڪو مُخَيّر اسلامي ڀاءُ خير خواهي جي لاءِ پنهنجي گهر وٺي وڃي يا ڪاڌو پچائي وٺي اچي ته حرج ناهي.

## مدني قافلن جي خير خواهي جون حڪمتون

**سوال:** عاشقان رسول جي خير خواهي جون حڪمتون بيان فرمايو.

**جواب:** اوهان جي علائقي ۾ تشريف وٺي ايندڙ مدني قافلي جي نيت جي اخلاص سان خيرخواهي ڪندا يعني ڪاڌو وغيره پيش ڪندا ته اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ ثواب جا ڍير لڳي ويندا، عاشقان رسول جي دلجوئي به ٿيندي. حضرت سيِّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي جو قول آهي: **ڪنهن مسلمان جي دل خوش ڪرڻ 100 (نفلي) حج ڪرڻ کان بهتر آهي.** (ماخوذ از ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 751) ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن جي دل نه لڳي رهي هجي بلڪ هو مدني قافلو ڇڏي گهر وڃڻ جو سوچي رهيو هجي اوهان جي ٻي لوٺ خير خواهي سان ان جي دل لڳي وڃي، ڪنهن ۾ اهڙو جذبو پيدا ٿي وڃي جو اهو وڌيڪ سفر جي لاءِ آماده ٿي وڃي، ائين ڪرڻ سان اوهان دين مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مددگار قرار پائيندؤ، دين مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدد ڪرڻ واري جي لاءِ هر جمعي ۽ عيدين ۾ نه ڄاڻ ڪيترا خطيب دعائون ڏيندا آهن بلڪ هي دعائون ته بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِيْن صدين کان ڏيندا آيا آهن، هي دعا منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدِّد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن به خطباتِ رضويه ۾ شامل فرمائي آهي، اها دعا هي آهي: **اَللّٰهُمَّ انْصُرْ مَنْ نَّصَرَ دِيْنَ سَيِّدِنَا وَمَوْلٰنَا مُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ وَبَارَكَ وَسَلَّم.** يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪي دين محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدد ڪن تون به ان جي مدد فرما.

سُبْحٰنَ الله ! **نيڪي جي دعوت** ڏيڻ وارن مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارن، درس ۽ بيان ڪرڻ وارن، انفرادي ڪوشش ڪرڻ وارن، عاشقان رسول جي

خيرخواهي ڪرڻ وارن، مدني قافلن جي غريب مسافرن جي لاءِ مالي تعاون ڪرڻ وارن ۽ ڪنهن بہ طرح سان دين مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مدد ڪرڻ وارن ڪي مبارڪ هجي جو انهن جي لاءِ سوين سالن کان اللہ عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها دعائون ڪندا آيا آهن، اي دين مصطفيٰ جا مددگارو! يقيناً ربّ ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ جي مدد جنهن سان گڏ هجي ان جو ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار آهي، اللہ عَزَّوَجَلَّ جي مدد سان وڏيون وڏيون مصيبتون ختم ٿي وينديون آهن ۽ اسان کي خبر ناهي پوندي، خطبي واري دعا کان پوءِ ڪجھ ٻيو بہ آهي اهو هي آهي: وَاخْذُلْ مَنْ خَذَلَ دِيْنَ سَيِّدِنَا وَ مَوْلٰنَا مُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ- يعني اي اللہ عَزَّوَجَلَّ! جيڪو دين مصطفيٰ کي بي يار و مددگار ڇڏي تون ان کي بي يار و مدد گار ڇڏ .

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺي ويڻ جو مقام آهي جتي جتي اسان تي واجب آهي، خدا ناخواستہ اُتي بہ اسان دينِ مصطفيٰ جي مدد ڪرڻ وارا نہ ٿياسين تہ ڪٿي اسان برباد نہ ٿي وڃون، اللہ عَزَّوَجَلَّ جنهن جي مدد نہ فرمائيندو اهو يقيناً ڪٿي جو نہ رهندو ان دعا ۾ اڳيان هي بہ آهي: رَبَّنَا يَا مَوْلٰينَا وَلَا تَجْعَلْنَا مِنْهُم. يعني ”اي اسان جا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! اي اسان جا مالڪ موليٰ عَزَّوَجَلَّ! اسان کي دين مصطفيٰ جي مدد کان محروم رهڻ وارن مان نہ ڪر“ يقيناً نماز ۽ روزو اعليٰ درجي جي عبادت آهي پر ان جي ادائگي دين مصطفيٰ جي امداد جي زُمري ۾ نٿي اچي، اسان مان هر هڪ کي گهرجي تہ غور ڪري تہ اهو پنهنجي لاءِ دعا وٺي پيو يا بددعا! هر اهو ڪم دين مصطفيٰ جي مدد آهي جنهن سان اسلام کي ترقي ملي، ڪافر اسلام ۾ داخل ٿين ۽ بگڙيل مسلمانن جي اصلاح ٿئي، بس نيڪي جي دعوت جون خوب ڌومون مچايو، مدني قافلي ۾ سنتن ڀريو سفر اختيار فرمايو، پاڻ بہ سنتون سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو ۽ ائين دين خدا ۽ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خوب مدد ڪري اللہ عَزَّوَجَلَّ جي امداد جي بشارت حاصل ڪيو جو ان جو واعدو بہ آهي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن

پاڪ "**كنزالايمان مع خزائنُ العِرفان**" صفحي 932 تي سيپاري 26 **سُوْرَۃُ مُحَمَّد** جي ستين آيت ۾ ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَ يُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ۝

**ترجمو ڪنزالايمان**: اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان الله جي دين جي مدد ڪندؤ تہ الله توهان جي مدد ڪندو. ۽ الله توهان جا قدم ڄمائيندو.

الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد فرمائڻ جي تہ ڇا ڳالھ آهي! **صَدرُالاَفاضِل** حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي **خَزائنُ العِرفان** ۾ هن آيت شريف جي تحت فرمائن ٿا: دشمن جي مقابلي ۾ مدد ملندي، جنگ ۾ حُجَّت اسلام ۽ پل صراط تي ثابت قدمي نصيب ٿيندي. (ملخص از خزائن العرفان ص 932)

## ماڻهو اسان جي نہ ٿا مڃن

**سوال**: ڪجھ مُبَلِّغ مدني ڪمن ۾ سست ٿي ويندا آهن ۽ هي چوندي ٻڌو ويو آهي تہ اسان تہ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نہ ٿياسين، ماڻهو اسان جي نٿا مڃن، هاڻي اسان ڪيئن ڪم ڪيون؟

**جواب**: اسان وٽ هڪ عام دستور آهي تہ جڏهن ڪنهن اجتماع ۾ ماڻهن جي گهڻائي ڏٺي ويندي آهي تہ چئي ڇڏيندا آهن اجتماع تمام ڪامياب رهيو ۽ جيڪڏهن ماڻهو ٿورا آهن تہ چوندا آهن اجتماع ناڪام ٿي ويو، يا ائين اعلان ڪيو ويندو آهي، وڌ کان وڌ شرڪت فرمائي ڪري محفل ڪي ڪامياب بڻايو. حالانڪ حقيقي ڪاميابي يا ناڪامي جو دارومدار حاضرين جي ڪثرت ۽ قلت تي ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي موقوف آهي، هڪ طرف صرف ڪجھ مخلص ماڻهو دل سوزي سان ذڪر ۽ نعت ۽ بيان ڪرڻ ٻڌڻ ۾ مشغول هجن جڏهن تہ ٻي پاسي اهڙي طرح جي ڪنهن مذهبي تقريب ۾ وڏيون وڏيون دنياوي شخصيتون جمع هجن، اخباري نمائندن ۽ ڪئميرا مينن جو هجوم ۽ بين سجاوٽن وغيره جي اهتمام جي ڪشش سان ماڻهن جي رش هجي، بيشڪ عرفِ عام ۾ هن ٻئي تقريب کي ڪامياب چيو ويندو پر ٿڌي دل سان

غور ڪيو تہ **اَوَّلُ الذِّڪر** (يعني جنهن جو پهريان ذڪر ٿيو) ڪجهہ ماڻهن تي مشتمل مجلس جي بارگاهِ خداوندي ۾ ڪاميابي جا بظاهر امڪان آهن، هاڻي مُبلغ جيڪي ناڪاميابي جو شڪوه ڪري سُست ٿي ويا آهن انهن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ اوهان پهريان ڪاميابي جو مطلب ئي ناهي سمجهيو، جيڪڏهن ذهن بڻجي وڃي تہ ڪاميابي رش (گهڻائي) جو نالو ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ کي خوش ڪرڻ جو نالو آهي تہ ڪڏهن بہ دل برداشتہ نہ ٿيو ها، ٻي اها غلطي ٿي جو انهن جي ذهن ۾ هي ڳالهہ ويهجي وئي آهي تہ "ماڻهو اسان جي ڳالهہ نٿا مڃن" تہ ادب سان عرض آهي تہ اوهان کي مڃائڻ جو منصب ڪنهن ڏنو آهي؟ ياد رکو! انبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي بہ مڃائڻ جي نہ، "پهچائڻ" جي ذميداري سونپي وئي هئي، انهن مقدس هستين تبليغ فرمائي ۽ تبليغ جو مطلب پهچائڻ آهي نہ هي تہ "مڃائڻ" حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح اللّٰہ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي اُمت جي مُبَلِّغن جو قول نقل ڪندي سيپاري 22 سُوْرَۃُ یٰسٓ جي آيت نمبر 17 ۾ ارشاد آهي:

وَمَا عَلَيْنَآ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿۱۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اسان جي ذمي نہ آهي مگر صاف پهچائي ڇڏڻ.

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: ڪجهہ اهي نبي آهن جن جي ڪنهن بہ ڳالهہ نہ مڃي ۽ ڪجهہ اهي آهن جن جي هڪ يا ٻن ماڻهن اطاعت ڪئي. (مراة المناجيح ج 1 ص 159) يقيناً ان باوجود هر نبي تبليغ جي ذميداري سؤ فيصد مڪمل ادا ڪئي، ڪنهن بہ ڪوتاهي نہ ڪئي، تنهن ڪري منهنجا سادا مُبَلِّغو! شيطان جي فريب ۾ نہ ڦاسو! اوهان جي ۽ اسان جي ڪاميابي جي لاءِ هي شرط آهي ئي نہ تہ ماڻهو مڃي وڃن بلڪ اسان مان اهي اسلامي ڀاءُ ڪامياب آهن جيڪي اخلاص سان نيڪي جي دعوت پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا، اسان نيڪي جي دعوت ڏيندا آهيون، دعوت جي معنيٰ "آڻڻ" ناهي بلڪ صرف "سڏڻ" آهي يعني اسان بہ نيڪي جي طرف سڏ ڪيون ٿا، اسان آڻڻ يا مڃائڻ

جا پابند ۽ ذميدار نہ آهيون، هي الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمي ڪرم تي آهي جنهن کي چاهي هي دعوت قبول ڪرڻ جي توفيق بخشي. ها هڪ مدني گل هتي ضرور قابل توجهہ آهي، اهو هي آهي تہ جڏهن اسان جي ڪوشش جي باوجود ڪو مسلمان مائل نہ ٿئي تہ اسان ان کي مَعَاذَالله سخت دل، ٻٺر (سنگدل) وغيره چئي ڪري غيبت بلڪ بهتان جي اِرتڪاب کان بچڻ لازمي آهي ڪٿي ائين نہ ٿئي جو مستحب ڪم ڪرڻ جي لاء نڪرون ۽ ڪبيره گناهن جو بار مٿي تي کڻي واپس موٽون، والعِياذُ بالله تعالٰي (يعني الله جي پناهہ) اهڙي موقعي تي اسان کي پنهنجي اخلاص جي ڪمي ۽ دعوت جي انداز جي ڪوتاهي تسليم ڪرڻ گهرجي ۽ خوب توبہ ۽ اِستِغفار ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ بوسيلهءِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ انبياء ۽ صحابہ ۽ اولياء عَلَیْہِمُ السَّلَام ماڻهن جي اصلاح جي لاءِ دعا ڪرڻ گهرجي.

## مخالفتن جي زور ۾ ڪهڙي طرح مدني ڪم ڪيون؟

**سوال:** ڪجهہ علائقن ۾ مدني ڪمن وارا تمام ٿورا هوندا آهن، مخالفت جو زور، طعنن جو شور، ڪم جي همت ناهي ٿيندي، ڪو مفيد مشورو عنايت فرمايو،

**جواب:** صبر ۽ همت سان مدني ڪم ڪيو، پنهنجا عمل درست ڪيو، نيڪ ماڻهن کي ڳولي انهن جون برڪتون حاصل ڪيو، نيڪوڪار جي قربت نهايت بابرڪت هوندي آهي جيئن تہ حضرت سيِّدُنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سيِّدُ الصّٰلِحين، رَحمَةٌ لِّلْعٰلَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان برڪت نشان آهي: الله عَزَّوَجَلَّ هڪ صالح (يعني نيڪ) مسلمان جي برڪت سان ان جي پاڙي جي سؤ گهر وارن جون بلائون پري ڪندو آهي. (المعجم الاوسط للطبراني ج 3 ص 129 حديث 4080)

### طالوت ۽ جالوت جي قرآني حڪايت

خبر پئي تہ نيڪن جو قرب نفعو پهچائيندو آهي ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي دعائن سان اوهان جي علائقي جي قسمت کلي ويندي، باقي هي ياد رکو تہ ڪاميابي جو دارومدار قِلت ۽ ڪثرت (يعني تعداد ۾ ڪمي زيادتي) تي ناهي، خلوص ۽ رضاءِ الٰهي تي آهي،

مخالفت سان دل برداشته نه ٿيو جو امتحان کان گهٻرائڻ مردن جو ڪم ناهي، ڏسو جڏهن حضرت سيِّدُنا طالوت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ بني اسرائيل جي لشڪر کي وٺي ظالم بادشاهه جالوت جي مقابلي جي لاءِ بيتُ المُقدس کان روانا ٿيا ته ان جي لشڪر جي ائين آزمائش ٿي: (جيئن قرآن ۾ آهي)

قَالَ اِنَّ اللّٰهَ مُبْتَلِیْكُمْ بِنَهَرٍۚ فَمَنْ شَرِبَ مِنْهُ فَلَیْسَ مِنِّیْۚ وَ مَنْ لَّمْ یَطْعَمْهُ فَاِنَّهٗ مِنِّیْۤ اِلَّا مَنِ اغْتَرَفَ غُرْفَةًۢ بِیَدِهٖۚ (پ۲،البقرة:۲۴۹)

**ترجموڪنزالايمان:** (طالوت) چيائين ته بيشڪ الله اوهان کي هڪ نهر سان آزمائڻ وارو آهي، پوءِ جيڪو ان جو پاڻي پيئندو سو منهنجو نه آهي، ۽ جيڪو نه پيئندو اهو منهنجو آهي. مگر اهو جيڪو پنهنجي هٿ سان هڪ لپ پئي.

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامه مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدِّين مراد آبادي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْہَادِی هن آيت جي تحت **خزائنُ العِرفان** ۾ فرمائن ٿا: سخت گرمي هئي، ۽ صرف ٽي سو تيرهن افراد هئا، انهن صبر ڪيو ۽ هڪ لَپ پاڻيءَ پيتو، اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ اها هڪ لپ اُنهن لاءِ، ۽ اُنهن جي جانورن جي لاءِ ڪافي ٿي ويئي، ۽ جنهن بي صبري ڪئي ۽ گهڻو پيتو انهن جا چَپ ڪارا ٿي ويا، اُڃ اجا به وڌي ويئي ۽ همت هاري ويٺا. جالوت جي عظيم لشڪر سان 313 مسلمانن جو مقابلو هو، جيڪي اطاعت گذار هئا انهن جا حوصلا بلند هئا، انهن جو نقشو انهيءَ آيت شريف ۾ ان طرح پيش ڪيو ويو آهي:

قَالُوْا لَا طَاقَةَ لَنَا الْیَوْمَ بِجَالُوْتَ وَ جُنُوْدِهٖؕ قَالَ الَّذِیْنَ یَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا اللّٰهِۙ كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِیْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِیْرَةًۢ بِاِذْنِ اللّٰهِؕ وَ اللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِیْنَ(۲۴۹) (پ۲،البقرة:۲۴۹)

**ترجمو ڪنزالايمان:** (بي صبرن) چيو اڄ اسان کي طاقت نه آهي جالوت ۽ ان جي لشڪرن تي، انهن چيو جن کي الله سان ملڻ جو يقين هو ڪيترا ئي ڀيرا ٿوري جماعت الله جي حڪم سان گهڻي گروهه تي غالب ٿي آهي ۽ الله صبر وارن سان گڏ آهي.

حضرت سيِّدُنا داؤد عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو والد اِيشا پنهنجي تمام فرزندن سان گڏ سيِّدُنا طالوت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي لشڪر ۾ شامل هئا، حضرت سيِّدُنا داؤد عَلٰی نَبِیِّنَا

وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سيني پاڻرن ۾ ننڍا هئا، رنگ زرد هو ۽ بيمار هئا، الله جو شان ڏسو تہ حضرت سيِّدُنا داؤد عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام گوڦڻ (پٿر اڇلائڻ واري مشين) ۾ پٿر ڪڻي جالوت بادشاهہ جي سامهون اچي ويا، ۽ اهو جاتنو طاقتور ۽ قدآور هو پر جيئن ان جي نظر داؤد (عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) تي پئي ان تي خوف طاري ٿي ويو پر ان پنهنجو پاڻ کي سنڀاليو ۽ تڪبُّر مان جملا بڪندي رعب وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، حضرت سيِّدُنا داؤد عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام گوڦڻ ۾ پٿر رکي ان جي مٿي جو نشانو ورتي جو هنيو تہ اهو ان جي مٿي کان آرپار ٿي ويو ۽ گوشت جو جبل هيٺ ڪريو ۽ تڙپي تڙپي مري ويو، الله تعالٰي 313 ماڻهن جي قليل قافلي کي جالوت جي وڏي لشڪر تي فتح عطا فرمائي، سيِّدُنا طالوت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حضرت سيِّدُنا داؤد عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نڪاح ۾ پنهنجي شهزادي ڏني ۽ اڌ سلطنت سندن جي حوالي ڪئي پوءِ هڪ مدت کان پوءِ جڏهن حضرت سيِّدُنا طالوت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو وصال ٿيو تہ باقي ملڪ تي حضرت سيِّدُنا داؤد عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سلطنت قائم ٿي. (ملخص از تفسير خزائن العرفان 85)

## بادشاهہ جي گناهن جي برابر دوزخ ۾ داخل ٿيو

ذاتي مفادن جي لاءِ "شخصيتن" مثلاً سرمائيدارن، ليڊرن، آفيسرن ۽ حڪومتي عهديدارن وغيره سان تعلق رکڻ سان عوام ۽ خواص سيني کي بچڻ گهرجي ۽ خاص ڪري عالم سڳورن کي وڌيڪ احتياط جي ضرورت آهي، حضرت سيِّدُنا معاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي: جڏهن ڪنهن قرآن پڙهيو ۽ تَفَقُّہ فِي الدِّين حاصل ڪيو (يعني عالم ٿيو) پوءِ بادشاهہ جي دروازي تي ان جي چاپلوسي (خوشامدي) ۽ مال جي لالچ ۾ آيو تہ اهو بادشاهہ جي گناهن جي برابر دوزخ جي باهہ ۾ داخل ٿيو. (الفردوس بماثور الخطاب ج 1 ص 289 حديث 1134)

## ظالم جو چهرو ڏسڻ سان دل ڪاري ٿيندي آهي

ڪتاب "مفتی اعظم کی استقامت و کرامت" صفحي 111 تي آهي: سبع سنابل شريف ۾ آهي تہ بادشاهِ وقت هارون رشيد

امامُ الاَصفياء حضرت داؤد طائي رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ سان ملاقات ڪرڻ چاهي ته پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ انڪار فرمايو ۽ حضرت سيِّدُنا امام ابو يوسف رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي حوالي سان اها روايت بيان ڪئي ته رُؤيَةُ وَجْهِ الظَّالِمِ تُسَوِّدُ الْقُلُوب يعني ظالم جو چهرو ڏسڻ سان دل ڪاري ٿيندي آهي. (سبع سنابل ص 95)

## مفتي اعظم هند حڪمرانن کان پري رهندا هئا

تاجدار اهلسنت شهزاده اعليٰ حضرت حضور مفتي اعظم حضرت علامہ مولانا مصطفيٰ رضا خان علیہ رحمۃ الحنّان وزيرن ۽ حڪومتي عهديدارن کان هميشہ پري رهندا هئا، جيئن رئيسُ القلم حضرت علامہ ارشد القادري علیہ رحمۃ اللہ القوی لکن ٿا: ۽ هي به ديني غيرت ئي جو هڪ بي مثال نمونو آهي جو (سرڪار مفتي اعظم هند رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ) پيانوي سالن جي وڏي عمر ۾ نہ ڪڏهن به ڪنهن ملڪ جي سربراه جي گهر ويا نہ ئي ڪنهن وڏي حاڪم جي بنگلي تي نظر آيا، بلڪ حيرت جي ڳالهہ هي به آهي تہ ڪيترن ئي ملڪن جي سربراهن ۽ وقت جي ڪيترن ئي سلطانن سندن جي مجلس ۾ بارياب (يعني حاضر) ٿيڻ جي اجازت گهري تہ حضرت مفتي اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم هي چئي ڪري ملڻ کان انڪار ڪيو تہ هڪ درويش جو بادشاهن ۽ اربابِ حڪومت سان ڪهڙو تعلق؟ (مفتي اعظم کي ڪرامت و استقامت ص 110)

ڪروں مدحِ اہلِ دُوَل رضاؔ پڑے اس بلا میں مری بلا

میں گدا ہوں اپنے کریم کا مرا دین پارۂ ناں نہیں (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلامِ رضا:** اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي ڪلام جي هن مَقطَع جو مطلب هي آهي، اي رضا مان ۽ دولتمندن، دنيا جي نوابن ۽ حڪمرانن جي تعريف ۽ خوشامدي چو ڪيان؟ نہ نہ هن بلا يعني مالدارن جي خوشآمدي واري آفت ۽ بلا ۾ تہ بس "منهنجي بلا" ئي پوي! (يعني مون کان ائين نہ ٿو ٿي سگهي) بس مان تہ پنهنجي رسول ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جي "دربار پُرانوار جو فقير آهيان" منهنجو دين "ماني جو ٽڪر" ناهي (جو جتي مال ڏسي ان پاسي هليو وڃي)

## والد صاحب جي ترڪيب بڻي ته گهر ۾ مدني ماحول بڻجي ويو

صرف نوجوانن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو رجحان ڇو؟ گهر ۾ جنهن شخص جي وڏيڪ هلي ان تي تَوَجُّه جي وڌيڪ ضرورت آهي جيڪڏهن اهي ترڪيب ۾ اچي ويا ته گهر جي اندر تيزي سان مدني ماحول بڻجي سگهي ٿو ۽ سڄي خاندان ۾ نمازن ۽ سنتن جون بهارون اچي سگهن ٿيون ان ڳالهه جي تصديق هن مدني بهار مان به لڳائي سگهجي ٿي جيئن پنجاب (پاڪستان) جي ضلع قصور جي تعلقي پتوڪي جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته معاشري جي گهڻن گهرن وانگر اسان جي گهر ۾ به T.V تي فلمون ڊراما ۽ خوب گناهن ڀريا پروگرام ڏٺا ويندا هئا، هائي اهڙي مَنحوس صورت حال ۾ گهر ۾ سنتن ڀريو مدني ماحول ڪيئن بڻجي سگهي ٿو! سڀ کان پهريان خوش قسمتي سان منهنجو وڏو ڀاءُ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيو، اهي اسان کي گهڻو سمجهائيندا هئا، ڪيترا ئي دفعا انفرادي ڪوشش به ڪئي پر اسان تي ڪو اثر نه ٿيو، گهر ۾ T.V جي موجودگي تي اسان جو ڀاءُ پريشان هو، ڇاڪاڻ ته گهر جي اندر سنتن ڀريي مدني ماحول جي راهه ۾ هي سڀ کان وڏي رڪاوٽ هئي، اهي ان کي ڪڍڻ چاهيندا هئا پر ڪجهه نه ڪري سگهندا هئا ڇو ته گهر ۾ صرف والد صاحب جي هلندي هئي. هڪ ڏينهن اسان گهروارا رات جو T.V ڏسي ڪري اجا فارغ ٿيا هئاسين جو ڀاءُ آيو انهن ٽيپ ريڪارڊ تي مَڪتبةُ المدينه جي جاري ڪيل سنتن ڀري بيان جي هڪ ڪيسٽ لڳائي، بيان جو انداز نهايت دلچسپ هو، تنهنڪري اسان ان کي وڏي توجهه سان ٻڌڻ لڳاسين، ان بيان ۾ مُبَلِّغ جڏهن T.V جون تباهه ڪاريون بيان ڪيون ته اسان آخرت خراب ٿيڻ جي ڊپ کان گهٻرائجي وياسين، خاص ڪري والد صاحب ته خوف جي ڪري ڏڪڻ لڳو، جڏهن بيان ختم ٿيو ته والد صاحب بلند آواز سان پنهنجو فيصلو ٻڌايو: هاڻي هن گهر ۾ T.V نه هلندي، سڄي گهر وارا انهي وقت ڇت تي ويا ۽ ٽي وي انٽينا ڀڃي اڇلائي ڇڏي ۽

گهر مان T.V ڪيڍي ڇڏي، ڪجھ ڏينهن کان پوءِ منهنجي ننڍي ڀاءِ والد صاحب سان پيهر T.V وٺڻ جو مطالبو ڪيو تہ والد صاحب پرجوش لهجي سان فرمايو: **هاڻي هن گهر ۾ T.V رهندي يا مان.** هي ٻڌي ڪري ڀاءُ "چپ" ٿي ويو، ائين دعوت اسلامي جي برڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ اسان جو گهر فلمن ڊرامن ۽ گاني باجن جي نحوستن کان پاڪ ٿي ويو ۽ سڄو گهر دعوت اسلامي جي مهڪندڙ مهڪندڙ مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويو .

شُکرِ مولا دیا مَدَنی ماحول　　نہ چُھوٹے کبھی بھی خدامَدَنی ماحول

سلامت رہے یاخدا مَدَنی ماحول　　بچے بدنظر سے سدا مَدَنی ماحول (وسائلِ بخشش ص ۶۰۲)

## مدني چينل مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي مدني بهار شايد انهن ڏينهن جي آهي جڏهن عالم اسلام جو سؤ فيصد شرعي چينل يعني "مدني چينل" شروع نہ ٿيو هو، ٽي وي جي غير اسلامي نشريات جيئن تہ فلمون ڊراما، گانن باجن، عورتن جي نمائش، موسيقي جون ڌنون، عورت ۽ موسيقي سان آلوده خبرن ۽ غير اخلاقي پروگرامن کان نہ مان ڀيريان راضي هئس، نہ هاڻي راضي آهيان، هر باشعور مسلمان هي ڄاڻي ٿو تہ اسان جي معاشري جي تباهي ۾ T.V جو اهم ڪردار آهي! دعوت اسلامي جي مُبَلِّغن T.V جي تباهہ ڪارين جي خلاف چڱي مهم هلائي، انهن جي ڪاوشن سان ڪجھ نہ ڪجھ ڪاميابي ملي، جنهن جو هڪ ثبوت ذڪر ڪيل مدني بهار ۾ بہ آهي، پر هن دور ۾ شايد هزار مان نو سؤ نوانوي مسلمان T.V جا شوقين ٿي چڪا آهن ۽ غالب اڪثريت دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ۽ برائي جي پرواهہ ڪرڻ بغير T.V جي غير شرعي ۽ غير اخلاقي نشريات ڏسڻ ۾ مشغول آهن. T.V ڏسڻ ۾ انهن جي جنون جي حد تائين دلچسپي جي ڪري شيطان جو انهن جي ڪردار سان گڏوگڏ اسلامي قدرن تي بہ يلغار آهي، ابليس جي تحريڪ تي اسلام ئي جو لبادو پائي ڪري ڪجھ ماڻهو اسلام کي ماڊرن انداز ۾ پيش ڪرڻ جي مَذموم ڪوشش ڪري رهيا آهن اسلام جي حقيقي روح کي مسلمانن

جي دلين مان ڪڍيو پيو وڃي، هاڻي اسان مسجد وغيره ۾ T.V جون تباهه ڪاريون بيان ڪندا آهيون ته ٻڌڻ وارن جو تعداد ڪيترو هوندو آهي؟ جو ته مشڪل سان 5 فيصد مسلمان نماز پڙهندا هوندا، ان مان به ڪو ئي مذهبي بيان ٻڌڻ ۾ دلچسپي رکندو هوندو، ۽ اسلامي ڀينرن کي مسجد جو بيان ڪير ٻڌرائي؟ جيڪڏهن لٽريچر ڇپرائيو ته ديني مطالعي ڪرڻ وارن جو تعداد مايوسي جي حد تائين گهٽ آهي! انهن ناموافق حالات ۾ ان ڳالهه جو شدت سان احساس ٿيو ته مسلمانن جي ان اصلاح جو دائرو جيڪڏهن صرف مسجدن ۽ اجتماعن وغيره تائين محدود رکون ٿا ته امت جي غالب اڪثريت تائين اسان جو درد ڀريو مدني پيغام نه پهچي سگهندو ۽ شيطاني قوتون يڪطرفه طور پنهنجي مختلف چينلز جي ذريعي مسلمانن کي گمراهه ڪنديون رهنديون، غالب گمان هي هو ته مسلمانن جي گهرن کان هاڻي T.V ڪڍڻ مشڪل ئي نه بلڪ قريب به ناممڪن آهي، بس هڪ ئي صورت نظر آئي اها هي ته جهڙي طرح درياءَ ۾ سيلاب ايندو آهي ته ان جو رخ فصلن وغيره ڏانهن موڙڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته جيئن فصل سيراب ٿين ۽ آبادين کي هلاڪتن کان بچايو وڃي، انهيءَ طرح T.V جي ذريعي اچڻ واري بي حيائي جي طوفان کي روڪڻ جي ڪوشش جي لاءِ **T.V جي ئي ذريعي مسلمانن جي گهرن ۾ داخل ٿيو وڃي** ۽ انهن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪيو وڃي، ۽ گناهن ۽ گمراهين جي سيلاب کان انهن کي خبردار ڪيو وڃي، تنهنڪري جڏهن خبر پئي ته پنهنجو **T.V چينل** کولي فلمن ڊرامن گانن باجن موسيقي ۽ عورتن جي نمائش کان بچندي **100 سيڪڙو اسلامي مواد** فراهم ڪرڻ ممڪن آهي ته اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي **مرڪزي مجلس شوريٰ** خوب جدوجهد ڪري **رَمَضانُ المُبارڪ** ۾ 1429هه مطابق 2008ع ۾ **مدني چينل** جي ذريعي نيڪين ۽ گهر گهر سنتن جو مدني پيغام پيش ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي يورپي ملڪن سان گڏوگڏ دنيا جي بي شمار ملڪن ۾ T.V تي **مدني چينل** هلڻ لڳو ۽ انٽرنيٽ جي ذريعي هي سڄون لکڻ تائين دنيا جي تقريباً 150

ملڪن ۾ مدني چينل هلي رهيو آهي ۽ ائين ڏيڍ سؤ ملڪن ۾ دعوت اسلامي جو مدني پيغام پهچي چڪو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جا حيرت انگيز مدني نتيجا اچڻ لڳا آهن، يقيناً ان جي برڪت تہ پار بہ سمجهي سگهي ٿو تہ جيستائين مدني چينل گهر يا دفتر وغيره ۾ آن رهندو گهٽ ۾ گهٽ ان وقت تائين مسلمان ٻين گناهن پريل چينلن کان بچيل رهندا! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني چينل سؤ فيصد اسلامي چينل آهي، نہ ان ۾ ميوزڪ آهي نہ ئي عورت جي نمائش، ان تي ڪاروباري اِشتِهار (ايڊورٽائز) بہ نہ ڏني ويندي آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جا اخراجات مُخَيِّر مسلمانن جي عَطيات (Donations) سان پورا ڪيا ويندا آهن، مدني چينل ڇا آهي؟ هن ۾ فيضان قرآن، فيضان حديث، فيضان صحابہ ۽ فيضان اولياءِ جا معلوماتي روح پَرَوَر سلسلا آهن، هن ۾ تلاوتون، نعتون، مَنقبتون دعوت اسلامي جون مدني خبرون ۽ مدني خاڪا آهن، دعا ۽ مناجات ۾ آه و زاري جا دل تڙپائڻ وارا ۽ عشق رسول ۾ روئڻ روئارڻ وارا رقت انگيز منظر آهن، دارُالاِفتاءِ اهلسنت، روحاني علاج، سنتن پريا مدني گل ۽ آخرت بهتر بڻائڻ واريون مدني بهارون آهن، هن ۾ سنتن پريا اجتماع، مدني مذڪرا، مدني مڪالما، صبح جي وقت کلے آنکھ صل علیٰ کہتے کہتے وغيره، ڪيترائي سلسلا براهِ راست (LIVE) بہ ڏيکاريا ويندا آهن. مطلب تہ مدني چينل هڪ اهڙو چينل آهي جو ان جي ذريعي انسان گهر ويٺي بہ گهڻو علمِ دين سکي سگهي ٿو! مدني چينل جي مدني بهارن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني چينل ڪي ڏسي ڪري ڪيترن ئي غير مسلمن کي ايمان جي دولت نصيب ٿي وئي آهي، ۽ ڪيترائي "بي نمازي" نمازي بڻجي ويا، ڪيترن ماڻهن گناهن کان توبہ ڪري سنتن پري زندگي جو آغاز ڪري ڇڏيو هڪ مدني بهار ملاحظہ فرمايو:

## جڏهن مون کي مدني چينل ڏسڻ جي سعادت ملي

مدينہ 1

سردار آباد (فيصل آباد پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوت اسلامي جي سنتن پري مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان

مان هڪ آواره جهيڙيڪار نوجوان هئس، اخلاق تہ ايترا ڪِري چڪا هئا جو بدنگاهي ڪندي ڪو شرم محسوس نہ ٿيندو هو، ڪنهن کي سلام ڪرڻ گوارا هو نہ ئي ڪنهن جو احترام ڪندو هئس، الغرض راهِ سنت کان تمام پري گناهن جي گپ ۾ ڦاٿل هئس، آخرڪار رحمتن پري هوا منهنجي اڱڻ جو رخ بہ ڪري ورتو، ٿيو ائين جو خوش قسمتي سان هڪ ڀيري مون کي **مدني چينل** ڏسڻ جي سعادت ملي وئي، خدا جو شان جو مون گناهن سان لتڙيل انسان کي ايترو پسند آيو جو مان روزانو ان جا مختلف مدني سلسلا ڏسڻ لڳس، **مدني چينل** ڏسڻ جي سبب کان پهرين برڪت اها ظاهر ٿي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مان نماز پڙهڻ جي لاءِ مسجد وڃڻ لڳس، هتي هڪ ڏينهن منهنجي ملاقات هڪ عاشق رسول، سنتن جي پيڪر، مبلغ دعوتِ اسلامي سان ٿي ان سان ملي منهنجي دل کي گهڻو سڪون مليو، اهو اسلامي ڀاءُ هڪ ڏينهن منهنجي دوڪان تي تشريف وٺي آيو ۽ انهن مون کي **نيڪي جي دعوت** پيش ڪئي، ان جي نيڪي جي دعوت جي برڪت سان مان پهريون ڀيرو دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪئي، اتي ٿيندڙ تلاوت، نعت شريف، سنتن ڀريو بيان، ذِڪرُالله جون صدائون ٻڌي مون کي تمام مزو آيو، اجتماع جي آخر ۾ ٿيندڙ رقت انگيز دعا تہ مون کي ايتري تہ سٺي لڳي جو مان **دعوت اسلامي** کي دل ڏئي ويٺس، هاڻي منهنجي حالت اهڙي ٿي وئي جو جتي سبز عمامي ۽ سفيد لباس ۾ ملبوس **عاشقانِ رسول** نظر ايندا هئا منهنجون اکيون ٺڏيون ٿي ونديون هيون، پوءِ مدني ماحول جي برڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مون پنهنجي چهري تي سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني ڏاڙهي شريف بہ سجائي ورتي، اللهُ عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان رَمَضانُ المُبارڪ (1430) ۾ دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري 30 ڏينهن جي اجتماعي اعتڪاف ۾ ويهڻ جي سعادت ملي، پنهنجي ٻن پٽن کي مدرَسةُ المدينہ ۾ قرآن حِفظ ڪرڻ جي لاءِ داخل ڪرايو، مون پنهنجي دوڪان تي **فيضان سنت** جو درس بہ شروع ڪري ڇڏيو آهي الله تعاليٰ

دعوت اسلامي کي ڏينهن رات ترقي عطا فرمائي جنهن اهڙو پيارو "مدني چينل" کوليو جيڪو مون جهڙي گناهگار جي اصلاح جو ذريعو ٿيو. منهنجي ننڍن ننڍن ٻارن کي "مدني چينل" ڏسڻ جي برڪت سان شايد ايتري معلومات آهي جيڪا مون کي اڄ انهي عمر ۾ اچي ملي آهي. "واهه! ڇا ڳالهه ڪجي مدني چينل جي!"

مَدَنی چینل سُنّتوں کی لائیگا گھر گھر بہار — مَدَنی چینل سے ہمیں کیوں والہانہ ہو نہ پیار
مَدَنی چینل کی مُہم ہے نَفس وشیطاں کے خلاف — جو بھی دیکھے گا کریگا اِن شآءَ اللّٰہ اِعتِراف
راہِ سنّت پر چلا کر سب کو جنّت کی طرف
لے چلے بس اِک یہی ہے مَدَنی چینل کا ہَدَف (وسائلِ بخشش ص۶۰۵)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بني اسرائيل جي تباهي جا سبب

حضرت سيِّدُنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته نبي اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشاد عبرت بنياد آهي: بني اسرائيل ۾ جيڪو سڀ کان پهرين (دين ۾) نقصان آيو اهو هي آهي جو هڪ شخص ٻئي سان ملندو ۽ (کنهن گناهه کي ڏسي ڪري) ان کي چوندو: الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ ۽ ائين نه ڪر چوته هي تنهنجي لاءِ حلال ناهي، اڳئين ڏينهن ان کي گناهه ڪندي ڏسڻ باوجود اهو ان سان گڏ پنهنجي تعلق، کائڻ پيئڻ ۽ اٿڻ ويهڻ جي ڪري ان کي منع نه ڪندو، جڏهن (عام طور تي) انهن ائين ڪيو ته الله تعالیٰ انهن جي دل هڪ ٻئي سان ملائي ڇڏيا. (يعني نافرمانن جي نحوست سان فرمانبردارن جون دليون به انهن جهڙيون ٿي ويون) پوءِ حضور سروَرِ ڪائنات صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تائيد ۾ قرآن شريف جون هي آيتون پڙهيون:

لُعِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ عَلٰى لِسَانِ دَاوٗدَ وَ عِیْسَى ابْنِ مَرْیَمَ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا یَعْتَدُوْنَ ﴿۷۸﴾ كَانُوْا لَا یَتَنَاهَوْنَ عَنْ مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا یَفْعَلُوْنَ ﴿۷۹﴾ (پ٦ المائدة:٧٨-٧٩)

**ترجمو ڪنزالايمان:** انهن تي لعنت ڪئي وئي جن ڪفر ڪيو بني اسرائيل مان دائود ۽ عيسيٰ بن مريم جي زباني، هي بدلو آهي سندن نافرماني ۽ سرڪشي جو. جيڪي بد ڪم ڪن پيا تن کان هڪ ٻئي کي نه روڪيندا هئا، ضرور نهايت ئي بُرا ڪم ڪندا هئا.

پوءِ سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم ارشاد فرمايو: الله جو قسم! توهان ضرور نيڪي جو حڪم ڏيندا رهو ۽ گناهن کان منع ڪندا رهو، ۽ ظالم کي ظلم کان روڪيندا رهو ۽ ان کي حق ڳالهہ ڏانهن جهڪي آڻيندا رهو، نہ تہ الله تعاليٰ توهان جا دل بہ خلط (يعني نافرمانن جي نحوست سان انهن جهڙا) ڪري ڇڏيندو ۽ توهان تي بہ لعنت فرمائيندو، جيئن انهن تي لعنت فرمائي.

(السنن الكبرىٰ للبيهقي ج 10 ص 159 حديث 20196، ابوداؤد ج 4 ص 162، 163 حديث 4336، 4337)

بيان ڪيل حديث پاڪ جي تحت "مِراةُ المَناجِيح" ۾ آهي: سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم امت جي حڪومتي عهديدارن ۽ عالمن کي خبردار ڪيو تہ توهان کي ان طريقي ڪار کان بچڻو پوندو ۽ بُرائي جي اِرتڪاب ڪرڻ وارن جو هٿ روڪڻو پوندو، مُنافَقَت ۽ مُداهَنَت (برائي مٽائڻ جي قدرت جي باوجود بي حميتي، لالچ يا جانب داري جي ڪري خاموش رهڻ) سان ڪم وٺڻ جي بدران غيرت ايماني جو مظاهرو ڪرڻ ۽ اَمرٌ بِالمَعرُوف وَنَهيٌ عَنِ المُنكَر جي باري ۾ پنهنجي ذميدارين کي پورو ڪرڻو پوندو، ظالم جو هٿ روڪي ڪري ان کي راهہ حق تي آڻڻو پوندو نہ تہ اوهان بہ بني اسرائيل جيان لعنت جا حقدار ٿيندؤ. (مراة المناجيح ج 6 ص 513)

يا خدا! نيکوں سے اُلفت نيکيوں سے پيار دے
جو کرے بديوں سے نفرت وہ دل اے غفار دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دين جا بہ حصا زائل ڪري ڇڏيا

اميرُالمؤمنين، امام العَادِلين، مُتَمِّمُ الأربَعِين، حضرت سيِّدُنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ جي خدمت بابرڪت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو: مان ٻن ڪمن کان سواءِ ڀلائي جا سمورا ڪم ڪيان ٿو، فرمايائون: اهي بہ ڪم ڪهڙا آهن؟ عرض ڪيو: ﴿1﴾ مان ڪنهن کي نيڪي جو حڪم نہ ڏيندو آهيان ﴿2﴾ ڪنهن کي برائي کان نہ روڪيندو آهيان، ارشاد فرمايو: تو دين جا بہ حصا زائل ڪري ڇڏيا هاڻي الله تعاليٰ چاهي

تنهنجي مغفرت فرمائي يا توکي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏي.
(احکام القران للجصاص ج 2 ص 612)

الله میں دیتا ہی رہوں نیکی کی دعوت
ایسا مجھے جذبہ دے دے شاہِ رسالت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ويچارا مسلمان!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته نيڪي جي دعوت کان پري رهڻ وارو ۽ ٻين کي برائي کان منع نه ڪرڻ وارو تمام گهڻي نقصان ۾ آهي، اڄ سڄي دنيا جي مسلمانن جي اڪثريت جي حالت جيڪا آهي اها ڪنهن کان لڪيل ناهي، هر پاسي بي عملي عام آهي، عام طور تي ڪو به ڪنهن کي خطائن تي ٽوڪڻ جي لاءِ تيار ناهي، مسلمان عملي طور تنزلي جي اونهيءَ کڏ ۾ تيزي سان ڪِرندو پيو وڃي، پاڪ ۽ هِند جي مسلمانن جي حالت ته شايد وري به غنيمت آهي ٻين اسلامي ملڪن ۾ وڃي ڏسون ته مسلمانن جو حال ڏسي رت جا ڳوڙها وهايون ته به گهٽ آهي.

## اولاد کي سنتون سيکاريو نه ته پڇتائيندؤ

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رَجَبُ الْمُرَجَّب 1406 هه ۾ سگِ مدينه عُفِيَ عنه کي ڪربلا مُعَلّيٰ، بغداد شريف وغيره مُقدّس شهرن جي حاضري جي سعادت نصيب ٿي، پر آه! هتي جي مسلمانن جي حالت زار بيان ڪرڻ سان زبان ۽ قلم قاصر آهن، تنهن باوجود به ڪجهه ڳالهيون عرض ڪيان ٿو ته جيئن اسان الله عَزَّوَجَلَّ جي قهر ۽ غضب کان ڊڄون ۽ الله تعاليٰ ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃون، نه ته ڇا عجب اسان جو اچڻ وارو نسل اهڙو تباهه ۽ برباد ٿئي جو تباهي ۽ بربادي به ان کي ڏسي ڪري ڏکي پوي! ڇوته حالتون ڪجهه اهڙيون آهن، موجوده تعليمي ادارا ۽ ان جو ماحول، والدين جي صرف اها ڌن ته ٻار پڙهي لکي ڪري پورو ماڊرن ٿئي ۽ خوب ڌن دولت ڪمائي آڻي، جيتوڻيڪ مغربي تهذيب جو شوقين ٻار جوان ٿي ماءُ

پيءُ کان منهن ڦيري يا جواني اچڻ کان پهريان موت ٻار کي اچي سنڀالي ۽ والدين جا ان جي ڪمائي کائڻ جا سهڻا خواب اڌورا رهجي وڃن ۽ اسان جو ميڊيا (Media) به اسلام جي زرين اصولن تي لاڳيتو ضربون لڳائي رهيو آهي، جيڪڏهن اها حالت رهي ته ايندڙ نسل جي هلاڪت کان بچڻ جي بظاهر ڪا صورت نظر نه اچي رهي آهي.

اے خاصۂ خاصانِ رُسل وقتِ دُعا ہے — اُمّت پہ تِری آ کے عَجب وقت پڑا ہے
جو دین بڑی شان سے نکلا تھا وطن سے — پردیس میں وہ آج غریبُ الغُرَبا ہے
وہ دین ہوئی بزمِ جہاں جس سے فُروزاں — اب اُس کی مجالس میں نہ بتّی نہ دِیا ہے
ڈر ہے کہیں یہ نام بھی مٹ جائے نہ آخر — مدّت سے اِسے دَورِ زماں مَیٹ رہا ہے

فریاد ہے اے کشتیِٔ اُمّت کے نگہباں
بَیڑا یہ تباہی کے قریب آن لگا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عراق جي مسلمانن جي دل خراش داستان

هاڻي عراق شريف جي ڪجهه ڏينهن جي سفر جي باري ۾ ڪجهه اهي ڳالهيون بيان ڪيان ٿو جنهن سبب اسلام جو درد رکڻ واري جو جگر ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو، اسان ٽي اسلامي ڀائر عراقي جهاز ۾ باب المدينه (ڪراچي) جي بين الاقوامي هوائي اڏي تان سوار ٿياسين، پرواز ۾ ٻه ڪلاڪ دير ٿي، اُڏام دوران نماز مغرب جو وقت ٿي ويو، جهاز ۾ ئي اذان ڏئي اسان ٽنهي جماعت قائم ڪئي، نماز کان فارغ ٿي جڏهن اسان پنهنجي نشستن ڏانهن وياسين ته عراقي مسافر اسان کي وڏي حيرت سان ڏسي رهيا هئا ۽ نماز پڙهڻ تي دعاءِ قبوليت ۽ برڪت سان نوازي رهيا هئا، جيئن اسان ڪو وڏو ڪمال ڪيو هجي! ان سان اسان تي اهو تاثر به قائم ٿيو ته غالباً اهي ماڻهو نماز ٽنا پڙهن پر نماز کي پسند ضرور ڪن ٿا ۽ عراق شريف ۾ وڃي ڪري مسجدون خالي ڏسي اهو اندازو ٿيو ته شايد هزار عراقي مسلمانن مان ڪو ڪو مسلمان نماز پڙهندو هوندو!

## جاءِ نماز ۾ گانا باجا!

اسان جڏهن عَرُوسُ البِلاد بغداد شريف جي بين الاقوامي هوائي اڏي تي لٿاسين ۽ عشاء جي نماز جي لاءِ هوائي اڏي (AIR PORT) تي ۾ هڪ جاءِ نماز ۾ داخل ٿياسين ته اوهان ميجو يا نه مجو ان جاءِ نماز جي اندر ڇت ۾ اسپيڪر لڳل هو ۽ باقاعدا موسيقي سان گانو هلي رهيو هو!! جي ها، اها جڳهه نماز جي لاءِ مخصوص هئي ۽ ان جي ٻاهر وڏن اکرن ۾ لکيل هو: هٰذا بيتُ الله يعني ”هي الله عَزَّوَجَلَّ جو گهر آهي“ اسان حيران ٿي وياسين، اسان اجنبي مسافر هئاسين دل ۾ برو سمجهڻ کان علاوه ٻيو ڇا پيا ڪري سگهياسين!! اهڙي موقعي تي برائي کان روڪڻ تي جيڪو قادر نه هجي ان کي گهرجي ته ان برائي کي گهٽ ۾ گهٽ دل ۾ ضرور برو ڄاڻي جيئن ته حديث شريف ۾ آهي: جڏهن زمين تي گناهه ڪيو وڃي ته جيڪو اتي موجود هجي پر ان کي برو ڄاڻي ٿو ته اهو ان جي مِثل آهي جيڪو اتي ناهي ۽ جيڪو اتي ناهي پر ان تي راضي آهي اهو ان جي مِثل آهي جيڪو اتي حاضر آهي.

(سنن ابي داؤد ج 4 ص 166 حديث 4345)

ڪيا تماشا ہے کہ اب ناقہ سُوارانِ عرب ... پیروی کرتے ہیں یورپ کے حُدی خوانوں کی

## ڪوفي جي جامع مسجد ۾ جمعو ناهي ٿيندو!

آهه! ڪوفي جي اها جامع مسجد جنهن جي ويجهو حضرت سيِّدُنا مولاءِ ڪائنات، علي المُرتضيٰ شير خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو مزار فائضُ الأنوار آهي، هتي زيارت جي لاءِ اسان جمعي جي نماز جي وقت حاضر ٿيا سين، زائرين جو بي پناهه هجوم هو، معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته هتي ڪا نماز ناهي پڙهائي ويندي ايستائين جو جمعي جي نماز به قائم نه ڪئي ويندي آهي....!!

## سيِّ ڏاڙهي ڪوڙيل

بغداد مُعلّي ۾ اسان کي ان ڳالهه جو شدت سان احساس ٿيو ته هتي جا مسلمان مسلماني شَعائِر کان اڻ واقف ٿي چڪا آهن ڇاڪاڻ ته عام طور تي ڪو مقامي ماڻهو ڏاڙهي ناهي رکندو ايستائين

جو امام ۽ مُؤذِّن وغيره بہ سڀ ڏاڙهي ڪوڙ هئا!! جيئن تہ اسان ٺئي ڏاڙهي وارا ۽ باعمامہ هئاسين، بغداد معليٰ جي گهٽين ۾ جڏهن اسان نڪرندا هئاسين تہ ماڻهو اسان کي نهايت حيرت سان ڏسندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ نوبت هي بہ آئي جو اسان کي گهيري ڪري تَعَجُّب وچان سوال ڪندا هئا: هَلْ اَنْتُمْ مُسْلِمُوْن؟ ڇا توهان مسلمان آهيو؟ جڏهن اسان اقرار ڪندا هئاسين تہ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نَحْنُ مُسْلِمُوْن يعني اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان مسلمان آهيون تہ اهي خوش ٿي ڪري اڳتي گذري ويندا هئا.

## شهادت جي خوشي ۾ عورتن جو ناچ

هڪ ڀيري "بابُ الشيخ" يعني شهنشاهِ بغداد، حضور غوث اعظم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاكرم جي مزار پُر انوار واري گهٽي ۾ هڪ نهايت بيهودو ۽ شرمناڪ منظر هو، خوب دهل وڄي رهيو هو، شرنائين جو شور هو ۽ ڪافي ماڻهن جو هجوم هو ۽ وچ ۾ بي پردا عورتون نچي رهيون هيون ۽ ڪجهہ ماڻهن جنازو ڪلهن تي کنيل هو، ان منظر تي اسان کي وڏي حيرت ٿي، معلوم ڪرڻ تي خبر پئي تہ هتي هي دستور آهي جڏهن ڪو مسلمان عراق ۽ ايران جي جاري جنگ ۾ (جيڪا انهن ڏينهن ۾ جاري هئي) شهيد ٿيندو آهي تہ ان جا عزيز ان شهيد جي لاش کي حضور سيِّدُنا غوث اعظم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاكرم جي روضي پاڪ تي حاضري جي لاءِ کڻي ايندا آهن ۽ ان مرد مجاهد جي "شهادت جي خوشي ۾" ان جي خاندان جون عورتون اهڙي طرح روڊن تي ناچ ڪندي جنازي سان گڏوگڏ ونديون آهن...!!

درسِ قرآن اگر ہم نے نہ بُھلایا ہوتا یہ زمانہ نہ زمانے نے دِکھایا ہوتا

## قُرطُبہ جي جامع مسجد ۾ نماز تي پابندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عراقي مسلمان جو حال ڏسي ڪري دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي پئي، ڪاش هتي بہ ڪا اهڙي مدني تحريڪ هجي جيڪا نيڪي جي دعوت عام ڪري ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر اتي سنتن جو دور جاري ٿئي ۽ مسلمانن جي وڃايل شان ۽ شوڪت واپس ملي، قُرطُبہ ۾ اڄ جنهن جڳهہ تي جامع مسجد واقع آهي، هتي

بت پرستن جي زماني ۾ انهن جي عبادت گاهه هئي، جڏهن اِسپين ۾ عيسائي مذهب ڦهليو ته انهن ان عبادت گاهه کي ڪيرائي هتي ڪَلِيسا (يعني گرجا) تعمير ڪيو، جڏهن مسلمانن قُرطُبه فتح ڪيو ته انهن هتي ڪَلِيسا کي صلح جي شرطن مطابق ٻن حصن ۾ ورهايو، هڪ حصو مسلمانن بدستور ”ڪَلِيسا“ رهڻ ڏنو ۽ ٻيو حصو ”مسجد“ بڻائي ڇڏيو، پر جڏهن قُرطُبه مسلمانن جو دارُالسَّلطنت (Capital) قرار ڏنو ويو ۽ هتي جي آبادي تيزي سان وڌي ته مسجد جو حصو نمازين جي لاءِ تنگ ٿي ويو ايستائين جو جڏهن عبدالرَّحمٰن اَلدَّاخِل جي حڪومت آئي ته ان جي سامهون جامع مسجد جي توسيع جو سوال آيو، ڪَلِيسا کي مسجد ۾ شامل ڪرڻ بغير توسيع ممڪن نه هئي، تنهنڪري عبدالرَّحمٰن اَلدَّاخِل عيسائين کان زمين خريدي ورتي، وسيع زمين حاصل ڪرڻ کان پوءِ انهن جامع مسجد قُرطُبه جي نئين سر تعمير شروع ڪئي، مسجد جو نقشو عظيم الشان هو، ان کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ وڏي عرصي جي ضرورت هئي، پر عبدالرحمٰن الدَّاخِل تعمير شروع ڪرڻ کان پوءِ ٻن سالن ۾ ئي (172 ھ) ۾ فوت ٿي ويو ان کان پوءِ ان جي پٽ هشام تعمير جاري رکي، بعد ۾ بني اميه جي خليفن ان مسجد ۾ وڌيڪ ڪشادگي ڪندا رهيا، ايتري تائين جو تعميري ڪم جو اختتام تقريباً 392 ھ بمطابق 1002 ع ۾ ٿيو، اهڙي طرح قُرطُبه جي تاريخي جامع مسجد جي تعمير ۾ ڪم و بيش ٻه سؤ سال جو عرصو لڳو، **قرطبه جي عظيم الشان شُهره آفاق جامع مسجد کي جيتوڻيڪ تاريخي آثار جي حيثيت سان باقي رکيو ويو آهي پر صد ڪروڙ افسوس! مسلمانن جي بد اعمالين جي سبب اتي نماز پڙهڻ تي پابندي آهي، ها سَيّاح (Tourist) صرف ڏسڻ لاءِ اچي سگهن ٿا.**

## 18 سالن کان گهٽ عمر جي نوجوانن جو مسجد ۾ داخلا بند آهي

**مَدَني منا منا اسلامي ڀائرو!** افسوس! اسان جي گناهن جي نحوست وڌندي پئي وڃي، دنيا جي هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي مسلمانن جي آبادي 90 سيڪڙو ٻڌائي ويندي آهي،

أتي بي عملي جو اهڙو زبردست سيلاب اچي ويو آهي جو هاڻي رَجَبُ المُرَجَّب 1432هه جون 2011ع جي هڪ اخباري رپورٽ مطابق 18 سالن کان گهٽ عمر جي نوجوانن جي لاءِ مسجد ۾ نماز پڙهڻ تي قانوني طور پابندي عائد ڪئي وئي!!!

آہ! اسلام ترے چاہنے والے نہ رہے

جن کا تُو چاند تھا افسوس وہ ہالے نہ رہے

## مسجدن جو وجود ختم ڪيو پيو وڃي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! افسوس! نمازن کان اسان جي دوري جي ڪري مسجدون خالي ڏسي ڪري ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت کان بي رغبت ڏسي اسلام جا دشمن هڪدم خَباثت تي لهي آيا آهن ۽ اسان ڪي اسلامي قدرن کان پري ڪرڻ جون نِت نيون سازشون ڪري رهيا آهن، اهي نٿا چاهن تہ اسان نمازون پڙهون ۽ باعمل رهون، انهيءَ ڪري اسان جي ديني مرڪزن يعني مسجدن کي هدف (يعني نشاني) تي ورتو آهي ۽ اسان آهيون جو دنيا جي دولت جمع ڪرڻ کان فرصت ناهي! ڪجھ روح ڏڪوئيندڙ خبرون ٻڌو ۽ جيڪڏهن دل زنده آهي تہ صدمي سان دل روئاريو: ❁ هڪ ملڪ ۾ غير مسلمن 157 مسجدن کي تالا لڳائي ڇڏيا ۽ مسجدن کي تجارتي ۽ رهائشي مقصد جي لاءِ غير مسلمن جي حوالي ڪيو ويو آهي ❁ سرڪاري حفاظت جي بهاني سان 324 مسجدن کي نمازين جي لاءِ بند ڪيو ويو آهي ❁ هڪ ملڪ جي هڪ شهر ۾ 92 مسجدن کي رهائش گاهن ۽ چوپاين جي واڙي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ❁ اهڙي طرح هڪ ملڪ جي هڪ علائقي ۾ مسجد تي ناجائز قبضو ڪري ان ۾ پنهنجي باطل معبودن جا بت رکيا ويا آهن ❁ اهڙي طرح هڪ اخبار ۾ خبر شايع ٿي تہ هڪ ملڪ جي هڪ شهر ۾ ترڪ مسلمانن جي هڪ مسجد کي باھ لڳائي شهيد ڪيو ويو ❁ ڪنهن ملڪ جي هڪ مفتي صاحب ٻڌايو تہ ”ڪيمونسٽ انقلاب“ کان پهريان اسان جي ملڪ ۾ 1200 مسجدون موجود هيون جنهن مان اڪثر غير مسلمن جي عبادت گاهن ۽ اسٽور ۽ عجائب گهرن ۾ تبديل ڪيون ويون آهن.

## ”مسجد ڀريو تحريڪ“ هلايو

مدينه: مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسجدن جي ويراني تي خوب دل جلايو، زور شور سان ”مسجد ڀريو تحريڪ“ هلايو، ۽ هڪ هڪ بي نمازي تي انفرادي ڪوشش ڪري ان کي نمازي بڻايو ۽ ائين پنهنجي مسجد جو تَحَفُّظ بہ فرمايو جو جيڪو گهر پنهنجي رهڻ واري سان آباد هجي ان تي ڪو قبضو نٿو ڪري سگهي، نہ تہ خالي گهر تي ڪو بہ قابض ٿي سگهي ٿو جيئن تہ فارسي جي چوڻي آهي: **خانهء خالي را ديو مي گيرد** يعني خالي گهر تي جن ڀوت قبضو ڪري وٺندا آهن، بهرحال جيڪا مسجد نمازين سان آباد هوندي ان ڏانهن ناپاڪ ارادي سان اک کڻڻ کان پهريان دشمنِ اسلام 420 ڀيرا سوچيندو، هتي هڪ مسئلو ذهن نشين فرمايو تہ جنهن جڳهہ هڪ ڀيرو شرعي طور مسجد بڻجي وئي هاڻي اها قيامت تائين مسجد ئي رهندي. **تحت الثَّري** يعني (ستين زمين جي هيٺ) کان وٺي عرش مُعلّيٰ جيڪو ستين آسمان کان مٿي آهي ان تائين ان جي سڄي فضا بہ مسجد آهي، هاڻي چاهي مَعَاذَالله ان تي روڊ تعمير ٿي وڃي يا مارڪيٽ بڻائي وڃي اها جڳهہ قيامت تائين مسجد جي حڪم ۾ ئي رهندي ۽ ان جو احترام بہ برقرار رهندو، جيئن منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدِّدِ دين ۽ ملت مولانا **شاه امام احمد رضا خان** عليه رحمة الرحمٰن ”تنويرُ الاَبصار ۽ دُرِّمُختار“ جي حوالي سان نقل فرمائن ٿا: **وَلَوْ خَرِبَ مَا حَوْلَهٗ وَاسْتُغْنِيَ عَنْهُ يَبْقٰى مَسْجِدًا عِنْدَ الْاِمَامِ وَالثَّانِيْ اَبَدًا اِلٰى قِيَامِ السَّاعَةِ وَبِهٖ يُفْتٰى** ۽ جيڪڏهن ان (يعني مسجد) جو آس پاس ويران ٿي ويو ۽ ان جي ضرورت نہ رهي تڏهن بہ مسجد باقي رهندي امام صاحب (يعني امام ابوحنيفہ) ۽ امام ثاني (يعني امام ابو يوسف) جي ويجهو هميشہ قيامت تائين ۽ انهيءَ تي فتويٰ آهي. (تنوير الابصار و درمختار ج 6 ص 550، فتاويٰ رضويہ مخرجہ ج 9 ص 471) وقارُ الملت حضرت علامہ مولانا مفتي محمد وقار الدين قادري رضوي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: ”جنهن جڳهہ هڪ ڀيرو مسجد بڻجي ويندي آهي اهو ان طرح قيامت تائين مسجد ٿي ويندي آهي جو مٿي عرش تائين ۽ هيٺ تَحتَ الثَّري تائين مسجد آهي ان ۾ هڪ انچ (بہ) جڳهہ گهٽ

نٽي ڪري سگهجي.“ (وقار الفتاويٰ ج 2 ص 297)

کر مسجدیں آباد بڑی قبر ہو آباد
فردوس عطا کر کے خدا تجھ کو کرے شاد

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انفرادي ڪوشش جي برڪت مدينہ 7

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي مسجدون آباد ڪندي آهي، اوهان بہ مسجد آباد ڪري پنهنجي قلبِ ناشاد کي شاد ڪرڻ پنج وقت مسجد ۾ حاضر ٿي ڪري پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي ياد ڪرڻ، عشق رسول سان پنهنجي دل جي ويران بستي آباد ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو، خوب خوب مدني قافلن ۾ سنتن ڀريو سفر ڪيو ۽ ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي روزانو مدني انعامات جو رسالو پُر ڪيو ۽ هر مدني مهيني جي 10 تاريخ جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي دعوت اسلامي جي ذميدار کي جمع ڪرايو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو: باب المدينہ (ڪراچي) ۾ مقيم هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان گناهن جي سمنڊ ۾ غرق هئس پنهنجي زندگي جا ”انمول هيرا“ غفلت جي نذر ٿي رهيا هئا، رات دير تائين دوستن سان ڪِل ڀوڳ ۾ مصروف رهڻ منهنجو معمول هو، 18 رَمَضَانُ الْمُبَارڪ 1429ھ بمطابق 19 سيپٽمبر 2008 تي حسب معمول اسان ملي ڪري مذاق مسخري ۾ مشغول هئاسين ۽ ان جي ڪري مجلس ۾ ٽهڪن جو زور هو، ان دوران دعوت اسلامي سان وابستہ هڪ عاشق رسول اسان وٽ تشريف وٺي آيا انهن سلام ڪيو ۽ ويهي رهيا، ان جي اچڻ سبب اسان جي محفل ۾ ڪجهہ سنجيدگي اچي وئي، انهن اسان کي نهايت عمده مدني گلن سان نوازيو، ان جي سهڻي آواز ۽ مدني انداز سان اسان کي ايترو سُرور مليو جو اسان ان جي مٺن ٻولن ۾ گم ٿي وياسين، ڪجهہ دير بعد اهي وڃڻ لڳا تہ اسان عرض

ڪيو: ڀاءُ! وڌيڪ ڪجهه دير تشريف رکو! ۽ اسان کي سنئيون سنئيون ڳالهيون ٻڌايو، نيڪي جي دعوت جو جذبو رکڻ واري اسلامي ڀاءُ اسان جي درخواست قبول فرمائي، گفتگو جي دوران فڪرِ آخرت ۽ اصلاح امت جو موضوع زير بحث رهيو، ان عاشق رسول جي پُر اثر انفرادي ڪوشش اسان جي دلين تي اثر ڪيو، ٻي رات اسان ٻيهر ان جڳهه محفل سجائي ان اسلامي ڀاءُ جي انتظار ۾ هئاسين تہ اميد مطابق اهي تشريف فرما ٿيا ۽ اسان کي دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ هلڻ جي دعوت پيش ڪئي، ان جو ڪردار ۽ گفتار ڏسي ڪري گهڻ گهڻ ۾ گهڻ مان تہ انڪار نہ ڪري سگهيس ۽ ان سان گڏ فيضان مدينہ جي پاڪيزه فضائن ۾ پهچي ويس، خوفِ خدا ۽ عشق مصطفيٰ جو جذبو دل ۾ جاڳائڻ واري روح پَروَر مدني ماحول منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو ۽ ائين ان عاشق رسول جي "انفرادي ڪوشش" جي برڪت سان مون کي دعوت اسلامي جو مدني ماحول نصيب ٿي ويو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان جي انفرادي ڪوشش

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! انفرادي ڪوشش جا ڪيڏا زبردست نتيجا نڪرندا آهن! سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه جو پنهنجو تجربو هي آهي تہ اجتماعي طور ٿيڻ وارا بيان ڪيترائي ڀيرا ٻڌڻ باوجود جن ۾ تبديلي ناهي ايندي، ٿوري انفرادي ڪوشش انهن کي تبديل ڪري ڇڏيندي آهي، نيڪي جي دعوت جي مدني ڪم ۾ انفرادي ڪوشش جو هڪ منفرد مقام آهي، انبياء ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تبليغ دين جي جتي اجتماعي ڪوششون فرمايون آهن هتي انفرادي ڪوشش بہ ڪئي آهي، ۽ هڪ هڪ وٽ وڃي ڪري انهن کي اسلام جو پيغام ڏنو آهي، بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين بہ نيڪي جي دعوت جي لاءِ خوب انفرادي ڪوششون فرمايون آهن، جيئن مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان حضرت علامہ مولانا سردار احمد عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الصَّمَد مدينة الاولياء ملتان شريف ۾

هئا، ان دوران پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ کان ئي نوجوان بيعت ٿيا، پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ انهن کي مَسلڪِ اهلسنت تي قائم رهڻ، ان جي تبليغ ڪرڻ، پنج ئي نمازون پابندي سان پڙهڻ جي تلقين فرمائي پوءِ انهن کي ڏاڙهي رکڻ ۽ مُڇون ڪٽڻ جو پياري انداز سان حڪم ڏنو ۽ فرمايو ته جيئن وِتر نماز کي واجب سمجهو ٿا ائين ڏاڙهي وڌائڻ به واجب سمجهو، هڪ مٺ ڏاڙهي رکڻ واجب آهي، ان جو خلاف ڪرڻ يعني گهٽ ڪرڻ تي گناهه ۽ عذاب ٿيندو، حضرت مُحَدِّثِ اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم جي پياري تلقين جو انهن تي گهرو اثر ٿيو انهن ڏاڙهي رکي ورتي، هاڻي اهي بِحمدہٖ تعاليٰ شريعت جا پابند ۽ وڏي وجاهت (يعني عزت) رکن ٿا. (حيات محدث اعظم ص 89)

سرکار کا عاشق بھی کیا داڑھی مُنڈاتا ہے!

کیوں عشق کا چہرے سے اظہار نہیں ہوتا (وسائلِ بخشش ص ۲۳٤)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مرڻ کان پهريان نوجوان جي ڏاڙهي گهروارن ڪوڙي ڇڏي!

صد ڪروڙ افسوس! حالات ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندا پيا وڃن، هڪ پاسي مغربي تهذيب جي يلغار، فيشن جي پرمار، فلمون ڏسڻ جي لاءِ گهر گهر ٽي وي، انٽرنيٽ، وي سي آر آهي ته بدقسمتي سان ٻئي پاسي مسلمان سڌرائڻ وارا عملي طور سنتن کان بيزار نظر اچي رهيا آهن! دعوت اسلامي سان وابسته اورنگي ٽاؤن باب المدينہ ڪراچي جو هڪ نوجوان عاشق رسول جنهن جي عمر مشڪل سان 20 سال هوندي، جڏهن ان کي ڏاڙهي آئي رکي ڇڏيائين، ويچارو رت جي سرطان (يعني بلڊ ڪينسر BLOOD CANCER) ۾ مبتلا ٿي ويو، مان (يعني سگِ مدينہ عُفِيَ عنہ) ان جي عيادت جي لاءِ اسپتال پهتس، ويچارو زندگي ۽ موت جي ڪشمش ۾ هيو، زبان سندس ساٿ نه پئي ڏنو. ڏاڙهي ڇهري تان لاٿي وئي هئي، مان حيران ٿيس، ان مظلوم ڇهري ڏانهن مشڪل سان هٿ ڪنيو ۽ اشاري سان فرياد ڪيائين... مان ايترو سمجهي سگهيس ته ڇڻ اهو چئي رهيو هو ته مَعَاذَالله مون

”نہ ڪوڙائي آهي“ منهنجي گهر وارن ننڊ يا بيهوشي جي حالت ۾ منهنجي ڏاڙهي صاف ڪري ڇڏي آهي! هاءِ! ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ اهو ڏکايل نوجوان دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. اللہ عَزَّوَجَلَّ ان جي بي حساب مغفرت فرمائي ۽ ان جي ڏاڙهي صاف ڪرڻ واري کي توبہ جي سعادت بخشي. اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

رُوح میں سوز نہیں، قلب میں احساس نہیں

کچھ بھی پیغام محمد کا تمہیں پاس نہیں

## مسلمان سڏرائڻ وارن جي سنتن ڪان دوري

افسوس صد ڪروڙ افسوس! ڪيڏو نازڪ دور اچي ويو آهي جو اڄ مسلمان سڏرائڻ وارا پنهنجي اولاد کي زبردستي سنتن ڪان پري رکندا آهن، بلڪ سنتن تي عمل ڪرڻ تي بسا اوقات طرح طرح جون سزائون ڏيندا آهن. اهڙا اهڙا **دلخراش واقعا** ڏٺا ويا آهن جو بس اللہ پناھ ڏي! ڪيترن ئي **نوجوان اسلامي ڀائرن** مدني ماحول ڪان متاثر ٿي ڏاڙهي رکي تہ خاندان ۾ ڄڻ زلزلو اچي ويو! جيڪڏهن رُعب ڌمڪي ۽ مار سان نہ مڙيا تہ ڏاڙهي رکڻ جي ڪري ويچارا گهرن مان بہ ڪڍيا ويا، ننڊ جي حالت ۾ عاشقان رسول جي ڏاڙهين تي قينچيون هلايون ويون. دعوت اسلامي جي مدني ڪم جي آغاز ڪان پهريان جو واقعو آهي، هڪ نوجوان سگِ مدينہ عُفِيَ عنه وٽ اچڻ وڃڻ لڳو. اٿڻ ويهڻ لڳو ان تي ماحول جو اثر ٿيڻ لڳو. ان گهر ايندي ويندي ”اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ“ چوڻ شروع ڪيو. بعض اوقات گفتگو دوران ان شآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ چئي ڇڏيو! مسلمان سڏرائڻ وارن والدين جا ڪن ڪڙا ٿي ويا! پڇا ڳاڇا شروع ٿي وئي، پوءِ ان ڪان سوال ٿيو: پٽ! ڇا ڳالھ آهي اڄڪلھ سلام ڪرڻ ان شآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ چوڻ لڳو آهين! ان غريب سنتن جي ادنيٰ خادم سگ مدينہ عُفِيَ عنه جو نالو ورتو، بس معاملو ختم، ان کي سختي سان روڪيو ويو تہ خبردار! اڄ ڪان پوءِ ان ”مُلان“ جي صحبت ۾ تون کي ناهي رهڻو! آخرڪار اهو ويچارو مادرن ٻڄي ويو.

وہ دور آیا کہ دیوانۂ نبی کیلئے
ہر ایک ہاتھ میں پتھر دکھائی دیتا ہے

## مدني ماحول کان روڪيو ته هيروئني بڻجي ويو، پيءُ پڇتائيندو رهيو

ان سان ملندڙ هڪ پيو عبرت انگيز واقعو پڙهو، جيئن ته هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته (حيدرآباد باب الاسلام سنڌ پاڪستان) جو هڪ نوجوان غالباً 1988ع ۾ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيو، نمازن جي پابندي سان گڏوگڏ چهري تي ڏاڙهي سجائي، مٿي تي عمامي شريف جون بهارون هيون، ان مَدرَسةُ المُدينہ (بالغان) ۾ پڙهڻ به شروع ڪيو، ان جو تعلق هڪ ماڊرن ۽ امير گهراڻي سان هو، گهر وارن ڪي ان جي زندگي ۾ ايندڙ مدني انقلاب سمجهه ۾ نه آيو، پوءِ ان جي مخالفت شروع ٿي، طرح طرح سان ان جون دل آزاريون ڪيون ويندي يون هيون، سنتن تي هلڻ جي راهه ۾ رڪاوٽون وجهندا ۽ دعوت اسلامي جو مدني ماحول ڇڏڻ تي مجبور ڪندا هئا، اهو ڪڏهن ڪڏهن بيوس ٿي ڪري فرياد ڪندو هو ته مون کي ان مدني ماحول کان پري نه ڪيو، نه ته پڇتائيندو پر ان جي ڪنهن نه ٻڌي، مخالفت جو اهو سلسلو تقريباً ٽن سالن کان هلندو رهيو، آخرڪار تنگ اچي ان به گهروارن جي سامهون هٿيار ڦِٽا ڪيا ۽ ڏاڙهي ڪوڙائي دعوت اسلامي جي مدني ماحول کي ”خير آباد“ چيو، وڏو ڀاءُ جيئن ته ڊاڪٽر هيو تنهنڪري ان کي به ڊاڪٽر بڻائڻ جي لاءِ سردارآباد (پنجاب پاڪستان) جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخل ڪرايو، جتي اهو هاسٽل ۾ بري صحبتن جو شڪار ٿي ڪري چرس پيئڻ لڳو، سخت بيمار ٿي ويو، گهر وارا ان کي واپس حيدرآباد وٺي آيا، والد صاحب ان جي علاج تي لکين روپيا خرچ ڪيا پر نه صحت ياب ٿيو نه ئي سڌريو، بلڪ هاڻي اهو هيروئن جو نشو ڪرڻ لڳو، نشي جي ڪثرت جي ڪري اهو سڪي ڪنڊا ٿي ويو هو، ڏندن جي سفيدي غائب ٿي وئي ان تي ڪاراڻ اچي وئي ۽ هاڻي تادم تحرير ان جي حالت چرين جهڙي ٿي وئي آهي، الله

عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان ان جا والد صاحب **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي چڪا آهن، ۽ اهي ويچارا گهڻو پڇتائي رهيا آهن تہ ڪاش! ان وقت مون کي دعوت اسلامي جي اهميت سمجهہ ۾ اچي وڃي ها ۽ مان پنهنجي پٽ کي **مدني ماحول** کان پري نہ ڪيان هان تہ شايد اڄ مون کي اهي ڏينهن نہ ڏسڻا پون ها، پر هاڻي پڇتائڻ جو ڪهڙو فائدو، الله تعاليٰ ان نوجوان کي نشي جي بري عادت کان بچائي وري دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اولاد جي صحيح تربيت ڪريو نہ تہ پڇتائيندؤ

مدينہ: 12

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن سچي حڪايت ۾ انهن والدين جي لاءِ عبرت ئي عبرت آهي جيڪي پنهنجي اولاد کي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت، مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت، عاشقان رسول جي صحبت ۽ ڏاڙهي ۽ عمامي شريف سجائڻ، سنتن ڀريو لباس اپنائڻ کان روڪڻ، ۽ سنتن تي عمل ڪرڻ تي هر هر ٽوڪڻ، بلڪ مدني ماحول کان پري ڪرڻ تي مجبور ڪندا آهن، ياد رکو! اوهان جو پيارو پٽ اوهان جي جگر جو ٽڪرو ۽ پنهنجي ماءُ جي اکين جو تارو ٿي سهي، پر اهو نہ وساريو تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جو ٻانهو، ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو امتي ۽ اسلامي معاشري جو هڪ فرد آهي، جيڪڏهن اوهان جي تربيت ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي درست طريقي سان عبادت، سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سنتون ۽ اسلامي معاشري ۾ ان جون ذميداريون نہ سيکاري سگهي تہ ان کي پنهنجو اطاعت گذار فرزند ڏسڻ جا سونهري خواب بہ نہ ڏسو، ڇوتہ اهو اسلام ئي تہ آهي جيڪو هڪ مسلمان کي پنهنجي والدين جي اطاعت ۽ انهن جي حقن جي ادائگي جو درس ڏيندو آهي ڏٺو هي ويو آهي تہ جڏهن اولاد جي تربيت ۾ غفلت جا اثر سامهون ايندا آهن تہ اهي والدين هر هڪ جي سامهون پنهنجي اولاد جي بگڙڻ جي ڳالهہ ڪندا آهن، انهن کي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ اولاد کي ان حال ۾ پهچائڻ ۾ انهن جو پنهنجو بہ هٿ آهي،

انهن پنهنجي ٻار کي ABC تہ سيکاري، پر قرآن پڙهڻ نہ سيکاريو، مغربي تهذيب جا طور طريقا تہ سمجهايا پر رسول عربي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون سنتون نہ سيکاريون، جنرل ناليج جي اهميت تي انهن جي سامهون ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليڪچر ڏنا پر فرض ديني علم حاصل ڪرڻ جي رغبت نہ ڏياري، ان جي دل ۾ مال جي محبت تہ وڌي پر عشق رسول جي شمع نہ جلائي، ان کي دنياوي ناڪامين جو خوف ڏياريو پر قبر ۽ حشر جي امتحان جي ناڪامي جي ڀيانڪ نتيجن کان نہ ڊيڄاريو، ان کي "هيلو هائو آر يو!" چوڻ تہ سيکاريو پر سلام جو صحيح طريقو نہ ٻڌايو.

## گناهہ ڪرڻ جي مادر پدر آزادي

مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! والدين جي طرفان ڀاڻمرادو مليل گناهہ ڪرڻ جي آزادي، ڪيبل، وي سي آر ۽ انٽرنيٽ جي دستيابي، ناچ گانن جي محفلن جي آبادي، بگڙيل گهريلو ماحول هي سڀ ملي ڪري ڪردار جي عظمتن کي نهايت داغدار ڪري ڇڏين ٿا، ۽ پوءِ اهڙي انسان کان پاڪيزه افعال جو ٿيڻ محال نہ سهي پر نهايت ڏکيو ضرور ٿي ويندو آهي، انهيءَ ڪري والدين کي گهرجي تہ پنهنجي اولاد جي ظاهري زيب ۽ زينت سٺي غذا ۽ عمدا لباس ۽ ٻين ضرورتن جي ڪفالت (يعني ذميداري نڀائڻ) سان گڏوگڏ انهن جي مدني تربيت جي لاءِ بہ ڪوشش ڪندا رهن ۽ صرف اولاد جي ئي نہ پنهنجي اصلاح جو بہ انهن کي فڪر ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ جيڪو پاڻ ٻڏي رهيو آهي اهو ٻين کي ڇا بچائيندو! جيڪو پاڻ خواب غفلت ۾ هجي اهو ٻين کي ڇا جاڳائيندو، جيڪو پاڻ پستي ڏانهن وڃي رهيو هجي اهو ڪنهن ٻئي کي بلندي ڏانهن ڪيئن پهچائيندو! لهٰذا پاڻ نيڪيون ڪري، رضاءِ الٰهي حاصل ڪري، پنهنجو پاڻ کي گناهن کان محفوظ ڪري، جهنم جي هولناڪ عذابن کان بچڻو ۽ رحمتِ الٰهي سان جنّتُ الفِردوس ۾ وڃڻو آهي ۽ پنهنجي پياري اولاد کي بہ ان راهہ تي هلائڻو آهي، ان مقصد جي حصول جي لاءِ دعوت اسلامي جو مدني ماحول هڪ زبردست نعمت آهي، قرآن ۽ حديث ۽ بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِین جي

قولن جي روشني ۾ اولاد جي تربيت جو طريقو ڄاڻڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 188 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”تربيتِ اولاد“ جو ضرور مطالعو فرمايو.

سُونا جنگل رات اندھیری، چھائی بدلی کالی ہے

سونے والو جاگتے رہیو چوروں کی رَکھوالی ہے (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي ان شعر جي معنيٰ هيءَ ٿي سگهي ٿي ته اي مسلمانو! ان دنيا جو جهنگ بلڪل ويران ۽ سنسان آهي، اونداهي رات ۽ مٿان ڪان ڪارا ڪڪر به آهن، اهڙي خوفناڪ صورت حال ۾ پهريان ته ننڊ به ناهي ايندي ۽ جيڪڏهن سمهي به رهو ته هڪدم بيدار ٿيو جو هتي حفاظت ڪرڻ وارا توهان جي خاڪ حفاظت ڪندا هي ته پاڻ ڦورو آهن، يعني غفلتن ۽ نفساني خواهشن جي هر پاسي اونداهي ڇانيل آهي. ۽ هي نفس ۽ شيطان هر وقت توهان جي پويان پيل آهن ان ڪي پنهنجو خيرخواهه نه سمجهو ڇو ته هي محافظ نه بلڪ چور آهن، خبردار! هوشيار!! جاڳندا رهو!!! ڪٿي هي اوهان جو ايمان نه چورائي وٺن

چند روزہ ہے یہ دنیا کی بہار　　دل لگا اِس سے نہ غافل ذی تبار

عُمر اپنی یوں نہ غفلت میں گزار　　ہوشیار اے محوِ غفلت ہوشیار

ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے

کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا پٽ به ڪڏهن پيءُ کي ماريندو آهي

تَنبِيہُ الغافلين ۾ آهي ته ”سَمَرقند“ جي هڪ عالم دين حضرت سيِّدُنا ابو حَفص رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جن وٽ هڪ شخص آيو ۽ چوڻ لڳو: ”منهنجي پٽ مون کي ماريو آهي“ انهن حيرت وچان پڇيو: ڇا پٽ به ڪڏهن پيءُ کي ماريندو آهي؟ ان چيو: جي ها! ائين ئي ٿيو آهي، حضرت سيِّدُنا ابوحفص رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ پڇا ڪئي: ڇا اوهان ان کي ديني علم ۽ ادب سيکاريو آهي؟ ان شخص انڪار ڪيو، پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ پڇا ڪئي: قرآن

ڪريم سيکاريو آهي؟ ان چيو: نه، پوءِ پڇا ڪئي ته اهو ڇا ڪندو آهي؟ ان ٻڌايو: ٻني ٻارو ڪندو آهي، حضرت سيِّدُنا ابو حفص رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمايو: ”ڇاڻو ٿا ته ان اوهان ڪي ڇو ماريو آهي“ چيائين: نه، پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ ان جي اصلاح جي خاطر ان تي چوٽ ڪندي فرمايو: شايد اهو صبح جي وقت گڏهه تي سوار ٿي جڏهن ٻني ڏانهن وڃي رهيو هوندو، ڏٺو ان جي اڳيان ۽ ڪتو ان جي پويان هوندو، قرآن شريف ته ان ڪي پڙهڻ نه ايندو هوندو جو ان ڪي ڪجهه روحانيّت نصيب ٿئي بس ائين غفلت ۾ ڪجهه ڳائي رهيو هوندو، انهيءَ وقت اوهان ان جي سامهون اچي ويا هوندا ان سمجهيو ڏٺو وچ ۾ آيو آهي ۽ ان ڪي هڪلڻ لاءِ ڪا شيءِ ان جي مٿي تي هڻئي هوندي! شڪر ڪيو اوهان جو مٿو نه ڦاٽو. (تنبیہ الغافلین ص 68)

## محشر ۾ مارڪُٽ سان پيءُ جو گوشت ڇٽي ويندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان پنهنجي اولاد کي اسلامي تربيت نه ڏيڻ واري جو انجام! اڄ به بيشمار پيءُ اهڙا ملندا جن جي اها شڪايت هوندي آهي ته اسان جو اولاد اسان کي گاريون ڏيندو آهي، اسان تي ڪاوڙ ڪندو آهي، اسان کي ماريندو آهي ۽ گهران ڪڍي ڇڏڻ جون ڌمڪيون ڏيندو آهي، بس ماءُ پيءُ جي دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي ان ۾ آهي جو شريعت جي مطابق اولاد جي تربيت ڪن، نه ته دنيا جيڪڏهن سنورجي وئي ته آخرت ۾ عافيت حاصل ڪرڻ ڏکيو ٿي ويندو، اولاد جي درست تربيت نه ڪرڻ واري هڪ پيءُ جي باري ۾ هڪ ڏڪائيندڙ روايت ٻڌو جيئن فقيہ ابوالليث سَمرقندي علیہ رحمۃ اللہ القوی نقل ڪن ٿا: روايت آهي ته مرد سان تعلق رکڻ وارن ۾ پهريان ان جي گهرواريءَ ۽ ان جو اولاد آهي، هي سڀ (يعني گهرواريءَ، ٻار قيامت ۾) الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندا: اي اسان جا رب عَزَّوَجَلَّ! اسان کي هن شخص کان اسان جو حق ڏيار، ڇوته هن اسان کي ڪڏهن ديني معاملن جي تعليم نه ڏني ۽ هي اسان کي حرام کارائيندو هو جنهن جو اسان کي علم نه هو، پوءِ ان شخص کي حرام ڪمائڻ تي ايترو ماريو ويندو جو ان جو گوشت لهي

ويندو، پوءِ ان کي ميزان (يعني تارازي) وٽ آندو ويندو، فِرشتا جبل برابر ان جون نيڪيون آڻيندا ته ان جو عيال (يعني ٻار ٻچن) مان هڪ شخص اڳتي وڌي ڪري چوندو: "منهنجون نيڪيون گهٽ آهن." ته اهو ان جي نيڪين مان ڪڍي وٺندو پوءِ ٻيو اچي چوندو: تو مون کي وياج کارايو هو، ۽ ان جون نيڪيون ڪڍي ويندو، ائين ان جا گهر وارا ان جون سڀئي نيڪيون ڪڍي ويندا ۽ اهو پنهنجي اهل ۽ عيال ڏانهن حسرت و ياس (يعني رنج ۽ مايوسي) مان ڏسي ڪري چوندو: هاڻي منهنجي ڪلهن تي اهي گناهه ۽ ظلم رهجي ويا آهن جيڪي مون توهان لاءِ ڪيا هئا، (ان وقت) فِرشتا چوندا: هي اهو (بدنصيب) شخص آهي جنهن جون نيڪيون ان جي گهر وارا ڪڍي ويا ۽ هي گهر وارن جي ڪري جهنم ۾ هليو ويندو. (قرة العيون ص 401)

## جيڪي گهروارن جي ڪري مدني ماحول کان پري ٿي ويا

خبر ناهي ڪيترا اسلامي ڀائر اهڙا هوندا جن دعوت اسلامي کان متاثر ٿي ڏاڙهي شريف سجائي هوندي، ٻين فرضن ۽ واجبن ۽ سنتن تي عمل جي ترڪيب ڪئي هوندي پر گهر وارن يا ڪنهن ٻئي جي طرفان ڪئي ويندڙ مخالفت جي ڪري دل ننڍي ڪري دعوت اسلامي جي سنتن ڀري مدني ماحول کان پري ٿيا هوندا، اهڙن جي خدمت ۾ سگ مدينه عُفِيَ عنه جي هٿ ٻڌي مدني التجا آهي ته دعوت اسلامي اوهان جي پنهنجي سنتن ڀري تحريڪ آهي، براءِ ڪرم! ان کان پهريان موٽي اچو جو موت اوهان کي دنيا جي رونقن مان ڪڍي قبر جي تنهائي ۾ منتقل ڪري ڇڏي ۽ اوهان تي اها حسرت طاري ٿي وڃي ته ڪاش! دنيا ۾ رهي وڌ کان وڌ نيڪيون ڪمائي وٺان هان، اٿو! همت ڪيو! گناهن کان حفاظت ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي سنتن ڀري مدني ماحول سان هڪ ڀيرو ٻيهر وابسته ٿي وڃو، ٿي سگهي ٿو هاڻي مخالفت نه ٿئي، يا ٿئي پر پهريان کان گهٽ ڇو ته وقت سان گڏ حالات ۽ خيالات بدلجي ويندا آهن پر ياد رکو مخالفت جي صورت ۾ اوهان کي به نرمي نرمي ۽ صرف نرمي کان ڪم وٺڻو آهي

۽ گفتار و ڪردار ۽ عادت ۽ طور طريقن ۾ اهڙو مدني انقلاب آڻيو آهي جو گهر وارا به زبان حال سان چون: "واهه ڇا ڳالهه آهي دعوت اسلامي جي!" اوهان جي ترغيب ۽ شوق جي لاءِ هڪ مدني بهار اوهان جي سامهون پيش ڪيان ٿو:

## ڪِرندي ڪِرندي بچي ويو مدينه

پنجاب (پاڪستان) جي ضلع مظفر ڳڙهه جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته جڏهن مان دعوت اسلامي جي مدني ماحول کان متاثر ٿي ڏاڙهي شريف رکڻ شروع ڪئي ته گهر ۾ مدني ماحول نه هئڻ جي ڪري اهڙي مخالفت ٿي جو مون کي مَعَاذَالله ڏاڙهي ڪوڙائڻي پئي پر مون دعوت اسلامي سان پنهنجا ناطو نه ٽوڙيو، سنتن ڀري هفتيوار اجتماع ۾ ڪڏهن ڪڏهن حاضري ڏيندو رهيس، ان سان ڇڻ منهنجي "بيٽري چارج" ٿيندي رهي ۽ نمازن جي پابندي جاري رهي، ڪجهه عرصو گذرڻ کان پوءِ وري جذبو بيدار ٿيو ذهن ٺهيو ۽ مون ٻيهر ڏاڙهي وڌائڻ شروع ڪئي، وري مخالفت شروع ٿي وئي، هن ڀيري ڀهرين جي مقابلي ۾ وڌيڪ عرصي تائين مخالفت برداشت ڪئي، پر همت هاري وينس ۽ اَسْتَغْفِرُالله مون ڏاڙهي ڪوڙائي ڇڏي، آخرڪار همت ڪري ٽيون ڀيرو ڏاڙهي وڌائڻ جي شروعات ڪئي پر هاڻي گهر وارن جي طرفان نالي ماتر مخالفت ٿي ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مان ڏاڙهي وڌائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس، ايستائين جو مٿي تي عمامي جو تاج به سجائي ورتو ۽ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ رنگجي ويس ۽ مدني ڪم به شروع ڪري ڏنو، اڄ (هي سٽون لکڻ تائين) تقريباً 14 سال ٿيا آهن ڏاڙهي بدستور منهنجي چهري تي ۽ مٿي تي سبز سبز عمامي شريف جو تاج موجود آهي، الله تعالٰي هي سنّتون قبر ۾ گڏ وٺي وڃڻ جي سعادت عنايت فرمائي، آمين. اڄ سوچيان ٿو ته جيڪڏهن مان ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي حالت ۾ مري وڃان هان ته منهنجو ڇا ٿئي ها! الله تعالٰي دعوت اسلامي جي سنتن ڀريي مدني ماحول کي وڌيڪ ترقي عطا فرمائي، جنهن مون کي تباهي جي سوڙهي گهٽي مان ڪڍي ڪري جنت جي شاهراهه تي گامزن

ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي ظاهر ۽ باطن تي اهڙو مدني رنگ چاڙهيو جو هاڻي منهنجي گهر وارا بلڪ ڀيا رشتيدار به دعوت اسلامي جي برڪتن جا قائل ٿي چڪا آهن.

اگر سنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ　　تم آجاؤ دیگا سکھا مَدَنی ماحول

تُو داڑھی بڑھالے عمامہ سجالے　　نہیں ہے یہ ہرگز بُرا مَدَنی ماحول

سَنور جائے گی آخِرت اِن شاءَ اللہ

تم اپنائے رکھو سدا مَدَنی ماحول　(وسائلِ بخشش ص ٦٠٤)

## مرڻ ڪان بعد وارو هوش وڃائيندڙ منظر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اي عاشقان رسول! هي عهد ڪيو: چاهي ڪيترين به سختيون برداشت ڪرڻيون پون، مڪي مدني آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنت ڏاڙهي مبارڪ چهري تي مستقل سجائڻ ۽ قبر ۾ به گڏ وٺي وڃڻي آهي، ياد رهي ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ هڪ مُٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام آهن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل رسالو "ڪارا وڇون" صفحي 4 تان شروع ٿيندڙ دل هلائڻ وارو مضمون ڪجھ تَصَرُّف سان پيش آهي تَوَجُّھ سان پڙهو: اي غافل اسلامي ڀاءُ! ٿورو هوش ڪر!! مرڻ کان پوءِ تنهنجي هڪ به نه هلندي، تنهنجا ناز ۽ نخرا سهڻ وارا تنهنجا ڪپڙا به لاهي ڇڏيندا. تون ڪيڏو ئي وڏو سرمائيدار ڇو نه هجين، پر توکي اهو ئي بافتي وارو ڪفن پارائيندا جيڪو ڦٽ پاٿ تي مري وڃڻ واري لاوارث کي پارايو ويندو آهي. جيڪڏهن تنهنجي ڪار آهي ته اها به گيريج (GARAGE) ۾ رهجي ويندي . تنهنجا قيمتي ڪپڙا صندوق ۾ پيل ئي رهجي ويندا . تنهنجي مال و متاع ۽ رت پگهر جي ڪمائيءَ تي وارث قبضو ڪري ڇڏيندا. "ويجها مائٽ" گوڙها ڳاڙي رهيا هوندا. "ڌاريا" خوشيون ملهائي رهيا هوندا . تنهنجا ناز ۽ نخرا سهڻ وارا توکي پنهنجي ڪلهن تي کڻي هلندا ۽ هڪ اهڙي ويرانيءَ ۾ ڪٽي ايندا جو تون ڪڏهن به انهيءَ خوفناڪ خاموشيءَ ۾ خاص ڪري رات جي وقت هڪ گهڙي به اڪيلو نه آيو هوندين، نه ئي اچي سگهندو هئين بلڪ انهيءَ جي تَصَوُّر

سان ٿي ڏکي ويندو هئين. پوءِ ڪڏ ڪوٺي ڪري تو ڪي **مٽين مٽيءَ هيٺ** دفن ڪري تنهنجا سيئي مٽ مائٽ هليا ويندا . تو وٽ هڪ رات ته ڇا، پر هڪ ڪلاڪ به ترسڻ جي لاءِ ڪو راضي نه هوندو. توڙي تنهنجو **لاڏلو پٽ** ئي ڇو نه هجي، اهو به هليو ويندو. تون حسرت ڀرين نگاهن سان مٽن مائٽن کي نگاهن کان غائب ٿيندي ڏسي رهيو هوندين، دل بيقرار ٿي رهي هوندي. ايتري ۾ به خوفناڪ شڪلن وارا فِرشتا (مُنڪَر ۽ نَڪِير) پنهنجي ڏگهن ڏگهن ڏندن سان **قبر** جي پٽين کي چيريندي تنهنجي سامهون اچي حاضر ٿيندا، انهن جي اکين مان باهه جا شعلا نڪري رهيا هوندا، ڪارا ڪارا هيبتناڪ وار مٿي کان پيرن تائين لڙڪي رهيا هوندا، توکي ڇڙٻ ڏئي اٿاري ويهاريندا. نهايت ئي سخت لهجي ۾ هن طرح سوال ڪندا: "**مَنْ رَّبُّكَ؟**"(يعني تنهنجو رب عَزَّوَجَلَّ ڪير آهي) "**مادِيْنُكَ؟**" (يعني تنهنجو دين ڪهڙو آهي) ايتري ۾ تنهنجي ۽ مديني جي وچ ۾ جيترا پردا رڪاوٽ بڻيل هوندا، سيئي کنيا ويندا ڪنهن جي من موهيندڙ، دلربا ۽ پياري پياري صورت سامهون اچي ويندي. يا اها عظيم ۽ پياري هستي پاڻ تشريف فرما ٿيندي. ڇا عجب! تنهنجون اکيون شرم وچان جهڪي وڃن. ٿي سگهي ٿو ته تون سوچ ۾ پئجي وڃين ته نگاهون ڪٿان ته ڪيئن ڪٿان! پنهنجي بگڙيل صورت ڏيکاريان ته ڪيئن ڏيکاريان! هي ته اهي ئي منهنجا آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن جن جو آءُ ڪلمو پڙهندو هئس. پنهنجو پاڻ کي سندن جو غلام به چوندو هيس. پر مون محبت رسول جي نشاني پنهنجي ڏاڙهي شريف سان هي ڇا ڪيو! مٺي مٺي آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ته اهو فرمايو: "**مڇون خوب پست (يعني ننڍيون ڪريو) ۽ ڏاڙهين کي معافي ڏيو (يعني وڌايو) ۽ يهودين جهڙي صورت نہ بڻايو.** (شرح معاني الاثار للطحاوي ج 4 ص 28) پر هاءِ منهنجي بدبختي! مان عارضي دنيا جي سينگار ۾ غافل ٿي ويس. **فيشن** مون کي تباهه و برباد ڪري ڇڏيو. سرڪار نامدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سختيءَ سان منع ڪرڻ جي باوجود مون ڏاڙهي ڪوڙائي پنهنجو چهرو يهودين يعني مدني آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دشمنن جهڙو ئي بڻايو. **هاءِ!** هاڻي ڇا

ٿيندو؟ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو منهنجي بگڙيل شڪل ڏسي **سرڪارِ عالي وقار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چهرو مبارڪ ڦيري ڇڏين ۽ هي فرمائن: ”**هي تہ منهنجي دشمن وارو چهرو آهي، منهنجي غلامن وارو ناهي!!**“ جيڪڏهن خدا ناخواستہ ائين ٿيو تہ سوچ ان وقت توتي ڇا گذرندي!

نہ اُٹھ سکے گا قیامت تلک خدا کی قسم
اگر نبی نے نظر سے گرا کے چھوڑ دیا

**ائين** نہ ٿيندو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪڏهن بہ نہ ٿيندو، اڃا تہ تون زنده آهين، مچي وڃ! پنهنجي ڪمزور بدن تي ترس کاءُ! جلدي همت ڪر! انگريزي فيشن، فرنگي تهذيب کي ٽي طلاقون ڏئي ڇڏ ۽ پنهنجو چهرو مٺي مٺي آقا، مڪي مدني مصطفٰی صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پاڪيزه سنّت سان سنواري ڇڏ ۽ **هڪ مٺ ڏاڙهي** سينگاري ڇڏ. ڪڏهن بہ شيطان جي هن چڪر ۾ نہ اچ ۽ انهن وسوسن ڏانهن توجهہ ئي نہ ڏي، تہ ”**هينئر تہ آءٌ ان قابل ناهيان ٿيو، منهنجي تہ عمر ئي ڪهڙي آهي؟ منهنجو علم بہ ايترو ڪٿي آهي؟ جيڪڏهن ڪنهن دين جي باري ۾ سوال ڪيو تہ مون کي جواب نہ ايندو، مان جڏهن قابل ٿي ويندس ان ئي وقت ڏاڙهي رکندس.**“ ياد رک! اهو شيطان جو ڪامياب ترين وار آهي جو انسان پنهنجي باري ۾ هي سمجهي ويهي تہ ”**ها، هاڻي آءٌ قابل ٿي ويو آهيان.**“ ياد رکو! پنهنجو پاڻ کي ”قابل“ سمجهڻ اهو ئي ”ناقابِليَّت“ جو سڀ کان وڏو دليل آهي. عاجزي اختيار ڪر! وڏا وڏا علماءِ ڪرام بہ هر سوال جو جواب ناهن ڏيندا تہ ڇا هر سوال جي جواب ڏيڻ جو تو نيڪو ڪنيو آهي؟ نفس جي دوکي ۾ نہ اچ! ۽ مچي وڃ. توڙي ماءُ روڪي، پيءُ منع ڪري، معاشرو رنڊڪ وجهي، شاديءَ ۾ رڪاوٽ بڻجي، ڪجهہ بہ ٿي پوي **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري **رسول** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حڪم ميٺو ٿي پوندو. **تسلي رک!** جيڪڏهن جوڙو لوح محفوظ ۾ لکيل آهي تہ تنهنجي **شادي** ضرور ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن ناهي لکيل تہ دنيا جي ڪا بہ طاقت تنهنجي **شادي** نہ ٿي ڪرائي سگهي. زندگيءَ تي ڪهڙو ڀروسو؟

## ڏاڙهي ڪوڙائيندي ئي موت

ڪنهن سگِ مدينه عُفِيَ عَنه (راقم الحروف) کي ڪجهه هن طرح جو واقعو ٻڌايو هو ته بنگلاديش ۾ هڪ نوجوان ڏاڙهي رکي هئي، جڏهن ان جي شاديءَ جو وقت ويجهو آيو ته سندس پيءُ ماءُ ڏاڙهي ڪوڙائڻ تي کيس ڏاڍو مجبور ڪيو. نه چاهيندي حَجم وٽ وڃي ڏاڙهي ڪوڙائي گهر ڏانهن ايندي جڏهن روڊ پار ڪري رهيو هو ته ڪنهن تيز رفتار گاڏيءَ کيس چيپاٽي ڇڏيو، سندس ساهه نڪري ويو ۽ ان جي شاديءَ جا ارمان خاڪ ۾ ملي ويا، ماءُ پيءُ نه بچائي سگهيا، نه شادي تي نه ڏاڙهي رهي. ته پيارا اسلامي ڀائرو! هوش ۾ اچو! الله عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو ڪري اڄ ئي ڏاڙهي ڪوڙائڻ کان توبه ڪري عهد ڪريو ته هاڻي تاجدارِ مدينه صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي محبت ۾ سِسي ته ڪٽجي سگهي ٿي پر هاڻي منهنجي ڏاڙهي دنيا جي ڪابه طاقت مون کان جدا نه ٿي ڪرائي سگهي. شاباس......! مبارڪ......! مبارڪ......! مبارڪ!!!

اُن کا دیوانہ عمامہ اور زُلف و ریش میں
واہ! دیکھو تو سہی لگتا ہے کتنا شاندار (وسائلِ بخشش ص ۳۹۹)

## ڏاڙهي ڪوڙڻ وارن سان آقا صلی اللہ علیہ وسلم جي نفرت جو عبرتناڪ واقعو

سگِ ايران خُسرو (پرويز) وٽ حضرتِ سيِّدُنا عبدالله بن حُذافه رضی اللہ تعالٰی عنہ جي هٿان سرڪارِ مدينه صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو نيڪيءَ جي دعوت تي مشتمل خط مبارڪ پهتو ته ان ظالم ۽ گستاخ خط مبارڪ کي ڏسندي ئي ڪاوڙ مان شهيد ڪري ڇڏيو ۽ ان بدزبان بڪواس ڪرڻ شروع ڪئي (........ پرويز جو اهو بي ادبيءَ وارو جملو لکڻ جي همٿ ناهي، تنهن ڪري ڪٽيو وڃي ٿو........) ان کان پوءِ سگِ ايران خُسرو (پرويز) باذان کي جيڪو يمن ۾ ان جو گورنر هيو ۽ عرب جا سيئي ملڪ ان جي حڪمرانيءَ هيٺ سمجهيا ويندا هئا. اهو حڪم موڪليو ته ........ (هتي به سگِ ايران پرويز جي بڪواس کي ڪٽيو وڃي ٿو) باذان هڪ فوجي دستو تيار ڪيو، جنهن جي آفيسر جو نالو خَرخُسّره هيو، ۽ سرڪارِ مدينه صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي اٿر

رسوخ تي گهري نظر رکڻ جي لاءِ هڪ ملڪي آفيسر بہ ان سان گڏ موڪليو، جنهن جو نالو بانويہ هيو. اهي ٻئي آفيسر جنهن وقت سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ پيش ڪيا ويا تہ رُعبِ نُبُوَّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سبب انهن جي ڪنڌ جون رڳون ٿڙڪي رهيون هيون. **اهي ماڻهو جيئن تہ آتش پرست (يعني باهہ جا پوڄاري) پارسي هئا. ان لاءِ (انهن جون) ڏاڙهيون ڪوڙيل هيون ۽ مڇون ايتريقدر وڌيل هيون جو انهن جا چپ ڍڪيل هئا** ۽ پنهنجي بادشاهہ پرويز کي ”رب“ چوندا هئا. انهن جا چهرا ڏسي ڪري **پياري آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تڪليف پهتي، ڪراهت (يعني بيزاري) سان فرمايائون: ”**توهان جي بربادي ٿئي** جو اهڙي صورت بڻائڻ جو توهان کي ڪنهن چيو آهي؟“ انهن جواب ڏنو: ”اسان جي رب پرويز“ **پياري آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”**پر منهنجي رب** عَزَّوَجَلَّ **تہ مون کي هي حڪم ڏنو آهي تہ ڏاڙهي وڌايان ۽ مڇون ڪترايان.**“ (تاريخ الخميس ج2 ص 35 ، فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 647)

## قيامت جو دل ڏڪائيندڙ منظر

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن واقعي تي غور فرمايو! سمجهہ ۾ نہ آيو هجي تہ ٻيهر پڙهو، خوب غور ڪريو! ٻہ اهڙا شخص جيڪي اڃا ڪافر آهن مسلمان ناهن ٿيا. شريعت جي حڪم کان بہ ناواقف آهن. پر جيئن تہ انهن پنهنجي فطري بناوت سان زيادتي ڪئي، چهري جي قدرتي حسن کي ختم ڪيو. **سرڪارِ عالي وقار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طبيعت مبارڪ کي انهن جو اهو (يعني ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارو) فعل انتهائي ناگوار لڳو ۽ رحمة للعٰلمين هجڻ جي باوجود فرمايائون: ”**توهان جي بربادي ٿئي.**“ ٿورو سوچيو! غور ڪريو! جڏهن قيامت جي ميدان ۾ سڀ گڏ ٿيندا، نفسي نفسي جو عالم هوندو، ماءُ پٽ کان ۽ پٽ پيءُ کان پڄي رهيو هوندو. ان وقت هڪ ئي تہ **پاڪ ذات** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هوندي جيڪا گناهگارن جي اميدن جو مرڪز هوندي، انهيءَ **سرڪارِ نامدار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ اقدس ۾ سيني کي حاضري ڏيڻي پوندي . **ياد رکو! جيڪو جنهن حال ۾ مرندو، قيامت جي ڏينهن انهيءَ حال ۾ اٿاريو ويندو. ڏاڙهيءَ وارو،**

ڏاڙهيءَ سان اٿندو ۽ ڏاڙهي ڪوڙ، ڏاڙهي ڪوڙيل ٿي اٿندو .

**اي محبوب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي سنت کي پائمال ڪرڻ وارؤ!** جيڪڏهن پياري سرڪار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان سان اِستِفسار فرمائي ورتو: "**چا توهان مون سان محبت ڪندا رهيا آهيو؟**" ظاهر آهي انڪار ڪري ئي نه ٿا سگهو، اهو ئي عرض ڪندؤ: **يا رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان ئي اسان جا سڀ ڪجهه آهيو، اسين اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي ماءُ پيءُ، مال، اولاد سيني کان وڌيڪ پيارو سمجهندا آهيون . **يا رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسين ته دنيا ۾ جهومي جهومي عرض ڪندا هئاسين.

برے تو آپ ہی سب کچھ ہیں رحمتِ عالَم!
میں جی رہا ہوں زمانے میں آپ ہی کے لئے

**حضور** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! اسان جي محبت جو حال ته اهو هو جو بي قرار ٿي عرض گذار ٿيندا هئاسين.

غلامِ مصطفٰی بن کر میں بِک جاؤں مدینے میں
محمد نام پر سودا سَرِ بازار ہو جائے!

اي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جڏهن محبت اجا وڌيڪ جذبو ڏيارينديِ هئي ته هي به چوندا هئاسين.

جان بھی میں تو دے دوں خدا کی قسم!
کوئی مانگے اگر مصطفٰی کے لئے!

اهو سڀ ڪجهه ٻڌي ڪري (اللهُ عَزَّوَجَلَّ نه ڪري) جو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرض ڪريو هي ارشاد فرمائن: "اي منهنجا غلامو! جيڪڏهن واقعي توهان مون کي ماءُ، پيءُ ۽ مال ۽ اولاد سيني کان وڌيڪ پيارو سمجهندا هيؤ ۽ رڳو منهنجي ئي خاطر دنيا ۾ زنده هيؤ، ۽ پڻ منهنجي نالي تي وڪامجي وڃڻ بلڪ جان ڏيڻ لاءِ تيار هيؤ

ته پوءِ آخر ڪهڙو سبب هيو جو شڪل ۾ صورت منهنجي دشمن جهڙي بڻائي گهمندا هيؤ؟ ڇا توهان تائين منهنجا هي ارشاد نه پهتا هئا:

﴿1﴾ "مُڇون خوب پست (يعني ننڍيون) ڪريو ۽ ڏاڙهين کي مُعافي ڏيو (يعني وڌايو) ۽ يهودين جهڙي صورت نه بڻايو." (شرح معاني الآثار ، للطحاوي ج 4 ص 28) ﴿2﴾ "جيڪو منهنجي سنّت اختيار ڪري، اهو منهنجو ۽ جيڪو منهنجي سنّت کان منهن موڙي، اهو منهنجو ناهي." (ابن عساكر ج 38 ص 127) ﴿3﴾ "جيڪو منهنجي سنّت تي عمل نه ڪري، اهو مون مان ناهي." (سنن ابن ماجه ج 2 ص 406 حديث 1846)

## جيڪڏهن آقا ﷺ رُسي ويا ته........!

فيشن تي قربان ٿيڻ وارؤ! اهي مبارڪ ارشادات ياد ڏيارڻ کان پوءِ جيڪڏهن خدا نه ڪري اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رُسي ويا ته توهان ڇا ڪندؤ؟ ڪنهن جي دروازي تي فرياد ڪندؤ؟ ڪنهن جي دروازي تي شفاعت جي خيرات گهرندؤ؟ ڪير الله عَزَّوَجَلَّ جي قهر ۽ غضب کان بچائڻ وارو هوندو؟ اڃا موقعو آهي، جيستائين ساهه باقي آهي، وقت آهي، جهٽ پٽ توبهه ڪري وٺو، پنهنجي چهري کي پياري پياري ۽ مٺي مٺي آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي مٺي مٺي سنت سان سنواري ڇڏيو، پنهنجي چهري تي محبت جي نشاني سينگاري ڇڏيو. اها خوشفهمي ختم ڪري ڇڏيو. جو اڃا ته عمر ئي ڇا آهي؟ پوءِ رکي وٺنداسين، شاديءَ کان پوءِ ڏٺو ويندو! منهنجا سادا اسلامي ڀائرو! شيطان جي چڪر ۾ نه اچو! هو ڪيترو ئي ويجهي عزيز يا دوست جي زباني توهان کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري ته هينئر تنهنجي عمر ڏاڙهي رکڻ جيتري ناهي، پوءِ رکجانءِ. يقين مڃو اهو شيطان جو وڏو ۽ برو وار آهي. انهيءَ وار سان اُن مردود نه ڄاڻ ڪيترن کي برباد ڪري ڇڏيو. اچو! توهان کي هڪ عبرتناڪ واقعو ٻڌايان ٿو.

## مرڻ کان پهريان شامت

هڪ نوجوان جيڪو لڳ ڀڳ سڄو سال "دعوتِ اسلامي" جي سنّتن ڀريي مدني ماحول سان وابسته

رهيو ۽ ڏاڙهي به سجائي ڇڏيائين. پوءِ خبر ناهي ڇا ٿي ويس! شايد ڪيس خراب دوست ملي ويا. مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ڏاڙهي لاهي ڇڏيائين. جمعرات جو باب المدينه ڪراچي ۾ ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ غير حاضر رهيو. جمعي جي ڏينهن دوستن سان گڏ بابُ المدينه (ڪراچي) جي ساموندي ڪناري تي پڪنڪ منائڻ لاءِ ويو، پر هاءِ! ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي صرف 15 ڏينهن ڪان پوءِ سمنڊ ۾ ٻُڏي ڪري موت جو شڪار ٿي ويو.

ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے     مکیں ہو گئے لا مکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے     زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے!
جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## فيشن پرستن جي صحبت جي نحوست

**ان** مرحوم نوجوان جي عمر اٽڪل 20 سال ٿيندي. کهڙي عمر هئي! بقول ڪنهن جي شايد **ڏاڙهي** رکڻ جي اڃا عمر نه ٿي هئي! ڪٿي انهيءَ ڪري ته انتقال کان رُڳو پندرهن ڏينهن اڳ پنهنجي **ڏاڙهي** صاف نه ڪرائي ڇڏي! نه هرگز نه. بس ويچاري جو نصيب! بُري صحبت جو اثر! الله عَزَّوَجَلَّ ان مرحوم جي بخشش ڪري. اهو ٻُڏڻ وارو نوجوان اسان سڀني کي سمجهائڻ جي لاءِ گهڻو ڪجهه عبرت جو سامان ڇڏي ويو! جيڪو به **دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول** کان پري ٿيڻ جو خيال ڪري يا سير ۽ تفريح جي شوقينن سان دوستيءَ جو رشتو جوڙي، ان کي گهرجي ته اِنهيءَ **عبرتناڪ واقعي** تي چڱيءَ طرح غور ڪري وٺي ته ڪٿي مان به ٻين جي لاءِ عبرت جو سامان نه بڻجي وڃان! ڪٿي ائين نه ٿئي جو منهنجا اهي فيشن پرست دوست پاڻ ته (ناجائز ڪمن ۾) ٻڏن پر منهنجو به ٻيڙو غرق ڪن! ۽ غور ڪريو ته ڪٿي ائين ته ناهي جو منهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ وارا آهن ۽ انهيءَ ڪري شيطان پنهنجو پورو زور مون تي لڳائي رهيو آهي، ڪٿي ڪجهه ڏينهن جي

بُري صحبت جي نُحُوست جي ذريعي هو منهنجي پوري زندگيءَ جي ڪمائيءَ تي پاڻي نہ ڦيري ڇڏي. بي نمازين ۽ فاسقن جي صحبتن ۾ ويهڻ وارؤ! خبردار!! ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ سيپاري 7 سُوْرَةُ الْاَنْعَام جي آيت نمبر 68 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِمَّا یُنْسِیَنَّكَ الشَّیْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۶۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن ڪٿي شيطان توکي وسارائي تہ ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نہ ويهہ.

## ڏاڙهي رُکو مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم جي پسند جي رکو

اي مدني محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا چاهڻ وارؤ! ضد ڇڏيو! پنهنجي جوانيءَ تي ناز نہ ڪريو! دنياوي مجبورين ڪي حيلو نہ بڻايو! اچو! اچو! اي عاشقان رسول! اچو! رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ ڪرم سان چنبڙي وڃو! سندن جي پروردگار ربّ غفّار عَزَّوَجَلَّ کان بہ مغفرت جي خيرات گهرو، ۽ انهن کان بہ معافي گهري وٺو! اها بارگاھ ڪرم واري بارگاھ آهي. اتان ڪان ڪوبہ سوالي مايوس ناهي ويندو. سنّت جي خيرات وٺي ڇڏيو. پنهنجي چهري تان خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ مصطفٰی صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمن جي نُحُوست جي علامت ڪي هميشہ هميشہ جي لاءِ ڌوئي ڇڏيو ۽ پياري پياري سنّت چهري تي سجايو. ۽ ها! خيال رکجو! شيطان وڏو مڪّار ۽ فريبي آهي، ڪٿي ائين نہ ٿئي توهان تہ انگريزن ۽ يهودين ڪان تہ جِند ڇڏائي ۽ ڏاڙهي سجائي ورتي، پر شيطان ٻين طريقن سان وري گهيري وٺي ۽ توهان ڪي ڪٿي فرانسيسين جي قدمن ۾ نہ اچلائي ڇڏي. مطلب اهو تہ ڪٿي "فرينچ ڪٽ" يعني خشخشي ڏاڙهي نہ رکجو جو ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ ڪترائي هڪ مٺ ڪان گهٽ ڪري ڇڏڻ ٻئي حرام آهن. ڏاڙهي رکو ۽ ضرور رکو، پر مٺي مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسند جي رکو يعني هڪ مٺ پوري رکو.

## ڏاڙهي ڪوڙجڻ جون 30 شامتون

فتاويٰ رضويہ جلد 22 ۾ ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ هڪ مُشت کان گهٽائڻ جي مذمت ۾ "لَمعَةُ الضُّحيٰ فِي اِعفَاءِ اللُّحيٰ" نالي هڪ رسالو آهي ان رسالي جي اختتام تي يعني فتاويٰ رضويہ

جلد 22 صفحي 675 کان 676 تي ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ هڪ مُشت کان گهٽائڻ وارن جي باري ۾ قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ 30 سزائن وعيدن، مذمتن جي فهرست تحرير فرمائي آهي: (طوالت جي خوف سان ان جا حوالا حذف ڪري ڇڏيا آهن جنهن کي ڏسڻو هجي اتي ڏسي وٺي) ❁ ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارا الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا نا فرمان آهن ❁ شيطان لعين جا محڪوم (يعني ماتحت) آهن ❁ وڏا بيوقوف آهن ❁ الله عَزَّوَجَلَّ انهن کان بيزار آهي ❁ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بيزار آهن ❁ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اهڙي صورت ڏسڻ سان ڪراهت ايندي آهي ❁ يهودي صورت آهن ❁ نصراني وضع آهن فرنگين سان مُشابہ (يعني ملندڙ) آهن ❁ مجوس (باھ جي پوڄيندڙن) جا پيروڪار آهن ❁ هندوئن جي صورت، مُشرڪن جي سيرت آهن ❁ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي گروھ مان ناهن ❁ انهن، پنهنجي هم صورتن نصاريٰ، يهود، مَجوس ۽ هُنود جي گروھ مان آهن ❁ واجبُ التعذير (يعني لائق سزا) آهن شهر بدر جي قابل آهن ❁ مُبَدِّلِينِ فِطرت (يعني فطرت بدلڻ وارا) آهن مُغَيِّرِ خلق الله (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي بناوت کي بگاڙڻ وارا) آهن ❁ زناني مُخَنَّث (يعني کدڙا) آهن ❁ خدا جا عهد شڪن (واعدي خلاف) آهن ❁ ذليل ۽ خوار آهن ❁ وڏا نفرت لائق آهن ❁ مَردُودُالشَّهادة (يعني گواهي جي لاءِ نالائق) آهن ❁ پورا اسلام ۾ داخل نه ٿيا آهن ❁ هلاڪت ۾ آهن مستحق بربادي آهن ❁ دين ۾ محروم، آخرت ۾ بي نصيب آهن ❁ عذابِ الٰهي جا مُنتَظِر ❁ الله عَزَّوَجَلَّ جا سخت دشمن ۽ مَبغوض آهن ❁ صبح الله عَزَّوَجَلَّ جي غضب ۾ آهن، شام الله عَزَّوَجَلَّ جي غضب ۾ آهن ❁ قيامت جي ڏينهن ان جون صورتون بگاڙيون وينديون ❁ الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا ملعون آهن دنيا ۽ آخرت ۾ ملعون (يعني لعنت ڪيا ويا) آهن الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ملائڪ ۽ بشر (انسان) سيني جي انهن تي لعنت آهي فرشتن انهن جي لعنتي ٿيڻ تي آمين چئي ❁ الله تعالٰي انهن تي نظر رحمت نه فرمائيندو ❁ اهي بهشت (يعني جنت) ۾ نه ويندا ❁ الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي جهنم ۾ داخل فرمائيندو. وَالعِياذُ بِاللهِ تعالٰي (يعني ۽ ان کان الله جي پناھ)

مکرِ شیطاں میں مت آؤ بھائیو! رخ پہ تم داڑھی سجاؤ بھائیو!
چھوڑ دو فیشن مان جاؤ بھائیو! خود کو دوزخ سے بچاؤ بھائیو!
بالیقیں دنیا بڑی ہے بیوفا اس سے تم مت دل لگاؤ بھائیو!

## مان نهايت بگڙيل ڪردار جو مالڪ هئس

مدينہ ۱

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! محبتِ رسول جي نشاني ڏاڙهي وڌائڻ جو جذبو پائڻ، مٿي تي عمامي شريف سجائڻ جو شوق نپائڻ، عشق رسول سان سر شار ٿي زلف رکائڻ جي سنت اپنائڻ جو ذوق نپائڻ، مدني حليي تي استقامت پائڻ ۽ قرآن ڪريم پڙهڻ پڙهائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هردم وابستہ رهو، سنتن ڀري مدني قافلن ۾ سفر جو معمول بڻايو ۽ مدني انعامات جي مطابق پنهنجي زندگي جا ڏينهن رات گذاريو، اوهان جي شوق جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪئي وڃي ٿي، باب المدينہ (ڪراچي) ۾ مقيم هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مدني ماحول سان وابستگي کان پهريان مان نهايت بگڙيل ڪردار جو مالڪ هئس، رات جو دير تائين دوستن جي جهرمٽ ۾ کِل مذاق ۾ مصروف رهندو هئس، نہ تہ والدين جي عزت جو خيال هو نہ ئي پنهنجي قيمتي وقت جي ضايع ٿيڻ جو احساس، منهنجي زندگي ۾ چئني پاسي غفلتن جو راڄ هو، گهر وارا منهنجي حرڪتن جي ڪري سخت پريشان هئا، مون کي سڌارڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندا هئا ڇوتہ نيڪ اولاد سان معاشري ۾ والدين جي بہ نيڪ نامي ٿيندي آهي، هڪ ڏينهن منهنجي ڀاءُ هڪ عاشق رسول سان منهنجي ملاقات ڪرائي، انهن نهايت محبت ڀري انداز سان دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي ۽ مَدرَسةُ المدينہ (براءِ بالغان) ۾ داخلي جي لاءِ رغبت ڏياري ۽ احڪام شريعت تي عمل جون برڪتون ۽ فضيلتون ٻڌايون، ان جي ڀرپور انفرادي ڪوشش دل تي گهڻو اثر ڪيو ۽ مان انڪار نہ ڪري سگهيس، مون مدرسة المدينہ (براءِ بالغان) ۾ داخلا ورتي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدرسة المدينہ (براءِ بالغان)

۾ مون کي درست مخارج سان ۽ حُرُوف جي ادائگي سان قرآنِ مجيد فرقانِ حميد پڙهڻ جي سعادت ملي ۽ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي مطابق زندگي گذارڻ وارن عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان دين سان اهڙي محبت پيدا ٿي وئي جو اڄ جي بگڙيل حالات ۾ جڏهن چئني پاسي فيشن پرستي جو دور آهي مان چهري تي ڏاڙهي شريف ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي نه صرف پاڻ سنتن ڀري زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان بلڪ سنتن جي پرچار جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ هي سٽون لکڻ تائين مون کي ذيلي مشاورت جي نگران جي حيثيت سان مدني ڪمن جي ذميداري مليل آهي.

بُری صحبتوں سے کنارہ کشی کر کے اچھوں کے پاس آکے پاؤ مَدَنی ماحول
تنزّل کے گہرے گڑھے میں تھے اُن کی ترقّی کا باعث بنا مَدَنی ماحول (وسائلِ بخشش ص ٦٠٤)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي جامعات ۽ مدارس جو تعداد

مدينه مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن مدني بهار ۾ انفرادي ڪوشش ۽ مَدْرَسَةُ المدينه (بالغان) جون برڪتون ظاهر آهن جنهن جي ڪري هڪ ڇڙواڳ نوجوان راهِ سنت تي هلي ڪري ٻين کي هلائڻ وارو بڻجي ويو، تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي منهنجي مدني اِلتجا آهي ته پنهنجي علائقي ۾ مَدْرَسَةُ المدينه (بالغان ۽ بالغات) ۾ ضرور داخلا وٺن ۽ قرآن ڪريم نه پڙهيل هجن ته پڙهن ۽ جيڪڏهن تجويد سان پڙهيل آهيو ته پنهنجي تنظيمي ذميدار سان ترڪيب بڻائي ڪري ٻين کي پڙهايو، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ منهنجي معلومات جي مطابق هي سٽون لکڻ وقت تائين (14 رَمَضَانُ المُبارڪ 1432هه 15 اگست 2011) صرف پاڪستان ۾ براءِ حفظ ۽ ناظره مدني مُنن جا تقريباً 766 ۽ مدني مُنين جا 316 مَدارِسُ المدينه هلايا پيا وڃن جنهن ۾ مدني منن ۽ مدني منين کي ملائي ڪري ڪل تعداد 72000 آهي، ۽ اسلامي ڀائرن جا مَدْرَسَةُ المدينه بالغان (عام طور تي عشاء کان پوء 40 منٽ) جو تعداد 3316 آهي ۽ اسلامي ڀينرن

جي مدرسة المدينہ بالِغات (عام طور صبح 8:00 ڪان وٺي عصر تائين مختلف وقتن ۾ 1 ڪلاڪ 12 منٽ) جو تعداد 39938 آهي. ۽ (10 رَجَبُ المُرَجَّب 1432 هـ 2011/6/12) اسلامي ڀائرن جي درس نظامي جي جامعات المدينہ جو تعداد تقريباً 90 ۽ اسلامي ڀينرن جي جامعات المدينہ جو تعداد 72 آهي طلبہ جو تعداد تقريباً 6671 ۽ طالبات جو تعداد 2841 آهي، ان تمام جامعات المدينہ (لِلْبِنِيْن و لِلْبَنَات) ۽ مدارس المدينہ (لِلْبِنِيْن و لِلْبَنَات) ۾ مفت تعليم ڏني ويندي آهي ۽ ان جا اخراجات مُخَيّر اسلامي ڀائرن جي عطيات سان پورا ڪيا ويندا آهن، هر مسلمان ڪي درست قرآن ڪريم پڙهڻ ۽ فرض ديني علوم کان آشنا (يعني واقف) هجڻ ضروري آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن ڪريم جي باري ۾ ٻه اهم مدني گل

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهارشريعت (جلد پهريون) صفحي 545 کان 546 تي آهي: ﴿1﴾ هڪ آيت جو حِفظ ڪرڻ هر مسلمان مُڪَلَّف (يعني عاقل ۽ بالغ) تي فرض عين آهي ۽ پوري قرآن شريف جو حفظ ڪرڻ فرض ڪِفايہ ۽ سورة فاتحہ ۽ هڪ ٻي ننڍي سورة يا ان جي مثل ٽي ننڍيون آيتون يا هڪ وڏي آيت جو حِفظ واجبِ عَين آهي. (درمختار ج 2 ص 315) ﴿2﴾ بقدر ضرورت فِقہ جي مسئلن جو ڄاڻڻ فرضِ عَين آهي ۽ حاجت کان وڌيڪ (مسئلا) سکڻ حِفظِ جميع قرآن (يعني حافظ قرآن بڻائڻ) کان افضل آهي. (ردالمحتار ج 2 ص 315)

يہی ہے آرزو تعلیم قرآں عام ہوجائے

تلاوت کرنا اپنا کام صبح و شام ہوجائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا فيشن پرست ئي معزز آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مقام غور آهي! ڇا اڄ دنيا کي "تمام وڏي شيء" نه پيو سمجهيو وڃي؟ ڇا اڄڪلهه جي مسلمانن جي اڪثريت جي دلين مان اسلام جي حقيقي هيبت نڪرندي نه پئي وڃي؟ ڇا نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ ترڪ نه ڪيو ويو آهي؟ ڇا پاڻ ۾ گارگند جو سلسلو زور تي ناهي؟ صد ڪروڙ افسوس! اڄ وڏي تعداد جي زندگي جو انداز اهو پيو ٻڌائي ته دنيا کي آخرت تي ترجيح ڏني پئي وڃي، شريعت ۽ سنّت کان ماڻهو مَعَاذَ الله پري ٿيندا پيا وڃن سنّتن کان اها دوري ۽ فرنگي فيشن جو جنون آخر ان معاشري کي ڪٿي وٺي ويندو!

## دنيا جي محبت تمام گناهن جي جڙ آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هوش ۾ اچو، ۽ مرڻ کان پهريان سنڀلجي وڃو! يقين ڄاڻو! هي سڀ تباهي دنيا جي محبت ئي مچائي آهي، دنيا جي محبت جي سبب اڄ ماڻهو سنتن کان پري ٿي ويا آهن، سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: حُبُّ الدُّنْيَا رَأْسُ كُلِّ خَطِيْئَةٍ يعني دنيا جي محبت تمام گناهن جي جڙ آهي. (ڪتاب ذم الدنيا مع موسوعة الامام ابن ابي الدنيا ج 5 ص 22 حديث 9) صد ڪروڙ افسوس! جنّت جي لازوال نعمتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ معمولي گهريلو آسائشون ڇڏي ڪري فقط ڪجهه ڏينهن جي لاءِ سنّتن جي تربيت جي خاطر راهِ خدا ۾ سفر جي لاءِ اڄ اسان تيار نٿا ٿيون جڏهن ته عارضي دولت ڪمائڻ جي لاءِ پنهنجي گهر وارن کان سالن جا سال هزارين ميل پري رهڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃون ٿا، ڇا مسلمانن جي ديني اعتبار سان بربادي ۽ غير مسلمن جو ان تي حاوي ٿيڻ، مسجدن جي ويراني، سينما گهرن ۽ عيش ۽ نشاط جي اڏن جي آبادي، فرنگي تهذيب جي يلغار، مغربي فيشن جي ڀرمار، فلمون ڊراما ڏسڻ جي لاءِ گهر گهر ٽي وي، ڪيبل سسٽم، انٽرنيٽ، ۽ وي سي آر، هر پاسي گناهن جو گرم بازار ۽ مسلمانن جي وڏي اڪثريت جو بگڙيل ڪردار هي سڀ اسان کي پڪاري پڪاري ڪري دعوت فڪر ناهي ڏئي رهيو ته "مون کي پنهنجي

۾ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ مدني قافلن جو مسافر ضرور بالضرور بڻجڻ گهرجي" اڄ اسان ڪي زندگي ۾ يڪمشت 12 مهينا ۽ هر 12 مهينن ۾ 30 ڏينهن ۽ سڄي عمر جي لاءِ هر مهيني 3 ڏينهن جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بيحد مشڪل محسوس ٿيندو آهي، سوچيو ته سهي! جيڪڏهن اسان مان هر هڪ پنهنجي مجبورين ۾ ڦاسي وڃي ته آخر ڪير ان مدني قافلن ۾ سفر ڪندو؟ ڪير سڄي دنيا جي ماڻهن تائين نيڪي جي دعوت پهچائيندو؟ تاجدارِ مدينه صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جي پياري پياري اُمت جي خيرخواهي ڪير ڪندو؟ ڪير غيرن جي طور طريقي تي هلندي فخر ڪرڻ وارن نادان مسلمانن ڪي سنتن جو پيڪر بڻجڻ جو ذهن ڏيندو؟ ڪير هي مدني مقصد اپنائڻ جي ترغيب ڏيندو ته "مون ڪي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ. اي ڪاش! هر اسلامي ڀاءُ هي نيّت ڪري ته زندگي ۾ يڪمشت 12 مهينا ۽ هر 12 مهينن ۾ 30 ڏينهن ۽ سڄي عمر جي لاءِ هر مهيني 3 ڏينهن جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر اختيار ڪندس اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ

مدني قافلي جون برڪتون سمجهڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار ملاحظه فرمايو:

## بدترين عزيزترين ڪيئن بڻيو؟ [1]

لاسي ڳوٺ (باب المدينه ڪراچي) جي مقيم اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه هينئن آهي: مان بيحد بگڙيل انسان هئس، فلمن ڊرامن جو شوقين هئڻ سان گڏوگڏ رولو ڇوڪرن سان دوستي ۽ سڄي رات انهن سان گڏ آواره گردي ڪرڻ منهنجي معمولات ۾ شامل هيو، منهنجين برين حرڪتن جي ڪري نه صرف خاندان جا ماڻهو بلڪ منهنجا والدين به مون کان لهرائيندا، گهر ۾ اچڻ کان گهٻرائيندا ۽ ايسيتائين جو ڀين ڪي به منهنجي صحبت جي نحوست کان بچڻ جي تلقين فرمائيندا هئا، معاملو انهيءَ حد تائين وڃي پهتو جو والد صاحب مون ڪي گهران ڪڍڻ جي لاءِ تيار ٿي چڪا هئا، منهنجي گناهن

پري اجڙيل زندگي جي، صبح بهاران ٿيڻ جو سبب هي ٿيو جو هڪ مبلغ دعوت اسلامي نهايت ئي شفقت سان **انفرادي ڪوشش** ڪندي مون کي دعوت اسلامي جي تحت پاڪستان جي مشهور شهر ڪوئٽه ۾ صوبائي سطح تي ٿيڻ واري ٻن ڏينهن جي **سنّتن ڀري اجتماع** ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، مون معاملو والد صاحب جي اجازت تي ڇڏي ڏنو، **نيڪي جي دعوت** جي جذبي سان سرشار عاشق رسول اسلامي ڀاء منهنجي ان فيصلي کي ٻڌي ڪري خوشي مان جهومڻ لڳو ڇو ته والد صاحب پهريان ئي دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان گهڻي محبت ڪندا هئا، موقعو ملندي ان مبلغ دعوت اسلامي والد صاحب تي انفرادي ڪوشش ڪندي منهنجي اجتماع ۾ شرڪت جي اجازت گهري، والد صاحب منهنجي اصلاح جو ذريعو سمجهندي اخراجات ڏئي اجتماع ۾ وڃڻ جي خوشي سان اجازت ڏني، مقرر تاريخ تي **عاشقان رسول** سان گڏ اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت نصيب ٿي، اجتماع ۾ ٿيڻ وارا سنتن ڀريا بيان، ذڪرالله ۽ رقت انگيز دعا منهنجي دل ۾ هلچل مچائي ڇڏي، مدني قافلي ۾ سفر جي دعوت ملڻ تي هٿو هٿ عاشقان رسول سان گڏ دعوت اسلامي جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ عاشقان رسول جي صحبتن ۽ شفقتن مون سياهه ڪار ۽ بدڪار جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، گناهن کان توبه جو تحفو ۽ سنتن ڀري مدني لباس جو جذبو مليو، والدين جي حق تلفين جي معافي گهرڻ جو ذهن بڻيو، چهري تي سنت مصطفيٰ يعني ڏاڙهي شريف ۽ سبز سبز عمامي شريف سجائڻ جي نيت ڪئي، **مدني قافلي** کان واپسي تي گهر ۾ داخل ٿيندي ئي والد صاحب جي قدمن تي ڪري پيس ۽ انهن کان روئي روئي ڪري معافي طلب ڪئي، اهڙي طرح مون جهڙو گنهگار ۽ ابوالفُضُول سنتن جا مدني گل لٽائڻ ۾ مشغول ٿي ويو، ڪلهه تائين جيڪي مائٽ عزيز مون کي ڏسي ڪترائيندا هئا، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ هاڻي اهي مون کي گلي لڳائيندا آهن، ڪلهه تائين خاندان ۾ بدترين هئس اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي

مدني ماحول جي برڪت سان اڄ انهن وٽ ”عزيز ترين“ بڻجي ويو آهيان.

جب تک بِکے نہ تھے کوئی پوچھتا نہ تھا
تم نے خرید کر مجھے اَنمول کردیا!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گهروارن کي نيڪي جي دعوت جي تاڪيد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! عاشق رسول جي انفرادي ڪوشش رنگ لاتو ۽ معاشري جي هڪ ناسور نما بدترين انسان سيني جي اکين جو تارو ۽ عزيز ترين مسلمان بڻجي ويو، اسان سيئي جيڪڏهن هر ملڻ واري کي نماز جي تلقين ڪيون، سنتن جي اجتماع جي دعوت ڏيون ۽ مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏيندا رهون ته ڏسندي ئي ڏسندي معاشري ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويندو! خاص ڪري پنهنجي گهروارن کي به نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ گناهن کان بچائڻ گهرجي جيئن حضرت سيِّدُنا زيد بن اسلم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته سرڪار مدينه، راحت قلب و سينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هي آيت شريف تلاوت فرمائي:

قُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا (پ۲۸، التحريم:٦)

ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهروارن کي ان باهه کان بچايو.

صحابه ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان پنهنجي گهر وارن کي ڪيئن باهه کان بچايون؟ حضورِ پُر نور، شافِعِ يَومُ النُّشور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: انهن کي ان ڪمن جو حڪم ڏيو جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ کي محبوب آهن ۽ انهن کان منع ڪريو جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ کي ناپسند آهن. (تفسير درمنثور ج 8 ص 225)

## خوف خدا جي ايمان افروز حڪايت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديث پاڪ ۾ اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سيپاري 28 سُوْرَۃُ التَّحْرِيْم جي آيت نمبر 6 جو جيڪو حصو تلاوت فرمايو ان جي تفسير کان پهريان هڪ ايمان افروز حڪايت سماعت فرمايو، جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي

اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1012 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جهنم ميں لے جانے والے اعمال" جلد 2 صفحي 881 تي آهي: حضرت سيِّدُنا ابن عباس رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا تہ جڏهن الله تعاليٰ مني مني آقا مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي اها آيت شريف نازل فرمائي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ

(پ۲۸، التحريم:٦)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهہ کان بچايو جنهن جو پارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.

تہ شهنشاهہ مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي سامهون تلاوت فرمائي تہ هڪ نوجوان غش ڪائي ڪري پيو، پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جي دل تي پنهنجو مبارڪ هٿ رکيو تہ اها حرڪت ڪري رهي هئي، پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "اي نوجوان! لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چئو." ان چيو تہ پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي جنّت جي بشارت (يعني خوشخبري) ڏني صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا اسان جي وچ ۾؟ (يعني اسان مان ڪنهن ٻي جي حالت اها ٿئي تہ؟) پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ڇا توهان الله عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان ناهي ٻڌو:

ذٰلِكَ لِمَنْ خَافَ مَقَامِيْ وَخَافَ وَعِيْدِ ﴿۱۴﴾

(پ۱۳، ابراهيم:١٤)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اهو انهيءَ جي واسطي آهي جيڪو منهنجي دربار ۾ بيهڻ کان ڊڄي ۽ منهنجي عذاب جي حڪم کان خوف ڪيائين.

(المستدرڪ للحاڪم ج 3 ص 93 حديث 3390 الزواجر ج 2 ص 471)

## عذاب کان ڪيئن بچايون؟

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي خزائنُ العِرفان ۾ هن آيت شريف يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا جي تحت فرمائن ٿا: "الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري اختيار ڪري، عبادتون ادا ڪري، گناهن کان پاسو ڪري ۽ گهر وارن کي نيڪي جي هدايت ۽ بدي سان ممانعت ڪري انهن

ڪي علم ۽ ادب سکاري ڪري" (اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهہ کان بچايو)

## گهروارن کي نيڪي جون ڳالهيون پڙهايو

حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المُرتَضيٰ شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم بيان ڪيل آيت شريف تحت فرمائن ٿا: پاڻ بہ ڀلائي جون ڳالهيون سکو ۽ پنهنجي گهروارن کي بہ نيڪي جون ڳالهيون ۽ ادب سيکاريو. (جمع الجوامع للسيوطي ج 13 ص 244 حديث 6776)

## بالغ اولاد جي اصلاح جي باري ۾ اعليٰ حضرت جو فتويٰ

فتاويٰ رضويہ جلد 24 صفحي 370 تان هڪ معلوماتي فتويٰ آسان ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ملاحظہ فرمايو: **سوال**: بالغ اولاد کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ والدين تي فرض آهي يا واجب؟ **الجواب**: جنهن فعل (ڪم) جي جيڪا شرعي حيثيت آهي والدين جي لاءِ اصلاح جي بابت شرعاً اهو ئي حڪم آهي يعني فرض تي فرض، واجب تي واجب، سنّت تي سنّت، مُستَحب تي مُستَحب، پر قدرت جو شرط آهي بقدر قدرت، مَنفَعَت جي اميد سان (يعني جيتري قدرت هجي ان جي مطابق اصلاح جي ڳالهہ ڪيون جڏهن تہ نفعي جي اميد هجي) نہ تہ (قرآني حڪم واضح آهي)

عَلَيْكُمْ اَنْفُسَكُمْ ۚ لَا يَضُرُّكُمْ مَّنْ ضَلَّ اِذَا اهْتَدَيْتُمْ ؕ (پ ۷ المائدة: ۱۰۵)

**ترجمو ڪنزالايمان**: اي ايمان وارؤ! توهان پنهنجو فڪر رکو، توهان جو ڪو نقصان نہ ڪندو جيڪو گمراهہ ٿيو جڏهن توهان راهہ تي هجو.

(فتاويٰ رضويہ ج 24 ص 370)

## جهنم جو تعارف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي پنهنجي ۽ پنهنجي گهروارن جي اصلاح تي خاص تَوَجُّه ڏيندي پاڻ کي، ۽ انهن کي جهنم جي اونداهي ۽ خوفناڪ کاري باهہ کان بچائڻ جي مسلسل ڪوشش جاري رکڻ گهرجي، خدا جو قسم! جهنم جي باهہ بيحد شديد آهي! ان کي ڪنهن صورت ۾ ڪو برداشت نہ ڪري سگهندو. فرض نماز، روزه، زڪواة ۽ حج ۾ ڪوتاهي ڪرڻ

وارن، ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارن، پنهنجي اولاد جي شريعت ۽ سنّت جي مطابق تربيت نہ ڪرڻ وارن، پنهنجي پٽن کي ڏاڙهي رکڻ کان روڪڻ وارن ۽ پاڻ بہ ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارن، ڏاڙهي کي هڪ مُشت کان گهٽائڻ وارن، ملاوٽ وارو مال دوکي سان گراهڪ کي ڏيڻ وارن، دوکو ڪري سودو هلائڻ وارن، چورن، ڌاڙيلن، جيب ڪترن، ٽي وي (T.V)، وي سي آر (V.C.R) ۽ انٽرنيٽ (Internet) تي فلمون ڏسڻ وارن، گانا باجا ٻڌڻ وارن، پنهنجي گهروارن کي ان جي سهولت فراهم ڪرڻ وارن، پنهنجي گهرن تي فلمون ڏسڻ جي لاءِ ڊش انٽينا (Dish Antenna) لڳائڻ وارن، ماڻهن کي فلمن جي ليڊ (Lead) يا ڪيبل (Cable) ڏيڻ وارن! ۽ طرح طرح سان گناهن جو بازار گرم ڪرڻ وارن جي لاءِ ڳڻتي جو مقام آهي، يقين ڪيو! جهنم جي اونداهي ۾ ٻڏل ڪاري ڪاري باهہ برداشت نہ ٿي سگهندي، ترمذي شريف ۾ حضرت سيِّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ، راحت قلب و سينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان عبرت نشان آهي: دوزخ جي باهہ هزار سال ٻاري وئي ايستائين جو اها لال ٿي وئي وري هزار سال ڀڙڪائي وئي ايستائين جو سفيد ٿي وئي وري هزار سال ڀڙڪائي وئي ايستائين جو سياهہ (يعني ڪاري) ٿي وئي هاڻي اها نهايت ڪاري آهي. (سنن ترمذي ج 4 ص 266 حديث 2600)

## جهنم جي دهشتناڪ ڪهاڻي جبرئيل جي زباني

خدا جو قسم! جهنم جو عذاب ڪنهن کان بہ برداشت نہ ٿيندو، حضرت سيِّدُنا امام حافظ ابوالقاسم سُليمان طَبَراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي نقل ڪندا آهن: هڪ ڀيري نبيِّ اَڪرم، رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي عاليشان دربار ۾ حضرت جبرئيل علیہ السّلام حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيو: يارسولَ الله صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم! ان ذات جو قسم! جنهن پاڻ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم کي نبي برحق بڻائي ڪري موڪليو آهي، جيڪڏهن جهنم کي سوئي جي سوراخ برابر کوليو وڃي تہ تمام زمين وارا ان جي گرمي کان مري وڃن، جيڪڏهن جهنم وارن جو هڪ ڪپڙو

زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ لٽڪايو وڃي ته تمام زمين وارا موت جي گهاٽ لهي وڃن، آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ان ذات جو قسم! جنهن اوهان کي حق سان گڏ مَبعُوث فرمايو جيڪڏهن جهنم تي مقرر فرشتن مان **هڪ فرشتو** دنيا وارن جي سامهون ظاهر ٿي وڃي ته ان جي هَيبَت سان سڄي زمين وارا مري وڃن، سرڪار! ان ذات جو قسم! جنهن اوهان کي رسول بر حق بڻائي موڪليو آهي، جهنم جي زنجيرن جو هڪ حلقو (يعني ڪڙو) جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي جيڪڏهن ان کي دنيا جي جبلن تي رکيو وڃي ته اهي به ذرا ذرا ٿي وڃن ۽ تحتَ الثَّريٰ (يعني ستين زمين جي هيٺان) وڃي پهچن. نبيِّ اَکرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي جبرئيل (عَلَيْهِ السَّلَام)! بس ڪيو ايترو تذڪرو ڪافي آهي، ڪٿي ائين نه ٿئي جو منهنجي دل نه ڦاٽي پوي ۽ مان وفات نه ڪري وڃان، **پياري آقا** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **سيِّدُنا جبرئيل** امين (عَلَيْهِ السَّلَام) کي ملاحظ فرمايو ته روئي رهيا آهن، فرمايو: اي جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام! توهان ڇو روئي رهيا آهيو؟ بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ اوهان کي هڪ خاص مقام حاصل آهي، عرض ڪيو: يا رسول الله (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) مان ڇو نه روئان، ڪٿي ائين نه ٿئي جو علمِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ موجوده حال جي بدران منهنجو ڪو ٻيو حال هجي، ڪٿي ابليس جيان مون کي به امتحان ۾ نه وڌو وڃي، ڪٿي هاروت ۽ ماروت جيان مون کي به آزمائش ۾ مبتلا نه ڪيو وڃي.

راوي ٻڌائن ٿا، رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم به روئڻ لڳا، حضرت سيِّدُنا **جبرئيل** (عَلَيْهِ السَّلَام) به روئي رهيا هئا، ٻئي حضرات روئيندا رهيا، آخرڪار آواز آيو: ”**اي جبرئيل** (عَلَيْهِ السَّلَام)! **اي محمد** (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) الله تبارڪ و تعاليٰ اوهان ٻنهي کي پنهنجي نافرماني کان محفوظ ڪري ورتو آهي.“ سيِّدُنا جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام آسمان ڏانهن پرواز ڪري ويا، مدينه جا تاجوَر، شاهِ بَحر و بَر، رسول انور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻاهر تشريف وٺي آيا، ڪجهه صحابه ڪرام (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جي ويجهو کان گذريا جيڪي کلي ۽ ڪيڏي رهيا هئا، فرمايائون: ”توهان کلي رهيا آهيو ۽ توهان جي پويان جهنم

آهي، جيڪڏهن توهان اهي ڳالهيون ڄاڻو ها جيڪي مان ڄاڻان ٿو تہ توهان گهٽ کِلو ها ۽ وڌيڪ روئو ها، ۽ توهان ڪاٺڻ پيئڻ ڇڏي ڏيو ها ۽ جبلن ڏانهن نڪري وڃو ها ۽ خوب مشقتون برداشت ڪري عبادت الٰهي بجا آڻيو ها" آواز آيو: اي محمد (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) منهنجي ٻانهن کي مايوس نہ ڪيو، مون اوهان کي خوشخبري ڏيڻ وارو بڻائي موڪليو آهي ۽ تنگي ڪرڻ وارو نہ بڻائي موڪليو آهي، رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: سڌي راهہ تي هلو ۽ مياني رَوِي (يعني وچٿري راهہ) اختيار ڪريو. (المعجم الاوسط للطبراني ج 2 ص 78 حديث 2583)

## افسوس! اسان جي دل ناهي لرزندي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو تہ اسان جا مٺا مٺا آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم معصوم بلڪ سيِّدُ المعصُومين ٿي ڪري بہ ۽ سيِّدُنا جبرئيل امين (عَلَيْهِ السَّلَام) بہ معصوم ۽ معصوم فِرشتن جا آقا هجڻ جي باوجود جهنَّم جي عذاب جو تذڪرو ٿيڻ تي خوفِ خدا ۾ آهہ و زاري فرمائن، ۽ هڪ اسان آهيون جو گناهہ مٿان گناهہ ڪندا وڃون پر جهنَّم جو هولناڪ تذڪرو ٻڌي بہ دل نہ تڙپي، ۽ نہ ئي اسان جو هنيانءُ ڏڪي ۽ نہ ئي ڳوڙها وهن، افسوس! عذابِ جهنَّم جون خوفناڪ ڳالهيون ٻڌي ڪري بہ نہ پشيماني آهي نہ ئي پريشاني، نہ شرمندگي آهي نہ ئي ندامت.

ندامت سے گناہوں کا اِزالہ کچھ تو ہو جاتا
ہمیں رونا بھی تو آتا نہیں ہائے ندامت سے (وسائلِ بخشش ص۲۳۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رات جي تنهائي ۾ آيتون ٻڌي ڪري وفات

اسان جي بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين جي اها حالت هوندي هئي جو جهنَّم جو تذڪرو ٻڌي ڪري يا جهنَّم جي عذابن جي بيان تي مشتمل قرآني آيتون ٻڌي ڪري بيهوش ٿي ويندا هئا بلڪ بعض جا تہ روح بہ نڪري ويندا هئا جيئن حضرت منصور بن عمار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حج جي سفر دوران ڪوفي جي هڪ گهٽي ۾ ترسيل هئس،

اونداهي رات ۾ ڪنهن ضرورت ڪارڻ نڪتس، هڪ گهر مان رقت انگيز مُناجات جو ڪجهه اهڙي طرح آواز ٻڌو: اي منهنجا پروردگار تنهنجي عزت ۽ تنهنجي جلال جو قسم! مون پنهنجي مَعصِيَت ۾ تنهنجي مخالفت جو ارادو نه ڪيو هو، ها ايترو ضرور آهي جو گناهه ڪندي وقت تون ڪان اڻ واقف به نه هئس، بس مون کان گناهه ٿي ويو آهي ۽ مون کي تنهنجي ڍِر ڏيڻ واري پرده پوشي گناهه تي دلير ڪيو آهي، ۽ منهنجي بدبختي گناهه تي منهنجي مدد ڪئي ۽ مان ناداني جي سبب نافرماني ۾ مبتلا ٿي ويس، هاڻي مان تنهنجي فضل ڪان اميد رکان ٿو ته تون منهنجو عذر قبول فرمائيندين، هاڻي تو منهنجي معذرت قبول نه ڪئي ۽ مون تي رحم نه فرمايو ته هاءِ عذاب ۾ منهنجي غم جو اضافو! جڏهن اهو خاموش ٿيو ته مون سيپاري 28 سُوْرَةُ التَّحْرِيْم جي ڇهين آيت شريف پڙهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ عَلَيْهَا مَلٰٓىٕكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَاۤ اَمَرَهُمْ وَ يَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ ۝

(پ: 28، التحريم: 6)

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهه کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن. ان تي سخت طاقتور ملائڪ مقرر آهن جيڪي الله جي حڪم جي نافرماني نه ڪندا آهن ۽ جيڪي انهن کي حڪم هجي سو ئي ڪندا آهن.

آيت شريف پڙهڻ کان پوءِ مون هڪ وڏي رَڙ ۽ ڏڪڻ سان ڪِرڻ جو آواز ٻڌو ۽ ان کان پوءِ خاموشي طاري ٿي وئي ۽ ڪنهن قسم جي چُر پُر جو آواز محسوس نه ٿيو، پوءِ مان پنهنجو ڪم پورو ڪري پنهنجي قيام گاهه تي واپس موٽيس، جڏهن مان صبح جو ان پاسي ويس ته ماڻهو تعزيت جي لاءِ جمع هئا ۽ روئڻ جو آواز به اچي رهيو هو، اتي مون هڪ ڪمزور پوڙهيءَ ڏٺي جيڪا چئي رهي هئي: الله تعاليٰ منهنجي پٽ جي قاتل کي جزاءِ خير نه ڏئي ان منهنجي پٽ وٽ عذابِ الٰهي جي بيان تي مشتمل آيت شريف تلاوت ڪئي: جنهن کي برداشت نه ڪندي اهو

خوفِ خدا سبب ڪريو ۽ فوت ٿي ويو، حضرت منصور بن عمار رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ چون ٿا: ان رات مون خواب ۾ هڪ شخص ڏٺو جيڪو مون کي چئي رهيو هو: مان ئي اهو شخص هئس جنهن اوهان جي زباني سورة التحريم جي ڇهين آيت ٻڌي ڪري خوفِ خدا جي سبب دم ڏنو هو، مون پڇا ڪئي: ما فعل الله بك؟ الله تعالٰي اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان جواب ڏنو: الله عزوجل مون سان اهو ڪيو جيڪو شهداءِ بدر سان ڪيو، مون پڇا ڪئي اهو ڪيئن؟ ان چيو: انهي ڪري جو الله عزوجل انهن کي ڪافرن جي تلوار سان شهيد ڪيو ۽ مون کي پنهنجي عشق جي تلوار سان.

(بتغير مواعظ حسنہ ص 42، 43)

خُدایا ترے خوف کا ہوں میں سائل — سدا دل رہے تیری اُلفت میں گھائل
گناہوں سے ہر آن ڈرتا رہوں میں — فقط نیک ہی کام کرتا رہوں میں
تُو کر دے گزر مجھ کو ہر معصیت سے — نواز اے خدائے کریم مغفرت سے

اٰمین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمین صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گهروارن کي به نيڪي جي دعوت ڏيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! خائِفِين (يعني الله کان ڊڄڻ وارن) جو به ڇا شان هوندو آهي! جنهن آيت شريف کي ٻڌي ڪري خوفِ خدا رکڻ واري ڀائهي دم ڏنو ان ۾ پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر وارن کي به جهنم جي باهه کان بچائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، هر هڪ کي گهرجي ته پاڻ به نيڪيون ڪري گناهن کان بچي، ۽ گهر وارن جي اصلاح جو سامان ڪندو رهي، حضرت علامه قُرطُبي علیہ رحمۃ اللہ القوي حضرت سيّدُنا اَلكِيا رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جو قول نقل فرمايو: اسان تي فرض آهي ته پنهنجي اولاد ۽ پنهنجي گهروارن کي دين جي تعليم ڏيون، چڱيون ڳالهيون سيکاريون ۽ ان ادب ۽ هنر جي تعليم ڏيون جنهن کان سواءِ چارو ناهي.

(تفسير قرطبي ج 9 ص 148)

## ٻار کي سڀ کان پهريان دين سيکاريو

صدرُالشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: سڀ کان مقدم هي آهي تہ ٻارن کي قرآن شريف پڙهايو ۽ دين جون ضروري ڳالهيون سيکاريون وڃن روزو، نماز، طهارت ۽ بَيع ۽ اِجاره (يعني خريد وڪرو ۽ اُجرت جي لين دين) ۽ ٻين معاملن جا مسائل جنهن جي روزانو حاجت پوندي آهي ۽ ناواقفي سبب خلافِ شرع عمل ڪرڻ جي جرم ۾ مبتلا ٿيندا آهن ان جي تعليم ٿئي، جيڪڏهن ڏسن تہ ٻار کي علم ڏانهن لاڙو آهي ۽ سمجهہ دار آهي تہ علم دين جي خدمت کان وڌيڪ ڪهڙو ڪم آهي ۽ جيڪڏهن اِستِطاعت نہ هجي تہ تصحيح ۽ تعليم عقائد ۽ ضروري مسائل جي تعليم کان پوءِ جنهن جائز ڪم ۾ لڳايو اختيار آهي. (بهارشريعت ج 2 ص 256) ڇوڪريءَ کي بہ عقائد، ضروري مسائل سيکارڻ کان پوءِ ڪنهن عورت کان سلائي ۽ نقش و نگار وغيره جو اهڙو ڪم سيکاريو جنهن جي عورتن کي اڪثر ضرورت پوندي آهي ۽ رڌ پچائڻ ۽ ٻين گهريلو ڪمن ۾ ان کي سليقو سيکارڻ جي ڪوشش ڪيو جو سليقي واري عورت جنهن خوبي سان زندگي بسر ڪري سگهي ٿي بدسليقہ اهو نٿي ڪري سگهي.

(ايضاً ص 257 ردالمحتار ج 5 ص 279)

## اولاد کي سخاوت ۽ احسان جي تعليم ڏيڻ واجب آهي

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهار شريعت جلد 3 صفحي 68 تي آهي: امام ابو مَنصور ماتُريدي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: مؤمن تي پنهنجي اولاد کي جُود (يعني سخاوت) ۽ احسان جي تعليم ائين ئي واجب آهي جيئن توحيد ۽ ايمان جي تعليم واجب آهي ڇو تہ جُود ۽ احسان جي ڪري دنيا جي محبت پري ٿيندي آهي ۽ دنيا جي محبت هر گناهہ جي جڙ آهي.

(درمختار ج 8 ص 568)

## بي اولاد کي جڏهن اولاد مليو

چيو وڃي ٿو: هڪ مالدار شخص کي اولاد نه هيو، هن ان جي لاءِ وڏا جتن ڪيا پر ڪاميابي نه ملي ڪنهن مشورو ڏنو ته مڪي شريف زادھا اللہ شرفاً وتعظیماً حاضر ٿي ۽ مسجد الحرام شريف جي اندر مقام ابراهيم وٽ دعا گهرو ان شآءَ الله عزّوجلّ اوهان جو ڪم ٿي ويندو، ان ائين ئي ڪيو الله عزّوجلّ ان کي چند جهڙو پٽ ڏنو، ان وڏي چاهه ۽ لاڏ سان ان جي پرورش ڪئي، اڪيلي اولاد کي ضرورت کان وڌيڪ پيار مليو ۽ درست تربيت نه ڪئي وئي، جنهن جي ڪري اهو آواره ۽ فضول خرچ ٿي ويو، پيءُ کي گهڻي دير کان پوءِ هوش آيو، ان پنهنجي بگڙيل پٽ کي پيسا ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا، انهيءَ ڪري اهو پنهنجي پيءُ جو مخالف ٿي ويو ۽ جتي ان جي پيءُ اولاد جي لاءِ دعا گهري جنهن جو هي نتيجو هو، اتي ئي يعني مڪي شريف زادھا اللہ شرفاً وتعظیماً ۾ حاضر ٿي ڪري مقام ابراهيم وٽ نالائق پٽ پنهنجي پيءُ جي مرڻ جي دعا گهرڻ لڳو ته جيئن پيءُ جي موت جي صورت ۾ ان جو ترڪو (يعني ورثي) ۾ ان کي دولت هٿ اچي وڃي.

## اولاد جي طلبگارن جي لاءِ نيڪي جي دعوت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي ماڻهو بي اولادي جي ڳالهه ڪندا آهن! انهن جي لاءِ ان حڪايت ۾ عبرت ئي عبرت آهي، الله عزّوجلّ کان صرف ”اولاد“ جو نه عافيّت واري اولاد جو سوال ڪرڻ گهرجي، نه ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو اولاد ته هجي پر سخت بيمار هجي يا معذور هجي يا آپريشن سان اچي يا ايندي ئي پنهنجي ماءُ جي موت جو سبب بڻجي، جيئن پهرين ويم ۾ ڪيئي مائرون فوت ٿي وينديون آهن وغيره، ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو ٻار وڏو ٿي ڪري بي نمازي بڻجي ويندو، ماءُ پيءُ کي ستائيندو آهي بري صحبت جي ڪري مُنَشِّيات (يعني نشي) جو عادي ٿي ويندو آهي، يا چور ڌاڙيل بڻجي ڪري معاشري ۾ اُڀرندو آهي يا بد عقيده ماڻهن جي صحبت جي ڪري بدمذهب ٿي ويندو آهي ايستائين جو ڪڏهن ڪڏهن

مَعَاذَالله گستاخ رسول بڻجي ڪري يا صريح ڪفر بڪي ڪري يا اسلام ڪان مُنحَرِف (يعني باغي) ٿي ڪري مُرتّد ٿي ويندو آهي، بهرحال ڪنهن جو دنيا ۾ "اڇڻ" دنيا ۽ آخرت جي گهڻن گهڻن امتحانن ۾ مبتلا ٿي وڃڻ آهي، انهي ضمن ۾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 692 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ڪفريہ ڪلمات ڪے بارے میں سوال جواب" صفحي 5 کان 6 تي ڏنل مضمون نهايت عبرت انگيز آهي، تصرف سان پيش آهي: حديث پاڪ ۾ ڪثرتِ اُمت جي ترغيب ڏياري وئي آهي ۽ اسان جا پيارا پيارا آقا، مصطفيٰ جان رحمت صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم قيامت جي ڏينهن هن اُمت جي گهڻائي تي خوش ٿيندا ۽ ٻين اُمتن تي فخر ڪندا تنهنڪري اولاد جي حصول جي خواهش دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ سٺيون سٺيون نيتون ڪرڻ گهرجن، اڄ دنيا ۾ جيڪو بي اولاد دل جلائي ٿو ۽ اولاد حاصل ڪرڻ جي لاءِ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا حيلا ڪندو آهي، جيڪڏهن ان جو مَطمَح نظر (يعني مقصدِ اصلي) فقط گهر جي زينت ۽ دنيا جي راحت آهي، حصول اولاد سان ان جو مقصد آخرت جي نفعي جي ڪا سٺي نيت ناهي، ته اهڙو بي اولاد ماڻهو ڄاڻي واڻي "ڪنهن جي دنيا ۾ پيدا ٿيڻ ۽ وڏي امتحان ۾ مبتلا ٿيڻ جي آرزو ڪري رهيو آهي!" منهنجي هي ڳالهه شايد اهو شخص سمجهي سگهي ٿو جيڪو "بري خاتمي جي خوف" ۾ مبتلا هجي، هڪ خائِف بزرگ حضرت سيدنا فُضَيل بن عِياض رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي فرمان جو خلاصو آهي: مون کي وڏي وڏي نيڪ ٻانهي تي رشڪ ناهي ايندو جيڪو قيامت جي هولناڪين جو مشاهدو ڪندو، مون کي صرف ان تي رشڪ ايندو آهي جيڪو "ڪجهه بہ نہ" هجي. (يعني پيدا ئي نہ ٿيو) (حِليةُ الاولياء ج 8 ص 93 رقم 11470 ملخصاً) اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا فاروق اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ خوف جي غلبي وقت فرمايائون: ڪاش! مون کي منهنجي امان نہ ڄڻي ها! (الطبقات الكُبرىٰ لابن سعد ج 3 ص 274)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم

کاش! کہ میں دُنیا میں پیدا نہ ہُوا ہوتا　　قبر و حشر کا ہر غم ختم ہوگیا ہوتا
آہ! کثرتِ عِصیاں ہائے خوفِ دوزخ کا　　کاش! اِس جہاں کا میں نہ بَشَر بنا ہوتا
آہ! سَلبِ ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے
کاش! میری ماں نے ہی مجھ کو نہ جَنا ہوتا (وسائلِ بخشش ص۲۵۶،۲۵۸)

## هڪ عالم پيءُ جو عبرتناڪ انجام

ماءُ پيءُ جي حق ۾ اولاد جيتوڻيڪ ڪڏهن نعمت به ثابت ٿيندي آهي پر صحيح اسلامي تربيت تي والدين جي توجه نه ڏيڻ جي ڪري وڏي زحمت به بڻجي ويندي آهي. هن ڳالهه ڪي حِليَةُ الاولياء ۾ بيان ٿيل حڪايت مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو جيئن مالڪ بن دينار علیہ رحمۃ اللہ الغفار فرمائن ٿا، منقول آهي: بني اسرائيل ۾ هڪ عالم صاحب گهر ۾ اجتماع ڪري ان ۾ بيان ڪندا هئا، هڪ ڏينهن ان جي نوجوان پٽ هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ ڏانهن اک سان اشارو ڪيو جيڪو ان عالم صاحب به ڏسي ورتو ۽ چيو: ”اي پٽ صبر ڪر“ هي چوندي ئي عالم صاحب پنهنجي منچ (يعني اسٽيج) تان منهن ڀر ڪري پيو ايستائين جو ان جي هڏين جا ڪجهه جوڙ به ٽٽي ويا، ان جي گهرواريءَ جو حمل ضايع ٿي ويو ۽ ان جا پٽ جنگ ۾ مارجي ويا، اللہ عزّوجلّ ان وقت جي نبي علیہ الصّلوٰۃ والسّلام ڪي وحي فرمائي ته فلاڻي عالم ڪي خبر ڏيو ته مان ان جي نسل مان ڪڏهن صديق پيدا نه ڪندس، ڇا منهنجي لاءِ صرف ايترو ئي ناراض ٿيڻو هو جو اهو پٽ ڪي چوي: ”اي پٽ صبر ڪر“ (حلية الاوليا ج 2 ص 422 رقم 2823) مطلب هي ته ان پنهنجي پٽ تي سختي ڇو نه ڪئي ۽ ان ڪي ان بري حرڪت کان سٺي طرح ڇو نه روڪيو؟ هن روايت ۾ ”صديق“ جو ذڪر آهي، اولياءِ ڪرام ۾ سڀ کان افضل قسم صديق آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان جا غوث اعظم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم صديق هئا.

## پينسل جي چوري کان ڦاسي جي ڦندي تائين

اولاد جي اهڙي تربيت ڪرڻ گهرجي جو اهي ننڍپڻ کان ئي چڱاين سان پيار ڪن ۽ براين کان بيزار رهن، جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ ٿي سگهي ٿو تہ ٻار بگڙي وڃي ۽ وڏو ٿي ڪري ڪجهہ ڪري وٺي جيئن تہ چيو ويندو آهي تہ هڪ **خطرناڪ ڌاڙيل** گرفتار ڪيو ويو، مقدمو هليو، ان تي ڌاڙن ۽ قتل و غارتگرين جون مختلف وارداتون ثابت ٿيون جنهن جي ڪري ان کي **ڦاسي جي سزا** ٻڌائي وئي، جڏهن ان جي ڦاسي جو وقت قريب ٿيو تہ ان کان ان جي آخري خواهش پڇا ڪئي وئي ان پنهنجي ماءُ سان ملاقات ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، پوءِ ان جي ماءُ کي گهرايو ويو، **جيئن ئي ان پنهنجي ماءُ کي ڏٺو تہ هڪدم ان تي حملو ڪري ڏنو ۽ رانبوٽا هڻڻ ۽ مارڻ شروع ڪري ڇڏيو**، ڊيوٽي تي مقرر عملي جئين تيئن زخمي ماءُ کي بي رحم پٽ جي چنبي مان ڇڏايو، جڏهن ان ڌاڙيل کان ان سفاڪاڻي حرڪت جي باري ۾ پڇيو ويو تہ چيائين: مون کي ڦاسي جي ڦندي تائين پهچائڻ واري اها ماءُ آهي، اصل ۾ قصو هي آهي تہ مان ننڍپڻ جي لاشعوري جي دور ۾ اسڪول ۾ هڪ شاگرد جي پينسل چوري ڪئي ۽ گهر اچي ماءُ کي ڏيکاري، هاڻي هن کي کپي ها تہ مون کي ان غلط ڪم کان نفرت ڏياري ها پر هوءَ صرف مسڪرائي ڪري چپ ٿي وئي، ان وقت مون ۾ عقل ئي ڪيترو هو! مون سمجهيو تہ مون ڪو سٺو ڪارنامو ڪيو آهي! تنهنڪري منهنجو حوصلو وڌيو ۽ وڌيڪ پينسلون ۽ ڪاپيون چوري ڪرڻ لڳس، جڏهن وڏو ٿيس تہ **چوري** جي عادت ڪافي پڪي ٿي چڪي هئي ۽ دل بہ وڌي چڪي هئي پوءِ مون ڌاڙا هڻڻ شروع ڪيا، انهيءَ ٻُرلٽ ۾ مون کان ڪجهہ قتل جون وارداتون پڻ ٿيون ۽ مان **خطرناڪ ڌاڙيل** بڻجي ويس، آخر پوليس جي هٿان گرفتار ٿي ڪري اڄ پنهنجي نالائق ماءُ جي غلط تربيت جي ڪري ڪجهہ گهڙين کان پوءِ پنهنجي ڳچي ۾ ڦاسي جو ڦندو پائڻ وارو آهيان.

## آخرت جي سزا جي مقابلي ۾ دنيا جي سزا ڪجهه به نه آهي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ننڍپڻ جي غلط تربيت ڪهڙو رنگ لاتو! تي سگهي ٿو ته ڪو سوچي ته اسان پنهنجي ٻار کي چور چڪار ٿوري بڻائي رهيا آهيون! ٺيڪ آهي سڀ ماءُ پيءُ ”معروف چوري“ يعني باقاعدي ٻين جو مال چورائڻ جي تعليم نٿا ڏين پر صرف چوري کي ئي برائي نٿا چون ۽ ٻيون به ڪئي برائيون آهن جيڪي ڪئي ماءُ پيءُ اڄڪلهه پنهنجي اولاد کي سيکاريندا آهن مثلاً ڪوڙ ڳالهائڻ، دوکو ڏئي ڪري گهٽ توري مال وڪڻڻ وغيره، ڇا وياجي لين دين، ناقص مال عمدو ظاهر ڪري وڪڻڻ جو گُر سيکارڻ، پٽ کي ڏاڙهي وڌائڻ ۽ ڌيءُ کي شرعي پردو ڪرڻ وغيره کان روڪڻ گناهه ناهي؟ ڇا ائين ڪرڻ وارا معاشري جا ”مهذب چور ۽ سفيد پوش ڌاڙيل“ نٿا ڇئي سگهجن؟ هي دنيا جا معزز نظر اچڻ وارا ڇا آخرت ۾ به عزت ملڻ جي اميد رکي ويٺا آهن! خدا جو قسم! ان ڌاڙيل کي ٿيڻ واري ڦاسي جي دنياوي تڪليف ۽ ان جي ماءُ کي پهچڻ واري گهڙي ڪن جي تڪليف جي مقابلي ۾ اولاد جي گناهن جي تربيت ڏيڻ وارن کي ملڻ واري عذاب جو ڪروڙون حصو ڪروڙين ڪروڙ درجا شديد ۽ سخت هوندو. اَلْاَمان وَالْحَفِيظ۔

## پيءُ کي ساڙڻ جي لاءِ ڪاٺيون وٺي اچان!

اسان جي موجوده معاشري جو هڪ عجيب ۽ دل جلائڻ وارو واقعو پڙهو ۽ حيرت ۾ پئجي وڃو، جو والدين جي طرفان سنتن ڀري تربيت نه ملڻ جي صورت ۾ اولاد ڪهڙا انوکا ڪارناما انجام ڏيندو آهي! حيدرآباد (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته 2001ع ۾ اسان جي علائقي ۾ هڪ تمام وڏي سيٺ جو انتقال ٿيو، ماڻهو ان جي عاليشان بنگلي ۾ جمع هئا مرحوم جو 19 سالن جو پٽ جيڪو هڪ ماڊرن اسڪول ۾ پڙهندو هو، ڪٿي وڃڻ جي لاءِ هڪدم اُٿيو، ڪنهن ان جلدي جو سبب پڇيو ته چوڻ لڳو: منهنجا والد صاحب مون سان گهڻي محبت ڪندا هئا،

مون سوچيو تہ آخري وقت ۾ پنهنجي هٿن سان انهن جي ڪجهہ خدمت ڪيان، ان جي ميّت کي ساڙڻ جي لاءِ مان پاڻ ڪاٺيون وٺي ايندس، هي ٻڌي ڪري ماڻهن جي حيرت جي انتها نہ رهي جو ان جو پيءُ تہ مسلمان هو پوءِ ان کي ساڙڻ جي لاءِ ڪاٺيون ڇو پيو وٺڻ وڃي! غور ڪيو تہ اندازو ٿيو تہ ان نادان غيرمسلمن جي فلمن ۾ لاش ساڙڻ جا منظر ڏٺا هوندا تہ ان جي ذهن ۾ هي ڳالهہ ويهي وئي هوندي تہ جيڪو بہ مري وڃي ان کي ساڙڻو پوندو آهي، ان فلمن ڏسڻ جي شوقين کي هي خبر بہ نہ هوندي تہ مسلمانن کي ساڙيو ناهي ويندو دفنايو ويندو آهي، بهرحال ان جي مرحوم والد جي تدفين ڪئي وئي، جڏهن ان خوفناڪ مَنفي اثر (SIDE EFFECT) جو هي واقعو ان علائقي جي ماڻهن کي خبر پئي تہ انهن کي وڏي عبرت ٿي، ڪئي نوجوانن جوش ۾ اچي ڪري ”ڪيبل“ ڪٽي ڇڏي، ڪجهہ عرصو هي صورتحال رهي پر آهستہ آهستہ نفس ۽ شيطان غالب آيو ۽ ڪيبل وري لڳائي وئي!

سَروَر دِیں! لیجے اپنے ناتوانوں کی خبر

نفس وشیطاں سیدا کب تک دباتے جائیں گے (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ جي ان شعر جي معنيٰ آهي: يارسول الله صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم! اسان ڪمزور غلامن جي گناهن کان حفاظت فرمايو، اي آقا! اسان گناهن جي مرض کان آخر ڪڏهن شفا حاصل ڪنداسين! آخر هي نفس ۽ شيطان ڪيستائين گناهن ۾ ڦاسائيندو رهندو! (نفس ۽ شيطان جي شر کان بچڻ جو هڪ بهترين طريقو هي بہ آهي تہ ڪنهن پيرِ ڪامل جو مريد بڻجي وڃي جو ان جي جامع شرائط پير تي نفس ۽ شيطان جا وار هلي نہ سگهندا تہ ان جي برڪت سان مريد جي حفاظت جي بہ صورت بڻجي ويندي هڪ سرائيڪي شاعر تمام سٺو چيو آهي):

پیر دے ہتھ وچ ہتھ گوں ڈے کر

نفس دی با نہہ مَروڑ تاں توں پک تھیویں

(يعني پنهنجو هٿ ڪنهن ڪامل پير جي هٿن ۾ ڏئي ڪري نفس جي ٻانهن موڙي ڇڏ تہ جيئن تو کي مقام فنائيت ملي)

## ايصالِ ثواب جو انتظار!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان انوکي واقعي ۾ عبرت ئي عبرت آهي جيڪڏهن اوهان اڄ زنده آهيو پر سڀاڻي يقيناً مرڻو پوندو، جيڪڏهن اوهان پنهنجي پٽ کي صرف ۽ صرف دنيا پڙهائي، دولت ڪمائڻ سيکاري، خوب موسيقي ٻڌرائي، هڪ کان هڪ فلم ڏيکاري، ديني تعليم نه ڏياري نه ئي سيکاري، مسجد جي راهه نه ڏيکاري، ان جي دل ۾ محبت رسول جي شمع نه جلائي، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني پياري پياري مبارڪ ڏاڙهي ان جي چهري تي نه سجرائي بلڪ نيڪ ٺاڪ فيشن ڪرايو ته ياد رکو! نه هو اوهان جو جنازو پڙهي سگهندو ۽ نه ئي اوهان جي لاءِ ايصال ثواب ڪري سگهندو، حالانڪ مرڻ کان پوءِ ايصال ثواب جي اوهان کي تمام گهڻي حاجت هوندي سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد مشڪبار آهي: مردي جو حال قبر ۾ ٻڏڻ واري انسان جيان آهي جو اهو شدت سان انتظار ڪندو آهي ته پيءُ ماءُ يا ڀاءُ يا ڪنهن دوست جي دعا ان کي پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا ان کي پهچندي آهي ته ان جي ويجهو اها دُنيا وَمَا فِيهاَ (يعني دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهه آهي) ان کان بهتر هوندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ قبر وارن کي ان جي زنده واسطيدارن جي طرفان هديو ڪيل ثواب جبلن جي برابر عطا فرمائيندو آهي، زنده ماڻهن جو هديو مردن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 203 حديث 7905)

ہر بَھلے کی بَھلائی کا صدقہ
اس بُرے کو بھی کر بَھلا یاربّ! (ذوقِ نعت ص۶۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مون کي منهنجي پيءُ برباد ڪري ڇڏيو!

هڪ نوجوان سگِ مدينه عُفِيَ عنه کي هڪ طويل ۽ دردناڪ خط لکيو جنهن کي ڪجهه تَصَرُّف سان پيش ڪيان ٿو جيئن ان نوجوان جو بيان آهي: مان دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان نئون نئون وابسته ٿيو هئس، هڪ ڀيري رات جي

ابتدائي حصي ۾ پنهنجي ڪمري ۾ هٿ کڻي روئي روئي ڪري پنهنجي گناهن ڪان توبہ ڪري رهيو هئس، روئڻ جو آواز ٻڌي منهنجا والد صاحب گهبرائي ڪري منهنجي ڪمري ۾ اچي ويا، دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان ناواقفيت ۽ دوري جي ڪري منهنجو روئڻ ٻاڏائڻ انهن جي سمجهہ ۾ نہ آيو، انهن منهنجي ٻانهن جهلي مون کي ٻيهاري ۽ پڪڙي پنهنجي ڪمري ۾ ويهاريو T.V کولي ڪري چيو: بلڪل ئي مولوي نہ ٿي! هي بہ ڏسندو ڪر. مان جيتوڻيڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان پين گناهن سان گڏ فلمون ڊرامن ۽ گانن باجن کان بہ توبہ ڪري چڪو هئس، پر والد صاحب مون کي T.V ڏسڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، ان وقت T.V تي ڪو "ڊرامو" هلي رهيو هو، بي حيا ڇوڪرين جي فحش ادائن منهنجا جذبات وڌائڻ شروع ڪيا، هاءِ! ڪجهہ دير پهريان مان خوفِ خدا جي ڪري ڳوڙها وهائي رهيو هئس ۽ هاڻي..... هاڻي... نفساني خواهشن مون تي هڪدم غلبو ڪيو، موقعو ڏسي شيطان بہ پنهنجو داءُ هلايو ۽ هتي ويهي ويهي مون تي "غسل فرض" ٿي ويو! ان واقعي کان پوءِ مان هڪ ڀيرو ٻيهر گناهن جي دلدل ۾ لهندو ويس، جيئن تہ ظالم معاشري جي بيجا رسم ۽ رواج منهنجي نڪاح ۾ وڏي ديوار بڻيل آهن، مان پنهنجي شهوت جي تسڪين جي لاءِ پنهنجي هٿن سان پنهنجي جواني ضايع ڪرڻ لڳي ويس ۽ گندي حرڪتن جي ڪري هاڻي نوبت ايستائين اچي پهتي آهي جو مان شادي جي قابل نہ رهيس، ٻڌايو! مجرم ڪير؟ مان پاڻ يا منهنجا والد صاحب؟

## حقيقي مدني مني جو خوف خدا
مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪهڙو نازڪ دور اچي ويو آهي جو اڄ اڪثر والدين "شفقت نما هلاڪت" جي ذريعي پنهنجي هٿن سان پنهنجي اولاد کي تباهي جي کڏ ۾ ڪيرائي رهيا آهن ايسيتائين جو ٻار پاڻ ازخود سڌرڻ چاهي تڏهن بہ ان جون راهون بند ڪيون وينديون آهن، اهڙي قسم جا والدين ڄڻ تہ زبان حال سان هي اعلان ڪندي ٻڌڻ ۾ اچي رهيا

آهن: ”اسان جهنم ۾ اڪيلا چو وڃون پنهنجي اولاد کي به گڏ وٺي ويندا سين“ (مَعَاذَالله). هڪ اهو دور هو جو خوفِ خدا رکڻ واري ماءُ جي رحمت پري جهولي ۾ پليل ۽ عشق مصطفيٰ رکڻ واري پيءُ جي شفقت جي سائي ۾ پروان چڙهيل مدني منا معاشري تي اهڙا نقش ڇڏيندا هئا جو انهن جون دلربا ادائون اڄ به اسان جون دليون ڇڪي وٺن ٿيون، جيئن هڪ چار سالا حقيقي مدني منو سيّد زادو بازار ۾ زارو قطار روئي رهيو هو، ڪنهن شخص آلِ رسول جي خدمت جي جذبي کان سر شار ٿي ڪري عرض ڪيو: شهزادا! ڇا ڳالهه آهي؟ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي ته حڪم فرمايو هاڻي حاضر ڪيان ٿو، هي ٻڌي ڪري مدني مني جي روئڻ جو آواز وڌيڪ بلند ٿي ويو ۽ چيائين: چاچا سائين! الله عَزَّوَجَلَّ جي غضب ۽ جهنم جي عذاب جي خوف کان دل ٻڏي رهي آهي! ان صاحب شفقت سان عرض ڪيو: شهزادا! اوهان ته تمام ننڍا آهيو هينئر کان ايترو خوف ڇو؟ اطمينان رکو ٻارن کي عذاب نه ڏنو ويندو، هي ٻڌي ڪري مدني مني جو خوف وڌيڪ نمايان ٿيو ۽ روئندي چيائين: چاچا سائين! مون ڏٺو آهي ته وڏين ڪاٺين کي ساڙڻ جي لاءِ ان جي چوڏاري ڇوڏا ڪُتيون وغيره لڳايون ونديون آهن، باهه ڇوڏن کي جلد لڳندي آهي ۽ انهن جي ڪري پوءِ وڏيون ڪاٺيون به سڙڻ لڳنديون آهن! مان ڊڄان ٿو ته ابوجهل ۽ ابولهب جهڙن ڪافرن کي جهنم ۾ ساڙڻ جي لاءِ ڇوڏن جي جڳهه تي ڪٿي مون کي نه ساڙيو وڃي! **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڄاڻو ٿا هي چار سالا حقيقي مدني منا ڪير هئا؟ اهي ڪي ٻيا نه! اسان جي ٽٽل دلين جا سهارا ۽ اهلِ بيت جي اکين جا تارا حضرت **سيّدنا امام جعفر صادق** رضي الله تعالى عنه هئا. (بتغير انيس الواعظين ص 75)

تیری نسلِ پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا
تو ہے عینِ نور تیرا سب گھرانا نور کا (حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلام رضا** : منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمة الله تعالى عليه هن شعر ۾ فرمائن ٿا: **يا نور الله** صلى الله تعالى عليه واله وسلم! اوهان ته نور آهيو، بلڪ نورٌ عليٰ نور آهيو، اوهان جي مبارڪ نسل ۾

قيامت تائين جيترا ٻہ ٻار ٿيندا يعني سادات ڪرام اهي سڀ ٻہ نور آهن، اي نور وارا پيارا آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان جو سڄي جو سڄو گهراڻو نور نور ۽ بس نور آهي.

نُور اندر نُور باہر گھر کا گھر سب نُور ہے
آگیا وہ نُور والا جس کا سارا نُور ہے

## ديني معاملي ۾ حوصلہ شڪني ڪرڻ واري ماءُ جو پڇتاءُ

والدين ڪي گهرجي تہ پنهنجي اولاد ڪي شروع ۾ ئي نيڪين ۽ سنتن ڀريو مدني ماحول فراهم ڪن، نہ تہ بري صحبت جي ڪري بگڙي وڃڻ جي صورت ۾ بازي هٿ مان نڪري سگهي ٿي، سگِ مدينہ عُفِيَ عنہ ڪي ان جي وڏي ڀيڻ ٻڌايو: هڪ اسلامي ڀيڻ پنهنجي پٽ جي اصلاح جي لاءِ روئي روئي ڪري دعا جو چيو، ويچاري ڇٽي رهي هئي. هاءِ ! هاءِ! مون پاڻ ئي ان ڪي برباد ڪيو آهي، ان ڪي دعوت اسلامي جي مدرسة المدينہ ۾ حفظ جي لاءِ ويهاريو پر اهو ويچارو جيڪي سنتون وغيره سکي ايندو هو اهو گهر اچي ڪري بيان ڪندو هو تہ اسان ان جو مذاق اڏائيندا هئاسين آخرڪار ان جي دل ٽٽي ۽ ان مدرَسة المدينہ وڃڻ ڇڏي ڏنو هاڻي اهو برن دوستن جي صحبت ۾ رهي ڪري آواره ٿي ويو آهي، خوش قسمتي سان مون ڪي دعوت اسلامي جو مدني ماحول مليو آهي هاڻي مان سخت پڇتائي رهي آهيان هاءِ! منهنجو ڇا ٿيندو!

صُحبتِ صالِح تُرا صالِح کُنَد — صحبتِ طالِح تُرا طالح کُنَد
(يعني چڱي جي صحبت تو ڪي چڱو بڻائيندي) — (بري جي صحبت تو ڪي برو بڻائيندي)

## سُنتن ڀري اجتماع جي فضيلت

پنهنجي اولاد ڪي بہ دعوت اسلامي جي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي رغبت ڏياريو ۽ پاڻ بہ حاضري جي سعادت حاصل ڪيو، ان طرح جي اجتماعن جي برڪتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! جيئن نبي ڪريم رؤف رحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عظيم آهي: قيامت جي ڏينهن ڪجهہ اهڙا ماڻهو هوندا جيڪي نہ نبي هوندا ۽ نہ ئي شهيد (پر)

انهن جي چهرن جو نور ڏسڻ وارن جي نگاهن کي خِيره (يعني روشن) ڪندو هوندو، انبياءَ ۽ شُهداء انهن جو مقام ۽ قُرب الٰهي ڏسي ڪري خوشي جو اظهار ڪندا، صحابہ ڪرام علیہم الرضوان مان ڪنهن صحابي عرض ڪيو: يارسول الله صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم هي ڪير (خوش نصيب) هوندا؟ ارشاد فرمايو: هي مختلف قبيلن ۽ علائقن جا ماڻهو هوندا جيڪي (دنيا ۾) الله عزوجل کي ياد ڪرڻ جي لاءِ گڏ ٿيندا ها ۽ پاڪ ڳالهيون ائين چونڊيندا ها جيئن ڪجور کائڻ وارو ڪجور چونڊيندو آهي.

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 252 حديث 2334)

يقيناً مقدّر کا وہ ہے سِکندر　　جسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول

یہاں سنّتیں سیکھنے کو ملیں گی　　دِلائے گا خوفِ خدا مَدَنی ماحول　(وسائلِ بخشش ص ۶۰۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غافل نوجوان مدينه مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوف خدا سان دل کي لرزائڻ، عشق مصطفيٰ ۾ روح کي تڙپائڻ، گناهن جي عادت مٽائڻ، نيڪين جو جذبو وڌائڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي سنتن جو پيڪر بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو، هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪندا رهو ۽ مدني انعامات تي عمل ڪندي زندگي جا ڏينهن رات گذاريو، اچو! اوهان جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو، جيئن گلزار طيبہ (سرگوڌا پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ پنهنجي توبہ جا احوال بيان ڪيا آهن جنهن جو خلاصو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو: دعوت اسلامي جي پاڪيزه ۽ مهڪي مهڪي مدني ماحول جي فيض حاصل ڪرڻ کان اڳ ۾ جواني جي نشي ۾ مست آواره دوستن جي صحبت ۾ پنهنجي زندگي جون قيمتي گهڙيون برباد ڪري رهيو هئس، معاشري ۾ ٿيندڙ ڪهڙو گناهہ هو جنهن ۾ مان مبتلا نہ هئس، ڇوڪرين جو پيڇو ڪرڻ، انهن کي

تنگ ڪرڻ، رات ڪلب ۾، ۽ ڏينهن تاش بِلَيَرڊ (اسنوڪر جيان هڪ راند) کيڏڻ ۾ برباد ڪرڻ، گهروارن جي سمجهائڻ تي تڪرار ڪرڻ منهنجي عادت بڻجي چڪي هئي، زندگي ائين گناهن ڀري غفلت ۾ گذري رهي هئي جو خوش قسمتي سان هڪ عاشق رسول جي **انفرادي ڪوشش** جي برڪت سان دعوت اسلامي جو مهڪيل مهڪيل مشڪبار مدني ماحول ملي ويو، عاشقان رسول جي صحبت سان مون کي نيڪين تي عمل ڪرڻ ۽ گناهن کان ڀري رهڻ جو جذبو ملي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مون چهري تي ڏاڙهي مبارڪ سجائي ۽ مٿي تي سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو مدني ڪمن جو شوق مليو ۽ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جا مدني رسائل گهڻي گهڻي ۽ گهر گهر وڃي ورهائڻ جو ذهن بڻيو.

ہر اِک عمل بس تیرے واسطے ہو　　کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هن مدني بهار جي ضمن ۾ نيڪي جي دعوت — مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! **انفرادي ڪوشش** جون به خوب بهارون آهن! گناهن ۾ بدمست رهڻ وارو غافل نوجوان عشق رسول ۾ مست ٿي ويو، اسان کي به هر هڪ تي انفرادي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، اسان جي ڪو ڳالهه مڃي يا نه مڃي اسان جي سمجهائڻ جو ثواب ضايع نه ٿيندو! اسان جي **انفرادي ڪوشش** جي ڪري جيڪڏهن ڪو سڌي راهه تي اچي ويو ته اِنْ شَآءَاللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ اسان جو ٻيڙو پار ٿي ويندو، بري صحبت کان هميشه پري رهڻ گهرجي انهيءَ جي ڪري ماڻهو بگڙي وڃي ٿو ۽ طرح طرح جي گناهن ۾ ڦاٿجي ويندو آهي جڏهن ته سٺي صحبت نهايت سٺو ڦل ڏيندي آهي جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 56 صفحن تي مشتمل ڪتاب "اچھے ماحول کی برکتیں" صفحي 18 کان 19 تي آهي: هڪ حديث شريف ۾ آهي، حضرت ابو رَزِين رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي ته انهن کي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا مان توهان کي ان شيءِ جي اصل جي رهنمائي نه ڪيان

جنهن سان توهان دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي حاصل ڪري وٺو (اها اصل شيء هي آهي تہ) توهان ذڪر ڪرڻ وارن جي مجلس اختيار ڪيو. (شعب الايمان ج 6 ص 492 حديث 9024)

هن حديث پاڪ جي تحت مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا تہ (ذِڪر ڪرڻ وارن جي) مجلس مان مراد علماءِ دين ۽ اولياءِ ڪاملين، صالحين ۽ واصِلين (يعني الله جي مُقرّب ٻانهن) جون مجلسون آهن، جوتہ هي مجلسون جنت جا باغ آهن جيئن ٻي حديث شريف ۾ آهي. هي مجلسون خواه مدرسا هجن يا درسِ قرآن، ۽ حديث جون مجلسون، يا صوفياءِ ڪرام جي محفلون، هي فرمان تمام جامع آهي، جنهن مجلس ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو عشق ۽ اطاعت رسول جو شوق پيدا ٿئي اها مجلس اڪسير (يعني نهايت مفيد) آهي. (مراۃ المناجيح ج 6 ص 603 تا 604)

سنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ اللّٰہ تم اپنائے رکھو سدا مدنی ماحول

یُمِعت سخت پچھتاؤ گے یاد رکھو نہ عطّار تم چھوڑنا مدنی ماحول (وسائل بخشش ص ۶۰۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪلمو طيّب نفع ڏيندو جيستائين....

حضرت سيِّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي، رسولن جي سالار، نبين جي سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد حق بنياد آهي: (لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ (مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ) هميشہ پنهنجي پڙهڻ واري کي نفعو پهچائيندو رهندو ۽ انهن کان عذاب کي پري ڪندو رهندو جيستائين ان جو حق هلڪو نہ ڄاڻن، صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪلمي پاڪ کي هلڪو ڄاڻڻ ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: يَظْهَرُ الْعَمَلُ بِمَعَاصِي اللهِ فَلَا يُنْكَرُ وَلَا يُغَيَّرُ۔ يعني (لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي حق کي هلڪو سمجهڻ هي آهي) الله تعاليٰ جي نافرماني وارو ڪم ڏسي ڪري ان کي نہ روڪيو وڃي ۽ نہ ئي ان کي تبديل ڪيو وڃي. (الترغيب والترهيب ج 3 ص 184 حديث 3538)

فَرمانِ مُصطَفٰے صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

## اسلام جا 8 حصا

حضرت سيِّدُنا حُذَيفه رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي ته اسلام جا 8 حصا آهن: ﴿1﴾ اسلام ﴿2﴾ نماز ﴿3﴾ زڪواة ﴿4﴾ رمضان جو روزو ﴿5﴾ حج بيت الله ﴿6﴾ نيڪي جو حڪم ڏيڻ ﴿7﴾ برائي کان روڪڻ ۽ ﴿8﴾ الله تعاليٰ جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ. ۽ اهو شخص ناڪامياب آهي جنهن جو ڪو حصو نه هجي. (شعب الايمان ج 6 ص 94 حديث 7585)

## دنيا ۾ به سزا ملندي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪا قوم قدرت جي باوجود گناهه ڪرڻ واري کي ان کان نه روڪي، انديشو آهي ته اها نه روڪڻ واري قوم مرڻ کان پهريان دنيا ۾ ئي عذاب ۾ گرفتار ٿي وڃي، حضرت سيِّدُنا جَرِير رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي ته نبي اڪرم، نور مُجَسَّم صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جو ارشاد آهي: جيڪڏهن ڪنهن قوم ۾ ڪو شخص گناهه جو مُرتڪب ٿئي ۽ قوم جا ماڻهو قدرت جي باوجود ان کي گناهه کان نه روڪين ته الله عزّوجلّ ان جي مرڻ کان پهريان ان تي پنهنجو عذاب نازل فرمائيندو. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 164 حديث 4339)

## آخرت ۾ به سزا ملندي دنيا ۾ به سزا ملندي

هن حديث پاڪ تحت "مِرْاٰةُ المَناجِيح" ۾ آهي: جنهن قوم يا جماعت ۾ ڪجهه ماڻهو برائي جا مرتڪب ٿين ۽ اها قوم ان کي روڪڻ جي طاقت رکڻ جي باوجود نه روڪي ته اهي به عذابِ خداوندي جا مستحق ٿيندا ۽ هن عذاب کي اهي ماڻهو مرڻ کان پهرين دنيا ۾ ئي ڏسي وٺندا، حضرت شيخ عبدالحق مُحَدِّثِ دهلوي (علیہ رحمۃ اللہِ القوی) فرمائن ٿا ته برائي کي بدلڻ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ ٻين ڏوهن جي مقابلي ۾ هن لحاظ کان جدا آهي ته ٻين گناهن جي سزا آخرت ۾ ملندي جڏهن ته هن ڪوتاهي جي سزا دنيا ۾ به ملندي ۽ آخرت جو عذاب ان کان علاوه ٿيندو. (مراة المناجيح ج 6 ص 507)

## اوهان جي دل ناهي لرزندي!

جنت جي ابدي ۽ سرمدي نعمتن جا طلبگار اسلامي ڀائرو! اوهان جي دل ناهي ڏڪندي؟ اوهان تي خوف طاري ناهي

تيندو؟ جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ته بي نياز آهي، ان کي پرواهه ئي ڪڏهن آهي ته ماڻهو ان کي سجدو ضرور ئي ڪن، يقيناً جيڪڏهن سموري مخلوق ان جي بارگاهه ۾ جهڪي وڃي، تڏهن به ان جي ذات تي ڪنهن جو ڪو احسان ناهي، اسان کي ان جي بي نيازي ۽ خُفيه تدبير کان ڊڄڻ گهرجي ۽ ان جي گرفت کان پناهه طلب ڪرڻ گهرجي، آخر دنيا ۾ ڪيستائين عياشون ڪنداسين! ياد رکو! هڪ نه هڪ ڏينهن اسان سڀني کي مرڻو پوندو، اونداهي قبر ۾ لهڻو پوندو ۽ پنهنجي ڪرڻي ڀرڻي پوندي!

اَلْمَوْتُ بَابٌ كُلُّ نَفْسٍ دَاخِلُهَا　　اَلْمَوْتُ قَدَحٌ كُلُّ نَفْسٍ شَارِبُهَا

(يعني موت هڪ اهڙو دراوزو آهي جنهن مان هر جاندار کي گذرڻو آهي ۽ موت هڪ اهڙو جام آهي جنهن کي هر شخص کي پيئڻو پوندو)

جی لگانے کی جا نہیں دنیا
کس کو حاصل دوام ہوتا ہے

## مردي جي بي وسي

مدينه ۱

مدنيا اسلامي ڀائرو! ان وقت ڪيتري لاچاري هوندي جڏهن روح جسم کان جدا ٿي چڪو هوندو، اهو ڪيتري قدر بي وسيءَ جو عالم هوندو جنهن وقت عزيز قيمتي ڪپڙا لاهي رهيا هوندا، غَسَّال وهنجاري رهيو هوندو، باقتي جو ڪفن پهرايو ويندو، ڪيڏي نه حسرت جي گهڙي هوندي جڏهن جنازو ڪنيو ويندو، هاءِ! هاءِ! اها دنيا جنهن کي سنوارڻ جي لاءِ سڄي عمر ٻج ڊڪ ڪئي هئي، جنهن جي خاطر راتين جون ننڊون قربان ڪيون هيون، طرح طرح جا خطرا پنهنجي سر تي کنيا هئا، حسد ڪندڙن جون رڪاوٽون پيدا ڪرڻ جي باوجود به جان جوکي ۾ وجهي دنيا جو مال ڪمائيندو رهيس، خوب دولت گڏ ڪندو رهيس، گهر کي نهايت ئي اهتمام سان مضبوط تعمير ڪيو هو، ان کي طرح طرح جي فرنيچر سان سينگاريو هو، اهو سڀ ڇڏي رخصت ٿيڻو پوندو، آهه! قيمتي لباس هينگر (يعني ڪِليءَ) ۾ ٽنگيل رهجي ويندو، ڪار هوندي ته گيريج ۾ بيٺل رهجي ويندي، راند روند جون شيون، نفس پرستي ۽ فرحت جا ذريعا

۽ هر طرح جو سامان بيڪار جو بيڪار رهجي ويندو، ان وقت **مُردي جي بي وسي** انتها کي پهچندي جڏهن ان کي روشنين جي چمڪندڙ عارضي خوشين سان مسڪرائيندڙ ناپائيدار دنيا جي گهر کان ڪِدي انڌيري قبر ۾ منتقل ڪرڻ جي لاءِ ان جا ناز برداشت ڪندڙ ان کي ڪلهن تي کڻي قبرستان جي طرف هلڻ لڳندا.

عالَمِ اِنقِلاب ہے دُنیا　　چند لمحوں کا خواب ہے دُنیا

فخر کیوں دل لگائیں اِس سے　　نہیں اچھی، خراب ہے دُنیا

## قبر جي دل ڏڪائيندڙ ڪهاڻي... مدينه

حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالٰی عنہ هڪ جنازي سان گڏ قبرستان تشريف کڻي ويا، اتي هڪ قبر تي ويهي غور ۽ فڪر ۾ پئجي ويا، ڪنهن عرض ڪيو: يا اميرالمؤمنين اوهان رضی اللہ تعالٰی عنہ هتي اڪيلا ڪيئن تشريف فرما آهيو؟ فرمايائون: ”هاڻي هاڻي هڪ قبر مون کي سڏيو ۽ چوڻ لڳي: اي عمر بن عبدالعزيز (رضی اللہ تعالٰی عنہ) مون کان ڇو نه ٿو پڇين ته مان پنهنجي اندر اچڻ وارن سان ڪهڙو سلوڪ ڪريان ٿي؟ مان انهيءَ قبر کي چيو: مون کي ضرور ٻڌاءِ. اها چوڻ لڳي: جڏهن ڪو منهنجي اندر ايندو آهي ته مان ان جو **ڪفن ڦاڙي** جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ۽ ان جو گوشت کائي ڇڏيندي آهيان، ڇا توهان مون کان هي نه پڇندؤ ته مان ان جي سَنڌن سان ڇا ڪندي آهيان؟ مون چيو، ضرور ٻڌاءِ. ته چوڻ لڳي: هٿن کي ڪراين کان، گوڏن کي پنين کان ۽ پنين کي قدمن کان جدا ڪري ڇڏيندي آهيان. ايترو چوڻ کان پوءِ حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالٰی عنہ سڏڪا ڀري روئڻ لڳا، جڏهن ڪجهه افاقو ٿيو ته ڪجهه هن طرح عبرت جا مدني گل ٻڌائڻ لڳا: **اي اسلامي ڀائرو!** هن دنيا ۾ اسان کي تمام ٿورو عرصو رهڻو آهي، جيڪو هن دنيا ۾ صاحبِ اقتدار آهي اهو (آخرت ۾) انتهائي ذليل ۽ خوار آهي. جيڪو هن دنيا ۾ مالدار آهي اهو (آخرت ۾) فقير هوندو. هن جو جوان پوڙهو ٿي ويندو ۽ جيڪو زنده آهي اهو مري

ويندو، دنيا جو توهان جي طرف اچڻ توهان کي ڌوڪي ۾ نہ وجهي، ڇو تہ توهان ڇاڻو ٿا تہ هي تمام جلد رخصت ٿي ويندي. ڪيڏانهن ويا قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ وارا؟ ڪيڏانهن ويا بيت الله جو حج ڪرڻ وارا؟ ڪيڏانهن ويا رمضان جا روزا رکڻ وارا؟ مِٽي انهن جي جسمن جو ڇا حال ڪري ڇڏيو؟ قبر جي ڪيڙن انهن جي گوشت جو ڇا انجام ڪري ڇڏيو؟ انهن جي هڏين ۽ سَنڌن سان ڇا ٿيو؟ الله عزّوجلّ جو قسم! جيڪي بي عمل دنيا ۾ آرامده نرم نرم بسترن تي هوندا هئا پر هاڻي اهي پنهنجي گهروارن ۽ وطن کي ڇڏي ڪري راحت کان پوءِ تنگيءَ ۾ آهن، انهن جي اولاد گهٽين ۾ دربدر آهي، ڇوتہ انهن جي بيواهن ٻيا نڪاح ڪري ٻيهر گهر آباد ڪيا، انهن جي رشتيدارن انهن جي گهرن تي قبضو ڪري ڇڏيو، ۽ ملڪيت پاڻ ۾ ورهائي ڇڏي. وَالله! انهن مان ڪجهہ خوشنصيب آهن جيڪي قبرن ۾ مزا ماڻي رهيا آهن ۽ والله! ڪجهہ قبر جي اندر عذاب ۾ گرفتار آهن.

افسوس صد هزار افسوس! اي نادان! اڄ مرڻ وقت ڪڏهن پنهنجي پيءُ جون، ڪڏهن پنهنجي پٽ جون تہ ڪڏهن سڳي ڀاءُ جون اکيون بند ڪري رهيو آهين، انهن مان ڪنهن کي وهنجاري رهيو آهين، ڪنهن کي ڪفن پارائي رهيو آهين، ڪنهن جي جنازي کي ڪلهن تي کڻي رهيو آهين، ڪنهن کي قبر جي تنگ ۽ اونداهي کڏ ۾ پوري رهيو آهين (ياد رک! سڀاڻي هي سڀ ڪجهہ توسان بہ ٿيڻ وارو آهي) ڪاش مون کي علم هجي ها! ڪهڙو ڳل (قبر ۾) پهريان خراب ٿيندو. پوءِ حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالٰی عنہ روئڻ لڳا ۽ روئيندي روئيندي بيهوش ٿي ويا ۽ هڪ هفتي کان پوءِ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. (الروض الفائق ص 107)

حُجَّۃُ الاسلام حضرتِ سيِّدُنا امام ابوحامد محمد بن محمد بن محمد غزالي عليہ رحمۃ الله الوالي "اِحياءُالعُلُوم" ۾ فرمائن ٿا: وفات جي وقت حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالٰی عنہ جي زبان تي هيءَ آيت سڳوري جاري هئي:

تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِيْنَ لَا يُرِيْدُوْنَ عُلُوًّا فِي الْاَرْضِ وَلَا فَسَادًا ؕ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۸۳﴾ (پ۲۰، القصص:۸۳)

**ترجمو ڪنزالايمان**: هي آخرت جو گهر اسان انهن جي واسطي ڪندا آهيون جيڪي زمين ۾ وڏائي نه چاهيندا آهن ۽ نه فساد ۽ چڱي پڇاڙي پرهيزگارن جي ٿئي آهي.

(احياء العلوم ج 5 ص 230)

ياد رکھ ہر آن آخر موت ہے — بن تُو مت اَنجان آخر موت ہے
مرتے جاتے ہیں ہزاروں آدمی — عاقل و نادان آخر موت ہے
کیا خوشی ہو دل کو چندے زِیست سے — غمزدہ ہے جان آخر موت ہے
مُلکِ فانی میں فَنا ہر شے کو ہے — سن لگا کر کان آخر موت ہے
بارہا علّمی تجھے سمجھا چکے
مان یا مت مان آخر موت ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عزت وارا ذليل ڪيا ويندا آهن

حضرت سيِّدُنا جرير بن عبدالله رضي الله تعالیٰ عنه فرمائن ٿا: ڪنهن قوم جا مُعَزَّز يعني عزت وارا ماڻهو اهڙي برائي کان نه روڪين جنهن کي روڪڻ تي اهي قدرت رکندا هجن ته الله تعالیٰ انهن کي ذليل ڪري ڇڏيندو آهي. (تنبيه المغترين ص 236)

## ڪٽيل ڪنن وارن پوڙو

حضرت سيِّدُنا انس بن مالڪ رضي الله تعالیٰ عنه فرمائن ٿا: جيڪو ٻڌي ته فلان شخص خراب ڪم (يعني گناهه) جو مرتڪب ٿيو آهي ۽ پوءِ (قدرت باوجود) اهو ان گناهه ڪرڻ واري کي نه روڪي ته قيامت جي ڏينهن اهو ڪٽيل ڪنن وارو پوڙو هوندو. (ايضاً)

## گناهه کان نه روڪڻ ڪڏهن گناهه آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل ٻنهي روايتن تي بار بار غور ڪيو! گناهه ڪرڻ وارن کي قدرت جي باوجود گناهه کان منع نه ڪرڻ وارن جي لاءِ ذلت ۽ قيامت ۾ (ڪٽيل ڪنن واري پوڙي) جي صورت ۾ اٿاريو وڃڻ جي وعيد آهي، هي مسئلو ذهن نشين

فرمايو ته جڏهن ڪو گناهه ڪري رهيو هجي ۽ ڏسڻ واري جو غالب گمان هجي ته منع ڪندس ته مڙي ويندو ته هاڻي منع ڪرڻ واجب ٿي ويندو، جيڪڏهن منع نه ڪندو ته گنهگار ۽ عذاب نار جو حقدار آهي، ماڻهو کي روزانو اهڙا موقعا پيش ايندا آهن ته ڪجهه ماڻهو لاعلمي جي ڪري يا غفلت سبب ”گناهِ بي لذت“ ڪري رهيا هوندا آهن هاڻي غور ڪيو وڃي ته ڪيترائي پيرا هي ذهن ٺهندو آهي ته فلان کي سمجهائيندس ته مڃي ويندو، پر سُستي يا شرم ۽ مُرَوَّت جي ڪري منع ڪرڻ کان پاسو ڪندو آهي ۽ ائين گنهگار ۽ عذاب نار جو حقدار ٿي ويندو آهي، منهنجو پنهنجو تجربو آهي ته ناجائز منڊي پائڻ واري، ڳچي ۾ ڌات (Metal) جي زنجير (CHAIN) لٽڪائڻ وارن وغيره کي جڏهن سمجهايو ويو ته اڪثر هٿو هٿ لاهي ڇڏيندا آهن، ڪيترن کي ته جوش ۾ اچي سون جي زنجير تائين ٽوڙيندي ڏٺو آهي! ٺيڪ آهي هر هڪ ائين نٿو ڪري سگهي ۽ هر هڪ جو ٻين تي ايترو اثر به ناهي ٿيندو پر جيڪا با اثر شخصيت هجي ان جي لاءِ ان طرح جي گناهن کان منع ڪرڻ مشڪل ناهي هوندو، ۽ گناهه ڪرڻ واري جي مڃڻ جي غالب گمان جي صورت ۾ ته منع ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي.

## سون جي منڊي مرد کي پائڻ حرام آهي

اعليٰ حضرت جا شهزاده، تاجدار اهلسنّت، حضور مفتي اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الاكرم هن طرح جي معاملن ۾ وڏيڪ مُتَحَرِّڪ ACTIVE هئا جيئن ”مفتی اعظم کی استقامت و کرامت“ صفحي 146 تي رئيسُ القلم حضرت علامه ارشد القادري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي جي حوالي کان نقل آهي: انهن (يعني مفتي اعظم هِند) جي لاءِ سڀ کان وڏيڪ تڪليف وارو منظر هي هوندو هو ته جڏهن پاڻ ڪنهن مسلمان کي اسلامي شريعت جي خلاف ورزي ڪندي ڏسندا هئا، اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جو فرض ادا ڪندي وقت اهي ننڍي وڏي، امير ۽ غريب، حاڪم ۽ محڪوم جي وچ ۾ ڪو فرق نه ڪندا هئا، ان جي دربار جو عام معمول هو ته ڪو وڏي کان

وڏو رئيس هجي يا وڏي ڪان وڏو آفيسر سندن جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ وقت جيڪڏهن ان جي اگر ۾ سون جي منڊي هوندي هئي ته هڪدم لاهرائي ڇڏيندا هئا ۽ نهايت شفقت ۽ محبت سان ان کي تلقين فرمائيندا هئا ته شريعت محمدي ۾ مردن جي لاءِ (ڪيترين ئي صورتن ۾) سون جو استعمال حرام آهي، پوءِ دلين جا بادشاهه فتح ڪرڻ واري لهجي ۾ ارشاد فرمائيندا هئا: ڪو گناهه گهڙي ڪن يا ڪلاڪ ٻه ڪلاڪ جو هوندو آهي پر سون جي منڊي جو گناهه اهڙو آهي جو جيستائين پائي رکو مسلسل گناهه ئي گناهه آهي (منڊي جي باري ۾ تفصيلي احڪام هن ئي باب جي صفحي نمبر 375 ڪان 377 تي ملاحظه فرمايو)

مفتیِ اعظم سے ہم کو پیار ہے
اِنْ شَآءَ اللہ اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پولڙي ۽ سوئر جي شڪل وارا (مدينه)

بي نمازين، گاريون ڏيڻ وارن، غيبتن ۽ چغلين جي عادين، فلمون ڊراما ڏسڻ وارن ۽ طرح طرح جي گناهن جي گندگين ۾ ڦاٿل رهڻ وارن جي صحبتن ۾ رهڻ وارن ۽ قدرت باوجود انهن کي گناهن کان نه روڪڻ وارن کي ڊڄڻ گهرجي جو الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، دانائِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: ان پاڪ ذات جو قسم! جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي جان آهي! منهنجي امت جا ڪجهه ماڻهو پنهنجي قبرن مان پولڙي ۽ سوئر جي شڪل ۾ اٿندا، هي اهي ماڻهو هوندا جنهن گنهگارن سان تعلق رکيا ۽ قدرت رکڻ جي باوجود انهن کي گناهن کان منع نه ڪيو. (تفسير درمنثور ج 3 ص 127)

## پولڙي ۽ سوئر جهڙا چهرا (مدينه)

اهڙي طرح چهري مسخ ٿيڻ يعني بگڙي وڃڻ جي باري ۾ هڪ ٻي روايت پڙهو ۽ آخرت جو فڪر ڪيو جيئن حضرت سيِّدُنا ابو اُمامه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته هن امت مان ڪجهه ماڻهو

قيامت ۾ ٻولڙي ۽ سوئر جي شڪل ۾ اٿندا ڇوته اهي نافرمانن سان ميل جول رکندا آهن ۽ انهن کي (گناهن کان) روڪيندا ناهن، حالانڪ اهي ان کي روڪڻ جي قدرت رکندا آهن، هن روايت کي نقل ڪرڻ کان پوءِ حضرت علامہ عبدالوهاب شعراني قُدِّسَ سِرُّہُ النورانی فرمائن ٿا: مان چوان ٿو جڏهن **نافرمانن** سان ميل جول رکڻ وارن جو هي حال آهي ته جيڪي نہ غافل آهن ۽ نہ ئي گناهن ۾ مبتلا آهن، تہ پوءِ انهن ماڻهن جو حال ڇا هوندو جنهن جا اعضاء گناهن کان باز ناهن ايندا! اسان الله تعاليٰ کان ان جي مهرباني طلب ڪيون ٿا. (تنبيہ المغترين ص 237)

## اڄ چهري جا موهيڙا داغ تہ پريشان ڪن پر..... مدينہ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ان ڀنهي روايتن کي پڙهي ڪري ڇا اوهان کي ڪا تشويش نہ ٿي؟ سوچيو تہ سهي! اڄ جيڪڏهن ڪنهن جي چهري تي موهيڙا وغيره نڪري اچن يا ڪو داغ وغيره ٿي وڃي تہ ڊاڪٽرن وٽ خوب ڌڪا کائي ٿو يعني ماڻهو پنهنجي چهري جي رنگ روپ ۾ معمولي ۽ اها بہ عارضي خامي بہ برداشت نٿو ڪري سگهي تہ غور ڪيو تہ گناهہ ڪرڻ واري کي ڏسي ڪري هي ظن غالب هجڻ باوجود تہ ان کي سمجهائيندس تہ مڃي وٺندو پوءِ بہ ان کي ان گناهہ کان نہ روڪڻ سبب جيڪڏهن سڀاڻي قيامت ۾ مَعَاذَالله شڪل بگڙجي ڪري ٻولڙي يا سوئر جيان ٿي وئي تہ ڇا ٿيندو! هي تہ گناهہ کان نہ روڪڻ وارن جي صحبت ۾ رهڻ وارن جو حال آهي ۽ جيڪو بذات پاڻ گناهہ ڪري ان جو پنهنجو انجام خبر ناهي ڪهڙو ٿيندو!

## منهنجون تاريڪ راهون روشن ٿي ويون مدينہ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جنّتُ الفِردوس حاصل ڪرڻ ۽ ٻين کي بہ ان راهہ تي لڳائڻ، عذابِ جهنم کان پنهنجو پاڻ کي بچائڻ ۽ ٻين کي بہ ان جو خوف ڏيارڻ جي لاءِ **نيڪي جي دعوت** جي مدني ڪم ۾ هر دم لڳل رهو، روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي پاڻ بہ **مدني انعامات** جو رسالو پر ڪيو ۽ ٻين کي بہ ان جي رغبت ڏياريو پاڻ بہ هر

مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن **مدني قافلي** ۾ سفر ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏيو. اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار اوهان جي سامهون بيان ڪيان ٿو: حافظ آباد (پنجاب پاڪستان) جي مقيم هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان اڳ ۾ مان گناهن جي اونهي کڏ ۾ ڪرندو پئي ويس، فلمون ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ، ۽ فحش ناول پڙهڻ منهنجي زندگي جي معمولات ۾ شامل هو، منهنجي متي تي آواراگي جو اهڙو ڀوت سوار هو جو سڄي رات گهر کان ٻاهر بُرن دوستن جي صحبت ۾ زندگي جون قيمتي گهڙيون برباد ڪندو رهيس، مون پنهنجين انهن حرڪتن جي ڪري گهروارن کي به تنگ ڪري رکيو هو، **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول سان مُنسَلِڪ منهنجو وڏو ڀاءُ هر طرح منهنجي اصلاح جي ڪوشش ڪندو رهيو پر ان جي نصيحت ڀرين ڳالهين تي عمل ڪرڻ ته پري جي ڳالهه مان ان جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ به تيار نه هئس، وڏو ڀاءُ مون تي مسلسل ڪوشش ڪندو رهيو، آخرڪار انهن جي ڪوشش رنگ لاتو، هڪ ڏينهن نه چاهيندي منهنجي تَوجُّه ان جي **مٺن ٻولن** ڏانهن ٿيڻ لڳي، خوفِ خدا سان ڀريل ان جون ڳالهيون ٻڌي ڪري مان جذبات سبب روئڻ لڳس، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي اکين تان غفلت جا پردا هٽي ويا ۽ خوف خدا منهنجي دل ۾ ويهي ويو، مون هٿو هٿ پنهنجي ڀاءُ جي سامهون سيني گناهن کان توبه ڪئي ۽ اسلامي زندگي گذارڻ جو عهد ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان پنهنجي ڀاءُ سان گڏ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ٿيڻ لڳي ۽ **ان جي برڪت سان منهنجي زندگي جون تاريڪ راهون روشن کان روشن تر ٿيڻ لڳيون**، وڏي ڀاءُ سنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر جو ذهن ٻڌايو ته ان جي خواهش کي پورو ڪندي هي سٽون لکي ڏيڻ وقت مان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ يڪمشت **ٻارهن مهينن جي مدني قافلي** جو مسافر آهيان، هي سڀ هڪ مبلغ دعوت اسلامي يعني منهنجي پياري ڀاءُ جي مستقل مزاجي سان ڪئي ويندڙ

انفرادي ڪوشش جو نتيجو آهي جو مون جهڙو دين کان عملي طور پري رهڻ وارو گنهگار شخص هاڻي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ۾ مصروف عمل آهي.

تمہیں لُطف آجائے گا زندگی کا　　قریب آکے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول

نبی کی مَحبّت میں رونے کا انداز　　چلے آؤ سِکھلائے گا مَدَنی ماحول (وسائلِ بخشش ص۶۰۴)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان آخرڪار وڏي ڀاءُ جي تڙپ ڀري مسلسل انفرادي ڪوشش رنگ لاتو ۽ ننڍو ڀاءُ گناهن جي ڪڌ مان نڪري ڪري 26 مهينن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو، هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي ته اهو گهر ۾ ۽ ٻاهر هر جڳهه ٻين کي نيڪ بڻائڻ جي خوب خوب انفرادي ڪوشش ڪندو ۽ ثواب ڪمائيندو رهي، ان مدني ڪم مان هرگز بيزار نه ٿئي، انفرادي ڪوشش ڇڻ سون جي کاڻ آهي جيترو کوٽيندا سين اوترو سون نڪرندو رهندو يعني جيتري انفرادي ڪوشش وڌيڪ هوندي اوترو ثواب وڌيڪ ملندو ته بس ثواب جو سون جمع ڪندا رهو، فرمان مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم آهي: جيڪڏهن الله عزّوجلّ توهان جي ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي هدايت عطا فرمائي ته هي توهان جي لاءِ ان کان سٺو آهي جو توهان وٽ ڳاڙها اُٺ هجن. (صحيح مسلم ص 1311 حديث 2406) جيڪڏهن اوهان جي ذريعي ڪو هدايت وارو ٿي ويو ۽ مدني ماحول ۾ اچي ويو ته ان جو ثواب وڌيڪ يعني هن کان علاوه ۽ ڪو مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو ان جو ثواب الڳ ۽ جيڪڏهن ڪو مدني انعامات جو عامل بڻجي ويو ته پوءِ اوهان جا ڀاڳ کلي ويندا! بس جيترن جي اصلاح جو سبب اوهان بڻجندا اوترو اوهان جي لاءِ ثواب ۾ اضافو ٿيندو ويندو بس نيڪي جي دعوت ڏيندا رهو، فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم آهي اِنَّ الدَّالَّ عَلَی الْخَیْرِ کَفَاعِلِہٖ يعني بيشڪ نيڪي جي راهه ڏيکارڻ وارو نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي. (ترمذي ج 4 ص 305 حديث 2679)

جنّتی ہے وہ جس نے سنّت کے
خود کو سانچے میں ڈھال رکھا ہے (وسائلِ بخشش ص۳۰۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

يارب مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! بطفيل مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان پاڻ کي نيڪيون ڪندي، ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارو ۽ گناهن کان بچندي ٻين کي بچائڻ وارو بڻائي، يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا عطا فرمائي ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرما.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مُعاف فضل وکرم سے ہو ہر خطا یاربّ | ہو مغفرت پئے سلطانِ انبیا یاربّ
بلا حساب ہو جنّت میں داخِلہ یاربّ | پڑوس خُلد میں سرور کا ہو عطا یاربّ
نبی کا صدقہ سدا کیلئے تُو راضی ہو | کبھی بھی ہونا نہ ناراض یاخدا یاربّ (وسائلِ بخشش ص۹۸)

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## آواز ويهي رهي تہ 3 علاج

﴿1﴾ لوڻ جي ننڍي ٺيري باهہ ۾ گهڻو گرم ڪري ڪنهن شيءِ سان پڪڙي هڪدم ٿڌي پاڻيءَ جي گلاس ۾ ٺاري ڇڏيو، پوءِ اها لوڻ جي ٺيري پاڻيءَ مان ڪڍي ان پاڻيءَ کي پي ڇڏيو. ہہ ٽي ڀيرا اهو علاج ڪرڻ سان ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿي ويندو. ﴿2﴾ هڪ چمچو جَوَ شريف جا داڻا چٻاڙيو ۽ چوسيو پوءِ آخر ۾ ڳهي ڇڏيو. ﴿3﴾ خسخس جا ڇلڪا ۽ جاڻ هم وزن ڪٽو ۽ پاڻيءَ ۾ اُباري برداشت جي قابل ٿي وڃڻ کان پوءِ ان پاڻيءَ سان گرڙا ڪريو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ”مجھے دعوتِ اسلامی سے پیار ھے“ جي ٻاويهہ اکرن جي نسبت سان فيضانِ سنت جي درس جا 22 مدني گل

**مدينه 1 : فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص منهنجي اُمت تائين ڪا اسلامي ڳالهہ پهچائي تہ جيئن ان سان سنّت قائم ٿي وڃي يا ان سان بد مذهبي ڏور ڪئي وڃي تہ اهو جنّتي آهي. (حلية الاولياء ج 10 ص 45 رقم الحديث 14466)

**مدينه 2 : سرڪار مدينه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ ان ڪي شاد و آباد رکي جيڪو منهنجي حديث ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي.“ (جامع ترمذي ج 4 ص 298 حديث 2665)

**مدينه 3 : حضرتِ سيّدنا اِدريس** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نالي مبارڪ جي هڪ حڪمت هي بہ آهي تہ ڪُتُبِ الٰهيّه جي درس و تدريس جي ڪثرت سبب سندن (عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جو نالو اِدريس ٿي ويو. (تفسير ڪبير ج 7 ص 550 تفسير الحسنات ج 4 ص 48)

**مدينه 4 : حضور غوث پاڪ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: دَرَسْتُ الْعِلْمَ حَتّٰى صِرْتُ قُطْباً يعني مان علم جو درس وٺندو رهيس ايتري تائين جو مقامِ قطبيت تي فائز ٿي ويس. (قصيدهء غوثيه)

**مدينه 5 : فيضانِ سنّت** مان درس ڏيڻ بہ دعوتِ اسلامي جو هڪ مدني ڪم آهي. گهر، مسجد، دڪان، اسڪول، ڪاليج، چوڪ وغيره تي وقت مقرر ڪري روزانو درس جي ذريعي خوب خوب سنّتن جا مدني گل عام ڪريو ۽ تمام گهڻو ثواب ڪمايو.

**مدينه 6 :** فيضانِ سنّت مان روزانو گهٽ ۾ گهٽ ہِڪ درس ڏيڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريو. (هن مان هڪ ”گهر درس“ ضرور هجي)

**مدينه 7 :** سيپاري 28 ۾ سُوْرَةُ التَّحْرِيْم جي ڇهين آيت ۾ ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهہ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.

پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي دوزخ جي باهہ کان بچائڻ جو هڪ ذريعو فيضانِ سنّت جو درس بہ آهي. (درس کان علاوه دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي جاري ڪيل سنّتن ڀريي بيان يا مدني مذاڪري جي روزانو هڪ ڪيسٽ يا V.C.D بہ گهر وارن کي ٻڌايو)

**مدينه 8 :** ذميدار وقت مقرر ڪري روزانو **چوڪ درس** جو اهتمام ڪن. مثلاً رات 9:00 بجي

مدينه چوڪ (ساڍي نائين بجي) بغدادي چوڪ تي وغيره. موڪل واري ڏينهن هڪ ڪان وڌيڪ جڳهن تي چوڪ درس جو اهتمام ڪريو. (پر حُقُوقِ عامه تلف نه ٿين مثلاً مسلمانن جو رستو نه روڪجي نه ته گناهگار ٿيندا)

مدينه 9 : درس جي لاءِ انهيءَ نماز کي منتخب ڪريو جنهن ۾ گهٽي ڪان گهٽ اسلامي ڀائر شريڪ ٿي سگهن.

مدينه 10 : درس واري نماز انهيءَ مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِ اوليٰ سان گڏ باجماعت ادا فرمايو.

مدينه 11 : محراب کان هٽي ڪري (صحن وغيره ۾) ڪا اهڙي جڳهه درس جي لاءِ مقرر ڪريو جتي ٻين نمازين ۽ تلاوت ڪرڻ وارن کي ڏکيائي نه ٿئي.

مدينه 12 : ڏيلي مشاورت جي نگران کي گهرجي ته پنهنجي مسجد ۾ ٻه خيرخواهه مقرر ڪري جيڪي درس (بيان) جي موقعي تي وچڻ وارن کي نرميءَ سان روڪين ۽ سيني کي ويجهو ويجهو ويهارن.

مدينه 13 : پردي ۾ پردو ڪري گوڏن ڀر ويهي درس ڏيو. جيڪڏهن ٻڌڻ وارا گهڻا هجن ته بيهي ڪري يا مائيڪ تي ڏيڻ ۾ به ڪو حرج ناهي جڏهن ته ڪنهن هڪ به نمازي يا تلاوت ڪرڻ واري وغيره کي تشويش نه ٿئي.

مدينه 14 : آواز نه گهڻو بلند هجي ۽ نه ئي بلڪل آهستي، حَتي الامڪان ايتري آواز ۾ درس ڏيو جو صرف (وينل) حاضرين ٻڌي سگهن، انهي ڳالهه جو هميشه احتياط فرمايو درس ۽ بيان جي آواز سان ڪنهن سَتَل يا ڪنهن نمازي يا ڪنهن تلاوت ڪندڙ وغيره کي تڪليف نه ٿئي.

مدينه 15 : درس هميشه هوريان هوريان ۽ گهٽ آواز ۾ ڏيو.

مدينه 16 : جيڪو ڪجهه درس ڏيڻو آهي پهريان ان جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو مطالعو ڪريو ته جيئن غلطيون نه ٿين.

مدينه 17 : فيضانِ سنّت جا مُعَرَّب الفاظ اعراب جي مطابق ئي ادا ڪريو ائين اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ تَلَفُّظ جي درست ادائگي جي عادت بڻجي ويندي.

مدينه 18 : حمد ۽ صلوٰة، درود ۽ سلام جا ٻه ئي صيغا، آيتِ درود ۽ اختتامي آيات وغيره ڪنهن سنّي عالم يا قاريءَ کي ضرور ٻڌايو. اهڙيءَ طرح عربي دعائون وغيره جيستائين عُلماءِ اهلسنّت کي نه ٻڌايو تيستائين اڪيلي ۾ به نه پڙهندا ڪريو.

مدينه 19 : فيضانِ سنّت کان علاوه مَڪتَبَةُ المَدِينه کان شايع ٿيڻ وارن مدني رسالن مان به

درس ڏئي سگهو ٿا.[1]

**مدينه 20:** درس ۽ اختتامي دعا ستن منٽن جي اندر اندر مڪمل ڪريو.

**مدينه 21:** هر مبلغ کي گهرجي ته اهو درس جو طريقو، بعد جي ترغيب ۽ اختتامي دعا زباني ياد ڪري وٺي.

**مدينه 22:** درس جي طريقي ۾ اسلامي ڀينرون ضرورت جي مطابق ترميم ڪن.

## فيضانِ سنت مان درس ڏيڻ جو طريقو

تي ڀيرا هن طرح اعلان فرمايو: ”ويجهو ويجهو تشريف فرما ٿيو“. پردي ۾ پردو ڪري گوڏن ڀر ويهي هن طرح ابتدا ڪندا

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

هن ڪان بعد هن طرح درود و سلام پڙهايو

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا رَسُوۡلَ اللّٰہ    وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصۡحٰبِکَ یَا حَبِیۡبَ اللّٰہ
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا نَبِیَّ اللّٰہ    وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصۡحٰبِکَ یَا نُوۡرَ اللّٰہ

جيڪڏهن مسجد ۾ آهيو ته هن طرح اعتڪاف جي نيّت ڪرايو.

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَاف    (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پوءِ هن طرح چوندا: **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ويجهو ويجهو اچي ڪري درس جي تعظيم جي نيّت سان ٿي سگهي ته گوڏن ڀر ويهي رهو، جيڪڏهن ٿڪجي پئو ته جهڙي طرح توهان کي آساني ٿئي، انهيءَ طرح ويهي ڪري نگاهون جهڪائي توجهه سان رضاءِ الٰهي جي لاءِ علم دين حاصل ڪرڻ جي نيت سان **فيضانِ سنّت** جو درس ٻڌندا، جو لاپرواهيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي، زمين تي آڱر سان ڪيڏندي، لباس بدن يا وارن وغيره کي ٺاهيندي ٻڌڻ سان ان جون برڪتون گهٽجڻ جو انديشو آهي. (بيان جي شروعات ۾ به انهيءَ انداز ۾ ترغيب ڏياريو ۽ سنيون سنيون نيتون به ڪرايو) هي چوڻ ڪان بعد **فيضانِ سنّت** مان ڏسي ڪري درود شريف جي هڪ فضيلت بيان ڪندا، پوءِ چوندا:

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!    صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو ڪجهه لکيل آهي اهو ئي پڙهي ٻڌائيندا. آيتن ۽ عربي عبارتن جو فقط ترجمو پڙهندا ڪنهن به آيت يا حديث جو پنهنجي راءِ سان هرگز خلاصو نه ڪندا.

1 اميرِ اهلسنّت دامت برکاتہم العالیہ جي رسالن ڪان علاوه ڪنهن ٻئي ڪتاب مان درس جي اجازت ناهي. مرڪزي مجلسِ شوريٰ

## درس جي آخر ۾ هن طرح ترغيب ڏياريو

(هر مبلغ کي گهرجي تہ زباني ياد ڪري ۽ درس و بيان جي آخر ۾ بنا ڪنهن ڪمي بيشي جي هن طرح ترغيب ڏياريندو رهي)

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مهڪي مهڪي مدني ماحول ۾ ڪثرت سان سنّتون سکيون ۽ سيکاريون وينديون آهن. هر جمعرات جو مغرب جي نماز کان بعد اوهان جي شهر ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀريي اجتماع ۾ رضاءِ الٰهي جي لاءِ سٺين سٺين نيتن سان سڄي رات گذارڻ جي مدني اِلتجا آهي. عاشقانِ رسول جي **مدني قافلن** ۾ ثواب جي نيّت سان سنّتن جي تربيت جي لاءِ سفر ۽ روزانو **فڪرِ مدينه** جي ذريعي **مدني انعامات** جو رسالو ڀري هرمدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو اِن شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ هن جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ **ايمان جي حفاظت** جي لاءِ فڪر جو ذهن ٺهندو.

هر اسلامي ڀاءُ پنهنجو هي مدني ذهن بڻائي **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ مدني قافلن[1] ۾ سفر ڪرڻو آهي. ان شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　　اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

آخر ۾ خُشُوع وَ خُضُوع (يعني بدن ۽ دل جي عاجزي) سان ۽ قبوليت جي يقين سان دعا ۾ هٿ کڻڻ جاادب بجا آڻيندي بنا ڪنهن ڪمي بيشي جي هن طرح دعا گهرو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ　وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

**يا رب مصطفيٰ** عَزَّوَجَلَّ! بطفيل مصطفيٰ اسان جي، اسان جي ماءُ پيءُ جي ۽ سڄي امت جي بخشش فرماءِ. ياالله عَزَّوَجَلَّ درس جون غلطيون ۽ تمام گناهہ معاف فرماءِ، نيڪ عمل جو جذبو ڏي، اسان کي پرهيزگار ۽ ماءُ پيءُ جو فرمانبردار بڻاءِ. ياالله! اسان کي پنهنجو ۽ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مخلص عاشق بڻاءِ، اسان کي گناهن جي بيمارين کان شفا عطا فرماءِ. ياالله عَزَّوَجَلَّ اسان کي مدني انعامات تي عمل ڪرڻ، مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ ۽ اِنفرادي ڪوشش جي ذريعي ٻين کي بہ مدني ڪمن جي ترغيب ڏيارڻ جو جذبو عطا فرماءِ.

(1) هتي اسلامي ڀيڻ چوي: گهر جي مردن کي مدني قافلي ۾ سفر ڪرائڻو آهي.

ياالله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن ڪي بيمارين، قرضدارين، بي روزگارين، بي اولادين، بي ڏوهہ مقدمي بازين ۽ هر قسم جي پريشانين ڪان نجات عطا فرماءِ. ياالله عَزَّوَجَلَّ اسلام جو نالو بلند ڪر ۽ دشمنانِ اسلام جو منهن ڪارو ڪر. ياالله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اِستقامت عطا فرماءِ. ياالله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪي گنبذِ خضرا جي سايي ۾ پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلون ۾ شهادت، جَنّتُ البَقِيع ۾ مدفن ۽ جَنّتُ الفِردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ. ياالله عَزَّوَجَلَّ مديني جي خوشبودار، ٺڌين ٺڌين هوائن جو واسطو اسان جون تمام جائز دعائون قبول فرماءِ.

ڪہتے رہتے ہیں دعا کے واسطے بندے ترے
کردے پوری آرزو ہر بے کس و مجبور کی

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شعر ڪان بعد هي آيت شريف پڙهو:

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓىِٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

(پ22 الاحزاب 56)

سيئي درود شريف پڙهي وٺن پوءِ پڙهو:

سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۸۰﴾ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۸۱﴾ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۸۲﴾

(پ23 الصّٰفّٰت)

درس جي ڪمائي حاصل ڪرڻ لاءِ ثواب جي نيت سان (بيٺي بيٺي نہ بلڪ) ويهي ڪري مُرڪندڙ انداز ۾ ماڻهن سان ملاقات ڪريو، ڪجهہ نَوَن اسلامي ڀائرن کي پنهنجي ويجهو ويهاريو ۽ انفرادي ڪوشش جي ذريعي خوب مسڪرائيندي انهن کي مدني انعامات ۽ مدني قافلن جون برڪتون سمجهايو. (ويهي ڪري ملڻ ۾ حڪمت هي آهي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ اسلامي ڀائر تي سگهي ٿو اوهان سان گڏ ويهي رهن نہ تہ بيهي ڪري ملڻ وارا عام طور هليا ويندا آهن ائين انفرادي ڪوشش جي سعادت ڪان محرومي ٿي سگهي ٿي)

تمہیں اے مبلغ یہ میری دعا ہے
کیے جاؤ طے تم ترقی کا زینہ

دعاءِ عطار: ياالله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ۽ پابنديءَ سان **فيضانِ سنّت** مان روزانو گهٽ ۾ گهٽ ٻہ **درس** مسجد، گهر، چوڪ، اسڪول وغيره ۾ ڏيڻ ۽ ٻڌڻ واري جي مغفرت فرما ۽ اسان کي حُسنِ اخلاق جو پيڪر بڻاءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مجھے درس فیضان سنت کی توفیق
ملے دن میں دو مرتبہ یا الٰہی

# ماخذ ومراجع


| نمبر شمار | کتاب | مصنف/مؤلف | مطبوعہ/سال اشاعت |
|---|---|---|---|
| 1 | قرآن پاک | کلامِ الٰہی عزوجل | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی ۱۴۳۲ھ |
| 2 | ترجمۂ کنزالایمان | اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمن | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی ۱۴۳۲ھ |
| 3 | تفسیر عبدالرزاق | امام ابوبکر عبدالرزاق بن ہمام صنعانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۹ھ |
| 4 | تفسیر طبری | علامہ ابوجعفر محمد بن جریر طبری رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۰ھ |
| 5 | احکام القرآن | ابوبکر احمد بن علی رازی جصاص رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| 6 | تفسیر بغوی | امام ابومحمد حسین بن مسعود رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۴ھ |
| 7 | تفسیر کبیر | امام فخرالدین محمد بن عمر رازی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | داراحیاء التراث العربی بیروت ۱۴۲۰ھ |
| 8 | تفسیر قرطبی | امام ابوعبداللہ محمد بن احمد انصاری رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالفکر بیروت ۱۴۱۹ھ |
| 9 | تفسیر خازن | علامہ علاء الدین علی بن محمد بغدادی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | اکوڑہ خٹک |
| 10 | تفسیر بیضاوی | علامہ عبداللہ ابوعمر بن محمد بیضاوی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالفکر بیروت ۱۴۲۰ھ |
| 11 | تفسیر در منثور | امام جلال الدین سیوطی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالفکر بیروت ۱۴۰۳ھ |
| 12 | تفسیرات احمدیہ | علامہ احمد بن ابوسعید جونپوری المعروف ملا جیون رحمۃ اللہ تعالی علیہ | پشاور |
| 13 | تفسیر روح البیان | شیخ اسماعیل حقی بروسی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | داراحیاء التراث العربی بیروت ۱۴۰۵ھ |
| 14 | حاشیۃ الصاوی علی الجلالین | احمد بن محمد صاوی مالکی خلوتی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالفکر بیروت ۱۴۲۱ھ |
| 15 | روح المعانی | علامہ شہاب الدین سید محمود آلوسی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | داراحیاء التراث العربی بیروت ۱۴۲۰ھ |
| 16 | تفسیر خزائن العرفان | سید نعیم الدین مرادآبادی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ ۱۴۳۲ھ |
| 17 | تفسیر نعیمی | مفتی احمد یار خان نعیمی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبہ اسلامیہ مرکز الاولیاء لاہور |
| 18 | تفسیر نور العرفان | مفتی احمد یار خان نعیمی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | پیر بھائی اینڈ کمپنی |
| 19 | صحیح بخاری | امام محمد بن اسماعیل بخاری رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۹ھ |
| 20 | صحیح مسلم | امام مسلم بن حجاج قشیری رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارابن حزم بیروت ۱۴۱۹ھ |
| 21 | سنن ترمذی | امام محمد بن عیسیٰ ترمذی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالفکر بیروت ۱۴۱۴ھ |
| 22 | سنن نسائی | امام احمد بن شعیب نسائی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۶ھ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 23 | سنن ابوداود | امام سلیمان بن اشعث سجستانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | داراحیاء التراث العربی بیروت ۱۴۲۱ھ |
| 24 | سنن ابن ماجہ | امام محمد بن یزید قزوینی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالمعرفہ بیروت ۱۴۲۰ھ |
| 25 | سنن کبری | امام ابوبکر احمد بن حسین بیہقی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۴ھ |
| 26 | سنن دارمی | امام عبداللہ بن عبدالرحمٰن دارمی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتاب العربی بیروت ۱۴۰۷ھ |
| 27 | موطاامام مالک | امام مالک بن انس رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالمعرفہ بیروت ۱۴۲۰ھ |
| 28 | نوادرالاصول | علامہ محمد بن علی بن حسن حکیم ترمذی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبۃ الامام البخاری القاہرہ ۱۴۲۹ھ |
| 29 | مسند البزار | امام ابوبکر احمد بن عمرو بن عبدالخالق بزار رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبۃ العلوم والحکم مدینہ منورہ ۱۴۲۴ھ |
| 30 | مسند عبد بن حمید | علامہ عبد بن حمید بن نصر ابو محمد الکسی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبۃ السنۃ القاہرہ ۱۴۰۸ھ |
| 31 | شعب الایمان | امام ابوبکر احمد بن حسین بیہقی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۱ھ |
| 32 | مستدرک | امام محمد بن عبداللہ حاکم نیشاپوری رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالمعرفہ بیروت ۱۴۱۸ھ |
| 33 | المسند | امام احمد بن حنبل رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالفکر بیروت ۱۴ ۱۴۱۱ھ |
| 34 | مسند ابی یعلی | امام احمد بن علی موصلی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۸ھ |
| 35 | الفردوس بمأثور الخطاب | علامہ شیرویہ بن شہردار دیلمی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۰۶ھ |
| 36 | معجم کبیر | امام سلیمان بن احمد طبرانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | داراحیاء التراث العربی بیروت ۱۴۲۲ھ |
| 37 | معجم الاوسط | امام سلیمان بن احمد طبرانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالفکر بیروت ۱۴۲۰ھ |
| 38 | معجم صغیر | امام سلیمان بن احمد طبرانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۰۳ھ |
| 39 | مسند الشامیین | امام سلیمان بن احمد طبرانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مؤسسۃ الرسالہ بیروت ۱۴۰۵ھ |
| 40 | مکارم الاخلاق | امام سلیمان بن احمد طبرانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۱ھ |
| 41 | الکامل فی ضعفاء الرجال | امام ابواحمد عبداللہ بن عدی جرجانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۸ھ |
| 42 | شرح السنۃ | امام ابومحمد الحسین بن مسعود بغوی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۴ھ |
| 43 | مصنف عبدالرزاق | امام ابوبکر عبدالرزاق بن ہمام صنعانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۱ھ |
| 44 | مصنف ابن ابی شیبہ | امام عبداللہ بن محمد بن ابی شیبہ کوفی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالفکر بیروت ۱۴۱۴ھ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 45 | کتاب ذکر الموت | امام عبد اللہ بن محمد، ابوبکر بن ابی الدنیا رحمۃ اللہ تعالی علیہ | المکتبۃ العصریہ بیروت ۱۴۲۶ھ |
| 46 | کتاب التوبۃ | امام عبد اللہ بن محمد، ابوبکر بن ابی الدنیا رحمۃ اللہ تعالی علیہ | المکتبۃ العصریہ بیروت ۱۴۲۶ھ |
| 47 | کتاب الصمت | امام عبد اللہ بن محمد، ابوبکر بن ابی الدنیا رحمۃ اللہ تعالی علیہ | المکتبۃ العصریہ بیروت ۱۴۲۶ھ |
| 48 | کتاب المنامات | امام عبد اللہ بن محمد، ابوبکر بن ابی الدنیا رحمۃ اللہ تعالی علیہ | المکتبۃ العصریہ بیروت ۱۴۲۶ھ |
| 49 | کتاب المحتضرین | امام عبد اللہ بن محمد، ابوبکر بن ابی الدنیا رحمۃ اللہ تعالی علیہ | المکتبۃ العصریہ بیروت ۱۴۲۶ھ |
| 50 | کتاب ذم الدنیا | امام عبد اللہ بن محمد، ابوبکر بن ابی الدنیا رحمۃ اللہ تعالی علیہ | المکتبۃ العصریہ بیروت ۱۴۲۶ھ |
| 51 | الزہد | امام عبد اللہ بن مبارک مروزی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 52 | الزہد | امام احمد بن حنبل رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الغد الجدید مصر ۱۴۲۶ھ |
| 53 | الزہد | ابوداود سلیمان بن الأشعث رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار المشکاۃ حلوان بمصر ۱۴۱۴ھ |
| 54 | الزھد الکبیر | امام ابوبکر احمد بن حسین بیہقی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مؤسسۃ الکتب الثقافیہ بیروت ۱۴۱۷ھ |
| 55 | الاحسان بترتیب صحیح ابن حبان | حافظ محمد بن حبان بن احمد رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۷ھ |
| 56 | جمع الجوامع | امام جلال الدین سیوطی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۱ھ |
| 57 | جامع صغیر | امام جلال الدین سیوطی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۵ھ |
| 58 | مجمع الزوائد | امام حافظ نور الدین ہیثمی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الفکر بیروت ۱۴۲۰ھ |
| 59 | کنز العمال | علامہ علاؤ الدین علی متقی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۹ھ |
| 60 | حلیۃ الاولیاء | علامہ ابو نعیم احمد بن عبد اللہ اصفہانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۸ھ |
| 61 | البدور السافرۃ فی امور الآخرۃ | امام جلال الدین عبد الرحمٰن سیوطی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مؤسسۃ الکتب الثقافیہ بیروت ۱۴۲۵ھ |
| 62 | شرح معانی الآثار | امام احمد بن محمد طحاوی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۲ھ |
| 63 | کشف الخفاء | شیخ اسماعیل بن محمد عجلونی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۲ھ |
| 64 | عمدۃ القاری | علامہ ابو محمد محمود بن احمد عینی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الفکر بیروت ۱۴۱۸ھ |
| 65 | شرح صحیح مسلم | علامہ ابو زکریا یحیٰی بن شرف نووی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۰۱ھ |
| 66 | إرشاد الساری | علامہ شہاب الدین احمد بن محمد قسطلانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الفکر بیروت ۱۴۲۱ھ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 67 | مرقاۃ المفاتیح | علامہ علی قاری رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | دار الفکر بیروت ۱۴۱۴ھ |
| 68 | التیسیر | علامہ محمد عبد الرء وف مناوی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | دار الحدیث مصر |
| 69 | فیض القدیر | علامہ محمد عبد الرء وف مناوی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۲ھ |
| 70 | اشعۃ اللمعات | شیخ عبد الحق محدث دہلوی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | کوئٹہ |
| 71 | مراٰۃ المناجیح | مفتی احمد یار خان نعیمی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | ضیاء القرآن پبلی کیشنز مرکز الاولیاء لاہور |
| 72 | نزہۃ القاری | مفتی محمد شریف الحق امجدی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | فرید بک اسٹال مرکز الاولیاء لاہور ۱۴۲۱ھ |
| 73 | مبسوط | علامہ محمد بن احمد بن ابی سہل سرخسی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۱ھ |
| 74 | ہدایہ | علامہ علی بن ابی بکر مرغینانی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | دار احیاء التراث العربی بیروت |
| 75 | تبیین الحقائق | علامہ عثمان بن علی زیلعی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۰ھ |
| 76 | شرح الوقایہ | علامہ صدر الشریعہ عبید اللہ بن مسعود رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | باب المدینہ کراچی |
| 77 | جوہرہ نیرہ | علامہ ابو بکر بن علی حداد رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | باب المدینہ کراچی |
| 78 | غنیۃ المتملی | علامہ محمد ابراہیم بن حلبی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | سہیل اکیڈمی مرکز الاولیاء لاہور |
| 79 | المیزان الکبریٰ | علامہ عبد الوہاب بن احمد شعرانی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | مصطفی البابی مصر |
| 80 | الفتاوی الحدیثیہ | علامہ احمد بن محمد بن علی بن حجر ہیتمی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | دار احیاء التراث العربی بیروت ۱۴۱۹ھ |
| 81 | تنویر الابصار | علامہ محمد بن عبد اللہ بن احمد تمرتاشی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | دار المعرفہ بیروت ۱۴۲۰ھ |
| 82 | مراقی الفلاح | علامہ حسن بن عمار بن علی شرنبلالی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | باب المدینہ کراچی |
| 83 | درمختار | علامہ علاء الدین محمد بن علی حصکفی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | دار المعرفہ بیروت ۱۴۲۰ھ |
| 84 | فتاوی عالمگیری | شیخ نظام و جماعۃ من علماء الہند رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہم | دار الفکر بیروت ۱۴۰۳ھ |
| 85 | حاشیۃ الطحطاوی علی المراقی | علامہ احمد بن محمد طحطاوی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | باب المدینہ کراچی |
| 86 | حاشیۃ الطحطاوی علی الدر المختار | علامہ احمد بن محمد طحطاوی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | کوئٹہ |
| 87 | ردالمحتار | علامہ ابن عابدین محمد امین شامی رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ | دار المعرفہ بیروت ۱۴۲۰ھ |
| 88 | جد الممتار | اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمن | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 89 | فتاویٰ رضویہ | اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمن | رضا فاؤنڈیشن مرکز الاولیاء لاہور |
| 90 | الملفوظ | مفتی مصطفےٰ رضا خان رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ ۱۴۲۹ھ |
| 91 | فتاویٰ امجدیہ | مفتی محمد امجد علی اعظمی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبہ رضویہ باب المدینہ ۱۴۱۹ھ |
| 92 | بہارِ شریعت | مفتی محمد امجد علی اعظمی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ ۱۴۲۹ھ |
| 93 | وقار الفتاویٰ | مفتی وقار الدین رحمۃ اللہ تعالی علیہ | بزم وقار الدین باب المدینہ ۲۰۰۱ء |
| 94 | تاریخ بغداد | حافظ احمد بن علی خطیب بغدادی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۷ھ |
| 95 | تاریخ دمشق | علامہ ابو القاسم علی بن حسن رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الفکر بیروت ۱۴۱۶ھ |
| 96 | الطبقات الکبریٰ | علامہ محمد بن سعد المعروف بابن سعد رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۸ھ |
| 97 | الطبقات الکبریٰ | علامہ عبد الوہاب بن احمد شعرانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الفکر بیروت ۱۴۱۹ھ |
| 98 | المنتظم فی تاریخ الملوک والامم | علامہ ابن جوزی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۵ھ |
| 99 | الاستیعاب فی معرفۃ الاصحاب | علامہ یوسف بن عبد اللہ بن محمد بن عبد البر رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۲ھ |
| 100 | تاریخ الخلفاء | امام جلال الدین سیوطی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | باب المدینہ کراچی |
| 101 | شمائل محمدیہ | امام محمد بن عیسیٰ ترمذی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار احیاء التراث العربی بیروت |
| 102 | دلائل النبوۃ | علامہ ابو نعیم احمد بن عبد اللہ اصفہانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۳ھ |
| 103 | مدارج النبوت | شیخ عبد الحق محدث دہلوی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | نوریہ رضویہ مرکز الاولیاء لاہور ۱۹۹۷ء |
| 104 | المواہب اللدنیۃ | علامہ شہاب الدین احمد بن محمد قسطلانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۶ھ |
| 105 | شرح الزرقانی علی المواہب | علامہ محمد بن عبد الباقی الزرقانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۷ھ |
| 106 | بہجۃ الاسرار | علامہ نور الدین علی بن یوسف شطنوفی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۳ھ |
| 107 | الخیرات الحسان | علامہ شہاب الدین احمد بن حجر ہیتمی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۰۳ھ |
| 108 | القول البدیع | امام حافظ محمد بن عبد الرحمٰن سخاوی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مؤسسۃ الریان بیروت ۱۴۲۲ھ |
| 109 | رسالہ قشیریہ | امام ابو القاسم عبد الکریم بن ہوازن قشیری رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۸ھ |
| 110 | قوت القلوب | شیخ ابو طالب محمد بن علی مکی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۶ھ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 111 | تنبیہ المغترین | علامہ عبدالوہاب بن احمد شعرانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالمعرفہ بیروت ۱۴۲۵ھ |
| 112 | احیاء العلوم | امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دار صادر بیروت ۱۴۲۱ھ |
| 113 | منہاج العابدین | امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| 114 | کیمیائے سعادت | امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | انتشارات گنجینہ تہران ۱۳۷۹ھ |
| 115 | اتحاف السادہ | علامہ سید محمد بن محمد حسینی زبیدی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| 116 | حدیقہ ندیہ | علامہ عبدالغنی نابلسی حنفی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | پشاور |
| 117 | سبع سنابل | علامہ میر عبدالواحد بلگرامی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبہ قادریہ مرکز الاولیاء لاہور ۱۴۰۲ھ |
| 118 | تذکرۃ الاولیاء | شیخ فریدالدین محمد عطار رحمۃ اللہ تعالی علیہ | انتشارات گنجینہ تہران |
| 119 | اخبار الاخیار | شیخ عبدالحق محدث دہلوی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | فاروق اکیڈمی |
| 120 | التذکرہ | امام ابو عبداللہ محمد بن احمد انصاری رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالسلام مصر ۱۴۲۹ھ |
| 121 | کشف الغمہ عن جمیع الامہ | علامہ عبدالوہاب بن احمد شعرانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۹ھ |
| 122 | کتاب العظمۃ | امام عبداللہ بن محمد ابو الشیخ رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۴ھ |
| 123 | روض الریاحین | علامہ عبداللہ بن اسعد بن علی یافعی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۱ھ |
| 124 | الروض الفائق | علامہ شعیب بن سعد عبدالکافی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | داراحیاء التراث العربی بیروت ۱۴۱۶ھ |
| 125 | بحر الدموع | علامہ ابن جوزی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبہ دارالفجر دمشق ۱۴۲۴ھ |
| 126 | عیون الحکایات | علامہ ابن جوزی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۴ھ |
| 127 | ذم الہوی | علامہ ابن جوزی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبۃ الکتاب والسنہ پشاور |
| 128 | قرۃ العیون | فقیہ ابو اللیث سمرقندی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | داراحیاء التراث العربی بیروت ۱۴۱۶ھ |
| 129 | الزواجر عن اقتراف الکبائر | علامہ ابو العباس احمد بن محمد بن حجر ہیتمی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالمعرفہ بیروت ۱۴۱۹ھ |
| 130 | شرح الصدور | امام جلال الدین سیوطی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مرکز اہلسنت برکات رضا ہند ۱۴۲۳ھ |
| 131 | نفحات الانس | علامہ عبدالرحمن جامی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | شبیر برادرز مرکز الاولیاء لاہور ۱۴۲۳ھ |
| 132 | تنبیہ الغافلین | فقیہ ابو اللیث محمد بن احمد سمرقندی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | پشاور ۱۴۲۰ھ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 133 | مکاشفۃ القلوب | امام ابوحامد محمد بن محمد بن محمد غزالی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| 134 | مستطرف | علامہ شہاب الدین محمد بن ابواحمد رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالفکر بیروت ۱۴۱۹ھ |
| 135 | حیاۃ الحیوان الکبری | علامہ کمال الدین محمد بن موسی دمیری رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۵ھ |
| 136 | کتاب التوابین | شیخ ابومحمد عبداللہ بن احمد رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۰۷ھ |
| 137 | غنیۃ الطالبین | شیخ عبدالقادر جیلانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالکتب العلمیہ بیروت ۱۴۱۷ھ |
| 138 | انفاس العارفین | علامہ شاہ ولی اللہ محدث دہلوی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | فضل نور اکیڈمی گجرات |
| 139 | کشف المحجوب | حضرت علی بن عثمان ہجویری رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مرکز الاولیاء لاہور |
| 140 | برالوالدین | علامہ ابوبکر محمد بن ولید طرطوشی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مؤسسۃ الکتب الثقافیہ بیروت ۱۴۲۳ھ |
| 141 | امالی ابن بشران | علامہ ابوالقاسم عبدالملک بن بشران رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالوطن ۱۴۱۸ھ |
| 142 | جذب القلوب | شیخ عبدالحق محدث دہلوی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | نوری بک ڈپو لاہور |
| 143 | التعریفات | علامہ سید شریف علی بن محمد جرجانی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | دارالمنار سوڈان |
| 144 | مثنوی | مولانا جلال الدین رومی رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مرکز الاولیاء لاہور ۱۴۲۴ھ |
| 145 | فضائل دعا | علامہ مولانا نقی علی خان رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی ۱۴۳۰ھ |
| 146 | حیات اعلیٰ حضرت | علامہ مولانا ظفرالدین بہاری رحمۃ اللہ تعالی علیہ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |


## مدني مقصد

مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

